سنڌ يونيورسٽي، جام شورو

پي ايڇ. ڊي ٿيسز

شاھ جي رسالي ۾ سسئي جي ڪردار جو تحقيقي جائزو

(هي ٿيسز، سنڌ يونيورسٽي جام شورو کي سنڌي ۾ ڊاڪٽريٽ آف فلاسافي جي ڊگري لاءِ مڪمل لوازمات جي پورائي کانپوءِ پيش ڪجي ٿي)

اسڪالر:

شفيق احمد شاھاڻي

شعبو سنڌي

آرٽس فيڪلٽي

سنڌ يونيورسٽي جام شورو.

سال: ۲۰۲۱

University of Sindh
Faculty of Arts
Department of Sindh

C E R T I F I C A T E

Certified that Mr. Shafique Ahmed Shahani s/o Noor Muhammad has Carried out Research on the Topic:

Analytical and research study of character of 'Sassue' in Shah Jo Risalo.

شاهه جي رسالي ۾ سسئي جي ڪردار جو تحقيقي جائزو

Under my Supervision and his work is original, distinct and dissertation is work of presentation to the University of Sindh, Jamshoro for award of the Degree of Ph.D.

Prof: Dr. Noor Afroze Khuwaja

فهرست

په اکر 20

باب پهريون

تحقيقي موضوع جو طريقي ڪار ۽ دائره ڪار

1.1 موضوع جو تعارف: 21

1.2 موضوع جي اهميت ۽ افاديت: 21

1.3 تحقيق جو طريقي ڪار: 21

1.4 شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ تي تحقيق جا طريقا ۽ تنقيد جا رجحان: 21

1.5 تاريخي ۽ ادبي تحقيق: 23

1.5.1 تحقيق جو تاريخي طريقو: 23

1.5.2 ادبي تحقيق جو طريقو: 24

1.5.3 مقداري ۽ معياري تحقيق: 24

1.5.4 وضاحتي ۽ تجزياتي تحقيق: 24

1.5.5 تصوراتي ۽ مشاهداتي تحقيق: 24

1.5.6 عملي ۽ بنيادي تحقيق: 24

1.6 تخليق ۽ تنقيد: 25

1.6.1 روشن دماغيءَ جي ترغيب ۽ تحريڪ: 25

1.6.2 تنقيد جو جامع رجحان: 26

1.6.3 تاريخي تنقيد وارو رجحان: 26

1.6.4 منصفاڻي تنقيد وارو رجحان: 26

1.6.5 جمالياتي تنقيد جو اپياس: 27

1.6.6 سائنسي تنقيد وارو رجحان: 27

1.6.7 تنقيد جو سماجي رجحان: 27

1.6.8 تنقيد جو علامتي رجحان: 27

1.6.9 مابعدالطبعاتي تنقيد جو رجحان: 28

1.7 تحقيق جو مقصد ۽ دائره ڪار: 28

1.8 تحقيق جي ڪوٽ: 29

1.9 تحقيق ۽ تنقيد جو اختيار ڪيل طريقه ڪار: 29

1.10 تحقيق جا وسيلا: 30

باب ٻيو

شاهه لطيف جو زمانو

2.1 تاريخي حالتون: 31

2.2 مغلن جا ظلم: 31

2.3 مغلن جو انتظام: 32

2.4 ٽٽائي جو انتظام: 33

2.5 چٽيون پرڻ: 33

2.6 ساموندي انتظام ۽ اقتصادي تباهي: 34

2.7 قدرتي آفتون: 35
2.8 سنڌ تي ڪاهون: 36
2.9 لطيفي سياسي ساڃاهه: 36
2.10 هندستان جي بادشاهت جو زوال ۽ هند- سنڌ تي ان جا اثر: 37
2.11 بابر جي وصيت: 39
2.12 شاهه لطيف جي دور ۾ سنڌ جون حالتون: 41
2.13 شاهه لطيف جي دور ۾ سنڌ ۾ ٿيندڙ تاريخي واقعا ۽ اُٿلون پٿلون: 42
2.13.1 شاهه عنايت: 42
2.13.2 صوفي شاهه عنايت جي تحريڪ، شهادت: 42
2.14 عبدالرحمان ڪهڙن واري جي شهادت: 46
2.15 شاهه لطيف جي دور جون علمي ادبي ۽ ثقافتي حالتون: 47
2.15.1 علمي ۽ ادبي حالتون: 47
2.15.2 ميون شاهه عنايت رضوي: 48
2.15.3 شاهه عنايت شهيد: 49
2.15.4 جمن چارڻ: 49
2.15.5 خواجه محمد زمان لُواري وارو: 49
2.15.6 عبدالرؤف پٽي هالائي: 50
2.15.7 مخدوم معين ٺٽوي: 50
2.15.8 مخدم ابوالحسن: 50
2.15.9 مخدوم ضياءُالدين: 50
2.15.10 مخدوم محمد هاشم ٺٽوي: 50
2.15.11 ميان صاحبڏنو فاروقي: 51
2.16 سنڌي الفابيٽ جي جوڙجڪ ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ تعليم ڏيڻ جو سلسلو: 52
2.17 سياسي ۽ سماجي حالتون: 52
2.17.1 زرعي ۽ معاشي سڌارا: 53
2.17.2 مذهبي سخت گيري: 54
2.17.3 صوفياءِ ڪرام جو ڪردار: 55
2.18 شاهه لطيف جي دؤر جون ثقافتي حالتون: 57
2.18.1 آٽين ۽ چاڑهين: 57
2.18.2 مفلسي ۽ مَرڪ ۽ زنده دلي: 58
2.18.3 ڪپڙي ۽ لوهه جي صنعت: 59
2.18.4 ڪنڀرن، ٻڪڻن، مالوندن ۽ ٽوپين جو ديس: 60
2.19 شاهه لطيف جي شاعري 61
2.19.1 شاهه جي شاعري، فطرت ۽ سماج جو مشاهدو: 61
2.19.2 سهپ ۽ رواداري جا ڪشادا ساوا پٽ: 62
2.19.3 وطني ٻوليءَ جو واهپو: 63
2.19.4 شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ وطن دوستي: 64
2.19.5 شاهه لطيف جي غريب دوستي: 65
2.19.6 غريب همدردي نه پر فخر لائق آهن: 66

2.19.7 پورهيت طبقي کي هيرو بنائيندڙ پهريون شاعر: 66
2.19.8 شاهه لطيف جي شاعري ۾ مذهبي مت پيد: 68
1.19.9 شاهه لطيف جي شاعري ۾ غم جي ڪيفيت ۽ حقيقت: 69
2.19.10 شاهه لطيف جي فڪر ۾ فلسفي جو ڦهلاءُ: 71
باب ٽيون
شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ سسئي پنهون ۽ ٻين تاريخي داستانن جو تقابلي مطالعو
3.1 شاهه لطيف جي ڪلام ۾ سورميون ۽ پورهيت عورتون: 74
3.1.1 عورتاڻو ڪردار شاهه جي فڪر جي نمائندگي ڪن ٿا: 76
3.1.2 عورت جي سهپ آدرشي آهي: 77
3.1.3 شاهه لطيف عورتاڻي ٻولي اڌاري آهي: 78
3.1.4 شاهه جي سورمين جا ورن: 78
3.2 سسئي پنهون: 80
3.2.1 قصي جي قدامت: 80
3.2.1 قصي جي جاگرافيائي پکيڙ: 81
3.2.2 سسئي جي ڪردار جي سونهن: 82
3.2.3 سسئي پنهونءَ جو مختصر داستان: 82
3.2.4 سسئي ۽ شاهه لطيف: 84
3.2.5 سسئي شاهه لطيف جي پياري سورمي: 85
3.2.6 سسئي هڪ اٽل ارادي ۽ عزم جو روپ 85
3.3 سهڻي ميهار: 86
3.3.1 قصي جي قدامت ۽ جاگرافيائي پکيڙ: 86
3.3.2 سهڻي ميهار جو مختصر داستان: 87
3.3.3 پنجاب ۾ قصي جي روايت: 87
3.3.4 سهڻي جو سماجي ريتن رواجن سان سينو ساهڻ: 88
3.3.5 سُهڻيءَ جي سِڪ، قرباني ۽ سرفروشي: 89
3.3.6 محبت، ديوتائن جو ڏمر: 90
3.3.7 سهڻي، سسئي جي بي واجبي خلاف بغاوت: 91
3.3.8 ساهڙ ڏاران سهڻي: 91
3.3.9 سهڻي: لطيفي فڪر جي ارتقا جي آخري منزل: 92
3.3.10 سهڻي ۽ سسئي جي نفسياتي ڪيفيتن جي ڪٽ: 92
3.3.11 ڏکن سورن جي ماپ تور ممڪن ئي ناهي: 94
3.3.12 سسئي ۽ سهڻيءَ جي ڪردار جي سونهن: 95
3.3.13 سسئي ۽ سهڻي جي جاکوڙ ۽ شاهه لطيف جو پيغام: 95
3.4 ليلا چنيسر: 96
3.4.1 داستان جي قدامت: 96
3.4.2 ليلا چنيسر جو مختصر داستان: 97
3.4.3 ليلا جي ڪردار جي ڪچائي جو سوال: 98
3.4.4 ليلا ۽ ٻين سورمين جي پيٽ: 99
3.5 مومل راڻو: 100

3.5.1 قصي جي قدامت: 100
3.5.2 مومل راڻي جو مختصر داستان: 101
3.5.3 سوڍا صبر تنهنجو: 102
3.5.4 مومل ۽ ليلا وڏ گهراڻين جا عورتاڻا ڪردار: 103
3.5.5 مومل جو حُسن ۽ جمال: 103
3.5.6 مومل جي ڪردار جي اوڻائي ۽ ڪوتاهي: 104
3.5.7 مومل، سسئي ۽ غير جو گمان دل ۾ نه آڻڻ: 104
3.5.8 مومل، سسئي ۽ وچوڑي جا وڍ: 105
3.5.9 مومل ۽ سسئي ۾ پيڻ: 105
3.6 نوري جام تماچي: 106
3.6.1 شاهه لطيف پورهيت طبقي جو حمايتي، هادي، رهبر ۽ ثناخوان شاعر: 106
3.6.2 نوري ۽ جام تماچيءَ جو مختصر داستان: 107
3.6.3 نوريءَ جو نياز، ادب ۽ نئڙت: 108
3.6.4 ليلا ۽ نوريءَ جي هلت: 109
3.6.5 مهاڻن جي سماجي حالت ۽ طبقاتي تضاد ۽ ويچا: 109
3.6.6 نوريءَ نوازيو، ٿيو تماچي تي! 110
3.6.7 مومل، ليلا ۽ نوري: 111
3.6.8 نوريءَ جي جستجو، خودداري ۽ پنهنجي اصل سان محبت: 111
3.6.9 نوري تنقيد کان آجي ۽ بالاتر آهي: 111
3.6.10 ڪبر ڪبرياءُ تخت تماچي جام جو: 112
3.7 عمر مارئي: 113
3.7.1 مارُن مُونجهه مُياس: 113
3.7.2 مارئي ۽ سيتا: 113
3.7.3 عمر مارئي جو مختصر داستان: 114
3.7.4 راڪشش وِواهه ۽ عمر جو ڪردار: 116
3.7.5 مارئي ۽ عمر جو رشتو: 118
3.7.6 مارئي جي لوئي لڄ: 118
3.7.7 سونهن وجايم سومرا: 119
3.7.8 مارئي جي دليري، عزم ۽ اعليٰ سماجي اخلاق: 119
3.7.9 مارئي جي وطني حب ۽ 'سنڌي عورت' جي وصف: 120
3.7.10 شاهه لطيف جي شاعري ۾ مارئي: 121
3.7.11 ٿر، مارئي ۽ اڪبر بادشاهه: 122
3.7.12 مارئي جا مارو ۽ انهن جي رهڻي ڪهڻي: 123
3.7.13 مارئي ۽ ٻيون سورميون: 123
3.8 سورٺ راءِ ڏياچ: 124
3.8.1 سورٺ جي ڪردار جي اپٽار ۽ شاهه لطيف جي حيرت: 124
3.8.2 سورٺ جي جذباتي ڪيفيت ۽ ڪرب: 125
3.8.3 سورٺ ۽ راءِ ڏياچ جو مختصر داستان: 126
3.8.4 سخاوت جو مذهب ۽ سنڌي لوڪ روايتن ۾ ذڪر: 127

3.8.5 سخين جي تڙپ ۽ نهٺائي: 127
3.8.6 سورٺ جو ڏک، صبر ۽ وفا: 128
3.8.7 ستي ٿيڻ: قرباني يا ريتن روايتن جي ٻلي: 128
3.8.8 سورٺ ۽ ٻيون سورميون: 129
3.9 وڻجاري: 130
3.9.1 وڻجارا: 130
3.9.2 سنڌوماٿر جا وڻجارا: 130
3.9.3 سودو ڪن نه سون جو: 130
3.9.4 ملاح تنهنجي ڪڙي، اڇي چور چڙهيا: 133
3.9.5 سنڌ جو آڳاٽو وڻج واپار: 134
3.9.6 وڻجاري: 134
3.9.7 گوندر گاڏئون سگ: 134
3.9.8 شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ وڻجاري ۽ ٻين نسواني ڪردارن جون ڪيفيتون: 135
3.9.9 الوڙڻ نه ڏي، ور وڌائين ونجهه ۾: 135
3.9.10 اسان اڌارا آڻي اونگ چاڙهيا: 136
3.9.11 محبوب جي اوسيڑي جا آداب: 136
3.9.12 وانڻيون ٿين ورڪَن: 136
3.10 ڪاپائتي: 137
3.10.1 رنڌا روڙڻ ۽ سنهو ڪتڻ: 137
3.10.2 ڪتڻ سندا ڏينهن وڃائڻ: 138
3.10.3 پڳي سان ئي پير: 138
3.10.4 جيڏانهن پرين پار: 138
3.10.5 نه سي وڻ وڻن ۾، نه سي ڪاتاريون: 139

باب چوٿون

سَسئيءَ جي ڪردارنگاري

4.1 سُر سسئي آبري: 141
4.1.1 آبريءَ جي معنيٰ ۽ مطلب: 141
4.1.2 اول آخر آهه، هلڻ منهنجو هوت ڏي: 142
4.1.3 سسئي جو عورتاڻو مقام ۽ حيثيت: 142
4.1.4 پسڻ ڏاران پرينءَ جي: 143
4.1.5 نانگ سجن نيلا: 144
4.1.6 پاڻ سجاڻڻ: 144
4.1.7 پاڻ وڃائڻ: 146
4.1.8 جدائيءَ جو جام: 146
4.1.9 مارڳ جي مرن: 147
4.1.10 ڪين هڻڻ جو تصور ڪٽي سفر ڪرڻ: 147
4.1.11 هيڻي عورت: 148
4.1.12 ڏورڻ منجهان ڏس پوندءِ: 148

4.1.13 ويهه مَ وساري: 149
4.1.14 نئون ۽ نرالو ڪردار: 149
4.1.15 انا کي اوري چڏڻ: 150
4.1.16 ڪُهي ڪٽج وِک: 150
4.2 سُر معذوري: 151
4.2.1 ورچي نه ويهڻ: 151
4.2.2 عشق جي عظمت ۽ سرفرازي: 151
4.2.3 لاڳاپا لاهي نڪري پوڻ: 152
4.2.4 ڪين جنين جي ڪچ ۾: 152
4.2.5 پنهونءَ ڪارڻ پنڌ جي سعادت: 152
4.2.6 مري ٿيا نه مات: 153
4.2.7 رڙهندو رهڻ: 154
4.2.8 سپاڻي نه اڄ: 154
4.2.9 پرديسي پرين: 155
4.2.10 سڄ جو لهڻ: 156
4.2.11 وڻن تي چڙهڻ: 156
4.2.12 پختو ارادو: 157
4.3 سُر ديسي: 157
4.3.1 ديسي هڪ راڳڻي: 157
4.3.2 ڏريان ئي ڏاريا: 158
4.3.3 سسئي جا ست ويري: 158
4.3.4 جتا شال جيئو: 158
4.3.5 اڄ به وسائي اونئين: 159
4.3.6 سسئي جو عزم: 159
4.3.7 جيئن سو هرڻ هُماءُ: 160
4.3.8 سسئي: مرد جنهن مات ڪيا: 160
4.3.9 ٽيس حمايت هوت جي: 161
4.4 سُر ڪوهياري: 161
4.4.1 ستِينءَ سنجهي ئي: 162
4.4.2 سسئي جو پڇتاءُ: 162
4.4.3 اي ڪم ڪميڻين: 163
4.4.4 مقصد ماڻڻ جو پڪو ويساهه: 163
4.4.5 ڏک ۽ سُور، ساڻي ۽ سونهان آهن: 164
4.4.6 لِکيو ۽ نينهن: 165
4.4.7 مِڻي مصيبت: 166
4.4.8 ٻانهي ٻاروچن جي: 166
4.4.9 عام خلق جي حال جي حقيقت: 166
4.4.10 روئي نه ڇاڻان: 167
4.4.11 سڏي واٽ وڻڻ: 167

4.5 سُر حسيني: 168
4.5.1 سُر حسيني جو پس منظر: 168
4.5.2 سُر حسيني ۽ ڪربلا جو قضيو: 168
4.5.3 سُر حسيني ۾ ديس جي درد جي ڪٿا: 169
4.5.4 ڳاڙهو سج: 170
4.5.5 ايڪو ۽ ٻڌي: 170
4.5.6 مقصد جي چونڊ: 171
4.5.7 امڙ اوري اڇ: 171
4.5.8 نراسائي ۽ بيزاري: 172
4.5.9 تتيءَ ٿڌيءَ ڪاهه: 172
4.5.10 فراق ۽ وصال جا عجب اظهار: 172
4.5.11 ڏک سکن جي سونهن: 174
4.5.12 ڏوريان ڏوريان مَ لهان: 175
4.5.13 مَر مٽا ڏيئي: 175
4.5.14 پاڻهوهيو پير ڪٽي: 175
4.5.15 واڪو وجهه وٽين: 176
4.5.16 مونهان مهند ٿيا: 176
4.5.17 سورن سانگهارو ڪڍن ڪونه ڪيو: 176
4.5.18 پريتم جي ڳالهڙي، رنج و الم جو بيان: 177
4.5.19 اوجهڙ وتان آڻُ: 177
4.5.20 سسئي جي سِڪ: 177
4.5.21 پُليو سڀ پنهور: 178
4.5.22 ڪوهيارو ڪامل: 179

باب پنجون

سنڌ، پنجاب ۽ سرائيڪي خطي جي شاعرن جي ڪلام سان شاهه جي سسئي جو تقابلي جائزو

5 سنڌ جا شاعر: 180
5.1 قاضي قادن: مختصر تعارف: 180
5.2 قاضي قادن جو ڪلام: 181
5.3 قاضي قادن جي ڪلام ۾ سسئي جو بيان: 182
5.4 سڃڻ جي سِڪ: 182
5.5 سُور جي ستُ: 183
5.6 سپوئي وار: 183
5.7 سوئي ميڙ سڃڻ: 183
5.8 رڳوئي رنج: 184
5.9 ڏونگر کي للڪار ۽ صلاحون: 184
5.10 قاضي قادن جي سسئي ۾ تصوف جو نمايان رنگ 184
5.2 شاهه ڪريم بلڙي وارو: 185
5.2.1 شاهه ڪريم بابت مختصر احوال: 185

5.2.2 سدا مارو لوڪ: 185
5.2.3 نينهن نياپي نه ٿئي: 186
5.2.4 شاهه ڪريم جو سسئي جي باب ۾ ڪلام: 186
5.2.5 ڪتڻ وارو ڪم وڃي ڪوه ۾ پوي: 186
5.2.6 سرير جو ساهه: 186
5.2.7 ويهه نه: 187
5.2.8 فنائي بقا آهي: 187
5.3 شاهه لطف الله قادري: 188
5.3.1 مختصر تعارف ۽ ڪلام بابت ڄاڻ: 188
5.3.2 نانگا ۽ نينهن: 189
5.3.3 حق جي ڳولا: 189
5.3.4 شاهه لطف الله قادري ۽ شاهه لطيف: 190
5.3.5 توحيد جي تنوار: 190
5.3.6 محبوب جو حسن: 190
5.3.7 اڇاڻ ٿي پرائڻ: 190
5.4 ميون شاهه عنات رضوي: 191
5.4.1 شاهه عنايت جو ڪلام: 191
5.4.2 شاهه عنات جو سسئي بابت ڪلام: 193
5.4.3 غفلت چوڙ: 193
5.4.4 آڏو ٽڪر ٽر: 194
5.4.5 پيچ پني: 194
5.4.6 دل جو دڳ: 195
5.4.7 گوندر ڏيڪاريم گس: 195
5.4.8 خوشبوءَ جا واپاري: 196
5.4.9 آرياڻي اُجاريو: 196
5.4.10 تتيءَ ڏڏيءَ ڪاهه: 197
5.4.11 رڳوئي پنڌ ڪرڻ: 197
5.5 سچل سرمست: 197
5.5.1 سچل سرمست جي دور جون معروضي حالتون: 197
5.5.2 اوڏا ڪين آيا: 198
5.5.3 رسم و رواج کان بغاوت: 199
5.5.4 شاهه لطيف ۽ سچل سرمست: 200
5.5.5 شاهه لطيف ۽ سنڌي ٻولي: 200
5.5.6 سچل جو ڪلام، ازلي استفهام: 201
5.5.7 سچل جي فڪر ۽ نظريي تي مختلف آراء: 201
5.5.8 سچل جي سرمستي: 203
5.5.9 سچل جي ڪلام ۾ حسناڪ فڪر: 203
5.5.10 سِر جو سانگو: 204
5.5.11 سچل جي شاعريءَ ۾ عورت جا احساس: 204

5.5.12 سچل جي ڪلام ۾ سسئي جو بيان: 205
5.5.13 مارڳ جي مرن: 205
5.5.14 من ۾ محبوب: 206
5.5.15 محبوب کي ميار ئي ناهي: 207
5.5.16 پرين کي ميارون ڏيڻ: 208
5.5.17 محبوب جي اکين جو موه: 208
5.5.18 غفلت ڪرڻ: 209
5.5.19 مارڳ ۾ رت هارڻ: 209
5.5.20 ڏونگر ٽيو ڏولي: 209
5.5.21 سورن جي سونهن: 210
5.5.22 ڪيچ جو پنڌ: 210
5.5.23 سچل جي سرائڪي ڪلام ۾ سسئي: 211
5.5.24 نينهن جا واهڙ: 212
5.5.25 سسئي جو شرم: 212
5.5.26 محبوب سان نينهن روز ازل کان: 212
5.5.27 آسروند سَسُئي: 213
5.5.28 طرف مڙئي تم ٽيا: 213
5.6 خليفو نبي بخش ”قاسم“ (1776-1863): 214
5.6.1 خليفي صاحب جا وڏا، ولادت، تعليم: 214
5.6.2 خليفي صاحب جي شاعري: 214
5.6.3 خليفي صاحب جو ڪيڏارو، وطني حب جي حڪايت: 216
5.6.4 خليفي نبي بخش ”قاسم“ جي ڪلام ۾ سسئي: 219
5.6.5 پنهونءَ جوت: 220
5.6.6 آساري آئون: 220
5.6.7 سسئي جو عزم: 221
5.6.8 مارڳ جي مرن: 221
5.6.9 ورڇڻ گناهه آهي: 221
5.6.10 سنجهي ساڻ پلاڻيو: 222
5.6.11 سندي پنهونءَ سونهن: 223
5.6.12 سَسُئي سک مَڻايا: 223
5.6.13 پاڻ مَ ڪٽج پاڻ سان: 224
5.6.14 خليفي نبي بخش ”قاسم“ جي مثنوي: 224
5.6.5 جڏان شهه عشق آوي: 227
5.6.6 سسئي جي سونهن: 228
5.6.7 پنهون مِثل يوسف ڪنعاني: 228
5.6.8 پنهون جي پرک: 228
5.6.9 لڄائي لج لغورين: 229
5.6.10 پنهونءَ پچاڻان سسئي: 229
5.6.11 ڪيتي عشق اياڻي: 229

5.6.12 سسئي ۽ سور: 230
5.6.13 سسئي جو انت: 231
5.6.14 پنهونءَ جي پشيماني ۽ درد: 232
5.6.15 وچڑيلن جي مُئي پڃاڻان ملاقات: 232
5.7 خوش خيرمحمد هيسباڻي: 232
5.7.1 حياتيءَ جو احوال: 232
5.7.2 خوش خيرمحمد جي شاعري: 233
5.7.3 شاهه لطيف، سچل ۽ بين جو اثر: 234
5.7.4 رومانيت جا رنگ: 235
5.7.5 ڪوڙا ڪشف ۽ ڪرامتون: 235
5.7.6 صوفي سرواڻن جي ساراهه: 235
5.7.7 وطني سورهين جي ساراهه: 236
5.7.8 انسان دوستي جو داعي: 237
5.7.9 نيم تاريخي داستانن بابت ڪلام: 237
5.7.10 خوش خيرمحمد جي ڪلام ۾ سسئي جو بيان: 239
5.7.11 سسئي جي پرک لهڻ: 240
5.7.12 سرتين جا مهڻا ۽ سسئي جو پرم: 240
5.7.13 نياز نئڙت مون ناڪيئڙي: 240
5.7.14 سسئي جو پختو ارادو: 240
5.7.15 هوت مليئي هنج ۾: 241
5.7.16 خوش خيرمحمد جي صوفياڻي رومانويت: 241
5.8 فقير قادربخش بيدل: 241
5.8.1 وڌا ۽ ولادت: 241
5.8.2 سچل کي پيڻا: 242
5.8.3 ”بيدل مرشد منهنجو سائين“: 242
5.8.4 فقير قادر بخش بيدل جي سنڌي شاعري: 243
5.8.5 عشق جو اونهو اسرار: 243
5.8.6 خدا شناسي کان اول خودشناسي: 243
5.8.7 چڏي فقه ڦند: 243
5.8.8 عشق امام، دوئي دجال: 244
5.8.9 عقل، عشق آڏو عاجز: 244
5.8.10 انسانيت جو علمبردار شاعر: 244
5.8.11 فقير قادر بخش جو سسئي بابت ڪلام: 244
5.8.12 محبت سندو مينهن: 244
5.8.13 ٻاروچا تو ساڻ: 245
5.8.14 پنهنجي سونهن سجاڻ: 245
5.9 حمل فقير: 245
5.9.1 مختصر تعارف: 245
5.9.2 حمل فقير جي شاعري: 246

5.9.3 ظرافت ۽ خوش طبعي: 246
5.9.4 محبوب جي آوي: 247
5.9.5 زماني جي ڏنگاين جو ذکر: 247
5.9.6 ڳهڻا پاڻئي ڳڻَ: 248
5.9.7 سرڪي سڪ جي: 248
5.9.8 توريءَ ميان مينڌرا: 249
5.9.9 جو روز ازل دي لِک چوڑيا: 249
5.9.10 حمل فقير جو سُر سسئي: 249
5.9.11 قلب هوتان دي ڪالي: 249
5.9.12 وَر ري آئون نه وران: 250
5.9.13 سسئي جا سُور: 250
5.9.14 حمل جي ڪلام ۾ شاهه جي شعر جا عڪس: 251
5.9.15 تنهن مُنهن چائِي چَڄ: 251
5.9.16 ناحق ڏُورِ مَ ڏُور: 251
5.10 مصري شاهه: 252
5.10.1 حياتيءَ جو مختصر احوال: 252
5.10.2 مصري شاهه جي شاعري: 252
5.10.3 اکين ۽ زلفن جو ثناءگر: 252
5.10.4 ڪافين ۾ مجاز جو موه ۽ قلبي ڪيفيتون: 254
5.10.5 صاحبِ فِڪر شاعر: 254
5.10.6 سنڌ ۾ سُڪار تي سَرهائي: 254
5.10.7 مصري شاهه جو سَسُئيءَ بابت ڪلام: 254
5.10.8 سسئي جا انومان: 255
5.10.9 اٿي جبل جهاڳ: 255
5.10.10 ڪري اکڙيون پير: 255
5.10.11 مصري فقير ۽ شاهه لطيف: 256
5.10.12 اٽئي گهوٽ گهر ۾: 256
5.11 صديق فقير ’صادق‘: 256
5.11.1 حياتيءَ جو مختصر احوال: 256
5.11.2 صديق فقير ’صادق‘ جو ڪلام: 258
5.11.3 ڪي جو چيو ”ڪاپڙي“: 259
5.11.4 مذهب، تصوف: دنيا بابت استفهام: 259
5.11.5 وقت نه وڃائڻ، ووڙڻ ۽ جدوجهد ڪرڻ: 259
5.11.6 صديق فقير ’صادق‘ جي ڪلام ۾ سسئي جو بيان: 260
5.11.7 سسئي کي جاڳايو جتن: 260
5.11.8 اڻ سونهين کي شرڪ ۽ شڪ: 260
5.11.9 ’چپر ڪٿوري ٿيو‘: 260
5.11.10 ’سسئي جو عزم‘: 261
5.11.11 پنهون ٿيس پاڻ، ڏُوريان مَ لهان: 261

5.12 ٻيل فقير: 262
5.12.1 حياتيءَ جو مختصر احوال: 262
5.12.2 ٻيل فقير جي شاعري: 262
5.12.3 شاهه لطيف ۽ سچل جو رنگ: 262
5.12.4 سچل جي وحدت الوجودي فڪر ۽ بيباڪي جو اثر: 263
5.12.5 جادو لڳڙا يار دا: 264
5.12.6 ٻيل جي ڪلام جي مقبوليت: 264
5.12.7 بَر ٿيو بازار: 265
5.12.8 ٻيل جي ڪلام ۾ سسئي جو عزم: 266
5.12.9 سسئي جي نئڙٽ ۽ نهڻائي: 266
5.12.10 شمع چمڪي ڪيو شعاع: 266
5.12.11 ڪا محبت ڪانيهوَ من: 267
5.12.12 پنهنجو وجاءِ پاڻ: 267
5.12.13 سسئي جا سُور، ڪشالا ۽ پختو ارادو: 268
5.12.14 محبوب جي مهر جي طلب: 268
5.13 بلها شاهه: 269
5.13.1 بلها شاهه جو زمانو: 269
5.13.2 مذهبي تعصب ۽ شدت پسندي جا هاڃا: 269
5.13.3 جيوين دلان پنجاب لُڻي: 269
5.13.4 بلها شاهه جي حياتيءَ جو احوال: 270
5.13.5 تعليم جو سلسلو: 270
5.13.6 مرشد جي رَنگ م رگجڻ: 270
5.13.7 آرائين جو مريد ٿيڻ تي مامرو: 271
5.13.8 ڪفر جا فتويٰ: 272
5.13.9 حڪمرانن ۽ سماج تي سخت تنقيد: 272
5.13.10 بلها شاهه جي شاعري: 273
5.13.11 بي باڪ ۽ بي ڏڙڪ شاعر: 274
5.13.12 اندر اُجارڻ ۽ نفس مارڻ: 274
5.13.13 بلها شاهه جي صاف گوئي حق پرستي ۽ پرستي: 274
5.13.14 بلها شاهه ۽ شاهه لطيف جي شاعري: 275
5.13.15 سنڌو سپيتا: 275
5.13.16 بلها شاهه ۽ شاهه لطيف جي ڪلام ۾ موضوعاتي هڪ جهڙايون: 275
5.13.17 گندي ۽ گراهه جو حرص: 276
5.13.18 همه منصور هزار: 276
5.13.19 بلها شاهه جي شاعريءَ ۾ سسئي: 277
5.13.20 مجاز جو ماڳ ۽ جيئري مرڻ: 277
5.13.21 سسئي جا سُور، صدائون ۽ ميارون: 278
5.13.22 آپ بيتي جي جهلڪ: 278
5.13.23 ٽلان دي وچ رُلائي: 279

5.13.24 غفلت واري ننڊ جي نندا: 280
5.13.25 اديون آئون اڻ ڄاڻ: 281
5.13.26 پنهون ٿيس پاڻ: 281
5.13.27 پيڇ پنهونءَ سان، روزِ ازل کان: 282
5.13.28 سسئ جي جدوجهد ۾ عورت جو استقلال: 283
5.14 هاشم شاهه: 283
5.14.1 هاشم شاهه جي زندگيءَ جو مختصر احوال: 283
5.14.2 هاشم شاهه جي شاعري: 284
5.14.3 ميان محمد بخش پاران مڃتا: 284
5.14.4 رب دا عشق ڀهون سکالا: 284
5.14.5 هاشم شاهه جي ڪلام جو مقام: 284
5.14.6 مينون سمجهه ستايا: 285
5.14.7 خلقِ خدا جي هيڏي حال جي حڪايت: 285
5.14.8 حڪمرانن تي صاف ۽ کليل تنقيد: 285
5.14.9 مفاد پرست، ٺوڳي ۽ ڪوڙن عالمن کي وائکو ڪرڻ: 286
5.14.10 پيري مريدي ۽ گدي نشينيءَ جي موه کان آجو شاعر: 286
5.14.11 روئڻ، پٽڻ بجاءِ عزم ۽ عمل جو قائل: 287
5.14.12 گوشه نشيني ڇڏي سِر تِريءَ رکي ڪاهي پوڻ: 287
5.14.13 هاشم شاهه جي ڳايل سسئي: 288
5.14.14 سسئي ڳائڻ جو سبب: 288
5.14.15 نام ليان دل ڊردا: 288
5.14.16 سسئي جو جنم ۽ سونهن: 288
5.14.17 سُور پينگهي ۾ پرايا: 289
5.14.18 پنهونءَ جون بي حساب صفتون ۽ سونهن: 289
5.14.19 سسئي جي من ۾ محبت جا مڇ: 290
5.14.20 مَڏ نه پر سسئي جي موت جا پيالا: 291
5.14.21 عاشق هوون تـلاَ سُک سوون! 291
5.14.22 شاهه لطيف وٽ سسئي جي ڪردار جي فڪري وسعت: 292
5.14.23 اکڙيون روئي، ماڳ نهاري موٽيون: 293
5.14.24 شاهه لطيف ۽ هاشم شاهه جا سندا سُور سسئي جي بيان ۾: 294
5.14.25 سسئي جو عزم ۽ استقلال: 295
5.14.26 سسئي جي ڪٺن سفر جو ثمر: 297
5.14.27 سَسُئيءَ جي سِڪ، جيئن يوسفَ کي مصر جي تانگهه: 299
5.14.28 جتن ۽ اُڻن کي پٽون ۽ پاراتا: 299
5.14.29 عشق ۾ ايڏي بي ادبي: 300
5.14.30 تنهن اُڻ مَ لڳي اُس: 301
5.14.31 مارگ ۾ مرڻ: 301
5.15 خواجه غلام فريد: 302
5.15.1 روهيءَ جي رڻ ۾ تياڳ ۽ تپسيا: 302

5.15.2 خواجه غلام فريد جو ڪلام: 302
5.15.3 خواجه غلام فريد جو سنڌ سان تعلق ۽ سنڌيءَ ۾ ڪلام: 303
5.15.4 خواجه غلام فريد تي سچل سرمست جو اثر: 303
5.15.5 خواجه غلام فريد جي حب الوطني: 304
5.15.6 هر شيءِ ۾ آ رمز وجودي: 305
5.15.7 خواجه غلام فريد مقبولِ عام شعر ۽ مفڪر: 305
5.15.8 عشق عيوض مليل انعام: 306
5.15.9 ويسون سنجهه صباحين: 306
5.15.10 محبوب جي سونهن جي همه گير ثناءَ: 307
5.15.11 خواجه غلام فريد جي شاعري سرائيڪي لغت جو پنڌار: 307
5.15.12 خواجه غلام فريد جي نينهن جا نشان: 308
5.15.13 خواجه غلام فريد جي ڪلام ۾ سسئي: 308
5.15.14 سسئي بابت ڪافين جا موضوع: 309
5.15.15 سسئيءَ جو ڏکن سان پيچ ازل کان: 309
5.15.16 سسئيءَ جو گمان: 310
5.15.17 سسئيءَ جي ميار: 311
5.15.18 سُرهي سيج ۽ هار سينگار تياڳڻ: 312
5.15.19 سسئي کي ڏِنگن ڏيرن جا ڏَنل ڏک: 313
5.15.20 سسئي جي جستجو ۽ جدوجهد: 314
5.15.21 پهاڙ پرزا ڪرڻ جو عزم: 315
5.15.22 هرجاءَ ذات پنهل دي: 317
باب ڇهون
سسئي جي حوالي سان سنڌ جي تاريخي ماڳن ۽ مڪانن جو ذڪر
6.1 پنپور: 319
6.1.1 پنپور جي قدامت: 320
6.1.2 پنپور جو نالو: 322
6.1.3 پنپور جو قِلّڻ: 323
6.1.4 سسئي جي سُرن ۾ پنپور جو ذڪر: 324
6.2 ملير: 325
6.2.1 سسئي جي واٽ جي پهرين منزل: 326
6.2.2 ملير جي ميندي جو ذڪر: 326
6.2.3 وِندُرُ: 327
6.3.1 سسئي جي سُرن ۾ وندر جو ذڪرّ 327
6.3.2 جو وندر ۾ واپار: 328
6.4 پب جبل: 328
6.4.1 پب جبل ڪو عام جبل ڪونهي: 329
6.4.2 سسئيءَ جي مختلف سُرن ۾ پب جبل جو ذڪر: 329
6.4.3 چڪي چنائين پنڌ مڙوئي پب جو: 330
6.5 هاڙهو جبل: 330

6.5.1 سسئ جي سُرن ۾ هاڑهي جي هيبت: 331
6.5.2 هورين هاڑهو لنگهيو: 332
6.5.3 هاڑهي جا هاڃا، سسئي جي وقتي نراسائي ۽ عزمِ عظيم: 332
6.6 لمون جبل: 332
6.7 ٻيا جبل: 333
6.8 ڪانپو ۽ ڪارو جبل: 333
6.9 گرو چيلي جو رڻ: 334
6.10 لس ٻيلو: 335
6.10.1 سسئ جي بيتن ۾ لس ٻيلي جو ذڪر: 336
6.11 مانباڻ: 336
6.12 وٽڪار: 336
6.13 وٽڪار جا بيت: 337
6.14 ڪيچ: 338
6.14.1 ڪيچ بابت بيت: 338
6.14.2 ’ڪيچ‘ جو پنڌ ڪئين ڪجي؟ 338
6.14.3 وڃي ڪيچ ڏٺوم: 339
باب ستون: نتيجا 340
ڪتاب **Bibliography** 343

په اکر

اَڏَرَ نِـــڏَر اَپِـــرِي، غـــمـــن ڳُماڻي،
سا ڪِيئن ويهي ويسري، جا گهائن ۾ گهماڻي،
پيئي پيش پنهونءَ جي، اُسن ۾ آڻي،
جـــا لُڪن لُوساڻِي، ســـا سيج چڙهندي سسئي.

شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ سندس ڪلام جا پنج سُر: آبري، معذوري، ديسي، ڪوهياري ۽ حسيني سسئي جي حسناڪ، المناڪ، پُرعزم ۽ عظيم جدوجهد، جاکوڙ ۽ جستجو واري ڪٿا بيان ڪن ٿا. هي موضوع منهنجي شاهه لطيف جي رسالي سان لڳاءُ کي ڏسندي مرحوم ڊاڪٽر عبدالجبار جوٽيجي تجويز ڪيو هو. هن سسئيءَ جي ڪردار ۽ قصي کي سنڌ جي اساسي شاعرن ۽ پوئين دؤر جي صوفي شاعرن کانسواءِ سيهوڻي سماجن جي هولين، سرائيڪي ۽ پنجابي ۾ چيل ڪلام سان پڻ پيٽائٽ جي رٿا جوڙڻ ۾ رهنمائي ۽ رهبري ڪئي.

منهنجو هي تحقيقي مقالو، 'شاهه جي رسالي ۾ سسئيءَ جي ڪردار جو تحقيقي جائزو' سنڌي سرائيڪي ۽ پنجابي هوليءَ چيل سسئيءَ-پنهون جي داستان جو اپياس' آهي.

ڊاڪٽر صاحب جي وفات کان پوءِ پروفيسر ڊاڪٽر نور افروز خواجه منهنجي هن تحقيقي مقالي جي نگراني قبول ڪري هن ڏُرهي کي تاريو ۽ هڪ قابل، جاڏو، لائق ۽ ذميوار نگران جو ڪردار ادا ڪيائون. هن ان ڏس ۾ هر وقت مقالي تي ڪم جاري رکڻ جي تلقين ڪئي، مفيد ۽ ڪارائتا مشورا ڏنا ۽ پڻ لاڳاپيل مواد هٿ ڪري ڏيڻ ۾ وسان ڪين گهٽايو. آئون سدائين سندن احسان مند ۽ ٿورائتو رهندس. ان کان پوءِ آئون ڊاڪٽر عبدالحفيظ قريشي جا ٿورا مڃيندس جنهن مقالي جي سوڌ سنوار، مواد ۾ مدد، مفيد مشورا ۽ صلاحون ڏيئي جڏ ته هڪ گائيڊ جو ڪردار ادا ڪيو. سنڌي شعبي جي سمورن مانوارن استادن ۽ لائبريرين جا وڏا وڙ جن هر وقت مقالي تي سرجوشي سان ڪم جاري رکڻ ۽ تحقيقي ڪم کي پايه تڪميل تي پهچائڻ لاءِ همٿايو، سهڪار ۽ مدد ڪئي.

تحقيقي مقالي بابت رهنمائي لاءِ محترم رسول بخش پليجي، ڊاڪٽر غلام علي الانا ۽ ٻين عالمن، اديبن ۽ محققن سان روبرو ملاقات ڪري اَملهه وَکر ورتم، تنهن لاءِ سدائين سندن شڪرگذار رهندس. شاهه لطيف جي شاعريءَ تي تحقيق جي ڪوٽ ۽ ان کي جاري رکڻ جي ڳالهه سمورا محقق ۽ ماهر ڪندا رهيا آهن، جو شاهه لطيف جي فڪر جو جيئن جيئن مطالعو ڪجي ٿو تيئن تيئن ان مان وڌيڪ نيون معنائون، مفهوم ۽ مطلب جا موتي نڪري نروار ٿين ٿا. هن مقالي ۾ شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ سَسُئي جي ڪردار ۽ ٻين شاعرن سان ان جي پيٽ ڪري تحقيقي مقالي کي مڪمل ڪيو ويو آهي.

اسڪالر
شفيق احمد شاهاڻي

باب پهريون:

تحقيقي موضوع جو طريقي ڪار ۽ دائره ڪار:

1.1 موضوع جو تعارف:

”شاهه جي رسالي ۾ سسئي جي ڪردار جو تحقيقي جائزو“ واري عنوان تي شاهه لطيف جي سسيءَ وارن پنجن سرن: آبري، معذور، ديسي، ڪوهياري ۽ حسيني تي گهڻن ئي محققن ڪم ڪيو آهي پر هن تحقيق ۾ شاهه لطيف کان اڳ وارن چيل سسئيءَ واري ڪلام جي جائزي سان گڏ پنجابي ۽ سرائيڪي ٻولين ۾ سَسُيءَ جي ڪلام جو تحقيقي ۽ تنقيدي جائزو هر رخ کان شامل ٿيل آهي.

1.2 موضوع جي اهميت ۽ افاديت:

”شاهه لطيف سوڌو ۽ سنڌوماڻريءَ جي سرائڪي ۽ پنجابي ٻولين جا ڪلاسيڪل شاعر داستان سَسُيءَ تي شاعراڻي طبع آزمائي ڪندا رهيا آهن، جنهن جي ڪلام جو تحقيقي ۽ تنقيدي اپياس سنڌي اساسي ادب جي تحقيق ۾ واڌارو آڻيندو.

هن طرح جي ڪلاسيڪل تحقيقي ۽ تنقيدي ڪم جو دائرو قديم سنڌ جي اڳوڻن علائقن، ڪچ، پچ، گجرات ۽ راجستان وارن گڏيل سُرن: راءِ ڏياچ، عمر ماروي مومل راڻو جي شاهه لطيف ۽ ٻين اساسي ۽ ويندي اتي جي قديم عوامي شاعريءَ جي اپياس سان اساسي شاعريءَ جي موضوعن يڪسانيت ۽ استعارا، تشبيهون ۽ ٻيا فني ۽ فڪري لاڙا ادبي تحقيق تحت هيٺ ايندا ۽ هڪ وسيع سماج جي يڪ رنگي ۽ ايڪتا کي ظاهر ڪندا. ان ريت قديم سنڌ جي اڳوڻن علائقن جي اساسي شاعريءَ مان سنڌي لسانيات جو هڪ اعليٰ اپياس جُڙي سگهي ٿو.

1.3 تحقيق جو طريقي ڪار (Research Methodology):

”شاهه عبداللطيف جي ڪلام جي تحقيقي اپياس وارو موضوع پنهنجي تاجي ٻيٽي ۾ اونهو مفهوم رکندڙ، فڪر انگيز ۽ ڳوڙهو آهي. ان ڪري شاهه عبداللطيف ڀٽائي جو ڪلام سنڌ جي اساسي شاعرن کان وڌيڪ سماجي ۽ فڪري رنگ رکندڙ آهي. ان ۾ سَسُيءَ جو ڪردار وڌيڪ مزاحمتي ۽ جاکوڙي، پُرعزم ۽ اڏول آهي.

شاهه عبداللطيف ڀٽائي سترهين- ارڙهين صديءَ واري سنڌ جي هڪ وڏي اڪابر ۽ اساسي شاعر جي حيثيت ۾، هن جي ڪلام تي تحقيق بنا وٿيءَ جي اجان به جاري آهي.

1.4 شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ تي تحقيق جا طريقا ۽ تنقيد جا رجحان:

شيخ عزيز پنهنجي هڪ مقالي ”تحقيق ڪيئن ڪجي“ ۾ شاهه لطيف تي تحقيق ڪرڻ بابت لکي ٿو ته،

> ”شاهه صاحب جي زندگي ۽ ڪلام تي ريسرچ گهڻو ڪري ’لائبريري ريسرچ‘ سان ناتو رکي ٿي.“ (عزيز، 1995ع: 164)

ريسرچ جي معنيٰ ’ ور- ور ڏئي ڳولهڻ- ڳولڻ‘ (Re-Search) آهي. شاهه عبداللطيف جي ڪلام تي تحقيق ڪرڻ واري علمي ڪم سان اهائي حقيقت لاڳو ٿئي ٿي. هِن گهڻ رُخي اساسي شاعر جو ڪلام فلسفي وانگر ڳُوڙهو انيڪ ورن وارو ۽ معنيٰ دار آهي ۽ هر پيري سندس ڪلام جي اپياس مان نئون سُرور ملي ٿو ۽ نئين معنيٰ سمجهه ۾ اچي ٿي. ڪتاب، ’تحقيق جو طريقي ڪار‘ ۾ شيخ عزيز هڪ مقالي ۾ شاهه لطيف تي تحقيق جي وسيلن بابت لکي ٿو ته،

> ”لائبريري ريسرچ ۾ گهڻو ڪري سموري تحقيق، ڪتابي مواد، صدري روايتن، قلمي نسخن جو مطالعو ڪري، پيٽي نتيجا ڪيڏا پون ٿا.“
> (عزيز، 1995ع: 164)

هتي صدري روايتن مان مطلب ۽ مراد شاهه لطيف جو اهو ڪلام جيڪو سنڌ جي مختلف علائقن ۾ ۽ مختلف قبيلن جهڙوڪ: جتن وٽ لکت واري صورت کان سواءِ سيني به

سيني محفوظ هلندو پيو اچي.

شيخ عزيز وڌيڪ لکي ٿو ته،

”هتي علمي ريسرچ آهي، تنهنکري اهي نتيجا صرف علمي تحقيق جي طريقي سان ئي کيڊبا.“ (عزيز، 1995ع: 175)

محقق شيخ عزيز، ريسرچ لاءِ لفظ ”تحقيق“ کتب آندو آهي، جڏهن ته سنڌي ٿُز لفظ ’کوجنا‘ وڌيڪ موزون ۽ بهتر لڳي ٿو.

ڊاڪٽر الهداد ہوهيو تحقيق بابت بهتر لفظ ڳولينديِ لکي ٿو ته،

”سنڌيءَ ۾ ويچاهڻ تحقيق کي چئجي ٿو، جڏهن ته ٻيو لفظ ”ونڌ“ جي معنيٰ آهي، کوڻي کوڻي نئين ڳالهه معلوم ڪرڻ.“ (ہوهيو، 1990ع: 12)

سڄي دنيا جي ادبي اتهاس ۾ شاعريءَ کي سڀني کان آڳاٽي ادبي تخليق سمجهيو ويو آهي، ۽ ان جي وڏي اهميت رهي آهي. شاعريءَ کي آڳاٽي دور ۾ الهامي ۽ اڇوکي دور ۾ نِج ادبي لکڻي واري اهميت ۽ حيثيت حاصل رهي آهي. هر دور جي وڏن شاعرن کي پنهنجن پنهنجن سماجن ۾ قومي اڪابرن ۽ فلاسفرن جي حيثيت حاصل رهي آهي.

ڊاڪٽر فهميده حسين پنهنجي ڪتاب، ’ادبي تنقيد: فن ۽ تاريخ‘ ۾ لکي ٿي ته،

”هڪ تاريخدان سڀني واقعن جو پابند هوندو آهي، جڏهن ته شاعر خاص واقعن کي عمومي ۽ آفاقي بنائي چڏيندو آهي. اهڙيءَ طرح هڪ شاعر به هڪ فلسفي وانگر ڪائناتي صداقتن جي ڳولا ڪري پوءِ انهن کي پيش ڪندو آهي.

ارسطوءَ جي نظر ۾ شاعريءَ جون خصوصيتون هي آهن:

- ❖ عظيم شاعري آفاقي، ڪائناتي ۽ همه گير صداقتن واري هوندي آهي.
- ❖ ان سبب شاعريءَ جي اپيل به آفاقي ۽ ڪائناتي هوندي آهي ۽ اها زمان ۽ مڪان جي پابند ڪانه هوندي آهي.
- ❖ شاعريءَ ۽ فلسفي ۾ ڪوبه تضاد ڪونهي جو ٻنهي جو مقصد ڪائناتي صداقتن جي ڳولا هوندو آهي.“ (فهميده، 2011ع: 45-46)

دنيا جي هر آفاقي شاعر جي تخليق هر دؤر جي ادبي تحريرن جي ’پرک‘ تي پوري لهندي آهي. اهو بلڪل ائين آهي جيئن ڪنهن صحيفي جي تور تي ادبي اصولن ۽ نظرين تي ڪجي.

تحقيق: ”تحقيق عربي لفظ آهي، ان جي معنيٰ آهي اهڙو طريقو يا مطالعو اختيار ڪرڻ، جنهن سان ڪنهن باري ۾ ۽ ڪنهن سوال جي حقيقت يا سچ تائين پهچي سگهجي يا ڪنهن شيءِ جو اصل معلوم ڪري سگهجي يا ڪنهن شيءِ جي باري ۾ وڌيڪ معلومات حاصل ڪري سگهجي.“

(ہوهيو، 1990ع: 10)

ڊاڪٽر الهداد ہوهيو، تحقيق (Research) بابت وڌيڪ لکي ٿو ته،

”تحقيق جي معنيٰ آهي ڪنهن امر کي ايترو يقيني بنائڻ جو اُها ڪنهن به شڪ کان مٿي هجي، ۽ انهيءَ طرح لازمي بنجي وڃي جو ان تي يقين ڪرڻو ئي پوي.“ (ہوهيو، 1990ع: 9)

”تحقيق ڪنهن مضمون يا مامري جو باقاعدي ۽ باضابطي (Systematic) اپياس ڪرڻ جو نالو آهي.“ (ہوهيو، 1990ع: 64)

الهداد ہوهيو پنهنجي ڪتاب ’علم تحقيق‘ ۾ ان جا ٽي بنياد ٻڌائيندي لکي ٿو ته،

”هنن بنيادن ۾ ٽي ڳالهيون تحقيق جي سوال ۾ پڪيون آهن:

1. تحقيق جا مقصد (Objectives)
2. تحقيق جا طريقا (Methods)
3. تحقيق جا وسيلا (Sources) (ہوهيو، 1990ع: 16)“

ڪابه تحقيق، مقرر مقصد، خاص تحقيقي طريقن ۽ تحقيق جي وسيلن کان سواءِ ممڪن لاڀ ۽ نتيجا نٿي ڏئي سگهي، انڪري تحقيق جي هڪ مقرر موضوع تي گهربل

طريقن ۾ وسيلن ذريعي مقصد حاصل ڪري سگهجي ٿو.

1.5 تاريخي ۽ ادبي تحقيق (Historical and Literary Research):

هن قسم جي تحقيق ۾ تاريخ ۽ ادب جي لاڳاپي ۽ تعلق کي ظاهر ڪيو ويندو آهي. اهڙي تحقيق دنيا ۾ ويدن ۽ يوناني ادب جي شهپارن الئيڈ ۽ اوڊيسي تي اڳي ئي ڪيل آهي.

دنيا جي هر لقاءَ ۽ تبديليءَ ۾ تاريخ جي معروضي حالتن ۽ محرڪ قوتن جو وڏو اثر رهيو آهي. ڊاڪٽر غلام حسين پٺاڻ پنهنجي ڪتاب ”تحقيق جو فن“ ۾ تاريخي تنقيد بابت لکي ٿو ته،

4.5.1 تحقيق جو تاريخي طريقو:

هن طريقي ۾ ماضيءَ جا واقعات، عمل ۽ ادارن جي تاريخ جو اڀياس ڪيو وڃي ٿو ۽ انهيءَ ڪري ئي ان کي تاريخي طريقو چوندا آهن، تاريخي طريقي جي استعمال جو جواز اهو آهي ته اڃڪلهه جيڪي رسمون ۽ رواج، رهڻي ۽ ڪهڻيءَ جا جيڪي طريقا معاشري ۾ ملن ٿا تن جو بنياد ماضيءَ ۾ هوندو آهي.“ (پٺاڻ، 2007ع: 71)

تاريخي تحقيق بنيادي طرح سن ’عمرانيات‘ سان گهرو سَنبنڌ رکي ٿي.

ڊاڪٽر عبدالستار دلوي، ڪتاب ”تحقيق جو فن ۽ ان جا اصول“ ۾ لکي ٿو ته، ”تاريخي تحقيق مڪمل طور تي عمرانيات (Ethics) جي پيداوار آهي.“ (دلوي، 2006ع: 32)

1.5.2 ادبي تحقيق جو طريقو:

هي هڪ اهڙي تحقيق جو نمونو آهي، جيڪا ادبي شهپارن جي خوبين ۽ خامين جي چنڊچاڻ سان گڏ مڃيل ادبي نظرين ۽ لاڙن تي آڌاريل هوندي آهي.

ڊاڪٽر دلوي وڌيڪ لکي ٿو ته،

”ان ۾ حالتن جو سلسليوار جائزو ورتو وڃي ٿو ۽ ڪنهن شيءِ جي وڪاس (ترقيءَ) جي هر ممڪن صورت وسيلي هڪ مڪمل عڪس پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ٿي.“ (دلوي، 2006ع: 32)

1.5.3 مقداري ۽ معياري تحقيق (Quantitative and Qualitative Research):

هن تحقيقي ڪم ۾ مقدار (Amount) ۽ معيار (Standard) جو پاڻ ۾ گهرو تعلق آهي، اها تحقيق انهن بنهي ڳالهين جي ڳڻيل اڀياس جو نالو آهي، جيڪو، سچائي (Truth) ۽ مشاهدي (Observation)، تقابلي (Comparison) ۽ تجربي (Experiment) واري مطالعي تي آڌاريل هوندو آهي. تحقيق جي ان طريقي هيٺ مقصدي (Objective) ۽ تنظيمي (Systemic) نتيجو ڪڍيو ويندو آهي.

1.5.4 وضاحتي ۽ تجزياتي تحقيق (Descriptive and Analytical Research):

اهڙي قسم جي وضاحتي- بياني ۽ تجزياتي تحقيق، سنڌ ۾ ويجهڙائي ۾ ڪيل وڏي اشاعتي رٿا واري آهي، جيڪا ”شاهه جي ڪلام ۽ شاهه جي رسالي واري ڪلام“ جي عنوان سان ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي ڪيل آهي. هن تحقيق ۾ عوامي لوڪ روايتن واري ادبي، تحقيقي سلسلن کي به نظر ۾ رکيو ويندو آهي ۽ حقيقي ۽ اصلي جاڻ (Fact Finding) به حاصل ڪئي ويندي آهي.

1.5.5 تصوراتي ۽ مشاهداتي تحقيق:

تصوراتي ۽ مشاهداتي تحقيق ڪجهه تجريدي (Abstract) خيالن واري نظريي تي ٻڌل هوندي آهي. اهڙي تحقيق گهڻو ڪري فلاسفر ۽ اڪابر ڪنهن آڳاڻي نظريي ۾ واڌ يا ڪنهن نئين نظريي کي حاصل ڪرڻ ۽ جوڙڻ لاءِ ڪتب آڻيندا آهن. مشاهداتي تحقيق (Empirical Research) مشاهدي ۽ تجربي تي آڌاريل هوندي آهي. انهيءَ وسيلي محقق حقي جاڻ (Fact Finding) وسيلي ڪو مفروضو (پانيو) (Hypothesis) ڏيندو آهي. ’تصوف تي مطالعي‘ (Conceptual Study) ۽ ’مشاهداتي مطالعي‘ (Empirical Study) وسيلي انهيءَ پائئي (مفروضي) کي هڻي ڏئي ثابت ڪيو ويندو آهي.

1.5.6 عملي ۽ بنيادي تحقيق:

عملي ۽ بنيادي تحقيق جو مقصد اوچتو آيل سماجي مسئلن تي هوندو آهي ۽ جڏهن ته بنيادي تحقيق جو دارومدار عام طرح سان سماجي گروهن (Social Groups) جاڻ تي هوندو آهي، اها ان ”گروهي جاڻ لاءِ جاڻ“ (Gathering Knowledge for Knowledge) واري تحقيق آهي، انهيءَ ڪري ان جو نالو ’نج‘ (Pure) ۽ ’بنيادي‘ (Basic) تحقيق چيو ويندو آهي.

شاهه لطيف يا اهڙن ٻين ڪلاسڪي/اساسي شاعرن تي تحقيقي مقالي جوڙڻ لاءِ محقق ’عملي ۽ بنيادي تحقيق‘ واري طريقي مان به لاب پرائي سگهي ٿو. شاهه عبداللطيف جي ڪلام ۾ اهڙي گروهي جاڻ سُر سَسُيءَ ۾ جتن ۽ انهن جي ڪِرت، وٽج ۽ واپار بابت ڏنل آهي.

1.6 تخليق ۽ تنقيد (Creation and Criticism):

تخليق ۽ تنقيد ٻئي هڪٻئي جا پَرجهلا آهن، ڪنهن به تخليق جو هر پهلوءَ ۽ هر رُخ کان جائزو ونڊڻ، اُن جي سڃي تاڃي پيڻي کي ڦلوري تند تند توري تڪي ڏسڻ جو نالو تنقيد آهي.

ان بابت ڊاڪٽر فهميده حسين پنهنجي ڪتاب، ”ادبي تنقيد: فن ۽ تاريخ“ ۾ لکي ٿي ته،

”ڪوبه فن تخليق ڪندڙ، تخليقڪار(Creative Artist) هوندو آهي، جنهن ۾ تخليقي صلاحيت، بنيادي شيءِ هوندي آهي، تربيت ۽ سکيا اُن کي چمڪائي صحيح نموني پيش ڪرڻ ۾ مدد ڪندي آهي. سندس تخليقي صلاحيت ترڪيبي (Synthetic) هوندي آهي ۽ تنقيدي صلاحيت کي تجزياتي (Analytical) چيو ويندو آهي.“ (فهميده، 2011ع: 23)

ڊاڪٽر فهميده حسين تنقيد کي هڪ سائنسي علم قرار ڏيندي لکي ٿي ته،

”تنقيد جو فن به هڪ قسم جي سائنس آهي، جنهن سان ڪنهن ادب پاري جي مختلف عنصرن جي تجزياتي چنڊچاڻ ڪري، انهن جي افاديت کي اُجاگر ڪري انهيءَ جو مُلهه ڪڍي سگهجي ٿو.“ (فهميده، 2011ع: 23)

ڊاڪٽر فهميده حسين تخليق ۽ تنقيد جي پاڻ ۾ اٽ ڦٽ لاڳاپي بابت لکي ٿي ته،

”تخليقي ادب جو واڌارو ۽ ترقي، تنقيد جا محتاج آهن ۽ تنقيد وري خود به تخليقي جوهر جي محتاج هوندي آهي.“ (فهميده، 2011ع: 23)

تنقيدي ادب پاڻمرادو پنهنجي جوهر ۾ هڪ تخليقي عمل آهي، جيڪو ادب جي صورت ۾ نروار ٿئي ٿو. اهڙي موٽ واري ادبي اظهار جنهن کي تنقيد چئجي ٿو، ڊاڪٽر فهميده حسين ان کي تخليق قرار ڏيندي لکي ٿي ته،

”ڪنهن به تخليقي فن تي تنقيد ڪرڻ بذات خود هڪ تخليقي عمل آهي ۽ تنقيدنگار به هڪ تخليقڪار ٿئي ٿو.“ (فهميده، 2011ع: 23)

”سنڌي ادب ۾ تنقيد جا ڪيترائي رجحان رائج آهن، جن مان ڪجهه رجحانن کي محقق پنهنجي مقالي جوڙڻ لاءِ ڪتب آندو آهي.“

1.6.1 روشن دماغيءَ جي ترغيب ۽ تحريڪ (Enlightmen and Stimulation Trend of Criticism):

تنقيد جي هن طريقي موجب نقاد، تخليق جو تجزيو ڪندو آهي ۽ ان جي مختلف نُڪتن ۽ خيالن جي اپڻار ڪندو ويندو آهي. ان مان مستقل ۽ دائمي نوعيت وارن نڪتن جي مقصد جي تشريح سان گڏ پنهنجو تبصرو به ڏيندو آهي. ان ريت تخليق جا ڳُجها پهلو ظاهر ڪندو آهي ۽ ظاهر پهلو روشن ٿيندا ويندا آهن. ان ريت اهڙي تخليق تي ٿيل اها تنقيد پڙهي اصل تخليق کي پڙهڻ جو عام ماڻهن ۾ ذوق ۽ شوق وڌندو ويندو آهي.

ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي اهڙي تنقيد بابت لکي ٿو ته،

”اسان جي محققن ۽ اديبن مختلف شاعرن جو ڪلام سهيڙي ڪري، ان جي

مُنڊ ۾ جيڪو ڪجهه (مقدمو) لکيو اٿن، اهڙو تبصرو ان تنقيد ۾ شامل آهي.“ (سنڌي، 2006ع: 46)

”شاهه لطيف تي اهڙي تنقيد جو مثال رسول بخش پليجي جي شاهه لطيف تي لکيل مقالن جو مجموعو، ”تنين ماٽڪ ميڙيا“ آهي. ”هن قسم جي تنقيد کي ڊاڪٽر بلوچ اوج تي رسايو آهي.“ (سنڌي، 2006ع: 41)

1.6.2 تنقيد جو جامع رجحان (Comprehensive Trend of Criticism):

نقاد جي اها ڪوشش هوندي آهي ته ڪوبه تنقيدي پهلو رهجي نه وڃي. انهيءَ تنقيد هيٺ ڪنهن لکڻي ۽ شهپاري جي معيار جي هر پاسي تي جامع تبصرو ڪيو ويندو آهي. ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي لکي ٿو ته:

”تنقيد جي هن جامع رجحان موجب، ڪنهن تخليقڪار جي تخليق جو چگيءَ ريت مطالعو ڪري ان تي تنقيدي تبصرو ڪيو ويندو آهي ۽ ان جي (جامع) تشريح ڪئي ويندي آهي، فن پاري جون نه فقط خوبيون ۽ خاميون بيان ڪيون ويندیون آهن، پر فيصلو به صادر ڪيو ويندو آهي.“ (سنڌي، 2006ع: 40)

1.6.3 تاريخي تنقيد وارو رجحان (Historical Trend of Criticism):

تنقيد جي ان طريقي هيٺ نقاد ڪنهن تخليق کي تاريخي پسمنظر ۾ ڏسندو ۽ پرکيندو آهي، ڇاڪاڻ ته هر سرجڻهار ۽ تخليقڪار پنهنجي دؤر جي معروضي حالتن کان ضرور متاثر ٿئي ٿو، پلي کڻي اهو ڪو ’صوفي لاڪوفي‘ فرد ئي چونه هجي، هُن کي پنهنجي سماج جي سُک، سَهنج، ترقي، واڌاري ۽ سُڌاري جو اونو رهي ٿو.

ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌيءَ جو چوڻ آهي ته،

”سنڌ ۾ اهڙي تنقيدي اپياس تي تمام گهٽو زور ڏنو پيو وڃي ته سنڌيءَ جي قديم شاعرن جو هن نموني جائزو پيش ڪيو وڃي پر افسوس جو هن پاسي تمام گهٽ توجهه ڏنو ويو آهي.“ (سنڌي، 2006ع: 43)

ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي اهڙي قسم جي تنقيد بابت لکي ٿو ته،

”سنڌي ادب ۾ اهڙي تنقيد جا مثال سورلي جي تحقيقي ۽ تنقيدي ڪتاب، ’شاهه عبداللطيف آف ڀٽ‘ ۽ جي.ايم.سيد جو ڪتاب ’پيغامِ لطيف‘ آهي، جڏهن ته ’خليفي صاحب جو رسالو‘ ۽ ’حمل فقير جو ڪلام‘ تي ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي تنقيد ۽ ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي جو سهيڙيل ڪتاب ’ڪلام بشير‘ ۾ قادر بخش ’بشير‘ جي شاعريءَ تي تنقيد به انهيءَ قسم جي تنقيد جا مثال آهن.“ (سنڌي، 2006ع: 43)

1.6.4 منصفاڻي تنقيد وارو رجحان (Trend of Judicial Criticism):

اها تنقيد، اصل ۾ انصاف واري رجحان تي آڌاريل آهي، جنهن ۾ تنقيد جا ڪي اصول مقرر ڪري ڪنهن تخليق کي تنقيد هيٺ آندو ويندو آهي. اهڙي تنقيد، معروضي حالتن تي آڌاريل هوندي آهي. سنڌ ۾ ويجهڙائي ۾ ٿيل اهڙي نظرياتي ڪشمڪش واري تنقيد، ان ۾ شامل آهي.

1.6.5 جمالياتي تنقيد رجحان (Aesthetic Trend of Criticism):

هن تنقيدي لاڙي کي ’آسڪروائلڈ‘ همٿايو، اهڙي قسم جي نقادن جو چوڻ آهي ته ڪنهن تخليق جي پڙهڻ سان ڪيتريقدر، حِظ ۽ لطف حاصل ٿئي ٿو ۽ ڪيترو ڪيف ۽ سُرور ملي ٿو. ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي تنقيد جي اهڙي جمالياتي تنقيدي لاڙي بابت لکي ٿو ته،

”هن رجحان جا حامي جماليات مان مراد رڳو سونهن نٿا وٺن. ايلئٽ جي راءِ آهي ته اها هڪ سونهپ (خوبصورتي) ۽ ڪوجهائپ (بدصورتيءَ) جي وچ واري اعتدالي ڪيفيت آهي، جنهن ۾ بنهي ۾ توازن هڻڻ ضروري آهي“. (سنڌي، 2006ع: 43)

ڈاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي ”جماليات کي سنڌي ادب جو ٿيون بنيادي قدر ڄاڻائي ٿو ۽ ’خلوص‘ کي پهريون قدر ۽ صداقت ۽ حقيقت ۽ حقيقت پسندي کي ٻيو ادبي قدر ڄاڻائي ٿو.“ (ميمڻ، 2006ع: 21)

1.6.6 سائنسي تنقيد وارو رجحان (The Trend of Scientific Criticism):

تنقيد جو اهو طريقو رڇڻ مولڻن پنهنجي ڪتاب ’سائنسي تنقيد جا اصول‘ ۾ پڌرو ڪيو آهي، ڈاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي ان بابت رڇڻ مولڻن لاءِ لکي ٿو ته،

”هن جو خيال آهي ته تخليق کي خامين ۽ خوبين جي آڌار تي جانچڻ بدران اُن کي ڪنهن مادي شيءِ جيان پرکبو آهي. تنقيد جي انهيءَ طريقي موجب ان جي پرک جا معيار بعد ۾ جُڙندا آهن.“ (سنڌي، 2006ع: 42)

1.6.7 تنقيد جو سماجي رجحان (The Trend of Social Criticism):

تنقيد جي اهڙي رجحان تي يقين رکندڙ نقادن جي چوڻ موجب،

”اهو ادب جيڪو سماجي حالتن کان متاثر ٿي نه ٿو لکيو وڃي، اهو بي اثر ۽ بي معنيٰ آهي. انهيءَ ڪري هُو مقصديت تي گهڻو زور ڏين ٿا.“

(سنڌي، 2006ع: 45)

1.6.8 تنقيد جو علامتي رجحان (The Trend of Symbolical Criticism):

ڈاڪٽر غلام نبي سڌايو، ڪتاب ’شاهه جي شاعريءَ ۾ علامت نگاري‘ ۾ لکي ٿو ته،

”علامت نگاري، ادب جو اهو اظهاري وسيلو آهي، جنهن ذريعي شاعر ۽ قاريءَ جي وچ ۾ معاهدي مطابق هڪ خاص مقصد لاءِ اڻ سڌا لفظ، علامتي ۽ اصطلاحي اظهار لاءِ جائز سمجهيا ويندا آهن.“ (سڌايو، 1992ع: 48)

انهيءَ قسم جي تنقيد نگارن مان ڪن جو خيال آهي ته،

”ڳالهه سڌي سنئين نه پر ڪن علامتن ذريعي بيان ڪئي وڃي.“

(ميمڻ، 2006ع: 45)

ڈاڪٽر غلام نبي سڌايو، ڪتاب ”شاهه جي شاعريءَ ۾ علامت نگاريءَ“ بابت لکي ٿو ته:

”هُن (شاهه لطيف) جو گهڻو ٿڻو ڪلام آفاقي علامتن تي مشتمل آهي.“

(سڌايو، 1992ع: 100)

ڈاڪٽر تنوير عباسي ڪتاب ”شاهه لطيف جي شاعريءَ“ ۾ لکي ٿو ته،

”هُن جون ڪهاڻيون ۽ ڪردار رڳو انسان نه آهن، پر ان کان گهڻو مٿي آفاقي حقيقتون آهن.“ (عباسي، 1976ع: 122)

ڈاڪٽر سڌايو لکي ٿو ته،

”هن جي ڪلام ۾ جيڪي فن ۽ فڪر جا گهاڙيتا، فهم ۽ ادراڪ جون گهرايون لکل آهن، سي سڀ انسان جي عملن ۽ تاريخ سان واسطو رکندڙ سچايون آهن، جن کي سنڌي سماج جي ناتي سان علامتن جي عمل کي سامهون رکي چنڊچاڻ ڪري، سنڌي سماج جي ماضي ۽ حال جي تصوير ڏسي سگهجي ٿي.“ (سڌايو، 1992ع: 102)

هتي علامت مان مقصد اظهار جو اهڙو وسيلو ۽ طريقو آهي جنهن مان ڪجهه گهڻي ۽ الڳ طرح جي معنيٰ ۽ مطلب ڪڍيو وڃي.

1.6.9 مابعدالطبعياتي تنقيد جو رجحان(Metaphysical Trend of Criticism):

ڈاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي لکي ٿو ته،

”تنقيد جي هن معيار موجب، معياري فن پارو انهيءَ کي سڏيو ويندو آهي، جنهن ۾ مابعد الطبعياتي/الاهياتي جذبن ۽ خيالن جو اظهار شامل هجي.“ (سنڌي، 2006ع: 44)

ڈاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي وڌيڪ لکي ٿو ته،

”سنڌيءَ ۾ قديم شاعرن تي جيڪي مضمون لکيا ويا آهن، اهي گهڻي قدر هن نموني جا آهن.“ (سنڌي، 2006ع: 45)

1.7 تحقيق جو مقصد ۽ دائره ڪار (Objectives, Justification and Scope)

شاهه عبداللطيف رحه جي ڪلام تي تحقيق مختلف موضوعن هيٺ ٿيندي رهي آهي. جنهن ۾ سندس فن ۽ فڪر تي ڪيترائي تحقيقي مقالا، مضمون ۽ شرحون لکيون ويون آهن، پر جيئن ته شاهه عبداللطيف جي ڪلام جي ڪهڪشان جي وسعت ۽ رنگيني اٽڪٽ ۽ بي انت آهي ۽ ان جي جيتري به ڳولا ڪجي، پروڙ جي، کوج ڪجي ۽ بيان ڪجي اوترو گهٽ آهي ۽ پوءِ به سندس لامحدود ۽ لاثاني فن ۽ فڪر جي گلستان جا ڪئي پاسا اڻ ڇُهيا رهجي وڃن ٿا. سسئي بابت خاص طور تي شاهه پٺائي جي ڪلام جي حوالي سان ڊاڪٽر گربخشاڻي کان وڌي، نارائڻداس پنياڻي، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ۽ تنوير عباسي تائين ڪيترن ئي محققن تحقيقي ڪارناما سرانجام ڏنا آهن، ڊاڪٽر گربخشاڻي 1923ع ۾ پهريون پيرو ان ڳالهه تي تحقيق ڪئي ته جيڪو شاهه صاحب جو ڪلام آهي اهوئي رسالي ۾ ڏنو وڃي ۽ ڏاريو ڪلام ڏار ڪيو وڃي، ته گربخشاڻي شاهه پٺائي رحه جو پهريون محقق چئجي.

سسئي جيڪا شاهه عبداللطيف پٺائي ڳائي آهي ان تي جامع، ڳوڙهي، گهڻ پاسائين ۽ تقابلي طريقي هيٺ تحقيق جي تمام گهڻي ضرورت آهي. سسئي جو ڪردار هڪ مثالي ڪردار آهي، سنڌ جي سرزمين جي پسمنظر ۾ جتي سماجي صورتحال تمام پوئتي پيل ۽ مدي خارج هجي اتي اهڙي نئين، نرالي، بردبار، بي مثال ۽ غير رواجي عورت جو ڪردار موجود ڪري ڏيڻ ۽ پيش ڪرڻ نهايت اهم ۽ وڏو ڪارنامو آهي. ضرورت محسوس ٿي ڪجي ته شاهه عبداللطيف رحه جي اهڙي سگهاري ڪردار بابت سندس ڪلام تي تحقيق ڪئي وڃي ۽ ان جا ڪي نوان رخ، رهجي ويل پاسا ۽ احوال پيش ڪيا وڃن. جيئن ته سسئي جو ڪردار سنڌي ٻولي جي شاعرن کان سواءِ سرائيڪي، اردو، پنجابي ۽ فارسي شاعرن به ڳايو آهي تنهنڪري انهن مڙني شاعرن ۽ شاهه عبداللطيف جي ڪلام جي ڀيٽ ڪرڻ به لازمي امر آهي ته هرهڪ سسئي جي ڪردار کي ڪيئن ڏٺو، سمجهيو ۽ پيش ڪيو آهي. سرائيڪي زبان جي وڏي شاعر خواجه غلام فريد نيم تاريخي داستانن مان سڀني کان وڌيڪ ڪافيون سسئي پنهون بابت ڳايون آهن. اسان جو خيال آهي ته هن موضوع هيٺ جديد دور جي تحقيق جي معيار ۽ ماپن موجب اهڙي تحقيق پڙهندڙن اڳيان آندي وڃي جيڪا هن داستان ۾ سسئي جي ڪردار بابت هر رُخ کان صحيح، مڪمل ۽ گهڻ پاسائين ڇاڻ پيش ڪري سگهي ته جيئن موجوده توڙي ايندڙ وقت جا شاگرد، استاد ۽ محقق شاهه عبداللطيف جي هن امر بٽيل انوکي ۽ نرالي ڪردار بابت ڪافي ڇاڻ ۽ فائدو حاصل ڪري سگهن ۽ سنڌي سماج ۾ اهڙي اَمُلهه ۽ اٽلڀ ڪردار جي پرچار ٿئي ته جيئن سسئي جي ڪردار کي پڙهڻ ۽ پروڙڻ کان پوءِ جي اعليٰ خوبين ۽ جذبن مان اُتساهه، حوصلو ۽ ٻيا گُڻ پرائي سگهجن.

1.8 تحقيق جي ڪوٺ:

شاهه عبداللطيف پٺائيءَ تي ايڏي وڏي تحقيقي ۽ تنقيدي ڪم ٿيڻ بعد به هُن جي ڪلام جي سڀني کان وڌيڪ ڳائجندڙ ۽ واکاڻيندڙ ڪردار جي پنجن سُرن: آبري، معذور، ديسي، ڪوهياري ۽ حسيني تي آڏاريل هڪ ڪردار سَسيءَ جي سڃي سنڌي ڪلاسڪي شاعريءَ پرپاسي وارن سماجن جي ٻولين: سرائيڪي ۽ پنجابيءَ شاعريءَ جي پاڻ ۾ گهري سُٻنڌ هڻڻ واري حوالي سان، ڪوڙ سارا پهلو، گهڻا پاسا ۽ گوشا، محققن جي نظر ۽ قلمي ڪاوش کان رهجي ويا آهن. محققن جي انهيءَ سڃي تحقيق کي نظر آڏو رکندي، محقق پنهنجي تحقيقي مقالي ”شاهه جي رسالي ۾ سَسُيءَ جو ڪردار“ جوڙي راس ڪيو آهي.

1.9 تحقيق ۽ تنقيد جو اختيار ڪيل طريقهء ڪار:

هن موضوع ’شاهه جي رسالي ۾ سسئي جو ڪردار‘ جو بنيادي لاڳاپو رکندڙ شين ۾ ڪتاب ۽ انهيءَ سان گڏ محقق، عالم ۽ اديب ئي آهن. هن تحقيق ۾ تاريخي، ادبي، وضاحتي، تجزياتي، تصوراتي، مشاهداتي، مقداري، معياري، عملي ۽ بنيادي تحقيق وارا سمورا طريقا

اختيار ڪيا ويا آهن، ۾ تنقيد جي مڃيل طريقن ۾ رجحانن: تاريخي، منصفاڻي ، سائنسي، جمالياتي، سماجي ۾ مابعد الطبعياتي، نفسياتي، روشن دماغي ۾ ترغيبي کي ڪتب آندو آهي.

ان کان علاوه مقالي جي حتمي تياري لاءِ (American Psychological Association) A.P.A جي حوالي ڏيڻ وارو طريقو اختيار ڪري، نتيجا حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي.

1.10 **تحقيق جا وسيلا:**

هن موضوع 'شاهه جي رسالي ۾ سسئي جو ڪردار' جو تعلق ڪتابن، لائبريرين، عالمن ۾ اديبن سان آهي. تنهنڪري هن ڪم لاءِ مختلف ڪتبخانن ۾ مختلف موضوعن ۾ خاص طور تي پنهنجي موضوع سان مطابقت رکندڙ شاهه لطيف تي لکيل ڊاڪٽريٽ جي ٿيسز، ڪتاب، رسالا ۾ مقالا اپياس هيٺ آندا ويا ۾ انهن مان پنهنجي مقصد جو مواد چونڊيو ويو آهي. علمي، ادبي، صوفياڻي فڪر، ويدانت سان گڏ بين تحقيقي مسئلن تي مختلف لطيفي پارکوئن عالمن، محققن ۾ بين علمي مامرن لاءِ ۾ اديبن سان رابطو پڻ رکيو ويو. اهڙيءَ طرح هن تحقيقي عمل ۾ علمي تحقيق جي طريقن کي اپنايو ويو آهي. هن تحقيق جي ڪم جي اُڪلاءَ ۾ بنيادي ذريعا (Primary Sources) ۽ ثانوي ذريعا (Secondary Sources) ڪتبخانا ۾ عالمن سان ڪچهريون ڪرڻ وارو طريقي ۾نهي کي ڪتب آندو ويو آهي، جن جو تفصيلي ذڪر ببليوگرافيءَ جي آخر ۾ ڏنو ويو آهي. اڄوڪي ترقي يافته دور ۾ انٽرنيٽ به هڪ اهم ذريعو آهي، جنهن وسيلي مواد جو حصول عالمن ۾ اديبن سان پرپور رابطو قائم رکيو ويو.

باب ٻيو: شاهه لطيف جو زمانو

2.1 تاريخي حالتون:

شاهه لطيف جو دور (1752-1689ع) مغل ۽ ڪلهوڙن جي ڳڏيل ۾ آزاد دور تي آڌاريل آهي. سال 1701ع ۾ ڪلهوڙن کي دل ۽ محصول اوڳاڻي واري مقاطعي تي اُتر سنڌ جو اقتدار مليو، جڏهن ته ڏکڻ سنڌ تي مغل نواب جي حڪومت 1738ع تائين قائم رهي. شاهه لطيف جي جنم پومي مغل شاهي هيٺ رهي. سنڌ جو سڄو اقتصادي تاڃيءَ پيٽو زراعت ۽ واپار ختم ٿي ويو.

''انهيءَ دور ۾ شاهه لطيف جي سيهوڪيءَ شاعر عبدالرحيم گرهوڑي جو هڪ روايتي بيت ڇڻ انهيءَ دور جي سنڌ جي اتهاس ۾ ٿيل ظلم ۽ هاڃن جي ڪهاڻي پيش ڪري ٿو.

مٽان ڪائين ڪنڇڑي، حاڪيماڻي هندان،
رڌي هوندائون رت سين، ماري مسڪينان
(قريشي، 2017ع: ص 83)

2.2 مغلن جا ظلم: شاهه لطيف کي پنهنجي تاريخ ۽ اُن جي المناڪ واقعن جي پوريءَ ريت پرجهه هئي. ان ڪري هن چيو ته:

ڳهوڙن هنيون گهٽيون، اُٺن هنئي آءُ.

[ڳهوڙن وارن ته گهٽن سڄي قوم سان قهر ڪيا آهن پر مون سان اُٺن وارن ظلم ڪيو آهي.]

سمورا مغل نواب هڪ جهڙا ئي ظالم ۽ ڪُورو هوندا هئا. محمد ابراهيم جويو هڪ هنڌ بکر جي علائقي جو احوال ڇيڙيندي 'ذخيرة الخوانين' جي حوالي سان لکي ٿو ته،

''مغل نواب فوج علي، جيڪو بکر جي ماتحت هڪ جاگير جو حاڪم هو، ٻه ڪٽاهه پاڻيءَ جا سدائين وٽس باهه تي پيا ٽهڪندا هئا ۽ ڪوبه چور يا ساڌ يا ٻيو ڪو ڏوهي بيڏوهي هٿ چڙهيس ٿي ته ان جا هٿ پير ٻڌي، انهن ڪٽاهن ۾ اڇلائي ڇڏيندو هو ۽ اهي اتي ئي رجهي پاهه ٿي ويندا هئا. تقريباً هڪ هزار ڪن ماڻهو ۽ اُنهن جا پٽ هُن ائين ماريا. ڪميٽي ۽ بيپرواهيءَ ۾ هن جو ٻيو مثال ڪونه هو. (جويو، 1987ع: 42)

انهيءَ مغل دؤر واري سنڌ جي سماجي توڙي سياسي حالتون ڪنهن به ريت ماڻهپي واريون نه هيون، حد درجي جي ظلم جو مُڪ ڪارڻ اِهو هو ته حڪمران پرڏيهي هئا جن جو مقصد رڳو مال ميڙڻ هو. هنن سنڌ واسين کي عملي طرح سان سڄي ڪاروهنوار مان الڳ ڪري ڇڏيو هو. سيد سبط حسن ڪتاب 'نويد فڪر' جي هڪ مضمون ۾ لکي ٿو ته:

''مغل شهنشاهن جي عهد ۾ سنڌ جي حيثيت بلڪل مفتوح علائقي جهڙي هئي. مڙئي مک ۽ ذميواري وارا عهدا ترڪ ۽ ايراني نسل وارن کي ڏنا ويندا هئا ۽ انهن کي هر قسم جون مراعتون حاصل هيون، جڏهن ته سنڌ جي حقيقي باشندن کي صوبي جي انتظام ۽ اختيار ۾ ڪوبه دخل نه هوندو هو.'' (حسن، 1995ع: 185)

2.3 مغلن جو انتظام: اُنهيءَ ظلم خلاف ڪوبه آواز اُٺارڻ وارو نه هو، ڪنهن ۾ به اها همت ڪونه هئي جو ڪنهن سرڪاري اهلڪار کي چئي سگهي ته تون غلط پيو ڪرين يا هو ماڻهن تي ڪهل ۽ ٻاجهه لاءِ ڪنهن کي عرض ڪري سگهي، ڪنهن به لائق، عالم ۽ اڪابر پاران اهڙو عرض ڪرڻ ڪيس پاڻ مصيبت ۾ وجهي سگهندو هو، سڄو انتظامي ڍانچو ۽ ڪاروهنوار رڳو ان ڳالهه تي بيٺل هو ته ماڻهن مان وڌ ڪان وڌ محصول ڪيئن حاصل ڪجي يا ماڻهن تي ڇڻيون ڪيئن هڻجن ۽ اهي وصول ڪيئن ترت ڪجن. ان لاءِ هو هر ظالماڻو طريقو اختيار ڪرڻ ۾ ويرم نه ڪندا هئا.

سبط حسن ان دؤر جي انتظامي ڍانچي بابت لکي ٿو ته،

”انتظامي لحاظ سان ٽٽي جي صوبي ۾ چار سرڪارون هيون. ٽٽو، نصرپور، چاچڪان ۽ چاڪر هالا. صوبي جي حاڪم کي ناظم چئبو هو. سرڪار جو حاڪم فوجدار ۽ پرڳڻي جو والي شقدار سڏبو هو. ان کان سواءِ امن، امان ۽ انتظام جي فرضن جي بجا آوريءَ لاءِ ديوان، بخشي، عامل، وقائع نويس، قاضي، محتسب، صدر، مقدمه، قانون گو، پٽواري، متصدي، ڪارڪن، سجاول ۽ ارباب مقرر هوندا هئا.“ (حسن، 1995ع: 183)

سمورا عملدار هڪ ته پرڏيهي ۽ ٻيو مراعات يافته طبقي مان هئڻ جي ڪري کين سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن جي زبون حالي سان ڪابه دلچسپي نه هوندي هئي. هي رڳو نوابن ۽ گورنرن کي خوش رکڻ، پنهنجي ملڪيت وڌائڻ، مال گڏ ڪرڻ ۾ پورا هوندا هئا ۽ انهيءَ لاءِ هو هر طرح جي ظلم ڪرڻ کان به نه مُڙندا هئا.

سنڌ تي دهليءَ جي حڪومت 1593ع کان شروع ٿي ۽ 1701ع ۾ اُتر سنڌ تي دهلي حڪومت پاران ڪلهوڙن جي حڪومت شروع ٿي، جڏهن ته ڏکڻ سنڌ- ٽٽي تي دهليءَ جي نوابن جي نوابي اڃا قائم هئي، دهلي جي مغل حڪومت پاران مقرر ڪيل گورنرن ۽ نوابن جي نوابيءَ جي حالت اها هئي جو هڪڙا بدلي ٿي آيا ته ٻيا بدلي ٿي روانا ٿيا. 143 ورهين جي مغل نوابن واري حڪومتي دؤر ۾ ٽٽي تي دهلي پاران 40 نواب مڙهجي آيا ۽ سراسري طرح سان هرهڪ نواب مس ٽي سال چار مهينا حڪومت ڪئي، انهيءَ غير يقيني صورتحال ۾ هر ايندڙ نواب جو مکيه ڪم سنڌ مان ڪنهن به ريت مال ميڙي ڪٽي وڃڻ جو سانباهو ڪرڻ هو. ان جو مکيه ڪارڻ اورنگزيب کان پوءِ مغل سامراج جو زوال پذير حڪومتي نظام هو جيڪو ڦُرلٽ تي آڌاريل هو.

انهيءَ دؤر ۾ سنڌ جو انتظامي ۽ معاشي تاجي پيٽو تباهه ۽ برباد ٿي چڪو هو، زمينون حقدار هارين ۽ راڄن کان ڦريون ويون هيون. ڊاڪٽر مبارڪ انهي زرعي زمين بابت لکي ٿو ته،

”مغل دؤر ۾ زمين ٽن مکيه پاڳن ۾ ورهايل هئي:

1. خالصه جاگير: سرڪار جي حوالي ٿيل سنڌ جي اِها سڀ کان پلي زمين سيوهڻ ۽ لاهري بندر واري ان ۾ شامل هئي.
2. جاگير: اُها اميرن کي مليل جاگير جنهن کي ٽيڪي تي ڏئي ڪري جاگيردار سڃي اُپت تي قبضو ڪندا هئا.
3. درگاهي جاگير: اهي زمينون مختلف درگاهن ۽ مدرسن جي حوالي ڪيون ويون هيون، جيئن خانقاهون رياست جو حامي ۽ همنوا رهن.“ (مبارڪ، 1996ع: 132)

2.4 بڻائي جو انتظام: قديم دؤر کان وٺي سنڌ ۾ زرعي آبادي‌ءَ واري زمين جي اُپت مان ڏهون حصو سرڪار وٺندي هئي. اهو نظام سما حڪومتي دؤر تائين قائم ۽ دائم رهيو. ان کان پوءِ بڻئي جو نظام ارغون، ترخان ۽ مغل دؤر ۾ نافذ ٿيو. جيئن ئي فصل لهندو هو ته جاگيردارن جا ڪاراوا ۽ ڪمدار هرهڪ هاريءَ تي مختلف حسابن جو ڪاتو ڪولي اُپت جو وڏو حصو پاڻ کڻڻ واري ٽڪسالٽ ۾ آبياني، ديل، ہج ۽ پاڻ جو خرچ هاري مٿان مڙهي اهڙي نموني بڻئي ڪندا هئا جو هاري بوچڙ چندي اصل پالهو ٿي اُٽندو هو. هن جي ڪيڙي، پوکي، رونبي، وير ۽ پاڻي ورائڻ واري ساري محنت اڪارت ٿي ويندي هئي.

انصار زاهد خان پنهنجي ڪتاب ’سنڌ جي تاريخ ۽ ثقافت‘ (History and Culture of Sindh) ۾ لکي ٿو ته،

”سنڌ ۾ زمين جي پئداوار جي ديل وغيره وصول ڪرڻ جي طريقن ۾ ”غله بخشي“ يا اهو بڻئي وارو طريقو هو، جنهن ۾ فصل کي ڏسي اندازي موجب ديل مقرر ڪئي ويندي هئي. جڏهن ته ضبطيءَ جي طريقي ۾ فصل تي مقرر ٿيل، ديل وصول ڪئي ويندي هئي. غله بخشي ۽ بڻئي نظام باراني زمينن لاءِ ضبطي نهري زمينن لاءِ مفيد هو.“ (Ansar, 1980: 53)

ڏکڻ سنڌ واري ڌڻي جي سرڪار ۾ غله بخشي ۽ بڻئيءَ وارو روايتي نظام رائج هو، جڏهن ته اُتر سنڌ ۾ بکر سرڪار ۾ ضبطيءَ وارو طريقو هلندو هو، اهي ٻئي طريقا عام ڪُڙمي ۽ هاريءَ لاءِ هر لحاظ سان نقصانڪار ۽ ناانصافيءَ تي ٻڌل هئا.

2.5 چڻيون پرڻ: حڪومت جي مقرر ڪيل محصولن کان سواءِ ارباب اختيار پنهنجي آمدني وڌائڻ جي لاءِ ڳرا محصول وصول ڪندا هئا، جن کي ”ستم شريڪي“ سڏبو هو. ان بابت يوسف ميرڪ اهڙي قسم جا احوال لکندي چوي ٿو ته،

”هو محصولن کان وڌيڪ ماڻهن تي چڻيون وجهن ٿا، جيڪي سندن وس کان ٻاهر آهن ۽ ماڻهو هلاڪيءَ ۾ پئجي ٿا وڃن.“ (ميرڪ، 1993ع: 154)

مغل حڪومت طرفان ڪيترن ئي قسمن جا محصول مقرر ٿيل هئا، جيڪي واپارين، هارين ۽ عوام کي ڏيڻا پوندا هئا، انهن مان خاص هي هئا.

”عام ماڻهن تي مختلف قسم جا محصول مڙهيا ويندا هئا، هر علائقي جا محصول الڳ الڳ هئا، اَنُ، تيل، ڪپهه ۽ ٻي پيداوار تي محصول لاڳو هوندا هئا، ان کان سواءِ سامان ويئينڊڻ ٻيڙين، درياهي بندرن ۽ مالوند ماڻهن تي هر جنس جي جانور جي حساب سان الڳ الڳ محصول هوندا هئا، ڪڏهن ته غير مسلم ماڻهن کان جزيو ورتو ويندو هو.“

(مبارڪ، 1996ع: 160)

مغل حڪومتي دؤر جي اهڙي ظالماڻي سرشتي سبب ماڻهن پوکي راهي ڇڏي ڏني. انهن جهانگي، وانگي ۽ ڏوڻي زندگيءَ کي اختيار ڪيو.

مغل دؤر ۾ هڪ پاسي سنڌ جو زرعي ۽ پوکي راهي وارو نظام ذري گهٽ تباهه ٿي چڪو هو ته ٻئي پاسي ماڻهن تي تمام ڳرا محصول لاڳو هئا ته ٽئين پاسي ظلم جي بازار به گرم هئي. زرعي زمينون تباهه ٿي ويون، واپار ٺپ ٿي ويو.

2.6 ساموندي انتظام ۽ اقتصادي تباهي: ماهي گيري ۽ ساموندي نظام به درهم برهم ٿي ويو. سيد سبط حسن لکي ٿو ته،

”لاهري بندر جيڪو سنڌوماٿر جو اڪيلو وڏو بندر هو، مرڪز جي ملڪيت قرار ڏنو ويو، ان ڪري صوبي جي آمدني گهڻجي وئي ۽ سياسي اهميت به گهڻجي وئي. انڪري اڪثر گهڻ رتبي وارن منصب دارن کي ٽٽي جو صوبيدار مقرر ڪيو ويندو هو. نيٺ ٽٽي پرڳڻي جو به اهوئي حشر ٿيو، جيڪو بکر جو ٿيو.“ (حسن، 1995ع: 184)

ارغون، ترخان ۽ مغل حڪومتي دؤر ۾ سنڌ جو قديم ۽ اڳوڻو عوام دوست ۽ انصاف پريو انتظامي ۽ سماجي سرشتو تباهه ڪيو ويو. سنڌ جيڪا فن ۽ هنر جي هر مڪتب ۾ اڳيري ۽ سونهاري سرزمين هئي. جتان جي ڪپڙي ۽ ٻي مصنوعات جي سڄي جهان کي هر دؤر ۾ گهٽي گهرج رهندي هئي. سنڌ جي بندرن تي سڄي عالم جا واپاري ٻيڙا آڻيهه ئي ٻيڙا هوندا، اتي واپاري کان وٺي عام هنرمند کي ڳرن محصولن ۽ ظلم جي ڪري تباهه ڪري ڇڏيو هو.

ڊاڪٽر شاهنواز سومرو هڪ تحقيقي مقالي ’شاهه عبداللطيف جي سُر ڏهر جو تاريخي پس منظر‘ ۾ ارغون، ترخان ۽ مغل دؤر بابت حوالن سان لکي ٿو ته، هن دؤر جو نقشو سيد حسام الدين راشدي هيٺين عبارت ۾ ڪڍيو آهي،

”اهو ڏارين جي گرفت جو تاريخي سلسلو ادائي صدين تائين پکڙيل آهي. جنهن ۾ ارغونن جي استبدادي حڪومت (1599-1520ع) ترخانن جي زور زبردستي، مرزا باقي ترخان ۽ محمد بکريءَ جي ظالمانه گرفت، ازانسواءِ خراسان مان لاتعداد مفرور اميرن، صاحب اختيار ۽ اقتدار- پناهگيرن جي آمد، سنڌ جهڙي ننڍڙي، امن پسند ۽ مائيٽي سياءَ واري ملڪ لاءِ درحقيقت هڪ عذاب، قهر ۽ خدائي ڪوپ هو، جيڪو هتان جي گهرو جهگڙن جي نتيجي ۾، قدرت طرفان سزا طور نازل ٿيو، جنهن جو نتيجو اجتماعي خواهه انفرادي

طرح سموري سنڌ کي پوڳٺو پيو. ملڪ جا سپئي قلعا، وسنديءَ وارا واهڻ ۾ وستيون، مال، ملڪيتون مطلب ته سڄو اَرڪو تَرڪو ڌارين جي قبضي ۾ اچي ويو، جن جي نه پولي سمجهه ۾ ٿي آئي ۽ نه سندن اُٺڻ ويهڻ، چال چلت ۽ رهڻي ڪهڻيءَ مان هتان جي ماڻهن کي جاڻ ۽ سڃاڻ هئي. انهن ڌارين لاءِ شاهه صاحب فرمايو:

پيم پٺاڻن سين، پولي جي نه پُجهن،
آءُ سنڌيءَ جو سعيو ڪريان، هو پارسيون، پچن،
مون پڻ مُلا تن، سرتيون سور پرائيو.

مٿئين شعر جي مفهوم مان شاهه صاحب جي سياسي بصيرت، حب الوطني ۽ قومي شعور لاءِ اندازو ڪرڻ کو ڏکيو ڪم ته ڪونهي. حقيقت ۾ شاهه صاحب جي شاعري جو جيڪڏهن فراخ دليءَ سان تجزيو ڪنداسون ته اسان کي انهي غلامي جي دؤر ۾ سنڌي عوام جي ڪرب جي تصوير چٽيءَ طرح نظر ايندي.'' (سومرو، 1989ع: 93-94)

سيد حسام الدين راشدي وڌيڪ لکي ٿو ته:

''اسان جي قومي شاعر شاهه عبداللطيف هندي مغلن جي قبضي جون حالتون ڏسندي، جيڪو پنهنجي ڪلام ۾ عڪس چٽيو آهي، سو حقيقت ۾ انهيءَ سڄي صورتحال جو مڪمل تفسير چئي سگهجي ٿو. جنهن ۾ ارغون کان وٺي سندن جاءِ نشين هندي مغلن جي تسلط تائين سنڌ اندر وهيو ۽ واپريو هو.'' (سومرو، 1989ع: 94-95)

ڊاڪٽر مبارڪ علي سنڌ جي مغل دور جي صورتحال بابت لکي ٿو ته،

''مغليه دور ۾ سنڌ جون سياسي، سماجي ۽ اقتصادي حالتون ڏاڍيون خراب هيون، معاشري جو جاگيرداراڻو نظام، ترقيءَ جي راهه ۾ زبردست رڪاوٽ هو. انهيءَ سبب جي ڪري نه ته آبادگار محنت سان ڪم ڪندو هو، نه ننڍو ڪاريگر، جيڪو صبح کان شام تائين محنت کان پوءِ غربت ۽ مسڪينيءَ جي زندگي گذارڻ تي مجبور هو.'' (مبارڪ، 1994ع: 161-160)

اهي ڪڙمي، هاري ۽ هنرمند اهو پليءَ پت سمجهندا هئا ته اسان جيڪا به محنت ڪنداسين ان جو فائدو اسان کي نه ملندو. تنهنڪري هو محنت به دل سان نه ڪندا هئا.

2.7 قدرتي آفتون: سنڌ ارغون، ترخان ۽ مغل دؤر ۾ سک جو ساهه نه ڪنيو، جڏهن به وچ ايشيائي رياستن سوٽو ڪابل، قندار ۽ دهلي ۾ سياسي انارڪي ۽ انتشار پيدا ٿيو ان جو سڌو اثر سنڌ تي آيو آهي. ان کان علاوه قدرتي آفتن، ٻوڏن ۽ سوکڙي به سنڌ کي نهوڙيو آهي.

محمد ابراهيم جويو لکي ٿو ته،

''سال 1699ع ۾ جڏهن شاهه عبداللطيف ڏهن سالن جو هو، انهيءَ سال ۾ هڪ انگريز سيلاني اليگزينڊر هئملٽن جڏهن ننگر ٺٽي پهتو ته ڪيس جاڻ ٿي ته، هتي پليگ جي بيماري جي ڪارڻ اسي هزار ڪوري مري ويا هئا.''

(جويو، 2006ع: 57)

سنڌ تي مقرر ٿيل دهليءَ جي نوابن واري دؤر ۾ سنڌ جي زرعي معيشت ۽ وٽج واپار خراب ئي رهيو.

''نواب اعظم خان جو حڪومتي دؤر ۾ 1715ع کان 1718ع وارا چار سال ڏڪر ۽ بربادي وارو زمانو هو. انهيءَ حڪومتي دؤر ۾ سنڌ جي ڪُڙمين ۽ ڪاسبين جي حامي شاهه عنايت جهوڪ واري کي شهيد ڪيو ويو.''

(جويو، 2006ع: 57)

2.8 سنڌ تي ڪاهونُ: شاهه لطيف جي دؤر ۾ ئي نادر شاهه سنڌ تي ڪاهه ڪئي، ڊاڪٽر غلام محمد لاکو، 'ڪلهوڑا دور حڪومت' ۾ لکي ٿو ته،

''سن 1739ع ۾ نادر شاهه دهليءَ تي ڪاهيو هو ۽ مغل شهنشاهه ۽ نادر شاهه

جي ڏاهه موجب، سنڌ ملڪ سندس حوالي ڪيو. هو سڄو سنڌ تي ڪاهي آيو ۽ سنڌ کي ٽن حصن ۾ ورهائي سبي ۽ ڪچي قلاتي خانن جي حوالي ڪئي، شڪارپور دائودپوٽن جي حوالي ڪيو ۽ باقي سنڌ ميان نورمحمد کي ملي.“

(لاکو، 2004ع: 200-199)

2.9 لطيفي سياسي ساڃاهه: شاهه لطيف جيتوڻيڪ هڪ صوفي شاعر سمجهيو وڃي ٿو، پر ساڳئي وقت هو هڪ يگانو فلسفي پڻ آهي. هو پنهنجي وقت، حالتن، ريتن، رسمن ۽ روين جو ڇاڻو ۽ نقاد پڻ آهي. شاهه لطيف پنهنجي شعر وسيلي عام انسانن جي اصلاح ۽ سندس ڪردار جي مثبت تبديلي ۽ تعمير لاءِ جاکوڙيندي نظر اچي ٿو. اهي خوبيون ۽ گُڻ ئي ڪنهن شاعر کي اوچي، عظيم ۽ مٿانهين مرتبي تي پهچائين ٿا. هو ماڻهن کي زماني ساز، دنيادار، ٽي هلڻ لوڪ سان انهن جهڙو ٿيڻ بجاءِ نئون ۽ نرالو ٿيڻ، اُبتي راهه ونڻ ۽ تبديلي جي ڳالهه تي زور ڏئي ٿو.

آک اُلٽي ڏار، وانءُ الٽو عام سين،
لهوارو لوڪ وهي، تون اوچو وهه اوپار
منجهان نوچ نهار، پُر پڌيرو پرينءَ ڏي.

(آڏواڻي، 2013ع: ص 289)

شاهه لطيف پنهنجي وطني ماڻهن کي پنهنجي روزمره بدلائڻ، غفلت ڇڏي سجاڳ ٿيڻ ۽ ايندڙ وقت لاءِ تيار ٿيڻ جي صلاح ڏئي ٿو. هو سُستي ۽ ڪاهلي ڪرڻ ۽ هڪ جاءِ تي ويهي عمر گهارڻ کي نندي ٿو.

رسول بخش پليجو لکي ٿو ته:

”سنڌي ماڻهو جن پيرن تي ويٺا آهن، اتان اُٺڻ پنهنجي شان جي اُبتڙ سمجهن ٿا، لطيف مارئي جي واتان وطن جي به ڳالهه ڪئي آهي پر هلڻ ڦرڻ کي، هڪ جاءِ ڇڏي، ٻئي هنڌ وڃڻ کي به اهم ڄاڻايو آهي. مٺي ڪنيو آهي، اُپاريو آهي، هلڻ کي، پري وڃڻ کي، هي ڏرتي ڇڏي وڃڻ کي، جاءِ بدلائڻ، جاگرافيائي ۽ سماجي شان مان طور يا نفسياتي طرح اسان جو جيڪو تصور آهي وطن جي حب جو، ان جي ابتڙ اهي وطن ڇڏڻ وغيره جون ڳالهيون آهن.“ (پليجو، 2012ع: ص 19)

شاهه لطيف جي شعر جو مطالعو ڪرڻ کان پوءِ هر سمجهو ماڻهو ان راءِ سان سهمت ٿيندو ته شاهه لطيف پنهنجي دؤر جي حالتن کان نه صرف چگي نموني واقف هو پر هن انهن حالتن جو چيد ڪري انهن جي محرڪات تي تنقيد ۽ عام جي اصلاح، رهنمائي ۽ رهبري پڻ ڪئي. ظاهري مذهبي نمود ۽ نمائش ڏسي ان کي وائکو ڪندي چوي ٿو ته:

ان پر نه ايمان جيئن ڪلمي گو ڪوٺائين،
دغا تنهنجي دل ۾ شرڪ ۽ شيطان،
منهن ۾ مسلمان، اندر آذر آهين.

(بلوچ، 2009ع: ص 54)

ٻئي پاسي ڏارين جو تسلط ۽ ارهه زورايون ۽ وطني ماڻهن تي عقوبتون ڏسي انهن کي ڏاڍ ۽ ظلم اڳيان سينو سپر ٿيڻ جي ڪوٽ ٿو ڏئي:

سُورهَيه مرين سوبَ کي، ته دل جا وهم وِسار،
هڻ پالا، وڙهُه پاڪُرين، آڏِي ڍال مَ چار،
مٿان تيغ تَرارَ، مار ته مَتارو ٽِئين.

(بلوچ، 2009ع: ص 419)

دنيا جي مڙني مسئلن، اهنجن جي حل ۽ ڪاميابي ۽ ڪامراني جي ڪُنجي علم، عقل ۽ سمجهه جي سوجهري سان ئي ملي ٿي، شاهه صاحب اهو علم جو سمجهه جو عَلم ۽ روشني جي ڏياٽي ڪٽي هلڻ جي تاڪيد ڪري ٿو.

ڏورج ڏيٽو هٽ ڪري ڏور مَ ڏيئان ڏار،

ڪوڙين لک هزار، ان اونداهيءَ انڌا ڪيا.
(آسا، 17-14)

شاهه لطيف جي شاعريءَ بابت شيخ اياز لکي ٿو ته، ”شاهه صاحب جو ڪوبه بيت کڻو، اهو ظاهري طرح هڪ ڪردار جي هڪ پل جو اظهار آهي، پر حقيقت ۾ اهو هڪ پل سڄي دؤر کي گهيري ۾ ڪيو ٻيٺو آهي.، ان دؤر جي هر انسان جو سانحو محسوس ٿيندو، ۽ وري جڏهن ان کي وقت جي قيد مان آزاد ڪري جاچيناسين، ته اهو هر دؤر جي هر انسان جي دل جي ڏڪ ڏڪ ۾ گونجندو ملندو، تاثر جي اها ابديت انسان جي فطرت جي گوڙهي مطالعي ۽ ان جي بيان جي غير معمولي ڏات، مهارت ۽ حاصلات کانسواءِ ڪنهن به لکڻي ۾ پيدا ٿي نه ٿي سگهي.“ (شيخ اياز، 2007ع)

مطلب ته شاهه لطيف پنهنجي دؤر جي حالتن جو نه صرف اثر قبول ڪيو، بلڪه هن انهن حالتن تي پنهنجي جذبن جو اظهار پڻ ڪيو ۽ پنهنجي ڪلام وسيلي سماجي تبديلي لاءِ جاکوڙ پڻ ڪئي. شاهه صاحب جي دؤر جي تاريخي حالتن جو وڌيڪ جائزو هيٺ ڏجي ٿو:

2.10 هندستان جي مغل بادشاهت جو زوال ۽ هند- سنڌ تي ان جا اثر:

شاهه عبداللطيف جي دؤر 1689-1752ع ۾ اُتر ۾ سنڌ تي ڪلهوڑا ڏکڻ سنڌ تي نوابن جي نوابي جي صورت ۾ مغل حڪمران هئا. ڪلهوڑن کان اڳ سنڌ هندستان جي مغل سلطنت جي هٿ هيٺ هئي. جيڪي سندن پاران مقرر ڪيل گورنرن وسيلي حڪومت هلائيندا هئا. جيڪي غير مقامي ئي هوندا هئا.

مغل بادشاهت اورنگزيب 1707ع ۾ سندس مرڻ کان پوءِ پنهنجو جاهه و جلال وڃائي چڪي هئي ۽ تيزي سان زوال ڏانهن وڌي رهي هئي. اهو سلسلو اورنگزيب عالمگير کان پوءِ شروع ٿيو. سندس 50 سالن جو دؤر حڪومت اقتدار جي ڏوڙ، مرهٽن، سکن ۽ راجپوتن جي بغاوتن کي منهن ڏيڻ ۾ گذريو. حڪومت جي زوال ۽ ابتري جو هڪ سبب زوال پذير ۽ بيڪار پاڻي جيان سينوارجي ويل جاگيرداري سماج جون خرابيون ۽ ڪمزوريون پڻ هيون.

شهنشاهه اڪبر جهڙي طرح دوراندیشي کان ڪم وٺندي مذهبي رواداري ۽ پائيچارو قائم رکڻ لاءِ قدم کنيا جهڙوڪ: ”دينِ اڪبري“ متعارف ڪرائڻ جيڪو سڀني مذهبي عقيدن جو ميلاپ هو، هي هندستان جهڙي گهڻ مذهبي سماج جي وڏي ضرورت هئي، پر اورنگزيب اهڙن خيالن ۽ عملن کي چڏي مذهبي ڪٽرپڻي واري واٽ اختيار ڪئي. جنهن جي ڪري بين مذهبن جي ميجندڙن جي دلين ۾ حڪمرانن ۽ حڪومت لاءِ حمايت، تعلق ۽ ڳانڍاپي وارو جذبو به تمام گهٽجي ويو. اهڙي سوچ جو نتيجو اهو نڪتو جو اورنگزيب جڏهن پنهنجي ڀاءُ داراشڪوه کي گرفتار ڪري دهلي آندو ته شهر جي ڳلين ۽ بازارن ۾ عام خلق، دارا جي مٿان گلن جي ورکا ڪندي رهي. ڇو ته دارا مذهبي ڪٽرپڻي جو مخالف هو ۽ مذهبي رواداري ۽ صوفيانه سوچ جو پرچارڪ هو. اورنگزيب 1659ع ۾ ڪيس قيد ۾ ئي مارائي ڇڏيو.

سبط حسن ”پاڪستان ۾ تهذيب کا ارتقا“ ۾ لکي ٿو ته:

> "یہ فقط دو شہزادوں کی تخت و تاج کے لئے جنگ نہ تھی بلکہ دو نظریات کی ٹکر بھی تھی، وہی شریعت اور طریقت کی پرانی ٹکر جس نے بالآخر خونی جنگ کی شکل اختیار کرلی۔ ایک طرف صوفی منش داراشکوہ اور اس کے ہم نوا تھے جو بابر اور اکبر کی مانند "صلح کل" کے علمبردار تھے، دوسری طرف اورنگزیب اور اس کے رفقاء تھے جو اکبری کفر و بدعت کا قلع قمع کرکے خالص شرعی حکومت قائم کرنا چاہتے تھے۔

(سبط حسن، 2009ء: ص 249)

اورنگزيب، جيئن ٻين مغل حڪمرانن لاءِ چيو وڃي ٿو ته عيش پرست ٿي ويا هئا ۽ مغل سلطنت جي زوال جو باعث بڻيا، ان جي بلڪل ابتڙ سادي زندگي گهاريندڙ ۽ نماز روزي جو پابند هو ۽ عيش و عشرت کان ڪوهين ڏور هو، ان باوجود هن پنهنجي پائرن ۽ پيءُ سان اهڙو سخت بي رحميءَ وارو سلوڪ ڇو ڪيو ان جو جواب سبط حسن هنن لفظن ۾ ڏنئي ٿو:

"رہا یہ الزام کہ پابندِ شریعت اورنگزیب نے اپنے بھائیوں سے دغا کی اور بوڑھے باپ کو قید میں ڈالا تو شخصی حکومت کے دور میں مغرب، کیا مشرق ہر جگہ یہی ہوتا تھا، تخت و تاج کے لئے باپ، بھائیوں کا خون بھانا کوئی نئی ریت نہ تھی، اور اگر داراشکوہ جیت گیا ہوتا تو وہ بھی اورنگزیب کے ساتھ وہی برتاؤ کرتا جو اورنگزیب نے اس کے ساتھ کیا تھا"۔ (سبط حسن، 2009ء، ص 249)

مطلب ته واقعن کي ان وقت جي سماجي ڏانچي ۽ حالات سان نهڪائي ڏسڻ جي ضرورت آهي. ٻئي طرف ويڙهاڪ ۽ جنگجو اورنگزيب جيڪڏهن صوفي منش داراشڪوه تي غلبو حاصل ڪيو ته ان ۾ حيراني جي ڪا ڳالهه نه هئي.

مذهبي ڪٽرپڻي، گهڻ مذهبي هندستاني سماج جي ايڪي ۽ وحدت جي ديوارن ۾ ڏار وجهي ڇڏيا. جڏهن ته شهنشاهه اڪبر ان ايڪي کي بچائڻ ۽ مستحڪم رکڻ لاءِ آخر تائين ڪوششون وٺندو رهيو هو. هن غير مسلم عورتن خاص طور راجپوتن مان شاديون ڪيون، سندس ٻُڌ کي قائم رکڻ واري اُن دور جي خاتونِ اول جوڏا ٻائي هئي. جنهن لاءِ شاديءَ کان پهرين شاهي محل ۾ بت خانو جوڙيو ويو هو. هو هڪ وڏي اثر واري عورت هئي. ان ريت مذهبي آزادي قائم ڪري هن پنهنجو راج ۽ رياست کي قائم ۽ دائم رکيو. مذهبي ويچا ۽ ڪٽرپڻي گهٽائڻ لاءِ مذهبي آزادي ڏني، موسيقي ۽ مقامي فنن کي همٿايو ۽ غير مسلم وزير ۽ مشير مقرر ڪيا. جڏهن ته اورنگزيب شروع کان وٺي مذهبي ڪٽرپڻي جا بنياد مضبوط ڪيا. هن مجدد الف ثاني جي پوئواري ڪئي. جنهن جو نظريو هو ته 'اسلام جي عزت غير مسلم جي ذلت ۾ آهي.' ان ڪري ئي شاهي فرمان جاري ٿيو ته، ''غير مسلم، محصول ڏئي ته به، سندس هٿ مٿان نه، پر هيٺ هجي ۽ محصول وٺندڙ مسلمان حاڪم جو هٿ مٿان هجي.'' (سبط حسن، 2012ع:)

اورنگزيب جي دؤر ۾ مغل سلطنت جو زوال شروع ٿيڻ جو اهو هڪ وڏو سبب شمار ڪيو وڃي ٿو.

1657ع ۾ اورنگزيب بيمار ٿيو ته سندس اولاد اقتدار خاطر سازشون ۽ قتل و غارت گيري شروع ڪري ڏني. هُن 1707ع ۾ 89 سالن جي ڄمار ۾ وفات ڪئي. هن اقتدار دوران عام خلق ۾ مذهبي ۽ فرقي پرستي جي جيڪا پوک پوکي هئي، ان جا نتيجا سامهون اچي رهيا هئا. بادشاهه جي حڪمت عملي ۽ طرز حڪومت مان ڪير به خوش نه هو، اورنگزيب جي درٻار جا امير ۽ مشير نااهل ۽ مفاد پرست هئا. اورنگزيب جي جانشينن جو به مغليه سلطنت جي بربادي ۾ وڏو ڪردار رهيو. عيش پرست شهزادا هر وقت خوشامدي ماڻهن سان گڏ رنگ رليون ملهائيندا رهندا هئا، ۽ انهن ۾ حڪومت هلائڻ جي اهليت ۽ صلاحيت ئي نه رهي هئي.

2.11 بابر جي وصيت:

هندستان ۾ مغل سلطنت جو باني سلطان ظهيرالدين بابر (1530-1483ع) هڪ فهميدو حڪمران هو، سندس زندگيءَ جو احوال سندس آتم ڪٿا 'بابرنامه' ۾ نهايت دلچسپ ۽

چاڻ ڏيندڙ آهي، هو هندستان اچڻ کان پوءِ فوجي مهمن ۾ مصروف رهيو ۽ ملڪي انتظام کي وقت نه ڏئي سگهيو، پوءِ به هو پنهنجي پونيئرن کي هندستان تي حڪمراني جا سدا حيات ۽ سونهري اصول پنهنجي وصيت ۾ ڏئي ويو، جيڪي هڪ صدي کان وڌيڪ وقت تائين مغل حڪمرانن لاءِ قيمتي اثاثو رهيا. هن پنهنجي پٽ کي وصيت ڪندي لکيو ته:

"(۱) تم مذہبی تعصب کو اپنے دل میں ہرگز جگہ نہ دو اور لوگوں کے مذہبی جذبات اور مذہبی رسوم کا خیال رکھتے ہوئے اور رعایت کے بغیر سب لوگوں کے ساتھ پورا انصاف کرنا، (۲) گاؤکش سے بالخصوص پرہیز کرو تاکہ اس سے تمہین لوگوں کے دلوں میں جگہ مل جائے اور اس طرح سے وہ احسان اور شکریے کی زنجیر سے تمہارے مطیع ہوجائیں، (۳) تمہیں کسی قوم کی عبادتگاہ مسمار نہیں کرنی چاہییے اور ہمیشہ سب سے پورا انصاف کرنا چاہیے تاکہ بادشاہ اور رعیت کے تعلقات دوستانہ ہوں اور ملک میں امن و امان رہے، (۴) اسلام کی اشاعت ظلم و ستم کی تلوار کے مقابلے میں لطف و احسان کی تلوار سے بہتر ہوسکے گی، (۵) شیعہ، سُنی، اختلافات کو ہمیشہ نظرانداز کرتے رہو کیونکہ ان سے اسلام کمزور ہوتا جائیگا، (٦) اپنی رعیت کی مختلف خصوصیات کو سال کے مختلف موسم سمجھ تاکہ حکومت بیماری اور ضعف سے محفوظ رہ سکے"۔

(سبط حسن، 2009ء، ص 212)

مغل حڪمرانن جيستائين بابر جي هن دوراندیشي ۽ دانائي تي ٻڌل اَملهه سونهري اصولن ۽ قاعدن جي پوئواري ڪئي تيستائين عوام ۽ حڪومت تي سندن گرفت ۽ رعيت جي مَن ۾ سندن لاءِ عزت به موجود رهي ۽ جڏهن انهن بابر جي هن تاريخي وصيت کان منهن ڦيريو ته اقتدار ۽ جاهه و جلال به انهن کان کسجي ويا.

پي طرف مغليه سلطنت جي زوال جو وڏو ۽ اهم سبب اهي معاشي حالتون ۽ جاگيري نظام پڻ هو، جنهن تحت امير ۽ سپه سالارن کي خدمتن عيوض جاگيرون حوالي ڪيون ويندیون هيون، پر جيئن ته انهن کي انهيءَ زمين جي مالڪي نه هوندي هئي ۽ نه ئي اهي وارثت طور منتقل ٿي سگهيون ٿي ۽ بادشاهه جڏهن به چاهيندو هو اهي واپس وٺي کين بيدخل ڪري ڇڏيندو هو. جنهنڪري ان غير يقيني واري صورتحال جي ڪري ڪنهن به منصبدار (عهديدار) اُن جاگير جي سارسنڀال ۽ بهتري لاءِ ڪوشش نه ڪئي ورتي ۽ ماڻهن کي معاشي طور نِهوڙي وڌ کان وڌ مال ميڙڻ ۾ ئي مصروف رهيا، جنهنڪري خلق خدا جون مشڪلاتون ۽ آزار وڌندا ويا ۽ اهڙي ريت عوام ۾ بيچيني ۽ حڪمرانن کان بيگانگي وڌندي رهي. معاشرو هڪ هنڌ بيهي جمود جو شڪار ٿي ويو جنهن ۾ تبديلي ۽ ترقي جو ڪو دڳ ڏسڻ ۾ ڪونه ٿي آيو.

> ''اسان کي مغليه تهذيب جي زوال جا بنيادي سبب ان خودڪفيل معاشري ۾ ڏسڻ گهرجن، جنهن کي ايجاد ۽ تخليق جي ضرورت ئي پيش نه ٿي آئي. انهن اوزارن ۾ ڪوبه گهرجي جن ۾ صدين کان ڪا تبديلي نه ٿي هئي. ان جاگيري نظام ۾ ڪوبه گهرجي جنهن ۾ وڌيڪ ترقي جي گنجائش باقي نه

رهي هئي. ان مطلق العنان شخصي حڪومت ۾ تلاش ڪرڻ ڪپي، جنهن ۾ ملڪ ۽ قوم جي قسمت جو فيصلو ڪرڻ جو اختيار بادشاهه ۽ اميرن کي حاصل هو ۽ رعيت کي کنهن به سطح تي کنهن نمائندگي جو حق نه هو ۽ نه اهي سلطنت جي ڪاروهنوار ۾ شرڪت يا مداخلت ڪري سگهيا ٿي ۽ ان فڪر ۽ عقيدي ۾ ڳولڻ گهرجي جنهن جي ڪري لکيل پڙهيل طبقو به کوهه جو ڏيڏر بنجي ويو هو ۽ سندس تلاش ۽ جستجو جي صلاحيت، چو ۽ کيئن چوٽ جي صلاحيت وڃائجي چڪي هئي. انگريز نه اچن ها ته ممڪن هو ته ايشيا جو هي مرد بيمار سؤ ٻه سؤ سال اڃا به گهلجي وڃي ها، پر ان ڪراڙي وانگر جنهن جي هٿن ۾ جُنبش جي به سگهه نه هجي پر اکين ۾ سوجهرو هجي، جو هاڻ ڪجهه به ڪري نه سگهندو هجي پر منجهس ديد جي حوس باقي هجي.'' (سبط حسن، 2009ع: ص 281)

اهڙي ريت مٿي بيان ڪيل سببن ۽ محرڪن جي ايڏي وڏي پکيڙ واري مغل بادشاهت پٽ پئجي وئي ۽ ڳڏيل هندستان ۾ هڪ ٻيو دؤر شروع ٿيو.

2.12 شاهه لطيف جي دور ۾ سنڌ جون حالتون:

شاهه لطيف 1689ع جو جنم مغل حڪومتي دؤر ۾ ٿيو ۽ 1738ع ۾ ڏکڻ سنڌ تي ڪلهوڑا راڄ قائم ٿيو. شاهه لطيف زندگيءَ جا آخري چوڏهن سال آزاد سنڌ ۾ سڪ جو ساڻُ ماڻيو. ڪلهوڑن جو پهريون وڏو ميان آدم شاهه ڪلهوڑو شهنشاهه اڪبر جي زماني ۾ هو، سنڌ تن ڏينهن ۾ ٻن حصن ۾ ورهايل هئي. اُتر سنڌ، جنهن جي گاديءَ جو هنڌ بکر (سکر) هو ۽ ٻيو ڏکڻ سنڌ، جنهن جو مرڪز ٺٽو هو. اُتر سنڌ ملتان صوبي جي حاڪم جي ماتحت هئي جڏهن ته ڏکڻ سنڌ ۾ ترخان حڪمران مرزا جاني بيگ جي حڪومت هئي. مٿس شهنشاهه اڪبر، نواب محمود صادق جي سالاريءَ ۾ لشڪر چاڙهي موڪليو پر اهو سيوهڻ کان اڳتي وڏي نه سگهيو ۽ شڪست کائي واپس ٿيو. ان کان پوءِ 1590ع ۾ مرزا عبدالرحيم خان خانان، جيڪو شاعريءَ ۾ ''رحمن'' جي نالي سان سڃاتو وڃي ٿو، اڪبر سندس سپہ سالاريءَ ۾ سنڌ ڏانهن لشڪرڪشي ڪرائي. هن کي بيرم خان به چوندا هئا. تذڪرن ۾ آيل آهي ته هو شيخ پرکيي، مخدوم سرور نوح ۽ مخدوم عثمان ديپري واري وٽ دُعا ۽ سهڪار لاءِ آيو. انهن مان صاف نموني مخدوم عثمان هن جي مدد ڪئي ۽ پٽ ڪلهوڑن جي وڏي ڏاڏي آدم شاهه ڪلهوڑي وٽ آيو ۽ فتح جي دعا گهرايائين ۽ فتح کان پوءِ ڪيس چانڊڪا پرڳڻي ۾ جاگير ڏنائين. جنهن سبب ڪلهوڑن جي سياسي ۽ سماجي اثر رسوخ ۾ واڌارو ٿيو، جنهن مان خطرو محسوس ڪندي ملتان جي گورنر آدم شاهه کي قيد ڪرائي پوءِ مارائي ڇڏيو. اهو 1592ع جو واقعو آهي. سندس مقبرو سکر ۾ 'آدم شاهه جي ٽڪري' تي آهي. ان کان پوءِ به ڪلهوڑا سياسي طور وڏيڪ مضبوط ٿيندا ويا. آدم شاهه کان پوءِ ان جو پائيٽو ميان شاهل محمد ڪلهوڑو، ان کي به شهيد ڪيو ويو. ان کان پوءِ ميان دين محمد مغلن جو قيدي ٿي گذاري ويو. اورنگزيب جي دور ۾ سلطنت جي ڪمزوريءَ سياسي ابتري سبب ۽ 1669ع ۾ فوجي مهمن جي ناڪاميءَ بعد اُتر سنڌ جي واڳ ڪلهوڑي سردار ميان يارمحمد حوالي ڪئي وئي. ڏکڻ سنڌ جيڪا 1599ع ۾ اڪبر جي حڪم سان فتح ٿي. پر شهنشاهه دوراندیشيءَ تحت وفاداريءَ جو عهد وڏي حڪومت مرزا جاني بيگ جي حوالي ڪئي. سندس وفات بعد ان جو پٽ مرزا عيسيٰ خان ترخان سنڌ جي نيم خودمختار رياست جو والي ٿيو. نيٺ 1694ع ۾ شهنشاهه جهانگير سنڌ کي الڳ صوبي جو درجو ڏنو. 1738ع ۾ مرڪز جي ڪمزور ٿيڻ سبب ڏکڻ سنڌ به ميان نورمحمد ڪلهوڑي جي دور ۾ سندس هٿ هيٺ اچي وئي. سندس لقب خدايار خان هو. هن حڪومت وسيع ڪئي ۽ بلوچستان تائين وڌايائين.

بدر ابڙو پنهنجي ڪتاب ''سنڌ جو شاهه'' ۾ لکي ٿو ته:

''سال 1740ع ۾ نادر شاهه سنڌ تي ڪاهه ڪئي جنهن کي سنڌ جي حڪومت 21 لک رپيا ڏن پري ڏنو. سال 1748ع ۾ احمد شاهه ابدالي ڪاهه ڪئي جنهن کي 14 لک رپيا ڏن پري ڏنو ويو. 1750ع ۾ سنڌ

افغانستان وٽ ڏَن پرو ٿي. 26 سيپٽمبر 1751ع تي شاهه عبداللطيف پٽائي وفات ڪئي. سال 1754ع ۾ احمد شاهه سنڌ تي ٻيهر ڪاهه ڪئي، ميان نورمحمد ڪلهوڙو لِڪي ويو ۽ وفات ڪيائين. 1758ع ۾ غلام شاهه ڪلهوڙو سنڌ جي تخت تي ويٺو.'' (بدر ابڙو، 2000ع: ص 26)

اهڙيءَ ريت شاهه لطيف جو دؤر سنڌ ۾ وڏين واقعن، اُٿلين پٿلن، جنگين، مارا ماري، تبديلين ۽ پوءِ ڪي قدر سياسي استحڪام جو دؤر نظر اچي ٿو، هتي اسين شاهه لطيف جي دؤر ڪجهه وڏن ۽ اهم تاريخي واقعن ۽ اُٿلن پٿلن جو مختصر ذڪر ڪرڻ ضروري سمجهون ٿا.

2.13 شاهه لطيف جي دؤر ۾ (ارڙهين صدي جا) سنڌ ۾ ٿيندڙ تاريخي واقعا ۽ اُٿلون پٿلون:

2.13.1 شاهه عنايت: (1656ع- 1718ع): سندن پورو نالو شاهه عنايت الله هو، اورنگزيب عالمگير جي دؤر ۾ ٺٽي کان 35 ميلن جي پنڌ تي واقع تعلقي بٺوري ۾ جاوا. سندن وڏن مان مخدوم صدّو لانگاهه جو تاريخ ۾ ذڪر ملي ٿو.

تحفة الڪرام ۾ مير علي شير قانع سندن خاندان جي بزرگن، سندن استاد ۽ خود شاهه عنايت جي زندگيءَ جو مختصر احوال آندو آهي. قانع کين ''حق کي سچاٽيندڙ پير، شريعت جو بنياد، مرشدن جو مرشد، پنهنجي وقت جو ولي ۽ الله جي درگاهه جو مقبول سڏي ٿو. (قانع، 1989ع: ص 426)

شاهه عنايت علم جي ڳولا ۾ دکن تائين وڃي پهتو ۽ شاهه عبدالملڪ کان فيض پرايائين. ان کان پوءِ دهلي جي شاهه غلام محمد کان ظاهري علم حاصل ڪيائين پر استاد تي شاگرد جي شخصيت جو ايترو اثر ٿيو جو ساٽس گڏ ٺٽي هليو آيو.

''شاهه غلام محمد جيڪو هاٽي هن مرشدن جي مرشد وسيلي ڪمال جي چوٽي تي پهچي چڪو هو، سو پنهنجي مرشد کي ظاهري معبود مقرر ڪري، حضرت شاهه عنايت جي خدمت ۾ اهڙي ته عاجزي ۽ نياز جو رستو وٺي هلندو هو جو ٺٽي جي عالمن کيس تعذير لاءِ شريعت جي عدالت ۾ حاضر ڪرايو. جيئن ته خدا وارن کي هميشه ظاهر جي عالمن کان تڪليفون پهچنديون آهن. تنهنڪري هي به پنهنجي مرشد شاهه عنايت الله اڳيان سجده تعظيم بجا آڻڻ ڪري ظاهر وارن جو طعنو يعني شرعي تعذير جهلي ارشاد موجب (شاهه عنايت جي) جهان آباد هليو ويو.'' (قانع، 1989ع: ص 426-427)

2.13.2 صوفي شاهه عنايت جي تحريڪ ۽ شهادت:

صوفي شاهه عنايت اجتماعي زراعت جو نه صرف تصور پيش ڪيو پر ان کي عملي طور ڪري به ڏيکاريو. سندن نعرو مقبول عام بڻجي ويو ۽ اڄا تائين به عام آهي ته شاهه عنايت نه صرف زمين جي ورڇ جو نظريو پيش ڪيو پر ان کان به اڳتي وڌي پيداواري عمل ۾ به گڏيل شراڪت کي لازمي قرار ڏنو.

''صوفي شاهه عنايت قانون معيشت جو اهو راز ڄاڻي ورتو هو ته اصل شيءِ پيداواري عمل آهي. دراصل مساوات اها آهي جيڪا پيداواري عمل دوران قائم ٿئي ۽ نه فقط ورڇ دوران، ائين ته چور ۽ ڏاکوئن جا ٽولا به پاڻ ۾ مال ورهائي کائيندا آهن. حقيقت اها آهي ته دولت جي منصفانه تقسيم پيداواري عمل ۾ مساوي شرڪت کان سواءِ ممڪن ئي ناهي.'' (سبط حسن، 1990ع: ص 204-205)

صوفي شاهه عنايت هڪ باعمل اڳواڻ ۽ رهبر هو. هن عام رواجي عالمن، صوفين وانگر هر حال ۾ رب جي رضا تي راضي رهڻ، سڪجهه سهڻ ۽ ڪجهه نه ڪُڇڻ ۽ فقط آخرت جو ثمر گڏ ڪرڻ ۽ اُتي ئي دنياوي مصيبت ۽ ڏکن جو بدلو ۽ ثمر ماڻڻ جون خوشخبريون ٻڌائڻ بجاءِ مُدي خارج ۽ بيڪل پاٽي وانگر سينوارجي ڌپ ڪري ويل جاگيرداري سماج کي ڪاپاري ڏڪ هڻڻ لاءِ پنهنجن ماڻهن کي نظريو ڏنو، منظم ڪيو، جدوجهد ۽ جنگ

ڪئي. هن پنهنجي سوچ، نظريي، نعري ۽ فڪر، ”جو ڪيڙي سو ڪائي“ ڪي عمل ۾ آڻي نهايت ڪاميابي سان حقيقت جو روپ ڏنو. جيئن جيئن سندن نظريي ۽ نئين تجربي جي هاڪ پکڙجڻ لڳي، تيئن تيئن ماڻهو ٽولن جي صورت ۾ سندن حلقي ۾ شامل ٿيڻ لڳا. هتي مٿن نه ڪو ڏاڍ، نه ٽئڪس، نه ظلم ۽ نه زور آوري هئي. آسپاس جي زميندارن جي هارين پڻ زميندارن جي اهڙي نظام بابت ڳالهيون ۽ مطالبا ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيا. جيڪا ڳالهه زميندارن کي قطعي قبول نه هئي. جيئن شاهه عنايت جهوڪ ۾ ڪري رهيو هو. اهڙيءَ ريت شاهه ڪريم بلڙي واري جي جانشين سندن پوٽن سيد عبدالواسع ۽ سيد عبدالجليل ۽ شيخ زڪريا بهاءُالدين جي جانشين شيخ سراج الدين جا مريد پڻ صوفي شاهه عنايت جي حلقي ۾ شامل ٿيڻ لڳا ته انهن گادي نشينن کي به ان ڳالهه تي سخت بچان لڳي.

> ”فقيرن جي جماعت ڪن سلسلن جي پيرن جي اک ۾ ڪنڊي وانگيان ڇُپڻ لڳي“ (قانع، 1989ع: ص 427)

مٿين مرشدن ۽ زميندارن جو ٽولو نيٺ صوفي شاهه عنايت ۽ سندس فقيرن جي جماعت خلاف ٿئي جي صوبيدار وٽ دانهين ٿيو. صوبيدار هن معاملي ۾ پوڻ مناسب نه سمجهيو، البته زميندارن ۽ مرشدن کي اشارة اجازت ڏني وئي ته هو صوفي شاهه عنايت سان پنهنجي زور بازو سان نبري سگهن ٿا. ان کان پوءِ مٿئين ٽولي گڏيل سازش ڪري صوفي شاهه عنايت ۽ ان جي فقيرن تي وڏو حملو ڪيو ۽ ڪيترائي فقير شهيد ڪيا ويا. فقير هن بي گناهه ۽ بي سبب ڏاڍ ۽ قتل و غارت گري خلاف وقت جي بادشاهه وٽ دانهين ٿيا، جتان ملوٽ ملزمن کي پيش ٿي ڏنڊ ڏوهه پرڻ جو حڪم ٿيو. جنهن جي تعميل نه ٿيڻ جي صورت ۾ خون بها طور انهن قاتلن جون زمينون ضبط ڪري مقتولين کي ڏنيون ويون. ان واقعي کان پوءِ فقيرن جون دليون اڃان وڌيون ٿي ويون. زميندارن ۽ پيرن مرشدن جو اهو رعب ۽ دٻدٻو نه رهيو ۽ ڏورانهن علائقن جا ماڻهو به اچي صوفي شاهه عنايت جي حلقي ۾ شامل ٿيڻ لڳا.

ان وقت مغل بادشاهه فرخ سير 1716ع ۾ مير لطف علي خان جي جاءِ تي نواب اعظم خان کي ٿئي جو صوبيدار مقرر ڪيو، زميندارن صوبيدار جي تبديلي جو فائدو وٺڻ جو رٿيو ۽ اُهي اعظم خان کي صوفي خلاف قدم کڻڻ تي راضي ڪرڻ ۾ ڪامياب ويا.

نواب اعظم خان صوفي شاهه عنايت خلاف مغل فرمان روا فرخ سير کي شڪايت ڪئي ته ”صوفي شاهه عنايت ۽ ان جا فقير سلطنت جي دعويداري ۽ خليفة الله جو حڪم مڃڻ کان انڪاري آهن.“ وقت جي بادشاهه حقيقت جي جانچ ڪرڻ بنا باغين خلاف طاقت جي استعمال جو حڪم ڏئي ڇڏيو.

مولانا غلام رسول مهر ’تاريخ سنڌ- ڪلهوڑا دور‘ ۾ ’مقالات الشعراء‘ جي حوالي سان حاشيي ۾ ٿئي جي نئين صوبيدار نواب اعظم کي صوفي شاهه عنايت سان ذاتي بغض هجڻ بابت به لکيو آهي.

> ”روايت آهي ته اعظم خان هڪ پيري صوفي شاهه عنايت سان ملاقات لاءِ ويو فقيرن کيس اهو چئي باهر بيهاري ڇڏيو ته ’حضرت آورد و وظائف ۾ مشغول آهن.‘ جڏهن ملاقات ٿي ته اعظم خان کيس چيو ته ”درويش جي دروازي تي دربان چگا نه آهن، پاڻ بنا ڪنهن هيڪ جي جواب ڏنائون ته ’صحيح آ، ته جيئن دنيا جو ڪُتو اندر نه اچي سگهي.‘ اها ڳالهه اعظم خان جي ذاتي عناد جو سبب بڻي.“ (مهر، 1996ع: ص 247)

مرڪزي سرڪار کان پروانو ملندي ئي نواب اعظم خان سنڌ جي سڀني جاگيردارن، پيرن، سردارن کان مدد طلب ڪري ورتي.

> ”اهڙيءَ ريت اهڙي فوج سان فقيرن تي حملو ڪيو ويو، جيڪا بيشمار هئي ۽ ڪيڙن ماکوڑن کان به وڌيڪ هئي ۽ سبي ۽ ڏاڏر کان سمنڊ تائين واري علائقي مان جمع ڪئي وئي هئي.“ (قانع، 1989ع: ص 31)

آڪٽوبر 1717ع جي مهيني ۾ شاهي لشڪر جهوڪ پهتو، هن لشڪر جو مهندار خدايار

خان کلهوڑو به وڏو ڪڪ ڪاهي پهتو، چار مهينا گهيرو جاري رهيو. هوڏانهن فقيرن شاهي فوج تي راتاها هٽڻ جاري رکيا. جنهنڪري شاهي لشڪر ناڪام ۽ نامراد رهيو. نيٺ ٻي ڪا واهه نه ڏسي دغا کان ڪم وٺندي، صوفي شاهه عنايت کي صلح جي آڇ ڪيائون.

”خدايار خان ڪلهوڑو ۽ سندس پٽن ۽ سالارن قرآن وچ ۾ رکي عهد ڪيو ته فقيرن جي جان ۽ مال کي نقصان نه پهچندو.“ (قانع، 1989ع: ص 33)

اهڙيءَ ريت دغا ۽ فريب سان صلح نامي تي دستخط ڪرڻ جي بهاني صوفي شاهه عنايت کي نواب اعظم خان جي خيمي ۾ آڻي گرفتار ڪيو ويو ۽ فقيرن جو قتلِ عام شروع ڪيو ويو، هي 1 جنوري 1718ع جو ڏينهن هو، 7 جنوري 1718ع تي اعظم خان جي حڪم سان صوفي شاهه عنايت جو سِر ڌڙ کان ڌار ڪري شهيد ڪيو ويو.

صوفي شاهه عنايت جي شهادت ۽ جهوڪ جي وستيءَ جي بربادي کان پوءِ به وقت جي حاڪمن تي فقيرن جي هيبت ۽ هشمت طاري رهي. ”اعظم خان اعلان ڪرائي ڇڏيو ته اگر ڪنهن جي زبان مان لفظ ’الله‘ (جو فقيرن جو نعرو هو) بلند آواز سان نڪري ته ان جو سِر ڌڙ کان ڌار ڪيو وڃي.“ (قانع، ص 47)

ان عجيب ۽ ظالمانه حڪم بابت مير علي شير قانع هيئن تبصرو ڪري ٿو:

”سبحان الله، ڇا خدا جي خدائي آهي جو ان جو نانءُ ونڊ تي سِر قلم ٿيندا هئا.
پر عاشقن جو اهوئي رستو آهي.“ (سبط حسن، 1990ع: ص 217)

ميان يارمحمد ڪلهوڑي کي سندس ان ڪارنامي عيوض ڪيترائي علائقا انعام طور عطا ڪيا ويا.

صوفي شاهه عنايت ان وقت جي جاگيرداري جي بي رحم ۽ رت پياڪ نظام خلاف اجتماعي زراعت جو نعرو ڏنو ۽ آخري پَل تائين پنهنجي عزم ۽ ارادي کان تِر جيترو به پوئتي نه هٽيا. پر ان هوندي به هو رياستي ۽ جاگيرداري ڌاڙي، جبر ۽ ناانصافي جا ڪوٽ نه ڪيرائي سگهيا، ڇو ته اهڙي گڏيل زراعت ۽ مساوي ورڇ واري سوشلسٽ نظام لاءِ ان وقت حالتون سازگار نه هيون ۽ انهن جو اهو سپنو ساڀيان نه ماڻي سگهيو.

”هو اهو خواب گهٽ ۾ گهٽ به صديون پهرين ڏسي رهيا هئا. جڏهن ان خواب کي حقيقت بنائڻ لاءِ نه معروضي حالات موجود هئا ۽ نه موضوعي حالات موزون هئا ۽ نه پيداواري قوتن ايتري ترقي ڪئي هئي، جو فيوڊل ازم جو خاتمو اٽڪل ٿي ويو هجي. ارڙهين صدي جو پورهيت طبقو سنڌ ۾ اهو سوچي به نه پيو سگهي ته نوابن ۽ جاگيردارن جي هٿن مان سياسي طاقت کسي پاڻ اقتدار حاصل ڪجي. جهوڪ وارن ته سنڌ ڇا ڪڏهن ڏٺي ته به قبضي جو نه سوچيو هو.

اهڙي صورت ۾ صوفي شاهه عنايت جي تجربي کي لازمي طور ناڪام ٿيڻو هو سو ٿيو.“ (سبط حسن، 1990ع: ص 218)

شاهه عنايت اجتماعي زراعت جو نظريو پيش ڪري ۽ ان کي ڪاميابي سان عمل ۾ آڻي هڪ تاريخ رقم ڪئي. صوفي شاهه عنايت جي شهادت وقت شاهه عبداللطيف ڀٽائي ڏوهه جواني واري دؤر ۾ هئا. شاهه عبداللطيف ۽ صوفي شاهه عنايت جي ملاقات جو ذڪر تاريخن ۾ موجود ملي ٿو. صوفي شاهه عنايت جي تحريڪ ۽ شهادت واري واقعي جو اثر شاهه عبداللطيف جي سوچ، فهم ۽ فڪر تي پوڻ لازم آهي، پاڻ سندن شهادت تي هي بيت چيائون:

اڄ نه اوطاقن ۾، طالب تنوارين،
آديسي اُٺي ويا، مڙهيون مون مارين،
جي جيءَ کي جيارين سي آديسي اُٺي ويا.
(آڏواڻي، 2013ع: 337)

سنڌ جي سيلاني ۽ دانشور بدر ابڙو صوفي شاهه عنايت جي هلچل کي هڪ نظريي ۽ پروگرام تي ٻڌل تحريڪ ڪوٺي ٿو.

”هن بغاوت کي هارين جي جدوجهد چوڻ وڌيڪ بهتر ٿيندو، ڇاڪاڻ ته

هي تحريڪ هڪ پروگرام تي ٻڌل ۽ نظرياتي تحريڪ هئي. جنهن جا مکيه مَتا ۽ عمل ڪجهه هن ريت نظر اچن ٿا: (1) گڏيل ملڪيت، (2) گڏيل محنت ۽ پوڪ، (3) اپت جي برابر تقسيم، (4) ذات پات ۽ قبيلي کان بالاتر ساڻ، (5) مذهبي ڪٽرپڻي جي مخالفت، (6) جاگيردار دشمني، (7) ڌارين کان آزادي، (8) انهن سوچن جو پرچار، (9) بچاءَ لاءِ سگهه جمع ڪرڻ، (10) تنظيم ڪاري. (بدر ابڙو، 2000ع: ص 90)

فاضل مصنف شاهه عبداللطيف جي سُر ڪاهوڑي کي صوفي شاهه عنايت ۽ ان جي ساٿين ڏانهن ارپنا ڪيل ۽ انهن جي جدوجهد جي پسمنظر ۾ لکيل ڄاڻايو آهي.

”سُر ڪاهوڑي انهن هارين جي پسمنظر ۾ لکيو ويو آهي، جيڪي شاهه عنايت جا ساٿي هئا. هن سُر منجهان محسوس ٿئي ٿو ته نوجوان پڻائي پنهنجو پاڻ کي هن تحريڪ لاءِ جسماني طور ارپڻ خاطر نڪتو هو پر ان کان اڳ به سندس سوچ، پرچار ۽ همدرديون ڪاهوڑين سان وابسته هيون.“ (ابڙو، 2009ع: ص 91)

شاهه عبداللطيف پڻائي صوفي شاهه عنايت جي تحريڪ ۾ پاڻ ارپڻ نڪتو هو يا نه، ان بابت قطعي طور تي ڪجهه نٿو چئي سگهجي، پر اها ڳالهه پڪ سان چئي سگهجي ٿي ته شاهه لطيف جهڙو سجاڳ ۽ ساڃاهه وند پنهنجي دؤر ۾ پنهنجي ئي وطن ۾ ٿيندڙ، هن ايڏي وڏي تحريڪ، بغاوت ۽ ان جي جواب ۾ ايڏي وڏي فوج ڪشي ۽ قتلام کان ضرور پلي پٽ واقف هوندو ۽ ان جا ذهني ۽ فڪري اثر ضرور قبول ڪيا هوندا.

2.14 عبدالرحمان کهڙن واري جي شهادت:

کهڙا جي مخدوم عبدالرحمان کي ميان نورمحمد ڪلهوڑي جي دؤر ۾ سندس ئي حڪم تي مسجد اندر نماز پڙهندي ۾ سؤ ساٿين سميت شهيد ڪيو ويو. هي واقعو 1733ع جو آهي، مير علي شير قانع ڪيس قاضي عبدالرحمان ڪوٽيو آهي.

”دين جي فيصلن ۾ ڏاڍي ڪوشش ڪندو هو، هڪ وڏي جماعت سندس اشاري تي هلندي هئي. آخر هڪ هدايت واري جماعت سان اسلام جي حمايت ۾ مسجد اندر نماز پڙهندي شهيد ٿيو.“

(قانع، 1989ع: ص 336-337)

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ڪيس عبدالرحمان شهيد سڏيو آهي.

”قاضي عبدالرحمان جنهن کي اڇڪلهه مخدوم عبدالرحمان شهيد جي نالي سان ياد ڪيو وڃي ٿو. تنهن جي نسب جو سلسلو حضرت رسول الله صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي چاچي سڳوري حضرت عباس سان ملي ٿو.“

(بلوچ، 1989ع: ص 337)

مخدوم غلام محمد بگائي سندس شهادت تي الف اشباع جي صورت ۾ دردانگيز مرثيو لکيو جنهن ۾ ميان نورمحمد جي مذمت ۽ ملامت ڪيائين ۽ جمعي جي نماز تي ميان نورمحمد جي روبرو پڙهيائين:

چٽ چِنئي، ترهو ٽٽئي، ٻيڙي ٻوڙياءِ،
شال نه هوندين سرخرو، ڪوڙهيا ڪان پياءِ.

سچ ته اهڙي جرئت ۽ بيباڪي تي غلام محمد بگائي جَس لهڻي.

مخدوم عبدالرحمان شهيد جي وفات وقت سندن فرزند مخدوم محمدي ۽ مخدوم احمدي ٻئي تمام صغير هئا. مخدوم احمدي پنهنجي وقت جو وڏو ديني عالم ٿي گذريو آهي. پاڻ 1174هه/1749ع ۾ گادي نشين ٿيو. شاهه عبداللطيف پڻائي ساٿس ملاقات لاءِ کهڙا ڪهي ويو ۽ شهر ٻاهران منزل ڪيائين. مخدوم محمدي کيس پاڻ وٽ اچڻ جي دعوت ڏياري موڪلي، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکي ٿو ته:

”غالباً شاهه اڳ مخدوم عبدالرحمان شهيد سان مليو هو. جنهن کي پوءِ ميان نور محمد ڪلهوڑي 1145هه تي شهيد ڪرايو. انهيءَ اڳئين لاڳاپي جي ڪري مخدوم موصوف حجت

سان چوائي موڪليو ته، هت اسان وٽ اڃي رهو، پر شاهه لطيف هڪ فقير وٽ لٿو هو، سو رات اُتي ئي رهڻ مناسب سمجهيائين، انهيءَ تي ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي تحقيق موجب ميين شاهه عنات جو جنم: 1030-1035هه/وفات: 1020-1025هه ڏاري ٿي هوندي.
شاهه صاحب ڏکر جي ٽکر تي آگر سان هي بيت لکي مخدوم محمديءَ ڏانهن ڏياري موڪليو:

”اڄ نه آيس آنءُ، صبح ايندس سپرين،
توتي جنهن جو نانءُ، سو ڪٽي بار کهين جو.“
(بلوچ، 2009ع: 37-38)

اهڙي ريت هن واقعي مان اهو ثابت ٿيو ته شاهه عبداللطيف پٽائي ڪلهوڙن حاڪمن جي ڏهڪاءُ پکيڙيندڙ هن قتلام کان نه صرف باخبر هو پر ڪيس ان جو ڏاڍو رنج ۽ ملال پڻ هو ۽ اهو ته حق جي راهه تي هلندڙ عالمن ۽ اڳواڻن سان سندن قربت، رابطو ۽ ميل جول هميشه قائم رهيو ۽ اهو پڻ ثابت ٿئي ٿو ته شاهه صاحب عملي انسان هئا ۽ پنهنجي وقت جي ٻين عالمن وانگر گهر ويني رڳو سڪٽيون ڳالهيون نه ڪندا هئا پر حق ۽ سچ جي راهين سان سندن روابط قائم رهيا.

جئن جئن ورق ورائين، تئن تئن ڏٺو ڏوهه،
تنهن ڪهڻيءَ ڪبو ڪوهه، جي رهڻيءَ نه رهيو سپرين.
(آڏواڻي، 34)

2.15 شاهه لطيف جي دؤر جون علمي ادبي ۽ ثقافتي حالتون:
2.15.1 علمي ۽ ادبي حالتون:
شاهه عبداللطيف پٽائي جي آخري دؤر ۾ ڏکڻ سنڌ تي ڪلهوڙن جو راڄ هو. ڪلهوڙن جو حڪومتي ۽ معاشي ڪاروهنوار ته ساڳيو روايتي ئي رهيو جيڪو ارغون، ترخان ۽ مغل حڪمرانن جو هو، پر ڪلهوڙن حاڪمن ۽ انهن جي سرائي مريدن ٽالپرن ۽ ٻين جي اچڻ سان عام خلق کي ڏارين حڪمرانن جيان پنهنجائپ ۽ ويجهڙائي محسوس نه ٿي. سنڌ جون زمينون سرائي مريدن جي حوالي ڪيون ويون. ان هوندي به انهيءَ دور ۾ اڳئين دور جي ٻيڻ ۾ وڌيڪ زرعي ترقي ٿي. ڪلهوڙن جو دؤر سنڌي علم و ادب ۽ ثقافت لاءِ گهڻو بهتر ثابت ٿيو.
ڊاڪٽر ايڇ.آءِ سدارنگاڻي ڪلهوڙا دور جي هڪ پاسي عدم استحڪام ۽ افراتفري ۽ ٻئي پاسي علم و ادب جي ترقي بابت لکيو آهي ته:

“It is a Significant fact that the Kalhora Period in Sindh, though full of anarchy and bload shed, is the most fruit full in the production of literature, Specialy poetry. (Sadarangani, 1987.A.D, P.83)

ڪلهوڙن جي دؤر کي سنڌي ادب جو سونهري دؤر سڏيو وڃي ٿو. جنهن جو هڪ وڏو ۽ مکيه ڪارڻ شاهه عبداللطيف پٽائيءَ جهڙو عالمي ۽ آفاقي شاعر آهي. جنهن سنڌي شاعري کي فني توڙي فڪري لحاظ کان وڏي اوج تي آڻي بيهاريو. هن دؤر ۾ بيتن سان گڏ وائي جو رواج به عام ٿيندو ويو. شاهه عبداللطيف پٽائي کان اڳ تصوف ۽ طريقت جو فڪر رکندڙ ۽ اعليٰ فني شعري خوبيون رکندڙ پهرين وڏي شاعر قاضي قاضن ۽ شاهه عبدالڪريم بلڙي واري ۽ ٻين اساسي شاعرن جون ادبي روايتون موجود ملن ٿيون.
شاهه عبداللطيف پٽائي جي دؤر جي سياسي ڪن خاص ۽ نامياري شاعرن ۽ عالمن جو احوال ڏيڻ ضروري سمجهون ٿا ته جيئن ان دؤر جي علمي ۽ ادبي حالتن جو جائزو وٺي انهن جو بهتر نموني اپياس ڪري سگهجي.
2.15.2 ميين شاهه عنات رضوي:
ميين شاهه عنات رضوي جنهن جو مڪمل رسالو موجود آهي. هن جي رسالي ۾ 22 سُر آهن. هي شاهه عبداللطيف پٽائي جو وڏو همعصر هو. شاهه عبداللطيف پٽائي جوان ئي هو

ته ميين صاحب وفات ڪئي.

ڊاڪٽر عبدالجبار جوٽيجو ”سنڌي ادب جي مختصر تاريخ ۾“ لکي ٿو ته:

”سندس ڪلام گھڻو عرصو وقت جي دز هيٺيان ڊڪيل رهيو. سندس فقط ڪي بيت ’شاهه جي رسالي‘ ۾ موجود هئا. ”شاهه عنات جو ڪلام گھڻو وقت هڪ محدود دائري ۾ رهيو. سندس رسالو ڇپيل نه هو ۽ ڪيترو ڪلام ’شاهه جي رسالي‘ ۾ گڏيل رهيو. جڏهن ڪلام ڇپجي ظاهر ٿيو ۽ ان جو هڪ حصو عالمن وٽ پهتو ته ڪن بزرگن تڪڙ ۾ راءِ ڏيڻ جي عادت سبب کيس شاهه پٽائيءَ کان وڏو شاعر ڪري ظاهر ڪيو.“ (جوٽيجو، 1994ع: ص 85)

شاهه عنايت جو ڪلام پوءِ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ ۽ ٻين جي ڪوشش سان ڇپجي ظاهر ٿيو. اهڙيءَ طرح سان شاهه ڪريم ۽ شاهه لطيف جي وچ واري دؤر جو جيڪو شاعري جو خال هو. اهو پرجي ويو. شاهه لطيف جي شاعريءَ تي شاهه عنايت جي فن ۽ فڪر جو اثر نمايان نظر اچي ٿو. ڊاڪٽر بلوچ لکي ٿو ته:

”عام سنڌي داستانن ۽ مشهور عنوانن جي تاجي پيڻي ۾ اُٽيل ۽ سُر وار بيتن ۽ واين جي سٽاءَ ۾ سمايل شاعري جي سنوارينڊڙن، سينگارينڊڙن ۾ ميين شاهه عنات ۽ شاهه عبداللطيف جو شرف مڙني کان مٿانهون آهي. ٻئي هن تحريڪ ۾ پائيوار آهن. بلڪ ٻئي هن تخليق لاءِ فطرت طرفان چٽيل جاڙا ٻار آهن. ٻئي ساڳي صورت جون ٻه اکيون آهن. ٻئي ساڳي سِپ جا ٻه موتي آهن. البته سنڌي شاعري جي فن ۽ ان جي اسرندڙ فڪر جي ارتقائي تقاضا موجب ٻنهي مان هرهڪ ٻنهنجو ڪم ڪيو. ميين شاهه عنات قالب گھڙيا ته پٽائي صاحب اهي سوڌي، سنواري پريا. ميين شاهه عنات ديوارون کنيون ته پٽائي صاحب ديوارون آڏيون ۽ ميين شاهه عنات صورتون ايجاد ڪيون ته پٽائي صاحب اُهي روح ڦوڪي جاڳايون. ميون شاهه عنات ڇڻ ته پٽائي صاحب جي آمد لاءِ اڳواڻ بڻجي آيو ۽ اچي ميدان سنواريائين، جنهن ۾ پٽائي صاحب پوءِ ڪوئنٽل ڪڍايا.“

(بلوچ، 2010ع: ص 66)

شاهه لطيف جي عمر 20 کان 22 سال هوندي جو ميين شاهه عنات وفات ڪئي، ميين شاهه عنايت ۽ شاهه لطيف پٽائي جي ملاقاتن ۽ رهاڻن جا احوال پڻ ملن ٿا.

2.15.3 شاهه عنايت شهيد (1656ع – 1218ع):

شاهه عنايت جي سوانح ۽ جدوجهد جو جائزو هن باب جي پهرين پاڳي ۾ ورتو ويو آهي. هتي سندس شاعراڻي خوبي کي بيان ڪيو ويندو.

جيئن ته شاهه عنايت شهيد شاهه لطيف جي دؤر ۾ ئي هئا ۽ سندن شاعراڻي خوبي جي پلي پت جاڻ ملي ٿي.

”سندس جيڪي ٻه ٽي بيت ڇاپي هيٺ آيا آهن، تن جي زبان ۽ رواني کي ڏسي اندازو لڳائي سگھجي ٿو ته گھڻو ڪلام ڇيو هوندائين، طرز ۽ مضمون خاص طور همعصر دؤر وارو آهي.“

متان ڪي ماندي ٿئين، اڳيان وندر ٿيندئي وس،
اوٽين جا عنايت چئي، ڏونگر ڏيندئي ڏس،
سندي چانگھن چس، پير ٽرندءِ پب ۾.

(جوٽيجو، 1994ع: ص 124)

2.15.4 جمن چارڻ: هي به شاهه لطيف جو همعصر هو، هن جون مناجات سنڌ ۾ مشهور رهيون آهن، جڳ مشهور مناجات ”پير پيران بادشاهه“ سندس ئي ڪمال فن آهي، هي گمبٽ جو هو.

ڪلهوڙا حاڪم نورمحمد ڪلهوڙي ۽ قلات جي حڪمران عبدالله خان جي جنگ جو

به شعرن ۾ ذکر ڪيو اٿس.

2.15.5 خواجه محمد زمان لنواري وارو (1775-1713ع):

خواجه صاحب جو ڪلام فن ۽ فڪر جي ميدان ۾ نشانبر آهي. هي به شاهه لطيف جا همعصر آهن. تاريخ جي ڪتابن ۾ ٻنهي هستين جي ملاقات جا احوال پڻ موجود آهن. خواجه صاحب سان ملاقات کان پوءِ شاهه لطيف اڪثر هي بيت جهونگاريندا هئا.

مون سي ڏٺا ماڻُ، جيئن ڏٺو پرينءَ کي،
تنين سندي ڪا، ڪري نه سگهان ڳالهڙي.
(بلوچ، 2009ع: 129)

عبدالرحيم گرهوڑي سندس ڪلام جي شرح لکي آهي، خواجه صاحب جو ڪلام روحاني رمزن ۽ تصوف جي اپٽار سان پُر آهي. صوفين جي ست ۾ سندن مقام ۽ مرتبو تمام مٿانهون ۽ معتبر آهي، سچن ۽ حقيقي عارفن ۽ عاشقن بابت چيائين ته:

عارف ۽ عشاق، پسڻ گهرن پرينءَ جو،
جنت جا مشتاق، اجا اورانهان ٿيا.

محبوب جي گهڙي پل جي ديدار ڪاڻ ٻئي جهان به گهوري ڇڏڻ کي ب گهاٽي جو سودو نڪو سمجهي.

گهوريان هي جهان، هو پڻ گهوري ڇڏيان،
پلڪ پريان ساڻ، جي مون سَري جيڏيون.

پاڻ 1184هه ۾ وفات ڪيائون.

2.15.6 عبدالرؤف پٽي هالائي (1682ع-1752ع): هي مشهور مولودي شاعر شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو همعصر هو، سندس مشهور مولود ”منارا مير مرسل جا ڏسان سپ ڏيهه شل ڏوري“ هنڌين ماڳين مشهور ٿي، مخدوم احمد جي اولاد مان هو.

”سنڌي شعر چوڻ وارن ۾ عبدالرؤف جو نالو مولود گوئي جي علامت آهي.“

منارا ميرسل مرسل جا، ڏسان شل ڏيهه سپ ڏوري!
(جوٽيجو عبدالجبار، 1994ع)

2.15.7 مخدوم معين ٺٽوي (وفات: 1747ع): هي وڏو اهل علم، عالم سان شاعر ٿي گذريو آهي، شاهه لطيف جو همعصر، ساٿي ۽ دوست هو، شاهه لطيف ۽ سندس ملاقاتون اڪثر ٿيندڙيون رهنديون هيون.

”سماع کي پسند ڪندڙ ۽ علم موسيقي کان واقف هو، محققانه شعر چوندو هو.، فارسي ۾ تسليم ۽ هندي ۾ ببراڳي تخلص هئس. شاهه لطيف سندس لاءِ چيو ته ”ٺٽي جو ڏسڻ سندن ڪري ئي ٿيندو هو، بس اڄ کان پوءِ بند آهي.“ (قانع، 1989ع: ص 564)

پاڻ سن 1160هه ۾ وفات ڪيائون.

2.15.8 مخدوم ابوالحسن (تاريخ پيدائش اندازا 1010هه): سنڌيءَ جي پهرين عربي فارسي الفابيٽ جو مؤجد هو، سندس دؤر ۾ اهو هڪ وڏو مسئلو هو ته سنڌيءَ ۾ ڪا مقرر الفابيٽ موجود نه هئي. ان وقت مختلف صورتن ۾ لکيو ويندو هو. جنهن کي اندازي سان پڙهي سگهبو هو. هن پنهنجي جوڙيل الفابيٽ ۾ پهريون سنڌي ڪتاب ’مقدمة الصلوات‘ لکيو. جنهن ۾ نماز پڙهڻ، وضو ڪرڻ ۽ ٻيا ديني احڪام ۽ ارڪان سولي سنڌي ۾ سمجهايا ويا هئا. ڪتاب بابت لکي ٿو ته،

ڪارڻ طلب طالبين رسالو لکيوم،
مقدمة الصلواة سنڌي نالو تنهن رکيوم.
(بلوچ، 1999ع: 375)

1853ع ۾ انگريز سرڪار طرفان سنڌي ٻولي بابت قائم ڪيل ڪميٽي سندس ڪافي اکر ساڳئي هيئت ۾ قائم رکيا.

2.15.9 مخدوم ضياءُالدين: 1677ع ۾ پيدا ٿيو، سندس ڪتاب ”مخدوم ضياءالدين جي

سنڌي“ سنڌين واري ديني تعليمي سلسلي جي هڪ ڪڙي آهي، جنهن ۾ ديني ۽ شرعي فرض ۽ مسئلن کان واقفيت ۽ ديني ارڪانن جي ادائيگي جا طور طريقا سهڻي نموني سمجهايل آهي.

2.15.10 مخدوم محمد هاشم ٺٽوي: (1690ع- 1761ع)

ٺٽي جي تعلقي ميرپوربٻوري ۾ پيدا ٿيو. مخدوم ضياءُالدين کان به تعليم پرايائين. سنڌي، عربي ۽ فارسي ۾ تصنيفون اٿس. روايتن موجب سندس ڪتاب ”جامع الاظهر “ ۾ پڙهايا ويندا هئا. ”فرائض اسلام“ ۾ اسلامي فرض بيان ڪيائين ۽ ديني ڄاڻ ڏني اٿس. الف اشباع جي قافيي تي آڏاريل آهي. ظاهري ديني لوازمات ۽ مذهبي سخت گيري جي ڪري صوفين ۽ بين اعتدال پسند حلقن ۽ محققن مٿس تنقيد ڪئي آهي.

”جيتوٽيڪ محمد معين وغيره جهڙن وقت جي عالمن سان مخالفت هوندي هئس. تڏهن به سنت، جماعت جي مذهب جي تقويت ۽ دين متين جي رسمن زنده ڪرڻ ۾ پنهنجو مٺ پاڻ هو. سندس وقت ۾ سوين ذمي (ڪافر) ايمان سان مشرف ٿيا. نادر شاهه ۽ احمد شاهه جهڙن وقت جي بادشاهن سان خط و ڪتابت جو رستو ڪليل رکندو هو.“

(قانع، 1989ع: ص 656)

مطلب ته مذهبي سختي ۽ جبر کي لاڳو ڪرڻ لاءِ هر قسم جي طاقت، قوت ۽ وسيلا استعمال ڪيائين. هي بزرگ به شاهه عبداللطيف ڀٽائي جو همعصر هو. جنهن مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته شاهه لطيف جي دؤر ۾ سنڌ اندر هن قسم جون بنبياد پرست، سخت گير مذهبي انتهاپسندي واريون تحريڪون، ڪوششون ۽ ڪاروايون پڻ جاري هيون، جن جي جواب ۾ شاهه لطيف ۽ سندس پين همعصر صوفين، شاعرن مذهبي رواداري، روشن خيالي، اعتدال پسندي ۽ مذهب جي حقيقي پيغام، سوچ ۽ عمل کي اُجاگر ڪيو.

2.15.11 ميان صاحبڏنو فاروقي (جنم: 1697ع، وفات: 1788ع) :

سچل سرمست جو ڏاڏو هو. جنهن سندس پرورش پڻ ڪئي. پنهنجي وقت جو وڏو عالم ۽ صوفي بزرگ هو. شاهه عبداللطيف ڀٽائي ساڻس رهاڻ لاءِ اڪثر ڪَهي ويندو هو. مشهور آهي ته اهڙي ئي هڪ ملاقات دوران شاهه صاحب ننڍڙي سچل کي ڏسي فرمايو ته، ”اسان جيڪو ڪُنو چاڙهيو آهي، ان جو ڏَڪ هي نينگر لاهيندو.“

ميان صاحب 1192هه ۾ وفات ڪئي.

شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي دؤر جي مشهور و معروف شاعرن، صوفين ۽ بزرگن عالمن جي احوال مان اها ڳالهه روز روشن جيان عيان ٿي بيهي ٿي ته شاهه لطيف جو دؤر علمي ۽ ادبي لحاظ کان گوناگون موتين ۽ مٽين، هيرن ۽ جواهرن سان مالامال هو. شعر ۽ ادب جي اُپ جا سدا روشن ستارا به هن دؤر ۾ ئي جڳمگايا. شريعت ۽ طريقت جي ڪشمڪش ۽ ويڑهه ته گهڻي پراڻي آهي پر اُن دؤر ۾ ئي ان ويڑهه ۾ شدت ۽ تيزي آئي ۽ ان جو عملي اظهار ۽ نمونو (شاهه عنايت شهيد جي تحريڪ) ۾ ڏسڻ ۾ اچي ٿو.

ساڳئي طرح صوفياءِ ڪرام جي مڪتبه فڪر وحدت الوجود ۽ وحدت الشهود جي زور آزمائي ۽ چڪتاڻ پڻ جاري رهي ته عالمن ۽ شاعرن وچ ۾ مناظرا ۽ مقابلا به چوٽ چڙهيل هئا.

”شاهه جي زماني جو عالمانه ماحول مناظرن ۽ خودثنائي تي ٻڌل هو. علم ۽ فضل جي دعويٰ ڪندڙ، ڪو سوال يا بيت جي هڪ سٽ پنهنجي حريف کي لکي موڪليندا هئا ۽ پوءِ سندس موٽ مان وڏون ڪيڙ جي ڪوشش ڪندا هئا. شاهه لطيف ۽ دعويدار عالمن ۾ اهو فرق هو ته لطيف هڪ سياح، مشاهدي نگار عالم هو ۽ سندس مخالف مسند نشين، گوشي نشين ۽ لکير جا فقير هئا. مخدوم عبدالباسط الائي هڪ مصرع طرح لکي موڪليو.

”اسان ٻنهي پاڻ ۾ جهنگ پيچي جهوڪون ڪيون.“

شاهه لطيف گرهه لڳائڻ بجاءِ هي بيت لکي موڪليو.

”جهنگ واريون جهوڪون پري، تهان پوءِ ڇوٽ،
قريباڻي ڪوٽ، اچا به آڳاهون سجهي.“

(صديقي، 2009ع: ص)

اهڙي ريت شاهه صاحب ان ماحول کي سڌارڻ جي کوشش ڪئي، جنهن جي نتيجي ۾ مٿس ٻئي طرف کان تهمتون، تبرا ۽ الزامن جا تير به وسايا ويا.

2.16 سنڌي الفابيٽ جي جوڙجڪ ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ تعليم ڏيڻ جو سلسلو:

هن دؤر ۾ سنڌي الف- ب جي جوڙجڪ ڪري نماز، روزي ۽ ٻين ديني فرضن جي ڄاڻ، طريقي ۽ سمجهائڻ خاطر مخدوم ابوالحسن ۽ پوءِ ٻين عالمن سنڌي ڪتاب تحرير ڪيا جيڪي نظر جي صورت ۾ هئا ۽ الف اشباع جي قافيي تي آڌاريل هئا. مخدوم ابوالحسن ڏٺي جو هو. سندس ڪتاب ۽ لکت 'ابوالحسن جي سنڌي' جي نالي سان مشهور ٿيا. 'هن دؤر ۾، نصابي تنظيم ۽ معياري درسي ڪتابن جي تصنيفن سان انهيءَ بنيادي نظريي جي پٽيرائي ٿي ۽ مادري زبان سنڌي ۾ مڪتبي تعليم ڏيڻ واري تحريڪ هر لحاظ سان ڪامياب ٿي. ان ڪاميابيءَ جو سهرو ڏٺي جي عالم ۽ استاد ميان ابوالحسن جي سِر تي سونهي.''' (بلوچ، 1999ع: ص 372-373)

اهڙيءَ ريت اڳتي هلي سنڌي درسي ڪتابن جي تصنيف ٿيڻ ۽ سنڌي درسي نصاب جو بنياد پوڻ ۽ سنڌي ذريعي تعليم ڏيڻ واري تحريڪ جي وڌيڪ مضبوط ۽ منظم ٿيڻ جو سلسلو اڄ وڌيڪ مضبوط، مقبول ۽ رائج ٿيندو ويو.

درس و تدريس جي ڏس ۾ شاهه لطيف جو دؤر مجموعي طور تي ننڍي کنڊ جي ٻين علائقن جيان ئي مذهبي تعليم تائين ئي محدود هو. مدرسن ۾ ديني تعليم ڏني ويندي هئي. جنهن ۾ شاگردن کي قرآن شريف پڙهڻ ۽ ڪجهه شروعاتي تعليم يعني لکڻ ۽ پڙهڻ سيکاريو ويندو هو. جنهن کان پوءِ اهي پنهنجي اباڻي ڪِرت کي لڳي ويندا هئا. وڏن ۽ علمي مرڪز طور مشهور شهرن جهڙوڪ: ڏٺي وغيره جي جڏهن ته صورتحال البته ڪجهه ٻي هئي. اُتي جي مدرسن ۾ رياضي، ستارا شناسي، فلڪيات، طب، تاريخ جهڙا مضمون به پڙهيا ويندا هئا. البته ان ڳالهه جي پڪي ثابتي نه ٿي ملي ته انهن مدرسن ۾ انهن جديد مضمونن جي تدريس، استادن جو معيار ۽ علمي قابليت ڪيتري هئي.

2.17 سياسي ۽ سماجي حالتون:

شاهه لطيف جي دؤر ۾ اُتر سنڌ کان ڏکڻ سنڌ تائين ڪلهوڑا حڪمران پنهنجا پير پختا ڪري رهيا هئا. هند ۽ سنڌ مٿان مغل حڪمراني جو سج تيزي سان لهي رهيو هو. ڪلهوڑن جي اچڻ سان رياست جي بنيادي جوڙجڪ، ڍانچي ۽ حڪمراني جي طور طريقن ۾ ڪابه قابل ذڪر تبديلي واقع ڪونه ٿي، عام خلق جي سماجي زندگي ۾ ڪابه وڏي تبديلي نه آئي هئي. ڇو ته سماجي نظام اهو ساڳيوئي جاگيرداراڻو ۽ قبائلي رهيو. ان باوجود به ڪن وطني حب جي جذبي سان سرشار دانشورن ڪلهوڑن جي حڪومت کي 'فلاحي حڪومت' سڏيو آهي.

''ميان يارمحمد ۽ نورمحمد سنڌ جي سڀني پاڳن کي ملائي هڪ ڪري
عوام جي فلاحي حڪومت جو انتظام ڪيو هو.'' (جويو، 2006ع: 60)

ڏنو وڃي ته فلاحي حڪومت جو تصور ئي جديد دؤر جو آهي. جاگيرداري، وڏيرا شاهي ۽ قبائلي شڪنجن ۾ جڪڙيل ۽ مذهبي سخت گيري سان هٿياربند، موقعي پرست ۽ اقتدار پسند ڪلهوڑا دؤر ۽ ان وقت جي حڪمرانن مان فلاحي رياست جي ڪنهن به نظريي جو پري پري تائين ڪو آسرو ڪونه هو. ڪلهوڑن پنهنجي اقتدار کي وڌائڻ ۽ مضبوط ڪرڻ جي حرص ۽ انڌ ۾ مخدوم عبدالرحمان کهڙن واري کي مسجد اندر نماز پڙهندي 200 کان وڌيڪ نماز پڙهندڙ ساڻين سوڌو قتل ڪرائي ڇڏيو. صوفي شاهه عنايت کي سوين ساڻين سميت فريب ذريعي شهيد ڪيو ويو. مذهبي سخت گيري کي هٿي وٺرائي وئي ۽ صوفين ۽ بزرگن جهڙوڪ شاهه لطيف ڀٽائي جهڙن هر دؤر جي اڳواڻ انسانن خلاف سازشون سنيون ويون. ٻي طرف مصيبت مهل (ڏارين جي ڪاهن وقت) پاڻ بچائي عوام کي نڏڪو ڇڏي، ٻوهي ۾ وجهي پڇي لکي وڃڻ، ڏارين حمله آورن سان مقابلي بجاءِ انهن جو ڏن پرو ٿيڻ، اهڙي حڪومت کي 'فلاحي حڪومت' ڪيئن ٿو ڪوٺي سگهجي؟

ڪلهوڙن 1740ع ۾ نادر شاهه کي 21 لک روپيه ڏن جا ڏيٹا ڪيائون. اهڙي ريت احمد شاهه دراني کي 14 لک ڏن پري ڏنو ويو. ٻي طرف پنهنجن ديس واسين تي سدائين خدائي قهر ٿي ڪڙڪيا.

”ڪلهوڙن تيستائين تلوار مياڻ ۾ نه رکي جيستائين پنهنجي پرڳڻي جي رهاڪن کي آڻ نه مجايائون. ڏنو وڃي ته ڪلهوڑا حاڪم پنهنجن لاءِ ته پهلوان ۽ بهادر هئا. پر ڏارين سان مهاڏو اٽڪائڻ کان هميشه ونڻُ ويندا هئا. ڏارين کي سنڌ تي قبضي ڪرڻ لاءِ ڪلهوڙن جي دؤر ۾ ڪابه جنگ ڪرڻي ڪانه پئي. جڏهن نادر شاهه سنڌ تي حملو ڪيو ته ڪيس ڪنهن به مزاحمت کي منهن ڪونه ڏيڻو پيو. ڪجهه سالن کان پوءِ مدد خان پٺان سنڌ تي ڪاهيو ۽ نادر شاهه کان به گهڻ تعداد ۾ گهوڙيسوارن جي جڏي سان سڄي سنڌ کي ڦريندو، لُٽيندو ۽ ڪُٽيندو وڃي مٿي چڙهيو. اها آهي ڪلهوڙن جي دؤر جي مُڙسي!“

(چنا، 1998ع: ص 165)

ڪلهوڑا حڪمران سدائين پنهنجي گادي جا هنڌ مٿائيندا رهيا ان مان ئي سندن انتظامي اهليت جو پورو پورو اندازو ٿي وڃي ٿو.

2.17.1 زرعي ۽ معاشي سڌارا: ٻئي طرف ڪلهوڑا حڪمرانن پاران سنڌ جي زراعت تي بيٽل معاشي سرشتي کي نظر ۾ رکندي ان ۾ واڌارا ۽ سڌارا آڻڻ واري وڏي رٽا جو ذڪر ڪرڻ به ضروري آهي. مغلن جي دؤر ۾ سنڌ جي زراعت جي حالت جَري هئي. ان بابت ايڇ.ايم پهنور پنهنجي ڪتاب ’سنڌ جي ريجاڻي تاريخ جا ڇهه هزار سال‘ ۾ لکي ٿو ته:

”مغل گورنرن جي ويل قسم جي انتظام، واهن جي سرشتي تي ڌيان نه ڏيڻ ۽ سمن ۽ ٻين ذاتين جي بغاوت جو پيرائتو احوال ڏنائين اها گهرو ويڑهه ۽ بغاوت ارغونن جي ڏينهن ۾ شروع ٿي ۽ شاهجهان جي ڏينهن تائين هلندي رهي.“ (پنهور، 2013ع: ص 195)

هو وڌيڪ لکي ٿو ته:

”انهن سمورن عنصرن جي ڪري ڪُڙمي ٻنيون ڇڏي پڇي ويا ۽ جن ٻنيون آباد ڪيون پئي، تن کي مرڪز جي منصبدار کي تمام وڏا ٽيڪس پري ڏيڻا ٿي پيا.“ (پهنور، 2013ع: ص 195)

ڪلهوڑن جي مقامي معيشت بابت جاڻ ۽ حڪمت عملي بابت ايس.ٿي ڇٻلاڻي، ڪتاب ”سنڌ جي اقتصادي تاريخ“ ۾ لکي ٿو ته:

”سنڌ جي ميانوال تحريڪ جا باني ڪلهوڑا، سنڌ جي زرعي سماج جي تاجي پيڻي کان واقف هئا، ان ڪري انهن سنڌ جي زراعت کي زور وڌايو، ڪلهوڑن جي دؤر ۾ زرعي زمين لاءِ واهه کوڻايا ويا.“

(ڇٻلاڻي، 1995ع: ص 121)

اهڙي شاهدي ڏيندي ڇٻلاڻي ڪلهوڑن طرفان 1000 تائين نوان واهه کوڻائڻ جو ذڪر ڪري ٿو.

ٻيون تاريخي مغلن جي بدانتظامي ۽ زراعت پيشه ۽ عام ماڻهن سان ظلم جو وڏو تفصيل بيان ڪن ٿيون، ان جي پيٽ ۾ ڪلهوڑا حڪومت 1701 کان 1754 تائين 700 کان 1000 نوان واهه اڏي ورتائون ۽ پراڻن کي نئون سنئون ڪري ٺاهي ورتائون.“ (پنهور، 2013ع: ص 205)

ان صورت ۾ اهو چگي نموني سمجهي سگهجي ٿو ته مغل دؤر جي پيٽ ۾ ان دؤر جي سنڌ جي ماڻهن کي وڏو معاشي فائدو رسيو ۽ خوشحالي آئي.

”ڪلهوڙن جي دؤر ۾ پوکي هيٺ ايراضي بابت لئمبرڪ جو خيال آهي ته اها 30 لک ايڪڙن تائين رسي وئي هئي. جڏهن ته ڇٻلاڻي جي خيال ۾ ان جو انگ 21 لک هو.“ (پنهور، 2013ع: ص 209)

چپلاٹي جو اهو اندازو سنڌ جي آدمشماري جيڪا ان وقت 30 لک هئي ۽ هن جو اندازو آهي ته ڏيڍ ماڻهو ايڪڙ لاءِ گهربل آهي، هتي چپلاٹي سنڌ جي روايتي چيڙ، بيگر واري طريقي ڪار کي وساري چڏي ٿو، جنهن وسيلي ٿوري وقت ۾ گهڻي پوکي راهي ڪئي ويندي هئي.

2.17.2 مذهبي سخت گيري: ٻئي پاسي ڪلهوڑا حڪمرانن ۾ مذهبي رواداري ۽ سهپ جو نالو نشان ئي نه هو، جيڪا خاصيت مذهبِ اسلام جي ميراث آهي. هندوئن کي حقارت وچان واٹيو چيو ويندو هو. سن 1744ع ۾ هڪ هندو ٻالچند جو مشهور واقعو آهي ته هن ڪنهن سان ڳالهائيندي چئي ڏنو ته، ”آئون واٹيو نه آهيان.“ بس پوءِ ته مفتي، عالم فتوائن جا ڪات ڪُهاڑا ڪٹي اُپا ٿي وڌا. فتويٰ ڏنائون ته: ”ائين چوڻ سان ٻالچند مسلمان ٿي حلقئه اسلام ۾ داخل ٿي چڪو آهي. اگر مسلماني کان انڪار ڪري ٿو ته مرتد قرار ڏئي قتل ڪيو ويندو. ان فتويٰ ڏيندڙن ۾ ڏٺي جا مشهور عالم مخدوم ضياءُالدين، محمد هاشم ٺٽوي، شيخ عنايت الله مفتي ۽ ٻيا مختلف علائقن جا مفتي ۽ عالم سڳورا شامل هئا. تاريخ اهڙي مذهبي ڏاڍ ۽ انڌ جي مثالن سان پري پئي آهي. فقط ”رسو“ چوڻ سان به هندو کي مسلمان بنايو ويندو هو. ڪنهن غيرمسلم کا معمولي ڀُل چُڪ ڪئي ته ان کي زوري مسلماني جو ٺپو هڻي ڪيس طهرائي زوري ’مشرف به اسلام‘ ڪيو ويندو هو. اهو ارڙهين صديءَ جي سنڌ جي عالمن دين جي ڪهلاءُ جو سولو نسخو هٿ ڪري ورتو هو. ڪلهوڙن کان پوءِ اها رَوش پوءِ ٽالپر حڪمرانن جي دؤر ۾ به جاري آهي.

جي.ايم.سيد تنهن دؤر جي مذهبي سخت گيريءَ واري ماحول جو هن ريت نقشو چٽيو آهي:

> ”شريعت جو دائرو تنگ ڪري ان کي چند رسمن جي پابنديءَ تائين محدود ڪيو ويو، غير مذهب ماڻهن کي سندن اعتقادن ٻڌاندر رهڻ لاءِ آزاديءَ تي روڪ وڌي وئي. ماڻهن جي خانگي زندگيءَ جي معمولي سوالن ۾ دست اندازي ٿيڻ لڳي. تان جو صورت ۽ سيرت جي معاملات ۾ به ماڻهن کي مولوي صاحب جي مقرر ڪيل دستور ۽ قانون مطابق هلڻو ٿي ويو.“ (سيد، 2012ع: ص 58)

2.17.3 صوفياءِ ڪرام جو ڪردار: ٻئي پاسي ان ساڳي سنڌ ۾ انسانيت، مذهبي پائيچاري، رواداري، سهپ، درگذر، ٻاجهه ۽ اعليٰ ڪردار ۽ عمل وسيلي دين جا پرچارڪ صوفياءِ ڪرام به پنهنجي تحريڪن جو سوپارو علم اوچو رکندا آيا.

> ساري سِکُ سبقُ، شريعت سندو سهڻي!
> طريقتا تکو وهي، حقيقت جو حق،
> معرفت مَرڪ، اَصل عاشقن کي.
> (بلوچ، 2009ع: ص 386)

”طالب کي گهرجي ته پهرين شريعت تي رستي تي هلڻ جو سبق سکي ان کان پوءِ کيس طريقت ۽ حقيقت جون ڏکيون منزلون پار ڪري معرفت جي ميدان تي پهچڻو آهي. جيڪو ئي عاشقن جي عبادتن جو اُجورو ۽ انعام آهي.“

اهڙي ريت ظاهري مذهبي طور طريقن بجاءِ لطيف سائين انسان جي اندر جي صفائي پاڪائي، عمل ۽ ڪردار جي سونهن ۽ سوڀيا تي زور ڏنو. اهڙيءَ طرح نفاق، فرقي واريت، مذهبي ۽ اونچ نيچ جي فرق کي ميٽڻ ۽ اهڙن اختلافن کي خاطر ۾ نه آڻڻ ۽ درگذر ۽ سهپ جو سهڻو درس ڏنو.

> هو چونئي تون مَ چئو، واتان ورائي،
> اڳ اڳرائي جو ڪري خطا سو ڪائي،
> پلئه ۾ پائي، ويو ڪينِ وارو ڪينڪين.

(بلوچ، 1999ع: ص 473)

يا وري ڪلفتون ۽ ڪينا ختم ڪري محبتي ميڙڻ ۽ پريت جا ناتا جوڙڻ ۽ سهپ رکڻ جو پيغام عام ڪرڻ.

محبتي ميڙي، ڳوٺ ٻڌجي هيڪڙو،
تنين جي ويڙهي، پاڻهي ايندو پاتشاهه.
(بلوچ، 2010ع: 19)

يا وري انسانذات جي هڪ ئي جُس ۽ جان هجڻ وارو فلسفو هن ريت بيان ڪيو ته:

پائي ڪان ڪمان ۾، ميان مارَ مَ مون،
مون ۾ آهين تون، متان تنهنجوئي توکي لڳي.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 35)

ڪلهوڙن جي حڪومت جا انتظامي معاملا به ابتر حالت ۾ هئا، سمورا معاملا ائين ئي هلايا پئي ويا جيئن ڏارين حڪمرانن جي دؤر ۾ هئا. سمورا سرڪاري وهنوار عوام کان اوڳاڙي جو اهتمام ئي هئا. سنڌي ماڻهو هڪڙي غلامي مان نڪري ٻي غلاميءَ جي پنجوڙ ۾ ڦاسي پيا. رسول بخش پليجو لکي ٿو ته:

”جڏهن سنڌي ماڻهن پاڻ کي سورهين ۽ سترهين صديءَ جي ظالماڻي، ارغون ترخان ۽ مغل سامراجي دؤر مان بڳهي، اڃانگي ۽ سورهيائي واري گوريلا جدوجهد ڪري دشمن کي ڪمزور ڪري راڄن، همتون ۽ مڙسيون ڪري ڪلهوڙن لاءِ ميدان تيار ڪيو، تن کان سندن زمينون ڏنبي جي زور تي کسي کين تباهه ڪري ڇڏيائون. هو فتح ڪيل علائقن جي رعيت ليکيا ويندا هئا، پنهنجي بناوت ۽ مزاج ۾ اهي حڪومتون عام سنڌي غريب ماڻهن لاءِ مجموعي طور هيسائيندڙ ۽ گهٽيندڙ ۽ اوپريون حڪومتون هيون. انهن حڪومتن ارغونن، ترخانن ۽ مغلن جي سڌيل، سنڌي سماج کي سهارو ڏيئي مٿي کڻڻ بدران ان ۾ تاريخ جي وهڪري کي پٺيرو ڪندڙ اهڙن منفي سماجي عنصرن جي ملاوٽ ڪري ڇڏي جن جا نتيجا ڏاڍا خراب نڪتا.“ (پليجو، 1999ع)

شاهه لطيف جو دؤر اهڙين ڏکين ۽ ابتر ۽ افراتفري وارين حالتن ۽ بدانتظامي ۽ انارڪي جي اوج جو زمانو هو، عدل ۽ انصاف نالي ڪنهن شيءِ جو وجودئي نه هو، تڏهن ته خود شاهه لطيف پڻ اهڙين بي واجبين جو شڪار ٿيو جو ان جي خاندان کي لڏپلاڻ تي مجبور ڪيو ويو.

“Besider Being a witness to the situation, Shah Latif himself became a victim of these circumstances. It became so troubling that he had to shift from his birth place to Kotri, which had been earlier established by mughal fuedal lords”. (Shaikh Ayaz, 2012)

”حضرت خواجه محمدزمان لنواري واري جي ڳالهه آهي ته هڪ پيري هڪ هندو وڻن لنگهي آيو ۽ وينتي ڪيائين ته:
”قبلا هن بندي کي اسمِ اعظم جي هدايت ڪريو.“ حضرت جن هُن کي هدايت ڪئي. جڏهن هو موڪلائڻ لڳو تڏهن فرمايائونس ته ’ظاهر ظهور تون بيشڪ هندو ڏرم جي ڪريا ڪرم تي قائم رهندو اڇ پر باطن ۾ اسان جيڪا توکي امانت عطا ڪئي آهي، سا حفاظت سان سانڊيندو اڇ!‘ هي حرف ٻڌي حافظ پنهور نالي هڪڙي همنشين اعتراض وٺي عرض ڪيو ته، ”قبلا! هي وري ڪهڙي قسم جي مسلماني آهي؟‘ حضرت جن ٻاجهه پريون اکيون مٿي کڻي فرمايو ته، ’ميان! مسلمانيءَ جي توکي ڪهڙي خبر؟ حضرت خواجه جن ڏانهن هي قول به منسوب آهي ته، ’دين قائم آهي حق جي ماڻهن سان ۽ نه لٺ ۽ لڙائيءَ سان.‘“ (جويو، 2006ع: ص

(70
اهڙي ريت صوفيانه سلسلي جي عالمن ۾ اڳواڻن حقيقي دين ۽ مذهب جي اصل روح کي نه صرف پنهنجي زبان ۽ ڪلام بلڪه پنهنجي عمل ۽ روَش ذريعي جهرجهنگ وستي وستي پکيڙيو ۽ عام جي دلين کي فتح ڪيو نه ڪي جسماني طور کين پابند ڪيو ۽ جڪڑيو.

2.18 شاهه لطيف جي دؤر جون ثقافتي حالتون:

شاهه لطيف جي دؤر ۾ عام ماڻهن جي رهڻي ڪهڻي ۽ معيار زندگي، ريتون رسمون ۽ سماجي ۽ ثقافتي سرگرميون ڪهڙي قسم جون هيون. ان بابت ڪيترن ئي تاريخدانن جا احوال موجود آهن. ان سان گڏوگڏ خود شاهه لطيف جو ڪلام پڻ سندس دؤر ۾ پنهنجي وطن ۽ عوام جي حالت جي سچي ۽ چٽي تصوير آهي، ان مان ئي وڌيڪ بهتر اندازو ڪري سگهجي ٿو.

2.18.1 آٽين ۽ چاڑهين:

آٽين ۽ چاڑهين، ڏٺ ڏهاڙي سومرا،
سٽا ڪيو سيد چئي، سائو سُڪائين،
منجهان لُنب لطيف چئي، چانئر ڪيو چاڑهين،
پُلاءُ نه پاڑين، عمر! آراڑيءَ سين.
(بلوچ، 1999ع: 490)

مارئي چوي ٿي ته، مارو روز ڪمائڻ ۽ کائڻ وارن منجهان آهن، ۽ سادو کائيندڙ آهن، ۽ عيش عشرت کي پسند ئي ڪونه ڪن. هُو آراڑيءَ جي برابر پلاءُ کي نٽا سمجهن.

پَلُر، پيڙ، اَن او ڍڻ، جن جا پير مٿي پٺ پاڪَ،
ويهڻ وٽا چَن ۾، اُن جي اَجوڪي اوطاق،
پاڻ نه پَسَن پاڻ کي، ويچارا وِيباڪ،
عمر اوءِ نه عاقَ، ڏُکِئا جِمَ ڏُکوئيين.
(بلوچ، 2009ع: 482)

[مارو ماڻهو اُنَ جو ڪپڑو پهرين، مينهن جو پاڻي پيئن ۽ ان تي فخر ڪن ٿا، ان سادگيءَ ۽ غريبي تي. هو پاڻ کي ڪجهه به نٽا سمجهن، نهنڍائي اٽن ۽ هر قسم جي خوف کان آجا آهن.]

اهڙا اٽ ڪٽيا بيت’شاهه جي رسالي‘ ۾ جا بجا موجود ملندا جيڪي ان دؤر جي سنڌ جي سماجي ۽ ثقافتي حالتن جو آئينو ۽ جيئري جاڳندي تصوير آهي. جنهن ۾ ڇڻو نظر اچي ٿو ته ان دؤر ۾ عام ماڻهن جو گذر سفر ڪيڏو نه تنگ دستي سان ٿي رهيو هو ۽ عام ماڻهو ڪيڏي نه بيڪسي ۽ لاچاري جي حالت ۾ زندگيءَ جو گاڏو گهِلي رهيا هئا. انهن وٽ نه کائڻ لاءِ ڪجهه هو نه پائڻ لاءِ. جڏهن ته انهن جا اجها پڻ انتهائي اٽهوند، غربت ۽ ڪسمپرسي جي دکدائڪ داستان بيان ڪري رهيا هئا.

شاهه لطيف جي دؤر ۾ ثقافتي زندگي درگاهن تي لڳندڙ ميلن، ملاکڙن، ڳوٺن جي اوطاقن ۾ ڪچهرين، شادي مُرادي يا ٻي ڪنهن خوشي غمي جي موقعي تي ٿيندڙ رسمن، ساڻن، سؤنٽن، عيد ڏياري ۽ ٻين مذهبي ڏٺن تي حال سارو سڻو لباس پهرڻ ۽ ملڻ جلڻ ۽ اهڙن ٻين موقعن تي پرپور نموني ڏسبي هئي.

جيتوڻيڪ عام ماڻهو غربت ۽ پسماندگي سبب تمام گهٽ ۽ بنهه نه هجڻ برابر قوت خريد رکندا هئا.

مغل دور ۾ سنڌ جو عام ماڻهو تمام پوئتي پئجي ويو هو. شاهه لطيف وٽ تمثيل جو وسيع فني ميدان هو. هو سنڌ جي لوڪ ڪهاڻين وسيلي عوام جي ڏکن ڏولائن ۽ محرومين کي ڳائي ٿو. اي عمر! جيڪا تو وٽ عيد آهي، اسان وٽ اِهو ڏڪ جو ڏينهن آهي، اسان جي ماروئڙن کان هر طرح جي خوشي ۽ خريد ڪرڻ واري خوشي ته ياد به ڪونهي، هو سڪندي مري ويا ڇڻ شهيد ٿي ويا آهن.

جا عمر! تو مُل عيد، سا هُن سوءَ ورتي سومرا،

خوشيون ۽ خريد ويون ويچارن وسري،
سِکڻ ڪيا شهيد، مارو جي مليز جا.
(بلوچ، 1999ع: ص 481)

2.18.2 مفلسي به مَرڪ ۽ زنده دلي: سنڌ جي ايڏي مفلسي واري صورت ۾ به هِتان جا لوڪ مارو ادب نه وڃائيندا هئا. توڪل پسندي، سادگي ۽ سچائي واري سپاءُ ۽ فطرت سبب اهڙن موقعن تي خوشي ۽ مسرت جي اظهار جو موقعو هٿان نه وڃائيندا هئا ۽ پنهنجي هيڏي حال ۽ بي پهچ هوندي به وڌيڪ پاڻ ملهائيندا هئا. اها خصوصيت ايا تائين به سنڌي ماڻهن جي مزاج جو خاصو رهندي اچي. خوشي جي موقعن تي اچوڪي دؤر وانگر ئي راڳ رنگ جون محفلون پڻ مچائيندا هئا.

شاهه لطيف جو دؤر زرعي معيشت ۽ ماحول وارو زمانو آهي، هر سماجي نظام جو پنهنجو هڪ خاص ماحول، مزاج، معاشي حالتون ۽ ثقافتي رنگ وغيره هوندا آهن. شاهه لطيف جي شاعري ۾ به زرعي ماحول واريون مشابهتون نظر اچن ٿيون. عام خلق جا احوال ۽ غريب مسڪين ماڻهن جو ماحول ۽ منظرڪشي جابجا نظر اچي ٿي.

مٽن ٽٻڪڙا، چڪندڙا اچن،
ڪُڙيون ڪيهه پَڪيون، پگهر سر پيرن،
ايءُ وڙ ويڙهيچن، مون لوڏان ئي لِکيا.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 233)

هتي اهم ڳالهه اها آهي ته اهو ڏسجي ته شاهه لطيف پنهنجي آسپاس واري ماحول جي اهڙن ماڻهن کي چونڊيو ۽ چٽيو آهي جن جا اهڙا حال آهن جو انهن جي مٽن تي ڳڻڊيون آهن، پيرن ۾ مٽي ۽ پگهر ۾ پسيا پيا آهن.

ڪراين ڪروڙ جا چوڙا ڪوڙا جن،
سو مَرڪ ماروئڙن، جيان لوڪ لڄ ٽئي.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 224)

شاهه لطيف چوي ٿو ته انهن جي ڪراين ۾ جيڪي چوڙا آهن سي توڙي جو ڪوڙا آهن پر پوءِ به ڪروڙن جا ۽ فخر لائق آهن.

اسان تتان آهيون، جتي ڪنهبو نانهن،
جي وڃون ڪنهن وهان، ته پڻ مٽن لويون.

هن بيت ۾ شاهه لطيف ثقافت سان گڏ معاشي حالتن جو به احساس ڏياري ٿو ته مارو ماڻهن جي مالي حالت اهڙي به نه آهي جو ڪنهن وِهان خوشي جي موقعي تي ڪو نئون وڳو ويس ڪري سگهن.

اهڙوئي هڪڙو بيت جنهن ۾ شاهه لطيف مغل حڪومتي دور ۾ خاص طرح سان نٽي جي نواب اعظم خان واري چئن سالن جي ذڪر واري دور ۾ زراعت جي تباهي ۽ واپار جي ختم ٿيڻ جا عڪس چٽيندي، عام خلق جي حالت، پنهنجي وطني ماحول، ڪِرت جي بيان ۽ روزگار جي اٽاڻ جو مڪمل منظر چٽي ڏيو آهي، فرمائي ٿو ته:

ته سي وونئڻ وٽن ۾ نه سي ڪاتياريون،
پسئو بازاريون هينئڙو مون لوڻ ٽئي.
(بلوچ، 1999ع: ص 240)

2.18.3 ڪپڙي ۽ لوهه جي صنعت: هتي اهو بيان ڪرڻ به بجا ٿيندو ته معاشي حالتن ۽ ثقافت جو پاڻ ۾ گهرو ڳانڍاپو ۽ دارومدار ٿئي ٿو ۽ اهي هڪ ٻئي تي اثرانداز ٿين ٿيون. سنڌ ۾ شاهه لطيف جي دؤر ۾ ڪپڙي جي صنعت جا نصرپور، سيوهڻ ۽ روهڙي، نٽو ۾ مرڪز هئا، جتي عورتون به پورهيت هيون.

جان ڪتين تان ڪَت، هيءَ هڏ وهاڻي،

ڪاپائتي سيڪا ڪَتي سيباڻي،
ڄاتو جن ڄاڻي، تن هڻان پهي نه ڇڏي.
(بلوچ، 1999ع: ص 236)

شاهه لطيف جي سُر ڪاپائتي ۾ اهڙا ڪيترائي بيت آهن جن ۾ عورتن جي آڏاڻن تي پورهيت طور ڪم ڪرڻ جو ذڪر ملي ٿو. تنهن کان سواءِ مورخن موجب سنڌ ۾ ان وقت ۾ لوهه ڌاهڻ جو هنر به موجود هو.

ڊاڪٽر شاهنواز سومرو لکي ٿو ته:

”انگريزن جي آمد کان اڳ سنڌ ۾ ڪوئلي جي بڌين ۾ لوهه واري پٿر کي رجائي ۽ لوهه ۾ تبديل ڪرڻ وارو هنر موجود هو، لالا رجپت راءِ جي تحقيق موجب 1500ق.م ۾ سون ۽ لوهه جي کاڻين جي وادي‌ءِ سنڌ جي ماڻهن کي ڄاڻ هئي، لوهه ڌاهڻ جون بڌيون پٽ ڏٽي‌ءَ به ڏڌيون هيون.“
(سومرو، 2002ع: ص 139)

پچائي پهاڻ، جن رساڻيون رڪ ڪي،
تنين سندو ڄاڻ، آهي آڳڙين کي.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 27)

2.18.4 ڪنبرن، ڊڪڻن، مالوندن ۽ ٻين جو ديس:

ان کان سواءِ ٿوٻين جا ننڍا وڏا گهاٽ به هئا جتي سوين مزدور ڪپڙا ٿوئيندا هئا. سسئي پنهون جي داستان ۾ شاهه لطيف اهڙي ئي گهاٽ جو ذڪر ڪيو آهي ته:

ڳڻئو ڏوٻين ڏوءِ، پنهونءَ پارِڇو هٿ ۾،
اتي آري‌ءَ ڄام جو، قاصد آيس ڪوءِ،
اي ڪامل! ڪم نه سندوءِ، جيئن پهس پچاڑيين پوتِئين.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 147)

ڪنبارڪو ڪم به سنڌ جي ثقافت جو هڪ اهم اهڃاڻ آهي، شاهه لطيف ڪنبارڪي ڪِرت مان ڪيتريون ئي نصيحت ۽ سبق ڏيندڙ تشبيهون مثال ۽ اشارا ڏنا آهن.

نهائين‌ءَ کان نينهن سڪ منهنجا سپرين،
سڙي سارو ڏينهن، ٻاهر ٻاڦ نه نڪري.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 302

تنهن کان سواءِ ڊڪاڻڪي ڪم، مينهن ۽ ٻئي مال جي پالنا ۽ مالوندن جو احوال ۽ اُٺ جي مختلف ڪمن ڪاڄ ۾ ڪارائتي واهپي جو احوال به آندو اٿس.

”سهڻي وڇُن کي ڳرانڙي پايو پئي روئي ۽ چوي ته جيڪڏهن توهين ڪانهن جو گاهه ڪائي ڏؤ ڪيو ۽ اُئون اوهان جون ڏاڙون ٻُڌان (ڏاپڻ جو آواز) ته آئون خوشي‌ءَ ۾ هڻن کي ميندي لايان ۽ سرهي ٿيو پئي هلان.

ڳچي‌ءَ پايو ٻانهن، ويڻي روءِ وَڇِن سَين،
لايان لال لڳن کي، اَئين جو چَرو ڪانهن،
آئون اوهان جي دانهن، سدا پُٽان سنري.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 82)

”هَل، ميان ڪَرهَل! ته پسان ماڙيون مومل جيون،
توکي چندن چاريان، طرح موچاري‌ءَ تَرَ هَلَ،
اسين ماڻيون مومل، تون نايو ناکيليون چرين.“
(مومل راڻو)

راڻو اُٺ کي هونگاريندو اهڙا ٻول ٻولیندو، مومل ماڻڻ جي شوق سان سرشار ڪاڪ محل ڏانهن ڪاهيندو ٿو وڃي.

اهڙي ريت ڪانگ، ٻاپيهو (تاڙو) پکي جو ذڪر به سهڻي نموني ڪيل آهي.

مند ڻي منبل منديا، تاڙي ڪِي تنوار،
هارين هر سانياهيا، سرها ڻيا سنگهار،
اڄ پڻ منهنجي يار، وسڻ جا ويس ڪئا.

(اڏواڻي، 2013ع: ص 281)

ڪو وقت هو جو سنڌ جو سوڻي ڪپڙو ۽ ململ ڏيهان ڏيهه مشهور ۽ مقبول هئي. ايتري تائين جو انگلينڊ سنڌ جي ڪپڙي مٿان بندش وڌي جو اهڙي بهترين ڪپڙي جي هوندي انگلينڊ جو ڪپڙو نه ٺي وڪاڻو.

”لطيف يارهن سالن جو هو ته نادر شاهه ايراني نورمحمد ڪلهوڙي جي پٽن کي يرغمال ڪري، ايران وڻي ويو، ۽ انگلينڊ، هندستان ۽ سنڌ جي ڪپڙي مٿان انگلينڊ ۾ آڻڻ تي بندش وڌي، چو ته ان ڪپڙي سان انگلينڊ جو ڪهرو ۽ ردي ڪپڙو ڇٽاپيٽي نٽي ڪري سگهيو ۽ انگلينڊ جي ماڻهن هندستان ۽ سنڌ جي ڪپڙي هوندي، انگلينڊ جو ڪپڙو نٽي ورتو، جو هيءُ وڌيڪ نازڪ ۽ نفيس ڪپڙو هو.“

(پليجو، 2012ع: ص 7-6)

شاهه لطيف جو ڪلام سنڌ جي ثقافت، رهڻي ڪهڻي ۽ سماجي صورتحال جو انسائيڪلوپيڊيا آهي. جنهن جي مدد سان ڪوبه عالم ۽ اسڪالر ۽ شاگرد سنڌ جي ثقافتي ۽ سماجي تاريخ ترتيب ڏيئي سگهي ٿو.

2.19 شاهه لطيف جي شاعري:

لطيف شناسي هڪ موضوع ۽ مضمون کان گهڻو اڳتي وڌي هاڻي هڪ علم ۽ فڪر جي درجي تي پهچي وئي آهي، شاهه لطيف جو ڪلام هاڻي هڪ جيئڻ جو دڳ ۽ حياتي گذارڻ جو ڍنگ ۽ نظريو بڻجي ويو آهي، سندس شاعري سنڌ جي ماڻهن جي مزاج، رهڻي ڪهڻي، سوچ ۽ فڪر ۽ عمل تي اهڙي نموني اثرانداز ٿيندي رهي آهي، جو اهي سادا، سڀاجهڙا، پرامن، درگذر ڪرڻ وارا، حد کان وڌيڪ سهپ ۽ برداشت رکندڙ رهيا آهن. اهو امن ۽ آشتي وارو سبق وادِيءِ سنڌ جي سڀني صوفين سدائين پي ڏنو آهي.

2.19.1 شاهه جي شاعري فطرت ۽ سماج جو مشاهدو: شاهه لطيف جي ڪلام جي مقبوليت ۽ اثرپذيري جو وڏو سبب اِهو آهي ته هن اهو ڪلام سنڌ ۽ ان کان ٻاهر جي علائقن جي سير سفر، عام خلق ۾ رلي ملي ۽ فطرت جي مشاهدي ماڻن کان پوءِ چيو آهي، ڊاڪٽر غلام علي الانا لکي ٿو ته:

”هيءَ ڳالهه به ڏيان جوڳي آهي ته لطيف سائين پنهنجو ڪلام ڪنهن هڪ هنڌ يا ڪنهن جاءِ يا ڪنهن هڪ ڳوٺ ۾ ويهي يا ڪنهن مشاعري جي محفل ۾ پيش ڪرڻ لاءِ ڪونه چيو هو، پر هن بزرگ پنهنجي زماني جي سنڌ ۽ سنڌ کان ٻاهر ۽ سنڌ جي پاڙي وارين رياستن يا سنڌ کان ڪجهه مفاصلي وارن علائقن جي واهڻن، وَسين، اتي جي جهرجهنگ جو سير سفر ڪري پنهنجي ظاهري اکين سان انهن خطن جي تاريخ، اتي جي ثقافت، انهن خطن جي سياسي، سماجي ۽ جاگرافيائي حالت توڙي انهن خطن جي ماڻهن جي نفسيات جو مطالعو ڪري، انهن جو نقشو پنهنجي ڪلام ۾ چٽيو آهي.“

(الانا، 2012ع: ص 18)

شاهه لطيف جي شاعريءَ مان فطرت جا حسين ۽ گوناگون نظارا ليئا پائيندي پسجن ٿا، چو ته اهو ئي سندس مطالعي جو مضمون ۽ اهوئي مشاهدي جو محور هو، هو فطرتاً شاعر هو ۽ فطرت ئي سندس سکيا ۽ مشاهدي لاءِ مڪتب گاهه هئي، پيرومل آڏواڻي لکي ٿو ته:

”عام خلق رواجي ڪتاب پڙهي ٿي، هن اکثر قدرت جو ڪتاب پڙهيو

هو ۽ قدرت جو نظارو سندس مڪتب هو. شاهه صاحب جو انپو اڳ ئي
ڪليل هو. باقي قدرت جي مڪتب ۾ پڙهي ڪمالیت حاصل ڪرڻي هئس.“
(پيرومل، 1997ع: ص 58)

بي طرف ائين به پاڻجي ٿو پيو ته شاهه لطيف جي مشاهدي جي قوت، وسعت، گهرائي ۽ باريڪ بيني هروپرو پاهرين مشاهدي جي محتاج به نه هئي. گهر ۾ سُئي ڏسي ان جا اهڙا عاليشان اوصاف ٿو بيان ڪري جو ڏندين آگريون اچيو وڃن.

پاڇاهي نه پاڙيان، سَرتِيُون سُيئيءَ ساڻ،
ڏَڪي اگهاڙن ڪي، ڪِينَ ڏَڪيائين پاڻ،
ٻِيهَرَ ڄاڻي ڄاڻُ، اِبرَ جي اوصافَ ڪي.
(بلوچ، 2009ع: 364)

2.19.2 سهپ ۽ رواداري جا ڪشادا ساوا پٽ: شاهه لطيف جي ڪلام جي انفراديت، عظمت ۽ اعليٰ فڪر عالمي شاعريءَ سان پيٽ لائق ان ڪري به آهي جو سندس ڪلام جي وسعت، گوناگون موضوع ۽ خيال هر مڪتبئه فڪر جي ماڻهو لاءِ ڏار ڏار معنيٰ مطلب ۽ مفهوم مهيا ڪن ٿا. مختلف خيالن، سوچن، عقيدن ۽ نظرين جا ماڻهو منجهانئس پنهنجي مطلب جا موتي چونڊي انهيءَ جي معنيٰ ۽ تشريح ڪن ٿا. شاهه لطيف جي شاعريءَ جو اهو به هڪ وڏو ڪمال ۽ ڪامياب ڇنجي. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکي ٿو ته:

”انساني معاشري ۾ فڪر جا ڪئي رخ آهن، هرڪو پنهنجي پنهنجي خيال ۽ پنهنجي پنهنجي ڄاڻ مطابق شاهه صاحب جي فڪر کي سمجهندو ۽ ان جي شرح ڪندو. پلي ائين ٿئي ۽ اسان مان گهڻي کان گهڻا سمجهدار شاهه جي فڪر تي سوچين ۽ لکن، پوءِ مجموعي طور تي سڀئي ڳالهيون سهڻيون ئي ٻيهندیون.“ (بلوچ، 2007ع: 207)

ڏنو وڃي ته اهڙي اختلاف راءِ کي پاڻ ۾ سموهڻ، سهپ ۽ رواداريءَ جو سبق ڏيندڙ شاندار شاعريءَ جي تخليق هڪ وڏو ڪارنامو آهي ۽ اهڙي شاعريءَ جي خالق جي ذهني وسعت، ڪشادگي ۽ حوصلي جي ڪٿ ڪرڻ محال آهي. شاهه لطيف اهڙن اعليٰ گڻن ۽ قدرن جو مالڪ هو. سندس شاعري اهڙن اعليٰ انساني گڻن جي امين آهي. ابن عربي چيو آهي ته:

”اڳي مون کي منهنجي مذهب جون ڳالهيون وٺنديون هيون، جنهن مسلڪ تي هوندو هئس، ٻيون ڳالهيون مون کي وٺنديون ڪونه هيون، پوءِ منهنجو ذهن سرسبز گاهه وانگر ٿي پيو ۽ جيڪي به هرڻ جنهن به قسم جا ڪارا ۽ اڇا، اهي ايندا هئا ۽ اڇي مون وٽان چَريو ويندا هئا. منهنجي دل ڪشادي آهي، جيڪو اڇي، پلي اڇي، چري وڃي. اڳي تنگ نظر هئس، ڪنهن جي به ڳالهه نه ٻڌندو هئس.“ (پليجو، 2012ع: ص 23)

شاهه سائين جي ذات ۽ ڏات جا ڪئي رنگ ۽ رخ آهن. شاهه لطيف هڪ وڏو شاعر هجڻ سان گڏوگڏ سچو صوفي ۽ اهڙو مهان مفڪر هو. جنهن جي فڪر جي سچائي جو سوجهرو ايندڙ صدين تائين انساني راهون روشن ڪندو، انهن جا ذهن سجاگ ڪندو رهندو.

ڏورج ڏيئو هٿ ڪري، ڏور مَ ڏيئان ڏار،
ڪوڙين لک هزار، اِن اونداهيءَ انڌا ڪيا.
(بلوچ، 2009ع: ص 341)

شاهه جون شاعراڻيون خوبيون: شاهه لطيف جي اهڙين خوبين ۽ خصلتن بابت ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي لکي ٿو ته:

”شاهه جي شاعراڻي ڏات اهڙي اعليٰ درجي جي هئي، جو شاعريءَ جو ڪوبه فن نه آهي، جنهن ۾ سندس دماغ درياءَ جي لهرن وانگر چوليون نه ماريون آهن. هر طرح جا مضمون سندس خيالي خزاني ۾ ميسر آهن ۽ هر قسم جون خوبيون سندس عبارت ۾ موجود. مختلف موقعن لاءِ سندس عبارت

مختلف آهي. هر طرف کان سندس ذات باڪمال هئي. جيڪڏهن صرف شاعر ڪري ليکبس ته شاعرن جو شاهه هو. جيڪڏهن صوفين جي صف ۾ شمار ڪبس ته 'فاني في الله' هو. ۽ جيڪڏهن عاشقن جي قطار ۾ ڪٽبس ته عاشقن جو تاج هو.'' (گربخشاڻي، 2005ع: 39)

2.19.3 وطني ہولي جو واهپو: شاهه لطيف پنهنجي وطن ۽ ان جي ماڻهن سان محبت ڪندڙن ان ڏرتيءَ جو سچو سپوت هو، هن فارسيءَ جي اوج واري زماني ۾ ہاہاڻن جي ہولي اختيار ڪئي ۽ ان کي سرهو ڪيو ۽ ان ۾ پنهنجا جذبا ۽ جولان کولي بيان کيا.ئين. شاهه لطيف پنهنجي وطن جي ڪندين، لاڙن ۽ لين جو ذکر ڪيو ۽ وطني تشبيهون وڌي پاہوهه سان پنهنجي ڪلام ۾ هرهنڌ اختيار ڪيون، ان کان سواءِ هن پنهنجي وطن جي ماڻهن سان محبت ڪندڙ، مهربان ۽ سخي سردارن ۽ سورمن جا گيت ڳايا جيڪي وطن جي عزت، ننگ ۽ ناموس خاطر سِرن جا سودا ڪن ٿا. سُر ڏهر ۽ سُر بلاول ۾ اهڙن سورمن جو ذکر سجيهه نظر اچي ٿو.

ابڙو سردار سام ڪري پناهه ۾ آندل سومرين جو ذمو کڻي ٿو ۽ بي آسرن، بي وسيلن جو سهارو ۽ وسيلو آهي. هو وڌن لشکرن جي آڏو هيڪي نه ٿو. هو ڳاڙهو گهوٽ اتي ويٺو مُرکي ۽ مشڪي جتي ڪروڙين ڪچن ڪُي نه ٿا.

سَرٽين جا سونا سهي، وسيلو ولهن،
لُڏي ڪين لطيف چئي، اڳيان لال لکن.
جِت ڪوڙين ڪين ڪچن، اُت پاہوهي پڌرو.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 375)

''راهو جي سخا ۽ ڏيا واري ريت هنڌين ماڳهين مشهور آهي، جو هن خالي هٿ مسافرن، بي واهن کي به گهوڙي تي چاڙهي چڏيو، تو ذات پات جو فرق نه ڪيو ۽ هرهڪ کي نوازيو.''

راهو تنهنجي ريتِ، پرکنديين پڌري،
گهٽا گهوڙي چاڙهئا، تو مسافر مسيت،
پُڇين ڪانه وڏيت، جي آيا سي اگهيا.
(بلوچ، 1999ع: ص 242)

2.19.4 شاهه لطيف جي شاعري ۾ وطن دوستي:

اهڙيءَ ريت شاهه لطيف پنهنجي وطن جي سخي، بهادر، سورهيه ۽ سرويچ ڪردارن جي چونڊ ڪري ٿو ۽ انهن کي هيرو بڻائي پيش ڪري ٿو. هو جڏهن به ڪا تشبيهه ڏئي ٿو، ڪا خوبي يا ڳُڻ ڳڻائي ٿو ته پنهنجي وطن مان ئي چونڊ ڪري ٿو ۽ انهن کي ساراهي ٿو ۽ ان محبت جي ميدان ۾ هُو ڪنهن حد حساب جو قائل نه آهي. پنهنجي وطن ۽ ان جي ماڻهن، ماڳن مڪانن مطلب ته هرهڪ شيءِ جي ساراهه ڪندي، ڳڻ ڳائيندي هو عشق جي عرفان تي پهتل نظر اچي ٿو. بلاشڪ هو پنهنجي وطن ۽ هم وطنن جو عاشق هو. رسول بخش پليجو لکي ٿو ته:

''جتي ان وقت جي هند ۽ سنڌ جا نام ڪٿيا شاعر بهاديءَ ۾ رستم، سهراب ۽ اسفنديار جا مثال ڏيندا هئا، اتي هن پنهنجي وطن جي هيرن، ابڙي، جکري ۽ سپڙ تان گهورون گهوريون. سندن سخا، مردانگي ۽ دليريءَ جا داستان ڳائي، کين اَمر ۽ لازوال ڪري چڏيائين. هو جڏهن خود خدا جي رحم، ڪرم، عنايت، محبوبيت ۽ بي نيازيءَ جي شان بيان ڪرڻ لاءِ حسين استعارا ڳولي ٿو، تڏهن کيس وطن جا دلير ۽ بانڪا ياد پون ٿا ۽ هو خدا کي پنهون، تماچي، جکرو، چنيسر، راڻو ۽ سپڙ سڏي ٿو. هيءَ ڳالهه آهي جا ڪنهن به عرب، ايراني، هندي يا سنڌي شاعر نه ڪئي آهي، هن جي ان

خوبصورت دليريءَ اڇيان خود روميءَ جهڙي مست جي سموري آڳ ۽ جلال عاجز ٿا لڳن.“ (پليجو، 1992ع: ص 68-67)

هو پنهنجي سنڌ جي ڪردارن جي پيٽ پيمبرن ۽ خدا جي ڪبر ڪبريائي جهڙين وصفن سان وڄي ڪري ٿو.

جَکرو جَسَ گَرو، ٻئا مڙيئي مير،
مٿي اِن خمير اَصلُ هئي ايتري.
(بلوچ، 1999ع: ص 245)

تون سَپڙ آءٌ سيکڙو، تون ڏاتار آءٌ ڏوهه،
تون پارسُ آءٌ لوهه، جي سچين ته سون ٿيان.
(بلوچ، 1999ع: ص 253)

نه ڪنهن جائو جام کي، نڪو جام وياءُ،
ننڍي وڏي گندري سَين آهه سياءُ،
”لَم يَلد وَلَم يُولَد“ اي نجابت نِياءُ،
ڪِبر ڪبرياءُ، تخت تماچي جام جو.
(بلوچ، 1999ع: ص 401)

شاهه لطيف اهڙي ريت پنهنجي ڪلام کي وطن دوستي ۽ هم وطنين سان سِڪ، اُڪير ۽ عشق جي صورت بنائي ڇڏيو آهي. ڊاڪٽر نواز علي شوق لکي ٿو ته:

”حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي شاعريءَ جي مطالعي مان اهو ڇڻي ريت واضح ٿي ٿو، سندن شاعريءَ جو اهم موضوع وطن دوستي آهي، بيشڪ شاهه سائينءَ جي ڪلام ۾ عشق، تصوف، اخلاق ۽ نصيحت وغيره جا مضمون به نظر ايندا. پر سندن شاعريءَ جو مک موضوع وطن دوستي آهي.“ (شوق، 2007ع: 85)

”جڏهن ڏٺي روح خلقيا ۽ ڪائنات پچيو ’ڇا مان اوهان جو رب ناهيان جو آواز ٻيو، تڏهن کان مون پنهنجن ماروئن سان اهو اقرار ڪيو ته آءٌ انهن جي آهيان.“

اَلستُ بَرَبڪم، جڏهن ڪَن ٻيوم،
’قالوبليٰ‘ قلب سين، تڏهن تِت چيومِ،
تَهين ويرَ ڪيومِ، وَڇُن ويڙهيچن سين.
(بلوچ، 1999ع: ص 475)

”مون ڪانسواءِ ٻيا قيدي آرام ۾ آهن، پر مون کي ڇڄ پُڇ نٿي ڇڏي ۽ ڳٽتين ۾ ٻئي ڳران. منهنجا مارو هڪ پل لاءِ به مون کان نٿا وسرن.“

بَندي ٻيا قرار، آءٌ ٿي لوچيان لوهَه ۾،
مَٿي تَن تَنوار، سدا سانپيڙن جي.
(بلوچ، 1999ع: ص 486)

2.19.5 شاهه لطيف جي غريب دوستي:

شاهه لطيف پنهنجي شاعريءَ ۾ وڪ وِڪ تي ۽ ست ست ۾ نظرانداز ڪيل، عام طور تي ڪمتر سمجهيا ويندڙ ۽ غير اهم طبقن کي وڏي اهميت، عزت ۽ فخر سان ڳايو آهي. ان معنيٰ ۾ هو هيٺن جو وڏو حامي ۽ حمايتي شاعر آهي، شاهه لطيف جي شخصيت ۽ شاعريءَ تي شاهه ڪريم جو وڏو اثر نظر اچي ٿو. شاهه ڪريم بابت مشهور آهي ته جڏهن وٽس ڪو مهمان ايندو هو ته سچي ڳوٺ مان ڦري انو گڏ ڪري ماني پچائي انهن کي کارائيندو هو. ان بابت چئي سگهجي ٿو ته ان فقيري ۽ غريب پروري جو اثر شاهه لطيف تي شاهه ڪريم تان پيو.

”مضمون جي لحاظ کان به شاهه ڪريم جي ڪلام جو شاهه لطيف جي شعر تي ٻن قسمن جو اثر نظر اچي ٿو، هڪ ته شاهه لطيف ڪيترائي بيت شاهه ڪريم جي بيتن جي پران چيا آهن، جنهن ڪري شاهه ڪريم

جي بيت وارو مضمون وڌيڪ واضح ٿئي ٿو. پيو ته شاهه لطيف، شاهه ڪريم جي بيتن وارو مضمون پنهنجن بيتن ۾ پيش ڪندي جدت پيدا ڪئي آهي.'' (نورافروز، 1990ع: 144)

2.19.6 غريب همدردي نه پر فخر لائق آهن: شاهه لطيف جي هڪ وڏي اهم ۽ عجيب انفراديت اها آهي ته هن ڪٿي به غريب سان، مظلوم سان همدردي نه ڪئي آهي. انهن جي سونهن، سورهيائي، اورچائي، سادگي، سچائي، وعدي وفائي، سخا ۽ پيا اهڙا اڻ ڳٽيا ڳڻ ڳائي انهن تي ناز ڪري ٿو. انهن کي فخر لائق ۽ هيرو ڪري آڇيان آندو آهي. هو انهن سان همدردي نٿو ڪري پر فخر ڪري ٿو.

''لطيف غريبن سان همدردي نه ڪئي آهي، لطيف دنيا جي انهن يگانن شاعرن منجهان آهي جن ماڻهن سان همدردي نه ڪئي آهي. لطيف توهان تي ٻاجهه نه ڪئي آهي. پر لطيف مسڪين مارن، سانگين ۽ جهانگين تي فخر ڪيو آهي ۽ انهن کي هيرو ڪري پيش ڪيو آهي ۽ انهن تي ناز ڪيو آهي.'' (پليجو، 2012ع: ص 17)

''مارو بنا روڪ ٽوڪ ۽ محصول جي آبادي ڪن ٿا، هو (پسين ۽ ڏُلر جا) ڳاڙها گل ٻڌي آڻين ٿا، جهڙا منهنجا مارو فخر لائق آهن. اهڙوئي منهنجو ملڪ مليز ناز ڪرڻ جهڙو آهي.''

نڪا جهل نه پل نڪو رائُر ڏيهه ۾،
آڻئو وڃهن آهُرين، روڙئو رَتَا ڳُلَ،
مارُو ٻاڻ اَملَ، مليرون مَرڪڻو.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 233)

''مليز ۾ برسات جو پاڻي وهڪرا ڪري وهي ٿو، اتي وڻڪار آهي، ان ديس کي ڪيئن وساريان جتي ڄاڻيلين جا ڍڳها وار ڪلهن تي پيا ڪرن، اهڙي وطن کي وساري ڪيئن ويهان؟''

چارين نارين نيسَ، آءٌ ڪيئن ويڙ وساريان،
ڏُرڪن ٽيون ڄاڻيليون، ڪُلهن ڪارا ڪيسَ،
عمر! ماري ميسَ، وهان ڪيئن وطن ري.
(بلوچ، 1999ع: ص 482)

2.19.7 پورهيت طبقي کي هيرو بڻائيندڙ پهريون شاعر: اهڙيءَ ريت شاهه لطيف سنڌ جي عام بظاهر غير اهم، سادن ۽ رواجي ماڻهن، ماڻڪن، نظارن کي آئيديل (Ideal) ڪري مٿي آندو ۽ آسمان جي بلندين تي پهچائي ڇڏيو، جيڪي شيون ۽ ڳالهيون گهڻتائي ۽ عيب جو سبب هيون، اهي مارئي جو مَرڪ آهي.

وَرُ سي وطن ڄائيون صحرا سَٿُر جَن،
گولاڙا ۽ ڪُڳريون، اوچڻ اَباڻن،
ويڙهئا گهُمن وَلِيين، جهانگي منجهه جهنگن،
مون کي ماروئڙن، سُڄُ ڳٽائي سيجَ ۾.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 224)

''سامي، جوڳي، ڪاپڙي ۽ صوفي، سڄا قبيلن جا قبيلا، ماڻهن جي گروهه، مظلوم عوام، غريب، سُڄيا.

''مون کي ماروئڙن سُڄ ڳٽائي سيج ۾.''

انهن طبقن کي هيرو ڪري پيش ڪرڻ وارو اهو تصور فقط لطيف وٽ هو. سترهين ۽ ارڙهين صديءَ جي وچ ۾. مان شڪرگذار ٿيندس، ان جو جيڪو مون کي روسي شاعريءَ مان، چيني شاعريءَ مان انگريزي

شاعريءَ مان فرينچ يا جرمن شاعريءَ مان ان قسم جو مثال ٻڌائي، جنهن ۾ عوام کي هيرو ٻڌايو ويو آهي ۽ اهو به ان ڳالهه ۾ نه، ته عوام ويچارو آهي.“ (پليجو، 2012ع: ص 68)

اهڙيءَ ريت جڏهن اسين شاهه لطيف جي فڪر ۽ فلسفي کي ان وقت جي ٻين خطن جي شاعرن، مفڪرن ۽ نظريه دانن سان پيٽ ڪريون ٿا ته سندس مقام ۽ مرتبو مٿانهون ۽ جدا نظر اچي ٿو. هن بابت ڪيترن ئي عالمن بحث ڪري اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ته لطيف دنيا جي وڏن شاعرن جي پد تي بيٺل نظر اچي ٿو. جڏهن ته ڪن نالیوارن عالمن، ليڪڪن ۽ تنقيدنگارن جو خيال آهي ته فڪري لحاظ کان شاهه لطيف پنهنجي دؤر ۽ ان کان پوءِ به ڪيتري وقت تائين سڀني کان مٿانهون، اڳيرو ۽ اڳواڻ شاعر ۽ مفڪر رهيو آهي.

جنهن دؤر ۾ يورپ جا ترقي پسند روشن خيال ۽ انساني آزادين جا علمبردار به عوام ۽ ماڻهو (People) جي وصف هيٺ فقط سفيد پوش ۽ مڊل ڪلاس طبقي کي ئي ڳڻپ ۾ آڻيندا هئا ۽ هاري مزدور ۽ عام خلقِ خدا کي ڪنهن به شمار ۾ نه آندو پئي ويو. ڪتابن، ڪهاڻين، ناولن ۽ شعرن جا موضوع ۽ مخاطب به اُهي ئي مٿين طبقن ۽ انهن جي ساڻاري وچولي ڪلاس تي ٻڌل ’عوام‘ ئي هئا. ان وقت شاهه لطيف مسڪين ماروئڙن، جوڳين، سامين ۽ مظلوم پورهيت عورتن کي ڳائي رهيو هو.

شاهه لطيف جي شاعريءَ جي ڳوڙهي مطالعي مان خبر پوي ٿي ته هو شعوري طور تي سماج جي اهڙن طبقن کي تبديلي جو، تحرڪ جو، جدوجهد تاريخ جي محرڪ قوت ۽ اڳواڻ ڪري پيش ڪري رهيو هو، جنهن لاءِ ڪنهن به ان وقت تائين تصور به نه ڪيو هو، ان وقت دنيا جي ٻين خطن ۾ به تبديلي، تحرڪ ۽ نواڻ آڻڻ جو پڪو پختو تصور به بادشاهه، امير، سردار ۽ ٻيا اهڙا مٿين طبقن جا بااثر فرد ئي هوندا هئا، لطيف بلڪل ان جي ابتڙ مسڪينن ۽ اٻوجهن کي تاريخ جي هڪ وڏي محرڪ سگهه ۽ قوت قرار ڏين وارو تصور پيش ڪيو.

”يورپ جي تڏهوڪي وسيع خيال ۽ ’روشن ذهن‘ جي دعويٰ رکندڙ دؤر ۾ جڏهن ’عوام‘ جو تصور به اهڙو هو. تڏهن مشرق جو هڪڙو شاعر پنهنجي ’عام ماڻهو‘ کي سماج اصلاح لاءِ گهربل جدوجهد ۾ جنهن ڪردار نپائڻ لائق ٿي سمجهيو، سو هو هڪ جوڳي، هڪ ڪاهوڙي، پهاڙ جهاڳيندڙ سسئي، وقت جي بادشاهه وٽ باندي هڪ باغيرت ۽ بهادر مارئيءَ جو ڪردار، روشن خيال ۽ اڳتي وڌيل تصور هتي جو شاعر ڪيئن ٿي ڪري سگهيو؟ جڏهن ته يورپ ۾ به اهي تصور رائج نه هئا. يورپ لاءِ ته اهڙا ماڻهو ته اجا (Alien) يعني ’ڌاريا‘ ’پرايا‘ ۽ پري اُڇلائي ڇڏڻ لائق هئا. يورپ ۾ ته فرينچ انقلاب تائين اهي ڳالهيون هيون ڪونه!“ (پليجو، 2012ع: ص 35)

سچ پچ ته شاهه لطيف جي شاعريءَ جي ڳوڙهي ۽ وسيع مطالعي ۽ تحقيق کان پوءِ سندس ڪلام جي ان وقت جي نام ڪٿين عالمي شاعرن سان پيٽ ڪجي ته ڪيترين ئي ڳالهين ۾ شاهه لطيف انهن کان مٿيرو ۽ اڳيرو آهي. فڪري طور تي سندس پنهنجي وطن جي ننڍين ننڍين ۽ خسيس شين، عام مسڪين ۽ پورهيت پنهوارن جي پچار ان دؤر ۾ ٻئي درجي کان به هيٺ ڪرايل سندس وطني سنڌي ٻوليءَ سان محبت ڪرڻ، مان ڏيڻ ۽ انهن سڀني شين تي فخر ڪرڻ کيس مڙني شاعرن کان انوکو، نرالو ۽ مٿانهون مقام ڏياري ٿو.

2.19.8 شاهه لطيف جي شاعري ۽ مذهبي مت پيد:

شاهه لطيف مذهبي پيد پاؤ کان ڪوهين ڏور هو، سندس سورما ۽ سورميون به اهڙي مت پيد کان آجا آهن. انهن مان ڪيترائي هندو ڌرم سان لاڳاپو رکن ٿا. انڪري شاهه لطيف کي مڙني مذهبن جا پوئلڳ پنهنجو سمجهن ٿا، پڙهن ٿا ۽ پيار ڪن ٿا. چا هندو چا مسلمان، سک ۽ عيسائي. چو ته شاهه جو پيغام آفاقي آهي. عالمگير آهي. ان کي ڪنهن هڪ

مخصوص نظريي، عقيدي يا مذهب ۾ مقيد نٿو ڪري سگهجي.

”اهي صوفي جيڪا تعليم ڏين ٿا، هو پاڻ به ان تي عمل ڪن ٿا. هڪ صوفي جو نظريو ڪنهن مذهب، عقيدي يا مسلڪ سان ٽڪر ڪونه کائيندو، متصادم ڪونه ٿيندو، بلڪه اهي سمورن مذهب ۽ عقيدن جي جوهر کان آشنا هوندا آهن.“ (فهميده حسين، 2007ع: 15)

نبي ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم پنهنجي لاءِ هي دعا گهرندا هئا:

يارَبّ اِنِي كُلّ شيءِ كَمّاهُو.

(يارب مون کي سڀ شيون ائين ڏيکار جيئن اهي اصل ۾ آهن).

لطيف سائين راڳ بابت فرمائيندا هئا ته:

”منهنجي اندر ۾ محبت جو وڻ آهي، جيڪو راڳ جي پاڻيءَ سان ئي سائو رهي سگهي ٿو. اوهان جي نظر ۾ جيتوڻيڪ اهو پاڻي ناپاڪ آهي. پر اهو منهنجي ان وڻ (محبت) کي سائو رکي ٿو.“

شاهه لطيف نه صرف پنهنجي روح جي آبياري ۽ سڪون جو طالب هو پر هن پنهنجي وطن ۽ ان جي ماڻهن سان گڏ سموري دنيا جي انسانن لاءِ سک ۽ شانتي جو طلبگار هو.

سائين سدائين ڪرين مٿي سنڌ سڪار،
دوست مٿا دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين.
(بلوچ، 1999ع: ص 548)

محمد حسين ڪاشف لکي ٿو ته:

”لطيف بحيثيت شاعر ۽ عارف ۽ آدرشي انسان جي هڪ اهڙو وجود آهي جيڪو ٻين جي روح سان مخاطب ۽ انهن جو ترجمان آهي. ان لاءِ ته اهي هن عظيم شاعر جي روح جي آواز کي سمجهن، چاڪاڻ ته لطيف جي روح پاڻ کي خودبيني ۾ مصروف رکڻ نه پئي گهريو، پر پنهنجي وجود جو مقصد سندن آڏو انسانيت جي سکئي ستابي هئڻ ۽ عالم جي آبادي ۽ بقا ۾ نظر ٿي آيو.“ (ڪاشف، 2007ع: 84)

شاهه لطيف جي شاعري بابت مختلف مڪتبئه فڪر جي عالمن، اسڪالرن ۽ شاگردن پنهنجي پنهنجي خيال کان معنيٰ ۽ مطلب پي ڪيا آهن. کي ان مان روحاني معنيٰ جا موتي ٿا لين ته کي وري عملي زندگي، جدوجهد، تلاش ۽ نيون راهون ۽ رستا ماڻڻ جو نظريو ۽ واٽ. جڏهن ته لطيف سائينءَ جي مذهبي شاعري به موجود آهي ۽ رومانوي ۽ جذباتي ۽ عشقيه شاعري به پنهنجي جاءِ تي هڪ حقيقت آهي، باوجود انهن ڳالهين جي هڪ ڳالهه صاف نظر اچي ٿي ته شاهه لطيف ڪٽر مذهبي نه هو ۽ نه ئي فرقي واريت جو ڪو شڪ ۽ شائبو مٽس ڪري سگهجي ٿو.

ڊاڪٽر سحر امداد لکي ٿي ته:

”هونئن به شاهه ڪٽر مذهبي ڪڏهن به نه هو. چو ته هر عظيم شاعر ۽ تخليقڪار هر مت پيد ۽ ڪٽرپڻي کان مٿانهون هوندو آهي. تنهنڪري شاهه جي سائين چئن هزار بيتن مان چند سؤ کي ڪٽي اسان شاهه کي محض هڪ مذهبي مبلغ (Fanatic) يا ولي الله چئي سندس شعرن جا رڳو روحاني راز ماڻهن تي مڑهيون ۽ ٿاڦيون، سا ان شاعر سان زيادتي آهي ۽ جيڪو صحيح معنيٰ ۾ (Multi Dimensional) شاعر آهي.“ (سحرامداد، 1988ع: 97)

2.19.9 شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ غم جي ڪيفيت ۽ حقيقت:

عشق جي غم جي چاشني چکڻ کان پوءِ ان کان منهن موڙڻ محال آهي. غم جي حقيقت کي جنهن سمجهيو اهوئي ڪمال عشق جي رتبي تي رسيو.

لائي جو ويا، منجهين ٿو مَڇ بَري،

سو اجهامي ڪِئا، جنہ سورينڊڙ سُپرين.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 414)

”منهنجا پرين جيڪا آڳ منهنجي من ۾ ٻاري ويا اها ڪيئن وسامي ڏي سگهي. ڇو ته ان کي اهي پاڻ پيا تيز ڪن.“

شاهه لطيف ڏک جي طاقت ۽ ڪرشمي کي محسوس ڪيو ۽ پنهنجي ڪلام ۾ پرپور نموني پيش ڪيو آهي.

حافظ شيرازي چيو آهي ته:

”جيڪو ويڙيو ناهي، اهو اسان مان نه آهي.“

شاهه لطيف به ائين ئي چيو ته:

جان ويڙيين تان ويهه، اڻ ويڙيو تان واڻ ڏي.
(بلوچ، 1999ع: ص 149)

دراصل عشق ۽ غم ماڻهن ۾ بي پناهه شڪتيون ۽ خوبيون ۽ برداشت پيدا ڪن ٿا. ڏکن جي ٻڌي مان پچي ئي انسان پڪو پختو ۽ ڪامل انسان بڏجي ٿو. اهڙيءَ ريت شاهه لطيف به ڏک ڳڻهڻ خاطر سک ڏيڻ جي ڳالهه ڪئي آهي.

سؤ سُکن ڏيئي، ورهه وهايم هيڪڙو،
مون کي تنهن نيئي، پيرُ ڏيکاريو پرينءَ جو.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 177)

ان بابت رومي چوي ٿو ته:

(معنيٰ) ”اي پرين تنهنجي جفا جو درد دنيا جي دولت کان پلو آهي ۽ تنهنجو انتقام پنهنجي ساهه سرير کان وڌيڪ پيارو آهي.“

ڊاڪٽر بلوچ لکي ٿو ته:

”’جن کي سور ٿيو، صحت به انهن کي ئي ملي سورن سان تڪليف سان سيڪا شيءِ ملندي آهي.‘ عام ٻوليءَ ۾ ائين چئبو آهي. پر مٿانهين ٻوليءَ ۾ ائين چئبو ته: جڏهن درد ٿئي ٿو ته اُهو سبب بڏجي ٿو ويچ وڻ وڃڻ جو، صحت ۽ سچي خوشي اتي ئي آهي. ائين درد مان زندگيءَ جي راهه نڪري ٿي، پنڌ به سولو ۽ سڌو ٿي پوي ٿو.“

(بلوچ، 2007ع: ص 208)

سور جنين کي سريو، سري تن صحت،
مٿي مصيبت آهي عاشقن کي.
(بلوچ، 1999ع: ص 155)

ڏک ۽ سُک جي معنيٰ ۽ مفهوم مڙني ماڻهن لاءِ ساڳي نه پر جدا جدا آهي.

”ڏک ڇا آهي؟ سک ۽ راحت ڇا آهي؟ ان جو دارومدار انسان جي حالت، روين، ذهني ۽ سماجي صورتحال تي مدار رکي ٿو. ان بابت ڪابه هڪجهڙي راءِ سڀني ماڻهن لاءِ قائم نٿي ڪري سگهجي. ان ڪانسواءِ ڪنهن لاءِ ڪا ڳالهه يا واقعو معمولي تڪليف ڏيندڙ ته ڪنهن لاءِ وڏو صدمو ۽ سُور ٿيو پوي. ان ڪري ان جو ڪاٿو ڪرڻ ممڪن ئي نه آهي.“

”ڏک سک جا حساب ڪتاب ڪرڻ وارو قاضي اڃا ماءُ پيٽان جائوئي ڪونهي، هي اها منزل آهي. جتي فرشتن جا به پَرَ جلن ٿا.“

(پليجو، 1992ع: ص 104)

هڪ حديث جي معنيٰ هن ريت آهي ته:

”موت هڪ پُل آهي، جنهن مان گذري دوست، دوست جي لقا کان بقا حاصل ڪري ٿو.“

يعني هتي به اها ڳالهه سامهون آئي آهي ته ڏک ئي ڪاميابي ۽ منزل جي واڻ

ڏيکاري ٿو. شاهه لطيف جي شاعري فقط ڏکن سورن جي سار پچار نه آهي. نه ئي ان ۾ رحم طلبي جو عنصر آهي. هو ڏک کي، تڪليف کي آزمائش ۽ امتحان کي سهپ، مضبوطي، طاقت، سمجهه سُرت ۽ سجاڳي ۾ بدلائي پنهنجي محبوب ۽ منزل تائين پهچڻ جو سبق سيکاري ٿو. هو حوصلي ۽ عزم جو پيغمبر آهي. شاهه آفاقي شاعر آهي پر ڏرتي ۽ ان جي عام انسانن سان ان جو ناتو ۽ نينهن تهائين وڌيڪ جڙيل رهيو.

''هنن جو نظريو آهي ته حقيقت جو عرفان تڏهن ئي حاصل ٿي سگهي ٿو، جڏهن ماڻهوءَ جو اندر اجرو ٿئي. اندر جي اجري ٿيڻ کي انگريزيءَ ۾ ڪيٿارس (Cathorus) چوندا آهن ۽ شاهه ان کي نجس جو نکرڻ ٿو چئي. شاهه جي خيال ۾ اندر جي اُجري ٿيڻ جا ٻيا وسيلا آهن. غم، حسن ۽ موسيقي!'' (آغا سليم، 2008ع: ص 17)

سَدا وڌيم سُور جي، اڳيان ڪوهياري،
جو نِجس نيڪاري، سو پنهونءَ وڌم پاندَ ۾.
(بلوچ، 1999ع: ص 301)

2.19.10 شاهه لطيف جي فڪر ۽ فلسفي جو ڦهلاءُ:

شاهه لطيف جي ڪلام ۾ سنڌ وسي ٿي، سنڌي ماڻهن جو مزاج، نفسيات ۽ رهڻي ڪرڻي هر سٽ سان سلهاڙيل آهي. چو ته لطيف سائين انهن شين جو مطالعو ۽ مشاهدو خود انهن ماڻهن سان روبرو رابطي ۾ اچي ڪيو. ڊاڪٽر غلام علي الانا ان کي سنڌي ماڻهن جي 'فطرت جو اپياس' سڏيو آهي.

''پنهنجن انهن سڀني سُرن ۾ لطيف سائينءَ انهن خطن جي سياسي، سماجي، ثقافتي توڙي بين حالتن جو، دل جي گهراين ۽ توجهه سان مطالعو ڪيو ۽ پنهنجي ڪلام ۾ انهن خطن جي عام ماڻهن جي نفسياتي سوچ ۽ فطرت جو مطالعو به ڪيو. اهوئي سبب آهي جو لطيف سائينءَ جي ڪلام کي سنڌوماٿر جي عام ماڻهن جي 'فطرت جو اپياس' سڏڻ ۾ ڪوبه وڌاءُ ڪونه ٿيندو. سندس رسالي ۾ هر سُر ۾، انسانذات جي نفسياتي فطرت ۽ ڪيفيتن جو اپياس، مختلف روپن ۾، علامتن، تمثيلن ۽ استعارن جي صورت ۾ نظر اچي ٿو.'' (الانا، 2012ع: 19)

شاهه لطيف جو فڪر ۽ فلسفو خيالي نه پر عملي آهي ۽ اهو ان تي عمل جي تقاضا ڪري ٿو. شاهه لطيف پنهنجي ڪلام ۾ عمل جو، ڪردار جو، گڏپ جو، جستجو ۽ ڳولا جو ۽ اهڙن اعليٰ انساني قدرن جو مڪمل ضابطه حيات ڏنو آهي، هاڻي سوال اهو آهي ته اسان ان تي عمل ڪيتري حد تائين ڪيو آهي يا ڪريون پيا.

''شاهه لطيف هڪ آدرشي مفڪر جي حيثيت سان، پنهنجون سماجي ذميواريون پوريون ڪيون، هن فڪري رهنمائي ڪئي ۽ زندگيءَ جي صحيح واٽ ٻڌائي. پر اسين لطيفي فڪر کان سطحي طرح متاثر ٿيا آهيون. تحريرن ۽ تقريرن ۾ روشن خيالي ته موجود آهي، پر عملي زندگيءَ ۾ اها گهٽ نظر ٿي اچي. اُتي اسان جاگيردارانه روايتن جي پوئواري ڪندي نظر اچون ٿا.'' (ادل سومرو، 2007ع: ص 153)

شاهه لطيف جو فڪر جنهن پد تي پهتل آهي، اهو ان امر جو گهرجائو آهي ته ان تي وڌي پيماني تي تحقيق ۽ ترويج جو بندوبست ٿئي ۽ اها تحقيق منظم انداز سان ٿيڻ گهرجي، چڑوچڑ ۽ بي ضابطي واري نموني نه. ڊاڪٽر بلوچ صاحب شاهه لطيف جي فڪر جي ڦهلاءُ، سوچ، سمجهه ۽ تحقيق جي ڪمي ۽ ڪوٽ جي ڳالهه ڪندي لکي ٿو ته:

''شاهه عبداللطيف صاحب جو جيڪو شعر آهي يا جيڪو فلسفو فڪر آهي، اسان ان جي حد تائين نه پهتا آهيون. اسان تمام ٿوري ڪوشش ڪئي آهي. شاهه عبداللطيف جي اسان تي معيار آهي ته اسان سندس فڪر تي ايترو نه سوچيو آهي. شاهه صاحب جا جيڪي بيت آهن، تن کي چنڊي چاڙي سولي ڪرڻ جي مون ڪوشش آهي. ڪنهن حد تائين اها ميار لڻي

آهي پر جيستائين فڪر جو سلسلو آهي سو تمام وڏو آهي.“ (بلوچ، 2007ع: ص 206)

ان سلسلي ۾ اهڙا ڪهڙ اُپاءُ وٺي سگهجن ٿا. جنهن سان لطيف شناسي جو سلسلو وڌي ويجهي ۽ شاهه لطيف جو فڪر ۽ فلسفو ماڻهن جي من ۾ ذهن ۾ ايترو ته پيهي وڃي جو انهن جي ذهني نشونما ۽ اوسر ٿئي ته ٻئي طرف اهي شاهه لطيف جي پيغام تي عمل پيرا ٿي پنهنجي سماج، ماحول ۽ زندگين کي تبديل ڪري ڇڏين. اهو ان صورت ۾ ٿي سگهي ٿو، جڏهن لطيف شناسي جي هڪ رڪاوٽ تحت وڌي پيماني تي تحريڪ جاري ٿئي جيڪا هن سماج جي بينل ۽ سينواريل تلاءُ ۾ تبديلي جي هلچل ۽ وهڪرو آڻي وجهي.

”لطيف جا ڪلاس هو ڳوٺ ۾ هجڻ کپن، هر شهر ۾ هڻڻ کپن، لطيف جا زبردست مدرسا هڻڻ کپن. جتي لطيف پڙهايو وڃي، سمجهيو وڃي ته ان ۾ جيڪا طاقت ۽ قوت آهي، جرئت ۽ دليري آهي، ڪاميابي جا راز آهن. هن مظلوم ۽ ستايل، سست ۽ نبل، منجهايل، ماريل، غرق ڪيل قوم لاءِ انتهائي ضروري آهي.“ (پليجو، 2012ع: ص 57)

اڏر نڏر اپري، گمن گمانٽي،
سا ڪيئن وهي ويسري؟ جا گهائي گهومانٽي،
پيئي پيش پُنهونءَ جي، اُسن ۾ آنٽي،
جا لُڪن لُوسانٽي، سا سيج چَڙهندي سَسئي.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 114)

شاهه لطيف جيئن هتي سسئي لاءِ اميد ڏيکاري آهي دعا ڪئي آهي ته هو نيٺ مصيبتن، ڏکاين ۽ پريشانين مان پار پوندي اهڙي ريت يقيناً شاهه لطيف جا هم وطن ۽ انهن جو وطن به ائين سرهو ۽ شاد آباد ٿيندو. شرط اهو آهي ته اسان پنهنجي هن عالمي پايي جي پيغامبر، فلسفي ۽ نظريه دان شاهه لطيف جي فڪر ۽ فلسفي کي ڦهلايون ۽ ان تي عمل ڪريون.

”اها هڪ حقيقت آهي ته پوڻا ٽي سؤ سال گذرڻ باوجود اڄ به اسان جيترو ڪيس سمجهيو آهي. اهو بنهه گهٽ آهي. سندس شاعري جي فڪر ۽ فلسفي جي ڪٽ ڪرڻ ڏکيو ڪم آهي. شاهه جي شاعري جي معنويت کي سمجهڻ سمنڊ سوجهڻ برابر آهي. ان کي سمجهڻ لاءِ اسان کي صديون گهرجن. تنهن ڪري سندس شاعريءَ ۾ سمايل فڪر ۽ فلسفي کي سمجهڻ ۽ سندس پيغام کي ڦهلائڻ جي سخت ضرورت آهي.“ (مانجهي، 2012ع: ص 15)

شاهه لطيف پنهنجي وطن ۽ هم وطنين لاءِ ڪهڙي سک، سڪار ۽ سرهائي واري ديس جو نمونو (Model) پيش ڪيو آهي. ڪي محقق هن سلسلي ۾ مارئي جي ”ملير“ جو مثال پيش ڪن ٿا ته لطيف جو تصوراتي خوشحال ديس ملير ئي آهي. جنهن ۾ سُڪار آهي، خوشحالي آهي، ماڻهو، مال ۽ پکي سرها آهن، امن ۽ آشتي آهي.

”ڪالهه ملير مان قاصد آيو ۽ پڌايائين ته ملير وڻو آهي، سپ ڏک ڏاکڙا لهي ويا آهن، ڏٺ پچي پيا آهن. مَهي به جهجهي انداز ۾ موجود آهي. ڪاش آءٌ اتي هجان ۽ سِڪون لاهيان.“

پانڌي پرينءَ پنهوار جو، آيو ڪالَهه ڪهي،
وَڻا مينهن ملير ۾، وئڙا ڏک لهي،
ڏٺ پچي پيا ڏيهه ۾، گهٽي موڪ مهي،

ويڙهيچن وَهي، سڪون لاهيان سومرا.
(بلوچ، 1999ع: ص 500)

”پليٽو جي ريپلڪ، ٿامس مور جي يوٽوپيا، مارڪس جي غير طبقاتي سماج ۽ لطيف جي مليز تي نظر وجهڻ سان هيءُ به اندازو ٿئي ٿو ته انساني فڪر جا وهڪرا صدين کان ڪنهن آسودي ۽ آجي سماج لاءِ ڌرتيءَ تي پنهنجا گس ٺاهيندا ۽ ذهنن کي سيراب ڪندا رهيا آهن.“
(مجيدي، 2012ع: ص 77)

مٿانهين سوچ، فڪر ۽ فلسفي جي وسعت وارو شاعر شاهه لطيف پنهنجي ذات، ڪڙم قبيلي کان آڳاهون، مٿيرو ۽ مٿانهون ٿي سوچي ۽ لوچي ٿو. سندس هي پيار جو پورهيو سندس سڃي قوم، وطن ۽ سڃي سنسار جي سک، شانتي، خوشحالي ۽ ترقيءَ لا تڙپ جو اظهار آهي.

باب ٹيون:

شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ سسئي پنهون ۽ ٻين تاريخي داستانن جو تقابلي مطالعو:

3.1 شاهه لطيف جي ڪلام ۾ سورميون ۽ پورهيت عورتون:

(1) سسئي (2) سهڻي (3) ليلا (4) مومل، (5) نوري (6) مارئي، (7) سورٺ، (8) وڻجاري، (9) ڪاپائتي

ان کان علاوه پورهيت عورتن ۾ ڏوٿي عورت، آهيڙي عورت شامل آهي. شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾عورت ڪردار تمام سگهارا، نمايان ۽ رسالي ۾ مکيه مقام تي آهن ۽ پرپور نموني بيان ڪيل آهن. شاهه لطيف پنهنجي اعليٰ فڪر، گهري سوچ ۽ شاندار فن جي ڪمال سان انهن ڪردارن کي جڙ ته نئين سر گهڙي، ٺاهي، سنواري ۽ سينگاري نئون ۽ نرالو روپ ڏئي، نئون روح ڦوڪي امر بڻائي ڇڏيو آهي. اهي عورت ڪردار سندس نقطئه نظر، خيالن، سوچن ۽ آدرشن جا سگهارا ترجمان، چٽا مثال ۽ واضح عڪس آهن، انڪري شاهه لطيف جي ڪلام ۾ انهن ڪردارن جي وڏي اهميت ۽ مکيه مقام آهي، جو هو انهن ڪردارن جي سوچ ۽ عمل کي مثالي زندگيءَ جو نمونو ۽ انساني آدرشن جو معراج سمجهي ٿو ۽ اهڙو انسان بڻجڻ لاءِ هدايت ۽ تلقين ڪري ٿو.

شاهه لطيف جي سورمين جو ذڪر ڪرڻ وقت هن خيال کي ذهن ۾ رکڻ ضروري آهي ته شاعر ليڪ جو هر ڪردار ساڳئي پد تي نه هوندو آهي نه ئي مختلف ڪردارن ۾ اهڙي ڪا تمام گهڻي هڪجهڙائي هوندي آهي جو انهن جي ساڳئي معيار ۽ ماپن موجب ڪٽ ڪري سگهجي.

شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ ڪيترائي عورتاٽا ڪردار آهن، پر اهي سڀئي ’سورميون‘ نه آهن. پر اهي سورميون رڳو ان مقصد ۽ معنيٰ ۾ آهن جو هو پنهنجي داستان ۽ ڪهاڻيءَ جو سرموڙ عورتاٽو ڪردار آهن، ان ريت کين هيروئن چئي سگهجي ٿو. ان کان پوءِ انهن سورمين جون به جدا جدا حالتون ۽ ڪيفيتون آهن ۽ انهن جون پنهنجي ڪردار، ماحول ۽ داستان جي گهرج موجب مختلف، جدا ۽ نراليون خوبيون به آهن. سورمين جي پيٽ ڪرڻ وقت انهن ڳالهين کي ڌيان هيٺ آڻجي.

> ”شاهه جي خيال ۾، هڪ مڪمل ۽ آئيديل عورت جو تصور هو. هو ان جي ڪردار ۾ ڪي خوبيون ڏسڻ چاهي ٿو. پر سڀئي خوبيون هڪ عورت ۾ نٿيون ملن. ڪنهن عورت ۾ هڪ، ٻه يا ٽي خوبيون هونديون آهن ته اهي عورتن ۾ نمايان نظر ايندیون آهن. انڪري شاهه اهي سڀ خوبيون پنهنجين سورمين ۾ رکيون آهن. انهن کي گڏ ڪري ڏسندا ته شاهه جي آئيديل ۽ مڪمل عورت جو تصور سامهون ايندو.“ (الياس عشقي، 2002ع: ص 32)

شاهه لطيف جي سورمين جي ڪردار جو جائزو وٺڻ سان گڏوگڏ انهن جي ڌار ڌار خوبين کي اُجاگر ڪري اڳيان آڻڻ ۽ انهن جي پيٽ ڪرڻ به قدر لائق ڪم آهي. ٻئي پاسي اهڙي پيٽ ڪندي ڪنهن سورميءَ جي ڪردار کي گهٽ ڪرڻ، نندا ڪرڻ يا ڪوجهو ڪري پيش ڪرڻ به نه جڳائي.

شاهه لطيف ڪنهن سورمي جي ڪا غلطي، ڀل، خطا يا ان جو ڪو ڪمزور پاسو بيان ڪيو آهي، ته اها انساني فطرت جي آرسي آهي. انسان ’خطا جو گهر‘ سڏيو ويو آهي. ان کانسواءِ ڪوتاهي ۽ ڪَسائي کي مجبو، قبول ڪبو، پشيماني ظاهر ڪبي، تڏهن ئي ته انسان ان حالت مان نڪري پاڻ ۾ سڌارو ۽ بهتري آڻي سگهندو. ته ثابت ٿيو ته انسان غلطيون ۽ ڪوتاهيون اوس ڪندو رهندو، پر انهن جي قبوليڻ، پشيماني ظاهر ڪرڻ، ۽ درستگي ڪرڻ ئي انساني عظمت ۽ اعليٰ مقام ماڻڻ جو ڏس ۽ گس آهن.

ليلا مٺئي تي موهت ٿي پنهنجي وَر جو پيار ۽ اعتبار وجائي ويهي ٿي ۽ پڇتاءُ جا لڙڪ لاڙي ٿي، مومل به وڏگهراٽي آهي ۽ راڻي جي محبت ۾ خيالي ٻهروپي ئي سهي پر

شرڪ آڻي ٿي ۽ راڻي جي غيرت ۽ صبر ويراڳ جي صورت ۾ پلئه پيس ۽ پوءِ هيءَ به پڇتاءُ جا پهر ڪائي ٿي ۽ جدائي جي آڳ ۾ جَلي ٿي. مارئي عورت جي عظمت ۽ ساڻيهه جي سِڪ جي علامت آهي ته ٻئي پاسي هوءَ به نوڙت سان پنهنجي غريب حال ۽ عزت ۽ غيرت تي فخر ڪري ٿي. نوري نهايت حسين هوندي ۽ جام تماچيءَ جي پٽ راڻي جي پد تي پهچڻ باوجود نياز، نهنائي ۽ نوڙت جو اهڙو ته عاليشان ۽ عملي ورتاءُ ٿي ڪري جو جام تماچي هن تي اڃا به وڌيڪ موهت ٿيندي، اپو ٿي مٿس مورڇل پيئو ٿو هڻي.، سورٺ سندس وَر کي پنهنجي قول تان لهڻ تي مجبور نه ڪري سندس شان ۽ مانُ مٽانهون ڪري ٿي هو پنهنجي تقدير جو لکيو نيائي ٿي ۽ گڏوگڏ زماني جي رسمن جو به شڪار ٿئي ٿي ۽ ڪيس پنهنجي ور سان گڏ ستي ٿيڻو پوي ٿو جو ان زماني جي لوڪ لڃا ۽ رسم رواج هڪ وڏواهه مان اهائي اميد رکن پيا.

سسئي به انساني فطرت جي سپائن جو پيڪر آهي، هوءَ جدوجهد جي ميدان ۾ پرعزم به آهي ته پنهون سان پيڇ انڪائڻ تي پڇتاءُ به ڏيکاري ٿي.

سسئي انهيءَ انساني فطرت ۽ جذبات جي جولان ۾ ڪنهن مهل جتن کي ميارون ٿي ڏي ته ڪنهن پل پاڻ مان ٻئي وڏو ڪيو.

ساڻي توءِ هلن، پٿر جي وار ڪريان،
جيڪس ٻاروچن، ڪو ڏٺو عيب اکين سان.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 173)

سسئي پانئين ٿي ته مون عيب هاڻي جو ڪو عيب پسي پنهون سٽ مون کي ساڻ لائق نه سمجهيو ۽ تعلق جي تند ٽوڙي ڪيڇ ڪاهي ويا.

هتي سسئي پنهنجي عيب هاڻي هجڻ جو گمان آڻي ٿي. ان کي سسئي جي ڪردار جي ڪمزوري ونڊ بدران انهن حالتن کي ڏسندي جن مان هوءَ گذري رهي هئي. ان ڪيفيت ۾ ان مهل ڪهڙا احساس، انديشا، سوال ۽ خدشا دل ۾ ديرو ڪن ٿا، شاهه لطيف ان جي پوري پوري ترجماني ڪري ڇڏيو آهي. اهي سموريون پل پل بدلجندڙ ڪيفيتون نوان روپ ونڊندڙ احساس ۽ خيال انساني فطرت جو اظهار ۽ ان جو خاصو آهن. اهڙين اُڏمن ۽ احساسن جي ماڻهو کي پاڻ ئي پروڙ نه پوندي آهي.

دل درياءَ، سمندران ڏونگهي،
ڪونه دليان، ديان ڄاڻي.

”دلين جا درياءَ سمندن کان به اونها آهن، دلين جي ڪنهن کي خبر، ڪنهن کي ڄاڻ؟“ سسئي وري هيئن ٿي پڪاري ته:

آئون جي هيس هڏ، اديون آريجن جو،
ساڻ لڏيندي سڏ، هوند ڪوهيارا ڪرين مُون.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 173)

هتي سسئي اهڙو ارمان ظاهر ڪندي نظر اچي ٿي اُن ۾ ڪا ته اوڻائي آهي جو ڪيڇي کيس پاڻ سان نه وڃي ويا، اها ڪمي، ڪوتاهي، اوڻائي ۽ عيب ڪهڙو هو. جنهن سسئي کي ائين رت روئاڙيو، آڏواڻي صاحب ان بابت لکي ٿو ته:

”پنهون جو هڪ پاءُ ’چنرو‘ نالي ساڻس آيو هو، تنهن وجي پيءَ سان پيرائتي ڳالهه ڪئي، آري جام ڳالهه ٻڌي باهه ٿي ويو ۽ انهيءَ دم پنهنجن ٻين پَڻن کي موڪلياٿين ته وڃي پنهونءَ کي وڃي اچو، جو اسان جو نڪ ٻوڙي، هڪ ڏوٻيءَ جي ڏيءَ سان پرٽيو آهي.“
(آڏواڻي، 1997ع: ص 77)

ڪن محققن موجب اِهو آري جام تي الزام آهي. هُو چوي ٿو ته پاءُ سان گڏ پاڃائيءَ کي وڃي اچو! هُو وڏي ظرف ۽ سوچ وارو انسان هو.

اهڙيءَ ريت سسئي جي ڪردار ۾ ذات پات جي اونچ نيچ وارو عنصر به نمايان ۽ ظاهر ٿيو ڏسجي. جڏهن ته ڪي محقق هن داستان ۾ اميري غريبي واري طبقاتي فرق وارو

ڪارڻ به بيان ڪن ٿا. درشهوار سيد لکي ٿي ته:

”سُر سسئي ۾ به طبقاتي ورڇ وارو خيال پيش ڪيو ويو آهي. جنهن مطابق پنهونءَ جو هڪ اعليٰ طبقي سان تعلق آهي ۽ سسئي جيئن ته هڪ غريب ڏوہيءَ جي ڌي آهي. انڪري پنهونءَ جا ڀائر ۽ ٻيا قبيلي وارا سسئي کي پنهنجو ڪرڻ کان انڪار ٿا ڪن ۽ هن کي رندن ۾ رولي ٿا وڃن.“ (درشهوار، 2007ع: ص 131)

3.1.1 عورتاڻا ڪردار شاهه جي فڪر جي نمائندگي ڪن ٿا: سسئي فقط ڏڪ، ارمان يا افسوس نٿي ڪري هو ان بي واجبي ۽ ڏاڍ خلاف ڪاهي پوي ٿي. تحرڪ ونڊي ٿي ۽ جا ڪوڙ ڪري ٿي. شاهه جون سورميون روايتي عورتون نه آهن. اهي پرعزم، پريقين حوصلي مند ۽ بهادر آهن. اهوئي سبب آهي ته شاهه جي شاعريءَ جا مرد ڪردار انهن جي اڳيان لِڪا ئِي نٿا ڏين. شاهه صاحب اهڙا جذباتي، سگهارا ۽ متحرڪ ڪردار عورتن جي روپ ۾ ئي پيش ڪيا. ان بابت شيخ اياز هن ريت وضاحت ڪئي آهي:

”سنڌي لوڪ ڪهاڻين ۾ نسائي ڪردار وڌيڪ فعال ۽ متحرڪ آهن. ٻيو سبب اهو آهي ته اسان جي معاشري ۾ عورت جبر ۽ محرومي جي علامت آهي ۽ ٽيون سبب ڪان اهم سبب اِهو آهي ته احساس جي شدت جي باوجود عورت زندگيءَ کي ان جي عذابن سان قبول ڪرڻ جو استعارو آهي. ان جي برعڪس انهن ڪهاڻين ۾ مرد جو ڪردار ايترو فعال، ايترو حساس ۽ ايترو گهايل نظر نٿو اچي، شايد ان جو سبب سماج ۾ مرد جي مقام ۽ ان جي عمل ۽ ردِعمل ۾ لِڪل هجي، بهرحال اهو هڪ عليحده بحث آهي ۽ هر الميه داستان ۾ مرد نسبت عورت هڪ زندهه حقيقت جو ٿي بنجي وڃي! چاڪاڻ جو شاهه صاحب زندگيءَ کي رد ڪرڻ يا قبول ڪرڻ جي چڪتاڻ ۾ ان کي قبول ڪرڻ جو درس ڏنو آهي. انڪري لوڪ ڪهاڻين جا زنانا ڪردار ئي انهيءَ نقطئه نظر جي نمائندگي ڪري ٿي سگهيا ۽ انهن ڪردارن جي نفسياتي مطالعي جي روشني ۾ هو انهيءَ حقيقت جو انڪشاف ڪري ٿي سگهيو ته زندگي طلب جو نالو آهي، جستجو جو نالو، جبر کان آزادي جو نالو آهي، ان عشق جو نالو آهي جيڪو پنهنجي آدرش کي پنهنجي روح ۾ جذب ڪرڻ سان پيدا ٿيندو آهي.“

(شيخ اياز، 1980ع: ص 24-25)

3.1.2 عورت جي سهپ آدرشي آهي: اهڙيءَ ريت عورتن جي هڪ خاص ۽ عليحده خوبي، صلاحيت يا گڻ چئجي ته انهن ۾ سهپ ۽ برداشت جو مادو به مردن جي بنسبت تمام وڌيڪ هوندو آهي. عورتون جن ڏکين، پيچيده ۽ تڪليف ڏيندڙ حالتن ۾ گذاري سگهن ٿيون، مرد لاءِ ان جو تصور به محال آهي.

”لطيف جي شاعري جو مرڪزي نڪتو تبديلي آهي، ٻيو ته لطيف سائين ميدان ۾ عورت کي مردن کان به مٿي به ڪيو آهي. توهان ڏسندؤ ته جيترو ڏک ۽ تڪليف برداشت ڪري، عورت رهي سگهي ٿي، اوترو مرد نٿو ڪري يا سهي سگهي.“ (پليجو، 2016ع: ص)

منڌ نه منجهان تن پسي لُڪ لُڏن جي،
جا پَر ڪاهوڙين، سا پَر سِکي سسئي.

(آڏواڻي، 2013ع: ص 301)

هتي شاهه لطيف سسئي کي ڪاهوڙي سڏي ٿو جيڪي لوساتيندڙ لُڪن ۾ پنهنجو پنڌ نه ٿا وسارين ۽ پنهنجي منزل ۽ مقصد ماڻڻ لاءِ پير پٿون ڪندا هلندا رهن ٿا.

شاهه لطيف جا عورت ڪردار گهڻو ڪري غريب مسڪين طبقي جا آهن. انهن ۾ ليلا ۽ مومل اوچي طبقي جون آهن، اهي ئي خطا ڪائين ٿيون. شاهه لطيف جو فڪر ۽ فلسفو ٻڌائي ٿو ته گُڻ ته غريبن ۾ آهن. اهي ئي عزت ۽ قدر لائق آهن. انهن تي فخر ڪجي جو اهي ئي

ڏرتيءَ جو مَرڪ ۽ مانُ آهن.

”محبوب جو ذڪر ته شيڪسپيئر به ڪيو آهي، پر لطيف چوي ٿو ته:

”پنهون ڪيائون پُور، جنهن ڏکيون ڏِک ويهاريون.“

مطلب ڳالهه جو آهي ته لطيف پهريون ماڻهو آهي جنهن مظلومن تي رحم نه ڪاڏو آهي. انهن کي قابل رحم نه سمجهيو آهي، اهي ڳالهيون تمام وڏي غور ۽ فڪر واريون آهن. لطيف چيو ته هي جيڪي ماڻهو مظلوم آهن. غريب آهن، ستايل آهن، اهي رڳو ويچارا ناهن. اهي وڏا عظيم آهن، وڏي ڳالهه آهن.“ (پليجو، 2012ع: ص 100)

مٿن ٽپڪ ٽپڪڑا، چڪندڑا اچن،
ڪُڑيون ڪيهه پُڪليون، پگهر سِر پيرن،
اي وَڙ ويڑهيچن، مون لوڏان ئي لِکيا.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 233)

3.1.3 شاهه لطيف عورتاڻي ٻولي اڏوري آهي: شاهه لطيف جي سورمين جي ڪردار جي تعمير ۽ نئين سر تشڪيل ۾ شاهه لطيف ٻين شاعراڻين خوبين ۽ ڪمال جي ڪاريگري کانسواءِ ٻوليءَ جو به اهڙو احساس پريو ۽ جذباتي نموني اظهار ۽ استعمال ڪيو آهي جو لڳي ٿو ته اهو ڪنهن مرد جو ڪلام نه پر هڪ عورت جوئي آواز ۽ وائي آهي.

”هڪڙي ڳالهه جيڪا ٻڌائيءَ کي پڙهڻ سان روح تي رائج ٿيڻ لڳي ٿي سا اها آهي ته شاهه نه رڳو سنڌي عورت کي پنهنجو ترجمان بنايو آهي، پر اُن ترجماني سان سچي رهڻ خاطر هن اڪثر هنڌن تي اِها ٻولي استعمال ڪئي آهي. جيڪا عورتن ۾ عام طرح رائج آهي.“ (فهميده حسين، 1993ع: ص 507)

ٻن ٻيائي، سپرين! پاڻان مون کي پَل،
ائون اوريان جهل، توکي رسي تو ڏٽي.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 286)

3.1.4 شاهه جي سورمين جا ورن: شاهه لطيف جي شاعريءَ جا عورت ڪردار جن داستانن ۾ اچن ٿا انهن جا واقعا ۽ موضوع جدا جدا آهن. انهن ۾ وطن دوستي، نياز ۽ نوڙت، جتسجو، طلب، عزم ۽ پختو ارادو، لالچ ۽ لوڀ هڻان ڏنگجي پشيمان ٿيڻ ۽ پڇتاءُ، اوسيئڙو ۽ انتظار جا پل پل ڏکوئيندڙ ۽ ايذائيندڙ ڏينهن ۽ راتيون ۽ اهڙا ڪئي انساني فطرت ۽ سياءُ جا منظر، ڪيفيتون ۽ احساس پسجن ٿا. ڪٿي ڪٿي انهن ۾ هڪجهڙائي به نظر اچي ٿي، ٿورو غور فڪر ڪرڻ سان ڪن داستانن جي ڪردارن جي روش ۽ ڪيفيت هڪجهڙي ڏسجي ٿي، پمياڻي صاحب لکي ٿو ته:

”شاهه جون سڀ سورميون هڪ طبقي اندر نه اچي سگهنديون. هرهڪ جي پدوي عليحده عليحده آهي. پر جيڪڏهن ڪوشش ڪجي ته سهڻي ۽ سسئي هڪ درجي ۾ ايندیون ۽ مومل ۽ ليلا ٻيءَ ۾. نوري ته ليلا ۽ مومل جي مقابلي ۾ آيل آهي. مارئي پنهنجو مٽ پاڻ آهي ۽ سورٹ جي حالت مڙني کان نرالي نظر ايندي.“ (پمياڻي، 2012ع: ص 78)

پمياڻي صاحب شاهه جي سورمين جي پيٽ جي ترتيب تمام سٺي ۽ سهڻي رکي آهي البته سسئي ۽ مارئي جي ڪردار ۾ هڪ اهم، وڏي ۽ زبردست هڪجهڙائي آهي، جنهن کي نظرانداز نٿو ڪري سگهجي، اها هڪجهڙائي ۽ جذباتي ڪيفيت آهي، انهن ٻنهي سورمين جو پڪو پختو، ارادو نه لڏندڙ يقين ۽ عزم، سسئي ته چوي ٿي ته:

اول آخر آهه، هلڻ منهنجو هوت ڏي.

پر مارئي به ته اٽل آهي ۽ پنهنجي قول تي قائم آهي ۽ ان لاءِ هو انتها تائين وڃڻ ۽ سمورا سُور ۽ سختيون سهڻ لاءِ هام هڻي ٿي.

جي لُوڻ لڳين لايئين، چيري چيري چم،

مُون ڪُر اڳي نه ڪئو، اهڙو ڪوجهو ڪم،
جان جان دعويٰ دَمُ، تان تان پرت پنوهارن سين.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 287)

هو مرڻ ته قبول ڪري سگهي ٿي پر پنهنجي مقصد ۽ منزل جو خيال ذهن مان ڪيڏ لاءِ تيار ناهي ۽ پڪوپهه ٿي ڪري ته آخري پساهه تائين پنهوار، سان پريت نپاهيندي.

اهڙيءَ ريت مارئي جي پختي ارادي ۽ ڪمال يقين ۽ عزم کي شاهه لطيف ڪيترن ئي بيتن ۾ سهڻي نموني سموهيو آهي.

ڪوءِ آسُون عمرڪوٽ جُون، وَرُ جهنگر ۾ جُهوپي،
جو اباڻن اڏيو، ڳڻن سين ڳُوپي،
ويندس ويڑهيچن ڏي، لوهه پچي لُوپي،
چيڙ آئون چُوپي، سِڪ لاهيندس سومرا.
(بلوچ، 1999ع: ص 474)

هتي مارئي هڪ نازڪ ۽ نبل عورت عمر جي ڪوٽ جا لوها بند پچي خلاصي ٿيڻ جي اهڙي ته پڪي ۽ پختي ارادي سان ڳالهه ڪئي آهي، جو اچرج پيو ٿئي. وري هڪ ٻئي هنڌ ويڑهيچن سان ڪيل وچن ياد ڪري ٿي ۽ ان کي پاڙڻ جو اقرار ٻئي ورجائي.

الست بربڪم، جڏهن ڪن پيوم،
"قالوا بليٰ" قلب سين تڏهن تِت چيوم،
تهين ويرِ ڪيوم، وچن ويڑهيچن سين.
(بلوچ، 1999ع: ص 475)

حاصل مطلب ته سسئي جو سفر ته عزم ۽ ارادي جي آڏار تي ئي تڳي ٿو پر مارئي جي من جي مراد جو محور وطني حب ته آهي ئي پر اهڙي سپني جي ساڻپيان لاءِ مارئي کي به شاهه لطيف پختي عزم ۽ ارادي سان ليس ڪري ٿو.

سَڪر سي ئي ڏينهه، جي مُون گهاريا بند ۾،
وسايم وڏڙا، مَٿي ماڙيءَ مينهن،
واجهاڻيس وصال کي، ٿيس تواني تيئن،
نيرُ منهنجي نينهن، اُجاري اچو ڪيو.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 241)

هتي مارئي مارن کي ساري مُرجهائي نه ٿي، پر قيد ۽ بند ۾ هوندي به تازي ۽ تواني آهي جو سُور ۽ سختيون انسان کي ڪمزور نه پر اڃا به وڌيڪ سهپ ۽ برداشت جو مادو پري وڌيڪ مضبوط ۽ پڪو پختو ڪن ٿا. اهڙيءَ ريت مارئي جي مارن سان محبت ۽ نينهن وڌيڪ مضبوط ٿئي ٿو.

ڊاڪٽر غلام علي الانا مارئي بابت لکي ٿو ته:

"مارئي جو ڪردار به عزم ۽ استقلال جو ڪردار آهي. مارئي عزم ڪيو ته لوئي جي لج نه لڄائيندس. هوءَ اهڙي ته پختي ۽ پڪي ارادي واري ثابت ٿي جو عمر بادشاهه جي پٽ پٽيهرن کي هٿ نه لاٽائين بلڪه انهن کي ٺڪرائي چڏيائين." (الانا، 1998ع: ص 48)

اي نه مارُن ريت، جئن سيڙ مٽائن سون تي،
اچي اَمرڪوٽ ۾ ڪنديس ڪانه ڪُريت،
پکن جي پريت، ماڙيءَ سين نه مٽبان.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 224)

هتي سماجي طور تي هڪ غريب، ڪمزور ۽ ويتر باندي بڻايل بي واهي عورت وقت جي حاڪم کي جيئن جواب ڏئي پئي ۽ اُن جون آڇون ٺڪرائي مارُن جو مان مٽائنهون پئي ڪري ان تي عجب ۽ حيرت وٺيو وڃي ۽ بي اختيار سندس لاءِ آفرين ۽ تحسين جا القاب اورڙ تي ماڻهو مجبور ٿي پوي ٿو. مارئي مردن کان مٿي مائي هئي.

”اسان جي معاشري ۾ عورت هميشه جبر ۽ ظلم جو شڪار رهي آهي، پر لطيف سائين عورت کي مٿانهون رتبو يا مقام ڏيارڻ لاءِ اهڙن مثالي ڪردارن کي پيش ڪيو آهي، جيڪي ڪهاڻين ۾ مردن جي پيٺ ۾ وڌيڪ فعال هيون.“ (نورافروز، 2007ع: ص 132)

2- سسئي پنهون ۽ ٻين داستانن جو تقابلي مطالعو:

3.2 سسئي پنهون:

3.2.1 قصي جي قدامت: سنڌ جا نيم تاريخي داستان گهڻو ڪري سومرن جي دؤر ۾ سرجيا، سنڌي ٻولي ۽ ادب جو محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکي ٿو ته:

”سنڌ جي عام مقبول قصن ۽ داستانن جي عنوانن تي غور ڪندي معلوم ٿئي ٿو ته انهن مان گهڻن جو بنيادي ٿڏو سومرن جي دؤر ۾ لڳو. انهن مان اوائلي داستان غالباً سسئي پنهون جو آهي. جنهن جو بنياد سنڌ ۽ بلوچستان جي وچ ۾ قافلن ذريعي واپار واري ماحول تي ٻڌل آهي، اهو واپار سنڌ ۽ عراق کي ڳنڍيندڙ انهيءَ شاهراهه سان هلندو هو، جيڪا عرب اسلامي دؤر ۾ لسٻيلي، ڪيچ مڪران، ڪرمان ۽ اهواز کان ٿيندي عراق تائين پهچندي هئي.“ (بلوچ، 1999ع: ص 134-133)

اهڙيءَ ريت لوڪ داستانن ۾ سڀ کان اوائلي ۽ پهريون قصو سسئي پنهون جوئي معلوم ٿئي ٿو. مير علي شير قانع تحفة الڪرام ۾ عمر مارئي، مومل راڻو ۽ ليلا چنيسر جا قصا سومرن جي دؤر واري احوال ۾ ڄاڻايا آهن. جڏهن ته سسئي پنهون جو قصو ان کان اڳ واري احوال ۾ آندو اٿس.

جيئن ته اِهو قصو سنڌ ۽ بلوچستان جي سماجي ۽ معاشي لاڳاپن، اڇ وڇ جو اهم اهجاڻ نظر اچي ٿو ۽ معلوم ٿئي ٿو ته ان وقت سنڌ ۾ بلوچن جي آڇ وڇ شروع ٿي چڪي هئي.

3.2.1 قصي جي جاگرافيائي پکيڙ: هن داستان جي واقعن ۽ ماڳن مڪانن جي نالن ۽ داستان جي تاجي پيٽي مان آسانيءَ سان سمجهي سگهجي ٿو ته هي قصو بنيادي طور تي سنڌ سان ئي تعلق رکي ٿو پر پنجاب جي ليکڪن سسئي کي پنجاب جو ڄاڻايو ۽ پنپور کي به پنجاب جو شهر قرار ڏنو.

”پنجاب جا اڪثر شاعر سسئي کي پنجاب جو ڪردار ٿا سمجهن. پنجاب ۾ سسئي جي ڪهاڻي وارو ’پنپور‘ به ڪي شاعر پنجاب ۾ ٿا سمجهن. ’سانول بار جي ڏولن‘ ۾ سسئي جي پيءُ کي پنجاب جو راجا ڪوٽيو ويو آهي.

تنهنجي شهر جو نالو پنپور آهي،
هيٺ پاڻيءَ سان پريل دريائَ آهي،
۽ اعظم بادشاهه آهي پنجاب پرانت جو (ترجمو).

هن ڪري سسئي کي پنجاب جي مشهور شهر پنپور جي راجا سسپال جي ڌيءَ ڪري لکيو آهي. هاڻوڪي دؤر ۾ پنجاب جا محقق اها ڳالهه مڃين ٿا ته ان قصي جو تعلق اصل ۾ سنڌ سان ئي آهي.“

(فهميده حسين، 1993ع: ص 85-284)

ايڇ.ٽي سورلي ”پٽ جو شاهه“ **(Shah Latif of Bhit)** ۾ مسز پوسٽنس جي حوالي سان ’سسئي پنهون‘ جي داستان کي ڪچ کان آيل ڄاڻايو آهي.

”سسئي پنهون جي ڪهاڻي بنيادي طور تي ڪچ مان آيل لڳي ٿي ۽ اهو ملڪ سنڌ سان مڪمل طور ڳنڍيل آهي. ڪچ جي زبان کي به درحقيقت سنڌي ٻوليءَ جو لهجو يا ايپاشا سمجهيو ويندو آهي. اتان جي اڪثر آبادي هندو آهي. هڪ دلچسپ ڪتاب ”ڪچ آر رينڊم اسڪيچز آف ويسٽرن انڊيا“ جنهن کي 1839ع ۾ مسز پوسٽنس تصنيف ڪيو هو، ان ۾ هوءَ لکي

ٿي ته 'سوسي ۽ پنون' (Soosee and Punoon) ڪڇ ۽ سنڌ ۾ پٽن جي بيان ڪيل ڏاڍي مقبول ڪهاڻي آهي.

(سورلي، 1992ع: ص 334)

سسئي پنهون جو قصو سنڌ ۾ ته سڀني داستانن کان وڌيڪ مقبول رهيو آهي پر سنڌ جي هن سورمي کي قديم سنڌ جي ٻين خطن ۽ ٻولين ۾ پڻ وڏي پذيرائي ملي ۽ پيار ۽ پاڻهه سان ڳايو ويو آهي. سسئي جي سگهاري ڪردار جو پڙاڻو سرائيڪي، پنجابي، بلوچي، ڪچي، هندي اردو، راجستاني ۽ فارسي زبانن ۾ پڻ گونجي ٿو. ان جو سبب اهو آهي ته:

''ٻين ڪهاڻين جي ٻيٽ ۾ سسئي جي ڪهاڻيءَ جي وڌيڪ مشهوريءَ جو سبب سندس ڪردار جي اها سونهن آهي جنهن کي هرڪو پنهنجو ڪرڻو ٿو چاهي، سندس عشق جي اها خاصيت آهي جيڪا سچن عاشقن جو مرڪ آهي.'' (فهميده، 1993ع: ص 284)

3.2.2 سسئي جي ڪردار جي سونهن: سسئي جي ڪردار جي سونهن سندس ڳولا ۽ جستجو ۾ آهي، ڏونگر ڏورڻ ۽ جبل جهاڳڻ ۾ آهي، دنيا جي ادب ۾ اهڙي سورميءَ، سچي عاشق ۽ عزم سان پُرطالب جو مثال ملڻ مشڪل آهي.

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو پنهنجي ڪتاب 'ڪنمال' ۾ لکي ٿو ته:

''سسئي کي جيڪڏهن دنيا جي ادبيات جي اهم سورمين سان پيٽجي ته دلچسپ صورتحال سامهون اچي ٿي. شيڪسپيئر جا ڊراما مشرق ۽ مغرب ۾ هڪجهڙا مقبول آهن. سندس سورمين جي ڪردار ۾ هڪ عجيب رنگارنگي ۽ گوناگوني ملي ٿي، مراندا هجي يا روزالنڊ، پريبڻا هجي يا جوليٽ، هنن جي سونهن سوڀيا هڪ طرف متاثر ڪري ٿي ته محبت جي سچائي ۽ پيار جي پياس خوب ڏيان ڇڪائي ٿي، سسئي مٿل ڏونگر ڪابه نه ٿي ڏوري.'' (جوڻيجو، 2002ع: ص 238)

سسئي جي سورن جو ته ڪاٿوئي نه آهي، هن جي راهه ۾ رڪاوٽون به هڪ ٻه، ته نه آهن، سڄو سنسار هن جو ويري ۽ ساڃس ويڙهاند ۾ آهي، سسئي به باوجود برهه جي باهه، سِڪ ۽ صدمي جي واٽ جي ويرين کي صاف صاف سڃاڻي ٿي ۽ نشانبر ڪري ٿي.

''لطيف سندس ست ويري ڄاڻايا آهن، انهن مڙني جي اها گڏيل سازش هئي، انهن ستن ويرين ۾ اُٺ، جت، ڏير واڇوڙو جنهن پنهون جا پير لٽي ڇڏيا. سج ۽ جبل جنهن پنهنجا پيڇرا، لنگهه سِڌا نه بيهاريا هئا ۽ چنڊ انهن سڀني هن کي ڏکن ۽ تڪليفن سهڻ لاءِ اڪيلو ئي ڇڏيو. پر هوءَ بهادر ۽ همت واري هئي، پنهنجي آڏو ايندڙ هر رڪاوٽ کي پنهنجي عزم سان هٽائي ختم ڪري ٿي.'' (نورافروز، 2007ع: ص 135)

اُٺ ويري، اوٺار ويري، ويري ٽيئڙم ڏيرَ،
چوٽون ويري واءُ ٿيو، جنهن لٽيا پنهونءَ پيرَ،
پنجون ويري سِڃُ ٿيو، جنهن اُلهي ڪئي اَويرَ،
ڇهون ويري ڇپر ٿيو، جنهن سنوان ڪيا نه سيرَ،
ستون ويري چنڊ ٿيو، ڪِڙيو نه وڏي ويرَ،
واهيري جي ويرَ، ڇُلُون ڪريان ڇيرين!
(آڏواڻي، 2013ع: ص 139)

3.2.3 سسئي پنهونءَ جو مختصر داستان:

راجا دلوراءِ جي وقت ۾ پانيرواهه جي پر ۾ نائون نالي برهمڻ رهندو هو، پانيڻ ۽ سندس زال مُنڊر کي گهڻي وقت ڪا اولاد جي سڪ هئي نيٺ وڏي وقت ڪان پوءِ سِڪي پني کين هڪ ڏي ڇائي. جا نهايت سهڻي ۽ حسن جو پيڪر هئي. رواج موجب جوتشي کان سندس پوڻي ڪڍائي وئي ته معلوم ٿيو ته سندس لکيو ڪنهن مسلمان سان ٿيندو. اهڙي بدناموسي جي

ڊپ کان زال ۽ مڑس دل تي پٿر رکي وڌي رنج، افسوس ۽ ڏک مان صندوق ۾ ٻارڙي رکي درياهه حوالي ڪئي. قصي موجب اها صندوق لڙهندي لڙهندي اچي پنپور شهر پهتي ۽ محمد نالي هاڪاري ڏوٻي کي هٿ آئي جيڪو وري اولاد جي نعمت کان محروم هو. تنهن خوشيءَ سان هن ٻالڪ کي هنج ورتو ۽ مٿس 'سسئي' نالو رکيائين ۽ نهايت لاڏ، ڪوڏ سان نيائي وڏو ڪيائين. سسئي جي حسن جي وڏي هاڪ هئي.

ان زماني ۾ ڪيچ مڪران جا واپاري قافلا پنپور شهر کان لنگهي ڏڻي ۽ ٻين شهرن ڏانهن واپار لاءِ ويندا رهندا هئا. ڪيچ جي حاڪم آري جام جو پٽ پنهون به پنهنجي پائرن سان گڏ اهڙي ئي هڪ قافلي سان واپار سانگي پنپور ۾ وارد ٿيو. سسئي جي حسن جي هاڪ پنهون تائين به پهتي ۽ سندس ديدار کيس سسئي جو ديوانو بڻائي ڇڏيو. هوڏانهن سسئي به پنهون جي پريم جي ڪڑين ۾ قابو ٿي وئي ۽ اهو محبت جو سلسلو هلندو رهيو.

روايت موجب سسئي دل هٿان مجبور ٿي پنهنجي هڪ ساهيڙي کان، پنهون سان سگ ڪرڻ لاءِ پنهنجي پيءَ کي چورايو. محمد ڏوٻي پنهون جي ٻي ذات وارو هجڻ جو عذر آندو ۽ انڪار ڪيو ته سسئي وراڻيو ته پنهون به ذات جو ڪٿي آهي. آزمائش خاطر ڏوٻي پنهون کي ڪپڙن جي هڪ ڪيپ ڏوئڻ لاءِ ڏني، حاڪماڻو پار چا جاڻي ڏوپ ۽ گهاٽ مان. نيٺ لٺا ليڙون ليڙون ڪري ڏکارو ٿي اچي سسئي وٽ ويٺو. سسئي کيس آڻت ڏني ۽ چيائين ته، ''سپني ڪپڙن جي ٿهه ۾ سونيون مهرون رکي ڇڏ، پوءِ ڪٿان به شڪايت ڪانه ايندي. ٿيو به ائين ئي، نيٺ ڏوٻي پنهون کي سگ ڏيڻ قبوليو ۽ جنڊو پاڙو به لکائي ورتو.

هوڏانهن پياري ۽ دل واري پٽ پنهون جي جدائي ۾ اري جام بي حال هو. پيءَ جي اهڙي حالت ڏسي پنهون جي پائرن چُنري، هوتي ۽ نوتي پيءَ کي دلداري ڏني ته هو کيئن به ڪري پنهون کي ساڻ وٺي ايندا ۽ پنپور ڏانهن روانا ٿيا.

سسئي، پنهون هنن ڏنهي پائرن جو جوڳو آدر پاءُ ڪيو ۽ سندن چگي خاطرداري ۽ خدمت ڪئي ۽ ڪيترن ڏينهن تائين خوب دعوتون ۽ جشن ڪيائون. اهڙي ئي هڪ رات پنهون کي سندس پائر نشي ۾ الوٽ ڪندا ويا، هوڏانهن پنهون جو انتظار ڪندي سسئي جي اک لڳي وئي ۽ هيڏانهن سندس ڏير مدهوش پنهونءَ کي اُٺ سان ٻڌي روانا ٿيا. پوئين پهر جڏهن سسئي سجاگ ٿي ته پنهون کي نه پسي ڏاڍي حيران ۽ پريشان ٿي.

اوطاق خالي ڏسي وسهي وئي ته ڏيرن ساڻس ويساهه گهاتي ڪري پنهون کي پاڻ سان نيئي ڪيس ڏهاڳ ڏئي ويا آهن. ماءُ پيءُ مٿن مائڻن ۽ ساڻ سهيلين سسئي کي گهٽائي دلاسا ۽ آڻت ڏني پر سسئي جي آه و زاري بس نه ٿئي. هن پڪو پهه ڪيو ته هو پنهون پٺيان اُڻن جو پيرو کڻندي. سپني ڪيس گهٽوئي سمجهايو پر سسئي اڪيلي سِر ڏونگر ڏورڻ نڪري پئي.

زائفان ذات ۽ جبل جا اڻانگا پنڌ، نيٺ 40 ڪوهه پنڌ ڪري پب جبل جو پهوٽي ناڪي کان گذري هاڙهي جبل جي پاڙ، ڦوڙ ندي وٽ پهتي. ندي جي تار پاڻي ۽ تيز وهڪري سبب ان کي پار ڪرڻ محال هئس، پوئتي هٽي ۽ ڇچ پنڌ ڪري ''ماباڙ'' نئين ويجهو پهتي. ان ئي مقام تي هڪ ڏنار سان مُکا ميل ٿيس ته ڪانئس پنهون جو پتو پچيائين. اهڙي سهڻي صورت کي سُڄ ۾ اڪيلو ڏسي ڏنار جي نيت ۾ کوٽ اچي وئي. سسئي پاڻ کي اهڙي نازڪ حالت ۾ ڏسي ان ٻڪرار کي ٻاڏايو ته هوءَ سخت اُجايل آهي. 'پهرين ڪو ڪير چڪو ته پياريم' اهڙي نموني جيئن ئي اهو شخص ڏڻ ڏانهن ڊوڙيو ته سسئي ڏڻيءَ در دعا گهري ۽ روايتن موجب جبل کيس جاءِ ڏني ۽ هو زمين اندر سمائجي وئي پر سندس چُني جو پاند ٻاهر رهجي ويو. ڏنار اهو لقاءُ ڏسي پشيمان ٿيو توبهه تائب ڪئي ۽ اتي ئي سسئي جي قبر جوڙي مجاور ٿي ويٺو. هوڏانهن واٽ ويندي پنهونءَ کي سامت آئي ته پاڻ کي جڪڑيل ڏنائين. گهٽائي وس ڪيائين پر پائرن اڳيان حجت نه هليس. نيٺ ڪيچ مڪران پهتا، پر جيئن پوءِ تيئن پنهون گرندو ويو، اري جام سندس اها حالت ڏسي لاچار ٿي پيو ۽ کيس اجازت ڏنائين ته پنپور وڃي پنهنجي ونيءَ کي وٺي اچي. واپسيءَ جي سفر ۾ جڏهن سسئي جي قبر وٽ پهتو ته هانءُ کي جهپو ۽ روح کي رهنڊ محسوس ٿيس. اندر ۾ اُڌما اٿيس ته شايد هي سسئي جي قبر آهي، پڇا ڪرڻ تي ان ساڻئي ڏنار ئي کيس سموري ڳالهه سڌائي. اهو احوال ٻڌڻ شرط پنهون به زارو

قطار روئي پنهنجي وڇڑيل محبوب سان ملائڻ لاءِ ڏٺيءَ در ٻاڏايو. روايت موجب سندس عرض اُگهاميو ۽ ساڳي ريت ڏرتي ڪيس پنهنجي سيني اندر سموهي ورتو ۽ اهڙي ريت ٻن پيار پنڌ ۾ وڇڑيل بي چين روحن کي سڪون ۽ شانتي نصيب ٿي.

3.2.4 سسئي ۽ شاهه لطيف:

شاهه لطيف ڦوهه جواني ۾ عشق مجازي جي چوٽ کائڻ کان پوءِ سيلاني ٿيو ۽ هنگلاج به ويو، جتي هن پاڻ سسئي جا پنڌ، پيچرا، ڪنڊ ڪشالا، رُڄ ۽ سُڄ ڏٺي ۽ انهيءَ مشاهدي کيس تِهائين وڌيڪ متاثر ڪيو هوندو ۽ سسئي جي ڪردار لاءِ سندس دل ۾ مڃتا ۽ مان اڃا مٽانهون ٿيو هوندو. ان صورت ۾ به ان صورت ۾ به جو ڪيس جو سسئي وانگر ئي عشق جي اُساڻ ۽ وڇوڙي جو ويراڳ ۽ دل ۾ سِڪ جو سمنڊ موج ۾ هو.

سسئي جا ڏک ڏاکڙا، سور سختيون، پنڌ پيچرا، ڪنڊ ڪشالا، انتظار اوسيئڙو، آس نراس، همت، حوصلو، عزم ۽ ارادو اهي سڀ ڪيفيتون سموهڻ لاءِ شاهه صاحب کي پنهنجي ڪلام ۾ سسئي تي پنج سُر ڏيڻا پيا. ڇو ته سسئي جو داستان ڪو عام رواجي قصو نه آهي. سورميون ته ٻيون به پر سسئي جا سُور سڀني کان سَرس هئا.

مُنڊِ مُنڊِ سُورن سيڪنهين، مون وَٽِ وڻاٽان،
پَريُون ڪَيو پُٽان، وِيا وِهائو نِڪري.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 178)

پر انهن سڀني ڏکن ڏولاون ۽ رڪاوٽن تي سسئي همت نه ٽي هاري ۽ وچن ۽ وفا جو دامن دل کان جدا نٿي ڪري ۽ حالتن جو مقابلو ڪري ٿي.

”سسئي جي پنجن ئي سُرن ۾ سسئي جي ڪردار تي نظر وجهڻ کان پوءِ ڇئي سگهجي ٿو ته شاهه ان کي اهڙيءَ طرح اُپاريو آهي جو هوءَ هڪ تمام وفادار، پيار واري بهادر ۽ اڏول عورت نظر اچي ٿي، جيڪا قسمت تي پاڙي ويهڻ بدران منزل ماڻهن لاءِ ڪشالا ڪڍي ٿي، رڻ ۾ رُلي ٿي ۽ هر قسم جي حالتن ۽ ويرين جو مقابلو ڪري ٿي.“

(فهميده حسين، 1993ع: ص 300)

3.2.5 سسئي شاهه لطيف جي پياري سورمي: شاهه لطيف کي سسئي لاءِ، پيار، عزت ۽ اهميت جو اندازو ۽ اهجاڻ هن داستان جي هر بيت ۾ موجود ملندو. سسئي جي جاکوڙ ۽ ڳولا شايد شاهه لطيف جي پنهنجي ڪيفيت ۽ من جي آنڌمانڌ جي ترجمان هئي. ڊاڪٽر موتي لال جوتواڻي لکي ٿو ته:

”اسان کي لڳي ٿو ته شاهه سائينءَ جي سڀ کان پياري سورمي سسئي آهي، جا پنهنجي پٽار پنهونءَ جي تلاش ۾ پب جبل جا ڏڪا، ڏڇڪا کائي ٿي، هوءَ اِن تلاش ۾ هڪ گهڙي به سُک چين سان نه ٿي ويهي.“

(جوتواڻي، 2007ع: ص 84)

ويهُه مَ منڊ پنهور ۾، ڪرڪو واڪو وَسُ،
چڑهي ڏاڀين ڏونگرين، پيرُ پنهونءَ جو پس،
ڏورڻ منجهان ڏس، پوندءِ هوت پُنهونءَ جو.
(بلوچ، 1999ع: ص 279)

سسئي جي ڳولا ۽ جستجو کي عالمن، اديبن، محققن ۽ شاعرن پنهنجي انداز ۽ خيال موجب بيان ڪيو آهي، آغا سليم لکي ٿو ته:

”هونئن ته سسئي جا پنج سُر انسان جي ڏکن ڏولاون، اهنجن ۽ ايذائن سان اُجرو ٿي پنهنجو پاڻ کي ڳولهي لهڻ جا سُر آهن.“

(آغا سليم، 2008ع: ص 31)

سسئي اعليٰ عورتاڻي صفتن جو اهجاڻ: شاهه لطيف سسئي جي ڪردار ۾ عورت، جنهن کي عام طور تي صنف نازڪ، ڪمزور ۽ نبل سمجهيو ويندو آهي، جي دليري ۽ اڻ

ارادي کي نروار ڪيو آهي، سسئي ته هن معاملي ۾ مردن کان وڌ نظر اڇي ٿي.

”هُن (شاهه عبداللطيف) پنهنجي تيز فهم، ذڪي نگاهه ۽ انساني سڀاءُ جي ڳوڙهي ڄاڻ مان پروڙيو ته عورت جيڪي دلي دليريءَ جا اعليٰ اعمال ڪري سگهي ٿي. سي مرد جي پهچ کان ٻاهر آهن. جو خود انڪساريءَ جو انگ هن ۾ آهي، سو مرد ۾ هرگز نظر نه ايندو. هن جي قرباني بينظير ۽ سهن شڪتي عبرتناڪ آهي. جيتوڻيڪ هو جسم جي ضعيف نظر اڇي ٿي، ته به ارادي جي پڪي آهي ۽ قول تي قائم رهي ٿي. هن جي زندگيءَ جي مراد ڏيڻ آهي، نه وٺڻ. شاهه صاحب جيئن ڏٺو تيئن ئي شعر ۾ ڏيکاريو، ته عورت جو پريم عورت جي سموري هستي آهي.“ (پمپاٽي، 2012ع: ص 66)

3.2.6 سسئي هڪ اٽل ارادي ۽ عزم جو روپ: حقيقت ۾ اها ڪا معمولي ۽ رواجي ڳالهه نه آهي ته هڪ اهڙي خطي ۽ ماحول جي عورت جيڪا ڪوٽن ۾ قيد هجي ۽ مرداني سماج جي غلبي هيٺ ۽ هڪ طرح جي جبر هيٺ گهاريندي هجي. اها اهڙي ارادي ۽ اٽل فيصلي تي قائم رهي ۽ پاڻ سان ٽيندڙ ڏاڍ ۽ بي واجبي کي ائين للڪاري ۽ ڏڪ، صدمي تي مايوس ٿيڻ بجاءِ ان کي طاقت، همت ۽ حوصلي ۾ تبديل ڪري ٿي. شاهه لطيف جي دؤر ۾ عورت جي حالت تمام هيٺي، ابتر ۽ بُري هئي.

”جنهن دؤر ۾ عورت اوپر کان اولهه تائين رڳو هيٺائي ۽ اڻڄاڻائي جو روپ ليکي ويندي هئي، تڏهن شاهه سائين سسئي جي عشق ۽ عزم کي جَس ڏيندي چوي ٿو ته:

”سسئي ڪيو سو، جنهن مردن کي مات ڪيو.“

(مجيدي مريم، 2007ع: ص 66)

3.3 سهڻي ميهار:

3.3.1 قصي جي قدامت ۽ پکيڙ: هي نيم تاريخي داستان به سومرن جي دؤر جو آهي، سهڻي ۽ ميهار ڪير ۽ ڪٽان جا هئا، قصو ڇا جي ڪري مشهور آهي. سسئي پنهون جي قصي جيان هن داستان بابت به سنڌ يا پنجاب سان لاڳاپيل هجڻ جو تڪرار آهي، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ هن داستان کي سنڌ جو ڄاڻايو آهي هو لکي ٿو ته:

”سهڻي ميهار جو سنڌي قصو نهايت آڳاٽو آهي، جنهن جي مشهوري گهٽو پوءِ دير سان پنجاب تائين پهتي، جتي جي شاعرن ان جي سڻاءَ ۾ ڦير گهير ڪري ان کي پنهنجي ماحول مطابق ڳايو. گهڙي جي اهجاڻ واري لحاظ سان سهڻي کي ’ڪنيار‘ جي ڏيءُ ڪري پانيائون، ۽ هير رانجها داستان ۾ رانجهي جي ’تخت هزاري جي سائين‘ هجڻ واري خيال کان ’مهيوال‘ کي به بادشاهزادو بنايائون. پوين پنجاهه سالن واري عرصي ۾ البت پنجاب جو ’سوهني- مهيوال‘ وارو قصو ڇپيل ڪتابن ذريعي سنڌ ۾ مشهور ٿيو ۽ سنڌ جي ڪن شاعرن انهيءَ سڻاءُ مطابق پڻ هن قصي کي ڳايو.“ (بلوچ، 2007ع: ص 9)

ڊاڪٽر بلوچ قصي جي قدامت ۽ ٻين ڳالهين ۽ اهجاڻن جي بنياد تي ثابت ڪري ٿو ته هي قصو اصل ۾ ۽ آڳاٽو سنڌ ۾ ڳايو ويو ۽ پوءِ پنجاب ۾ مشهور ٿيو، هو لکي ٿو ته:

”پنجاب جي قصي جو واقعو وڌ ۾ وڌ شاهجهاني دؤر جو تسليم ڪيل آهي، پر سنڌ ۾ ميين شاهه ڪريم جي ملفوظات ۾ آيل ’سهڻي ميهار‘ جي قصي جا بيت ان کان به اڳ جا آهن. حقيقت هيءَ آهي ته ’سهڻي ميهار‘ توڙي ’سسئي پنهون‘ اهي ٻئي داستان پهريائين سنڌ ۾ اسريا ۽ سنڌ ۾ ئي ڳايا ويا ۽ پوءِ ملتان واري خطي ۽ اتان مٿي پنجاب ۾ پڌرا ٿيا، جن جي شاعرن وٽن پهتل روايتن موجب انهن قصن کي پنهنجي ٻُڌ سُڌ ۽ مقامي ماحول

مطابق منظوم ڪيو.“

(بلوچ، 2007ع: ص 20)

اهڙي ريت سنڌ جا ٻيا ڪيترائي محقق ۽ ادبيات جا عالم هن قصي کي پنجاب جو مڃين ٿا. بهرحال شاهه عبداللطيف ڀٽائي واڱر سهڻي- ميهار جي قصي کي به مڪمل بيان نه ڪيو آهي. البت اهو چئي سگهجي ٿو ته سندس علم م پنجاب جو داستان به آيو هوندو، سندڙي قصي جو مختصر سڃاڻ هن ريت آهي.

3.3.2 سهڻي ميهار جو مختصر داستان: سهڻي لاڻئون ته ڏم سان لڏيون پر ميهار جي محبت جا مڇ اُن جي اَندر ۾ اُلا بنجي چڪا هئا. ميهار (ساهڙ) جو درياءَ جي پار ديرو (وڻاڻ) هو. جڏي هو به سهڻي جي سِڪ ۾ نڙ جي ساز تي عشق جو آلاپ دونهين واڱر پيو ڏُکائيندو هو. نڙ جو آواز، مينهن جي چڑن جو ساز ٻڌي ۽ دريا جي ٻُئي پران ميهار جي ويري جون دونهيون پسي سهڻي، ساهڙ جي سِڪ ۾ بي اختيار ٿي گهڙو ڪڍي درياءَ ۾ گهڙي پئي. هوڏانهن ساهڙ به سهڻي جي صورت ساهه ۾ سانديو محبوب سان ملڻ جون اميدون دونهين جيان پئي ڏُکايون، ايتري ۾ سهڻي اچي ساهڙ اڳيان بيٺي.

”اڄ رات پڻ دستور موجب سهڻي جي صورت اندر ۾ سانديِ، ساهڙ نڙ وڄائڻ ۾ محو هو، جو سهڻي پير پير تي ڏيندي اچي سندس سامهون بيٺي. ساهڙ نڙ جهلي چيو ته: ’سُهڻي‘ جواب مليس ته ’ها سهڻي‘. ساهڙ پوءِ سهڻي کي سامهون ڪٽ سينگاري ڏني ۽ ٻُئي ويهي ورهه ونڊڻ لڳا.“

(بلوچ، 2007ع: ص 35)

اهڙيءَ ريت سهڻي روز رات جو ساهڙ جي سِڪ ۽ عشق جي اُسات کان بي قرار ۽ مجبور ٿي هر رات گهڙو ڪڍي درياءَ تري ميهار سان ملڻ ويندي هئي، نيٺ اهو لقاءُ زماني کان لڪي نه سگهيو، سهڻي جي سَسُ، سندس مڙس ڏم، ساڻ واريون ساهيڙيون ۽ ٻيا ڪيس طعنا ڏيڻ لڳا، پر سهڻي جي نينهن اهڙين آزمائشن کان آڳاهون هو. هن ڪنهن جي ڪاڻ نه ڪڍي ۽ اهو سلسلو ائين هلندو رهيو. تان جو اُماوس جي هڪ رات سهڻي جي نڻان سندس دلو مٽائي ڪچو دلو رکي چڏيو. سهڻي عشق جي انڌ ۾ سازش سمجهي نه سگهي ۽ مام پروڙي نه سگهي، خبر تڏهن پيس جڏهن وچ سير ۾ پيلو پُرڻ لڳو، پوءِ ته گهٽائي هٿ پير هنيائين ۽ ميهار کي مدد لاءِ پڪاريائين. ۽ ميهار به سهڻي جا سڏ ٻڌي واجهه وڌا ۽ ملاحن کي منٿون ڪيون ته سهڻي کي بچائين پر طوفاني ۽ اونداهي رات ۾ درياءَ جي چاڑهه ۽ تيز وهڪري کان سهڻي کي ڪير به بچائي نه سگهيو ۽ هو درياءَ جي لهرن ۾ لڙهي مري وئي.

ٻُئي پاسي پنجاب جو قصو هن ريت بيان ڪيو وڃي ٿو:

3.3.3 پنجاب ۾ قصي جي روايت: سهڻي پنجاب جو شهر گجرات ۾ ’تلا‘ نالي هڪ هاڪاري ڪنپر جي گهر ڄائي، هوءَ پنهنجي نالي جيان سهڻي هئي. مهيوال جو اصل نالو عزت بيگ هو جيڪو بخارا جي هڪ امير جو حسين ۽ هن موهٽو پُٽ هو جيڪو هندستان ڏسڻ آيو هو، هو لاهور کان ٽيندو گجرات ۾ به ترسيو. ’تلا‘ جي ٿانون جي هاڪ ٻڌي نوڪر کي ڪجهه ٽانوَ سوکڙي طور ڪڍي وڃڻ لاءِ خريد ڪري اڇڻ جو چيائين. جنهن ڪنپر جي گهر ۾ نُور جهڙي سُهڻيءَ کي ڏٺو ۽ اچي مالڪ سان ان جي اهڙي ته ساراهه ڪيائين جو عزت بيگ جي اندر ۾ سهڻي جي اڇ ڏٺي عشق جي آگ جا اُلا اُپري پيا.

ان کان پوءِ هو پاڻ ٽانوَ ڳنهڻ ٻهاني ڪنپر جي گهر ويو ۽ سهڻي جو نُور جهڙو نظارو پسي هيڪاري حيران ۽ مدهوش ٿيو. اهڙيءَ ريت هن وطن واپس ورڻ جو ارادو چڏي گجرات ۾ ئي رهائش اختيار ڪئي ۽ تلا جي ٽانوَن جو واپار ڪرڻ لڳو. سهڻي کي روز ڪئين ڏسجي، ان ڪري هو خريد ڪيل ٽانوَ تمام سستا وڪڻي وري ٻيا ٽانو ونڻ ٻهاني سهڻي جي گهر پهچي ويو ٿي. نيٺ اچي ڪنو ۽ تَلا جو مقروض ٿيو ۽ پوءِ ڪنپر وٽ ئي مينهون چارڻ لاءِ ملازم ٿي بيٺو. جنهن تان سندس نالو ’مهيوال‘ (ميهار) پيو. اهڙيءَ ريت هنن سچن عاشقن جي پريت پروان چڙهندي رهي.

سهڻي به ميهار جي من موهڻي صورت ڏسڻ لاءِ حيران ۽ پريشان رهندي هئي ۽ پر

جيئن چوندا آهن ته عشق ۽ مشڪ لڪائي نه سگهيا آهن. ميهار کي نوڪريءَ مان نيڪالي ملي ۽ هو درياءَ جي ٻئي پر جهوپو اڏي وڃي ويٺو. لوڪ لڄا کان ڏجي سهڻي جي مائڻن سندس شادي زوري ڏم سان ڪرائي ڇڏي.

اهڙي ريت سهڻي ميهار جي پريم ڪهاڻي ۾ وڇوڙي ۽ جدائي جي درد به اڇي ديرا جمايا. بهرحال هي بيوس ۽ مجبور پريمي پوءِ به لِڪ ڇپ ۾ ملندا رهيا، قصي موجب پهرين ميهار پنهنجي محبوبه سان ملڻ لاءِ ندي تري هن پار ايندو هو، پر پوءِ اهو ملڻ به محال ٿيو ۽ نيٺ مجبوراً سهڻي کي درياءَ پار ڪري ميهار سان ملڻ لاءِ وڃڻو ٿي پيو، نيٺ اهو لقاءُ به لڪي نه سگهيو ۽ سهڻي جي نڻان ۽ مڙس کي خبر پئجي وئي. پوءِ ته سهڻي لاءِ اُتندي ويهندي طعنن ۽ مهڻن جا تير هئا. پر هي عجيب عاشق پوءِ به نه مُڙي ته هڪ رات سندس نڻان سهڻي جي پڪي گهڙي بدران ڪچو گهڙو رکي ڇڏيو. اهڙيءَ ريت سهڻي ٻڏي وئي ۽ ميهار به سهڻي کي بچائڻ جا جتن ڪندي ناڪام ٿيو ته پاڻ کي به درياءَ حوالي ڪيائين. ۽ اهڙي ريت هن قصي جو ڏک انت (Tragic) ٿيو.

3.3.4 سهڻي جو سماجي ريتن رواجن سان سينو ساهڙ: سهڻي جو ڪردار ڪيترن ئي خيالن کان سگهارو ۽ نرالو آهي، زماني جي پرواهه نه ڪرڻ، سماجي رشتن ۽ حد بندين کان بغاوت ۽ بهادري جي انتها هن سورمي جو مَرڪ اهي.

> ”ايتريقدر جو هڪ عورت لاءِ جيڪو سماج ۾ وڏي ۾ وڏو ويري هوندو آهي. انهيءَ کي به ڪونه ليکيائين. ان سماج جي ڏنل مڙس ڏم جو ڏهڪار ڪونه ڪيائين، سَس، نڻان، پاڑيوارن، سهيليون، سرتيون سيئي چئي ٻڌس پر سيني کي ٽپ جواب ڏنائين.“
>
> (فهميده، 1993ع: ص 319)

جنهن کي سِڪ ساهڙ جي، سا گهايل گهر نه گهاري،
لا ويڻي ڪين وساري
ڏم ڏهيلو ڏڪيو، سر ۾ سونڌا ماري
لا ويڻي ڪين وساري.

(بلوچ، 1999ع: ص 532)

باوجود ان جي ته سنڌ ۽ پنجاب جي قصن ۾ ٿورو گهڻو فرق آهي پر سهڻي جو ڪردار ٻنهي قصن ۾ واضع ۽ نشانبر آهي. سندس ڪردار سگهارو ۽ مثالي آهي.

> ”سهڻي، عزم ۽ استقلال جي علامت آهي، سُر سهڻيءَ ۾ لطيف عزم ۽ ارادي جي پختگيءَ جا لاثاني مثال ڏنا آهن. شاهه سائين، هن سُر ۾ سچي سِڪ ۽ ان سِڪ اندر پختي عزم ۽ ارادي کي اشارن ڪنايين ۾ سمجهايو آهي. هن سُر ۾ سِڪ ۽ چِڪ جو وستار ۽ سنيهو آهي. محبت جي تِک، درياءَ جي تِک کان طاقتور آهي.“ (الانا، 1998ع: ص 45)

3.3.5 سهڻي جو سِڪ قرباني ۽ سرفروشي: سهڻي جي ڪردار ۾ سِڪ، عزم ۽ محبت جي تِک کانسواءِ قرباني ۽ سرفروشيءَ جا جذبا ۽ ڪٽ پٽ پسجن ٿا. مولائي شيدائي سهڻي جي نينهن ۽ سرفروشيءَ کي حسين بن منصور حلاج سان تشبيهه ڏئي ٿو:

> ”سُر سهڻي ۾ شاهه سائين، سهڻي جي نينهن ۽ سرفروشيءَ کي حسين بن حلاج سان تشبيهه ڏئي ٿو. سهڻي، ميهار جي محبت ۾ ايتريقدر مست هئي جو هن نه ڪچي گهڙي جو خيال ڪيو نه وري درياهه جي دهشت کان دهلجي وئي. آخر سِر ڏئي سَرهي ٿي.“
>
> (مولائي شيدائي، 2014ع: ص 85)

سهڻي ميهار وانگر حسين بن منصور حلاج جو واقعو به تاريخي اهميت رکي ٿو. هن چوٿين صدي هجري جي شروعات ۾ ’اناالحق‘ جو نعرو لڳايو ۽ ان کان پوئتي نه هٽيو آخرڪار وقت جي ظاهر جي عالمن جي چرچ تي وقت جي وڏي قاضي سيد الطائفه خواجه جنيد بغدادي جي فتويٰ سان سوليءَ تي چاڙهيو ويو.

سهڻي عورت جي نازڪ، نفيس ڪمزور ۽ نرمل هجڻ وارا سڀ مرداڻا مفروضا عملي طور درياءَ ۾ دفن ڪندي نظر اچي ٿي. پر سندس وڏي ۾ وڏي بهادري ۽ بي ڊپائي آهي سماج جي زبردست دٻاءُ ۽ دهشت جي پرواهه نه ڪرڻ ۽ انهن سان سينو ساهي پنهنجي مقصد ۽ منزل لاءِ جاکوڙ جاري رکڻ، انهيءَ سان گڏوگڏ هڪ ٻيو نظريو يا راءِ به قائم ڪئي وئي آهي ته پنجاب جي نيم تاريخي داستان ۾ عورت کي وڌيڪ آزاد ۽ دلير ڏيکاريو ويو آهي. هن معاملي کي ڪجهه محققن سنڌ ۽ پنجاب ۾ عورتن سان ورتاءُ ۾ فرق طور بيان ڪيو آهي، ميڈم فهميده حسين لکي ٿي ته:

> ”سنڌ ۽ پنجاب ۾ مروج عشقيه داستانن ۾ پوءِ اهي ساڳيا هجن يا مختلف، ماحول جو فرق آهي ۽ عورتن سان ورتاءُ (Treatment) مختلف نظر ٿو اچي. پنجاب ۾ پيار جي معاملي ۾ عورت وڌيڪ همت ٿي ڏيکاري. ڪيس آزادي به ڪجهه وڌيڪ مليل آهي ۽ پنجاب جا شاعر ان پيار ۽ آزاديءَ جي حق کي تسليم ڪندي سندن محبت کي قبول ڪن ٿا. پوءِ اها ڪنواري چوڪري هجي يا پرٽيل. اهي سماج جي ان رويي کي پسند نٿا ڪن ته ڪو سندن مرضيءَ ڪانسواءِ عورت جي شادي ٻئي ڪنهن سان ڪرائي وڃي. جڏهن ته سنڌ ۾ ڪارو ڪاري جهڙين رسمن جي موجودگيءَ ۾ اهڙو تصور ڪرڻ به ڏکيو هوندو.“
>
> (فهميده حسين، 1993ع: ص 322)

هتي ان نظريي سان مڪمل اتفاق ڪرڻ مشڪل آهي ڇو ته وڏن شهرن جي به وڏ گهراڻن جي مخصوص ۽ ايليٽ طبقي ۾ شايد اهڙا رواج ۽ ريتون ڪافي قدر پختيون ٿيون آهن ته ان کي پوري پاڪستان يا پنجاب جي ننڍن شهرن توڙي ٻهراڙين جي جاگيرداري، سرداري ۽ پنچائتي پنجوڙ واري گهٽيل پوساٽيل سماج سان پينڊ بي واجبي ٿيندي. خاص طور عورتن بابت پنجاب مان به اڪثر اهڙا واقعا ٻڌبا آهن، جيڪي عورتن سان ظلم ۽ بي واجبي ۽ جبر جي تصوير ڏيکارين ٿا.

جيستائين شاعرن ۽ اديبن جو تعلق آهي ته سنڌ جي شاعرن ۽ اديبن ته شايد ملڪ جي ٻين خطن کان وڌيڪ عورت جي آزادي، اظهار جي حق ۽ زندگيءَ جي فيصلن ۾ خودمختياريءَ جي حق لاءِ قلم کنيو آهي.

3.3.6 محبت ديوتائن جو ڏمر: بهرحال سهڻي ۽ سسئي جي ڪردارن مان اهو پيغام ٿو ملي ته پنهنجي محبوب، مقصد ۽ منزل لاءِ سِر تريءَ تي رکڻو آهي. زماني جي حالت جي سختي جي، يا ٻئي ڪنهن ريت رسم جي پرواهه ناهي ڪرڻي ۽ ان راهه ۾ سختيون ۽ مشڪلاتون به ايندیون، جن کي پلاٽي پار اڪرڻو آهي، ڇو ته محبت جو مَرڪ اهوئي آهي، محبت ڪرڻ وارا سڪ نه ٿا طلبين پر اهي ٻولي ڏڪ وڻن ٿا.

آغا سليم ان بابت لکي ٿو ته:

> ”قديم زماني ۾ يوناني محبت کي ديوتائن جو ڏمر سمجهندا هئا. سندن خيال هو ته حسن جي ديوي افروڊٽي (Aphrodite) کي ڪو فاني انسان رنجائيندو هو ته هو رنجائڻ واري تي ڏمر ڪري هن کي عشق ۾ مبتلا ڪري ڇڏيندي هئي.“ (آغا سليم، 2008ع: ص 109)

شاهه لطيف سهڻيءَ جي ڪردار کي ايترو اُپاريو ۽ پياري پاڻهه سان پيش ڪيو آهي جو اهو ڪردار محبت جي معراج تي پهچي ويو ٿو ڏسجي. شاهه صاحب سهڻي جو همدرد، حمايتي ۽ ساراهيندڙ ڇو ٿو ٿئي ان جو جواب ميڈم فهميده هن ريت ڏنو آهي:

> ”شاهه صاحب سهڻي جي معاملي ۾ سندس حمايت ان ڪري ٿو ڪري جو هو سندس مرضيءَ سان شادي ڪرڻ جي حق کي تسليم ٿو ڪري ۽ انهيءَ حق کان انڪار جي صورت ۾ پيدا ٿيندڙ بغاوت (Defiance) ۽ کي

فطري ۽ حقيقي ٿو سمجهي. بداخلاقيءَ جو ثبوت ته سهڻيءَ جي مائڻن ۽ سماج ڏنو. بداخلاقي ته ڏم جي چئجي جو پرائي محبت تي ڏاڙو هنيائين.“
(فهميده حسين، 1993ع: ص 325)

شاهه لطيف سهڻيءَ جي ڪردار ذريعي ڪهڙو پيغام ۽ تاثر ڏيڻ ٿو گهري. ان بابت ڪيترائي ويچار ۽ خيال ونديا ويا آهن. سهڻيءَ جو انوکو ڪردار ۽ شاهه لطيف جي اعليٰ فهم ۽ فڪر واري ڪلام خوبصورت خيالن ۽ اظهار جو هڪ حسين ۽ مها منڊل موجود ڪري ڏنو آهي. معنيٰ جا موتي هرهڪ چونڊي ٿو ڪڍي ۽ هرهڪ کي جدا جدا سمجهه ۽ شعور جي سُرکي ملي ٿي، ڊاڪٽر نورافروز خواجه سهڻي بابت لکي ٿي ته:

”شاهه لطيف، سهڻيءَ جي ڪردار جي ذريعي سِڪ جي انتها بيان ڪئي آهي. هوءَ پنهنجي ميهار سان ملڻ لاءِ آتي آهي. هن کي نه درياهه جو خوف آهي نه ئي درياهه جي خطرناڪ جانورن جو. هوءَ چوي ٿي ته: منهنجو ميهار سان ئي ازل کان ونڍي اَنگ جڙيل آهي.“ (نورافروز، 2012ع: ص 72)

ساهڙ جا سينگار، ازل کان اڳي هئا،
نڪا ڪن فيڪون هئي، نڪا پي پچار،
ملڪنئان مهد هئي، توڙيءَ جي تنوار،
محبت ساڻ ميهار، لايائين لطيف چئي.
(بلوچ، 1999ع: ص 525)

سهڻي پنهنجي دؤر جي ريتن رسمن ۽ اخلاقيات جي اصولن کان سراسر باغي آهي. اها ڳالهه پڌري پٽ پيل آهي، هو پاڻ انڪساري ۽ بي واجبي، زور جبر ۽ ڏاڍ خلاف ڪهڙي واٽ ۽ رستو اختيار ڪري ٿي. اهو سوال ئي اهم آهي ان بابت تنوير عباسي لکي ٿو ته:

”شاهه لطيف اُن سُر ۾ عورت کي محبت ۽ شادي ڪرڻ جي اختيار ۽ زبردستيءَ ڪنهن اٿوٽڏڙ مڙس ملڻ تي سماجي قدرن ڏانهن ان عورت جي روش کي بيان ڪيو آهي.“ (عباسي تنوير، 2000ع: ص 98)

3.3.7 سهڻي ۽ سسئي جي بي واجبي خلاف بغاوت: سهڻي جي داستان ۾ عام سماجي غيرت، عزت ۽ شرم ۽ حيا جا حوالا به بحث هيٺ ايندا رهيا آهن. جڏهن ته اهڙا سماجي قاعدا ۽ قانون معاشي نظام ۽ ڍانچي مطابق قائم رهندا آهن ۽ معاشي نظام جي تبديليءَ سان اهڙا سماجي رواج ۽ رسمون به تبديل ٿيندیون ۽ پنهنجو اثر وڃائيندیون رهيون آهن.

تنوير عباسي لکي ٿو:

”ست ۽ غيرت به زرعي ۽ جاگيرداري سماج جا قدر آهن. ان سماج ۾ عورت کي پنهنجي ور چونڊڻ جو ڪوبه اختيار نه آهي. جيڪو به مڙس کيس ڏنو وڃي، ان سان سڄي عمر ’وفادار‘ رهي. مارئيءَ کي ’ڪيت‘ سماج طرفان مليو، ۽ هن ان لاءِ ڪوٽن ۾ به پنهنجو ست قائم رکيو. سسئيءَ جو پنهون، پنهنجي پسند جو هئو، پر ’ڏيرن‘ اهو رشتو قبول نه ڪيو. سهڻي جو ڏم، پنهنجي پسند جو نه هو، پر سهڻي هڪڙي ئي سورمي آهي، جيڪا ان جي خلاف بغاوت ٿي ڪري.“
(عباسي تنوير، 2000ع: ص 80)

ڏنو وڃي ته سسئي به تقدير جو لکيو، ڏيرن جو فيصلو ۽ سماج جي بي حسي ۽ خاموشي کي قبول نه ٿي ڪري ۽ ماڻ ڪري ويهي نٿي رهي. هوءَ ان بي واجبي ۽ ڏاڍ خلاف اُٿي ڪڙي ٿئي ٿي ۽ نڪري پوي ٿي ۽ ڏونگر ڏاڙڻ جهڙي عزم ۽ ارادي سان ڪيچ ڏانهن ڪاهي پوي ٿي، ان وقت جي سماجي صورتحال ۾ هڪ ابلا عورت جي اهڙي جرئت، همت ۽ حوصلو به بغاوت ۽ مزاحمت ئي ته آهي.

سُکن واري سَڌ متان ڪا مون سين ڪري،
اندر جنين اڌ، ڏونگر سي ڏورينديون.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 105)

3.3.8 ساهڑ ڏاران سهڻي: شاهه لطيف سهڻي جي سماجي ريتن رسمن موجب اهڙي ڪوجهي ڪم کي نندي نڻو بلڪه هو ته سهڻي کي ڏهن عيب هاڻو ۽ ناپاڪ ڏو ڪوڻي. جي هو ساهڑ کان ساڻ چني ٿي.

ساهڑ ڏاران سهڻي نسوري ناپاڪ،
نجاست ناه ڪري، اُنين جي اوطاق،
هوءِ جي کير پياڪ، پاسي تنين پاڪ ٿئي.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 96)

شاهه لطيف سهڻيءَ جي ان بغاوت کي پسند ڪري ڏو، ساراهي ڏو ۽ سندس پسند ۽ چونڊ جي حق جي حمايت ڪري ڏو. شاهه لطيف وٽ سڀني کان پاڪ رشتو ۽ جذبو سچي محبت ۽ عشق جي اتاهين منزل ۽ ماڳ آهن.

”شاهه لطيف وٽ محبت ئي هڪ اهڙو جذبو آهي، جيڪو انسان کي پاڪ ڪري ڏو. سماج جي دباءُ هيٺ زبردستيءَ سان قبول ڪيل ميلاپ ناپاڪ آهي. ان ناپاڪ ميلاپ کان موت بهتر آهي.“
(عباسي تنوير، 2000ع: ص 99)

مرج وٽ ميهار، متان موڻين، سهڻي!
ساهڑ جا سينگار، متان ڏم ڏيکارئين.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 94)

3 سهڻي. لطيفي فڪر جي ارتقا جي آخري منزل: اهڙن سماجي بندڻن برخلاف، بيباڪ، بي ڊپي، انوکي ۽ حيران ڪندڙ ڪردار کي اڳيان آڻڻ، ڳائڻ ۽ ساراهڻ کي علامه آءِ.آءِ قاضي شاهه لطيف جي فڪر جي ارتقا جي آخري منزل سڏيو آهي ۽ اهڙيءَ ريت هن پنهنجي رسالي ۾ سر سهڻي آخر ۾ رکيو آهي.

شاهه لطيف سهڻيءَ جي ڪردار ۾ هڪ ٻيو احساس به اوتيو آهي، اهو آهي محبوب جي حسن جو فراق. عاشق پنهنجي مطلوب ۽ معشوق کي ڪيئن ڏو ڏسي، جي ٻيا ان کي انهيءَ اک سان ڏسن ته پوءِ جيڪر ڇا ٿئي، شاهه لطيف اهڙن احساسن جي خوبصورت منظرنگاري ڪئي آهي، آغا سليم لکي ڏو ته:

”گهڻو ڪري شاهه عاشق جي واتان محبوب جو حسن بيان نڻو ڪرائي، پر هُن جي واتان ان حسن جي هجر ۾ سندس ڪيفيت ڏو بيان ڪرائي. محبوب جي حسن جو اظهار ڪري نڻو سگهجي. سهڻي ساهڑ لاءِ رڳو ايترو چئي ٿي سگهي ته،

ساهڑ مون جيئن سرتيون! جي ڏسو سپيئي،
ته سُمهو ڪين سُک ٿي، وَر پاسو ڏيئي،
مُنهان اڳيئي، گهڙو سپ گهڙا ڪٽي.
(بلوچ، 2009ع: ص 378)

هن بيت ۾ سهڻي ساهڑ جو حسن بيان نه ٿي ڪري پر ساهڑ جي حسن سان پيدا ٿيندڙ احساساتي ڪيفيت ٿي بيان ڪري جنهن سان ساهڑ جي حسن جو اهڙو تصور ڏو قائم ٿئي جيڪو بيان کان ٻاهر آهي.“
(آغا سليم، 2008ع: ص 109)

3.3.9 سهڻي ۽ سسئي جي نفسياتي ڪيفيت جي ڪٽ: سهڻي ۽ سسئي جي داستانن ۾ هنن ٻنهي همت حوصلي ۽ پڪي ارادي وارين سورمين جي نفسياتي ڪيفيت کهڙي ٿي ڏسجي، انهن جا احساس ۽ ردِعمل کهڙا آهن. شاهه لطيف انهن جي ڪئين نه سچي پچي ترجماني ڪئي آهي، سهڻي ۽ سسئي جي پيٽ ڪندي هيرو ڏکر لکي ڏو ته:

”سسئي جي نفسياتي ڪيفيت ته وري به سورن ۽ پورن واري آهي جو ڪنهن مهل ڪئين ته ڪنهن مهل ڪئين، پر سهڻي جي سامهون فقط هڪ ئي عزم آهي ۽ اهو آهي ميهار سان ميلاپ جو. ايتريقدر جو ميهار سان ملڻ لاءِ وسيلي طور جنهن گهڙي کي پاڻ سان کنيو هئائين، ان جي ڏٺي

پوڻ تي به سندس من جو پاؤ هن طرح آهي:

گهڙو پگهو ته گهورئو، پاڻان هو حجاب،
واڃڻ وڃي وجود ۾، رهيو روح رباب،
ساهڙ ريءُ ثواب، آءٌ گهٽوئي گهوريان.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 74)
(ٺڪر، 2014ع: ص 100-99)

شاهه جي سورمين جا الڳ الڳ رنگ ۽ ڍنگ آهن، انهن مان ڪي گڻ ۽ خاصيتون ساڳيون هڪجهڙيون ته ڪي وري جدا جدا آهن، جڏهن معاملو عشق جو ٿو اچي ته فيصلو ڪرڻ البت ڏاڍو ڏکيو ٿيو پوي، عشق ۾ سسئي سَرس هئي يا سهڻي؟ هرهڪ جو پنهنجو رايو ۽ راز آهي مئبم فهميده حسين لکي ٿي ته:

”شاهه صاحب عشق جي معاملي ۾ سهڻيءَ کي ٻين سپني سورمين کان وڌيڪ پائنئي ٿو. هن ٻين سپني کي ڪائنس نينهن سکڻ جي صلاح ٿو ڏي ۽ پاڻ کي به ان ۾ شامل ڪندي چوي ٿو ته:

’هلو ته پچون سهڻي، جا ڪري ڄاڻي نينهن.‘
(آڏواڻي، 2019ع: ص 79)

چو جو جيسين جيئري هئي، ڪا ڪوتاهي ڪانه ڪيائين.“
(فهميده حسين، 1993ع: ص 334)

جيئن مٿي تحرير ڪيو ويو آهي ته هرهڪ ادبيات جي عالم ۽ محقق جي پنهنجي راءِ ۽ سمجهه آهي ۽ مڙني جي راءِ جو احترام به مقدم آهي، هتي ڪجهه ٻين عالمن ۽ اديبن جا رايا ۽ تحقيق پيش ڪجي ٿي. ڊاڪٽر عبدالجبار جوٽيجو صاحب سورمين جي پيٽ ڪندي سهڻي ۽ سسئي جو به ذڪر آڻي ٿو ۽ انهن بابت لکي ٿو ته:

”اکين سان ته اسان نه سهڻيءَ کي ڏٺو، نه ليلئ ۽ مومل کي، نه نوريءَ کي، نه سورٺ ۽ مارئيءَ کي، شاهه صاحب جا واقفيت ڪرائي آهي، ان مان اهو اندازو لڳائي سگهبو ته سسئي جي سرتين ۾ مارئي، نوري، سورٺ پدمڻي جي پد تي هوندیون، ليلئ ۽ مومل جو درجو چترنيءَ وارو آهي. سهڻي جو درجو به ڪجهه اهڙو آهي. اِهو حسن ظن رکي سگهجي ٿو يا رسالي جي ڏنل رهبريءَ مان ڄاڻون، پر سسئي بيشڪ پدمڻيءَ جي پد تي سرفراز آهي.“ (جوٽيجو، 2005ع: ص 127)

3.3.11 ڏکن، سورن جي ماپ تور ممڪن ئي ناهي: شاهه جي سورمين جا ڏڪ سُور سپني کي سُجهن ٿا. ڏڪ جو رشتو به هڪ عظيم رشتو هوندو آهي، دنيا ۾ ڏڪ کي ماپڻ جا معيار ته اڄ تائين قائم ڪونه ٿيا آهن، رسول بخش پليجو لکي ٿو ته:

”هن جهان ۾ اڄ ڪي ساهميون، توراڙا ۽ ماپا ٺهيا ئي ڪونهن، جو جن سان انسان جي ڏکن ۽ سورن جو وزن ۽ قدبت ڪچي سگهجي. ساڳي تڪليف، ساڳيو سُور، هڪڙن لاءِ معمولي ڳالهه، ٻين لاءِ ناقابل برداشت. ڏکن سکن جو دارومدار حقيقتن سان گڏ ڏڪ سڪ محسوس ڪندڙ ماڻهوءَ تي سندس ماضي ۽ حال تي، سندس جذباتي روين ۽ لاڙن ۽ احساس ۽ سمجهه جي جهل پل کان آزاد اڪيچار ڳالهين تي آهي. انهن ۾ هر وقت هر لحظي بجليءَ جي تيزيءَ سان تبديلي ايندي رهي ٿي، جنهن ڪري ساڳي جاءِ تي ويڻل ماڻهو انهيءَ ساڳئي پل ۾ گهڙي ماسو، گهڙي تولو.

ڪڏهن من ماڪوڙي ڪڏهن ڪيهر شينهن،
سرتيون سارو ڏينهن، هنيون هند نه هيڪڙي.
(شاهه)

ساڳي ڳالهه، ساڳيو ماڻهو ڪڏهن روح جي راحت، ڪڏهن عين عذاب.

سائي راحت روح جي، سوئي عين عذاب.

(شاهه)

ڏک سک جا حساب ڪرڻ وارو قاضي اچا ماءُ جي پيٽان ڄائو ئي ناهي.
هي اها منزل آهي، جتي فرشتن جا پَر به جلن ٿا.“

(پليجو، 1992ع: ص 103)

هر ماڻهوءَ لاءِ ڏک يا تڪليف ۽ خوش يا فرحت جي معنيٰ ۽ مطلب جدا جدا ۽ بدلجندڙ آهي، ته پوءِ جڏهن انسان پنهنجي ڪنهن ڪيفيت تي ڪامل ۽ محڪم نه آهي ته پوءِ اهو ٻين جي ڏک سور ۽ تڪليف جي ماپ تور ۽ ڪچ ڪيئن ٿو ڪري سگهي. پر پوءِ به شاهه جي سورمين جي سورن جي گهٽ وڌائي ۽ درجي بندي ڪئي ويندي رهي آهي، ڊاڪٽر فهميده حسين لکي ٿي ته:

”سسئي پنهونءَ جي زال هئي، مومل به راڻي سان پرڻي هئي. ليلا جو چنيسر گهوٽ هو، مارئي ڪيت سان لائون لڌيون ۽ نوريءَ کي به مائڻن جام تماچيءَ سان پرڻايو هو، ان ڪري انهن سڀني جي تڙپ ۽ تانگهه کي قانوني، مذهبي، سماجي ۽ خانداني پڌرائي حاصل هئي پر سهڻي لاءِ پڌرائي بدران رڳو رڪاوٽون هيون. مخالفتون هيون، ڏوراپا هئا، ميارون هيون.“ (فهميده حسين، 1993ع: ص 324)

ان صورت ۾ ٻين سورمين جا ڪردار ڏسبا ته ڏک سُور ته سڀني کي پلئه پيا شاهه لطيف ته ڏکن کي ئي سونهون سمجهي ٿو:

”ڏيکاريس ڏکن، گوندر گس پرينءَ جو.“

ٻئي پاسي جيڪڏهن مهڻن ميارن کي ڏسجي ته جنهن عورت (سسئي) کي مڑس يا ساهرا ائين ڇڏي هليا وڃن جيئن سسئي کي ته ويڙ ته ان کي به ٻڌڻا پيا هوندا، بلڪه سسئي ته پاڻ ئي چوي ٿي ته منجهس ئي ڪا ڪمي، ڪوتاهي هوندي جو پنهون ست ڪيس پاڻ سان نه نِيون.

لَڄايا مُونهان، ساجُهر تي سيڙ ويا،
پِين پنيپوران، سُڌِ منهنجي ذات جي.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 173)

3.3.12 سسئي ۽ سهڻيءَ جي ڪردار جي سونهن: هن صورت ۾ سسئي جي ڪردار ۾ نوري واري نوڙت ۽ عاجزي وارو اعليٰ انساني گڻ پڻ سسئي جي ڪردار ۾ سَرس نظر ٿو اچي ته هو ان بي واجبي جو ڏوهي به پاڻ کي ئي پئي ڄاڻائي ۽ پاڻ تي ملامت پئي آڻي. هيٺاهين هلت جي اهڙي انتها جو سسئي چوي ٿي ته:

ساڻي توءِ هَلن، پٿر جي وار ڪريان،
جيڪس ٻاروچن، ڪو ڏٺو عيب اکين سين.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 173)

هڪ ٻئي هنڌ ڊاڪٽر فهميده حسين لکي ٿي ته:

”اها شاهه صاحب جي خصوصيت آهي ته هن سڀني سُرن ۾ مرد جي ظاهري سونهن ۽ عورت جي اندر جي سونهن کي ساراهيو آهي. سهڻي جي خوبصورت هوندي به پاڻ ان بدران سندس محبت، واعدي وفائي، همت ۽ حوصلي کي ساراهيو اٿس.“ (فهميده حسين، 1993ع: ص 324)

شاهه جي سورمين کي سونهن جي هن معيار تي پرکيو وڃي ته به سسئي سونهن ۾ سڀني کان سرس آهي ڇو ته سندس جدوجهد پختو ارادو ۽ انتها درجي جي مرڻ گهڙي تائين جاکوڙ اهڙا اعليٰ انساني گڻ آهن، جنهن جي بدولت ئي انسان جا پيا گڻ نکري نروار ٿين ٿا. ڇو ته عزم، ارادو، لڳاتار عمل ۽ تحرڪ ئي نينهن نباهڻ جي نشاني آهن. شاهه لطيف سڀ کان وڌيڪ سسئي جي جدوجهد ۽ جاکوڙ کي ساراهيو، ڳايو ۽ اُپاريو آهي.

هٹين پيرين مُونڑينين ڪهج پر ڪپار،
متان چوري ڇڏئين پريتڙي پچار،
توکي سند سسئي سندي لنئون لغار،
توڑي هون هزار، تون پاڙ ڪوم پرين سين.
(بلوچ، 1997ع، ص 112)

3.3.13 سسئي ۽ سهڻي جي جاکوڑ ۽ شاهه لطيف جو پيغام: جيڪڏهن انساني گڏن جي عام رواجي اهجاڻ ۾ انڪڻ بجاءِ ڪردار جي مڃانهين معيار کي آڏو رکي ڏسنداسين ته شاهه لطيف سسئي ۽ سهڻي جي اٽنڌ ۽ اٽموٽ ارادي، تحريڪ ۽ ويڑهه کي مٿيرو ڪيو آهي. رسول بخش پليجو لکي ٿو ته:

”سُر ڪاهوڑي، سُر رامڪليءَ ۾، سسئي ۾، سهڻي ۾، جنهن ليول تي لطيف جدوجهد کي اُڏايو آهي، اعلانيو آهي ائيديا لائيز ڪيو آهي، ان جو مثال اسان جي سموري شاعريءَ ۾، هندستان ۽ ايران جي شاعريءَ ۾، يورپ جي شاعريءَ ۾ ڪٿي به ڪونه ٿو ملي. هومر جي حالت ۾ صرف هڪڙي خاص داستان جي حوالي سان هڪڙو ماڻهو ملي ٿو، جو وڙهي ٿو ۽ علامتي طور ”باهه“ کي قبضي ۾ ڪري ٿو.“
(پليجو، 2012ع: ص 21)

اهڙيءَ ريت اها ڳالهه چگي نموني سمجهڻ جي آهي ته شاعري، علم، ادب ۽ فڪر جا هڪڙا ننڍڙا، خسيس ۽ معمولي مطلب ۽ معنائون ڪڍيون آهن، جڏهن ته انهن جون اعليٰ، آفاقي ۽ مڃانهين معنيٰ ۽ مراد ئي ان جو اصل جوهر، تت ۽ خلاصو هوندا آهن. شاهه لطيف جي شاعري ۽ انهن سورمين جي ڪردار جي نئين سر تعمير ۽ تشڪيل جو مقصد ۽ مُراد به ڪي شخصي، ذاتي احساس، ماڻهن جا پاڻ ۾ تعلقات، اختلاف ۽ ڏک سور گهٽ وڌ هجڻ جا بحث، ماپ تور ۽ زماني جي ڏوراپن کي خاطر ۾ آڻڻ نه آڻڻ جا تڪرار قطعي نٿا ٿي سگهن، شاهه لطيف جا ڪردار ۽ سندس شاعري ته انهن شين کان تمام مٿانهين ۽ عالمي ليول جي آهي.

”لطيف دنيا جو پهريون شاعر آهي، جنهن عشق ۽ محبت جي شاعري کي وڌيڪ حسين ترين ڪري، ان ۾ عوام دوستي، انقلاب دوستي، زماني ۾ سماجي انقلاب آڻڻ ۽ هي جيڪي ڳالهيون ٿا ڪريون، سي لطيف سائين ادائي سؤ سال اڳي انهن جو بنياد رکي ويو هو. اها لطيف جي خصوصيت آهي ته دنيا جي سمورن شاعرن کان منفرد ۽ نرالو آهي.“ (پليجو، 2012ع: ص 42)

تنهنڪري ان ڳالهه جي اهميت آهي ته ڏسجي ته شاهه لطيف جي ڪهاڻين جي سورمين جي ڪردار ۽ شاعر جي فڪر، فلسفي ۽ نظريي جو مجموعي پيغام چا آهي، ڪهڙو آهي؟ شاعر اهڙا جدوجهد ڪندڙ، زماني جي ريتن رسمن سان سينو ساهڻ، بغاوت ڪرڻ وارا، ڪُسڻ قبول ڪرڻ پر ڪَسو نه ٽيڻ، راهه ۾ ساهه ڏيڻ پر نينهن نباهڻ، قيد ۽ بند جون صعوبتون سهڻ پر عزت نفس ۽ وطن ۽ مارن جي لوئي نه لڄائڻ وغيره جهڙا ڪردار ئي چو چوندي ٿو. يقيناً هُو پنهنجي وطن، ان جي ماڻهن جون سوچون، خيال، رويا ۽ حالتون تبديل ٽيل ڏسڻ چاهي پيو ۽ هڪ اهڙي سماج جو سپنو ڏسي ٿو جتي اهڙيون بي واجبيون، نابرابريون، اهنج ۽ تڪليفون نه هجن ۽ خلق خدا خوش، خوشحال، بي فڪر ۽ آزاد هجي.

3.4 ليلا چنيسر:

3.4.1 داستان جي قدامت: هي قصو به سومرن جي دؤر جو آهي، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ موجب:

”سومرن جي بادشاهيءَ وارو دؤر سنڌ جي تاريخ جو روماني دؤر هو،

اڪثر قصا انهيءَ دؤر ۾ اُسريا.“ (بلوچ، 1971ع: ص 3)

هي نيم تاريخي قصو هڪ عجيب عشقيه داستان جو درجو رکي ٿو، جنهن ۾ پرائڻ لاءِ سُرت ۽ سمجهه جا ڪيترائي سبق آهن. هن قصي جو احوال سڀ کان پهرين ڪٿي مليو ان بابت ڊاڪٽر فهميده حسين لکي ٿي ته:

”انهيءَ کهاڻي جو پهريون ذڪر ادراڪي بيلاري جي فارسي مثنوي ”چنيسر نامه“ ۾ ملي ٿو. جيتوڻيڪ اها مثنوي فارسي پوليءَ ۾ لکيل آهي ته به سنڌ جي ادب ۾ ان جي اهميت آهي. خود انهيءَ مثنويءَ کي سنڌ جي فارسي ادب ۾ انهيءَ ڪري اهميت حاصل آهي جو اها مثنوي انهن ٽن ابتدائي مثنوين مان هڪ آهي، جيڪي ارغوني ۽ ترخاني دؤر ۾ لکيون ويون. ’مثنوي مظهرالاثار‘، ’مثنوي ترنم عشق‘ ۽ ’چنيسر نامه‘ ان ۾ شامل آهن.“ (فهميده حسين، 1993ع: ص 381)

3.4.2 ليلا چنيسر جو مختصر داستان: عشق و محبت، لالچ، غرور، گهمنڊ، رقابت ۽ مايا موهه جي منڊل تي ٻڌل هي داستان تحفة الڪرام جي مصنف مير علي شير قانع هن ريت شروع ڪئي آهي:

”صاحب حشمت ۽ ناليري بادشاهه ’ڪنگهار‘ جي ڌيءَ ’ڪونروءَ‘ نالي پنهنجي سؤٽ سان مگيل هئي، هوءَ حسن ۾ بينظير هئي، تنهنڪري پاڻ جهڙين سان هميشه شوخيءَ ۽ غرور سان هلندي هئي. انهن ڏينهن ۾ ’چنيسر‘ ديولي حسن، دولت، وڏي بادشاهت ۽ طاقت ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هو.“ (قانع، 1989ع: ص 108)

هن قصي جو ٽيون اهم ڪردار چنيسر جي راڻي ليلا آهي جيڪا نهايت حسين ۽ عقلمند عورت هئي. چينمل پرسرام لکي ٿو ته:

”ليلان مٿس لعلان جي هئي، مٿس چنيسر مجنون وانگر مشتاق هو، ليلان مٿي محلات ۾ راجا ساڻ رهندي هئي. راڻي جو راجا وٽ وڏو مان هو، ڏاڍي شان مان ۽ تومان سان هلندي هئي.“

(چينمل، 1994ع: ص 151)

چنيسر لاڙ جو حاڪم هو ۽ ذات جو ’داسڙو‘ هو.

ان بابت ڊاڪٽر بلوچ لکي ٿو ته:

’چنيسر‘ نالو سومرن جي پُري پيڑهيءَ مان پڌرو ٿيو ۽ وقت جي پين راون ۽ حاڪمن پڻ انهيءَ نالي کي اختيار ڪيو، چنيسر داسڙو هو، ۽ هو ان دؤر ۾ هيٺ لاڙ جي هڪ پاڳي جو راءِ هو.“ (بلوچ، 199ع: ص 136)

چئي چنيسر جام سين، ليلان تون مَ لکاءِ،
دوست تنهنجو داسڙو، کاند وڏيائي کاءِ،
ڏولو ڏَکَ سنديءِ، عيبن کي آڏو پئي.

(بلوچ، 1999ع: ص 390)

روايتن موجب مگڻي ٽيڻ کان پوءِ چنيسر ۽ ليلان جي شاديءَ ۾ کي رڪاوٽون هيون، جيڪي ليلان چنيسر سان گڏجي دُور ڪيون ۽ کي شرط پورا ڪيا، ان ڪري چنيسر سندس احسانمند به هو ۽ سندس قدر ڪندو هو. ليلا هڪ سمجهدار ۽ سياڻي سيبتي عورت هئي پر سندس ڪنهن ڪمزوري ۽ خطا کيس بلندي تان ڪيرائي ڇڏيو.

الا ڏاهي مَ ٿيان، ڏاهيون ڏک ڏسن،
مون سان مون پرين پورا ئي ۾ پال ڪيا.

(بلوچ، 1999ع: ص 389)

ڪونئرو حيلا هلائي ليلان کي نو لکي هار تي هرڪائي هڪ رات لاءِ چنيسر جي ساڻ جو سودو ڪري ٿي. چنيسر ليلا جون اڳوٽيون خطائون درگذر ڪري ٿو، پر نيٺ ليلا جي ائين هار جي عيوض ور وڪڙڻ واري واقعي کان پوءِ کيس ڏاهاڳ ڏئي ڪڍي ٿو ڇڏي.

ليلان هاڻي سخت پشيمان ٿي، پڇتائي ٿي ۽ چنيسر کي پرچائڻ، معافي لاءِ منٿون ٿي ڪري. بلوچ صاحب ليلان جي ڪردار بابت لکي ٿو ته:

”چنيسر ظاهر ۾ سادو مگر حقيقت ۾ هڪ وڏو داناءُ ۽ بردبار پٽار آهي، ليلان هڪ رنگين مزاج، محفل نواز ۽ خود خيال زال آهي. اڪثر روايتن مطابق، هوءَ پنهنجي وَر سان وفادار آهي. مگر ڪيس سادو ۽ پنهنجي عقل کي آڪرو سمجهي ٿي.“ (بلوچ، 1997ع: ص 26)

هتي هڪ عورت جيڪا راڻي آهي ۽ ڏاهي پڻ ان جو ڪردار بحث هيٺ آهي، جيڪا آخرڪار انسان آهي جنهن جي ذات ۾ ڪمزوري ۽ ڪمي ٿي سگهي ٿي ۽ هوءَ پل يا خطا جو شڪار ٿي سگهي ٿي. ڊاڪٽر فهميده، بلوچ صاحب جي ليلان بابت اهڙي بيان تي لکي ٿي ته:

”اها ڳالهه اڪثر راوين کي نه وٺي آهي ته ڪا عورت ڏاهي ٿي سگهي ٿي، انڪري هن لاءِ لکيو اٿن ته، ’پنهنجي عقل کي آڪرو ٿي سمجهي.‘“ (فهميده حسين، 1993ع: ص 383)

ٻئي پاسي ڪونئرو پنهنجي رٽ ۾ ڪامياب ٿئي ٿي ۽ جڏهن راجا کي پروڙ پئي ته ڪونئرو سندس قدمن تي ڪِري پئي ته،

”اهو ڪم مون تنهنجي سڪ ۾ ڪيو آهي، راجا پچيس ته ليلان هي ڪم ڪرڻ ڏنو؟ چيائين ته نَو لکو هار مون کان ورتائين.“ (جينمل، 1994ع: ص 153)

3.4.3 ليلا جي ڪردار جي ڪَچائي جو سوال: هن قصي جو مرڪزي نقطو، خيال ۽ سبق ليلان جي ڪردار مان اخذ ڪيو وڃي ٿو. ليلان ظاهري ڳهه ڳٽي، هيرن، موتين، هار سينگار ۽ ناهه نوهه تي تڪيو ڪري ٿي ۽ ان لاءِ نَو لکي هار جي طامائو ٿي پنهنجي اصل سونهن يعني ڪردار جي سونهن جو سودو ڪري ويهي ٿي.

”داسڙو دليون پرڪيندڙ آهي؛ متان ڪا ليلان وانگر دل ڏيڻ بدران ٻاهرين هار سينگار سان پاڻ وٽائڻ جي ڪوشش ڪري.“ (بلوچ، 1997ع: ص 20)

ٻئي طرف ڊاڪٽر فهميده حسين ليلان جي ڪردار جي ڪچائي جو احوال اورينڊڻ تي تنقيد ڪئي آهي ۽ ان تي ليلان سان بي انصافي، بي واجبي ڪوٺيو آهي.

”جيڪڏهن زال محبوبه هجي يا محبوبه زال به هجي ته پوءِ ٽين ڏر جو ان وچ ۾ اچڻ ۽ ڪامياب ٿيڻ عجيب ڳالهه آهي! ۽ انهيءَ عجيب ڳالهه تي شاعر چپ آهي. هو نه چنيسر ۽ نه ڪونئرو کي ڪجهه ٿا چون. صرف ليلان کي ٿا لوئين! اها ته ليلان سان ناانصافي ٿي.“ (فهميده حسين، 1993ع: ص 385)

ٻئي پاسي هن ليلان جي ڪردار جي ڪچاين تي قلم کڻندڙ مردن بابت هن ريت تبصرو ڪيو آهي ته:

”احساس برتريءَ جو شڪار ٿيل اهي مرد ڪنهن عورت جي ڏاهپ يا رڳو سندس هئڻ (وجود جو) لکائڻ به برداشت ڪرڻ لاءِ تيار نه هئا ۽ شاهه صاحب ليلان کي صلاح ٿو ڏي ته ”پاڻ کي لکاءِ نه.“ (فهميده حسين، 1993ع: ص 392)

3.4.4 ليلا ۽ ٻين سورمين جي ٻيٽ: ڏنو وڃي ته شاهه صاحب اهڙيون صلاحون ۽ سبق پنهنجن سورمين ۽ ٻين عورت توڙي مرد ڪردارن کي پنهنجي ڪلام ۾ هيڪاندا ۽ هرهنڌ ڏنا آهن:

نڪي ڪٽن پاڻ، سين نڪو ساٽن پاڻ،
اهڙو جن اهجاڻ، آئون نه جيئندي ان ريءَ.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 321)

شاهه لطيف جي نوري پنهنجي لکا ته پري پر ماڳهين نوڙت ۾ پاڻ کي عيبن هاڻي ٿي

ڪوٽي ۽ پُٽار آڏو نهڻائي سان هلي ٿي.

تون سمو، ائون گندري، مون ۾ عيب لک،
هن منهنجي حال جي، توکي سڀ پرک،
ڪارڻ رب الک، متان ماڳر مٽئين!
(آڏواڻي، 2013ع: ص 248)

ٻئي طرف ڪونئرو جو ڪردار ته عشق جي انڌي ۽ سرڪش گهوڙي تي سوار انسان جو آهي جنهن کي پنهنجي مقصد ۽ مطلوب کان سواءِ ڪجهه به نظر نٿو آچي، ۽ هو هر حال ۾ هر قيمت تي پرين پسڻ ۽ ان کي حاصل ڪرڻ جي فراق ۾ آهي.

اهڙي ريت چنيسر توڙي جو غيرت ۽ ڪاوڙ ۾ ليلان کان ڪنارو ڪيو پر پوءِ به هن جي من ۾ سندس موه موجود هو ۽ اها ليلان جي محبت جي لاٽ آهستي، ڏاڍي برندي ٿي رهي، نيٺ انهن عاشقن جي ملاقات ٿي.

”انهيءَ مخفي محبت ۽ فراق واري جذبي هيٺ ٻنهي جي آخري ملاقات به ميارن واري ماحول ۾ ٿي، جنهن ۾ سندن پساهه پُنا ۽ زندگي پوري ٿي.“
(بلوچ، 1997ع: ص 26)

هتي اِها ڳالهه واضح ڪندو هلجي ته شاهه لطيف پنهنجي مخصوص انداز موجب هن قصي جو انت به دکدائڪ نٿو ڏسائي، جيئن پين ڪن روايتن ۾ ڏيکاريل آهي.

شاهه جي ڪلام ۾ موجود سورمين منجهان ليلان جي ڪردار جي مماثلت ليلان ۽ مومل جي ڪهاڻي ۾ آهي. ليلان ۽ مومل جي پڇتاءُ ۽ خطاوار هجڻ جو احساس ساڳيو آهي. ٻئي پنهنجي ڏوهه جو اقرار ڪري پاڻ کي سزا جو حقدار سمجهن ٿيون. ليلان هيرن موتين جي هار تي هرڪجي پنهنجو وَر ڏاري عورت حوالي ڪري ٿي ۽ مومل پنهنجي محبوب جي جدائي ۾ دل وندرائڻ ۽ پاڻ پرپائڻ لاءِ پيڻ کي مرداڻا ويس اوڍائي پاڻ سان سمهاريو ۽ جڏ ته محبت ۾ ٻئي کي شريڪ ڪري شرڪ ۾ مبتلا ٿي ۽ چوٽ کاڏائين.

ليلان جو ڪردار زر جي لالچ ۽ انساني فطري حوس جي علامت آهي. هو هيرن موتين جي چمڪ ڏسي حواس وڃائي ويهي ٿي ۽ پنهنجي وَر يعني پنهنجي عزت ۽ غيرت جو سودو ڪري ٿي.

مٽئي تي موهجي، موڙهي ڪَيءِ مَرڪُ،
چئي چنيسر جام سين، وڏو تو فرق،
وري ويو ورق، آيءِ ڏنءُ ڏهاڳ جو!
(آڏواڻي، 2013ع: ص 195)

ٻئي پاسي نوري جي نهڻائي هن جو حسن ۽ زيور آهي. اڄا به ائين چئجي ته نوري جو نياز ۽ نوڙت ئي هن جو سينگار ۽ سپڪجهه آهي ته بيجا نه ٿيندو. شاهه لطيف پنهنجي شاعري ۾ نوري جي فقط نياز نوڙت کي ئي اُپاري، نروار ڪري اڳيان آندو آهي.

مهاڻي جي من ۾، نه گيرب نه گاءُ،
نيڻن سين ناز ڪري، ريجهايائين راءُ،
سَمو سَڀن مُلاءُ، هيريائين حرفت سين.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 249)

3.5 مومل راڻو:

3.5.1 قصي جي قدامت: هي قصو سنڌ ۾ ڪافي قديم دؤر کان ڳائجندو پيو اچي، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ هن قصي جي قدامت بابت لکي ٿو ته:

”14 صدي جي پوئين نصف ۾ نٿي جي شاعر محمد مقيم، مومل راڻي جي قصي کي ’ترنم عشق‘ جي نالي سان منظوم ڪيو. ’تاريخ طاهري‘ مان معلوم ٿئي ٿو ته شاعر محمد مقيم، مرزا جاني بيگ جي دربار جو شاعر هو ۽ سن 1001هه/1592ع ۾ زنده هو، هن اهو داستان فارسي ۾ ئي منظوم ڪيو هوندو.“ (بلوچ، 1997ع: ص 17)

اهڑيءَ طرح چئي سگهجي ٿو ته شاعرن، پٽن ۾ پانن چوڏهين صدي عيسوي کان هن قصي کي ڳايو جڏهن ته خود قصي جي قدامت ان کان به اڳ جي ٿي سگهي ٿي، ڊاڪٽر فهميده حسين لکي ٿي ته:

”لڳي ٿو ته اهو دؤر ان قصي کي ڳائڻ جو دؤر آهي، قصو ان کان اڳ جو آهي.“ (فهميده حسين، 1993ع: ص 361)

سنڌيءَ ۾ سڀ کان پهريائين شاهه ڪريم جو هڪ بيت هن قصي بابت ملي ٿو:

ڪاڪ وڻني ساڻ اونيين نه اورڳي،
جي ڪُن هُون گهٽا، راڻا توءَ روندا ويا.
(ڪريم، 1977ع: ص 92)

بلوچ صاحب لکي ٿو ته:

”مومل راڻي جي حوالي سان هي آڳاڻي ۾ آڳاڻو سنڌي بيت آهي، مبين شاهه ڪريم کان پوءِ مبين شاهه عنايت ۽ شاهه عبداللطيف هن مشهور ڳالهه جي اهجاڻن جي حوالي سان پنهنجو ڪلام چيو.“ (بلوچ، 1997ع: ص 18)

هي قصو مومل جي ڪردار جي چوڪير ڦري ٿو. جيڪا وڏگهراڻي جي ته آهي ئي پر پنهنجي بي انتها حسن، عقل، چالاڪي ۽ چترائي تي نازان آهي ۽ هڻ ۽ وڏائي جو پيڪر آهي، ٻئي طرف هي داستان عشق و محبت جي سموري لوازمات سان سينگاريل آهي، هن ۾ وصل جا واهڙ وهن ٿا ته وچوڑي جا واسينگ به ڏنگين ٿا، شاهه لطيف هن قصي کي ڳائي ان جو مان مٿانهون ڪري اَمر ڪري ڇڏيو آهي.

قصي موجب عيسوي پندرهين صدي جي شروعات ۾ راجا نند نالي ميرپورماٿيلي جو حاڪم هو. هن کي نَو نياڻيون هيون، جن مان مومل سونهن ۾ ۽ سومل وري سياڻپ ۾ مڙني کان مٿي هئي.

جڏهن ته مير علي شير قانع هن قصي کي همير سومري جي دؤر جو ڄاڻايو آهي. هو هن قصي جي ابتدا هن ريت ڪري ٿو:

”گُجر بادشاهن جي اولاد مان ’مومل‘ نالي عورت، پيءُ جي فوت ٿيڻ کان پوءِ پنهنجي ملڪ تي حڪمراني ڪري رهي هئي، ۽ شهر جي ڪناري تي هڪ عاليشان ماڙي ٺهرائي هئائين.“ (قانع، 1989ع: ص 106)

مؤرخن ۽ محققن هن داستان جو تعلق ٿر ڊيڄ سان ڄاڻايو آهي، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکي ٿو ته:

”راڻي مينڊري جو تعلق ڊيڄ جي سوڍن راڻن سان هو.“
(بلوچ، 1975ع: ص 14)

اڳتي داستان موجب مومل جو پيءُ راجا نند پنهنجو سمورو خزانو هڪ طلسمي ڏند جي ذريعي درياهه جي پيٽ ۾ لِڪائي ٿو رکي. پر هڪ سامري جادوگر کي ان مام جي پروڙ پئجي وڃي ٿي. ۽ هو اٽڪل سان مومل کان اهو ڏند وٺي وڃي ٿو. راجا نند مومل تي ڏمرجي ٿو ۽ مومل، پيءَ جي وڃايل خزاني جي پورائي لاءِ ڪاڪ نديءَ تي طلسماني محل ٺهرائي پنهنجي حسن ۽ چترائي سان وڏن راجائن ۽ سردارن کي ڦري فقير بنائي ٿي، ڪوندر ڪُهائي ٿي ۽ هڻ آيل مال پيءُ کي ٿي پهچائي. راڻو مينڊرو به پنهنجي قسمت آزمائڻ لاءِ ڪاڪ محل جو مسافر ٿئي ٿو، پر پنهنجي عقل ۽ سمجهه سبب مومل جي محل جا سمورا خوفناڪ ۽ خوني لڪ، لنگهه ۽ ٽڪساڻ پار ڪري ٿو ۽ مومل ماڻي ٿو. همير سومرو راڻي کي روڪي ٿو، ته به، هو مومل سان ملڻ لاءِ هر روز رات جو پلي اُٽ تي سوار ٿي مومل سان وصل ماڻي ٿو. نيٺ همير سومرو سندس اُٽ ڪُهائي ڪيس قيد ڪري ٿو.

گهٽن ڏينهن پڇاڻان جڏهن راڻو مومل ڏي راهي ٿئي ٿو ته ٻئي پاسي مومل راڻي جي جدائي ۾ بيحال ٿئي ٿي، سندس دل پرپائڻ لاءِ سومل مردانو ويس ڪرائي پاڻ سان سمهاري ٿي. ائين مومل سان غيرِ مرد کي ڏسي راڻو رُسي وڃي ٿو.

ڪجهه محققن ۽ شاعرن مومل جي قصي جا ڪجهه ٻاٽا ٻئي نموني بيان ڪيا آهن،

ڪن جو خيال آهي ته مومل ۽ راڻي جو رشتو مومل جي مائڻن کي نڻي وڻيو. انڪري انهن اهڙي رڍ رڻي ۽ سومل کي مرداڻو ويس پهرائي مومل سان سمهاريو ته جيئن راڻو بدظن ٿئي.

سومل مومل ڏي مُڪي ڪري مصلحت ماءُ،
ته ڇڄ لهه وڃي پيڻ جي حقيقت جا راءُ،
ڪنهن اهجاڻي آءُ، راڻي کي رد ڪري.

هن ڳالهه موجب سومل محل ٻاهران هڪ ميهار به بيهاري چڏيو جنهن راڻي کي چيو ته:

”مومل راجا نند جي، سيتل جنهن جو يار.“

تون جنهن مومل سان ملڻ آيو آهين، اها ته سيتل سان ياري پئي ملهائي، اهڙي ڳالهه ٻڌي ۽ محل ۾ ڏارئي ماڻهو کي مومل سان سُتل ڏسي راڻي کي پڪ ٿي.

اهڙيءَ ريت مومل راڻي کي پرچائڻ لاءِ جتن ڪري ٿي، منڻون ڪري ٿي، ۽ ناڪام ٿيڻ جي صورت ۾ باهه جي مچ ۾ ٽپي يا ڏاگهه چڑهي پنهنجو انت آڻي ٿي.

پر شاهه لطيف هن داستان کي دک انت (Tragic) نه ٿو بنائي.

”’سُر ليلا چنيسر‘ ۽ ’سر مومل راڻو‘ جاڻي ٻجهي سک انت بڻايا اٿس. اهو قدم جو شاهه صاحب کنيو آهي، سو منهنجي خيال ۾ ليلا ۽ مومل جي سيرت کي مڪمل ڪرڻ ۽ ادبي اصولن جي پيروي ڪرڻ لاءِ.“

(پمياڻي، 2012ع: ص 77)

شاهه صاحب ٻين تاريخي داستانن جيان مومل راڻي جي قصي ۾ به جادوئي ۽ مافوق الفطرت واقعا بيان نٿو ڪري.

”شاهه صاحب ڪهاڻي جا اهي حصا جيڪي عقل کان بعيد ٿا لڳن يا مافوق الفطرت ۽ طلسماتي ڳالهيون جيڪي پراڻي دؤر جي قصن ۾ رنگين بياني‌ءَ لاءِ شامل ڪيون ويندیون هيون، تن کي نظرانداز ڪيو آهي ۽ بيتن ۾ انهن جو ذڪر ڪونه ڪيو آهي.“

(فهميده حسين، 1993ع: ص 366)

3.5.3 سوڍا صبر ۽ تنهنجو: ان کانسواءِ مومل راڻي جي قصي ۾ راڻي جو مومل کي ڪنهن غير سان سُتل ڏسي لَڪ رکي هليو وڃڻ واري واقعي کي مختلف شاعرن ۽ محققن مختلف انداز سان ڏٺو، سمجهيو ۽ (React) ڪيو آهي. پر شاهه صاحب جا داستان جي ان اهم ۽ نازڪ موڙ بابت خيال ڪيترا نه روشن خيال ۽ اڳتي وڌيل آهن.

سوڍا صبر تنهنجو، مَرڪُ لَجائُن،
چُپ سين جي چون، ادب ڪجي ان جو.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 217)

سوڍا صبر تنهنجو مومل مت ٿيو،
تو جو ڪالهه ڪيو، تنهن مديون ميڻي چڏيون.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 216)

هتي شاهه لطيف راڻي جي صبر کي ڪرڻ ۽ چپ سان چوٽ کي وڏو وڙ سمجهي ساراهي ٿو ۽ چوي ٿو ته مومل لاءِ اهائي وڏي سزا آهي. ان مان اهو ثابت ٿئي ٿو ته هو هڪ جينئس شاعر ۽ مفڪر آهي. جيڪو شاعري ۽ ادب جي ان اصل ڪارج جي حقيقي مفهوم کي سمجهي ٿو ته شيون ۽ لقاءُ ڪيئن آهن اهو به ٻڌائجي، ڏيکارجي پر شاعر ۽ اديب جي اها به ذميواري ۽ فرض آهي ته اهو ٻڌائي ته شيون ڪيئن هجڻ گهرجن.

3.5.4 مومل ۽ ليلا وڏ گهراڻن جا عورتاڻا ڪردار: ٻئي پاسي مومل ۽ ليلا جي ڪردارن جي پيڻ ڪجي ته ٻئي وڏ گهراڻيون هيون، اميراڻي انداز ۽ شاهي شان و شوڪت، اُٺ ويهه ۽ هلت. ليلا جي زندگيءَ جو نقش چٽيندي شاهه لطيف چئي ٿو ته:

وڏيري هياس چنيسر جي راڄ ۾،

دائيين، ٻائيين، دربانين، پر ۾ ٿي پڇياس،
دهلين، دمامين، نقرين، ٿي وڄ ۾ وهارياس،
هيس دادلي دوسن جي، ڪٽي هلڪي هارڪياس،
تهان پوءِ ٿياس، ڪانياري ڪانڊ جي.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 198)

جڏهن ته مومل جي مان، شان ۽ شوڪت جي حڪايت هن ريت بيان ڪيل آهي:

سون ورنيون سوڍيون، رُپي راندين ڪن،
اَگر اوطاقن ۾، ڪٿوريون ڪٽن،
اوتيائون عبير جا، مٿي طاق تڙن،
ٻاڦ ٻيلون ٻڌيون، پسيو سونهن سڙن،
ٿيا لاهوتي لطيف چئي، پسڻ لئه پرين،
اجهي ٿا اچن، ڪاڪ ڪوريا ڪاپڙي.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 206)

3.5.5 مومل جو حسن ۽ جمال: مومل راڻي جي داستان جو مرڪزي خيال ۽ ٻين سورمين سان پيٽ ڪندي ڏسجي ٿو ته شاهه لطيف ٻين سورمين جي پيٽ ۾ مومل جي ظاهري حسن جو بيان سرس ڪيو آهي. اهڙي بيان جا ڪيترائي بيت سر مومل راڻي ۾ موجود آهن:

جنهن تڙ ڏوڙون ڏوئين، چوٽا چَندن چڪ ڪئو،
اچن پونر پنيولیا، پاڻي تنهين پُون،
راول رتو روئن، ڪو وَه لڳو واسئين.

آغا سليم مومل جي حسن بيان ڪرڻ بابت لکي ٿو ته:

”هونئن ته ساري رسالي ۾ عورت ئي عشق ۾ هجر ۽ وصل جي واردات بيان ڪئي آهي، پر هي پهريون سُر آهي، جنهن ۾ مرد، عورت جو جمال بيان ڪيو آهي ۽ اهڙي انداز سان بيان ڪيو آهي جو شاهه جي گجرين جي حسن واري شاعري جمالياتي شاعريءَ جو شاهڪار ٿي پئي آهي.“
(آغا سليم، 2008ع: ص 45)

3.5.6 مومل جي ڪردار جي اوٽائي ۽ ڪوتاهي: مومل راڻي جي داستان ۾ مومل جو ڪردار سبق آموز ۽ نصيحت ڏيندڙ آهي، شاهه لطيف هن ڪردار جي اوٽاين کي نروار به ڪيو آهي ۽ ان جي ڪوتاهي به بيان ڪئي آهي.

ڊاڪٽر فهميده حسين لکي ٿي ته:

”مومل راڻي ۽ ليلا چنيسر جي ڪهاڻين معرفت شاهه صاحب مٿئين طبقي جي ڪوڙي ڏيک ۽ هلڪڙائيءَ کي ظاهر ڪيو آهي. مومل ۽ ليلا ٻئي راجائن جون ڌيون آهن. اهي اجائي وڃائي ۽ ۽ پاڻ پڏائڻ ۾ پوريون آهن ۽ پنهنجي فرض ۾ ڪوتاهي ڪن ٿيون.“
(فهميده حسين، 1993ع: ص 376)

ڪين ساڳاهيم سپرين! جاڙون ڪيم جالَ،
سوڍا! مون کي ڪالَ، موٽي منهن ۾ آئيون.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 216)

3.5.7 مومل، سسئي ۽ غير جو گمان دل ۾ نه آڻڻ: مومل جي ڪردار ۾ هڻ ۽ وڃائي واري اوگڻ ۽ انساني ڪمزوري ڏانهن اشارو ڪيل آهي. هن ڪردار جي هڪ ڪوتاهي محبوب ڪانسواءِ ڪنهن ٻئي کي عشق جي عبادت ۾ آڻڻ به آهي. يعني اهڙو خيال به اندر ۾ آڻڻ وڏو گناهه ۽ ناقابل معافي آهي. پمپاڻي لکي ٿو ته:

”مومل اهو گناهه ڪيو جو راڻي جي حياتي هوندي، هن جو وڇوڙو برداشت نه ڪري، سندس غير حاضريءَ ۾ پيٽ کي مردانا ڪپڙا پهرائي، ڪيس پاڻ سان سمهاري، دل وندرايائين، شاباس هئي، سسئي کي جنهن

پنهل پڻيان سِر ڏنو پر ڪڏهن به ٻيو خيال دل ۾ نه آندو.
(پمپاڻي، 2012ع: ص 94)

پر جڏهن خطا کائي پشيمان ٿئي ٿي ته ان مهل کان پوءِ هن جي دنيا مَٽجي وڃي ٿي، هن کي فقط راڻي جي سار، سِڪ ۽ سوز آهي. هن کي هرطرف هر ڏس راڻوئي راڻو نظر ٿو اچي ۽ ٻي ڪابه ڳالهه چت تي نٿي چڙهي.

ڪيڏانهن ڪاهيان ڪرهو؟ چٽاڻو چوڌار،
منجهين ڪاڪ ڪوري، منجهين باغ بهار،
ڪانهي ٻي تنوار، ٿيو مڙوئي مينڊرو.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 219)

مومل ۽ سسئي جي ڪردارن جي پيٽ ڪيترن ئي عالمن ۽ اديب ڪئي آهي، هر ڪنهن جو پنهنجو رايو ۽ سوچ جو رُخ آهي. سسئي ۽ مومل جي ڏکن ڏولاون جي پيٽ ڪندي آغا سليم لکي ٿو ته:

”سسئي کي رڳو پنهونءَ جي وڇوڙي جو غم هو، پر مومل کي راڻي جي وڇوڙي سان گڏ ان ڳالهه جو به ڏک آهي، ته هن جي پرينءَ سندس وفاداريءَ تي شڪ ڪيو. شاهه مومل جي وڇوڙي جي تڙپ ۽ اندر جي ايذاءُ سان راڻي جي انتظار جو مختلف زاوين سان اظهار ڪيو آهي.“
(آغا سليم، 2008ع: ص 47)

3.5.8 مومل، سسئي ۽ وڇوڙي جا وڍ: هتي ان راءِ بابت ڪجهه بحث جي گنجائش نظر اچي ٿي. سسئي ۽ مومل جي ڪردارن ۾ جيڪا هڪجهڙائي آهي اها آهي وڇوڙو، سسئي ۽ مومل ٻنهي کان من جا محبوب ڏور ٿي وڃن ٿا ۽ اهي پنهنجي پياري پُتارن جي جدائي ۽ فراق ۾ بي حال بڻجي پون ٿيون. انهن لاءِ رات به ڏينهن مثل آهي.

اُپي اُپاريام، نَکَتَ سپ نَئي ويا،
هڪ مَيو، ٻيو مينڊرو، رات سڄي ساريام،
ڳوڙها ڳل ڳاڙيام، سورج شاخون ڪڍيون.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 208)

3.5.9 مومل ۽ سسئي ۾ پيٽ: مومل انتظار ۽ اوسيئڙي جي علامت ۽ مجسم سِڪ آهي، پر اها سسئي وانگر ميدان ۾ ڪاهي ڪونه ٿي پوي. ان ڪري اها سسئي سان ريس ڪيئن ڪري سگهي ٿي؟

اَڄ ملنديس ماءِ! ڏاڃا ڪنديس ڪيڙا،
جيجان! جوڳياڻي ٿيان، مون کي جهل مَ پاءِ،
هوت هروچي لاءِ، ڪنين ڪنر پائيان.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 105)

سسئي پنهون جي تلاش ۾ ڪاهي پوڻ ٿي چاهي ۽ جهل ئي نٿي ڏئي، پليو نٿي پلجي. مومل، راڻي جي جدائيءَ، سِڪ ۽ انتظار ۾ ڳوڙها ڳاڙي ٿي، ڏٽي در ٻاڏائي ٿي، ڪيس پنهنجي پُل، ڪوتاهي ۽ خطا تي پڇتاءُ ۽ پشيماني پڻ آهي. پر سسئي جي سوچ اڃا مٿانهين، اڇتي ۽ اور آهي. هُو پنهنجي منزل ۽ مقصد لاءِ گهر ويهي انتظار ڪرڻ واري ناهي.

ويڻي ورنه پون، سُتي ملن نه سپرين،
جي مٿي رَندن رُئن، ساڃن ملي تن کي.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 112)

روئبو به، پڻبو به پر گهر ۾ نه، ان واٽ تي، ان رستي ۽ مارگ تي جنهن تي محبوب جي قدمن جا نشان آهن. ڇو ته سچي سِڪ، محبت ۽ عشق جو پيمانو ئي اهو آهي ته طالب پنهنجي مقصد ۽ منزل لاءِ پاڻ پتوڙي ٿو يا نه!

هيڄ نه هوندو جن، سي ڪيئن وندر ويندیون!

وهو وچ رهن، سهسين سَڏنِ واريون.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 105)

اهائي سوچ، سمجهه ۾ ان جي نتيجي ۾ عملي واڌ ونڊ ۾ هلندو رهڻ وارو ڪردار ئي آهي، جيڪو سسئي کي شاهه جي ٻين سورمين کان مٿانهون مقام ڏياري ٿو.

رئڙ ۾ راڙو، مون نماڻي نِجهري،
ڪُنڊ کي قلب ۾ قرب جو ڪاڙهو،
هوتن لاءِ هاڙهو، رجائيندين رت سين.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 183)

هتي ته اهڙي تشنگي تار، اهڙو ته عشق، عزم، حوصلو ۽ فولادي ارادا آهن جو جبل کي به رت سان رجائڻ جي ڳالهه آهي.

3.6 نوري:

3.6.1 شاهه لطيف پورهيت طبقي جو حمايتي هادي، رهبر ۽ ثناخوان شاعر: شاهه لطيف جي شاعريءَ جا ڪردار، سورما ۽ سورميون گهڻو ڪري عام آدمين منجهان ئي آهن. هو خلقِ خدا جي هيٺئين، پيڙهيل طبقي ۽ صدين کان ستايل، ماريل ڏتڙيل ۽ ڏکويل گهڻائي منجهان منتخب ڪيل آهن. ڏنو وڃي ته شاهه لطيف غريب، مسڪين، پورهيت ۽ پوئتي پيلن جو شاعر آهي. هو غريب ۽ مسڪين جو طرفدار، حمايتي، ساڻي ۽ ان کان به اڳتي وڌي ڪري انهن جو ثناءُ خوان ۽ مدح سرا آهي ۽ انهن جون سراهون ڪندي نٿو ڏاپي.

مارو پاڻ امل، مليرئون مَرڪڻو.“

”اها جيڪا هڪڙي شيءِ لطيف ۾ آهي اها ڪٿان لطيف ۾ آئي جيڪا مون لاءِ ڳجهارت آهي. اوهان لاءِ ڳجهارت آهي. اها شيءِ دنيا جي انهن شاعرن ۾ ڪونهي پر لطيف ۾ آهي، سندس سوچيل سمجهيل، گهري ۽ مضبوط، لطيف جي خاص اها شيءِ آهي غريب دوستي اها جيڪا سوچيل سمجهيل غريب دوستي، جنهن ۾ غريب کي گهٽ سمجهڻ جو خيال شامل نه هجي، اها نرالي آهي، توهان کي ان وقت جي روءِ زمين جي شاعريءَ ۾، نه ملڻن نه شيڪسپيئر ۾، نه سعديءَ ۾، نه حافظ ۾ اها ڳالهه ملندي.“
(پليجو، 2012ع: ص 16-17)

دنيا جي اڪثر نظرين ۽ عقيدن ۾ ۽ انساني حقن جي اڳواڻن وٽ غريب سان همدردي، قياس ۽ رحم جا جذبا بدرجه اُتم نظر ايندا ۽ اهي ان همدردي ۽ قياس کان شروع ٿي انهيءَ تي ختم ٿين ٿا، پر دنيا جو هي يگانو (Unique) مفڪر، اسان جو شاهه لطيف انهن غريبن کي فخر لائق ۽ گڻن وارو سڏي ٿو.

شاهه لطيف پنهنجي شاعريءَ لاءِ جيڪا ڪردارن جي چونڊ ڪري ٿو. جنهن ۾ليءَ تي فخر ڪري ٿو، جنهن رهڻي ڪهڻي اختيار ڪرڻ تي اصرار ڪري ٿو ۽ ان جا محبوب ان جا آدرش، اهي سپ ڪير آهن، ڪهڙن طبقن مان آهن؟ پڪ سان ان جو جواب آهي، پورهيت، غريب، مسڪين مارو، مهاڻا، ڏوبي، لوهار، ڪنپر، هاري، مزور ۽ ٻيا اهڙا سماج جا عام انسان، مرد ۽ عورتون. نوريءَ جو ڪردار به هڪ اهڙي سنڌ جي قديم پر سماجي مانُ ۽ مرتبي کان وانجهيل، بي وقعت ۽ بي حيثيت ڪردار مهاڻي جو آهي. شاهه صاحب پاڻ سندن سماجي حيثيت جي ڪٿ ڪري ٿو ته:

ككيءَ هاڻيون كاريون، چڇيءَ هاڻا چڇ،
پانڌ جنين جي پاند سين، لڳو ٿئي لڇ،
سمو جام سُهڇ، اُپو ڪري اُن سين.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 249)

شاهه لطيف نوري جي ڪردار ۾ ان جي جنهن اُتم خوبي ۽ خاصيت کي نروار ڪيو آهي، اها آهي نهٽائي، نياز ۽ نوڙت. هو نوريءَ جي اندر جي سونهن کي اُجاگر ڪري ٿو.

نوري اوچي ذات جي راڻين وانگر تڪبر نڻي ڪري. توڙي جو هو سمي سلطان جي منظور نظر ٻڌجڻ کان پوءِ پڻ راڻيءَ جي پد تي پهچي چڪي هئي ۽ باوجود ظاهري سونهن سوپيا جي هوءَ ان تي ناز نڻي ڪري.

مهاڻي جي من ۾ نه گيرب نه گاءُ،
نيڻن سين ناز ڪري، ريجهايائين راءُ،
سمون سين ملاءُ، هيريائين حرفت سين.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 249)

3.6.2 نوريءَ ۽ جام تماچيءَ جو مختصر داستان:

جام تماچي سنڌ جي سمن حڪمرانن مان هو، هي فيروزالدين شاهه انڑ جو پٽ هو.

''تاريخي مطالعي جي بناءَ تي ائين معلوم ٿئي ٿو ته هِن 'رڪن الدين شاهه تماچي' جي لقب ۽ نالي سان پهريائين 1366ع کان 1375ع تائين 'خيرالدين جام توڳاچي' سان گڏ حڪومت ڪئي، ان بعد هو نظربند ٿي دهلي ويو ۽ سلطان فيروز شاهه جي وفات کان پوءِ سنڌ ۾ موٽي آيو ۽ غالباً 1338ع وٺي 1392ع تائين ٻيهر ''سلطان رڪن الدين جام تماچي'' جي لقب سان خودمختيار ٿي سنڌ ۾ حڪمراني ڪيائين.'' (بلوچ، 2016ع: ص 501)

ان دؤر کان اڄ تائين ڪينجهر ڪنڌيءَ تي مهاڻا رهن ٿا، سندن گذران گهٽو ڪري ڪينجهر تي هوندو هو. مڇي مارڻ ۽ وڪرو ڪري پيٽ گذر ڪرڻ سندن ڪِرت هئي ۽ آهي. مرد توڙي عورتون ۽ ٻار انهن جو اُڻڻ ويهڻ ڪائڻ پيئڻ ٻيڙين تي هوندو هو، مرد مڇي مارينda هئا ۽ عورتون کارا پري اڇي واڻن تي ويهي وڪڻنديون هيون، اهڙي ماحول ۾ صفائي ستڙائي جو تصور ئي محال آهي جو مهاڻن جو واسطوئي ككين سان هو.

''جهڙا هئن جسم گدلا تهڙا هئن هڏ هيڻا، مهانبن ۾ اهڙا کارا ۽ ڪوجها هئا، جو ڏڻي ڪرهت وڻيو وڃي! مگر وڻن هڪ نينگر هئي، جنهن جي سونهن جي ڪهڙي ساراهه ڪجي! شڪل شبيهه توڙي هلت چلت ۾ مهاڻي مور نه هئي؛ ويتر انهيءَ ڪِن جي ڪُن ۾ اَمُل ماڻڪ هئي. منهن مان اهڙو ته نوراني حسن پيو بکندو هوس، جو ڪيس سڏيندا ئي ''نوري'' هئا.'' (گربخشاڻي، 1992ع: ص 718)

جام تماچي اڪثر ڪينجهر تي سير ڪرڻ لاءِ ايندو هو، هڪ ڀيري ٻيڙيءَ تي سير ڪندي سندس نظر وڃي نوري تي پئي ۽ هو هن تي موهت ٿي پيو.

هٿين ٻيرين آرڪٽين منهن نه مهاڻي،
جئن سگهو وچ سرندڙي، تئن راڻين ۾ راڻي،
اصل هئي ان کي، اَهُل جاماڻي،
سمي سجاڻي، ٻيڙو ٻڌس ٻانهن ۾.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 250)

جام تماچي جو سک آرام ڦٽي ويو، نوريءَ جي نگاهن جي نشتر سان هن جو هينئون چيهون چيهون ٿي چڪو هو. نيٺ دل جي هٿان مجبور ٿي نوريءَ جي مائڻن کان سگ گهرياٸين. مهاڻن جي ته قسمت جاڳي، سگ خوشيءَ سان قبولياٸون.

''پوءِ ته شادمانا ٿي ويا. خزانن جا دروازا کُلي ويا، سون ۽ رپي جون راندیون لڳي ويون. هزارن جا هيرا ۽ لکن جو لعلون لڻجي ويون. مهاڻن جون به بخت وري ويو. ڏلون ۽ محصول مڙئي معاف ٿي وين ۽ ساري ڪينجهر ڏنڊ مٿن امداد ٿي وئي.'' (گربخشاڻي 1992ع: ص 718)

ٿهڙو ڪينجهر ۾ ڪين ٻيو، جهڙي سونهن سنڌياس،
مَڏ مياڻيون مڪڙا، مڙئي معاف ٿياس،
مورڇل مٿانس، اُپو تماچي تي هڻي.

(آڏواڻي، 2013ع: ص 250)

نوري جي ناز ۽ نينهن تماچي کي اهڙو بي خود ۽ مست ڪيو جو مورچل کڻي بيهي مڻانس هڻندو هو. ان اُتم پد تي پهچڻ باوجود نوري جي نوڙت ۽ نياز ۾ ڪمي ڪانه ٿي، هوءَ هردم تماچي جا ڳڻ ڳائيندي ۽ سندس احسان مجيندي هئي.

تون سمو آئون گندري، مُون ۾ عيبن لَکَ،
هن منهنجي حال جي، توکي سڀ پَرَکَ،
ڪارڻ رَب الک، متان ماڳر مٽئين!
(آڏواڻي، 2013ع: ص 248)

3.6.3 نوريءَ جو نياز، ادب ۽ نئڙت: اهڙي ادب ۽ نياز واري ادا جام تماچي جو من موهي ڇڏيندي هئي. هڪ پيري جام تماچي نوري جي پرک لهڻ خاطر حويليءَ ۾ چوائي موڪليو ته:

”سڀئي سنپري تيار ٿي ويهو، پوءِ جنهن کي چاهيم تنهن کي پاڻ سان گهمائڻ وڃندس.“

اهو نياپو ملندي ئي سڀ سميون هار سينگار ڪري ويٺيون، جڏهن ته نوري هار سينگار بدران اباڻو وڳو پائي نماڻي ٿي ويٺي، جڏهن جام تماچي آيو ته سميون سندس آجيان لاءِ ناز نخرا ڪري اڳيان وڌيون پر جام انهن کان نه ريجهيو ۽ اڳتي وڌي نوريءَ کي پاڻ سان نيائين ۽ جڏهن سير ڪري موٽيا ته کيس پنهنجي پٽ راڻي پڌرو ڪيائين.

پاهوڙو پيش ڪيو، نئون نوري نيئي،
حاضر هيون هڪيون، سميون سڀيئي،
نوازي نيئي، گاڏيءَ چاڙهي گندري.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 249)

آغا سليم هن واقعي بابت لکي ٿو ته:

”جام جڏهن سڀني راڻين ڏانهن هار سينگار ڪري تيار ٿي ويهڻ جو نياپو موڪليو، تڏهن نوريءَ کي محسوس ٿيو ته هار سينگار ۾ هوءَ ٻين راڻين سان پڄي نه سگهندي. هار سينگار سان هوءَ ٻين راڻين جهڙي نه لڳندي. ان ڪري هن حرفت هلائي ته جيئن ٻين راڻين کان الڳ به نظر اچي ۽ جام جو هن ڏانهن ڌيان به ڇڪجي. ان ڏينهن هن مهاڻن وارو ويس پاتو ۽ جام کي پاهوڙو پيش ڪيو. نوريءَ جو اهو انداز ڏسي ٻيون راڻيون هڪيون ٽڪيون رهجي ويون.“

(آغا سليم، 2008ع: ص 77)

”سَمو سَڀن مُلاءُ، هيريائين حرفت سين.“

(آڏواڻي، 2013ع: ص 239)

3.4.3 ليلا ۽ نوري جي هلت: هتي شاهه صاحب نوريءَ جي نياز نئڙت، ۽ هيٺاهين هلت سان گڏوگڏ نوريءَ جي چترائي طرف به اشارو ڪري ٿو، عام طور تي گهڻ زالن واري سماج ۾ عورتن ۾ ريس، مقابلي ۽ چڙا پيڻي جي ماحول ۾ اهڙي عقلمندي ۽ ڏاهپ واري سوچ سرجڻ ۽ عمل ۾ اچڻ سپاويڪ آهي. جڏهن ته ان مقابلي بازي جي پويان محبت جي انتها ۽ پاڻ اربڻ واري جذبي جي ججهائي به ڏسجي ٿي.

”شاهه صاحب ته خاص طور تي سورمين جي زبان ۽ رويي سان پنهنجا احوال اوريا آهن. ليلا ۽ نوري جي هلت شاهه جي رسالي جي روشني ۾ واضع پيٽ آهي، هڻ ۽ نهڻائي جي. هڪڙي ابمبر ۽ خودغرضي جي پتلي آهي ته بي يعني نوري بي غرضي ۽ پاڻ اربڻ واري جذبي سان ٽمڙار آهي.“ (جوٽيجو، 2005ع: ص 63)

شاهه لطيف سُر ڪاموڏ ۾ نوري، جام تماچيءَ جي داستان بيان ڪرڻ سان گڏ مهاڻن جي زندگي، سندن رهڻي ڪرڻي، پوشاڪ ۽ ڪِرت مطلب ته هرهڪ شيءِ جو ائين بيان

ڪيو آهي جو لفظ ۾ بيت تصويرن جو ڏيک ڏين ٿا ۽ مهاڻن جي روزاني زندگي جي زندهه تصوير اُپري اڳيان اچي وڃي ٿي.

”سُر ڪاموڏ ۾ اهڙيون ڳالهيون بيان ڪيون اٿائين، جو سڄو نقشو پنهنجي ككيءَ ڏپ سان آڏو اچيو وڃي. شاهه لطيف کان اڳي رڳو سهڻن رنگن، سرهاڻ، پڙڪيدار پوشاڪ، اطلس ۽ ڪيمخواب کي شاعريءَ ۾ ذڪر لائق سمجهيو ويندو هو. هن سُر ۾ شاهه لطيف ڪهڙي نه ويجهڙائيءَ کان سنڌ جي هن نماڻي طبقي جو اپياس ڪيو آهي ۽ سندن زندگيءَ جي عڪاسي ڪئي آهي.“ (تنوير عباسي، 2000ع)

گند جن جي گوڏ ۾، پاپوڙا پوشاڪ،
اُنين جيءَ اوطاق راجا ريجهي آئيو.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 249)

3.6.5 مهاڻن جي سماجي حالت طبقاتي تضاد ويچا: انهن جي خوراڪ به معمولي ۽ مال ملڪيت کان به وانجهيل آهن. سندن هڏ هيڻا آهن هو هڪ ڪسمپرسي واري ڏکي ۽ سخت حياتي گهارين ٿا، مهاڻن جي سماجي حالتن جو اهڙو تفصيلي، ٽُڙ ۽ ڇڻو منظر ڏيکاريو ويو آهي. ان کانسواءِ هن سُر ۾ ٻيون به سماجي ۽ طبقاتي حقيقتون نروار ڪيل آهن. ڊاڪٽر فهميده حسين لکي ٿي ته:

”هن داستان ۾ هڪ طرف مهاڻن جي تمام مسڪيني حالت ڏيکاريل آهي، ته ٻئي طرف ڌلن محصولن رستي پرماريت ۽ استحصال ذريعي بادشاهن ۽ وڏن ماڻهن وٽ ميڙيل بي انداز دولت جو به ذڪر آهي، جيڪا ڪنهن نه ڪم جي خزانن جي بند دروازن ۾ بند پئي آهي. هيرن جواهرن جي صورت ۾ پٿرن جو ڍير ٿي رکي آهي، پر انسانن جي پلائي لاءِ ڪتب نٿي اچي.“ (فهميده حسين، 1993ع: ص 354)

شاهه لطيف جو ڪلام فن ۽ فڪر جو انوکو ۽ انتهائي مٿانهون ماڳ ۽ منزل آهي، سُر ڪاموڏ ۾ به شاهه صاحب پنهنجي فڪري بلنديءَ جا انوکا ۽ عجيب لقاءُ پسائي ٿو. هڪ طرف هوءَ نوريءَ تي چام تماچي جي احسانن ۽ هڪ مسڪين مهاڻيءَ جي عزت افزائي ڪري ڪيس ڪِن جي ڪُن مان ڪڍي پنهنجي پٽ راڻي بٽائڻ جا احوال آڻي ٿو ته ٻئي طرف هڪ بيت ۾ ئي سڄي ڪهاڻي جي ڪايا پلٽ ڪري ڇڏي ٿو.

رسول بخش پليجو لکي ٿو ته:

3.6.6 نوريءَ نوازيو، ٿيو تماچي تي! اهو سڄو خوبصورت داستان بيان ڪري ان سان گڏ روءِ زمين جي عوامي انقلابي شاعريءَ جي آسمان جي روشن سج لطيف فقط هڪڙو بيت چيو آهي، جنهن ۾ مٿينءَ سموريءَ ڳالهه جو نرالو ابتڙ پاسو بيان ڪري ڇڏيو اٿس: ”اها ڳالهه سڄي ڪينجهر جي ماڻهن سڄي جهان کي معلوم آهي ته تماچي نوريءَ تي ڪيڏا احسان ڪيا، پر ڪينجهر جي فقط ڪن ڪن ماڻهن کي اها خبر آهي ته نوري تماچيءَ تي عام رواجي اهڙي نوازش ڪئي، جنهن جي پيٽ ۾ تماچيءَ جا سمورا احسان جڏ هيڇ ۽ بي حقيقت بنجيو وڃن. نوريءَ جي نئڙت پري نياز، محبت ۽ صحبت تماچيءَ کي هزارين عام رواجي حاڪمن مان ڪيرائي غريب دوست، انسان دوست ۽ دردمند دل رکندڙ عظيم ماڻهن مان هڪڙو ماڻهو بنائي ڪيس امر ۽ لازوال تاريخي هيرو بنائي ڇڏيو.“ اهو بيت آهي:

نوريءَ جي نوازيو، ٿيو تماچي تي،
گاڏي چاڑهي گندريءَ، ماڻهو ڪيو مَي،
ڪينجهر چوندا کي، ته سچ سپائي ڳالهڙي.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 251)

”ڪينجهر جا گهٽا ماڻهو ائين چون نه چون، پر کي ضرور مڃيندا ته درحقيقت سچي ڳالهه اها آهي ته، تماچي، تماچي ٿيوئي تڏهن (تي) جڏهن مهاڻيءَ (مَي) ڪيس پنهنجو ڪري ڪيس ماڻهو بنائي ڇڏيو.“

(پليجو، 2016ع: ص 236)

اهڙيءَ ريت نوريءَ جو نياز هڪ ڪرشماتي ڪُڙ آهي، جنهن پنهنجو سحر ۽ اثر ڏيکاريو ۽ جام تماچيءَ جو مان ايڏو مٿانهون ۽ لازوال ڪري ڇڏيو. نوريءَ ۾ اهو اهڙو اَملهه گُڻ آهي جيڪو ڪيس مڙني ۾ ممتاز ۽ جدا ڪري بيهاري ٿو.

”سورٺ ۾ بيشڪ خود قربانيءَ جو جذبو نظر اچي ٿو، سهڻي ۽ سسئي ۾ عزم ۽ همت، مارئي ۾ ست سيل ۽ وطن پرستي ۽ ليلا ۽ مومل ۾ خودپرستي، پر نوريءَ جو نياز اسان کي گهڻو ڪجهه سيکاري ٿو.

چيئرمين مائو چوي ٿو:

”جيتري نهنائي اوتري ترقي، هنيلو ماڻهو ڪڏهن به ترقي ڪري نه سگهندو.“ تڪبر ڪنڊ ۾ ڪيري، جيئن ليلا سان ٿيو، نوري سچ پچ هڪ هيرو آهي.“ (جوٽيجو، 2005ع: ص 65)

3.6.7 مومل، ليلا ۽ نوري: مومل، ليلا ۽ نوري ٽئي محبوب جو وصال ماڻين ٿيون. مومل ۽ ليلا وڏ گهراڻي جون هيون ته نوري جو هڪ غريب مسڪين مهاڻي هئي ته به تماچيءَ جي پٽ راڻي بڻي، پوءِ به هن ۾ ليلا ۽ مومل واري ڪردار جي ڪوجهائي ڪانه هئي. نه هو وڏائي ٿي ڪري ۽ نه پنهنجي سونهن ۽ سوپيا تي فخر ٿي ڪري. هن جي هيڻاهين هلت اجان به اڳي کان اڳري ۽ اتاهين ئي آهي. بادشاهي محل ۾ رهندي به هو پنهنجي غريباڻي مهاڻي واري زندگيءَ جي هر منظر، ڪاڌ خوراڪ، ڪپڙي لٽي، سهيلين ساڻ وغيره کي نٽي وساري. نوريءَ جي اهائي اعليٰ هلت ۽ نئڙٿ کيس جام تماچيءَ وٽ سرخرو ڪري سندس مان مٿانهون ڪري ٿي.

”نوريءَ جي نياز جو عجب اجهل هوءِ،
سمو سِر سين ۾، مي مورچيو سوءِ،
اچيو اپين پوءِ، حجت پڳي راڻيين.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 230)

3.6.8 نوريءَ جي جستجو، خودداري ۽ پنهنجي اصل سان محبت: نارائڻداس پمياڻي، نوريءَ جي نياز نئڙٿ سان گڏ سندس ، تلاش جستجو ۽ پيار جي منٿائو هڄ جي ڳالهه ڪئي آهي.

”نوري جي نينهن ۾ ڦاٿو جام تماچي، ليڪن شاهه ڏيکاري ٿو ٿه نوري ئي آهي جا هميشه هن جي مِنٿائو آهي، عورت، مرد جي محبت جي محتاج آهي ۽ سدائين پيار جي ڪاڻ ڪيڏي پويس ٿي. نوري برابر جسماني تلاش ڪانه ڪئي، مگر تلاش دل ۽ دماغ جي پڻ ٿيندي آهي.“
(پمياڻي، 2012ع: ص 72)

نوريءَ جي ڪردار جا انيڪ پاسا آهن، نياز نئڙٿ، هيڻاهين هلت، پنهنجي اصل سان محبت ۽ وفاداري وغيره. ڊاڪٽر فهميده حسين نوريءَ جي ڪردار کي آدرشي ڪردار سڏيندي لکي ٿي ته:

”ان دؤر ۾ نوريءَ جو ڪردار هڪ آدرشي ڪردار هو. جڏهن ته منهنجي خيال ۾ نوريءَ جي ڪردار ۾ سڀ کان وڌيڪ ساراهڻ جوڳو گُڻ آهي سندس ”خودداري“ ۽ پنهنجي اصل ٽي فخر!“ (فهميده حسين، 1992ع: ص 358)

3.6.9 نوري تنقيد کان آجي ۽ بالاتر آهي: شاهه صاحب بين سورمين جي ساراهه سان گڏ ڪٿي ڪٿي سندن ڪوتاهين جي اپٽار ۽ مٿن ملامت ۽ تنقيد به ڪئي آهي. سسئي کي غفلت واري ننڊ ڪرڻ تي نندي ٿو.

سُتينءَ سَنجهيئي، منهن ويڙهي مئن جئن،
اوجاڳو اکين کي، جاتوءِ نه ڏيئي،

هٹان تو پيئي، ٿي ڪچو ڪيچين ڪرين!
(آڏواڻي، 2013ع: ص 157)

ليلا کي لالچ ۾ مايا موهه ڪرڻ تي ملامت ڪري ٿو.

مٽئي تي موهجي، هاري! ڳيڙُءِ هارُ،
ڪوڙيين ڪيا، ڪيترا انهين خَرَّ خُوارُ،
پِري ويو پَتار، آيءُ ڏَنءُ ڏهاڳ جو!
(آڏواڻي، 2013ع: ص 195)

اهڙي ريت مومل زباني غفلت ۾ غلطي ڪرڻ تي پڇتاءُ جو اظهار ڪرائي ٿو.

ڪين ساڳاهيم سپرين، جاڙون ڪيم جال،
سويا مُون کي ڪال، موٽي مُنهن ۾ آئيون.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 216)

پر نوريءَ جي معاملي ۾ شاهه صاحب مٿس اهڙي ڪابه تنقيد نٿو ڪري.

”نوري هڪ صاف ستڙو ۽ مضبوط ڪردار آهي ۽ شاهه لطيف ڪنهن به جاءِ تي نوريءَ تي تنقيد نه ڪري سگهيو آهي، نوري اها سورمي آهي، جنهن کي شاهه لطيف پنهنجي ڪلام ۾ زندگي ڏيئي امر ڪري ڇڏيو آهي.“ (وقاصي، 2012ع: ص 100)

3.6.10 ڪبر ڪبرياءُ تخت تماچي جام جو: واقعي شاهه لطيف جي پارس جهڙي فڪر ۽ فن جڏهن نوري جام تماچيءَ جي داستان کي کٽي مٽي آندو ته نوري ۽ جام تماچي جا ڪردار سون ٻڌجي تاريخ جا لازوال ۽ امر سورما ٿي وڃڻ مقام ماڻي بيٺا آهن.

نه ڪنهن جائو جام کي، نڪو جام وياءُ،
ننديءَ وڃيءَ گندريءَ، سپن آه سياءُ،
”لم يَلِد ولم يولد“ اِي نجابت نياءُ،
ڪبر ڪبرياءُ، تخت تماچيءَ جام جو.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 252)

جام تماچي سنڌ جو باهمت، بهادر ۽ سٿو حڪمران هو، عام خلق ۾ سندس لاءِ ٻين حڪمرانن بنسبت بهتر راءِ هئي پر شاهه لطيف نوري جام تماچي جي داستان جي حوالي سان سندس اهڙو ته شان بيان ڪيو آهي جو اهو آخري حد ۽ عظيم آهي. گڏوگڏ اهو شاهه لطيف جي پنهنجن ماڻهن، ديس واسين سان ازلي نينهن جي نشاني ۽ ڪين عظيم محبت جي پيٽا پڻ آهي.

رسول بخش پليجو لکي ٿو ته:

”توهان نوٽ ڪيو ته خدا تعاليٰ کي ۽ رسول ﷺ کي سنڌي ماڻهن جي نالن سان سڏي ٿو. يعني خدا کي تماچي سڏي ٿو. ٿيندو هيئن آهي ته ماڻهوءَ کي شينهن سڏبو آهي. ’فلاڻو ماڻهو شينهن جهڙو مڙس آهي.‘ ’فلاڻو ماڻهو هرڻ اکيو آهي.‘ لطيف اکيلو ماڻهو هو، پيو ڪوبه اهڙو ڪونهي، فردوسي به ڪونه ڪيو، ڪنهن به ڪونه ڪيو آ، اها جسارت ڪنهن ڪانه ڪئي آ، لطيف سائين ئي آهي، جيڪو بيحد و حساب الله سائين جي تعريف ڪرڻ گهري ٿو، ته ان کي ڪنهن سنڌي ماڻهوءَ جو نالو ٿو ڏئي.“
ڪبر ڪبرياءُ، تخت تماچيءَ جام جو. (پليجو، 2012ع: ص 29)

ائين شاهه لطيف جي ڪلام جو ڳوڙهو ۽ تحقيقي مطالعو ڪرڻ سان نهايت انوکا، نوان ۽ نرالا خيال، تصور ۽ مشاهدا ماڻڻ لاءِ ملن ٿا. سُر ڪاموڏ به شاهه لطيف جي ڪلام جو اعليٰ شاهڪار آهي.

3.7 عمر مارئي:

3.7.1 مارُن مُونجهه مُياس: عمر مارئي جو قصو ٻين نيم تاريخن داستانن وانگر عشقيه داستان نه آهي. هي ساڻيهه جي سِڪ، عورت جي پنهنجي ست ۽ سيل جي حفاظت لاءِ آخري حد تائين وڃڻ جي عزم ۽ وَر سان وفا جي ڪهاڻي آهي، مارئي عمر جي قيد ۾ رهندي پنهنجي وطن ۽ ماروئڙن کي ساري به ٿي ته ڪين ميارون به ڏئي ٿي ۽ ان ڳالهه جو ارمان اٿس ته هنن سندس سار نه لڌي.

لنگڙياري لوءَ ۾، جنين لئه ٿياس،
تنين تِر جيترو، پلڪ نه پچياس،
جهروڪن جهوريو هنيون، ڪونين آئون ڪٿياس،
مارُن مُونجهه مُياس، نات ماڙِئُن ماريس ڪين ڪي.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 227)

جي ڪر لڌائون ته بنديءَ بند نه ساريو،
ماروئڙن آئون جيڪس ويس وسري!
(آڏواڻي، 2013ع: ص 227)

ان ڳالهه کيس ڏاڍو رنجايو ته سندس پٽار ۽ مائڻن هُن کي عمر جي قيد مان آزاد ڪرائڻ لاءِ ڪي ڪين ڪيو. هوءَ اُن عذاب کي قيد و بند جي قهر کان سَرس ٿي سمجهي. ٻئي پاسي مارئي عورت جي عصمت ۽ عزت جي علمبردار ۽ علامت آهي.

3.7.2 مارئي ۽ سيتا: هيرو ٺڪر لکي ٿو ته:

”اسان وٽ هندي ۽ سنسڪرت ساهتي ۾ پگهوان رامچند جي پتني سيتا جو ڪردار آهي، جيڪا به سيل ۽ ستيا جو درلپ مثال آهي. جيئن مارئيءَ کي عمر بادشاهه، تيئن سيتا کي وري لنڪا جو راوڻ پڃائي ويو هو، ۽ کيس قيد ۾ رکيو هئائين، پر هوءَ قيد م به ستيا تي قائم رهي. بهرحال سيتا ۽ مارئي جي ڪردارن ۾ هڪ وڏو فرق به آهي. ڇو ته سيتا هڪ راجا، جنڪ جي ڌيءَ ۽ ٻئي راجا، رام جي پتني هئي. هُن راج پاڳ، زمينون ۽ تخت تاج اڳ ۾ ئي ڏسي ڇڏيا هئا، پر مارئي هڪ غريب گونڍاڻي هوندي به عمر بادشاهه طرفان ڏيکاريل لبِ لالچن تي ڪانه ٿي هرکي.“ (هيرو ٺڪر، 2014ع: ص 102-101)

شاهه لطيف مارئي جي انهيءَ عاليشان ڪردار جي ڪري ئي کيس پنهنجي شاعريءَ جو موضوع ۽ ڪردار بنايو ۽ امر ڪري ڇڏيو. مارئي جي زباني چوائي ٿو ته:

اِي نه مارُن ريت جو سيڻ مٽائن سون تي،
اڇي عمرڪوٽ ۾ ڪنديس ڪانه ڪُريت،
پکن جي پريت، ماڙِيءَ سين نه مٽيان.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 224)

سچ پچ ته سنڌ ته ڇا پر دنيا جي تاريخ ۾ اهڙا انمول ۽ اُتساهه ڏيارينڌڙ ڪردار مشڪل ئي ملندا. مارئي پنهنجي مارئن جو مَرڪ ۽ ساڻيهه جي سرهائي آهي.

3.7.3 عمر مارئي جو مختصر داستان:

هيءُ قصو سومرن جي صاحبي (1351-1011ع) ۾ عمر سومري حاڪم جي دؤر جو آهي. ڊاڪٽر گربخشاڻي لکي ٿو ته:

”مير طاهر محمد، جنهن سنڌ جي تاريخ، نالي ’تاريخ طاهري‘ سن 1621ع ۾ جوڙي راس ڪئي، تنهن هي قصو به ان ڪتاب ۾ درج ڪيو آهي. هن صاحب جي هڪ ٻي تصنيف ’ناز و نياز‘ نالي آهي. جنهن ۾ سنڌ جون جهونيون ڪهاڻيون، شعر ۾ نقل ڪيون اٿس. ان ۾ پڻ عمر مارئي جي ڳالهه وڏي شَد مَد ۽ رنگ ڍنگ سان ڪئي اٿس.“
(گربخشاڻي، 1992ع: ص 670)

ڪلاسيڪي شاعريءَ ۾ عمر مارئي جو قصو پهرين شاهه عنايت جي ڪلام ۾ نظر

اچي ٿو. ڊاڪٽر گربخشاڻي ان بابت لکي ٿو ته:

”مير علي شير قانع به ”تحفة الڪرام“ ۾ هي قصو بيان ڪيو آهي، پر جيئن ته هيءُ ڪتاب سن 1767ع ڌاري لکجي تيار ٿيو، تنهنڪري منجهس آيل احوال ”تاريخ طاهري“ تان ئي نقل ڪيو ويو ٿو ڏسجي. عام روايت آهي ته شاهه عنايت پهريون ئي شاعر هو، جنهن مارئي جا بيت سنڌي ٻوليءَ ۾ چيا، ۽ پڻ شاهه عبداللطيف کي مارئي جو مذڪور سٽائي منجهس مارئيءَ جي بيٺن چوٽ جو شوق پيدا ڪيو.“

(گربخشاڻي، 1992ع: ص 670)

هن داستان جو مختصر احوال هيءُ آهي ته عمر سومري جي دؤر ۾، ٺر جي هڪ ڳوٺ ۾ (موجوده دور ۾ اهو پالوا چيو وڃي ٿو ۽ مارئي جو ميلو به سرڪاري طور ملهائبو آهي). پالڻي نالي هڪ ٻنهوار ۽ سندس وڻي ماڻوئي رهندا هئا. ٺر ۾ ماٺهن جو گذران گهٽو ڪري مال پالڻ تي آهي. ٺر وسيءِ ۽ ٻني ٻارو ٽڻي ته واهه! نه ته هن ڏُڪاريل ڏيهه جو جيون تمام ڪَٺن ۽ نرالو آهي. هنن جو گذران به ڏٺ ڏونري ۽ جهڙ مکڙ تي هوندو هو. ڪجهه ٻني به هئن جيڪا ڦوڳ نالي هڪ هاري جي مدد سان ڪندا هئا. هنن کي فقط هڪ نياڻي ئي هئي جيڪا نهايت حسين هئي، سندس حسن جي هاڪ جيئن پوءِ تيئن هنڌين ماڳين هُلي وئي هئي. ان نينگري کي ”مارئي“ سڏيندا هئا، جيڪا ئي هن قصي جي مکيه ڪردار آهي.

پَکي مَنجهه پَدمڻي، ڪر ڏِئي وراڪا وِڄُ،
جهڙي صورت سج، تهڙيءَ مورت مارئي.

(مارئي)

ڦوڳ مارئي سان لانئون لهڻ جو چاهه رکندو هو. سو پالڻيءَ کان سڳ گهريائين پر پالڻي سندس سڳ ٻنهنجي مائٽ ڪيت سين کي ڏئي چڪو هو، سو ڦوڳ کي جواب مليو. اهڙي ورندي ملندي ئي ڦوڳ نامراد ٿيو، ڪاوڙ، ساڙ ۽ حسد وڃان ويو ۽ ٽڻ جون سٽون سٽڻ لڳو. نيٺ رٽ رڙي عمرڪوٽ روانو ٿيو ۽ عمر بادشاهه اڳيان مارئي جي حسن جي اهڙي ته ساراهه ڪيائين جو عمر بادشاهه به مارئي تي اڻ ڏٺو عاشق ٿي پيو ۽ دل ۾ پهه پچايائين ته ڪنهن نه ڪنهن طريقي مارئي کي هٿ ڪري ٻنهنجي راڻي ٻڌائيندس. تنهن ڪان پوءِ ٻئي ڇڻا ويس مٽائي مارئي جي ڳوٺ ڏانهن ڪاهيندا ويا. نيٺ اچي ڳوٺ پرسان ويهي پهه پچائڻ لڳا ته وجهه وڻي مارئي کي هٿ ڪجي. ٺر ۾ ڪوهه تمام اونها ٽين ۽ پاڻي ٻرڻ لاءِ تمام گهٽي پيڙ ٽڻي ۽ وارو ملڻ مشڪل هوندو هو، تنهنڪري عورتون آڏيءَ جو ننڍ ڦٽائي پاڻي پريندیون هيون. مارئي به ائين ئي ڪندي هئي پر ان ڏينهن ڪيس ننڍ وڻي وئي. صبح جو جيئن جاڳي ته گهڙو کڻي ڪوهه ڏي هلي.

آڏي اٽن تي، جيلانهن پاڻي پاتار ۾،
وارو ويسرين کي، ڏينهان ڪونه ڏئي،
مون ڪميڻيءَ کي، مَٽان ڪوهه کڻي ويا.

(بلوچ، 1999ع: ص 495)

عمر ۽ ڦوڳ اڳ ۾ ئي تاڙ ۾ بيٺل هئا، مارئي کي ڏسي عمر ويتر وڌيڪ جوش جاڳيو، پاڻي پيئڻ جو بهانو ڪري ويجهو ويس ۽ ان کي ڪنڌي کڻي اُٺ تي چاڙهيو ۽ واپس امرڪوٽ ڏي وريو ۽ محلات ۾ آڻي قابو ڪيائين. جڏهن رات جو وٽس لنگهي ويو ته مارئي مارئن جي ياد ۾ رت روئي رهي هئي. عمر کيس چيو ته ”هاڻي روئڻ ڏوئڻ مان ڇا ورندو. هتي منهنجي پٽ راڻي ٿي ويهه. منهنجون ٻيون سڀ راڻيون تنهنجون گولين ۽ ٻانهون تنهنجو ٻانهو ٿي گذاريندس.“ پر مارئي پنهنجي حال تي هنجون هاريندي رهي، نيٺ جڏهن عمر گهڻو اصرار ڪيس ته جواب ڏنائينس ته:

”منهنجون ڪيت سين سان ازل کان لائون لڏل آهن، سو هن کان سواءِ آئون ڪنهن جي ڪين ٿي سگهندس، مون کي موڪل ڏي ته آئون موڻي مليڙ وڃان.“ عمر نه مڃيو ۽ ائين سمجهيائين ته وقت گذرڻ سان نيٺ مارئي پنهنجي ضد تان لهندي پر ائين نه ٿيو ۽ مارئيءَ جي من ۾ عمر لاءِ نفرت ۽ ڪاوڙ وئي وڌندي.

سيل پيڙ جي سومرا، مون کي مَت مَ آڇج ميرَ!
گهڻي ٿوري ڏينهڙي، ويندس هُت هَمير،
مڇڙ مَنجهه مَلير، ڪنڌ مٿانهون مَ ڪٽان.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 230)

اهڙي ريت مارئي راتو ڏينهان اباڻن کي ساري ڪنهن واهرو لاءِ پئي واجهائيندي هئي. عمر به ضد تان نه لٿو ۽ هر روز لالچون ڏئي ريجهائڻ جي ڪوشش ڪندو هئس. پر مارئي جي من ۾ عزت، غيرت، خودداري ۽ پنهنجي مارئن جي لوئي لڄ جي مريادا وڏي وٺ هئي.

سون برابر سگڑا، ماروءَ سندا مون،
پٽولا پنوهار کي، عمر! آڇ مَ ٿُون،
وَرُ لوئيءَ جي لُون، ڏاڏاڻن ڏِنيام جي.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 224)

اهڙيءَ ريت مارئي عمر جي هر آڇ، لالچ ۽ لوڀ کي بنا ويچار ۾ آڻڻ جي ٺڪرائيندي رهي. ۽ مارئن لاءِ واجهائيندي رهي.

نَڪو ايرَ نه پير، نڪو اوٿي آيو،
مُون وٽ آيو ڪونه ڪو، پائُران پري پيرُ،
ڪتابتون ڪير، آڻي ڏيندم اُن جُون.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 222)

نيٺ عمر ڏمرجي قيد ڪيس، هاڻي ته هن جا ايذاءُ ۽ اهنج اڃا وڌي ويا، سندس حال هيڪاري هيڻا ٿي ويا پوءِ به پڪاري پئي ته:

آلا! ائين مَ هوءِ، جئن آنُ مران بند ۾!
جُسو زنجيرن ۾، راتو ڏينهان روءِ،
پَهرين وڃان لوءِ، پوءِ مَرُ پُڄنم ڏينهڙا!
(آڏواڻي، 2013ع: ص 230)

مارئي جيئڻ جي آس ۽ اميد ضرور رکي ٿي ته شال پنهوارن ۾ وڃي پساهه پورا ڪيان. ٻئي طرف اهو به گمان ٿئيس ٿو ته جي هن قيد ۾ ئي موت اچي ويو ته:

واجهائي وَطن کي، آئون جي هِت هُياسِ،
گور منهنجي، سومرا! ڪَج پنوهارن پاسِ،
ڏج ڏاڏاڻي ڏيہ جي، منجهان وَلڙيُن واسِ،
مُيائي جِياس، جي وڃي مَڙهه ملير ڏي.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 231)

اهڙي اٽل ارادي، ست، سچائي ۽ پختي عزم آڏو عمر بادشاهه نيٺ جهڪي پيو ۽ آڻ مڃيائين، مارئي جي مائڻن کي نياپو ڪيائين ته اچي پنهنجي امانت وٺي وڃو، اهڙيءَ ريت مارئي کي عزت سان سوکڙيون پاکڙيون ڏئي مائڻن حوالي ڪيائين.

3.7.4 راکشش وِواهه ۽ عمر جو ڪردار: هتي قابل ذڪر ڳالهه اها آهي ته عمر سومرو وقت جو حاڪم هو. چاهي ها ته مارئي سان زوري زبردستي به وهاڻُ ڪري سگهيو ٿي پر هن ائين نه ڪيو، پيرومل لکي ٿو ته:

”قديم زماني ۾ راجپوتن ۽ ٻين هندن ۾ هي رواج هو ته ڪنهن کي ٻانهن وٺندي هئي ته اها زوري کڻي ايندو هو. پر تيستائين ساڻس نه پرٽبو هو، جيستائين هو پاڻ موڪل نه ڏيندي هئي. اهو ”راکشش وِواهه.“ (جبري شادي) يعني راکاسن جو وهاڻَ سڏيو ويندو آهي. سومرا به اصل هندو راجپوت هئا. ۽ پوءِ جيتوڻيڪ مسلماني دين اختيار ڪيو هئائون، ته به پاڻنجي ٿو ته اهو آڳاٽو رواج وٽن هلندڙ هو.“

(آڏواڻي، 1992ع: ص 92)

هن معاملي ۾ بحث جي ڪافي گنجائش موجود ملي ٿي، عمر سومري يا ڪنهن به حاڪم جو ائين هڪ عورت کي ڪنڀي ڪٽڻ ۽ سندس توڙي سندس خاندان، ذات ۽ قبيلي جي عزت کي مٽي ۾ ملائڻ وارو قدم زور ۽ ڏاڍائي جهڙو ڏوهه ته ثابت ڪري ئي ٿو. فهميده حسين لکي ٿي ته:

> ”ان جي برعڪس عمر جو ڪردار آهي جنهن کي اسان جا ڪي محقق ۽ عالم ساراهين ٿا ته هن اختيار هوندي زوري ڪانه ڪئي ۽ مارئي جي مرضي جي خلاف سندس سيل ڪونه پگهو. زوري باقي چا کي چئبو آهي؟ پنهنجون راڻيون هوندي به پرائي جائيءَ سان (سابه رعيت مان) ۾ اک وجهڻ، ان کي زوري پڃائي اچڻ، ان کي لالچون ڏيڻ، دڙڪا ڏيڻ ۽ قيد ڪرڻ، اهي سڀ ڳالهيون ڏيکارين ٿيون ته هن هرڪو حيلو هلايو پر اها مارئيءَ جي هوڏ هئي، ضد هو، مرندي مري وڃڻ جو عزم هو، جو هو ڪيس هٿ لائي نه سگهيو.“ (فهميده حسين، 1993ع: ص 25)

هتي ڊاڪٽر فهميده حسين جي دليل سان سهمت ٿيندي فقط اها ڳالهه چوڻ ضروري ٿو سمجهجي ته هتي هڪ معاملي جي ٻن رخن کان پيٺ جي ضرورت آهي. مطلب ته عمر مارئي جي قصي کان اڳي ۽ ان کان پوءِ هن دؤر تائين ڪيترا اهڙا واقعا ٿيا هوندا پر مڙني مردن مان اها اميد نه ٿي رکي سگهجي ته اهي ائين قابو ڪيل سهڻي عورت کي فقط سندس انڪار جي سبب پنهنجي جوش، جنون، انساني وحشي جبلت کي موڙي پنهنجي هٿ ۽ اَنا کي ڪيرائي، پنهنجي خواهش جي غلامي مان نڪري ڪيس آزاد ڪري ڇڏين. اهڙيءَ ريت ٻن لقائن جي پيٺ ڪرڻ سان عمر جي ڪردار جي اِن ٻئي قدم جي ساراهه ڪرڻ ۽ جَس ڏيڻ جڳهائي ٿو.

هن داستان کي شاهه لطيف پنهنجي اَملهه شاعريءَ سان اهڙيءَ طرح گهڙي، سنواري هڪ نئون نرالو روح ڦوڪيو آهي جو مارئي جو داستان جذبن، اعليٰ قدرن ۽ تصورن جو تاج محل بنجي پيو آهي، جنهن کي دنيا جي سرموڙ داستانن سان پيڻي سگهجي ٿو.

هيرو ٺڪر لکي ٿو ته:

> ”والميڪي ۽ تلسيداس جي رچيل رامائڻ ۾، انهن ڪوين جي ڪلپنا هونئن ته گهڻي اوچي، پر ته به اها ايستائين نه وئي آهي، جو اهي سيتا کان ائين چورائين ته، ”اگر مان قيد ۾ مري به وڃان ته منهنجو مڙهه، منهنجي ديس ايوڌيا موڪلجو، ته مان مرڻ پڃاڻان به پاڻ کي جيئرو سمجهنديس، پر شاهه جي مارئي ته ايتري قدر چوي ٿي ته ’مُيائي جياس‘ جي وڃي مڙهه مليو ڏي.“ (ٺڪر، 2014ع: ص 102)

3.7.5 مارئي ۽ عمر جو رشتو:

شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ ڪوبه اهڙو بيت يا اشارو نه آهي، جنهن مان ثابت ٿئي ته عمر مارئي کي پيڻ هڻڻ جي خبر پوڻ ڪري آزاد ڪيو.

3.7.6 مارئي جي لوئي لڄ:

رواجي قصن ۾ ايل آهي ته جڏهن مارئي جي ثابت قدمي، سچائي، وطن ۽ ماروئن سان محبت ۽ سِڪ، عزم ۽ ارادي اڳيان عمر هٿيار ڦٽا ڪري ڪيس آزاد ڪري ٿو ته سندس مائٽ ۽ مڱيندو سندس ست سيل ۾ شڪ آڻين ٿا ۽ ڪيس آزمائش مان گذرڻو ٿو پوي. جڏهن ته شاهه عبداللطيف جي ’مارئي‘ جي داستان ۾ اهڙي ڪابه حڪايت نظر نٿي اچي. مارو ته مارئي کي سندس ڏکئي وقت ختم ٿيڻ جي اميد ڏيارين ٿا ۽ تاڪيد ڪن ٿا ته پنهنجو ارادو ۽ عزم مضبوط رکجان ۽ آزمائڻ جي آخري گهڑين ۾ آڻ نه مڃجان.

جو ڏيهه ڏاڏاڻا آئيو، ڏنم تنهن طعنو،
سَرتين سيل چَوائيو، جور هٽي جانو،
”پائي ويهه مَ پلنگين، ڳچي سِرِ ڳانو،
مَٽان لَڪَ لطيف چئي، ڪانءِ مَ خزانو،

ٿيو سڏ سمانو، حرف لٿي هيڪڙي.“
(بلوچ، 1999ع: ص 448)
مُون سين ماروئڙيون، ڪهڙي ريت رسنديون؟
چونڊيءَ ۾ چيڙ پيو، پين رت جَيُون،
نيٽين نِندَ وِهُ ٿي، ساري ساڏوهيُون،
هتي جي هُيون، ته سُڌ پين سيلَ جي.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 239)

شاهه لطيف ته مارئيءَ جي هيڏو ۾ ابتر حال بيان ڪري سندس ست ۾ پاڪدامني جي شاهدي پيو ڏي. ته جي منهنجون سرتيون اهڙن حالن ۾ هتي هجن ته انهن کي ڪل پوي ته اهو ڪيڏو ڪٺن ۾ ڳرو پهاڙ جيڏو ڪم آهي جو اهڙي حالت ۾ انسان سا به هڪ ڪمزور عورت پنهنجي پاڪدامني تي قائم رهي.

شاهه لطيف اهڙي سدا حيات سورمي، پاڪيزگيءَ جي پيڪر، عصمت جي حفاظت جي علمبردار ۽ ثابت قدم سورميءَ سان اهڙي عيب هاڻي سلوڪ روا رکڻ واجب نه ڄاتو جو ڪانئس پاڪدامني جي آزمائش ونجي. جيئن ته شاهه صاحب سورمين جي ڪردارنگاري ڇڻ ته نئين سر پنهنجي اعليٰ فڪر ۽ فهم موجب ڪئي آهي، تيئن هتي به هن مارئيءَ جو مان مٿانهون ئي رکيو آهي.

”سچي سورمي يا سورميءَ کي دنيا به اهڙوئي سمجهي ٿي. دنيا هن کي عزت ڏئي ٿي، نه سندن ايمان ڪري ٿي. جيڪڏهن عام آکاڻي جي مارئي جيان شاهه، پنهنجي سورميءَ کان به اها آزمائش ونڻي ها، ته اهو مارئي جي سونيءَ سيرت ۾ هڪ وڏو عيب ٿئي ها. اهو عيب ڪڍي شاهه پنهنجي سورميءَ کي بي عيب بڻايو.“ (پمپاڻي، 2012ع: ص 117)

3.7.7 سونهن وڃايم سومرا: شاهه لطيف مارئي جي ڪردار ۾ سونهن وڃائڻ جي ڳالهه به ڪئي آهي.

سونهن وڃايم سومرا، سکر جهڙي سونهن،
دل ۾ ڏُکي دونهن، منهنجو منهن ميرو ٿئو.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 228)

هتي سونهن وڃائڻ مان مُراد ۽ مطلب عزت ۽ عصمت وڃائڻ قطعي نه آهي، بلڪه بدني ۽ ظاهري سونهن آهي، جو مارئي مارئن جي جدائي جو ماتم ۽ سوڳ ڪري ٿي ۽ پنهنجي ناهه نُوهه وساري ٿي ڇڏي، ان سببان سندس سونهن ۽ سوڀيا جهڪي ٿي وڃي ٿي.

سونهن وڃايم سومرا! پسان ڪيئن پنوهارَ؟
ڏٺي جو ڏرار، تنهن رءَ رُوءِ رُڇڻ ناهه ڪو.
(بلوچ، 2009ع: ص 357)

ٻئي پاسي ٿر توڙي سنڌ جي ٻين پاڳن ۾ عورت جو ائين ڪنڇي وڃڻ (توڙي جو اهو زوري زبردستي ۽ ناحقي هجي) وري به عورت جي ئي عزت، عصمت ۽ پاڪيزگي تي نه منڊندڙ ڪارو داغ سمجهيو وڃي ٿو. مارئي به اهڙي آپڊا مان گذري تنهنڪري هتي لوڪ رسم، ريت رواج ۽ وقت جي مروج سوچ موجب عزت عصمت وڃائڻ به ٿي سگهي ٿو. مارئي چوي ٿي ته ڏارئين قيد ۾ اچي سونهن وڃائجي وئي:

سونهن وڃايم سومرا، ڪوٽيين اچي ڪال،
ڪين پسنديس پال، حُسن مون هِت ويو.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 228)

قيد بند جون صعوبتن ۾ هن جي سونهن ۽ سوڀيا ڪومائجي وڃي ٿي:

محلين ماندي مارئي، ماڙيين ڪِي مَلورَ،
اٽيا سٽيا نه ڪري، سونهه وڃايس سور،
پيس لوهه لطيف چئي لٽس ڪوڏ ڪپور،

چت جنين جا چور، سي مُکي مَرڪ نه ڪَنديُون.
(بلوچ، 2009ع: ص 355)

3.7.8 مارئي جي دليري، عزم ۽ اعليٰ سماجي اخلاق: درحقيقت مارئي جي عصمت ثابت آهي. هوءَ ماروئن جي عزت ۽ پنهنجي عصمت تي ڪوبه ناهه قطعي قبول نٿي ڪري. سچ پچ ته اهڙي عورت ئي ته شاهه لطيف جي سورميءَ جي پد تي پهچي سندس عظيم، لازوال شاعريءَ جي ڪردار جي قابل ٿي سگهي ٿي. ڏسو ڪيڏي نه دليري ۽ بي ڊپائي سان وقت جي حاڪم کي للڪاري چوي ٿي ته:

جي لوڻ لڳين لائين، چيري چيري چم،
مُون ڪُر اڳي نه ڪئو، اهڙو ڪوجهو ڪم،
جان جان دعويٰ دم، تان تان پرت پنهوارن سين.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 245)

اهڙي پختي عزم ۽ ارادي واري اڏول عورت جي دامن کي ڪير، ڪيئن ٿو داغدار ڪري سگهي؟ مارئي هتي پنهنجي ڪُڙم قبيلي ۽ سماج جي ريت کي ساکي بڻائي چوي ٿي ته اسين اهڙا نه آهيون جو لوڀ ۽ لالچ عيوض عزتن جا سودا ڪريون.

اي نه مارئن ريت، جو سيڻ مڻائن سون تي،
اڇي عمرڪوٽ ۾ ڪنديس ڪانه ڪُريت،
پکن جي پريت، ماڙين سين نه مڻيان.
(آڏواڻي، 2018ع: ص 224)

آغا سليم لکي ٿو ته:

”هو گروهي ۽ اجتماعي اخلاق جي علمبردار آهي ۽ سندس اخلاقيات مذهبي نه پر سماجي آهي، جڏهن به هوءَ پنهنجي مٿي تان لوئي لاهڻ کان انڪار ٿي ڪري، تڏهن مذهبي احڪامن جو حوالو نٿي ڏي پر پنهنجي قبيلي جي ريتن رسمن ۽ رواجن جو حوالو ٿي ڏي.“
(آغا سليم، 2008ع: ص 86)

اهڙي ريت مارئي پنهنجي ڪٽنب، قبيلي ۽ وطن سان وفا ۽ حُب جو اعليٰ اظهار ڪري ٿي.

3.7.9 مارئي جي وطني ۽ حب سنڌي عورت جي وصف:

عام طور تي مارئي جو ڪردار حب الوطني، مارئن سان محبت ۽ ساڻيهه جي سِڪ جي علامت سمجهيو وڃي ٿو. البته مختلف عالمن، اديبن ۽ محققن ان ڪردار جا ٻيا پاسا به بيان ڪيا آهن.

فهميده حسين لکي ٿي ته:

”هڪ طبقو مارئي کي حب الوطني، پاڪيزگي (ست) طبقاتي سماج ۾ جبر جي نفي، هيئين طبقي جي نمائندگي ڪندڙ ڪردار ٿو سمجهي ۽ ٻيو طبقو ساڳي مارئي ۾ الاهي اسرارن جا نڪتا ٿو نروار ڪري ۽ ڪيس پاڪ روح ۽ الله جو سچو عاشق ٿو ڄاڻائي جيڪڏهن نٿو سمجهي ته ڪو ڪيس ستوسنئون هڪ ’سنڌي عورت‘ ۽ سندس عظمت جو آدرش نٿو سمجهي، جيڪا هو اول ۽ آخر هئي.“ (فهميده حسين، ص 240)

هتي اِن حوالي سان اها وضاحت ڪرڻ ضروري آهي ته مارئيءَ جو ڪردار اعليٰ انساني جذبي ۽ اخلاقي قدرن جي اوچائي واري عورت جو ڪردار آهي. پر ڇا دنيا جي ٻين خطن جي عورتن ۾ اهي انساني خوبيون، جذبا، جوش ۽ عزم نه هوندا آهن ڇا؟ جو مارئي کي انهن عالمي سورمين کان انهن خوبين کان ڪٽي الڳ ٽلڳ ڪري فقط ’سنڌي عورت‘ ڪري بيهارجي، پيش ڪجي، سنڌ ۽ سنڌي مرد ۽ عورتون به انساني سماج جي بين الاقوامي ست جا ساٿاري آهن. مُلڪن ۽ قومن ۾ ڪجهه خوبين يا خامين جو سرس هجڻ سياويڪ آهي پر ڪنهن قوم پاران پنهنجي هڪ فرد کي باقي دنيا جي اعليٰ انساني خوبين توڙي خامين کان

نرالو ڇئي مڪمل طور جدا ڪري نٿو سگھجي.

بني آدم اعضاءِ يک ديگرند

(انسان ذات هڪ جسم جي اعضا وانگر آهن).

ٻئي پاسي ڊاڪٽر فهميده حسين 'سنڌي عورت' جي اصطلاح جي وضاحت نه ڇاڻائي آهي ته جئين سمجهي سگھجي ته ان خاص 'سنڌي عورت' جي وصف ڇا آهي؟

ساڻيهه جي سِڪ، وطن ۽ وَر سان وفاداري جو پڪو پهه، پختو عزم ۽ ارادو، آڻ نه مڃڻ ۽ توڙ تائين جدوجهد جاري رکڻ، پنهنجي عزت ۽ عصمت جو سودو نه ڪرڻ ۽ ان لاءِ سِر قربان ڪرڻ لاءِ تيار رهڻ جهڙيون خوبيون ته عالمي انساني ورثو آهن. انهن اعليٰ انسان خوبين کي ڪنهن خاص فرد قوم ۽ ملڪ يا صنف تائين محدود ڪري نٿو سگھجي.

مارئي جي ڪردار جون ٻيون ڪيتريون به وضاحتون ڪيون وڃن ۽ تجزيا ڪجن پر اها ڳالهه روز روشن جيان عيان ۽ ڪنهن به دليل جي محتاج نه آهي ته مارئي جو ڪردار ساڻيهه جي سِڪ جو ٻيو نالو آهي. ان ڳالهه کي اڳتي هلي مئڈم فهميده حسين پاڻ به هن ريت قبول ڪيو آهي:

> ''مارئيءَ جو ڪردار جيئن لطيف سمجهيو ۽ سمجهايو آهي، اهو هڪ عام سنڌي (ٺري) عورت جو ڪردار آهي. جنهن کي پنهنجن اباڻن، انهن جي جُوءِ سان اٽميو پيار آهي ۽ ان پيار کي ئي شاهه سائينءَ مانُ ڏنو آهي ۽ ان کي اهڙي ريت ڳايو اٿس جو اهو مثال بنجي ويو آهي، اتي اسان تمثيل کي جنم ونندي ڏسون ٿا. سُر مارئي پڑهڻ سان حب الوطني جي جيڪو جذبو اُپري ٿو هڪ سياويڪ فطري جذبو آهي. جنهن کي ڪنهن علامت ۾ ڊڪي پيش ڪرڻ جي ضرورت ئي ڪانهي.'' (فهميده حسين، 1993ع: 248-249)

3.7.10 شاهه لطيف جي شاعري ۾ مارئي: شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ مارئي جو ڪردار ٿر جي هڪ غريب، مسڪين، نڊڪي ۽ بيوس عورت طور محدود نٿو رهي. بلڪه اهو ڪردار تمام اوچو، وسيع، گهڻ طرفو ۽ پوري سماج لاءِ هڪ پيغام، آدرش، هڪ سبق، سڌ ۽ پڙاڏو بنجي وڃي ٿو. مارئي جو ڪردار هر دؤر جي عالمي انساني خوبين ۽ ماڻهن جي پنهنجي مقصد ۽ منزل ماڻڻ لاءِ جستجو، حوصلي، همت، عزم ۽ استقلال جو احوال آهي. يادر رهي ته شاهه لطيف اهڙي اعليٰ انساني ڪردار جون خوبيون هڪ عام سنڌياڻي جي ڪردار ۾ بيان ڪيون آهن. جيڪو ڪردار عام طور تي ڪنهن ليکي چوکي ۾ ئي نه هو.

شيخ اياز هڪ هنڌ لکيو آهي:

> ''مان پانيان ٿو ته پٽائيءَ مارئي کي اهڙي امرتا بخشي آهي، جهڙي هومر، هيلن کي بخشي آهي، مارئي به کوهه تان کنئي وئي هئي. ٿر جي ٻيءَ ڪنهن پچايل نينگريءَ وانگر لڳي ها، جي پٽائيءَ جو هٿ هن تائين نه پهچي ها. پٽائي هن کي اسان جي روحاني آزاديءَ جو سمبل بنائي ڇڏيو آهي.'' (تاج جويو، 2012ع: ص 99)

مارئي فقط هڪ فرد، هڪ ڪردار نه آهي، شاهه لطيف ان هڪ ڪردار کي کڻي اهڙي ته ڪمال ڪاريگريءَ سان گهڙيو، سنواريو ۽ سينگاريو آهي جو ان جي اثر جو دائرو وڏي وسعت ۽ بلنديءَ ۽ پکيڙ رکي ٿو. مارئي پنهنجي وَر سان وفادار رهي ۽ ست سيل جي حفاظت ڪئي پر اهو عمل شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ پوري سماج تي اثرانداز ٿئي ٿو ۽ هڪ مثالي ڪردار بنجي پئي ٿو.

تنوير عباسي لکي ٿو ته:

> ''مارئي ان 'ست' جي تصور جو اهڃاڻ آهي، مارئي جي وفاداري رڳو ڪيت سان نه، پر مارئن سان پڻ آهي، اهو 'ست' جو تصور فرد کان اڳتپرو ٿي، سماج، وطن ۽ زمين سان وفاداري ۽ پنهنجي مڙس سان وفاداري ٻنهي جي اهميت يڪسان ٿيو وڃي.'' (تنوير عباسي، 2000ع: ص 31)

سونهن وڃايم سومرا، وطن وڃان ڪيئن،
حسن ڏاران هنئين، پسان ڪيئن پنهوار ڪي.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 357)

سَتي ٿُنهنجي سَتَ ۾، ڳالهه گهُرجي ڳڇُ،
ويڙو ڇيرئو، ڇڇريو، پر ۾ اپي پَڇ،
ساڻ اَمانَتَ اَڇُ، ته ٽئين سَماني ساڻيهه ۾.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 240)

شاهه لطيف جيئن وطن ۽ محبوب جو تصور ''سڃڻ ۽ ساڻيهه'' جي صورت ۾ گڏائي پيش ڪيو آهي تيئن هتي به مارئي جي عزت ۽ ناموس کي ساڻيهه سان ڳنڍي ان کي وسعت ۽ بلندي ڏني آهي.

سنڌ جي بيباڪ ليکڪا پوپٽي هيراننداڻي، جيڪا پارتي سنسڪرتي ۽ سنڌي تهذيب کي سمجهڻ/پرکڻ تي عبور رکندي هئي، ان لکيو آهي ته:

''والميڪيءَ جي سيتا پارتي استري (عورت) جو روح آهي، پر سنڌ جي مارئي، سيتا جي روح جو به روح آهي. سيتا جي تصور ۾ پارت جي سپيتا سمايل آهي، پر مارئيءَ جي تصور ۾ سنڌ جي وسيع تهذيب.''
(تاج جويو، 212ع: ص 103)

3.7.11 ٿر، مارئي ۽ اڪبر بادشاهه:

اڪبر بادشاهه جي پيدائش عمرڪوٽ ۾ ٿي جڏهن سندس پيءُ همايون وقت جي خراب حالتن جو شڪار ٿي تمام هيٺي حالت ۾ عمرڪوٽ اچي پهتو هو. ان وقت ٿر جي ماڻهن خاص طور تي عمرڪوٽ جي راڻن ساڻس وڏا پال پلايا. وري وقت ڦيرو کاڌو ۽ اڪبر بادشاهه جڏهن تخت تي ويٺو ته ٿر جي ماڻهن جا احسان آڏو آيس ۽ ٿر جي سرڪاري ڊل (رائُرُ) معاف ڪري ڇڏيائين.

نڪا جهل نه پل، نه ڪورائُرُ ڏيهه ۾،
آڻيو وجهن آهُرين، روڙيو رتا ڳُل،
مارو پاڻ اَملَ، مليرون مرڪڻو.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 233)

رسول بخش پليجو لکي ٿو ته:

''روايت آهي 'تاريخ طاهري' جي ته اڪبر جي اڳيان ڪنهن مارئي جي گلا ڪئي ته اڪبر ان تي سخت ناراض ٿيو ته، ''آئون عمرڪوٽ جو آهيان ۽ مارئي عمرڪوٽ جي آهي، توهين گِلا ٿا ڪريو! توهان کي سخت سزائون ملڻ کپن.'' اڪبر ٿر جي معاملي ۾ تمام حساس هوندو هو.''
(پليجو، 2012ع: ص 15)

3.7.12 مارئي جا مارو ۽ انهن جي رهڻي ڪهڻي:

شاهه لطيف جي سُر مارئي ۾ مارئي جي پاڪدامن، عصمت جي حفاظت ڪرڻ، خودداري، عزت نفس، وَر سان وفاداري ۽ وچن پاڙڻ، لوڀ ۽ لالچ کي ٺڪرائڻ سان گڏوگڏ مارو ماڻهن جي رهڻي ڪهڻي، سادگي ۽ سچائي، غربت ۾ به خودداري سان گذارڻ جهڙن اعليٰ گُڻن جو اپياس پڻ ڏنل آهي، سُر مارئي پڙهڻ سان سڄو سارو ٿر اکين آڏو عڪسي صورت ۾ ڇڻو ۽ نروار ٿي بيهي ٿو.

''ڏٺ- کاڌو ميڙي ذخيرو ڪرڻ ۽ هيڇ ڪرڻ وارا نه پر بس ان ڏينهن جو گذر ڪن ٿا، انهن جو کاڌو تمام سادو آهي پر هو ان کي اوچن طعامن کان عمدو سمجهن ٿا.''

آڻين کي چاڙهين، ڏٺ ڏهاڙي، سومرا،
سٽا ڪيو، سيد چئي، سائُون سُڪائين،
منجهان لَنب لطيف چئي، چائُرِ ڪيو چاڙهين،

پلاءُ نه پاڙين، عمر! آراڙيءَ سين.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 233)

”هو ٿوري ۾ ئي خوش آهن، سڻا آهن، وڏي عزت سان آهن، انهن جي وڏي آبرو ۽ نيڪ نامي آهي.

ٿوري قوت قراريا، رهن سير ست،
ڪٿي ۾ ڪِه پَڪليا، پُوڻن اهڙي پَت،
پنوهارڪي پت، پيهي پُڇ ملير ۾.
(مارئي، 2013ع: ص 233)

”سانوڻ جي مند آهي، مارو ماڻهو سرها آهن، ماڻهو، مال ۽ پکي خوش ۽ موج ۾ آهن.“

اهڙيءَ ريت شاهه لطيف ٿر جي ماڻهن جي رهڻي ڪهڻي ۽ انهن جي اعليٰ سماجي قدرن ۽ ريت رسمن جي مڪمل منظرنگاري ڪئي آهي.

هن مند مارو سَنرا، ويڙهين وگ وارين،
چنين چيڪار چيلڙا، پٽين پهرائين،
نيڻ منهنجا ان کي، جهجهو جَرُ هارين،
تاڙا تنوارين، مينهن وسندا موڻ تون.
(بلوچ، 2009ع: ص 367)

3.7.13 مارئي ۽ پيون سورميون:

شاهه لطيف جي سورمين ۾ خوبيون بدرجه اُتم آهن ته خاميون ۽ کوڙون پڻ آهن جيڪا انساني فطرت جو لازمي عنصر آهن، انسان پنهنجي خطا کان پوءِ هاڻو ٿئي ٿو ۽ پوءِ ان مان سبق به حاصل ڪري ٿو. شاهه لطيف انهن مڙني سورمين جي خوبين ۽ خامين جي نهايت سهڻي اپڻار ڪئي آهي.

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو لکي ٿو ته:

”هڻ جي هنن ٻن پتلين (مومل ۽ ليلا) جي مقابلي ۾ به نهڻائي واريون سورميون آهن: نوري ۽ مارئي، نوري جي نڙٽ، ضرب المثل آهي. ان کي ٻئي اهم ڪردار سان پيڻجي ته ايياز آهي جنهن محمود بادشاهه جي آڇيل مهربانين ۽ نوازشن هوندي به، اصليت نه وساري. غريبي گذران کي ياد رکيائين. نوري جو به اهو حال هو. مارئي به ائين نهڻائي جو اعليٰ مثال آهي، ان جي ست سيل، سادگي ۽ وطن جي حب جا مثال اُجاگر ڪندي شاهه صاحب کيس پدمڻي سڏي ٿو.“ (جوڻيجو، 2007ع: ص 122)

پکي ۾ پدمڻي، ڪر ڏي وراڪا وڃ،
جهڙي صورت سج تهڙي مورت مارئي.
(سُرمارئي)

شاهه لطيف جو هي سُر انساني زندگيءَ جي تمام وسيع ۽ عالمگير فڪري ۽ عملي پاسن جي اپڻار ڪري ٿو. حسب دستور شاهه صاحب تمام ننڍڙين ۽ معمولي مثالن ۽ شين کي کڻي تمام وڏا ۽ عاليشان سبق سيکاري ٿو.

آغا سليم لکي ٿو ته:

”هن سُر ۾ ايڏي وسعت، همه گيري ۽ بلندي آهي، هن جو مرڪزي خيال ايڏو ته شان و شوڪت ۽ عظمت وارو آهي جو اسين هن سُر کي (Epic) چئي سگهون ٿا. انسان جي جنگجوئي جو ايپڪ نه پر انسان جي عظمت جو ايپڪ!“ (آغا سليم، 2008ع: ص 89)

هن سُر ۾ شاهه جي پنهنجي وطن ۽ هم وطنن سان گهري ۽ لازوال محبت ۽ پيار نهايت نشانبر آهي، جنهن کي هُن هِن سُر جي هر سِٽ ۾ ڳوهيو آهي.

سڃڻ ۽ ساڻيهه ڪنهن اڻاسي وسري،

حيف تنين کي هوءِ، وطن جن وساريو.

3.8 سورٹ راءِ ڏياچ:

3.8.1 سورٹ جي ڪردار جي اپڻار ۾ شاهه لطيف جي حيرت: جيئن ته سورٹ جو ڪردار شاهه لطيف جي ڪلام ۾ سُر 'سورٹ' ۾ بيان ڪيل آهي پر جهڙي ريت سُر جو نالو هن سورميءَ جي نالي سان آهي اهڙيءَ ريت سندس ڪردار جي اپڻار ڪيل ڪانهي. مختلف محققن ان بابت پنهنجا ويچار وٹديا آهن، ڪن محققن هن سر ۾ ساز سرود جي اهميت اُجاگر ڪئي آهي ته ڪن وري راءِ ڏياچ جي انوکي، عظيم ۽ اچرج ۾ وجهندڙ قربانيءَ جي ذڪر کي سورٹ جي ڪردار جي جَهڪائيءَ جو سبب ڄاڻايو آهي، نارائڻداس پمپاڻي پهرين ته سڏوسنئون شاهه لطيف تي معيار رکي ٿو ته:

''سورٹ سان، شاهه انصاف نه ڪيو.'' (پمپاڻي، 2012ع: ص 118)

شاهه صاحب هن سُر ۾ مکيه ۽ سگهارو ڪردار راءِ ڪنگهار جنهن کي سخا ڪرڻ ۽ ڏان ڏيڻ ڪري 'ڏياچ' سڏيو ويو، جو پيش ڪيو آهي، راءِ ڏياچ جي سخا جا، ڏان ڏيڻ جا سُخن ته ملڪين مشهور هئا پر منگتي کي سِر جو دان ڏيڻ سپني کي شڪدر ۽ حيران ڪري ڏندين آگريون ڏيو ڇڏي.

> ''راءِ ڏياچ جي قرباني شاهه کي حيرت ۾ وجهي ڇڏيو. سسئي برابر سِر ڏنو، سهڻي جي قرباني به لاثاني آهي. پر راڳ لاءِ هڻن سان ڪنڌ ڪپي ڏيڻ ته رڳو راءِ ڏياچ جو ڪم هو. راءِ ڏياچ جو محبوب هو ساز ۽ سماع. شاهه کي هن آکاڻي ۾ هڪ اهو مرد اداڪار هٿ آيو، جو هر طرح سورمي سڏجڻ جي لائق هو ۽ مان سمجهان ٿو ته راءِ ڏياچ جي قربانيءَ جو ذڪر ڪندي سورٹ تي توجهه نه ڪيو. شايد انهي خيال کان ته سورٹ جي سورن جو بيان راءِ ڏياچ جي اهميت کي جهڪو ڪندو.'' (پمپاڻي، 2012ع: ص 120)

3.8.2 سورٹ جي جذباتي ڪيفيت ۽ ڪرب: سورٹ جي جذباتي، احساساتي ۽ ذهني ڪيفيت ان وقت ڪهڙي ڪرب واري هوندي ان جو اندازو اهي ئي ڪري سگهن ٿا جيڪي اهڙي عذاب مان گذريا هوندا. پنهنجي وَر کي ائين هڪ منگتي جي سوال تي سِر جو دان ڏيندي ڏسي هڪ ونيءَ جي ڇا ڪيفيت هوندي.

ڊاڪٹر نورافروز خواجه لکي ٿي ته:

> ''ٻيجل ۽ راءِ ڏياچ جي وچ ۾ جيڪا گفتگو هلي آهي، سا سموري سورٹ جي روبرو هلي رهي آهي. ڳالهه ڪرڻ آسان آهي، پر اهي عورتون ئي آهن، جيڪي انهيءَ جذبي احساس ۽ اُمنگ کي سمجهي سگهن ٿيون. جن پنهنجي سِر جي سائين کي پنهنجي اکين آڏو آخري دم ڪٹندي ڏنو هوندو، پر اهو ته قدرتي وڇوڙو آهي ۽ فطرتي فراق آهي، پر سورٹ جي سامهون ٻيجل جي گهُر کي قبول ڪندي، راءِ ڏياچ جڏهن ڪات سان پنهنجو ڪنڌ ڪاٹڻ لاءِ مڇيو، تڏهن سورٹ جي ڇا حالت ٿي هوندي، ان جو اندازو لڳائڻ آسان ناهي.''

(نورافروز، 2003ع: ص 154-153)

سورٹ جي المياتي ڪيفيت، جذبن ۽ احساسن جي شدت جو اندازو لڳائڻ واقعي تمام مشڪل آهي. شاهه لطيف ان درد کي هڪ حساس شاعر جي دل ۽ نظر سان محسوس ڪيو ۽ ڏٺو ۽ ان جي اندر مان جيڪا ڪرب وچان درد پري دانهن نڪتي سا سورٹ جي صدمي، ڏک ۽ پيڙا جو پيرائتو احوال آهي.

> موٹي، مگٹهار! شال مَ اچين ڪڏهين!
> اَڻئي پهر اجل جو، ڪُنديو مَنجهه ڪپار،
> جَہ تو سَيِ چمار، هنيا چَٹَ پَٹَنِ سين.
> (آڏواڻي، 2013ع: ص 259)

ڪن محققن سورٺ جي ڪردار کي خاموش، لِڪل ۽ پسمنظر ۾ موجود ڄاڻايو آهي ۽ اهو به ته شاهه لطيف ان کي نمايان نه ڪيو آهي، دراصل سورٺ جو ڪردار هن قصي ۾ هڪ اهڙي عورت جو ڪردار آهي جيڪا مذهبي، سماجي ڪُڌين رسمن تي خاموشيءَ سان ٻلي چڙهڻ تي مجبور ۽ بيوس بنيل آهي. جيڪا خاموش احتجاج ڪري سگهي ٿي. قصي جي نوعيت به اهڙي ئي آهي.

ٻئي طرف ٻيجل جو ڪردار به هن داستان ۾ مرڪزي ۽ سگهارو بيان ڪيل آهي، ٻيجل جيتوڻيڪ هڪ منگتو، مگٺهار ۽ سرندي نواز آهي پر هُن جي هڪ انوکي صدا ۽ دل دهلائيندڙ دان جي گهُر ۽ هُن جي ڪلا جو ڪمال کيس اُتم ۽ اعليٰ پد تي پهچائي ٿو ڇڏي.

مَحلين آيو مگٺو، ساز ڪٽي سُرَندو،
سِرَ جي صدا سُر ۾، گهُورَ هٽي گهرندو،
مَٽي رءَ مَلوڪ جي، چارَڻُ نه چُرندو،
جهُوناڳڙهه جهُرندو، پُوندي جهانءِ جهروڪ ۾.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 260)

تاريخ جي ڪن حوالن موجب ستي ٿيڻ مهل سورٺ ڳورهاري هئي، اهڙي حالت ۾ هي ٻن جيئرن انسانن جو موت هو. جيڪي سماجي، مذهبي ريتن رسمن جي بَلي چڙهي رهيا هئا.

3.8.3 سورٺ ۽ راءِ ڏياچ جو مختصر داستان:

سورٺ ۽ راءِ ڏياچ جي داستان جو مرڪزي خيال تنهن وقت جي سخي سردارن ۽ منگتن جي ماحول ۽ سماجي ناتن تي ٻڌل آهي. منگتا دان تي خوش ٿيندا هئا ته سخيءَ جي ساراهه ۽ ناميدي تي سندن گلا ڪندا هئا، ان سبب به منگتن جو مان هو جيڪي ڳائي وڄائي پنهنجي فن جو مظاهرو ڪندا هئا.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکي ٿو ته:

”هڪ طرف هيءُ منگتن مگٺهارن جي موسيقيءَ ۾ مهارت جو داستان آهي، ته ٻئي طرف هڪ ڏاتار جي سخاوت سان گڏ سندس راڳ جي ڇاڻ جو داستان آهي.“ (بلوچ، 2016ع: ص 643)

هن قصي بابت مختلف روايتون موجود آهن، هتي قصي جي سنڌي روايت بيان ڪجي ٿي. جنهن کي شاهه لطيف پنهنجي ڪلام ۾ آندو آهي.

”جهوناڳڙهه جو بادشاهه راءِ ڪنگهار سخا ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هو، انهيءَ سخاوت سبب هو ’راءِ ڏياچ‘ مشهور ٿي ويو. راجا جي راڻي جو نالو هو ’سورٺ‘ جنهن کي ”مايون، دايون، ٻايون گهٽيئي هيون. راجا وٽ مال متاع جي ڪمي هئي ڪانه.“ (پرسرام، 1994ع: ص 139)

”راءِ ڏياچ جي ماءُ جو نالو راڻي هو.“

”خاتون راڻي وڏي نظر واري دانا عورت هئي.“ (فهميده حسين، 1993ع: ص 399)

تنهن وقت ۾ ٻيجل نالي هڪ سُرندي نواز هو جيڪو پنهنجي ڪلا ۾ ڪمال رکندو هو.

راجا انيراءِ جيڪو راءِ ڏياچ سان ويڙ رکندو هو، تنهن ست سڻي ٻيجل کي انعام اڪرام جي لالچ ڏيئي راءِ ڏياچ ڏانهن موڪليو ته ڪنهن طرح حيلو هلائي راءِ ڏياچ جي ساز سرود جي ڪمزوري ۽ ڏياوان ذات جو فائدو وٺي سندس ڪنڌ ڪوري اڇي، ٻيجل راءِ ڏياچ جي محل وٽ اڇي سرندو سوريو.

ساري رات صاحب کي ڳڙهه پَر ڳايائين،
اُنَسِ ماڻِڪ مينهن جئن، هَٽ نه چٽائين،
تي لائق لڏائين، جئن هو ميراثي مگٺو.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 258)

راءِ ڏياڇ ساز سرود جو وڏو ڄاڻو ۽ شوقين هو، ٻيجل جي راڳ ۽ موسيقي کيس اصل موهت ڪري وڏو ۽ کيس وڏا انعام آڇيائين. پر منگتي جي من ۾ مدائي هئي، هن راءِ ڏياڇ کان سندس سخا ۽ نيڪ نامي جو واسطو وجهي وچن ورتو ته هو جيڪي گهرندو سو کيس ملندو.

”راجا جو راضي ٿيو، تنهن ڏنا وڏا ڏان،
موٽي ڪاريا مگٽي، طرح تنبي کي تان،
مون وٽ مال متاع جي، ڪمي آهيان ڪان،
ڪارڻ رب رحمان، سِر ويڙي سلطان! ڏي.“
(آڏواڻي، 2013ع: ص 258)

راءِ ڏياڇ مام پروڙي ويو، پر هتي سوال سخا جي امتحان جو هو، راجا جو مان ۽ مرياڏا مقابل هئي.

”منگتن طرفان ساراهه سان مشهوري ۽ سندن ڪُوار (هَجوَ) جي ڊڄ سببان، سوالين جي سوال جي اهميت وڏي ۽ ڏاتارن طرفان ان جي قدرداني ٿي.“ (بلوچ، 2016ع: ص 643)

سورٺ جنهن اهو سڃو لقاءُ ٿيندي ڏٺو پئي سا روڄ راڙو ڪندي ٻيجل اڳيان پاڏائڻ لڳي ته هُو راجا جي سِر جي سين تان مُڙي وڃي. پر منگتو نه مُڙيو، ايتري ۾ راءِ ڏياڇ جي ماڻُ اڳيان وڏي ٿي ۽ ”ڪيس پنهنجو قول پاڙڻ ۽ منگتي جو سوال پورو ڪرڻ لاءِ آتساهي ٿي.“ ايتري ۾ راءِ ڏياڇ ٻيجل کي مخاطب ٿي چوي ٿو ته:

”سِرُ گهريئي، چگو ڪيئي، جو ڏيڻ منهنجي وس آهي، جي ڪو اهڙو ملهه طلبين ها جو مون وٽ نه هجي ها ته جگ ۾ سخين ۽ ڏاتارن لاءِ وڏو داغ ۽ ڪسي ڳالهه ٿي پوي ها.“

جيءُ مگٽا هوءِ، جو تو مٿي سِرَ سَنو ڪيو،
جو مُل مُون نه سَڀجي، تان جي سو گهُريوءِ،
ته جڳان جُگِ ڏنوءِ، ڏنگهو ڏاتارن کي.
(بلوچ، 1999ع: ص 409)

ٻيجل به راجا جي اهڙي عظيم، اچرج ۾ وجهندڙ ۽ انوکي سخا تي اهڙي طرح داد ڏئي ٿو:

ٻيلي ٻئي پار، جان مون نيڻ هڻي نهاريا،
چوري رکيم چت ۾، ڏسين جا ڏاتا،
هي سِر توهان ڏار، ٻيجي ڪنهن نه ٻوکيو.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 261)

اهڙيءَ ريت ڏياڇ سِرُ ڏئي سَرهو ٿيو.

گُل چنو گِرنار جو، ٻڌڻ ٿيون پٽين،
سهسين سورٺ جهڙيون، اُپيون اوسارين،
چوٽا چارڻ هٿ ۾، سِر سينگاريو ڏين،
ناريون ناڏ ڪرين: راجا رات رمَگيو.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 263)

رواج موجب ستي ٿيڻ لاءِ سورٺ، ڏياڇ جي چتا ۾ ساڻس گڏ سڙي ٿي ۽ ٻيجل جيڪو پنهنجي انهيءَ ڪُڏي ۽ ڪچي ڪم سبب ڏکارو ٿئي ٿو ۽ سخت پڇتائي ٿو ۽ پنهنجو پاڻ کي انهيءَ آڳ ۾ اڇلائي پنهنجو آنت آڻي ٿو. اهڙي ريت هن قصي جي دک انت پڄاڻي ٿئي ٿي جيڪو هڪ طلسماتي داستان جهڙو قصو آهي.

3.8.4 سخاوت جو، مذهب ۽ سنڌي لوڪ روايتن ۾ ذڪر: حديث شريف ۾ آهي ته:

”سخي الله جو دوست آهي، چاهي گنهگار چو نه هجي.“

اسلامي فتوحات ۾ هڪ پيري جگ مشهور سخي حاتم طائيءَ جي نياڻي جنگي قيدي بڻجي آئي. حضور ﷺ کي جڏهن ٻڌايائون، ته پاڻ ﷺ ان کي پنهنجي چادر وڇائي ان تي ويهاريو ۽ تمام گهڻي عزت سان آزاد ڪري روانو ڪيو.

سخاوت ۾ تمام وڏو مرتبو ۽ مقام رکندڙ ڪريم سڏبو آهي، عربي ۾. سنڌيءَ ۾ ’ڏاتار‘

يعني ڏيندڙ ۽ هنديءَ ۾ ’داتا‘ شاهه لطيف راءِ ڏياچ کي ڏاتار سڏي ٿو.

ڏاتار ۽ منگڻي، ڪونه وسيلو وچ،
سائي تال تنهن جي، سا ئي چارڻ چت،
جي هُتي جي هِتِ، ڳالهه مڙيائي هيڪڙي.
(بلوچ، 2009ع: ص 293)

”رگ وید مطابق راجائون وڏي دل سان ڪندا هئا، رشين سندن اُسشٹيون ڳايون آهن.“ (پيرومل، 1992ع: ص 248)

هي داستان سنڌي لوڪ روايتن جي تاريخ جو راوي آهي. ڊاڪٽر حبيب الله صديقي لکي ٿو ته:

”سنڌي لوڪ ادب ۽ سنڌ جي سماجي ۽ سياسي تاريخ ۾ چار روايتون عام نظر اچن ٿيون: سخاوت، اخلاقي قدرن جي حفاظت، پلاند ونڊ ۽ وچن پاڙڻ. اهي چارئي روايتون ’سورٺ راءِ ڏياچ‘ جي قصي ۾ موجود آهن.“ (صديقي، 2003ع: ص 20-19)

3.8.5 سخين جي تڙي ۽ نهڻائي: هن داستان ۾ سخي ڏاتارن جي خاص خوبي جيڪا شاهه لطيف راءِ ڏياچ جي ڪردار ۾ بيان ڪئي آهي، اها آهي تڙپ ۽ نهڻائي. سخا جا واهڙ وهائڻ ۽ راءِ ڏياچ جي معاملي ۾ ته سر ڏيڻ جهڙي سخا جنهن ۾ منگڻي کي ڪنڌ ڪوري ڏجي ۽ پوءِ به ڇڄي ته:

”منهنجي سِر جو ملهه ئي کهڙو؟ اهو ته ڪاري مرچ جي داڻي برابر به ملهه ۽ مان نه لهي.اِهو ته ويهه پيرا توکي ويڙي ڏيان، شاهه لطيف راءِ ڏياچ جي اهڙي ڪردار سازي ڪئي آهي جو ڪيس سخين جو سرموڙ داستان بنائي سخاوت جي اعليٰ مقام تائين رسائي چڏيو آهي.“

جاجڪ! تو جُهارُ، ڏهه پيرا ڏياچ ڏي،
جِنہ ۾ مالُ نه مِريءَ جيترو، تِنہ تون طمعدار،
جي اڇي ڪم ڪَپار، ته ويهه پيرا ويڙي ڏيئين.
(بلوچ، 2009ع: ص 290)

ٻئي پاسي شاهه لطيف ٻيجل جي تند تنوار ۽ ان جي فن جي بلندي ڏسي سندس عظمت تي عجب جو اظهار ڪري ٿو:

”اي چارڻ! تون پنهنجي اهڙي فن سان مڙني کي ڇڻ ته ماري چڏيو آهي ۽ عجب آهي جو تون پاڻ جيئرو آهين!“

چارڻ تنهنجي چنگ جو، عجب اَهم ايءُ،
هڻي اپو هڻن سين، جيئرو رکيو جيءُ،
رات منهنجو ريءُ، ڪاڻيو تو ڪماچ سين.
(بلوچ، 2013ع: ص 406)

3.8.6 سورٺ جو ڏک، صبر ۽ وفا: هن سُر ۾ سورٺ جو ڪردار جيتوڻيڪ مختصر ۽ محدود آهي پوءِ به اُن جي اهميت ۽ مرڪزيت چٽيءَ طرح موجود آهي. سورٺ جو ڏک ۽ صدمو به اڻ سهندڙ ۽ عظيم آهن. سورٺ منگڻي کي سر جو دان گهرندي ڏسي ڏک ۽ صدمي وچان وس ڪري ٿي ته مامرو ٽري وڃي، پر پوءِ پنهنجي وَر جي وچن کي مان ڏئي ٿي ۽ صبر ڪري ٿي.

”سورٺ هڪ اهڙي صابر ۽ وفادار، ڪامل ڪردار جي روپ ۾ پيش ٿيل آهي، جيڪا رب جي رضا تي راضي رهندڙ، پنهنجي شوهر جي قول کي پاڙيندڙ ۽ پاڻ قول جي پڪي عورت آهي. جنهن جي روبرو سندس سرتاج، سندس سِر جي سائين راءِ ڏياچ، ٻيجل کي پنهنجو سر ڪپي ڏنو. اهڙو ڪردار نه مومل جو آهي ۽ نه ليلا جو، اهڙو حوصلو ڪونڙو کي آهي ۽ نه وري نوريءَ کي آهي.“ (نورافروز، 2003ع: ص 153)

3.8.7 ستي ٿيڻ قرباني يا ريتن روايتن جي ٻلي: انهيءَ کان پوءِ سورٺ جي ڪردار

جي ٻيو دل ڇاڻيندڙ ۽ دردناڪ انجام سندس ستي ٿيڻ آهي، هو مذهبي توڙي سماجي ريت کي نڀائڻ جي پابند آهي ۽ مڙس جي چتا ۾ جيئري جلي وڃي ٿي. سچ ته عورت جي قرباني جو ڪو انت نه آهي.

''ايشور کي آراڌنا ٿيل آهي ته ''اي پگهوان! ڌيءَ ٻين کي ڏجان ۽ هتي اسان جي گهر ۾ پٽ ڏجانءِ.'' (پيرومل، 1992ع: ص 273)

مڙس جي موت جي صورت ۾ زال جو به ان سان گڏ 'ستي' (باهه ۾ سڙي جان ڏيڻ) ٿيڻ جو رواج ويدن جي زماني کان هلندو پئي آيو ۽ انگريزن جي شروعاتي دؤر تائين جاري هو.

''لارڊ بينٽڪ جي ڏينهن ۾ برهمو سماج جي بنياد وجهندڙ راجا رام موهن راءِ جي سرجوشي سان، سرڪاري قاعدي پٽاندڙ بند ڪيو ويو.''
(پيرومل، 1992ع: ص 342)

ان ڪري سورٺ جي ڪردار جي هن پهلو جون پاڙون قديم زماني کان رائج ريتن رسمن ۽ غلط مذهبي ۽ سماجي روايتن ۾ موجود ملن ٿيون.

سورٺ جي ڪردار ٿوري گهڻي ڦيرگهير ۽ گهٽ وڌائي سان اڄوڪي سنڌ جي لکين، آزاريل عورتن جي ڪردار جو اولڙو آهي. اڄ به عورتن سان سلوڪ، عورتن جي حقن ۽ عملي طور عورت کي عزت، وقار ۽ مان ڏيڻ واري مامري ۾ سنڌي سماج تمام پٺتي پيل قومن ۾ ڳڻجي ٿو.

مرد هن دؤر ۾ به ڪُلي خودمختيار (Absolute Powered) آهي ۽ جهڙي ريت تعليم جي ڪمي جهالت وڌيرڪيون جاگيرداٽيون ريتون رسمون هوندي، هو اڪثر غلط ۽ عورت دشمن فيصلا ڪري ٿو. جنهن ۾ عورت جو وڌو استحصال ٿئي ٿو. اڄ به عورت هڪ انسان بجاءِ هڪ بي جان جنس آهي.

''اها عورت ذات جي بدقسمتي آهي جو اُن کي هڪ استعمال جي شيءِ سمجهي، ڏريون سندس حصول لاءِ پاڻ ۾ وڙهي مَرن. سندس مرضي ۽ منشا جي ڪنهن کي پرواهه ئي ڪانهي، هوءَ پاڻ چا ٿي چاهي، ان سان ڪنهن کي ڪو سروڪار ئي ڪونهي. ان جي باوجود به اها عورت پنهنجي دل جا فيصلا ئي قبول ڪندي آهي.'' (فهميده حسين، 1993ع: ص 401)

ٻئي پاسي کي محقق سورٺ جي ستي ٿيڻ کي ساراهين ٿا، ڊاڪٽر غلام نبي سڌايو لکي ٿو ته:

''اصل ۾ اهي ٻئي ڪردار سنڌ ڏرتي جا لازوال، نرالا ۽ حيرت انگيز ڪردار آهن. هڪ پاسي ڏياچ سخاوت جي ساک رکڻ لاءِ ساز ۽ وچن تي سر ڏنو ته ٻئي پاسي سورٺ پنهنجي پتيءَ ۽ پيار جي خاطر جيئري سَتي ٻڌجي پاڻ ملهايو.'' (سڌايو، 2007ع: ص 114)

ٿي سگهي ٿو ته سورٺ يا ڪجهه ٻيون عورتون پنهنجي خوشيءَ سان ستي ٿيڻ لاءِ تيار ٿيون هجن، پر ان مامري کي وسيع ڪينواس ۾ مجموعي انساني سوچ ۽ عمل جي پسمنظر ۾ ڏسجي ته ائين شريڪ حيات جي وڇڙي وڃڻ کان پوءِ پنهنجو پاڻ کي اهڙي اذيتناڪ موت جي حوالي ڪرڻ جو لازمي امر، معقول ۽ مناسب نٿو نظر اچي.

3.8.8 سورٺ ۽ ٻيون سورميون: سورٺ ۽ ٻين سورمين جي پيٺ ڪجي ٿي ته سورٺ سان راءِ ڏياچ جو سگ سندس مرضي ۽ خوشيءَ سان ڪونه ٿيو. پر پوءِ به هو وَر سان وفاداري ۽ هن جي وچن جي پاسداريءَ ۾ رڪاوٽ نٿي وجهي ۽ پاڻ ساڻس گڏ چتا چڙهي ٿي وڃي.

ڊاڪٽر نورافروز خواجه لکي ٿي ته:

''سورٺ جو ڪردار هڪ عجيب ڪردار آهي، سورٺ جي ڪردار ۾

هڪ عورت جي سلڇٽائي، سچائي، وفاداري، وعدي جي وفائي، مرشد جي حڪم جي مڃتا ۽ اهڙيون سڀ خوبيون سمايل آهن.“
(ڊاڪٽر نورافروز، 2003ع: ص 151)

اهڙيءَ ريت هن انوکي، عجيب، نرالي ۽ يگاني (Unique) داستان جي ڪردارن مان سورٺ جو ڪردار هڪ اهڙي عورت جي روپ ۾ اُپريو آهي، جيڪا انساني ۽ خاص طور تي عورتاڻي جذبن، خوبين ۽ گُڻن سان مالامال آهي، شاهه لطيف جي سورمين ۾ هن جو پد ۽ مان پڻ مٿانهون آهي.

3.9 وڻجاري:

3.9.1 وڻجارا: هن لفظ تي غور ڪرڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته هي وڻج واپار ڪرڻ وارن جو نالو آهي. جيڪي مال هڪ هنڌان ٻئي هنڌ کڻي وڃي ڏي وٺ ڪندا هئا ۽ ائين انهن تي اهو نالو پيو.

”رگويد ۾ ڪيترن هنڌن تي ’پٽي‘ لفظ ڪم آيل آهي. جنهن جي معنيٰ آهي ’وڻجارو‘ (وڻج ڪندڙ يا واپاري) انهيءَ لفظ جو ڏاتو يا بنياد آهي ’پٽ‘ معنيٰ ’سودو ڪرڻ، ڳنهڻ‘ وغيره.“ (آڏواڻي، 1992ع: ص 202)

3.9.2 سنڌوماڻر جا وڻجارا: سنڌ جا واپاري يا وڻجارا معلوم ٿئي ٿو ته قديم زماني کان وٺي وڻج واپار ڪندڙ هئا ۽ اهي واپار لاءِ ساموندي رستو به استعمال ڪندا هئا ۽ ائين اهي ڏورانهن ڏينهن تائين پهچي سگهندا هئا.

”ويجهڙائي ۾ جيڪي حقيقتون يوروپي توڙي ڏيهي عالمن ويدڪ ساهت مان کولي ظاهر ڪيون آهن، تن پٺاندر جاڻائجي ٿو ته رگويد واري زماني ۾ ئي سنڌوماڻر جا ’پٽي‘ (وڻجارا) جهازن ۾ مال کڻي، سمنڊ جهاڳي، ڏيساورن ڏي ڏن ڪمائڻ ويندا هئا.“ (آڏواڻي، 1992ع: ص 306)

3.9.3 سودو ڪن ته سون جو: تاريخ جي مطالعي ۽ تحقيق مان معلوم ٿئي ٿو ته سنڌ جا ماهر، سياڻا ۽ وڏي سمجهه وارا واپاري سنڌ ملڪ جي اوسي پاسي ۽ ڏورانهن ڏيهن چين، سريلنڪا، ملبار ۽ ٻين ڏورانهن ڏيهن سان واپار ڪندا هئا ۽ ايتري حد تائين جو سنڌ جي مشهور ململ مصر تائين ويندي هئي.

شاهه لطيف ساموندي وڻجارن لاءِ چوي ٿو ته اهي سون کي به نٿا پڇن پر اهي مهراڻ جي سڃين موتين جا سودا ڪن ٿا.

ڪاري ڪيڙائو، مٿي مٿي موٽيا،
سودو ڪن نه سون جو، وڏا وهائو،
موتي جي مهراڻ جا، تن جا طامائو،
ساموندي سائو، لنڪا لوڀي آئيا.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 212)

شاهه لطيف پنهنجي شاعريءَ ۾ سنڌو درياءَ کي ’مٿو‘ ۽ سمنڊ کي ’ڪارو‘ سڏي ٿو. مٿي جو چوڙ ڪاري ۾ ٿئي ٿو. جتي ٻنهي جو ميلاپ ٿئي ٿو، هي سنڌونديءَ جون چاڙون آهن جيڪي وهي اچي سمنڊ ۾ چوڙ ڪن ٿيون. اهو علائقو ڏئي ضلعي ۾ اچي ٿو. هن علائقي ۾ آڳاٽي زماني ۾ وڏا واپاري بندرگاهه هئا. جهڙوڪ ديبل، لاڙي ۽ شاهه بندر، انهن ساموندي بندرگاهن تان وڏو واپار هلندو هو ۽ اهو علائقو وڏي اوج تي هو.

”سريراگ ۾ شاهه صاحب صرافن، موتين جي واپارين ۽ وينجهارن جا ذڪر ڪيا آهن. سي شايد ڏئي شهر ۾ ڏڻا اٿس. جتي موتين جا واپاري توڙي وينجهار اڄ تائين گهٽا آهن: تواريخن مان معلوم ٿئي ٿو ته اڳي هي پاڳو جهڙو سائو ڇڻجي تهڙو هو. اهو اڳوٽو اوج جيتوڻيڪ هاڻي اڏامي ويو اٿس ته به ان جا نشان اڄ توڙي قائم آهن، هتي اڳي وڏا وڻجارا رهندا هئا، جن جي شاهوڪاريءَ جون ڳالهيون مغلپين جي ماڻهن کان اڄ تائين ٻڌيون وسرن.“ (آڏواڻي، 2012ع: ص 150)

لنڪا لنڪا ڪن، لَيءِ لنڪا جي اوهريا،
سُٹي سونُ لنڪا جو، سُڪ نه ساموندين،
پرهه پڳهه چوڑيا، ڪاري ڪيڑائن،
وڏي پاڳ پڑَن، جي ڪَهيا ڪارونپار ڏي.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 71)

معلوم ٿيو ته اهي وڻجارا واپاري، هتان سامان کڻي وڃي ڏيساور مان سون آڻيندا هئا ۽ اهي تمام خوشحال ۽ پاڳوند هئا.

لڳي اُتر اوهريا، واهوندي ورن،
آئون گهٽوئي گهوريان، سودو ساموندين،
اگڻ جن اچن، عيد ورتي ان کي.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 68)

هن بيت ۾ شاهه لطيف جو ان ڳالهه ڏانهن اشارو آهي ته وڻجارا اتر واءُ لڳڻ (سياري جي مند ۾) ٻيڑا ڪاهيندا هئا ۽ واهوندي (ڏکڻ جي هوا) لڳڻ تي موٽندا هئا.

پرڏيهه ۾ ڪيترن ئي ديسن جا وڻجارا، واپار لاءِ ڪهي اچن ٿا. پرسنڌ جي وڻجاري کي شاهه لطيف فقير طبيعت ڪوٺي ٿو ۽ سندس سچائيءَ جي ساک ڏئي ٿو.

بندر ديسان ديس، مُلهه نه ملي وارئين،
فقيراڻي ويس، اَمُل ڏين اَتوريا،
(آڏواڻي، 2013ع: ص 69)

سنڌ جا وڻجارا گرم مصالحه، ڦوٽا، سوٽي ڪپڙو، چانور، سچا موتي ۽ ٻئي قيمتي سامان جي سنڌ جي آسپاس جي علائقن ۽ ٻين ملڪن سان ڏيتي ليتي ڪندا هئا. سنڌي واپاري هندستان ۽ ٻين پرپاسي وارن ملڪن مان مال خريد ڪري ٻين ڏورانهن ڏيهن ڏانهن اُماڻي واپار وڙو ڪندا هئا.

قَرقُل، ڦوٽا، پارچا، پاٽيتَ پاتائون،
ڪوڏيون قيمت سنديون، تَر ۾ تاڪيائون،
لاڃن منجهه، لطيف چئي، ٻيڑا ٻڌائون،
نذرُ نبي جام جو، چڑهندي چيائون،
جي چوهي چوڑيائون، سي ٻيڑيون رکين ٻاجهه سين.
(آڏواڻي، 213ع: ص 61)

شاهه لطيف پاڻ سنڌ ۽ ان کان ٻاهرين علائقن جا وڏا سير سفر ڪيا، هُو هڪ سيلاني به هو، سندس ساموندي ڪنارن تي رهندڙ ماڻهن جو تمام ويجهڙائي کان مشاهدو ۽ مطالعو ڪيو ٿو ڏسجي. هو انهن جي رهڻي ڪهڻي ۽ ڏنڏي ڏاڙي ۽ ڏکن سکن جي تمام خوبصورت چٽي ۽ ويجهي منظرنگاري ڪئي آهي.

هن بيت ۾ شاهه لطيف اونهي سمنڊ مان موتي ميڙي آڻڻ جي ڳالهه ڪئي آهي. جيڪي تمام قيمتي هوندا هئا ۽ انهن جو وڏو واپار هلندو هو. سنڌي وڻجارا لنڪا (هاڻوڪو سريلنڪا) بنگال ۽ ٻين ملڪن مان واپار ۽ سپون سوجهڻ لاءِ پاڻ سان گڏ ماهر ٽوپا ساڻ ڪري ويندا هئا.

ويا جي عميق ڏي، مُنهن ڪائو ڏيئي،
تن سپون سوجهي ڪيون، پاتاران پيهي،
پسندا سيئي، اَمُل، اکڑين سين.
(آڏواڻي، 213ع: ص 53)

وڻجارن جي واپار جو شاهه لطيف تمام تفصيلي ذڪر ڪيو آهي. وڻجارا واپار سانگي ٻيڑا ڪاهيندا هئا ته پاڻ سان گڏ ماهر ''معلم'' سونهان (ڪپتان) کڻندا هئا. ''معلم'' کي ''سڪاڻي'' به چون، ڪچي معلم مشهور هوندا هئا.

ناکئو نگهبان، معلم منجي خبرون،

جن ساري ڪنيو سمنڊ تي، سفر جو سامان،
لطف سائڻ لطيف چئي، تن لنگهيو طوفان،
سنپاري سبحان، وڃي عدنئون اُڪتا.
(آڏواڻي، 213ع: ص 56)

3.9.4 ملاح تنهنجي مڪڙي، اچي چور چڑهيا: شاهه لطيف جي شاعري سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن جي جڙ ته انسائيڪلوپيڊيا آهي، دريائي ۽ ساموندي حالتن ۽ واقعن جي حوالي سان هو سنڌ جو تاريخدان به آهي.

دنگي وچ درياءَ، ڪي ٻڌي ڪي اپڑي،
هو جي وادي واڻيا، سي سونهڻ سپ سڑيا،
معلم ماگهه نه اڳئين، فرنگي منجهه ڦريا،
ملاح تنهنجي مڪڙي، اچي چور چڑهيا،
جتي ڊينگ ڊريا، تتي تاري تنهنجي!
(آڏواڻي، 213ع: ص 56)

هن بيت ۾ شاهه لطيف سنڌ جي بندرگاهن تي ٿيندڙ ڌارين ڏاڑيلن جي ڪاهن جو ذڪر ڪندي ڏسجي ٿو. جيڪي وقت بوقت خوشحال سنڌ تي ڪاهيندا ايندا هئا. هڪ لڳ انهن ڏاڑيلن حملو ڪري نٽي شهر کي جلائي معصوم شهرين جو بيدردي سان قتلِ عام ڪيو.

”انهن ظالمن 1555ع ڌاري سنڌ جي دولتمند تختگاهه شهر نٽي تي ڪاهي ويهه لک پائونڊن جي ملڪيت لُٽي، شهر کي باهه ڏئي اَٺ هزار بيگناهه شهري قتل ڪيا هئا.“ (مولائي شيدائي، 2014ع: ص 84)

3.9.5 سنڌ جو آڳاٽو وڻج واپار: سنڌ جي وڻج واپار جي درآمد برآمد جو آڳاٽو احوال انگن اکرن سان ملڻ مشڪل آهي، پر انگريزن جي دؤر جو ڪجهه احوال انگ اکرن موجب موجود آهي.

”هي تاريخي ڳالهه ته انگريزن سنڌ فتح ڪئي، تنهن کان رڳو پنج ورهيه اڳي، يعني 1938ع ۾ جيڪو واپار سنڌ ۾ هليو هو، تنهن جو مفصل بيان ڪمانڊر ڪارليس ڏنو آهي. جو سنڌ گزيٽيئر ۾ ڪجهه قدر ڇاڻايل آهي. انهيءَ سال سنڌ ۾ انڪل سادا ايڪيهن لکن روپين جو واپار هليو هو! انهيءَ سال جيڪي مڪيه شيون سنڌ ۾ آيو تن ۾ چين ۽ بنگال جو ريشم هو. مطلب ته شاهه صاحب جي وقت کان وٺي ويندي 1938ع تائين وڻجارا انهيءَ پاسي ويندا هئا.“ (مولائي شيدائي، 2014ع: ص 152)

وڻجارن جو مهينن ۽ ڪن حالتن ۾ سال تائين گهر گهاٽ ڇڏي ڏورانهن ڏينهن ڏانهن اُسهڻ ۽ سمنڊ جو خطرناڪ ۽ ڏکيو سفر، سندن واپسي جي انديشن، انتشار، اوسيئڑي ۾ سندن گهرپاتي خاص طور تي سندن گهر واريون پريمڪائون، وڻجاريون تمام وڏي پوڳنا مان گذرن ٿيون، شاهه لطيف انهن جي انتظار ۽ اوسيئڑي جو بيان نهايت سهڻي نموني ڪيو آهي.

”لطيف ڪِريلن، ڪمزورن، محرومن جو ڏٽڑيلن ۽ ڏکويلن جو ساڻي هو. تنهن ڪري ان ڪاروبار ۾ جيڪا ڏکويل ڏُر هئي. انهن کي ڳايو ۽ انهن جو ذڪر ڪيو آهي. انهن جي اندر جي اُڌمن اُمنگن ۽ محرومين جو داستان بيان ڪيو آهي، اهي هُيون وڻجاريون، وڻجارن جون محبوبائون، جيڪي هو پٽيان چڏي ويندا هئا.“ (پليجو، 2012ع: ص 109)

3.9.6 وڻجاري: ساموندي وڻجارا جهڙوڪر سدائين سفر ۾، جيئڻ جي جستجو ۽ جدوجهد ۾ سرگردان هي سيلاني هفتا، مهينا ۽ ڪڏهن ته سال تائين به پنهنجي وطن، گهر ۽ ونين کان پري رهڻ تي مجبور هوندا هئا. زندگيءَ جو اهو رنگ ۽ گذر سفر جو اهو ڊينگ وڻجاري جي وهويا وني لاءِ سموري حيات جو اوسيئڑو ۽ انتظار هو.

ساموندي ساري، مٿي تڙ گذاريان،
مون کي ٿي ماري، اُنين سندي ڳالهڙي.

(آڏواٽي، 213ع: ص 65)

3.9.7 گوندر گاڏئون سگڻ: وٽجارن جي زندگي ڪا عام رواجي، آسان ۽ معمول مطابق نه آهي. انهن جي حياتي جو هر پل غيريقيني، بيچيني، وقت ۽ حالتن جي تبديلي ۽ جان جوکي ۾ وجهي پار پوڻ ۾ گذري ٿو، پر ان سان گڏوگڏ انهن جي گهريلو، نجي ۽ جذباتي زندگي ۽ حالتون به ڪٿن آزمائش ۾ گذرن ٿيون. جيون جي انهيءَ انداز ۽ گذر سفر جي انهيءَ گردان ۾ وٽجارِي جي ڪيفيت ڪهڙي آهي، شاهه لطيف ان جي پرپور عڪاسي ڪئي آهي.

سامونڊيڪو سگ، آهي گُوندر گاڏئون،
انگهن چاڙهي، انگُ، ويو وٽجارو اوهري.

(آڏواٽي، 213ع: ص 65)

سامونڊين سان سَگ ڪرڻ جو ٻيو نالو آهي غم ڳنهڻ، انتظار جي آگ ۾ جيءُ جلائڻ.

اونهين ويا نه وريا، آئون تنهن ماري ويڙ!
ڪري سامونڊي سيڻُ، جُسي جارُ پرائيو!

(سامونڊي 1-13)

3.9.8 شاهه لطيف جي شاعريءَ جي وٽجاري ۽ ٻين نسواني ڪردارن جون ڪيفيتون: شاهه لطيف پاڻ مرد هوندي به نهايت چٽائي، باريڪ بيني ۽ گهرائي سان عورت جي مختلف ڪردارن جي روين، احساسن سوچن ۽ ڪيفيتن جا چٽ تمام سادي ۽ سهڻي نموني چٽيا آهن.

”شاهه لطيف، عورت جي نفسياتي ڪيفيتن کي سسئي، سهڻي، مومل، مارئي، ليلا، ڪونئروءَ، نوريءَ، سورٺ، وٽجاري جي ونيءَ ۽ پنهنجن ٻين نسواني ڪردارن جي ويس ۾ نمايان ڪيو آهي. لطيف سائين عورت جي حُسن، سونهن، سوڀيا، سندرتا، ڪوملتا، نرملتا، دلڪشيءَ، دلربائيءَ ۽ دلفريبي کانسواءِ سندس شڪل شبيهه، منهن مهانڊي، هلڻي چلڻيءَ، عادتن اطوارن، سندس ويس وڳن، هار سينگار، سڳنڌ سرهاڻ، مسي مساڳ، چترائي چلولائيءَ، مستقل مزاجيءَ، اٽل ارادي، مڪاريءَ، پچڻ پرچڻ، ڪامڻ ڪجڻ، لڇڻ پچڻ، تڙپڻ، آڇ لوچ، رنج و الم، بي پرواهي، بيباڪيءَ، بيقراريءَ، باوقار هجڻ، همت بهادري، وفاداري، خوف ۽ خطري، هٺ، وڏائي، غرور ۽ تڪبر، ذهانت، ڏاهپ، سياڻپ، دانائي، دانشمنديءَ، غيرتمنديءَ، حسد ۽ ڪيني جهڙين ڪيفيتن کي پنهنجي ڪلام ۾ بيان ڪيو آهي.“ (الانا، 2012ع: ص 23)

3.9.9 الوڙڻ نه ڏي، ور وڏائين ونجهه ۾:

الوڙڻ نه ڏي، ور وڏائين ونجهه کي،
رَهه اڇوڪي راتڙي، لالَڻ! مون لائي،
وڃ مَ ڦوڙائي، ايڏي سفر سپرين!

(آڏواٽي، 213ع: ص 65)

جڏهن وٽجارو ايلاز منڻن کان پوءِ به وڃڻ جي ٿو ڪري ته شاهه لطيف جي هي نازڪ، ڪمزور ۽ بيوس وٽجاري ونجهه کي ئي چنبڙي پوي ٿي.

”وٽجاري پنهنجي پياري کي روڪڻ لاءِ هر واهه ۽ وسيلو هلائي ٿي، هوءَ سندس ماءُ کي منٿ ٿي ڪري ته متان سندس (ماءُ جي) روڪڻ تي هوءَ وري واپس وڃڻ کان مُڙي وڃي!“

وٽجاري جي ماءُ، وٽجارو نه پلئين،
آيو ٻارهين ماهه، پڻ ٿو سفر سنبهي!!

(آڏواٽي، 213ع: ص 71)

”سُر سامونڊي جي بي نام سورمي، جيڪا اسان جي اڳيان وٽجاري جي

وهو جي نالي سان نشانبر ٿي آهي، سا پنهنجي ارادي ۾ ڪچي ڪونهي.“
(جوٽيجو، 2005ع: ص 78)

ڊوليو ويڙو ڏُور، تي ٿي سيءُ گذاريان،
مادَرِ! مُون مَ چورِ، نات پٽر پوندي پرينءَ ري.
(آڏواڻي، 213ع: ص 66)

3.9.10 اسان اڌارا آڻي اونگ چاڙهيا: ”اي امڙ! منهنجي اندر جي سُورَ کي مَ سور نه ته پرينءَ لاءِ روئڻ سببان منهنجي من جي ڳالهه ظاهر ٿي پوندي.“

اسان اڌارا، آڻي اونگ چاڙهئا،
مُنهن ڏئي مُون آئيا، سَمُهان سيارا،
اُپرن سيڪارا، پسيو وَرَ ٻين جا.
(آڏواڻي، 213ع: ص 70)

هن بيت ۾ شاهه لطيف وڻجاري جي جذباتي ڪيفيت سان گڏ سندس گهر جي گذر سفر جي تنگي جي به خوبصورت نموني منظرڪشي ڪئي آهي. پوءِ به وڻجاري چوي ٿي ته مون کي بس منهنجو وَر گهرجي. سندس وڻج واپار ۾ مال دولت نه، منهنجي عيد ته اُن جي بس، اچڻ سان ئي آهي.

لَڳِي اُتَرَ اوهَرِيا، واهُوندي وَرَنِ،
آئون گهٽوئي گهوريان، سؤدو سامُونڌين،
اگڻ جَنِ اَچَنِ، عِيدَ وَرُ ٿِئي اُنِ کي.
(بلوچ، 2009ع، ص 99)

وڻجاري جا دل ۾ ويچار ته منهنجو پيارو پرين اچي ته ڏوراپا ڏيانس ته:

آيل! ڊولئي ساڻ، اچي ته جهيڙيان،
لايَءِ ڏينهن گهٽا، مون سين ڪيءِ ٿورڙا.
(آڏواڻي، 213ع: ص 66)

3.9.11 محبوب جي اوسيڙي جا آداب: شاهه لطيف محبوب جي انتظار ۾ اوسيڙي جا به آداب بيان ڪري ٿو. خالي سَڏون ڪرڻ به صحيح ناهي.

جا جَر جانڻون نه ڏئي ڏيا نه موهي،
سڏون ڪوه ڪري، سا پنهنجي ڪانڌ جُون؟
(آڏواڻي، 213ع: ص 69)

3.9.12 وانڍيون ٿيون ورڪن: وڻجاريون ڪناري تي بيهي ڏور ساگر ڏانهن نهارين ٿيون، پري کان ايندڙ ٻيڙي جون اجا مَس جهنڊيون ٿيون ڏسجن، تن کي سجاڻي انهن ٻيڙن ۾ سوار وڻجارن جون ونيون سرهيون پيون ٿين، ۽ جڏهن انتظار جون گهڙيون پڄاڻي تي پهچن ٿيون ته:

وانڍيون ٿيون ورڪَن، اجا سڙهه نه پٽرا،
سيئي ٿيون مَرڪن، جنين سندا آئيا.
(آڏواڻي، 213ع: ص 20)

جنين ڪارڻ مُون، تڙ پوڄارا پوڄيا،
پُنيِمِ اميدون، سي ئي سڃڻ آئيا.
(آڏواڻي، 213ع: ص 69)

وڻجاري جي وهو جو ڪردار شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ اهم جاءِ والاري ٿو.

3.10 ڪاپائتي:

ڪاپائتي لفظ جي معنيٰ آهي ڪتڻ واري، هي آڳاڻي دؤر جي ڪِرت آهي جيڪا هاڻي جديد ٽيڪنالاجي جي اچڻ ڪري تقريباً ختم ٿي چڪي آهي. ڪپهه کي ائٽ تي ڪَتي ان مان

سُٹ ٹاهبو هو، جنهن مان وري ڪوري ڪپڑو تيار ڪندا هئا. جنهن جاءِ تي ڳوٹاٹيون عورتون (ڪاپائتيون) سُٹ ويهي ڪتيندیون هيون ان کي 'آتڻ' چئبو هو. صراف (واپاري) انهن عورتن کي ڪپهه ڏيندا هئا ۽ ان جي تور موجب سُٹ ونڊندا هئا. سُٹ اڪثر عورتون ئي ڪتيندیون هيون ۽ ان ڪِرت، وندر ۾ هر طبقي جون عورتون شامل هيون. انهن ۾ کي پنهنجي لاءِ ڪتيندیون هيون کي وري پورهئي کاڻ محنت ڪنديون هيون.

سون ساريکا هٹڑا، ڪوهَ نه ڪتين رَڌِ،
ويهي ڪُنڊ، ڪاپو ڪَر، گهُٹون گوهيون چڌِ،
ته صرافاٹي سَڌ، مَرَڪيو هوندِ مَٹائينِ.
(آڏواٹي، 213ع: ص 346)

3.1.1 رنڊا روڑڻ ۽ سنهو ڪتڻ:

''سُٹ ڪتڻ جو رواج سنڌ جي سپني عورتن ۾ موجود هو. پوءِ اهي وڏ گهراٹي جون هجن يا غريب گهر جون. وڏ گهراٹي جون عورتون وندر ۽ تفريح لاءِ سهيلين سان گڏجي سُٹ ڪتيندیون هيون، ۽ پوءِ اهو سُٹ ڪورين ڏانهن موڪلي پنهنجي مرضي موجب ڪپڑو تيار ڪرائيندیون هيون.'' (ميمڻ عبدالمجيد، 2004ع: ص 189)

سُٹ سنهو ۽ لسو تيار ڪبو هو، جيڪا سُٹ ڪتيندڙ عورت (ڪاتيارڻ يا ڪاپائتي) هڪ ڪرو سُٹ نه ڪتيندي هئي يا ان ۾ ڳوڑهيون، ڳنڊيا هوندا هئا ته ان کي ''رنڊيا روڑڻ'' چئبو هو ۽ اهو ان ڪِرت ۾ عيب سمجهيو ويندو هو. شاهه لطيف ان صورت ۾ به انساني سياڻ ۽ ڪردار جي هڪ نازڪ، نفيس ۽ باريڪ تند پروڑي آهي.

محبت پائي من ۾، رنڊا روڑيا جن،
تن جو صرافن اَڻ تورئو اگهايو.
(آڏواٹي، 213ع: ص 346)

هتي ڪِرت کان وڌيڪ ڪردار ۽ نيت ۽ سوچ جي اهميت اتائين آهي، دل جي سچائيءَ سان ڪيل ڪم ئي مان لهي ٿو.

چاڻَت پائي چِتَ ۾، سنهو ڪِتيو جَن،
تِن جو صرافن، دُکو داخل نه ڪيو.
(آڏواٹي، 213ع: ص 346)

هتي ڪاپائتي جي ڪردار کي وسيع معنيٰ ۾ ونڊندي شاهه لطيف انساني ڪردار جي عيبن کي عيان ڪندي سبق ڏي ٿو ته اصل اهميت ته، نيت جي سچائي ۽ صفائي جي آهي.

3.10.2 ڪتڻ سندا ڏينهن وڃائڻ:

جان ڪتين تان ڪَتُ، هيءَ هڏ وهاٹي،
ڪاپائتي سپ ڪا، ڪتي سيباٹي،
جاتو جن جاٹي، تن هٹان پهي نه چڌي.
(آڏواٹي، 213ع: ص 345)

هتي شاهه لطيف ڪاپائتي جي ڪردار جي تمثيل ۾ انسان کي عظيم سبق ڏئي ٿو ته وقت ۽ حياتي گذري ويندي، تنهنڪري غافل ٿي نه ويهه، پنهنجو ڪم ۽ ڪِرت ڪندو رهه. جن اها ڳالهه سمجهي انهن هڪ گهڑي به غفلت ۾ نه گذاري ۽ جن وقت وڃايو انهن جو انجام اهو ٿو ٹئي ته:

سي تو ويهي وڃائيا، جي ڪتڻ سندا ڏينهن،
ارٹ اوڏي نه ٹئين، پوريِ! پوري سيئن،
ڪنڌ ڪٹندينءِ ڪيئن، اگڻ عجيب جي؟
(آڏواٹي، 213ع: ص 346)

3.10.3 پڳي سان ئي پير: هر صورت ۽ هر حال ۾ پنهنجي ڪِرت پنهنجي مقصد ۽ پنهنجي منزل جي جستجو جاري رکڻي آهي، پلي کهڑي به رکاوٹ اچي ان کي بهانو نه

بناءِ ۾ پاڻ کي نڪمو نه ڪر، پگڙ ۾ پراڻي چرخي سان ئي ويهي ڪَت، جيسين نئون لاک سان رتل ڳاڙهو چرخو تيار ٿئي.

پگھوئي پير، جانسين رَتو راس ٿئي،
بُري بيڪاريءَ سين، هاري! پاڻ مَ هير،
ڪَتُ ڪتيندیون ڪير، نئين سين نه ڇاڻجي!
(آڏواڻي، 213ع: ص 346)

3.10.4 جيڏانهن پرين پير: شاهه لطيف جي ڪردارن جي عظمت ۾ ڪاميابي نئڙت ۾ آهي. توڙي جو پنهنجي ڪِرت ۾ ڪمال حاصل هجي پر خودي ۾ وڏائي سان اها ڪاريگري به قبول ڪونه پوندي، پر نماڻائي سان ڪوجهو ڪم به آساني سان اگهامي ويندو.

ڪَتي مٿي آئيون، ڪري تند تيارُ،
اُڻل اوڏانهين ٿئي، جيڏانهن پرينءَ پارُ،
ڪاپائتي قرارُ، منجهان پوڻيءَ آئيو.
(آڏواڻي، 213ع: ص 347)

محنت سان گڏ محبت به لازم آهي، تڏهن اها محنت محبوبن وٽ مڃتا ماڻي ٿي، ٻئي پاسي ڪاپائتي کي به اهڙي عظيم ڪِرت ۾ ڪاميابي تي قرار، اطمينان ۽ آرام اچي ٿو.

3.10.5 نه سي وڻڪ وٽن ۾ نه سي ڪاتاريون: شاهه لطيف جي ڏينهن ۾ پوءِ سنڌ جون معاشي حالتون ۽ اقتصادي سرگرميون تمام محدود ۽ مائيون ٿي ويون ٿيون ڏسجن، جو هُن انهن وونئڻ جي فصلن، ڪاتيارن ۽ پُررونق بازارن جي بربادیءَ کي ڏسي افسوس ۽ ارمان مان چيو ته:

نه سي وَڻڪ وٽن ۾، نه سي ڪاتياريون،
پَسيو بازاريُون، هينئڙو مُون لُوڻ ٿئي.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 347)

ڊاڪٽر غلام نبي سڌايو لکي ٿو ته:

”لطيف سائين اهو به ڏسي ٿو ته جتي فصلن جي فراواني هئي، اتي زمينون سُڪي ٿوڻ ٿي چڪيون آهن. ملڪي معيشت کي ڪاپاري ڏڪ لڳو آهي. جاگيرداري ظلم عام ماڻهوءَ جي زندگي زهر بڻائي ڇڏي آهي. ماڻهن کي پيداوار جي سڀني ذريعن کان محروم ڪيو ويو آهي. زمين جي خوشبوءِ گهڻجي رهي آهي، ڌرتي کي اجاڙيو پيو وڃي ۽ هتان جي تهذيبي ۽ ثقافتي ورثي کي هميشه لاءِ ختم ڪرڻ جا سانباها ڪيا پيا وڃن، اهڙي ويل لطيف پنهنجي حصي جو فرض پورو ڪندي چئي ڏنو.“

(سڌايو، 2007ع: ص 57)

اوراڻيان اَرٿ، ڪيڏانهن ڪتڻ واريون؟
پهيون مٿي پٽ، لڙجن لاکيڻين جُون.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 347)

شاهه لطيف جي ڪاپائتي جي ڪردار ۾ فڪر ۽ عمل جا انيڪ نڪتا آهن.

باب چوٿون:

سَسئيءَ جي ڪردارنگاري

شاهه لطيف جي رسالي ۾ عورتاڻا ۽ مرداڻا انيڪ ڪردار پنهنجي پنهنجي سماجي سطح تي متحرڪ نظر اچن ٿا، هنن ۾ ويدانت جي واٽ ۾ جوڳي، سامي، ڪنوٽيا، ڪن چير ۽ ويراڳي به آهن ته ويڑهاڪ ۽ جنگجو، ڀاجهارا ۽ سخي ڪردار به آهن، جيڪي سڀ سمن جي مختلف نڪن مان آهن. هاري ناري پورهيت، مالوند جت، سامونڊي واپاري سڀ جا سڀ ڪٿي به سانت نه آهن. هو "ڳوئي پير، جانسين رتو راس ٿئي." وانگر پنهنجي ڪِرت ۽ ڪم ۾ جنبيل آهن. ان ريت شاهه لطيف جي رومانوي داستانن جا ست عورتاڻا ڪردار به آهن. انهن مان ٻي ڪردار سسئي، سُهڻي ۽ ماروي مزاحمتي ڪردار آهن. سسئي انهن مان وڌيڪ مزاحمت ڪندڙ آهي.

"آڏو ٽڪر ٽر، متان روهه رتيون ٽئين."

ڪردار جي وصف سماجيات ۽ نفسيات ۾ انڪل روءِ هڪ جهڙي آهي هڪ ڪامل ڪردار جن بٽي مان پچي نڪرندو آهي. سسئي به اهڙوئي ڪردار آهي.

"سپڪ ٽي سيّد چئي، پهٽن منجهه پچي."

ڪردار: ڪردار جي تشڪيل هڪ نجو نفسياتي مامرو آهي. شمس الحق پنهنجي هڪ اردو ڪتاب 'نفسياتِ معاشره' ۾ لکي ٿو ته:

"ڪردار ۽ شخصيت" (Personlity and Character) جو فرق ڪابه اهميت نٿو رکي." (شمس الحق، 1961ع: ص 237)

هو وڌيڪ لکي ٿو ته،

"فرد جون انفرادي خوبيون هن جي شخصيت کي ظاهر ڪن ٿيون، ان ريت اُهو چوڻ صحيح آهي ته، ڪردار عين هن جي شخصيت آهي."

(شمس الحق، 1961ع: ص 237)

هُو انهيءَ ڪردار ۽ شخصيت جي اُپٽار ڪندي لکي ٿو ته،

"عام طرح سان اهي خوبيون، جيڪي اخلاقي قدرن واريون هونديون آهن، انهن کي ڪردار ۾ ڳڻايو ويندو آهي." (شمس الحق، 1969ع: ص 237)

هو پنهنجي ڪتاب "نفسياتِ معاشره" ۾ شخصيت ۽ ڪردار جي رُخن کي بيان ڪندي لکي ٿو ته،

"هڪ فرد پنهنجي خاص جنم پومي واري معاشري ۾ تربيت حاصل ڪري ٿو. ان معاشري جي ثقافت، هن جي مزاج ۽ طبيعت، سماجي طور طريقن ۽ سندس فطرت کي هڪ خاص قالب ۾ آڻي گهڙي جوڙي ٿي."

(شمس الحق، 1961ع: ص 233)

هو وڌيڪ ڪردار ۽ شخصيت جي ٽن رُخن تي لکي ٿو ته،

"1. هڪ فرد پنهنجي طبعي ۽ حياتياتي حيثيت ۾ ٻين جهڙو ئي هوندو آهي.

2. اهو فرد پنهنجي سماج جي تربيتي اوسر سبب ئي انهن وانگي هوندو آهي.

3. اهو فرد ان سماج ۾ پنهنجي طور طريقن ۽ روين ۾ پنهنجي معاشري جي ٻين ماڻهن کان بنهه مختلف، امتيازي حيثيت ۾ جدا گانه حيثيت رکندڙ ۽ نروار ڪردار وارو هوندو آهي." (شمس الحق، 1961ع: ص 234)

ڪردار ۽ شخصيت جي اهڙي نفسياتي چيد ٻڌائي ٿي ته هر فرد پنهنجي پنهنجي سماج ۾ کي وصفاڻيون هڪجهڙايون رکندي به ٻين کان ڪن خوبين ۽ گُڻن ۾ جدا حيثيت رکندڙ هوندو آهي.

ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو پنهنجي تحقيقي مقالي "سنڌي ٻوليءَ جو سماجي ڪارج" ۾ لکي ٿو ته،

”ڪردار سماجي زندگيءَ جو اهم جزو آهي، سماج ۾ فرد جو ڪردار سياويڪ ٿئي ٿو. ڇو ته اِهو عادتن تي ٻڌل ٿئي ٿو، ان ۾ ڏيڪاءُ گهٽ تو ٿئي، پر ان سماج ۾ جنهن ۾ تڪڙي تبديلي ايندي ٿي رهي، ڏيڪ ۽ ڏيکاءُ وڌي ٿو وڃي، ڇو ته ان ۾ هر ماڻهو پنهنجي مرتبي جي تلاش ۾ آهي ۽ ڳولي رهيو آهي ته هن جو سچو موزون ڪردار ڪهڙو هئڻ گهرجي؟“ (ٻوهيو، 2011ع: ص 26)

ان ريت پنهونءَ پڃاڻ، سسئي جو پريت ۽ سچ وارو سفر ڪيس پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ تي آپاري ٿو ۽ هُو پنپور شهر جو سک ۽ آرام گهوري، پنهونءَ جي ڳولا ۾ نڪري پوي ٿي. اهوئي سسئي جو ڪردار آهي.

4.1 سُر سسئي آبري: سسئي بابت شاهه لطيف جي شاعري جو ڪينواس، دائرو ۽ وسعت دنيا جي هر فرد، گروهه ۽ قوم لاءِ آهي، ان ڪري جو هن داستان جي ڪلام توڙي رسالي جي ٻئي ڪلام ۾ اعليٰ انساني آدرش، گُڻ ۽ خاصيتون بيان ڪيل آهن، جن کي ساهه سان سانڊي انسان پنهنجي زندگي ۾ اعليٰ ۽ اوچي مقام کي ماڻي سگهي ٿو.

”انسان جي اعليٰ عملي ڪردار لاءِ سسئي جي مثالي ڪردار مان ترغيب ملي ٿي ته هر انسان کي زندگيءَ ۾ هڪ اعليٰ مقصد سامهون هجي جنهن ۾ هو پڪي ارادي سان مسلسل طور جدوجهد ڪري.“

(بلوچ، 1997ع: ص 3)

شاهه عبداللطيف جي شاعريءَ ۾ پنج سُر: آبري، معذور، ديسي، ڪوهياري ۽ حسيني سسئيءَ تي چيل آهن. ”علامه آءِ.آءِ قاضيءَ جي مرتب ڪيل رسالي موجب انهن سُرن جي بيتن ۽ واين جو ڳاڻيٽو ڪُل ڪلام جو پنجويهه سيڪڙو (25%) آهي. (قريشي، 2017ع: 61)

انهن ۾ هڪ سُر آبري آهي.

4.1.1 آبريءَ جي معنيٰ ۽ مطلب: هن سُر ’آبريءَ‘ جي معنيٰ آهي: هيڻي، ابلا، اپري، ضعيف، اُجايل (آب + ري) ۽ سِڪايل عورت آهي. سنڌ جي جاگيرداري سماج ۾ اهو تصور رهيو آهي ته عورت هيڻي، ضعيف ۽ ڪمزور آهي، جڏهن ته دنيا جي تاريخ ۽ زماني جي اُٿل پُٿل ۽ انقلابن جي مطالعي ڪرڻ مان معلوم ٿئي ٿو ته هر قوم جي عورتن هر ڏڪئي ۽ مشڪل مهل تي پنهنجي مردن کان ڪنهن به ريت گهٽ ڪردار ادا نه ڪيو آهي. هاڻي جڏهن اسين 21 صدي ۾ زندگي گذاري رهيا آهيون ته عورت جي ضعيفي جو تصور اسان وٽ گهٽو ڪمزور ۽ ڏنڊلو ٿي ويو آهي، جيڪو سڌو سنئون آهي. سسئي جو ڪردار به اهڙي انقلابي، عورت بابت پراڻن تصورن کي تبديل ڪندڙ آهي.

4.1.2 اول آخر آهه، هلڻ منهنجو هوت ڏي:

اول آخر آهه، هلڻ منهنجو هوت ڏي،
پورهيو سندو پورهيتن، والي! ڪيم وڃاءِ،
سو مُون ٿورو لاءِ، جيئن جيئري ملان جت کي.

(آڏواڻي، 2013ع: ص 99)

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ’سُر آبري‘ بابت لکي ٿو ته،

”شروع واري بيت ۾ ئي سسئي جي پڪي پختي ارادي جو اظهار ٿيل آهي ته، ’اول آخر آهه، هلڻ منهنجو هوت ڏي.‘ هوءَ جيئن پئي سور سختيون سهي، تيئن پئي سندس سِڪ سرس ٿئي، اُڃ، سُڃ ۽ رُڃ سڪ وارن لاءِ ئي آهن. سو ’ساجن ڪارڻ سيڄ، مَر قبولي سسئي‘ جن کي اندر ۾ عشق جي اُڃ آهي، پاڻيءَ کي به تن لاءِ اُڃ آهي.“ (بلوچ، 2012ع: ص 401)

سسئي آبري ۾ سسئي جو پهريون ڪلمو ۽ ڪلام ان عظيم ۽ اعليٰ انساني گُڻ جي تصوير آهي جيڪو وڏن، ڏکين ۽ اڙانگن مقصدن ماڻڻ لاءِ بيحد ضروري ۽ خاص آهي ۽ اهو

آهي پکوپختو ارادو ۽ عزم، هڪ اڻ ٽيڻي جاکوڙ ۽ ڏکئي پنڌ کي اختيار ڪرڻ سان ئي انسان مشڪلن سان منهن ڏئي پار پئجي سگهي ٿو. هي سفر جو اهڙو ثمر آهي جيڪو انسان کي ڪٽي به ٽڪائي، مايوس، ناميد ڪري ويهاري نٿو.

4.1.3 سسئيءَ جو عورتاڻو مقام ۽ حيثيت:

ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو پنهنجي ڪتاب 'لوڪ ادب جو تحقيقي جائزو' ۾ لکي ٿو ته:

''عورتن جا چار قسم آهن، 1. پدمڻي، 2. چترني، 3. شکني ۽ 4. هستني. هُو 'پدمڻي' جي معنيٰ ڪنول گل جهڙي ڪري ڄاڻائي ٿو.'' (سنديلو، 2016ع: ص 144)

ڊاڪٽر عبدالجبار جوٽيجو پنهنجي ڪتاب ''شاهه جي رسالي جو مطالعو'' ۾ لکي ٿو ته:

''سَسُيءَ جي سرتين ۾ مارئي، نوري ۽ سورٺ پدمڻي جي پد تي هوندیون. ۽ مومل جو درجو چترني آهي. سهڻيءَ جو درجو به ڪجهه اهڙو آهي.''

(جوٽيجو، 2005ع: ص 127)

هو پنهنجي لکيل هڪ خط ۾ سَسُيءَ کي هڪ منظم صورت ۾ پدمڻي طور ڏسي ٿو.*

سَسُي هڪ ته ڀانيڙ ڀيٽي ٻيو پنهور جي سپ کان وڏي ٿوپي جي لاڏ ڪوڏ وارو نيپاج سبب پنهنجي خوبصورت وجود ۾ هڪ ڪامل پدمڻي عورت آهي، جنهن کي پريت جي پنڌ ۾ ڏونگر ڏورڻ پئجي ويو. هو پنهنجا نرم ۽ نفيس پير ڏونگر- جبل مٿي چڙهندي ڏري ٿي، هن جا نازڪ پير ڦٽجي وڃن ٿا پر هن کي تات رڳو پنهنجي محبوب پنهونءَ جي آهي. شاهه لطيف سُر آبريءَ ۾ چوي ٿو ته:

پير ڀڃائين ڪُونئرا، ڏونگر مَٿي ڏي،
ڦٽيا ڦُڻَ فَقِير جا، سِيرُن ٽِيئڙا سي،
جهڙي تَهڙي حالَ سين، پُري پُنهون ڏي،
وَڃي مان وُري، ٻانهيءَ ٻَنڌُ جِنہ سين.
(بلوچ، 2009ع: ص 184)

هن جي رڙ ۽ ڪوڪ، سڏ ۽ پڙاڏو جڏ ڪو سارنگيءَ جي ساز مان اُسريل آواز هجي. شاهه لطيف 'سر معذور' ۾ ان بابت چوي ٿو:

رُجن ۾ رَڙ ٿي، ڪَرَ سارَنگِيءَ جو سازُ،
اِيءُ عشِق جو آواز، ماڙهُو رڳن مَنڌ تي.
(بلوچ، 2009ع: ص 205)

ان ريت سَسُيءَ ڊاڪٽر عبدالجبار جي تحقيق موجب پنهنجي نفيس وجود ۽ خوبصورت آواز سبب عورتاڻي شاعري ۽ سماج ۾ هڪ 'پدمڻي' جو روپ رکي ٿي ۽ ڏيک ڏي ٿي.

ڪٽي ڪٽي جڏهن هُو جبلن کي سامهون هنڻ کان للڪاري ٿي ته اُن وقت هو 'هَستين' جي همت ڏاري ڏاڍي ڏونگر کي للڪاري ٿي.

''آڏو ٽڪر ٽر، متان روهه رتيون ٽيئن.''

شاهه عبداللطيف وٽ جماليات واري حسناڪيءَ جو بنهه انوکو پهلو دائم رهي ٿو. اهو نه رڳو دائم پر سدا قائم آهي.

4.14 پسڻ ڏاران پرينءَ جي:

پسي جاجهه جمال جي، جنين پيتي پِکَ،
اُپر آڳانجهو ٿيو، سُور انين کي سِکَ،
هَڏِ نه پڳين هِکَ، پسڻ ڏاران پرينءَ جي.
(بلوچ، 1999ع: ص 278)

پنهنجي محبوب ۽ پياري پرين کي پسڻ ۽ ان جي سونهن مان سُرڪي پيئڻ کان پوءِ ته سِک اڃا سَرس ٿئي ٿي.

---

* 9 فيروري 2009ع جو لکيل خط.

سسئي پنهنجي ساجن جي سِڪ ۾ ان کي موٽائي ماڻڻ لاءِ سختيون سهي ٿي، ٻين لفظن ۾ انسان جيڪو پنهنجي منزل ۽ مقصد جي راهه ۾ ڪشالا ڪڍي ٿو ۽ ڏک ڏسي ٿو. ان جي منزل ۽ ماڳ به ان کي وڌيڪ ويجها ٿين ٿا.

ساجن ڪارڻ سُڄ، مَرُ قبولي سسئي،
اندر جنين اُڄ، پاڻي اُڇيو اُن کي.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 99)

هتي شاهه لطيف سسئي کي صلاح ٿو ڏئي ته گهر جون آسائشون، آرام فرحتون ڇڏڻ سان ئي منزل ۽ محبوب تائين رسبو. مطلب ته پنهنجو اعليٰ مقصد حاصل ڪرڻ ۽ منزل ماڻڻ لاءِ عام رواجي آسائشن واري معمول جي زندگيءَ کي ترڪ ڪرڻ لازمي آهي، تڏهن ئي من جي مراد، سهڻو ساجن ۽ ان کي ماڻڻ جي سمجهه، واٽ ۽ جاڻ اکين آڏو اچي ٿي.

هِتان کٽي هُت، جن رکيو سي رسيون،
ساجن سونهن سُرت، وکان ئي ويجهو گهٽو.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 101)

4.1.5 نانگ سڃن نيلا:

سسئي جي راهه ۾ ٻيلا آهن، جن ۾ موتمار نانگ بلائون آهن، يعني محبوب ڏانهن ويندڙ مارگ سخت اڻانگو، خوفناڪ ۽ خطرناڪ آهي، جان جو جوکو آهي، پوءِ به ان رستي تي اهڙا ماڻهو راهي آهن، جيڪي اڪيلا آهن ۽ بنا ڪنهن ساڻي، واهر ۽ وسيلي جي جيئڻ ۽ اڳتي وڌڻ جا جتن ڪن ٿا. شاهه لطيف اهڙن آدرشي انسانن جا گُڻ ڳايا آهن ۽ انهن کي (Idolize) ڪيو آهي.

وڃا وڻ وٽڪار جا، جِت نانگ سُڃن نيلا،
اتي عبداللطيف چئي، ڪيا هيڪلين حيلا،
جت ڪڙم نه قبيلا، اُت رَسج، رهبر راهه ۾.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 102)

4.1.6 پاڻ سڃاڻڻ:

محبوب ماڻڻ جي ابتدا پنهنجو پاڻ کي سڃاڻڻ، سمجهڻ ۽ ذهني طور تيار ٿيڻ ۽ سمورا ذهني وسوسا، خيال، رڪاوٽون، مونجهارا ختم ڪري ۽ ڌنگهر هنڌائي پوءِ اڳتي وڌڻو آهي.

”پنهنجو آهين پاڻ آڏو عجيبن کي.“

انسان جي منزل ۽ مقصد ته سامهون هوندا آهن، پر جڏهن هو پنهنجو پاڻ کي وساري، پنهنجي وجود کي پنهنجو پاڻ کي پري ڪري.

پيهي جا پاڻ ۾، ڪيم روح رهاڻ،
ته نڪو ڏونگر ڏيهه ۾، نڪا ڪيچين ڪاڻ،
پنهون ٿيس پاڻ، سسئي تان سُور هئا.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 107)

بي علم، بي سمجهه ۽ اٽڄاڻ انسان تي الزام، ميار ۽ مهڻو واجب ناهي، پڇاڻو، ڏوهه ۽ ميار ته علم ۽ سمجهه واري تي آهي، جنهن کي عشق جي آگ لڳل آهي، اهو ان جي سموري ماجرا جاڻي ٿو.

جاڻي سڃاڻي، وهان ڪئن ماڻ ڪري؟
اندر آگ عشق جي، اَپَر اُڏاڻي،
اَلعِشقُ نارُ اللهِ المُوقَدِت، ڪُوري جئن ڪاڻي،
آهي آرياڻي، ٻيو، سرتيون! سُڄي ڪين کي.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 108)

”سسئي بنيادي طور تي عشق جي فلسفي ۽ ان جي ماهيت ۽ مذڪور جو هڪ دلپذير اهڙو باب آهي، جنهن ۾ پيهي وڃڻ ماڻهو لاءِ نهايت مشڪل آهي. جڏهن ڳالهه عشق جي اچي ٿي ته پوءِ سوال پيدا ٿو ٿئي ته خود حضرت عشق چا آهي؟ جنهن جو مڪمل طور تي خاطر

خواهه جواب اڄ ڏينهن تائين دنياءِ ادب ۾ سامهون اچي نه سگهيو آهي. ليڪن هر رمز ۾ جيڪو جيترو هليو آهي ان آڏو اوتروئي عشق جو ماڻ رهيو آهي، ۽ ان جو اظهار به انهيءَ پٽاندر ڪيو آهي. تلاش ۽ حقيقت جو سڄو مدار انهيءَ عشق تي آهي، جيڪو ”تحبون الله“ ۽ ”يحببكم الله“ جو مظهر آهي، بقول شيخ محي الدين ابن العربي ته:

العشق نارالله موقدت
فافو لها وطلوعها علىٰ رافده.

”عشق الله تعاليٰ جي پڙڪايل باهه آهي، جنهن جو برڻ به دلين تي آهي ۽ ان جو لهڻ به دلين تي آهي.“ (ڪاشف، 2013ع: ص 130)

وَهَم ورسارياس، ناتَ پُنهون آئون پاڻ هئي،
پاڻ وڃايم پانهنجو پَئي پريان جي پاس،
رَتي عِلِم راسِ، ڏاران پسڻ پرينءَ جي.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 108)

اهڙا پنڌ، وکن کڻڻ سان نه پر دل ۽ دماغ جي سگهه، همت، حوصلي، سمجهه ۽ سُرت سان ڪٽن ٿا. هتي پاڻ وڃائي پنڌ ڪرڻو آهي.

هل هنيئن سين هوت ڏي، سِسي ڪَڻ م ساڻ،
جَني پانيو پاڻ، سي آرياڻيون اوري رهيون.

ڊاڪٽر موتي لال جوتواڻي سسئي جي تلاش کي پنهنجي ۽ پنهنجي ذهن جي ڳولا جو سفر سڏي ٿو:

”هي جيڪو سسئي جي دشت جو سفر آهي، اهو هن جي پنهنجي وجود جي دشت جو سفر آهي، پنهنجي ذهن جو پنهنجي ڳولا جو سفر آهي، هن ڳولا جي سفر جا سور سهڻ کان پوءِ، اندر اُجري ٽيڻ کان پوءِ، نجس جي نکرجڻ کان پوءِ، سسئي کي پاڻ منجهان ئي پنهنجو پاڻ حاصل ٿو ٿئي، خود سائين جو لفظ آهي ته ”وجود ئي وڻڪار“ ساري ڳالهه وجود جي آهي.“ (جوتواڻي، 2007ع: ص 93)

ڪونهي اُتِ ڪوهيار، جت تو پوري! پائنيو،
پَنڌ مَ ڪر پهاڙ ڏي، وُجود ئي وڻڪارَ،
ڏاريا پائنج ڏار، پُڇ پريان ڪَر پاڻ تون.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 103)

جن کي وڏو چاهه ۽ شوق هوندو اهي ئي رستي جي هر رڪاوٽ رد ڪري پار پوندا، ٻيا ته اڌ ۾ ئي ارادو مَٽي چڏيندا ڇو ته اهي خالي خواهشون ڪندڙ آهن:

هيج نه هوندو جن، سي ڪئين وندر ويندیون؟
وهو وچ رهن، سهسين سَڏُن واريون.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 105)

وندر ندي، لسبيلي جي هڪ ندي آهي، جيڪا پب جبل مان نڪري سونمياڻي جي ڏکڻ ۾ عربي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪري ٿي.

سچا طالب يا ته مطلوب کي ماڻين ٿا يا ان راهه ۾ فنا ٿي وڃن ٿا، شاهه لطيف به سسئي جي ڪردار ۾ انسان کي اها ئي صلاح ڏئي ٿو ته:

موٽي مران مَ ماءِ! موٽڻ کان اڳي مران،
لُڇي لالن لاءِ، شال پوندیس پير تي!
(آڏواڻي، 2013ع: ص 106)

4.1.7 پاڻ وڃائڻ: جيستائين پنهنجي هستيءَ کي نه ميٽبو تيستائين سُور ۽ تڪليفون ساڻ هونديون، جڏهن پنهنجي خودي وڃائي، فقط مطلوب ڏانهن، مقصد ڏانهن، منزل ڏانهن دل ۽ دماغ رکبو ته خبر پوندي ته ”پنهون ته آءٌ پاڻ ئي آهيان.“

وهم ورسارياس، نات پنهون آئون پاڻ هُئي،

پاڻ وڃايم پانهنجو، پئي پريان جي پاس،
رَتِي علم نه راسِ، ڏاران پسڻ پرينءَ جي.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 108)

هي به هڪ حقيقت آهي ته عاشق ۽ معشوق جي وچ وارو حجاب يا پردو هٽڻ کان پوءِ هو هڪ ئي حقيقت طور ظاهر ٿين ٿا، هتي شاهه لطيف سسئي جي ڪردار ۾ اها اعليٰ علم ۽ حڪمت جي ڳالهه ۽ نُڪتو نروار ڪيو آهي ته انسان پلي ڪيڏو به ڇاڻو، عقل ۽ علم وارو هجي پر پاڻ وڃائڻ ۽ پرينءَ کي پسڻ کانسواءِ سندس اهو سمورو علم ۽ ڄاڻ اَجايا آهن.

4.1.8 جدائيءَ جو جام:

جدائي جو جام، ڏنائون ڏکيءَ کي،
منگل منهنجي من ۾، ٻاريو هوت حمام،
اَرکِ ٿيو آرام، ڪاڪُل پَسي ڪانڌ جو.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 109)

سهڻي ۽ حسين ڪاڪُلن واري محبوب جي جدائي ۾ سندس محبت جو مڇ مَن ۾ موجزن آهي ۽ سک ۽ آرام ويجهوئي نه آهن. هُو نازڪ ۽ نفيس چوڪري پنهنجا ڪونئرا پير ڏونگرن ۾ رڳو محبوب جي ڳولا ۾ زخمي ڪندي ٿي وتي.

پير پٽانئي ڪُنئرا، ڏونگر مٿي ڏي،
ڏٺيا ڏٺ فقير جا، سيرون ٿيڙا سي،
جهڙي تهڙي حال سين، پُري پُنهونءَ ڏي،
وڃي، مان وري، ٻانهيءَ ٻَنڌڻ جنهن سين.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 110)

جنهن جي لاءِ ايڏا ڪشالا ڪيا آهن، شل اهو موٽي اچي، اهو جنهن سان منهنجو سنڀنڌ آهي.

”سسئي جي ڪردار جو بنيادي پهلو پڪو پهه ۽ عزم آهي. ”ڏونگر ڏورڻ“ ۾ هن جا پَٽ ريشم جهڙا پير چلجي ٿا پون ته به ڪيچين لاءِ ڪڙهي ٿي، ”هنن کي هِتان لنگهندي تڪليف ٿي هوندي“، محبت جي جذبي جو ڪمال آهي، جو شاهه صاحب زبان توڙي بيان ۾ ظاهر ڪري ٿو.“ (جوٽيجو، 2012ع: ص 44)

”هاڙهو هوت پري، ڪوه ڄاڻان، ڪيئين لنگهيا؟“

4.1.9 مارڳ جي مرن:

شاهه لطيف گهر ۾ مرڻ بدران منزل ڏانهن سفر ڪرڻ واري کي پاڳوند سمجهي ٿو. هُو زندگيءَ جي تحرڪ کي تسليم ڪري ٿو ۽ هڪ متحرڪ موت هن جو آدرش آهي.

عمر سڀ عشق سين، پنهون جي پڇن،
ريس ريزاليون تن سين، ڪڇڑي کي ڪَن؟
مارَڳ جي مَرن، وڏو طالع تن جو.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 111)

جيڪي پنهنجي عظيم مقصد جي راهه ۾ جان ڏين ٿا اهي وڏي بخت وارا ۽ عظيم آهن، اهي سڄي عمر انهيءَ عشق ۽ طلب ۾ رهن ٿا، ڇو ته مقصد ۽ منزل انهن کي ٿي ملي جن کي سچو جذبو هوندو ۽ جستجو هوندي.

ويڻي ور نه پُون، سُٽي ملن نه سپرين،
جي مَٿي رَندَن روئن، ساڃَن ملي تن کي.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 112)

ان کان پوءِ شاهه لطيف جو اهڙن انسانن کي سبق، صلاح ۽ سسئي جي روپ ۾ مثال پيش ڪرڻ ته توهان جيڪو اعليٰ مقصد منتخب ڪري ان راهه ۾ پنڌ پئو ته ڪهڙي انداز، همت، حوصلي ۽ نهنائي سان هجو.

ڪڙهي ۽ ڪڙي، پر ۾ پير پنهون جو،
سِڪ ٻڌائين سندرو، جانب لئه جڙي،
لَڪَن سِر لطيف چئي، مُنڌ جهيڙي ۽ جَهڙي،
پَٽِيءَ تان نه پڙي، جي عُمر سڀ ائين ڪري.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 112)

4.1.1 ڪين هڻڻ جو تصور ڪڍي سفر ڪرڻ:

سسئي پنهون ٻڻيان ائين ڪاهيندي پئي وڃي جو ساڙيندڙ گرمي ۾ سڙندي پچندي به هن جي سِڪ سلامت ۽ سَرس آهي ۽ اها سفر جي سختين سان به جهيڙيندي مقابلو ڪندي پئي وڃي. پر ائين ۽ ايترو ڪجهه ڪرڻ کان پوءِ به هوءَ محبوب جي قدمن جي خاڪ برابر به ناهي، مطلب ته ماڻهوءَ کي وڏائي، فخر ۽ هٺ ڪرڻ نه جڳائي. توڙي جو هو ڪيڏي به اعليٰ ۽ عظيم ماڳ جو مسافر هجي.

هريائي ته ٻار، ڦوڪ ته لڳي انبرين،
هِتي جي هڻڻ جون، وَڻون سڀ وسار،
سموري سرڪار، نيئي رکج ناه ۾.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 112)

سسئي کي صلاح ته اي سسئي! برهه جي باهه کي اهڙي طرح تيز ڪر جو اها آسمانن تائين پهچي، ۽ دل ۾ جيڪي ٻيون سوچون ۽ خيال اٿئي اهي سڀ وساري پنهنجو وجود ان واعدي ۽ وچن لاءِ فنا ڪري ڇڏ جيڪو تو ساهه سان سانڊي رکيو آهي.

4.1.11 هيڻي عورت:

سسئي کي ڪوبه سهارو ۽ وسيلو ناهي ، هوءَ هڪ ضعيف ۽ هيڻي عورت آهي، پر انسان سُور ۽ سختيون سهڻ کان پوءِ ڪنهن قابل ٿئي ٿو، پڪو پختو ٿئي ٿو.

اَدر نِدر اَبري، غَمُن گُماڻي،
سا ڪئن وهي ويسري جا گهائن گهوماڻي،
پيئي پيش پنهونءَ جي، اُسن ۾ آڻي،
جا لُڪن لوساڻي، سا سيج چڑهندي سسئي.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 114)

هن بيت ۾ هڪ وڏو سچ ۽ سبق سمايل آهي جيڪي اپرا هيڻا ۽ بي پهچ ماڻهو ۽ خدا جي خلق آهي جيڪي ڏکن ۽ غمن ۾ موڳا آهن، جو انهن کي انهن عذابن کان نجات جي راهه ۽ رند نظر نٿو اچي. پر انهن کي پنهنجي مامري ۽ ماجرا کان بادو بي ميار ٿي ويهڻ نه جڳاءِ، اُهي سسئي وانگر لُڪن ۾، اُسن ۾ اٽل ارادي سان پاڻ جلائي ڪامياب ۽ ڪامران ٿي سگهن ٿا. هن بيت ۾ شاهه لطيف سسئي جي ڪردار جي تمثيل ۾ هڪ وڏي آس ۽ اُميد جو اظهار ۽ سپنن جي ساڀيان جو سنيهو ڏئي ٿو.

سسئي جي ڪردارنگاري ڪندي شاهه لطيف وڪ وڪ تي انسانيت لاءِ اُتساهه، جذبي، جوش، عزم ۽ ارادي جي پختگي جا نوان نوان نقش چٽيندو ٿو وڃي.

ٽڪيائي ٽر ٽيلهه، چڑهه چُڪيائي چوٽئين،
هلندي هوت پُنهونءَ ڏي، پؤ مڙيئي پيل،
اُٿي، راڻو ريل، ويڻن تان واري وري.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 114)

4.1.12 ڏورڻ منجهان ڏس پوندءِ: ٽَڪڻ ۽ ماندي ٽيڻ کان پوءِ به هلندو رهڻ گهرجي،

من جي موڑهه، وهم ۽ وسوسا، خوف ۽ خطرا سپ، پيرن هيٺان لتاڑي هلڻ ۽ ٺڪجي ڇُور ٿي وڃڻ کان پوءِ به هلندو رهڻ سان ئي ان منزل ۽ ماڳ تي رسبو.

ڪر ڪو واڪو وَس، وِيهه مَ مُنڊ پنپور ۾،
چڑهي ڏاڍين ڏونگرين، پيرُ پنهونءَ جو پَسُ،
ڏورڻ منجهان ڏَس، پوندءِ هوت پُنهونءَ جو.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 115)

هيڪلبائي هيل، پوريندبس، پنهونءَ ڏي،
آڏا ڏونگر لڪيون، سوريون سڃن سيل،
ته ڪر ٻيلي آهن ٻيل، جي سور پريان جا ساڻ مون.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 116)

سسئي اڪيلي آهي، هن جو ڪو ساڻي سڄڻ ۽ همسفر نه آهي، سواءِ سُورن جي پوءِ به هن جو عزم ۽ ارادو جبل کان به جبرو آهي.

ڏور مَ ٿون ڏوريج، صبر ڪَر مَ سسئي!
پُرڻ چڏ پيرن سين، وهڻ وساريج،
سُکن جا سيد چئي، لاڳاپا لاهيج،
هنئين ساڻ هليج، ته پنڊ پاسي پر نبري.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 116)

سگهر رءِ سونهن:

اوجهڙ اَ سونهن، ڏيهه گهٽوئي ڏورئو،
سَگهر رءَ سونهن، پهتي ڪانه پنڊ ڪري.
(بلوچ، 1999ع: ص 297)

هتي شاهه لطيف ان ڳالهه کي اڳتي وڌائيندي چوي ٿو ته فقط پنڊ ڪرڻ ۽ ڪشالي سان منزل تي پهچڻ ممڪن ناهي، جيستائين ڪو رهبر ۽ رهنما نه هجي، هتي وسيع معنيٰ ۾ ڪنهن به اعليٰ مقصد ڪارڻ جدوجهد جي راهه ۾ هڪ اڳواڻ ۽ سونهين جي هجڻ جو لازمي شرط لاڳو ڪيل آهي. مائوزينتنگ چيو آهي ته: ”ماڻهن جا هجوم انقلاب نه آڻيندا آهن.“ ان لاءِ ان نقطي کي سمجهڻ ضروري آهي.

4.1.13 ويهه مَ وساري: شاهه لطيف سسئي کي تنبيهه ڪندي چوي ٿو ته پنهنجي مقصد کي هرگز نه وسار ۽ نه وري رڳو پنڊ جي ويڻي پڇا ڪر. اهو پاڪ پرين رڳو راهه تڪڻ يعني پنڊ ۽ ڪشالي کان سواءِ نه ملندو.

ويهه مَ وساري، پڇا ڪَر مَ پنڊ جي،
نرمل نهاري، هلندين تان نه هٽ ڪئو.
(بلوچ، 1999ع: ص 297)

4.1.14 نئون ۽ نرالو ڪردار: سسئي جي ڪردار ۾ شاهه لطيف هڪ ڪاهوڙي، اڻ ورچ، اڻ موٽ، صبر، خاموشي ۽ نهڻائي سان پنهنجي واٽ تي هلندي رهڻ واري، ڪا لالچ، طمع نه رکي ۽ دنيا جا عيش آرام ترڪ ڪندڙ اهڙي انقلابي انسان جي تعمير ۽ تشڪيل ڪئي آهي جو هڪ آئيڊيل، ڪامل ۽ اعليٰ انساني خوبين جو معراج آهي. سسئي کي آخر ۾ اِها هدايت ته هي سفر پيرن پر نه نبرندو، هينئين سان ڪرٽو آهي، ڇو ته جسماني سگهه ۽ طاقت ڪنهن به ڪم جي ناهي، جيڪڏهن انسان ذهني طور تي سجاڳ، سگهارو ۽ پختي عزم ۽ ارادي وارو ناهي.

آءُ اوراهون سپرين! وَڃُ مَ آڳاهون،
ٺڪي ڪٽي ٽرن ۾، ٻاڪاريو ٻانهون،

درد جون دانهون، مون ماريندیون موڻ تون.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 117)

سسئي پنهنجي پرينءَ کي سڏ پئي ڪري ۽ چوي ته: اوري اڇ، مون کان پري نه هليو وڃ. توکانسواءِ آئون هنن برن، بيابانن ۽ جبلن ۾ توکي پکاريندي فنا ٿي ويندس.

صبر ۽ شڪر کي ڪاڏي آئون ڪندي،
آهيان جنهن سندي، سو ته گهر جي ساڻ مون.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 118)

هتي شاهه اهڙي صبر کان ڪنارو ڪرڻ جي ڳالهه ٿو ڪري جيڪو دلبر کي دور ڪري، ڇو ته جنهن جي طلب، سِڪ ۽ سوز آهي سو ته ڪنهن به حالت ۾ ساڻ گهرجي، اهڙو اٽل ارادو سچن عاشقن جوئي اهجاڻ آهي.

سڏِ مَ ڪَر سڏَن ري، هلڻ رِءَ مَ هل،
جلڻ رِءَ مَ جَل، رُئن رِءَ مَتان روئين.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 119)

سسئي کي صلاح ته سڏ ڪرڻ، پڪارڻ، هلڻ، روئڻ ۽ جلڻ مان جنهن وقت ڪجهه هڙ حاصل ٿئي ته ان وقت ائين ڪر، وقت بي وقت اهي عمل ڪرڻ اجايا ٿئي.

4.1.15 انا کي اوري ڇڏڻ:

ڪَن ٿي ڪيچين ڪُڇيو، ڪُڇ مَ، ڪڇيائون،
رهي نه رتي جيتري، اُنين وٽ 'آئون'،
وڃي وڃائون، هو جو وڻ 'هئڻ' جو.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 119)

هتي انساني خوبين مان هڪ اعليٰ درجي جي خوبي يعني ''خودي'' ۽ ''اَنا'' کي ماري، پنهنجي وجود ۽ ''آئون'' واري تڪبر، هٺ ۽ وڏائي کي واجهه وجهي. نهٺائي، خاموشي ۽ چپ سان پنهنجو ڪردار ادا ڪندو رهڻ وارين خصلتن جو اعليٰ اظهار ڪيل آهي.

4.1.16 ڪُهي ڪٽج وڪَ:

مُنڌ نه منجهان تن، پسي لَڪ اُڏَن جي،
جا پرکاهوڙين، سا پَر سکي سسئي.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 120)

سسئي اها عورت آهي جيڪا پهاڙن جا ڏکيا ۽ اڻانگا لَڪ لنگهندي به لحظي لاءِ نٿي لرزي ڇو ته هن ڏونگرن ۾ ڏٺ ڏورينڊڙ ڪاهوڙين واريون خصلتون ڏاريون آهن

ڪُهي جا ڪنيائين، وڪَ تنهن ويجهي ڪئي،
ڇڪي ڇنائين، پنڌ مِڙوئي پب جو.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 116)

ٽڪجڻ کان اڳ ته سيڪا پئي سينو ساهي ۽ تِڪ مان تاڻي پر ڪُهجي (ٽڪجي) پوڻ کان پوءِ جيڪا وِڪ ڪٽجي ٿي، اها فاتح وِڪ آهي. اها منزل ڏانهن ويندڙ ڏکيو ۽ اڻانگو پنڌ پورو ڪري ٿي.

4.2 سُر معذوري:

هي سُر به هڪ راڳڻي تي آڌاريل آهي، هن سُر ۾ سسئيءَ جي ڪمزورين ۽ ضعيفي جو ذڪر اڇي ٿو. 'ڪيچان اوري ڪيتريون' معذوريون ميون. (معذوريون يعني عذر واريون جن تي عذر رهجي ويو، جيئن سسئي تي ننڊ جي ميار رهجي وئي).

4.2.1 ورچي نه ويهڻ: هن سُر ۾ شاهه لطيف سسئي جي ڪردار کي مثال بنائي انساني ڪچاين ۽ فطري ڪمزورين جي نشاندهي سان شروعات ڪئي آهي ۽ پنهنجي مقصد ۽ منزل لاءِ جدوجهد ڪندڙ، پُرعزم انسان کي اڳواٽ اشارا ڏئي خبردار ڪري ٿو ته رستي ۾ ايندڙ رڪاوٽن، خطرن ۽ ڏکاين سان گڏوگڏ سندس ذهن ۽ ارادي جي ڪمزوري به ڪيس منزل کان ٽيڙي ڏور ڪري سگهي ٿي. سچو ۽ ڪرو انسان ڪنهن به حالت ۾ ٽڪجي بيزار نٿو ٿئي. اهڙن اٽڪوٽ انسانن لاءِ پهاڙ به پٽ ٿيو پون. اي سسئي! پنهون تائين پهچڻ لاءِ پنهنجي جُسي ۽ جان جي قرباني کان به نه ڪيباءِ.

هَلندي هوتَ پُنهونءَ ڏي، ڪُهجن ڪي ڪوٽيون،
پَهڻ تنين پَٽ ٿئي، جي لَئه لالَن لوٽيون،
سپ سهيليون سِڪ کي، چُنجون ۽ چوٽيون،
بانيڙ! ٿيءُ ٻوٽيون، ته ڪتا ڪين ئي ڪيچ جا.
(بلوچ، 1999ع: ص 302)

ڪلياڻ آڏواڻي لکي ٿو ته:

”پرينءَ ڏانهن پنڌ ڪندي، اهي ٽيون ورچن، جن جي سِڪ سچي ناهي، محبت جي راهه ۾ رتيون ٽيڙ سان ئي عاشق پنهنجي محبوب وٽ قبول ٿو پوي.“ (آڏواڻي، 2013ع: ص 125)

4.2.2 عشق جي عظمت ۽ سرفرازي:

ڏکا ڏونگر جا مِرون، مَرُ ٽا مون تي ڪَن،
پُڙندا ڪين پريت تي، جنهن جا سَڏرَ سيڙ سُجن،
سڳائيءَ جي سيڊُ چئي، آهي سُڌ سپن،
هُوءِ نه هِت ڏَرن، پر قرابت ڪم ڪيو.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 194)

جبلن جا مِرون (يعني ڪشالا ۽ سختيون) به سسئي کي فقط اُلرون ڪري سگهيا، اهي اُن سچي سورمي کي ڏاڙهي نه سگهيا چو ته سسئي سچي عشق جي خوبي ۽ نعمت سان سرفراز آهي.

مثنوي رومي ۾ آهي ته:

”عاشق جي ماس جهنگلي جانور به نه کائيندا چو ته عشق وارن جي عظمت جي نيڪ توڙي بد، ٻنهي کي سمجهه آهي.“

4.2.3 لاڳاپا لاهي نڪري پوڻ: شاهه لطيف چوي ٿو ته دنيا جا سپ لاڳاپا لاهي پوءِ سڪ جو سفر شروع ڪيو:

سَپ ننگيون ٽي نِڪرو، لالچ چڏي لوپ،
سُپيريان سين سوپَ، ننڍون ڪندي نه ٽئي.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 126)

هتي شاهه لطيف جمع جو صيغو استعمال ۾ آندو آهي، يعني سپ بي حجاب ٽي، هر انساني ڪمزوري، ريت رسم ۽ دنيا جا دستور ٽوڙي پنهنجي ننڍ، آرام، سڪون قربان ڪري ۽ لوپ لالچ کي تڙي ڪيي، سڏو محبوب ماڻڻ واري عمل ۾ ڪاهي پوڻ سان ئي عشق جي منزل تي اوس پهچي سگهي ٿو. هتي ننگيون ٽي، لالچ ۽ لوپ، خوف ۽ خطرن کي ترڪ ڪري بي حجاب ٽي وجو. ان ڳالهه مان مان مراد زندگيءَ جي سڪ ۽ آرام، آسائش ۽ سهولتن کان بي نياز ٽي اهڙا بار ڦٽي ڪري نِڪري پوڻ آهي.

مَر ته موچاري ٽئين، اَجلان اڳي اڄُ،
جان ڪين هئين جئري، ته مُنڌ! پنپوران پَڄُ،
پنهون ساڻ پهچَ، ته ملڪ الموت ماڻئين.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 129)

4.2.4 ڪين جنين جي ڪڇ ۾:

هورِن هاڙهو لنگهيو، ڳوريون پاسي ڳوڻ،
ڪيڇ تنين کي ڪوڻ، ڪين جنين جي ڪڇ ۾.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 126)

اهي جن پاڻ سان گڏ ڪوبه ٿمر، سامان نه کنيو ايتري تائين جو جو هو 'ڪين' (Nothingness) جي منزل کي ماڻي ڪري، پنهنجو هڻ، وڏائي، غرور تڪبر ۽ هر اُهو زماني جو ذهني ۽ دنيا سان لاڳاپو ختم ڪيو. ان ريت هر اهو روحاني بار جيڪو هلڻ کان لاچار ڪري، دنياوي تعلق جيڪو ٽڪائي ۽ بيزار ڪري ٿو ۽ ٿوري پنڌ ۾ ئي ويهاريو ڇڏي. اهو به نه رڳو عشق ئي آهي جيڪو اڙانگي ۽ سخت ڪشالن واري پنڌ کي اُڪلائي سگهي ٿو.

4.2.5 پنهونءَ ڪارڻ پنڌ جي سعادت:

هلندي هاڙهو مَٽي، گسان تان مَ گُسان،
لَکن تان لطيف چئي، رڙهي مانَ رسان،
پُنهون شالَ پَسان، وهان تان نه وَس پيو.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 127)

هتي سسئي پنهنجو پاڻ سان ورونهن ڪندي چوي ٿي ته، ''هاڙهي جبل جهاڳيندي پنهون تائين پهچڻ جو گس پلجي نه وڃان! اڙانگن پيچرن ۽ لَکن تان رڙهي به پنهون تائين پهچان، باقي وَس ڪري مون کان ويهڻ ڪونه ٿيندو.''

هتي شاهه لطيف سسئي جي ڪردار سازي ڪندي انسان کي پنهنجي منزل ۽ مقصد جي حاصلات لاءِ صحيح واٽ اختيار ڪرڻ مستقل مزاجي سان جدوجهد ڪرڻ اٽڪ ۽ اٽموٽ هجڻ جي صلاح ڏئي ٿو ۽ اڃا به اڳتي ائين چئي همت ۽ حوصلو وڌائي ٿو ته اي سسئي! تون ته فخر لائق آهين جون تون پنهون جي پنهنجي سچي عشق ۽ ارادي جي پڌيان وجين پئي اها وڏي سعادت ۽ پاڳ وندي اٿئي.

پُرڻ پُنهونءَ پنڌ ۾، ايءَ سعادت سنديام.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 127)

سسئي پنهنجي منزل ڏانهن ڪاهيندي پئي وڃي ۽ پاڻ سان اها ورونهن به ڪندي پئي هلي ته، ''منهنجا همراز ۽ حال پائي ته هليا ويا، هاڻي ڪنهن سان سُور سلجن، آئون پنهنجي عزت ۽ ناموس جي پرواهه نه ڪندي، اڙانگن لڪن ۾ پئي ڦٽڪان. جيئن ته منهنجا ڏک ۽ سُورَ ئي منهنجا مددگار ۽ رهبر آهن، ته پوءِ ڪنهن پئي کان اهڙي امداد چو گهران.

پائي حالَ هلي ويا، ڪنهن کي سُور سَلان؟
ڪٿِيو لَجَ لَطِيفُ چئي، لَکَنِ مَنجهِه لُڇان،
پانڌِي ڪيرُ پُڇان؟ جِئن سوُنهان مُون سُورَ ٽِئا.
(بلوچ، 2009ع: ص 199)

مقصد ۽ منزل: شاهه لطيف سسئي جي ڪردار جي نهايت نفاست سان نت نون ورن، احساسن تي جڙيل گوناگون تصويرڪشي ڪئي آهي، محبوب ڏانهن ويندي ادب، سڪ ۽ اُڪير جي اوچائي اها آهي، جو سسئي جي واتان چوائي ٿو ته، ''پلي رڻ، پٽن ۽ لکن ۾ هلندي لک ڪندا لڳن، پير پٽون ٽين پوءِ به پير ۾ جُتي نه پائيندس جو اهو سفر ايڏي عزت، احترام، ادب وارو ۽ مقدس آهي.''

'لکن جا لِيار' هن جوڳُڻ سان وڙهيا آهن، ۽ چيرن جي چين سندس پير چني چڏيا آهن، انهي هوندي به هوءَ پرينءَ ڏانهن ويندي جُتي نٽي پائي چو ته:

جُتيون سي پائيندِيون، جنين پيرَ پِرين،
لاٽيون سيپ پَرين، سسئي سپرين کي.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 128)

''سچن عاشقن لاءِ هرڪو عذاب راحت آهي.'' (آڏواڻي، 2013ع: ص 129)

مَرُ ته موچاري ٿئين، ويهي وجهه مَ ويرِ،
دل ۾ آڻ مَ دور ٿُون، ڦرڻ سندو ڦيرُ،
توڻي لَهين نه پيرُ، توءِ راحت آهي رڙهڻ ۾.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 129)

4.2.6 مري نه ٿيا مات:

هتي مرڻ مان مُراد عام انساني آسائشن خواهشن لذتن رشتن کان بي پرواهه ٿي لاتعلق ٿيڻ آهي، جنهن کي صوفي 'موتوا قبل موت' چوندا آهن، شاهه لطيف جي سسئي کي اها صلاح ته ائين مرڻ سان ئي ڪاميابي ملندي ٿي ان عمل ڪندي نه ڪو وهم گمان آڻ ٿي نه دير ڪر، پوءِ جي پرين جو پير وڃائي به ويهين ته به ان راهه ۾ رڙهندو رهڻ ۾ جيڪا راحت ٿي خوشي آهي سان اعليٰ ٿي عظيم آهي.

مرڻا اڳي جي مُئا، سي مري ٿين نه مات،
هوندا سي حيات، جيئڻ اڳي جي جِئا.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 129)

جن مرڻ کان اڳي ئي نفساني خواهشون پنهنجي مقصد ٿي منزل لاءِ تياڳي چڏيون، اهي امر رهندا، هُنن ابدي زندگي جيئڻ جو اهو راز هن دنيا ۾ ئي هٿ ڪيو آهي.

مارگ جي مرن وڃا طالع تن جا،
ٻيون ڪجاڙي کي ڪن، ڪوڙي دعويٰ دوست سين.
(بلوچ، 1999ع: ص 309)

وڃي بخت ٿي پاڳ وارا اهي آهن جيڪي پنهنجي محبوب جي ڳولا ڪندي انهي راهه ۾ ئي مري ٿا وڃن، اهڙن ماڻهن کانسواءِ ٻيا وري ڪيئن محبوب جي سِڪ ٿي اُڪير جي دعويٰ ڪن ٿا:

4.2.7 رڙهندو رهڻ:

هٿين پيرين ، مونڙئيين، هلج ساڻ هنيين،
عشق آريءَ جامُ جو، نباهي مونڙيين،
جان جان ٿي جيين، تان پاڙ ڪومَ پنهون سين.
(بلوچ، 2009ع: ص 201)

سسئي! هٿن پيرن ويندي گوڏن پر به رڙهه ٿي ائين پنهنجي پرينءَ سان نينهن نباهي. جيستائين سسيءَ ۾ ساهه اٿئي پنهنجي محبوب جو مٽ يا ٿاني ڪوبه نه ڪجان.

ماڙهو ڏيئي مهڻا، مُون کي ڪندا ڪوهُ؟
صورت سپرين جي ڏني ڪونهي ڏوه،
جي چوريءَ ۾ چوه، سا پٿون ٿيندي پير تي.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 131)

ماڻهو مون کي اهڙا مهڻا ڏيندا ته چا ٿيو؟ محبوب جو مُنهن ڏسڻ تي ڪا ميار ناهي، منهنجا پير پٿون ٿيا آهن ته اهو عشق جو، الاهي جذبي ٿي جولان جو ڪم آهي، سسئي جا پشم جهڙا نرم ٿي نازڪ پير جبل ۾ پنڌ ڪندي رتجي پون ٿا، ته به شاهه لطيف ڪيس هلندو رهڻ جي تلقين ٿو ڪري.

پير پٽان ئي ڪونئرا، رائي ڪيس رچي.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 132)

4.2.8 سپاڻي نه اڄ:

فردا مُنڌ ڦٽي ڪئي، نقد ڪنيو نار،
هو جا واڳ ولهيءَ جي، ويرم ڏي مَ وار،
جانڪي مُنيءَ مارِ، جانڪي ميڙ مُنيءَ کي.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 132)

سسئي فردا 'سپاڻي' (آخرت ۾ محبوب جي ديدار جو واعدو) قبولڻ کان انڪار ٿي ڪري هُن کي اها اوڏر نه ڪپي پر نقد يعني دنيا ۾ ئي ديدار ونڊ جو پڪوپهه ڪيل اٿس.

ڊاڪٽر گربخشاڻي لکي ٿو ته:

”سسئي دنيا ۾ ئي ديدار حاصل ڪرڻ پاڻ تي هموار ڪيو، سالڪ کي پڻ ائين جڳائي؛ وعدي تي پاڙي ويهڻ مان نااميدي ۽ نراسائي نصيب ٿيندئيس، جيئن رومي چيو آهي ته:

نقد را از نسيه خيزد نيستي (گربخشاڻي، 1992ع: ص 56.)

مُنڌي ٿي مدعا گهُري، موتُ ٿيو موجودُ،
اچين ته اڄ ڪريان، صُباح جو سُجودُ،
جانڪي ني وُجودُ، جانڪي ميڙ مُنڌيءَ کي.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 132)

سسئي دعا ٿي گهري ته ڪيئن به ڪري ڪنهن به حال ۾ مرڻ مهل به پنهنجي محبوب جو ديدار ڪريان ۽ جيڪو سجدو سپاڻڪي ڏينهن پنهنجي محبوب کي ڪرڻو آهي اهو اڄ ئي ڪري ڇڏيان.

ڏُکي ڏِکَ وِسار، سيڄ ڦٽي ڪر سسئي،
پٽين پير نهار، ته آرياڻي اُتان لَهين.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 133)

سسئي هار سينگار وساري ڇڏي، سک آرام ڇڏي پنهون جو پيرو ڪڍ ته جيئن پنهنجي منزل تي رسين.

4.2.9 پرديسي پرين:

ديسي سيڙ ڪجن، پرديسي ڪهڙا پرين،
لڏئو لاڏاڻا ڪئو، پنهنجي ديس وڃن،
پڃاڻان پرين، ڪجي بس پنپور ڪان.
(بلوچ، 1999ع: ص 312)

شاهه لطيف هتي انسان جي ذهني هيڻ مٽائهين، ڪمزورين ڪڇاين ڏانهن اشارو ڪيو آهي، سسئي سوچي ٿي ته ”پرديسي سان لنوءَ لائي پورائي ڪيم ان ڪري ئي شايد رڻ ۾ پئي رُلان ۽ پٽڪان“، مضبوط ۽ سگهاري انسان جي ذهن ۾ به ڪنهن مهل اهڙا ڪمزوري ۽ ڪچائي وارا خيال اچي سگهن ٿا، اها ڪيفيت انساني فطرت جي عين مطابق آهي.

ڏونگر ته ٻيلي، نه ته ڏِجي ٻن ٻيلين ري،
سا ڪيئن ويهي ويسلي جا سورن سهيلي،
چوٽيون چنبيلي، جئن تئن جهاڳي اُڪَتِي.
(بلوچ، 1999ع: ص 312)

ڏونگرن جو اڙانگو پنڌ بنا ٻيلي ۽ همراهه جي وڃي ٻن پوي، پر سسئي سان سور ته همراهه آهن، پوءِ هو ڪيئن آڻ مڃي ويسلي ٿي ويهي رهي.

”شاهه لطيف جي ڪلام جا قديم قلمي نسخا، سسئيءَ جي داستانن مان هن ئي بيت سان شروع ٿين ٿا. هي بيت جڙ سڃي شاهه جي ڪلام جو ’تت‘ (Enlsaet) آهي.“

وِيڇ ٿي وايون ڪري، ڪُنڊ ڪوڪاري،
هُن پَنَ پنهنجا ساريا، هي هنجون هوتن لاءِ هاري.
(بلوچ، 1999ع: ص 304)

جيئن وڻ يا نڙ پنهنجي اصل کان وڇي الڳ ڪيو ويو آهي ۽ درد جو وايون ٿو ورنائي، تيئن ڪنڊ وچوڙي جي ماريل سسئي پنهنجن عزيزن لاءِ روئي رڙي پئي.

”سسئي ۽ بِين ٻئي هڪ ٻئي ۾ وينا سُور رئن، بين پنهنجي نيستان کي ياد ڪيو پئي رڙي ۽ سسئي پنهنجي پياري کي پنهونءَ کي ساري ڳوڙها پئي ڳاڙي.“ (گربخشاڻي، 1992ع: ص 564)

سج جو ساٿ ڇڏڻ: سسئي وڻن ٽڻن، پکين، جانورن، پهٽن ۽ ڏونگرن سان ته ورونهن ڪندي وڃي ٿي، پر هتي سج کي به مخاطب ٿي ميار ٿي ڏئي ته تون مون کي اڏ واٽ ۾ ڇڏئو

موڪلائين ٿو ته منهنجي محبوب کي منهنجو اهو احوال ڏجان ته ويچاري واٽ مُئي. يعني هتي به شاهه لطيف سسئي جي پنهنجي مقصد ۽ منزل جي راهه ۾ هلندي موت قبولڻ جي اعزاز جي ڳالهه ڪئي آهي.

4.2.1 سج جو لهڻ:

آئون نه گڏي پرينءَ کي تون ٿو لهين سِج!
آئون جي ڏيئين سنها، نيئي پريان کي ڏج،
وڃي ڪيچ چئج، ته ويچاري واٽ مئي.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 134)

”سسئي هيڏانهن هوڏانهن سڏون ڏيئي، ساڻ جو پير پئي ڪٽي، پري پري تائين آوهاڙون پئي ڏئي، ۽ ولاڙون ڏيئي وري وڃي وٽن ٽي چڙهي ۽ نهاري.“ (بلوچ، 1997ع: ص 11)

4.2.11 وٽن تي چڙهڻ ۽ لهڻ:

ولاڙيو وٽين چڙهي، پسو سگهه سنديءَ،
آڏيءَ وڃيو آکڙي، نڪو پيءُ نه ماس،
سوئي سو سيڻاس، پري پڙاڏا ڪري.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 135)

سسئي سان ساڻ رڳون پنهونءَ جي پريت آهي جنهن جا پڙاڏا پري پري تائين پيا پون. بيابان ۾ سسئي جي سوز وارين ورلاپن جو اهڙو ته آواز آهي جو:

رُجن ۾ رڙ ٿي، ڪر ڪوول جي ڪُوڪ.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 136)
رُجُن ۾ رڙ ٿي ڪر چتونءَ جي چانگهارَ،
(آڏواڻي، 2013ع: ص 136)
رُجن ۾ رڙ ٿي، ڪَر ڪرڪي ڪونج.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 136)
رُجن ۾ رڙ ٿي، ڪر سارنگي سازُ،
اي عشق جو آواز، ماڙهو رکن مُنڊ تي.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 136)

”سواءِ سندس مٿي آواز جي، رُجن ۾ ٻيو ڪوبه سندس ساٿي ناهي، سندس آواز، ڪوئل جي ڪُوڪ ۽ چتون جي چانگهار جهڙو مٺو آهي، هي آواز ناهي، پر خود سارنگي ساز آهي. نه، هي خود عشق جو آواز آهي، البت، ماڻهن جي ليکي ته اهو آواز صرف هڪ منڊ جي ٻاکار آهي.“ (آڏواڻي، 2012ع: ص 136)

هن سُر ۾ سسئي جي ابتر حال جو، مٿس آيل تڪليفن جو ۽ انهن ڏکن ڏاکڙن ۾ سندس ذهني ڪيفيتون ۽ پنهنجو پاڻ سان ۽ پنهنجي آسپاس موجود جاندارن توڙي بيجان شين سان ورونهن جو عجيب ۽ انوکو احوال آهي.

4.2.12 پختو ارادو: سسئي پنهون پٽيان ويندي بيحد سختيون ۽ سُور سهي ٿي ايتري حد تائين جو موت کي مهان منهن ڏسي به ان کي للڪاري ٿي ۽ باوجود ضعيفي جي اڪيلائي جي پنهنجي پختي عزم ۽ ارادي جو اظهار ڪري ٿي، هن سُر ۾ اعليٰ انساني خوبين، قابليت، ۽ عملي ڪردار جو نمونو پيش ڪرڻ جا نرالا ۽ انوکا احوال آندل آهن، جن کي پڙهيو هوند حيرت وٺيو وڃي.

ڏُکي ٿي ڏٺورَ، لَهَسِي لنؤ پنهونءَ جي،
ڏيئي آگ اَٿورَ، سپ نه ساڙي سسئي.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 132)

4.3 سُر ديسي:

عنايت بلوچ پنهنجي مقالي 'لنگهي ڪالهه قطار' ۾ لکي ٿو ته،
'سُر ديسيءَ' ۾ لاکيٽي لطيف، سسئيءَ بابت بنيادي طور تي ٽي نقطا بيان ڪيا آهن، پهريون هي ته جَت يعني پنهونءَ جا پائر ۽ سسئيءَ جا ڏير دوکيبازي ڪري پنهونءَ کي سسئيءَ کان ڏار ڪري رات جي اونداهيءَ ۾ ڪيس ڪنيپي ڪٽي ويا ۽ سسئيءَ کي هجر جي هاڃن ۽ ڏکن ڏولاون ۾ وجهي هليا ويا. ڏک ڏولاوا به اهڙا جيڪي سهڻ ۽ برداشت ڪرڻ کان ٻاهر هئا.'' (عنايت، 2005ع: ص 166)
محمد حسين ڪاشف پنهنجي مقالي 'سُر ديسي' ترتيب ۽ تفهيم' ۾ لکي ٿو ته:
''دنيا جي هن عظيم شاعر 'سُر ديسيءَ' ۾ رومانويت واري ڪردار سسئيءَ کي محبت جي لڳل ميخ ۽ عشق جي تير بي پير جي لڳل گهاون سبب گهايل جي مختلف روپن ۽ زاوين سان بيان ڪيو آهي.''
(ڪاشف، 2005ع: ص 67)

4.3.1 ديسي هڪ راڳڻي: سُر ديسي تي اهو نالو هڪ راڳڻيءَ تان پيو. ديسي جڏهن پرديس پڌارين ٿا ته انهن جي سِڪ جا سڪايل ڪهڙا ورلاپ ٿا ڪين، اهو هن سُر جو ساز آهي، هن سُر ۾ وري سسئي جي ڪردار اهڙي موضوع کي هيڪاندو سگهارو، جاندار ۽ مٺانهون ڪيو آهي، هن ۾ فراق ۽ ڦوڙائي جا جملي جذبا ۽ احساس تمام اثرائتي نموني بيان ڪيل آهن:

مُنيس جهَل مَهار، ڪُنيس ڪاهِ مَ ڪرهو،
مُون نِماڻي جي نِجُهري، پيرو ڪِج پَنارَ،
ساجن توهان ڏار، ڏُنم ڏينهن قيام جو.
(بلوچ، 1999ع: ص 316)

4.3.2 ڏريان ئي ڏاريا: سسئي جا ڏير جڏهن اُٺ پلاڻي ويا ته سسئي جي مَن ۾ سوين خيال اچن پيا. هڪ خيال اهو آيس ته اُهي ته اصل کان ئي غير هئا. انهن جي من ۾ مدائي هئي ۽ مون پوري، پلجي ڪين ڪلي پئي ڪيڪاريو. وري اتي ئي اهو خيال ٿو اچيس ته:

ڏُريان ئي ڏاريا مِٺ مئيءَ جا نه ٽيا،
مَدي ڏيرن مَن ۾ ڪليو ڪيڪاريان،
صبوح ٽي ساريان، ته اُٺ نه اوطاقن ۾.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 138)

چا جي ڏنگا ڏير؟ منهنجو ڏينهن ڏنگو مَ ٽئي!
اُٺن ۽ اونيڙن جي، چا وهيڙو ويرَ؟
هي ڪميڻي ڪيرَ؟ جا اَمُر کي آڏي ڦري.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 317)

4.3.3 سسئي جا ست ويري: هڪ هنڌ وري مڙني مشڪلاتن کي ميارون مهڻا ڏئي مٿن حرف پئي آڻي ته انهن مون سان ويرِ پاڙيو.

اُٺ ويري، اونار ويرِي، ويرِي ٽئڙم ڏيرَ،
چوٽون ويري واءُ ٽيو، جنهن لٽيا پنهونءَ پيرَ،
پنجون ويري سِڃُ ٽيو، جنهن اُلهي ڪئي اويرَ،
ڇهون ويري چَپرُ ٽيو، جنهن سنوان ڪيا نه سيرَ،
ستون ويري چند ٽئو، ڪڙئو نه وڏي ويرَ،
واهيري جي ويرَ، چُلون ڪريان چيرين!
(آڏواڻي، 2013ع: ص 139)

4.3.4 جتا شال جيئو: پوءِ به سسئي جي سوچ هاڪاري ئي آهي. اها ڪنهن جي به

مدائي نه ٿي چاهي، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکي ٿو ته:

”باوجود ڏکن ڏاکڻن جي، سسئي سولين وايون واري ٿي ته، ’جتا شال جيو، جيو ٿا جاڙون ڪريون‘، ’چا جي ڏنگا ڏير منهنجو ڏينہ ڏنگومَ ٿئي‘، توڏن جو تڙ پيڙ ۾ ترپون ترڪن تان مَ‘، ’گُسڙ ٿئي مَ گس، پٽي پوءِ مَ پرينءَ تي‘. وڏ ۾ وڏ ايترو ڏوراپو ته ’پنهون پاڪ پُرس، هوت نه ڪجن هيڏيون!‘ پر سندس پڪو پهه ته ڇنڊ تان نه پئو، هي سگ نه ڇنڊ جهڙو“ البت ٻين کي صلاح ته: ڏاگهن ڏيرن ساڻ، ڪرهن ڪيچين ساڻ متان ڪا ٻي لنئون لائي.“ (بلوچ، 1997ع: ص 12)

4.3.5 اڄ به وسائي اونٽئين:

اڄُ به وَسائي، اونٽئين، مٿي مارَگ ماڪ،
پُنهون نيائون پاڻ سين، تازيُون پَڄي طاق،
هَيهَاتَ هَيهَات لِمَاثُو عَدُونَ، سُڄي ٿي اوطاق،
چُڪيءَ چوري چاڪ، هاڙهي هوت هلي ويا.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 140)

اوٽي پنهنجو قافلو ماڪ وسائيندا ڪاهيندا ويا. هو ڏايائي ڪري پنهون کي ساڻ وٽي ويا. ڪيڏو نه پري هليا ويا. منهنجا زخم تازا ڪري هاڙهو لنگهي ويا، هت شاهه لطيف ڪيچين جي قافلي جي وڇڻ جي اهڙي ته اعليٰ ۽ عمدي نموني منظرنگاري ڪئي آهي جو بيت پڙهڻ سان سڄو منظر اکين اڳيان هلڻ لڳي ٿو ته ڪئين اوٽي ڪاهيندا پيا وڃن.

لَڏيندي لباسُ، جَتَن جيڏو ئي ڪيو،
اچي آريءَ جامَ جو، وَڻ وَڻ منجهان واسُ،
مِرون ڪينم ماسُ، هَڏ هلندا هوت ڏي.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 139)

4.3.6 سسئي جو عزم: جتن حرفت ڪئي ۽ پاڻ کي ڏکي روانا ٿيا. پر سسئي جيڪا سچي عاشق آهي تنهن کي ته آريءَ جام جي سُرهاڻ هر وڻ ٽڻ مان پئي اچي. ۽ سسئي جو عزم اهڙو ته اٽوٽ آهي جو چوي ٿي ته توڻي جو منهنجو ماس جهنگ جا جانور کائي ڇڏيندا پر پوءِ به منهنجا هڏ پنهونءَ جي راهه جا راهي هوندا.

سسئي کي پنهنجي پرين مٿان ڪو شڪ ۽ گمان نه آهي. هو چوي ٿي ته وَرَ ۾ ڪو وَرُ ڪونهي. ٻئي پاسي ٽڪر کي ٿي للڪاري ٿي ته سِڪ ۽ سوز وارن عاشقن آڏو ايندين ته ذرا ذرا ٿي ويندين.

وَرَ ۾ ڪونهي ورُ، ڏيرن وَرُ وڏو ڪيو،
نهاريندس نِڪري، بوتن ڪارڻ بَرُ،
آڏو ٽڪر ڏَرُ، متان روهه رَتيون ٽئين!
(آڏواڻي، 2013ع: ص 144)

عزم، دليري پنهنجي مقصد سان سچائي ۽ پنهنجي چونڊيل واٽ تي اهڙي اٽل ارادي ۽ ڳاڻ اوچو ڪري هلڻ جو درس شاهه لطيف پنهنجي هن سورمي جي ڪردار وسيلي اسان کي اعليٰ ۽ عاليشان نموني ڇڻي سڏايو آهي.

ڊاڪٽر عبدالجبار جوٽيجو لکي ٿو ته:

”سسئي جا معمولي سورمي نه آهي، هو عزم ۽ عمل جي زنده جاويد تصوير آهي. جي هن جي عزم کي ڏسجي ٿو ته ائين مڃڻو ٿو پوي ته جي وجود ئي نه هئس ته به شاهه صاحب هي عزم ۽ عمل جي تصوير تخليق ڪئي آهي.“ (جوٽيجو، 2005ع: ص 91)

شاعر داستانن جي ڪردارن کي تخليق ڪندڙ آهن، اهي شين کي لقائن کي جنهن نظر سان ڏسن ٿا، اها انوکي ۽ جُدا آهي، اها گهري ۽ وسيع آهي. ٻئي پاسي آهي، پنهنجو پيغام پهچائڻ لاءِ ڪردارن، قصن ۽ منظرن ۾ اهڙا ته رنگ پرين ٿا، اهڙا ته چٽ چٽين ٿا، جو اها

تصوير نئين ۾ نرالي ٿيو پوي.

جڏهن ته ڊاڪٽر عبدالجبار جوٽيجو صاحب موجب سسئي جي وجود ۾ ئي نه هجڻ بابت اشاري کي هڪ راءِ يا هڪ ابهام سمجهي سگهجي ٿو ته کي نيم تاريخي داستان فقط انساني ذهن جا تخليقي ۽ علامتي ڪردار آهن. جيئن سورٺ راءِ ڏياچ جي قصي بابت به چيو ويندو آهي ته اها هڪ حقيقي نه پر افسانوي ڪٿا آهي، جنهن ۾ چارڻ چنگ وڄائي دان ۾ سِر گهري ٿو ۽ سخي سردار به بنا ڪنهن ردّ ڪَد جي پنهنجي هٿن سان سِر ڪوري دان ڏئي سرهو ٿو ٿئي. جڏهن ته سسئي يا سورٺ راءِ ڏياچ بابت اهڙي راءِ تڏهن قائم ٿي سگهي ٿي جڏهن ان کي تحقيق ۽ کوجنا جي تارازيءَ ۾ توريو وڃي.

4.3.3 جيئن سو هرڻ هُماءُ: مطلب ته سسئي جو ڪردار ايترو ته سگهارو ۽ جاندار آهي جو ان بابت اهڙا گمان پيدا ٿين ٿا ته چا اهڙو ڪردار سچ پچ به ٿي سگهيو ٿي؟

جيئن سو هرڻ هُماءُ سَرگردان سنسار ۾،
هيُ پِگُ نه کوڙي پَٽئين، هو ڏڙ سر ڏري نه ساهُ،
جيڪُسِ تن مُلاءُ، سسئي سور پرائيا.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 148)

سسئي جنهن جا سُور زمين توڙي آسمان جي ساهوارن جي سرگرداني کان سوايا آهن. سسئي جنهن اهڙا اڙانگا جبل جهاڳيا جنهن مڙسن کي به مجائي ڇڏيو. پر حقيقت اها آهي ته سسئي کي اهي سندس مقصد ۽ منزل ماڻڻ جي نينهن ۽ اٽل ارادي جي ڪري معمولي ۽ هيڻاهين ماڻرين جيان لڳا.

4.3.8 سسئي، مرد جنهن مات ڪيا:

سسئيءَ لنگهيو سو، مرد جنهن مات ڪيا،
جبلُ وڏو جو، نوڻ مِڙوئي نينهن جو.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 148)

”سسئي جي سورن سهڻ جي سگهه حب ۽ هاڙهي جي هولناڪين ۾ همت، حوصلو قائم رکڻ جي صلاحيت ۽ ڏاگهن، ڏيرن ڏونگرن جي ڏنل ڏکن کي وڏي بهادريءَ سان برداشت ڪرڻ جي قوت ۽ پنهونءَ لاءِ پيرين پنڌ ڏکيا ڏونگر ڏورڻ جو عزم مرد ۾ اٽلپ آهي.“

(فهميده حسين، 1993ع: ص 318)

بيشڪ دنيا جي تاريخ ۾ عورتن پنهنجي ڪردار ۽ عمل وسيلي اها ڳالهه ثابت ڪئي آهي، ميدان محبت جو هجي يا جنگ و جدل جو يا آزمائشون، ڪشالا، ڏڪ ڏاکڙا ۽ سختيون هجن عورتن پنهنجو پاڻ ملهايو آهي، وفاداري ۽ توڙ تائين پنهنجي وچن تي قائم رهڻ ۽ پختو عزم عورت لفظ جي ٻي معنيٰ آهي.

سسئي به اهڙي عزم سان پرأميد ۽ پُريقين آهي ته پنهون جو ساٿ ساڻس سدائين قائم رهندو.

ماڻڪ مِٺ سندوم اونداهيءَ ۾ سوجهرو،
حشر ويل حساب ۾، ڇڏي نه ويندوم،
ساريو سڏ ڪندوم، ڪوهيارو ڪيچ ڏڻي.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 151)

ڊاڪٽر نورافروز خواجه ان بابت لکي ٿي ته:

”هوءَ انهي جدائيءَ کي پنهنجي اندر ۾ ڪئين ٿي سهي سگهي؟ انهيءَ ڪري هوءَ اهو پڪو عزم ۽ ارادو ٿي ڪري، ته ائون ڏينهن رات ڏونگر ڏوري، ڪيچين ڏانهن ڪاهيندیس، انهن ڪانسواءِ پنهور ۾ ڪيئن ماڻ ڪري، ويهي رهندس ۽ پنهون کانسواءِ ڪيئن جيئري رهي سگهندس؟ چاڪاڻ ته پنهون مون سان قيامت جي ڏينهن به گڏ هوندو، هو مون کي اڪيلو ڪونه ڇڏيندو.“ (نورافروز، 2007ع: ص 137)

4.3.9 ٽيس حمايت هوت جي: شاهه لطيف سسئي جي ڪردار جي اپڻار ڪندي چوي

ٿو ته سسئي هونئن ته ذات ۽ نسب ۾ گهٽ هئي پر هوت پنهل جي حمايت ۽ مهرباني‌ءَ سان سندس مان مٹانهون ٿي ويو. پاڻ ته پريڻاٽي، ٿيس حمايت هوت جي.“

جڏهن ته نوري‌ءَ جي بيان ۾ شاهه لطيف چوي ٿو ته، جام تماچي نوري‌ءَ جي مهرباني ۽ نوازش سان اعليٰ ۽ اُتم بڻيو.

”نوري‌ءَ جي نوازئو، ٿئو تماچي تي.“

هتي نوري جي ڪرشماتي ڪردار ۽ سسئي جي اعليٰ مقصد جي اهميت نروار ڪيل ڏسجي ٿي.

اِهي ئي عشق، محبت، وفا، سچائي ۽ توڙ تائين نياءُ ڪرڻ ۽ ڪنهن به رڪاوٽ کي خاطر ۾ نه آڻڻ واريون اُملهه ۽ اڻلپ خوبيون آهن، جن سسئي جي ڪردار کي اوچو ۽ اَمر ڪري ڇڏيو آهي.

4.4 سُر ڪوهياري:

ڊاڪٽر غلام نبي سڌايو پنهنجي مقالي ’سُر ڪوهياري ۽ سنڌي سماج جا رويا‘ ۾ لکي ٿو ته،

”لطيف سائين کي لفظ ’ڪوه‘ پهاڙ، جبل ۽ ڏونگر ڏورڻ، پهاڙ جو پنڌ، آڏا اڙانگا رستا اختيار ڪرڻ وارو عمل ڏاڍو وڻيو ۽ هن تاريخ جي انهيءَ ڪردار کي جبلن ۾ جهاڳيندو ڏسي ڪوهيار معنيٰ پهاڙن جو پنڌ ڪندڙ جي نالي سان منسوب ڪيو.“ (سڌايو، 2007ع: ص 60)

’سِوا‘ جي وني ’پاروتي‘ به اصل ۾ ’پربتي‘ آهي. لاهوت لامڪان وارو نانيءَ جو ماڳ، هن جي اصل جاءِ هئي ۽ سِوا انهيءَ جابلو ماڳ جو پيو وڏو ڪردار آهي.

ڪوهه معنيٰ جبل يا ڏڪر، هتي سسئي جي حوالي سان جبل جي اڙانگي پنڌ ۽ سسئي جي عزم جو احوال اُندل آهي، انڪري هن سُر تي اهو نالو رکيل پائنجي ٿو. سسئي ڪوهن جا آڏا، اڙانگا ۽ پرانهان پنڌ ڪندڙ پانڌياڻي (ڪوهياري) آهي. گربخشاڻي صاحب لکي ٿو ته:

”ڪوهياري لفظ جي معنيٰ مان معلوم ٿئي ٿو ته هي سُر اصل جابلو قومن جو رچيل آهي، سنڌ ۽ پنجاب ۾ گهڻو ڳائڻ ۾ ايندو آهي.“

(گربخشاڻي، 1992ع: ص 580)

4.4.1 سُٹيِنءَ سنجهي ئي: هن سُر ۾ سسئي جي غفلت واري ننڊ ۽ ان جي اُگري نتيجي ۾ پنهونءَ جي مليل جدائي کان پوءِ وارو پڇتاءُ ۽ پشيماني به انساني ڪردار جي تعمير جي حوالي سان هڪ عاليشان ۽ اهميت وارو مثال شاهه لطيف موجود ڪري ڏنو آهي، ڇو ته اهي انساني فطري ڪمزوريون ۽ اونايون به ضرور مقصد ۽ منزل جي راهه ۾ رڪاوٽ آهن، جن کان واقف ڪرڻ ۽ ان جا هاڃيڪار ۽ ڏور رس نتيجا بيان ڪرڻ بنهه ضروري آهي.

ڏک، سک جي پچار به هن سُر جو خاصو آهي، سسئي ڏونگرن سان ۽ پڻ پنهنجو پاڻ سان سُور سليندي، احوال اورينديِ، ڏکر ٽاڪيندي ۽ ڏونگر ڏورينديِ پنهور ڏانهن ڪاهيندي پئي وڃي.

شاهه لطيف هن سُر ۾ پهرين غفلت واري ننڊ جي نندا ڪري ٿو ۽ هدايت ڪري ٿو ته مقصد واري ماڻهو، طالب ۽ ڪاهوڙي انسان کي هر پل پهري ۽ سجاڳ رهڻ جڳائي، جيئن سچل سرمست چيو ته:

جو دم غافل، سو دم ڪافر.

اها ننڊ جيڪا دنيا جي غرقوري واري هجي، غفلت ڪاهلي ڪائنڙ پڻي واري ننڊ، اڻڄاڻائي اوري ننڊ هجن ته شاهه صاحب ان کي نياڳ جي ننڊ چيو آهي ۽ سماجي زندگي ۾ ان کي جهالت واري ننڊ چئي سگهجي ٿو. جنهن انسان ۾ شعور ناهي ساڃاهه ناهي علم آهي پر حلم ناهي پڙهيو آهي، پر پروڙيو ناهي، سماجي ۽ ثقافتي ۽ روحاني سجاڳي ناهي، ته پوءِ اهو انسان نه رڳو پنهنجو پر پنهنجي قوم ۽ پنهنجي ڌرتي جو به دشمن آهي.“ (ابراهيم، 2007ع: ص 172)

اهڑي ريت شاهه لطيف سُر جي شروعات ۾ سجاڳيءَ ۽ جُهد مسلسل جو سڏ ڏئي ٿو ۽ ان ۾ ڪنهن ساهيءَ، غفلت ۽ سُستي جو روادار نه آهي.

شاهه لطيف جي سسئي کي ميار ته:

سسئي! سڄي رات سمهي گذاريئي! ذرو به جاڳي پنهنجي پنهون (مقصد) جي سار نه ڪيئي؟ هاڻي صبح جو (وقت وڃڻ کان پوءِ) انهن اوٽين جي باري ۾ ڪهڙي پچا ڪري؟ تون هاڻي به انهن (ان عظيم مقصد ۽ منزل واري واٽ تي وڃڻ وارن سان) وڃي گڏج ته جيئن ڪا پلائي ٿيئي ۽ پنهنجي منزل ماڻين.

ليل نه جاڳينءِ لِک سيئن، نَومَ ستينءَ سپ رات،
اوڳي اوٽيئڙن جا، ٿي پہ پچين پرپات،
ٿي سگهر تن جي ساڻ، ته پوري ڪنهن پال مڙين
(آڏواڻي، 2013ع: ص 156)

4.4.2 سسئي جو پڇتاءُ: سسئي پنهنجي غفلت واري خطا تي پشيمان ٿي پڇتائي ٿي. شاهه لطيف سسئي جي ڪردار ۾ هڪ وڏيڪ اعليٰ انساني گڻ جو جڙاءُ ڪيو آهي جنهن مطابق انسان پنهنجي غلطي ۽ ڪوتاهي کي صاف لفظن ۾ قبول ڪري ٿو، بيشڪ اهڙا انمول انسان ئي پنهنجو پاڻ کي سُڌارو آڻي پاڻ کي ان قابل بڻائين ٿا جو پنهنجي محبوب منزل تائين پهچي سگهن.

آلوڙيو اکين، آيم ننڊ اپاڳ کي،
هاڻي هن پنپور ۾، گهاريان ڪارڻ ڪِن؟
اديون! اوٽيئڙن، هينئن سان هاجو ڪيو.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 156)

4.4.3 اي ڪم ڪميڻين: شاهه لطيف هن سُر ۾ انهن انسانن تي ملامت ڪئي آهي جيڪي ارادا ۽ مقصد ته وڏا، عاليشان ۽ عظيم رکن ٿا پر عملي طور ان لاءِ پورهيو ڪرڻ، ڪشالا ڪرڻ، سک، ننڊ ۽ آرام ڇڏائڻ ۽ هر پل ان مقصد ۽ منزل لاءِ پهري ۽ سجاڳ رهڻ کان قاصر آهن. شاهه لطيف انهن جي نندا ڪندي فرمائي ٿو ته جيڪي آرام پسند آهن ۽ پنهنجي عظيم مقصد ۽ منزل خاطر ڏکي ۽ اڻانگي جدوجهد ۽ ڪوشش نٿا ڪن انهن کي اهڙي ٽلهي دعويٰ ۽ بڻاڪ هڻڻ به نه جڳائي ته هو، اِن راهه جا راهي ۽ منزل جا متلاشي آهن.

ڊاڪٽر بشير احمد شاد لکي ٿو ته:

”پير ڊگها ڪري بي اوني ٿي سمهي پوڻ واري عمل کي لطيف سائين ڪمينين جو ڪم سڏيو آهي، سسئي به ته بي فڪر ٿي سُمهي پئي هئي. پڻائي صاحب ساڻس مخاطب ٿي فرمائي ٿو ته اهو ڪمينين وارو ڪم تو ڪيئن ڪيو! پير ڊگها ڪري سويل ئي سمهي پئينءَ. تو هوتن ڪارڻ جاڳي رات اکين تي چو نه ڪاتي. اهڙين اڻاسين کي ننڊ واري غفلت جي نتيجي ۾ طعنا ۽ ملامتون ئي نصيب ٿيندیون آهن، هاڻي جيڪي ننڊ جي ڪڙولن ۾ ڪڙجي ويندیون، سي پلا پنهونءَ کي ڪيئن پسي سگهنديون.“
(شاد، 2007ع: ص 40)

اي ڪم ڪميڻين، جئن سمهن پير ڊگها ڪري،
لوچين چو نه، لطيف چئي، هاري! لئه هوتن؟
ننڊان نپاڳين کي اوپالا اچن.
سي پنهون ڪوه پُچن؟ جي سنجهي رهن سمهي.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 157)

4.4.4 مقصد ماڻڻ جو پڪو ويساهه: ڊاڪٽر جڳديش لچاڻي شاهه لطيف جي ڪلام ۾ سسئي جي ڪردار جي اپڻار ڪندي ’پنهونءَ‘ جي هن ريت تشريح ڪري ٿو:

”’پنهون‘ معنيٰ ’مقصد‘ اُن لاءِ سِر پَر هلي به حاصل ڪرڻو آهي، سسئي پاڻ سان پرن ڪيو آهي ته ورندي ته پنهون کي پائي، ورنه جستجو ڪندي

مري ويندي.'' (لچاٹي، 2015ع: ص 142)

هتي ٻه ڳالهيون چٽيون بيان ڪيل آهن، هڪ ته شاهه لطيف 'پنهون' جي علامت اعليٰ مقصد ۽ منزل لاءِ ڪتب آندي آهي ۽ ٻي حقيقت اها آهي ته سسئي جو ان مقصد ۽ منزل حاصل ڪرڻ لاءِ اٽل ارادو ۽ عزم جيڪو مرڻ سان به ماڻو نڻو ٿئي ۽ ان راهه ۾ هلندڙ 'مارگ ۾ مرڻ' کي وڏي خوشبختي سمجهن ٿا. اڄتي هلي جڳديش لچاٹي صاحب بامقصد حياتي کي ئي صحيح معنيٰ ۾ زندگيءَ جو درجو ڏئي ٿو:

''سسئي نڪري پئي پنهونءَ جي تلاش ۾، اها تلاش، سندس زندگيءَ جو مقصد ئي نه پر خود زندگي ٿي پيئي. جڏهن زندگيءَ کي ڪو مقصد ملي ٿو، ته اهوئي زندگيءَ کي معنيٰ بخشي ٿو. اِهو انساني فطرت جو هڪ اهم پهلو آهي، حيات جو هر پل، پاڻ ۾ هڪ نئين معنيٰ ۽ نئين روشنيءَ جو باعث ٿي پوي ٿو. اهڙي بامقصد احساس واري زندگيءَ ۾، جڏهن هڪ پڪي ويساهه سان اڳتي وڌجي ٿو ته مشڪلاتون به ڇڄ بڻجي ٿيون وڃن.'' (لچاٹي، 2015ع: ص 142)

مطلب ته انسان لاءِ اُتم مقام اهو آهي ته هن کي زندگيءَ ۾ اعليٰ مقصد ۽ منزل جي جستجو هجي ۽ ان تحرڪ ۽ تلاش کي سڀ ۽ ان سپني کي ساڀيان ڪرڻ وارو جذبو آهي. پڪو ويساهه، عزم ۽ ارادو.

سسئي جي واٽ اڙانگي، پٿڻ ۽ پهاڙن واري آهي، جيڪي هُن کي ڏاڍو ڏکيو وقت ٿا ڏين. سسئي ڪڏهن پنهنجو پاڻ سان ڪڏهن انهن پٿڻ ۽ پهاڙن سان پنهنجا سور سليندي، کين به ڏوراپا ڏئي ٿي، جيڪا انساني فطرت جي هڪ خاصيت آهي.

ڏونگر! ڏوراپو، پَهريون چونديس پرينءَ کي،
پهڻ پير پٿون ڪيا، تريون چنيون تو،
رَحم نه پئيءِ روح ۾، قدُر منهنجو ڪو،
واڪو ڪنديس: وو! مون سين جبل ٿو جاڙون ڪري''
(آڏواڻي، 2013ع: ص 158)

4.4.5 ڏک ۽ سُور، ساڻي ۽ سونهان: جبل جون سختيون سسئي کي اڳا به اڏول ۽ اٽل بڻائي رهيون آهن، هوءَ جبل کي ميارون ڏيڻ سان گڏوگڏ کيس للڪاري به ٿي ته تنهنجي ارڏائي، سختي ۽ گرمي منهنجي آهني، ارادن اڳيان ڪجهه به نه آهن:

تپي ڪندين ڪوه؟ ڏونگر! ڏکوين کي،
تون جي پهڻ پب جا، ته لِڳ منهنجا لوهُ،
ڪنهن جو ڪونهي ڏوهه، اَمرُ مون سين ائين ڪيو.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 159)

بَڙي! ته ٻيلي گهڻا، ساڻي پچي سُڪ،
رفاقت رُجُن ۾، ڏونگر ڪاري ڏُکُ،
آريءَ جو اَهُکُ، مون رهنما راهَ ٿيو.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 159)

هتي شاهه لطيف سسئي جي حوالي سان هڪ تمام زبردست، يگاني ۽ عالمي ليول جي علمي ۽ دانشوراڻي سمجهه ۽ شعور واري ڳالهه بيان ڪئي آهي، ته ڏک به رهنما ۽ رهبر، ساڻي ۽ سهارو ٿي ڏکن جي آوِيءَ ۾ پچڻ همت ۽ حوصلو، قوت ۽ طاقت ڏئي اڏول ۽ اٽوٽ بنائين ٿا.

ٻئي پاسي ڏک نه صرف انسان کي سگهارو باهمت ۽ پُرعزم بنائي، مصيبتن ۽ ڏکاين سان مقابلا ڪري منزل تائين رسائي ٿو، بلڪ اهو انسان کي پاڻ جهڙن ٻين ڏکويلن، ستايلن ۽ ڏتڙيلن واري دنيا جي اڪثريتي برادري ۽ ڪٽنب جو فرد پڻ بنائي ٿو ۽ اها برادري آهي ڏکن ڏڌل خلق جي برادري!

رسول بخش پليجو لکي ٿو ته:

''انسانيت جي زبردست اڪثريت جو ساڻ، ڏکن جو ساڻ آهي، جيڪو

ماڻهو انسان دوست واڻ وڻندو سو جڏ هڻ وڻي پنهنجي پتيءَ جي عام ڏکن کان به وڌيڪ نوان ڏک سودي ٿو. اهو دنيا جو وڏي ۾ وڏو سودي جو ڪاروبار آهي. گوتم، عيسيٰ ۽ انهيءَ کان به گهڻو اڳ کان وڻي اڄ تائين ڪيترائي ماڻهو اهوئي ڪاروبار ڪندا، جڳ جرڪائيندا ۽ جُڳ جُڳ جيئندا رهيا آهن.'' (پليجو، 2012ع: ص 467)

شاهه لطيف جي سسئي کي عام رواجي ڪردار نه آهي، هي ته اُها انوکي، يگاني ۽ سداحيات سورمي آهي، جنهن جبلن جون جاڙون سَٽيون، ماڻهن ٽوٽي مِرُن سان مقابل ٿي، رُڄ ۽ سُڄ سان سينو ساهيو، پر مرڻ پچاڻان به پنهنجي منزل جو ٿي پڇي.

تپي ڪندين ڪوهه؟ ڏونگر! ڏکوين ڪي،
تون جي پهڻ پٻ جا، ته لِڳ منهنجا لوهه،
ڪنهن جو ڪونهي ڏوهه، اَمر مون سان ائين ڪيو.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 159)

4.4.6 لِکيو ۽ نينهن: ڏونگر کي سسئي مخاطب ٿيندي چوي ٿي ته اي ڏونگر! تون ته پاڻ مون سان همدردي ڪر ۽ مون سان روئي منهنجو ڏک درد وٺ جو منهنجو هڪ ئي سڄڻ هو سو به جدائي ڏئي ويو.

ڏونگر! مُون سين رو، ڪيي پار پُنهونءَ جا،
سڄڻ هوم هيڪڙو، ويو ڇوڙائي سو،
ڪنهن کي ڏيان ڏوهه؟ مون سين ارادي ائين ڪيو.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 159)

هتي محققن ارادي جي معنيٰ قسمت، امر ۽ تقدير طور ڪئي آهي، جڏهن ته ارادو شخصي ۽ ذاتي به ٿي سگهي ٿو. سُر سهڻي ۾ شاهه لطيف اهڙو اشارو ڏئي ٿو ته:

آئون ڪِ نه ڄاڻان ائين؟ ته جَر گهڙي جوکو ٿئي،
قضا جا ڪريم جي، تنهن کان ڪنڌ ڪيو ڪيئن؟
هڪ لکئي، ٻئي نينهن، آڻي اوليس، اول ۾.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 94)

هتي قسمت جي لکئي سان گڏ نينهن، ارادي ۽ پنهنجي جستجو جو جذبو به ڪارفرما آهي. اهڙي ريت سسئي لاءِ به بلڪل چئي سگهجي ٿو ته هن پاڻ اهڙي اڙانگي آدرش جي چونڊ ڪئي نه ته همت هاري مايوس ٿي، حالات جي ناسازي ۽ واهرو، وسيلن جي اٿهوند جهڙا بهانا ڪري رلي اوڀي گهر ۾ سمهي رهڻ وارن جي به ڪمي ته ڪونهي. پر شاهه لطيف هتي سسئيءَ جي روپ ۾ هڪ مثالي ڪردار تعمير ۽ تشڪيل ڪري ڏنو آهي. جيڪو علامت آهي مسلسل جدوجهد، تحرڪ ۽ پُرعزم عملي سرگرمي جي.

ڊاڪٽر بشير احمد شاد لکي ٿو ته:

''جيئن جمود موت جي مثال آهي ۽ تحرڪ زندگيءَ جي معنيٰ رکي ٿو. تيئن ننڊ موت جو دليل ۽ سجاڳي زندگيءَ جي تعبير آهي. هي دنيا سعي ۽ عمل جي جاءِ آهي. هتي جيڪو لوچيندو، سوئي لهندو. ٻين لفظن ۾ لوچڻ، سوچڻ، ڳولهڻ ۽ حاصل ڪرڻ جو نالو ئي 'زندگي' آهي.'' (شاد، 2007ع: ص 41)

4.4.7 مِٽي مصيبت: سسئي کي به پنهون جي جستجو ۽ ڳولا ۾ مليل مصيبتون ۽ مشڪلاتون عزيز آهن، هر پُرعزم ۽ پُراعتماد ماڻهو کي پنهنجي مقصد ۽ منزل جي راهه ۾ ايندڙ وڌيون رڪاوٽون تڪليفون به تچ ۽ معمولي لڳن ٿيون. پر هتي شاهه لطيف سسئي جي ڪردار سازي ڪندي ان جذبي کي تهائين مٿپري ۽ اعليٰ پد تي فائز ڪيو آهي، جو سسئي جي واتان چوائي ٿو ته ڪيس پنهون جي راهه ۾ مليل مشڪلاتون به مٺيون آهن.

پَرتَوو پُنهونءَ جو، رُڳيائي راحتَ،

پانئيان ڏينهن پوارئون، ساجن لاءِ صحت،
مِٹي مصيبت، آهي آريءَ جامَ جي.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 163)

4.4.8 ٻانهي ٻاروچن جي: ٻئي طرف شاهه لطيف سسئي جي ڪردار ۾ نوريءَ وانگر نهٺائيءَ ۽ عاجزيءَ جو عنصر به انتهائي اثرائتي طور آندو آهي:

جيهي جي تيهي، ته به ٻانهي ٻاروچن جي،
حجت هوت پنهونءَ سين، مون ڪميڻي ڪيهي؟
اَصل آريءَ جام جي پلٺه آئون پيئي،
هوءَ جا پائين پير ۾، تنهن جتي نه جيهي،
وساري ويهي، تن ڪيچين کي ڪيئن رهان؟
(آڏواڻي، 2013ع: ص 161)

4.4.9 عام خلق جي حال جي حقيقت: ان حقيقت کان ڪير به انڪار نٿو ڪري سگهي ته شاهه لطيف پنهنجي شاعريءَ ۾ سسئي جي سورن جي بيان ۾ پنهنجي وطن ۽ وطني ماڻهن جا ڏک، سور، محرومين ۽ مشڪلاتون به اوتيون آهن ۽ پرپور انداز ۾ انهن جي ترجماني ڪئي، سسئي جي بيان ۾ به اهڙا ڪيترا بيت نظر اچن ٿا، جيڪي شاهه لطيف جي دؤر توڙي اڄوڪي حالتن ۾ شاهه لطيف جي وطن جي پنڌتي پيل، ڏٺڙيل، بکايل، مظلوم ۽ محڪوم عوام جي اهنجن جو اظهار آهن، سُر ڪوهياريءَ ۾ سسئي جي سورن جي اپڻار ڪندي چوي ٿو ته:

حقيقت هن حال جي، جي ظاهري ڪريان ذري،
لَڳي ماڻ مِروئن کي، ڏونگر پون ڏري،
وڃن وڻ ٻري، اَوپر اُپري ڪين ڪي.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 164)

هن بيت جي معنيٰ ۽ مطلب بابت زاهده شيخ لکي ٿي ته:

”سُر ڪوهياري جو هيءُ بيت منهنجي سنڌ جي سنڌين، مليز جي مارئن، ٿر جي جهانگيئڙن جي دل جي دانهن ۽ پڪار آهي، هي هر سنڌي جي اندر جا اُڏما آهن، اکين جا نير آهن.“ (زاهده، 2007ع: ص 13)

بجا طور تي هي ۽ اهڙا ڪيترائي ٻيا دل کي ڇُهندڙ بيت، شاهه لطيف جي وطني ماڻهن جي حالتن ۽ حياتي جو ڇڻو ڇٽ ڇڻين ٿا، ۽ انهن جي اهنجن جو اظهار آهن.

4.4.10 روئي نه ڇاڻان: سُر ڪوهياريءَ ۾ سسئي جي ڪردار نگاري جو هڪ هيءَ به نرالو ۽ نايابَ پهلو شاهه لطيف ڇڻيو آهي ته:

ڪنهن پر رُئان پرينءَ کي؟ روئي نه ڇاڻان،
مٹي ڪيو پٽان، هَنجن هاڻا هٿڑا.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 165)

سسئي پرينءَ لاءِ روئڻ چاهي ته هن کي اهو ڏاڻءُ به ته ناهي، هوءَ ايتري ته سادي ۽ اٻوجهه آهي جو هن کي اهڙا ڏيکاءُ جا ڏس به نه ٿا سُجهن.

ڪنهن پَر رُئان پرينءَ کي؟ روئڻ مون رياءُ،
برن منجهه بُکاءُ، پي پَت ٻڌم جيڏيون!
(آڏواڻي، 2013ع: ص 165)

”سسئي کي روئڻ جو فن اچي ئي نه ٿو، چو ته هو روئڻ کي ’رياءُ‘ ٿي سمجهي. سچ ته کيس ڪل ئي ڪانهي ته ڪهڙي پر روئڻ ڪبو آهي، سندس درد جي پچاڻي ناهي، ته به هوءَ ائين ٿي چاڻي ته پنهونءَ لاءِ اجا به کيس پورو سوز ناهي، حقيقت ۾ بَر به ڪانئس وڌيڪ روڄ پيا ڪن.“
(آڏواڻي ڪلياڻ، 2013ع: ص 166)

مطلب ته قرباني ڏيڻ، سختيون سهڻ ۽ ڪشالا ڪيڻ باوجود روئڻ پڇڪڻ، دانهون ڪوڪون ڪرڻ، ۽ واويلا ڪري، ڏيکاءُ جا ڪوڙا ڳوڙها ڳاڙڻ وارو به عشق جي واٽ جو

سچو ۽ صحيح پانڌيئڙو ناهي، هتي مان ۾ پنهنجي مارگ تي هلندو رهڻ ۽ ماڳ ۽ منزل تي رسڻ جي سَڌ ۽ سِڪ کي تهائين تيز ڪندو رهڻ جي ريت آهي.

ڪوهياريءَ کي شاهه لطيف وک وک تي هر پل ۽ هر گهڙي صلاحون ڏيندو، تلقين ڪندو ۽ بعضي ڇنيندو به هلي ٿو، ان ڪري اهو چوڻ بجا ٿيندو ته اصل سسئي جي ڪردار جي حقيقت کان وڌيڪ ۽ مٿيرو مقام ان سسئي جي ڪردار جو آهي، جنهن کي شاهه لطيف مثالي نمونو (Ideal) بنائي تشڪيل ۽ تعمير ڪيو آهي.

4.4.11 سڌي واٽ وٺڻ: سسئي جي تمثيل ۾ شاهه لطيف چڑوچڑ ٿي هلڻ وارن کي تلقين ٿو ڪري ته سڌي ۽ هڪ واٽ وٺو. ويهه واٽون ڏسي گهٽا گمان آٽي ٽِڙي نه وڃو ۽ منزل ماڻڻ لاءِ مِڙي مُڻ ٿيو. هي گڏپ جو ۽ پائيچاري جو درس ۽ هدايت آهي.

ٻيون ڏيئي ٻن کي، هلج پاسي هيڪ،
وَرُ نه سهي ويڪ، ٿون ٿيڏي ٽنائيون ڪرين.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 165)

''هاڻوڪي دؤر ۾ پڙ سندن اهو سنيهو منديءَ ۾ ٽڪ مٽل پائنبو جيڪي گڏيل قومي مقصد بجاءِ پنهنجي ذاتي مفاد لاءِ پيا ڪاڻون ڪيندا آهن، يا سيئي گدرا مُڻ ۾ رکڻ جي ڪوشش کائن ماڻهپي جي واٽ وچارايو چڏي، تن لاءِ سندن هن بيت ۾ وڏي سمجهاڻي آهي.'' (مريم، 2007ع: ص 70)

اڃا تون اواٽ، وائان پاسي ويسري،
سونهين ٽي سُواٽ، ته منجهان دِل دَگُ لَهين.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 166)

اهڙي ريت هتي هيءَ ڪلام هڪ فرد نه پر سڄي قوم جي گڏيل ڪردار، سوچ ۽ رستي جي هڪ سونهين وانگر رهنمائي ۽ رهبري ڪري ٿو.

4.5 سُر حسيني

4.5.1 سُر حسيني جو پس منظر: ڊاڪٽر عبدالجبار جوٽيجو علم ادب سان گڏ، علم موسيقيءَ جو به ڄاڻو هو. هُو پنهنجي مقالي 'سُر حُسيني' (سنگيت جائزو) ۾ لکي ٿو ته،

''حسيني راڳڻيءَ جو ڪلاسيڪي موسيقيءَ سان واسطو آهي ۽ اُن جو موجد جونپور جو حاڪم سلطان حسين شرقي آهي. جنهن جو ذڪر موسيقيءَ جي اهم ڪتابن ۾ آيو آهي.'' (جوٽيجو، 2005ع: ص 12)

هو جونپور جي راجا سلطان حسين شرقي بابت وڌيڪ لکي ٿو ته:

''هن ڪيترن ئي راڳن کي پاڻ ۾ ملائي راڳن جون نيون شڪليون ترتيب ڏنيون. انهي ۾ حسيني توڙي حسيني ڪانهڙ ۽ سنڌورا مشهور آهن.''
(جوٽيجو، 2005ع: ص 12)

هن سُر ۾ سسئي جي سورن ۽ سوز وارين صدائن جو سفر ۽ ان سان گڏوگڏ سسئي جي دلي ۽ جذباتي ڪيفيتن جي اپڻار ۽ شاهه لطيف جون سسئي کي هڪ هادي ۽ رهبر جيان هدايتون، حوصلا ۽ همتون ڏيارڻ ۽ جُهدِ مسلسل لاءِ اُڀارڻ ۽ اُڀارڻ ۽ انهيءَ ڪردار جي معرفت انهن مڙني ماڻهن کي جيڪي زندگيءَ کي هڪ اعليٰ مقصد خاطر اڻپين ٿا، اها صلاح ته ان راهه ۾ ڏک ۽ تڪليفون ئي منزل تي رسائڻ ۾ معاون ۽ مددگار آهن.

4.5.2 سُر حسيني ۽ ڪربلا جو قضيو: ڊاڪٽر گربخشاڻي ان بابت هڪ ٻي راءِ ڏيندي لکي ٿو ته:

''هي هڪ مشهور عربي ۽ فارسي سُر جو نالو آهي، اصل ۾ امام حسين ۽ ٻين ڪربلا جي شهيدن جا مرثيا هن سُر ۾ ڳايا ويندا هئا. جنهن ڪري مٽس اهو نالو پيو. پنهونءَ جي وڇوڙي ۾ سسئيءَ جي دردناڪ دانهن ۽ سياپن جو بيان، هن سُر ۾ نهايت گهائيندڙ لفظن ۾ ڏنو ويو آهي.''

(گربخشاڻي، 1992ع: ص 586)

تحفة الڪرام جو مصنف مير علي شير قانع لکي ٿو ته:

”حال ۽ قال جا صاحب هيءَ احوال انهيءَ عاشق ۽ معشوق جي واتان، جن مان هرهڪ درحقيقت عاشق به هو ته معشوق به، سنڌي بيتن ۾ ’حسيني‘ سُر ۾ ڳائيندا آهن.“ (قانع، 1989ع: ص 66)

حسيني جي هاڪ مادر! ماري آهيان.
ڏينهان ڏورڻ ڏک سين، راتيان چکن چاڪ،
ڏجان پر فراق، متان پوئم پرين سين.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 175)

البته ڪي محقق هن سُر جي عربي فارسي راڳڻي هجڻ تي اختلاف ظاهر ڪن ٿا. ڊاڪٽر عبدالجبار جوٽيجو لکي ٿو ٿو ته:

”هن راڳڻيءَ جو ڪلاسيڪي موسيقيءَ سان واسطو آهي.“

(جوٽيجو، 2005ع: ص 12)

هتي اِها ڳالهه ڌيان ۾ آڻڻ گهرجي ته سُر حسيني آڳاڻي سمي کان ڳائجندو پيو اچي ۽ هيءُ پڻ رنج و غم، ڏکن، تڪليفن ۽ درد جو داستان آهي. ڪربلا جي قضيي سان هن سُر جي اها مناسبت موزون نظر اچي ٿي.

ٻئي طرف هن سُر ۾ سسئي جي تمثيل ۾ هڪ مظلوم ۽ بي ظلم ۽ بي واجبي ڪندڙ ڏُر ته بهرحال موجود آهي، هڪ اعليٰ فڪر جي حامل حساس شاعر کي دنيا جي هر درد جي ڪٿا ۾ پنهنجي ديس جي مظلومي، محرومي ۽ مفلسي، محتاجي ۽ ناانصافي نظر اچي ٿي.

4.5.3 سُر حسيني ۾ ديس جي درد جي ڪٿا: شيخ محمد اسمٰعيل لکي ٿو ته:

”شاهه صاحب سنڌ جي استحصالي دؤر ۾ جائو ۽ نپنو، ننڍپڻ کان ئي سنڌ جي ڏکوئيندڙ حالتن، عام ماڻهوءَ جي بيوسي، محتاجي، مفلسي، منافقت ۽ غدارن جي خوشحالي، وطن دوستن تي قيد بند جا عذاب ۽ سچائيءَ کي سوريءَ چڙهندي ڏٺائين.“ (شيخ اسمٰعيل، 2005ع: ص 153)

شاهه به سسئي جي ڪردار نگاري ڪندي سُر حسيني ۾ درد جا واهڙ وهائي ڇڏيا آهن. هُن پنهنجي اعليٰ فڪري سگهه ۽ هوليءَ جي اٿاهه قوت سان سسئي جي درد کي بيان ڪيو آهي ۽ ان درد کي به دوا بنائي اڳتي وڌندو رهڻ جو عزم عيان ڪيو آهي.

پروفيسر عنايت الله زنگيجو لکي ٿو ته:

”سُر حسيني ۾ لطيف جي هولي پوري جلوي، جوپن ۽ جوانيءَ سان جهالا ٻئي ڏئي، سسئي جي بيڪسي ۽ بيوسي، درد ۽ فراق جون دانهون، پنهونءَ ۽ ڏيرن جي ڏاڍاين جي شڪايت، ڏکن کي سُک سمجهي، انهن جي مرحبا ڪرڻ جو ذڪر، هِن سُر ۾ اهڙي ته جيءَ جهوريندڙ ۽ ڏيل ڏاريندڙ لفظن ۾ ڪيو ويو آهي، جو پڙهندڙ غم جي تصوير بنجيو وڃي.“ (زنگيجو، 2005ع: ص 56)

شاهه لطيف هن سُر جي شروعات سسئي کي همت ۽ حوصلي واري هدايت ڏيندي چوي ٿو ته پنهنجي منزل ۽ مقصد ڏانهن ويندي جهڪي نه ٽيءُ، هيڏانهن هوڏانهن نه وڃ ۽ منزل انداز نه ٽيءُ. وقت هٿن مان وڃي پيو، هلندي رهه ته جيئن اوير نه ٿي وڃي.

4.5.4 ڳاڙهو سج:

لَڙُ مَ لاڙائو ٽيو، گهُٽون، گوهيون ڇڏ،
لاهه مَ لڏو، لَڏِ: ته ڳاڙهي سج ڳالهه مڙين.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 168)

هن سُر جي پهرين ٻن بيتن ۾ شاهه لطيف ڳاڙهي سج جي ڳالهه ڪئي آهي، ڳاڙهو سج اميد، آٿت ۽ منزل جي جستجو ۾ پنڌ پيل سسئي لاءِ ساڻي ۽ سهارو آهي، ڳاڙهو سج اُتساهيندڙ علامت آهي، پرينءَ جي پانڌين لاءِ ته اجا به وقت ويو ناهي، سندرا ٻڌي هلندا هلو،

رڑهندا هلو، منزل تي رسڻ کان پوءِ ئي لڏو لاهيو. ڳاڑهي رنگ جي اثرانگيزي ۾ سحر شاهه لطيف کي به تمام گهڻو موهيو آهي، شاهه لطيف ڳاڑهي رنگ کي هڪ اثرائتي ۽ اعليٰ علامت ڪري پيش ڪيو آهي.

تنوير عباسي ڪتاب 'شاهه لطيف جي شاعري ۾' لکي ٿو ته:

''شاهه لطيف ڳاڑهي رنگ کي 'لال'، 'لالن'، 'رت ورنو'، 'ڪور'، 'پنيو'، 'ڳاڑهو'، 'مڃ'، 'روتو'. 'ريٽو'، 'رتول'، 'ڪنهنبو'، 'سُرخو'، 'ڪڪو'، 'رتڙو' ۽ 'سُرخي' سڏيو آهي. شاهه لطيف ڳاڑهي رنگ جي لاءِ سڀ کان گهڻا لفظ استعمال ڪيا آهن. مٿي ڏنل لفظ ڏيکارين ٿا ته هڪ طرف شاهه لطيف کي سنڌي لغت جي ڪيڏي نه ڄاڻ هئي، ته ٻئي طرف ڳاڑهي رنگ سان ڪيڏي نه رغبت هيس.'' (تنوير عباسي، 2000ع: ص 192)

سڄي دنيا ۾ ڳاڑهو رنگ زندگي، تحرڪ، تبديلي، تغير، انقلاب ۽ آزادي جي نئين سج اُپرڻ جي علامت آهي، ۽ اهو هميشه رهڻو آهي.

سسئي جي ڪردارنگاري ڪندي شاهه لطيف هن جي ڪردار کي ايڏو ته ته منفرد ۽ مٿانهون ڪيو آهي، جو هن محبت ماريءَ منڊ جو ميار ۽ ڏوراپو ڏيڻ جو انداز به نرمل ۽ نرالو آهي.

پٽِئيءَ نه پيرو، اوڏي چڪ نه چَميا،
پويون هي پيرو، نينهن نباهي هليا.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 169)

هتي سسئي ڏيرن جي بي واجبيءَ، بيوفائيءَ ويساهه گهاتيءَ کي به 'نينهن نباهڻ' جي اصطلاح ۾ آڻي ٿي جڏهن ته اهو عام معنيٰ ۽ مطلب جي ابتڙ آهي.

4.5.5 ايڪو ۽ ٻڏي:

چڄ مَ قطاران، ساڻ چڙهندو لکئين،
مڇڻ ٽئين پئان، وڳ واڻ ئي نه لهين.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 181)

هتي شاهه صاحب پنهنجي ڪلام ۾ تمام وسيع ۽ گهري معنيٰ ۽ مطلب بيان ڪندي هم وطنن ۽ ساري دنيا جي ڪاهوڙين ۽ سسئي جيان سِڪ جي سفر جي پانڌيئڙن لاءِ پيغام ڏئي ٿو ته ڪاميابي ان صورت ۾ اچڻي آهي جو سموري سڻ هڪ مُٺ هجي. مقصد ۽ منزل به هڪ ئي هجي ته سڀني جي واڻ به ساڳي ئي هجي ته سڀنا ساڀيان ٿي سگهن ٿا ٻي صورت ۾ رستي ۾ ئي رُلي، ٻڪي ٻلجي وڃبو.

پرانهون پنڌ، منزل ڏور ۽ ڪٺن ۽ اِها خبر هوندي ته جنهن منزل ۽ مارگ جي چونڊ ڪئي آهي ان ۾ اِهائي ڪار ٿيندي، ان راهه ۾ هلڻ وارين جي ريت ڪهڙي آهي؟ شاهه لطيف سسئي کي مخاطب ٿي چوي ٿو ته:

لُڙُ مَ لاڙائو ٿيو، وَرَ چونڊيندي وڃ،
آهي اِيءُ اُهڃُ، هاڙهي هلندين جو.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 168)

4.5.6 مقصد جي چونڊ: سسئي پنهنجي مقصد، منزل ۽ ويندي پنهنجي انجام تائين جي به پاڻ چونڊ ڪئي آهي، هوءَ باخبر آهي. سچيت آهي ته هن سفر ۾ وِڪ وِڪ تي ڪهڙي ويڌن ۽ ڪهڙي وارتا پيش ايندي؟ پوءِ به هوءَ ان رستي جي چونڊ ڪري ٿي ۽ سرتين کي ان آزمائش کان ڄڻ ته خبردار ڪري ٿي.

سَرتيون! سُڃي سُڃَ، متان ڪا مون سين هلي،
پاڻي ناهي، پنڌ گهڻو، اڳيان رائو رُڳي رُڃ،
متان مَري اُڃ، ڪا ڏئي پاراتو پرينءَ کي.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 168)

متان ڪا رُڃ ۾ اُڃ کان عاجز ٿي پنهون کي پٺي ۽ پاراتا ڏئي، باقي سسئي ته پکوپهه،

انجام ۾ عزم ڪيو آهي ته:

مَري ٿيندیس مُجَ، جَتن ڪارڻ جيڏيون!
ڪري ڪوهيارو سُڄ، ويو ڇُلائي ڇپرين.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 169)

4.5.7 امڙ اوري اڇ: سسئي کي ماڻهن ته ميارون ۾ مهڻا ڏنا پر جڏهن جيجل ماءُ مٺس طعني زن ٿئي ٿي ته سسئي ان کي بيمثال موٽ ڏئي ٿي ته:

مٺيان مٺي مَڇُ، پريم ٻاروچن جو،
مون کي طعنا تي ڏئين، جئن نه پروڙين سَڇُ،
اَمڙ! اوري اَڇ، ته سِڻَ سُڻاينءِ سُور جي.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 170)

هتي ماءُ ۾ ڏيءَ جي رشتي ۾ تعلق جي گهرائپ، ويجهڙائي، پنهنجائپ ۾ بي تڪلفي ظاهر ٿئي ٿي، ۾ شاهه لطيف جي ڪلام جي خوبصورتي به ته ڪيئن نه هن هي منظر تمام اثرائتي ۾ دل کي ڇُهندڙ انداز ۾ اڳيان آندو آهي. 'اَمڙ اوري اڇ'. هنن لفظن ۾ ماءُ ۾ ڏيءَ جي رشتي جا سڀ رنگ سمايل نظر اچن ٿا. سسئي جي مٿان برهه جي باهه جو مڇ موجزن آهي ۾ هوءَ دعا ٿي گهري ته شل ائين نه ٿئي، جو پنهون جي پريت دل مان وسري وڃي پر جي ائين ٿئي ته شل منهنجو موت به ٻاٻيهي پکي جيئن ٿئي جيڪو لُڪن ۾ لوسائجي رُڄ ۾ اُڄ جي اُسائ نه سهي پساهه پورا ڪندو آهي.

منجهان منهنجي روح، جي وڃي ساڃن وسري،
ته مَر لڳي لوهه، ٿر ٻاٻيهو ٿي مران.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 170)

4.5.8 نراسائي ۾ بيزاري: سسئي جي داستان ۾ انساني فطرت ۾ سوچ جا ڪيئي قسم پسجن ٿا، انسان رستي هلندي بعضي ڪِٽ ۾ بيزار به ٿئي ٿو، جيڪا هڪ حقيقت آهي:

ڪوءِ هاڙهو! بَنِ هوتُ! ڪوءِ پنهون، ٻن پريتڙو!
مادر! مون موتُ، پسڻان ئي پرائيو.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 170)

وري ان نهڪاري جذبي ۾ خيال جو جواب به پاڻ ئي ڏئي ٿو. هتي شاعر انساني نفسيات جو وڏو ڄاڻو، ماهر ۾ گڏوگڏ معالج به نظر اچي ٿو.

شاهه لطيف فرمائي ٿو ته:

نڪو ليکو ئي ٿيو، نڪو تتو ڏينهن،
تِهان اوري نِينهُن، ڇنو آٽڻ وارئين.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 171)

4.5.9 تتيءَ ٿڏيءَ ڪاهه: تنهنڪري اهڙي اڙانگي ڪنڌ، ڏکي ۾ ڀگهي پنڌ واري منزل جي مسافرن کي جُڳائي ته نه بيزار ٿين نه ٽڪجي ويهڻ جي ڪن ٻڌڪه.

تتيءَ ٿڏيءَ ڪاهه، ڪانهي ويل ويهڻ جي،
مَتان ٿئي اونداهه، پير نه لهين پرينءَ جو.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 171)

۾ جڏهن سيني ۾ اٿاهه عشق جي جڙي ۾ اُڄ، اُسائ ۾ هِهات ۾ ارادا ۾ عزم پهاڙن کان به اوچا هجن ته انهيءَ سخت ڏکي منزل تي به پنهنجي پيار جي پورهئي ۾ پنهنجي ان پريتم جو تصور شاهه صاحب هن ريت بيان ڪري ٿو:

حُسن هوتَ پُنهونءَ جي، ڪوريم ڪوهيارُ،
سُڄ ڪيائين سُرهي، واسيائين وٽڪارُ.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 171)

مطلب ته جڏهن منزل ۾ مقصد جي حاصلات لاءِ عزم ۾ ارادو اٽل ۾ اٽموٽ آهي ته سُڄ به سُرهي ٿي پائنجي ۾ ڪنور جبل به سهڻا ٿا پسجن، اهڙيون ڪمال جون سوچون ۾ اهڙا

خيال ۽ ويچار فقط شاهه لطيف ئي پيش ڪري سگهيو آهي، جنهنڪري سسئي شاهه لطيف جي سورمين مان مٿيري مقام تي موجود نظر اچي ٿي.

”ڏونگر ڏورڻ، ڪشالا ڪيڻ، رُجن ۽ روهن ۾ رڙيون ڪرڻ ۽ پنهنجي پنهونءَ جو پيرو ڪڍي ان جي پٺيان پنڌ پوڻ ۽ پنهنجي محبوب جي جستجوءَ ۾ بيشمار ۽ برداشت کان ٻاهر ڏک ڏاکڙا ڏسڻ واري ڪيفيت ۾ سسئي، لطيف جي سڀني سورمين کان جهڙوڪر سرس نظر ٿي اچي.“ (عنايت، 2005ع: ص 14-15)

4.5.1 فراق ۽ وصال جا عجب اظهار: سسئي جي ڪردارنگاري ڪندي شاهه لطيف سسئي جي زبان مان عشق جا انوکا احساس ۽ انداز نروار ڪيا آهن، جنهن مان هڪ جدائي، وچوڙي ۽ فراق جي لذت جو انوکو احساس ۽ سدائين پرينءَ جي سِڪ ۾ سرگردان رهڻ جي آشا! چو ته ميلاپ ته انت جي، رڪجي وڃڻ جي ۽ واپسي جي واٽ آهي. شاهه لطيف فرمائي ٿو ته:

جيڪي فراقان، سو وصالان نه ٿئي،
اَڇي اوطاقان، مون کي پرين پري ڪيو.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 176)

مثنوي روميءَ ۾ آهي ته:

عقل حيران که چه عشقست وچه حال،
که فراق او عجب تر يا وصال.
(دفتر سوم)

يعني ”عقل حيرت ۾ آهي ته عشق عجيب آهي يا اهو حال ته جدائي وڌيڪ عجب واري آهي، يا ان جو وصال.“ (سومرو، 2016ع: ص 608)

آغا سليم هن احساس کي خود اذيتي قرار ڏئي ٿو:

”پنهون کان وڌيڪ پنهونءَ جي لوچ هن کي پياري آهي، ۽ کيس ڊپ آهي ته جي هوءَ پنهونءَ سان ملي ته سندس لونءَ لونءَ جي اُڃ ۽ تن جي تاس اُجهامي ويندي. جيڪا هوءَ اُجهائڻ نٿي گهري. محبت ۾ اهڙي رويي کي خود اذيتي (Mosochistic) رويو چئبو آهي، جنهن ۾ ماڻهو پنهنجو پاڻ کي وصل جي خوشين کان محروم ڪري، هجر جا ايذاءُ سهي ان مان مزو ماڻيندو آهي.“ (آغا، 2008ع: ص 37)

هتي سسئي نه پر شاهه لطيف جڏ ته پنهنجي اندر جا احساس سسئي جي زبان ۾ بيان پيو ڪري، جنهن ۾ هو فراق ۽ ان جي ڦوڙاين کي پنهنجي وجود کان ڌار ڪرڻ نٿو گهري.

ڦِري آءُ فراق! مون کي وصالان وچ پيو،
جي ٿي چڪيم چاڪ، سي پرينءَ گڏجي پورئا.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 176)

خود اذيتي جو مزو ماڻڻ وارو (مغربي Western) تصور شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ موجود نظر نٿو اچي، البته ائين چئي سگهجي ٿو ته محبوب جي نه ملڻ جي دعا، ان احساس ۽ انديشي هيٺ ڪئي وڃي، ته متان محبوب جو وصال ان جي سِڪ ۽ محبت جو موت ثابت نه ٿئي. چو ته عاشقن جو عشق واري عبادت کان سواءِ جيئڻ ممڪن نه آهي، اهي ان آڳ کي اجا به وڌيڪ مچائڻ چاهيندا آهن، نه ڪي اُجهائڻ. بهرحال اهي عاشقن جا پرينءَ جي پنڌ ۾ من اندر هڪ ٻئي پٺيان ايندڙ احساس ۽ خيال به ٿي سگهن ٿا، جو شاهه لطيف انهيءَ داستان ۾ اهڙا منظر چٽيا آهن:

شاهه لطيف پنهنجي ڪلام جي هرهڪ داستان، هرهڪ بيت ۾ انسان جي اصلاح، پلائي، خوشي ۽ خوشحالي جي ڳالهه ڪئي آهي، هو هرهنڌ هاڪاري (Positive) سوچ ۽ نظريي جو پرچارڪ آهي، هوءَ سماج جي ناپسند، ناڪاري ۽ ڏکاريل شين مان به

هاڪاري، فائديمند ۽ سهڻا ڳُڻ ۽ نتيجا ڪيڏ ۾ ڪمال ڪري ڏيکاري ٿو.

راجستاني زبان جي شاعر رجب (1689-1568ع) هڪ دوهي ۾ فراق بابت چيو آهي ته:

بره ڏابت بره مين، بره بنا مرجائلاَ،
جُون چُواني کا کانکرا، رجب، جَل مل جائلاَ.
(شائق، 1992ع: ص 74)

يعني: ”فراق سان ئي فراق جو وجود آهي، ميلاپ سان اهو مري ختم ٿي وڃي ٿو. اي رجب! جيئن چن جو پٿر پاڻي ۾ ڳري ختم ٿي وڃي ٿو.“

4.5.11 ڏک سُکن جي سُونهن: جڏهن معاملو ڏکن، سورن، سختين ۽ آزمائشن جو اچي ٿو، ته به شاهه لطيف جي منطق نرالي، انوکي، نمايان ۽ مثانهين آهي.

ڏُک سکن جي سونهن گهوريا سک، ڏک ري،
جَنين جي وِرونهن، سچڻ آبو مانَ گِري.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 178)

ڏکن کانسواءِ سُکن جو ڪهڙو سوال ڪهڙو لطف، احساس ۽ قدر؟ تنهنڪري ڏک ته سُکن جي سونهن آهن، هي فڪر جو مثانهون مقام آهي.

رسول بخش پليجو لکي ٿو ته:

”جنهن وٽ ڏک ٿورا ۽ سُک گهڻا هوندا، ان جي زندگي بابت، سُرت، سمجهه ۽ ان ڏانهن رويو عام طرح صحيح ٿي نه سگهندو.“
(پليجو، 2012ع: ص 468)

تنهنڪري شاهه لطيف اهڙو عجيب ۽ انوکو سودو ۽ واپار سسئي جي ڪردارنگاري ۾ آڇي ٿو ته:

سؤ سُکن ساڻي ڏيان، سِر پڻ ڏيان سَٽ،
جي مون مِڙي مَٽِ، ته وره وهايان هيڪڙو.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 177)

چو ته سُک نه پر ڏک ئي سدائين جا ساڻي ۽ همسفر آهن.

”سُکن مونهين ڪين ڪيو، سورن لڌيم سارون.“

انسان تڏهن ئي دنيا کي منهن ڏيڻ لائق ٿئي ٿو جڏهن هو ڏکن جي آويءَ مان پچي راس ٿي نڪري ٿو. جنهن ماڻهو ڏک نه ڏٺو آهي اِهو ڪچي گهڙي مثل آهي، جنهن ۾ ڪو جَٽاءُ نه آهي ۽ سُور ئي آهي جيڪو سچڻ وٽ رِسڻ تائين توڙ نياڻي ٿو.

سُورَ مَ مَٽيج ساءُ، آئون نه وکني آهيان،
وڃج مَ ويل ڪنهين، وِرهِ! مون وٽاءُ،
تون پڻ تڏهن جاءُ، جڏهن ٽيا هيڪاندي هوت سين.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 177)

سسئي جا سُور مڙني کان سرس آهن، ”بيشڪ پين سورمين کي به جدائي ۽ فراق جهڙي تڪليف برداشت ڪرڻي پئي، پر سسئي جيڪي سُور سَٺا، تن سان ڪهڙي برابري؟ حالانڪ سهڻي به گهڻ تڪليفون ڪونه ڏٺيون. اُن جي بهادري کي پڻ سلام. پر سسئي جي همت ۽ وفا کي سؤ سلام، چو ته جيڪڏهن پين وٽ مُٺ برابر سور هئا ته سسئي وٽ سورن جا وڻاڻ هئا.“

”مُٺ مُٺ سورن ڪنهن، مون وٽ وڻاڻان.“
(خورشيد، 2005ع: ص 149)

پروفيسر موهن لعل ”پريمي“ پنهنجي مقالي ”سُر حسيني جو فڪري پهلو“ ۾ لکي ٿو ته:

”شاهه سائين کي چگي نموني خبر هئي ته ڏکن ۽ سورن سان پريل دل ئي ٻئي جي تڪليف جو احساس ڪري ۽ سمجهي سگهي ٿي، ان ڪري رڳو سُکن پٽيان ڏُکڻ سان

حقيقي منزل تائين پهچڻ ڏکيو آهي:

پنپور جن سُکن، مون کي ساڻان کاريو،
هاڻي ساڻ ڏکن، تان کِي ڏونگر ڏوريان.
(پريمي، 2005ع: ص 66)

4.5.12 ڏوريان ڏوريان مَ لهان: هتي هوت سان هيکاندي ٿيڻ تائين سورن کي ساڻ جي منٽ آهي ته ٻئي پاسي محبوب جي ڳولا ۾ جستجو ۾ ئي رهڻ جي آس آهي.

ڏوريان ڏوريا مَ، لَهان شال مَ مِلان هوت،
مَن اندر جا لوچ، مَچُڻ مِلَڻ سان ماڻي ٿين.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 179)

4.5.13 مَرمَٽا ڏيئي: شاهه لطيف جي سسئي کي نصيحت ته پنهونءَ سان جيئري ملڻ محال آهي، جي تون کالهه مري وڃين ها ته کالهه ئي محبوب سان وڃي ملين ها، کڏهن اها ڳالهه نه ٻُڌي هوندي ته کا سنئين سَگهي لگين وڃي منزل تي رسي.

ٿُون جي کالهه مُئي، ته کالهه ئي گڏئينءَ پرينءَ کي،
کڏهن کانه سُئي، ته کا سگهي گڏي سڃڻين.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 184)

۽ پوءِ ماڻهن ۾ مرحبا به تڏهن ئي ٿئي ٿي.

مَرُ مٽا ڏيئي، پنهون کارڻ پب ۾،
ته سَرتيون سپيئي، واکاڻينئي ويڻيون.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 184)

هتي ۽ کيترن ئي ٻين موقعن تي شاهه لطيف جدوجهد جي ميدان ۾ يا حالت جنگ ۾ جان جي پرواهه نه کرڻ، مَري مان مٽانهون کرڻ، سِر ڏئي سَرهو ٿيڻ لاءِ اُتساهيو ۽ ان عمل کي واکاڻيو آهي.

جڏهن ته جديد دؤر جي جديد، ڏگهين لڙاين ۽ جنگين جي حڪمت عملي ۾ پنهنجي جان سلامت رکي ان کي بچائي، پنهنجي مقابل کي ماري، مشڪلاتن کي مات ڏئي ڪاميابي حاصل کرڻ کي مجتا ۽ مانُ ملي ٿو. حقيقت آهي ته سوچون، نظريا ۽ حڪمت عمليون بيڻل پاڻي نه پر وهندڙ ساگر آهن جن ۾ تبديلي ۽ نواڻ نه اچي ته اهي سينوارجي بي لاپ ۽ بي مقصد ٿي وڃن ٿيون.

4.5.14 پاڻهوهيو پير کٽي: عشق جي پنڌ ۾ پير موڙي پوئتي هنڻ وارن کي نه پر چاهه ۽ سَرهائي سان اڳتي وڌندي رهڻ وارن کي ئي سهاڳ ملي ٿو.

واکيو واکيو وک پاڻهوهيو پير کٽي،
سي نه چڙهنديون ڏک، موڙي پير مَرن جي.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 185)

سسئي جي کردارنگاري کندي شاهه لطيف سسئي کي صلاح ڏيندي چوي ٿو ته ويهي وقت وڃائڻ وارا پار به مُحب سان ملڻ وارا نه اٿئي.

وهين ۽ ويلا کرين، پُڇين ٿي پانڌي،
هاري! هيکاندي، کنهن پر ٿيندينءَ هوت سين؟
(آڏواڻي، 2013ع: ص 185)

4.5.15 واکو وڃهه وڻين: سسئي کي صلاح ته پنهنجي پرينءَ کي سڏن پڻيان سڏ کندي وچ، ايتريقدر جو وڻ وڻ مان اهو آواز اچڻ لڳي، توڻي جو تنهنجو سپرين گهٽو اڳتي نکري ويو آهي، پر متان تنهنجون اهي دانهون هن جي ڪنن تائين پهچن.

سَڏن پُڻيءَ سڏڙا، واکو وڃُهه وَڻين،
سڃڻ پنڌ گهٽي، مانَ کوهيارو کُوک سُٽي.
(بلوچ، 1999ع: ص 360)

4.5.16 مونهان مهند ٿيا: سسئي جي جذبي جوش ۽ جُنون جي شدت، هتي پنهنجي

عروج تي آهي.

مُونهان مَهند ٿيا، سورن ٻڌا سندرا،
هلو ته ڏوريون ان کي، وِندر جي ويا،
ڪنديس ڪين ٻئا، هوت مٿائي اڳيان.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 186)

سسئي جا سُور ان جي استقبال لاءِ اڳواڻ ئي موجود، هڪيا تڪيا بيٺا آهن. انهن سان پيٽ ته اوس ٽيڻي ئي آهي، پر پوءِ به ڏکين ۽ اڙانگن واٽن کي ڏوري ان ئي منزل ۽ مقصد کي حاصل ڪرڻو آهي، جنهن لاءِ عزم ڪيو آهي، ان منزل ۽ مقصد کي پُڻي ڏئي ڪنهن ٻي واٽ، ڪنهن ٻئي موهه ۽ مقصد کان ٽيڙڻ واري دلبي ۽ دلاسي ۾ اچڻو ناهي. هتي سسئي جي پنهنجي مقصد سان سچائي ۽ وفاداري جي عزم جو ورجاءُ نهايت سهڻي سياءُ ۾ ڪيل آهي.

4.5.17 سورن سانگهارو ڪڏهن ڪونه ڪيو:

سورن سانگهارو، ڪڏهن مُون ڪون ڪيو،
آيل اوپارو ٻاڙوڏو ٻوڙ وهي.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 177)

سسئي چوي ٿي ته منهنجا درد ڪڏهن به ڪونه گهٽ ٿيا آهن. اي امڙ! جيئن کوهه ۾ آيل چاڙهه جي ڪري (نيسرن مان) جيئن ٻائڙ ٻوڙ پاڻي پيو نڪرندو آهي، ساڳي حالت منهنجي سورن جي آهي.

الهنواز رُکڻائي پنهنجي مقالي ”سُر حسيني جي لغات“ ۾ لکي ٿو ته:

”جڏهن نار جي پڙوڏي ۾ پاڻي گهٽجي ويندو آهي ۽ پاڻي بجاءِ لوڻين ۾ گپ پربي آهي ته نار وهائيندڙ هاري چوندا آهن ته نارن سانگهارو ڪيو آهي، نار بند ڪيو. لطيف سائين سسئي کي چوائي ٿو ته ”سورن مون سان گهٽتائي ڪانه ڪئي آهي.“ اي منهنجي ماءُ اهو ٻاڙودو ٻڌو وهي ٿو. (مالهه جا لوڻا ته پرجي وڃن ٿا، پر اهو مالهه وارو چَرخو به ٻُڌو پيو ٿو وهي) سور گهٽ نه ٿيا آهن، رهندو درد وڌيا آهن.“ (رکناڻي، 2005ع: ص 85)

4.5.18 پريتم جي ڳالهڙي رنج و الم جو بيان:

سِپيريان جي ڳالهڙي، رُڳو رَنجائو،
ڏُونگر ڏولائو، ڏيندا مون ڏير ويا.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 188)

پرينءَ جو پنڌ ڏُکن جو ئي داستان آهي. هي ٻولايل، گهُري ورتل تڪليفون، ميارون، الزام، مهڻا، طعنا ۽ عذاب آهن ۽ اها ماجرا معلوم هوندي به ته منزل ماڻڻ، سوپ حاصل ڪري سُرخرو ٽيڻ تمام مشڪل ۽ زري گهٽ ناممڪن نظر اچي ته به تهائين پختي ارادي ۽ تڪڙي وِک سان هلندو رهجي.

ڏوٽين چيس ڏُور، ’ڪيچ آڳاهُون پنڌ ٽيو‘،
پاڻا چڙهي پُور، وِکَ وڌائين وِتري.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 188)

4.5.19 اوجهڙ وتان آنءُ: سسئي ڏکي واٽ ۾ اچي ڦاٿي آهي، باقي ٻيا ته سڀ قافلي سان سڌي رستي سان پيا وڃن. دراصل هتي ڳالهه چوندڙ جي آهي، سسئي عام رواجي، سُکن واري ۽ ’ڪامياب زندگيءَ‘ واري واٽ وٺڻ بجاءِ ڏکي، اڙانگي پر وڏي ۽ اعليٰ مقصد ۽ منزل واري واٽ جي چونڊ ڪئي.

شاهه لطيف جو فڪر ۽ فلسفو ننڍڙن ۽ معمولي، عام رواجي مقصدن بجاءِ اوچا، عظيم ۽ دنيا کي بدلائڻ وارا سپنا ۽ آدرش آڇي ٿو، جيڪي ضررو ڏک ۽ ڏکيائون ڏسڻ ۽ ڏونگر ڏورڻ سان ئي ساڻيان ٿي سگهن ٿا، شاهه لطيف فرمائي ٿو ته:

اوجَهڙ وتان آنءُ، ٻيون سڀ سڳر ساڻ،
جا نيءَ گِنهندي نانءُ، سا مون جئن پوندي مامري.

(آڏواڻي، 2013ع: ص 191)

هَيءِ! ٿو وڃي هوتُ، آئون ڪِ اڳيري ٿيان،
متان ڇوءِ بلوچ، 'ڪميڻيءَ مان ڪينَ ٿيو'.

(آڏواڻي، 2013ع: ص 189)

4.5.20 سسئي جي سِڪ: سسئي جو مطلوب سندس هوت سندس کان ٿورو پنڌ ئي ته اڳتي آهي، سسئي چوي ٿي ته جيڪر آءٌ اڃا به وڌيڪ تيز ۽ تِکي هلان ۽ ان تائين پهچان، متان منهنجو محبوب مهٽو ڏئي ته هن گهٽ ذات واري عورت مان ڪجهه نه ٿيو. هي عشق جي مٿيري منزل آهي ۽ سِڪ جي ستايل سسئي جي نماڻائي ۽ نهنائيءَ جو مٿيرو مقام آهي جو ايڏا ڪشالا ڪيڻ کان پوءِ به هوءَ پاڻ کي ڪِي ڪين ٿي سمجهي.

''سسئي ۾ به حضرت عشق جي اها سُرڪ سمايل هئي. جنهن لاءِ لطيف رحه کي چوٽو پيو ته ''سسئي سڃي سِڪَ ته به سِڪي سسئي.'' سسئي انهيءَ سڃي سِڪ ۽ عشق جي الانپي جو داستان آهي.'' (ڪاشف، 2013ع: ص 131)

ڏِڻان جي ٻَروچُ، مُون جئن هوت اکين سين،
مُون ڇيان لوچ، پاڻان پيٽيوُن ڇپرين.

(آڏواڻي، 2013ع: ص 190)

جيڪڏهن منهنجون سرتيون مون وانگر محبوب کي ڏسن ها ته مون کي پاڻ پتوڙڻ جي صلاح ڏين ها ۽ پاڻ به هن جي لاءِ پهاڙن ۾ پنڌ ڪاهي پون ها.

4.5.21 پُليو سپ پنپور: شاهه لطيف سسئي جي تمثيل ۾ تصوف جا نمايان نُڪتا پڻ بيان ڪيا آهن. ڊاڪٽر مخمور بخاري لکي ٿو ته:

''هي سُر تصوف جي نڪته نگاهه کان به مٿانهون مفهوم رکي ٿو. طالب، سسئي جي صورت ۾ پنهونءَ (حق) کي ته حاصل ڪري ٿو پر پنهنجي غفلت سبب ان کي وڃائي ويهي ٿو ۽ پوءِ رلندي ڪيس وري پائڻ لاءِ مسلسل جُهد ڪرٽو ۽ نفس کي مارٽو پوي ٿو. انهيءَ نفس کي مارڻ ائين آهي، جيئن سسئي رڻ پٽ ۾ رلندي ڏونگر جي ورن وڪڙن جون سختيون سٽيون. اِها تمام وڏي آزمائش آهي. پر پنهون (حق) جيڪو اسان جي اندر ۾ ويٺو آهي، ان کي ايستائين ڳولي نه ٿا سگهون، جيستائين انهن سمورين آزمائشن مان گذري ثابت قدم نٿا ثابت ٿيون.

پُليو سپ پنپور، جو پٽي هوت نه هليو،
شهر سڃاتو ڪين کي، آرياڻيءَ آتورُ،
ماڻيو تنين مور، ديکيو جنين دل سين.

(بخاري، 2005ع: ص 154)

مَرُ مَعذُور هُنُان، آلا! ڇگي مَ ٿيان!
رڙهان ۽ رُوئان، پُنيءَ سَگهَ ساڻ جي!

(آڏواڻي، 2013ع: ص 190)

شاهه لطيف هتي سسئي جي ڪردارنگاري ڪندي چوي ٿو ته، ''پنهنجي محبوب جي سِڪ ۽ عشق جي بيماريءَ ۽ ناچاڪيءَ مان شل ڪڏهن به شفايابَ نه ٿيان، اها سِڪ ڪڏهن به ختم نه ٿئي، شال انهيءَ راهه ۾ رڙهندي ۽ هلندي رهان جنهن راهه تي منهنجي محبوب جي ملڻ جي آس ۽ اُميد آهي، هتي سسئي جي عزم جو انوکو ۽ نرالو اظهار آهي، جنهن جو مقام ٻين مڙني جذبن کان مٿيرو نظر اچي ٿو. جنهن ۾ عاشق محبوب جي ڏک کي ڏور ڪرڻ لاءِ تيار نه آهي.

''سسئي اهڙي سورمي آهي، جيڪا اڻ ڳڻيا ڏک ڏسڻ جي ڪري شاهه جي نظر ۾ عزت حاصل ڪري ٿي.'' (فهميده حسين، 1993ع: ص 305)

ڏني سِڪ سسئي کي ٻيلپائي ٻروچ،

لوڪ وچان ئي لوچ پهچائي پنهونءَ کي.
(بلوچ، 1999ع: ص 349)

هتي شاهه لطيف سسئي جي سِڪ جي نرالي تشبيهه نروار ڪئي آهي. جنهن ۾ پنهون سسئي کي پنهنجي سِڪ ٻيلياڻي (نوڪرياڻي) ڪري ڏئي ٿو. ۽ سسئي کي عام ماڻهن ۾ رهندي جيڪا اڻ تڻ ۽ تلاش هئي ان کيس پنهنجي پنهل وٽ پهچائي ڇڏيو.

4.5.22 ڪوهيارو ڪامل:

سَرتيون! سُورُ پنهونءَ جو، سُڃڻ ۾ شامل،
ڪوهيارو ڪامِلُ، مون کي ڏُک ڏيڪاريو.
(بلوچ، 1999ع: ص 365)

پنهونءَ جو سُور، تڪليف، ياد ۽ سِڪ رُڃ، سُڃ ۽ بيابان ۾ به مون سان گڏ ۽ ساڻي آهي، حقيقت اها آهي ته اهو سهڻو سڃڻ مون کي انهن ڏکن ئي ته ڏيکاريو آهي.

جان جان هُئي جيئري، ورچي نه ويڻي،
وڃي پُونءِ پيڻي، سڪندي کي سڃڻين.
(بلوچ، 1999ع: ص 366)

اهڙي ريت شاهه لطيف ڏک جي طاقت کي هڪ داستان، ۽ هڪ ڪردار جي دائري مان ڪڍي وڏو ۽ وسيع ڪري سموري سماج جي ڪينواس (Canvas) تي پکيڙي ڇڏي ٿو، ۽ ائين ئي هو پين سورمين جي ڪردارنگاري ۾ به ڪري ٿو.

شيخ ايار لکي ٿو ته:

”مارئي جو ڏک سندس شاعريءَ ۾ حب الوطني جو اڏول پنيٺ بڻجي ظاهر ٿئي ٿو ته سسئي جو ڏُک طلب جو هڪ بيڪران بيابان ڏي پکڙجي ٿو وڃي، ليلان جي ڳوڙهن ۾ وجائجي ويل شيءِ کي ٻيهر حاصل ڪرڻ جي جستجو لڇندي پڇندي نظر اچي ٿي ته نوريءَ جي روپ ۾ وفاداريءَ جو جرڪندڙ وجود جنم وڻي ٿو.“ (ايار، 2007ع: ص 198)

شاهه لطيف سُر حسيني ۾ سسئي جي تمثيل ۾ عام انسانن لاءِ معنيٰ ۽ مطلب جا ڪيترائي اَملهه موتي ۽ مٽيا ٽاڪي سُرت ۽ ساڃاهه ڏني آهي. ڊاڪٽر محمد علي مانجهي لکي ٿو ته:

”سُر حسيني عشق جي ڪمال، سچن جذبن، مستقل ۾ اهو عزم استقلال، رچي ريڻي ٽيڙ، همت جدوجهد ڳولا، تانگهه، طلب بهادري سان سورن سهڻ، ڪشالا ڪيڙ، اعليٰ مقصد لاءِ هر مشڪلات کي سهي به پنهنجي منزل ڏانهن وڌڻ، ڏکيائي هوندي به پراُميد رهڻ ۽ ايمان سان رکڻ جو درس آهي. جڏهن سڪ سور سهي پنهنجي منزل طرف وڌيو آهي تڏهن ئي ڏکن سورن ۽ آزارن کان آزادي گهري آهي.“

(مانجهي، 2005ع: ص 77)

شاهه لطيف جي شاعري ۾ سورمين جي ڪردار جي اهڙي نئين تشڪيل ۽ ڪردارنگاري ئي کين امر ڪري ڇڏيو آهي.

باب پنجون:

سنڌ، پنجاب ۽ سرائيڪي خطي جي شاعرن جي ڪلام سان شاهه جي سسئي جو تقابلي جائزو:

5 سنڌ جا شاعر:

1. قاضي قادن، 2. شاهه ڪريم بلڙي وارو، 3. شاهه لطف الله قادري، 4. ميون شاهه عنات رضوي، 5. سچل سرمست، 6. خليفو نبي بخش ”قاسم“

5.1 قاضي قادن: مختصر تعارف:

قاضي قادن جنهن کي قاضي قاضن به لکيو ۽ پڙهيو وڃي ٿو. سندس وڏا اُڇ جا ويڙل هئا، جن پوءِ سيوهڻ ۾ اچي سڪونت اختيار ڪئي ۽ سما دؤر ۾ ڏٺي شهر جي مرڪزي حيثيت حاصل ڪرڻ وقت ڏٺي شهر ۾ لڏي آيا. سندن وڏي ڏاڏي قاضي ابوالخير سپ کان پهرين بکر ۾ رهائش اختيار ڪئي. جنهن ڪري سندن خاندان ’بکري‘ مشهور ٿيو.

تحفة الڪرام جو مصنف مير علي شير قانع قاضي قادن جو ذڪر ڪري ٿو ته:

”سيد محمد جونپوريءَ جي مريدن جي لسٽ ۾ داخل ٿيو، جنهنڪري ظاهر جا علما مٿس طعن ڪندا هئا. مرزا شاهه حسن کان بکر جي قضا وٺي وڃي پنهنجي اباڻي جاءِ تي پهتو، وڏي عمر ۾ انهيءَ کان استعيفيٰ ڏئي پنهنجي پاءُ قاضي نصرالله جي حوالي ڪيائين ۽ سن 958هه ۾ گذاري ويو.“ (قانع، 1989ع: ص 353)

قاضي صاحب آخري عمر ۾ مديني شريف وڃي رهيو ۽ اتي ئي وفات ڪيائين. گمان آهي ته سندس مدفن ۽ مرقد به اتي ئي ٿيو، هن بابت ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکي ٿو ته:

”هو پنهنجي دؤر ۾ ايڏي شان، شهرت واري شخصيت جو مالڪ هو جو جيڪڏهن بکر، سيوهڻ، درٻيلي يا ڏٺي ۾ سندس وفات ٿئي ها ته هوند سندس مزار زيارت گاهه طور اڄ تائين موجود هجي ها.“ (بلوچ، 1999ع: ص 31)

قاضي صاحب جو دؤر سمن حڪمرانن کان ارغون حڪمرانن شاهه بيگ ۽ شاهه حسن تائين جو آهي.

قاضي قادن جي سياسي ڪردار تي ڪيترائي سوال اُٿاريا ويندا رهيا آهن، خاص طور تي سندس پاران وقت جي ظالم ۽ جابر حاڪم وٽ عهديدار ٿي (قاضي القضاء) رهڻ وارو سندس فيصلو تنقيد جو سبب بڻيو آهي.

ڊاڪٽر عبدالجبار جوٽيجو لکي ٿو ته:

”ارغونن ڏٺي تي قبضو ڪري ڦرلٽ ۽ گرفتاريون شروع ڪيون، ڪيترن وڏگهراڻن ۽ عهديدارن جا ٻار ٻچا به قيد ٿيا، جن ۾ قاضي قادن جا ٻار به هئا، جيڪي هن آزاد ڪرايا ۽ ارغونن وٽ به ساڻيو قضا جو عهدو ماڻيائين، پر جيڪي عالم ۽ سرويچ هٿ تان نه لٿا، سي ان وقت ته ڏنڊ ۾ روپوش ٿي ويا. گهڻو پوءِ جڏهن وقت جي لٽ لٽي ته سندن چمڪندڙ چهرا سنڌ وارن ڏانا ۽ قاضي قادن جو سياسي ڪردار اڄ به تنقيد جو نشانو بنبو اچي.“ (جوٽيجو، 2002ع: ص 132)

ٻئي طرف اها به حقيقت معلوم ٿئي ٿي ته مٿي بيان ڪيل ماجرا موجب جڏهن شاهه بيگ ارغون جي سنڌ تي ڪاهه ۽ ڏٺي شهر ۾ عام ڦرلٽ ۽ قتل و غارت ۾ قاضي قادن جو خاندان به عذاب هيٺ آيو ته، ان حال ۾ قاضي قادن شاهه بيگ ارغون کي خط لکيو، جنهن ۾ خلق جي ڏکوئيندڙ حالت بيان ڪئي، جنهن کان پوءِ ڪجهه ٺاپر ٿي. ان معاملي ۾ قاضي قادن جو مثبت ڪردار به ڏسڻ ۾ اچي ٿو.

ميمڻ عبدالمجيد سنڌي لکي ٿو ته:

”قاضي قاضن جو خط پڙهڻ کان پوءِ شاهه بيگ تي ڏاڍو اثر ٿيو ۽ هڪدم پڙهو گهمارايائين ته ڪوبه ماڻهو ڏٺي جي ماڻهن جي مال ۽ اولاد کي هٿ نه لائي، پنهنجي بڌيءَ مان هڪ تير ڪيي قاضي قاضن کي ڏنائين، ۽ حڪم ڪيائين، ته قاضي قاضن جنهن به ماڻهو ڏانهن اشارو ڪري، اهو کيس سپرد ڪيو وڃي. اهڙي طرح اهو خوني طوفان قاضي قاضن جي طفيل اُجهاڻو.“ (عبدالمجيد، 2001ع: ص 27)

اهڙي ريت قاضي قادن جي شخصيت ۽ ڪردار جي انهن پاسن ڏانهن به نظر ڪجي

ته ان ۾ خلق جي خيرخواهيءَ جو عنصر پڻ اڳيان اچي ٿو.

5.2 قاضي قادن جو ڪلام:

قاضي قادن جا شروع ۾ فقط ست بيت ظاهر ٿيا، جيڪي شاهه ڪريم جي ملفوظات ’بيان العارفين‘ ۾ موجود هئا، جڏهن ته ان کان گهڻو پوءِ 1978ع ۾ هند- سنڌ جي نامياري اديب ۽ محقق هيرو ٺڪر گجرات، راجستان مان ديوناگري لپيءَ ۾ لکيل قاضي قادن جا بيت هٿ ڪري پڌرا ڪيا.

قاضي قادن جي ڪلام جي فني ۽ فڪري بلندي کي ڏسندي عالمن ۽ محققن کيس سنڌي اساسي شاعريءَ جو پهريون وڏو ۽ صوفي شاعر قرار ڏنو آهي، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکي ٿو ته:

”قاضي قادن سنڌي اساسي شاعري جو ابو ۽ سنڌ ۾ تصوف جي فڪر جو پهريون شارح ۽ اڳواڻ آهي.“ (بلوچ، 1999ع: ص 56)

هر دور ۾ جيئن ٿيندو آيو آهي پوءِ واري پيڙهي جا اڪابر پنهنجي پيشروئن جو گهرو اثر ونڊندا آهن، ان ريت قاضي قادن جي ڪلام جي مطالعي کان پوءِ اها ڳالهه معلوم ٿئي ٿي ته شاهه لطيف ڪائنس تمام گهڻو متاثر هو، شاهه لطيف، قاضي قادن جا ڪيترائي بيت آڏو رکي تضمين طور به پنهنجا بيت چيا آهن، جيئن:

لاڻي لام الف سين، ڪاتب لکين جيئن،
مون هينئڙو پريان سان لڳو آهي تيئن.
(بلوچ، 1999ع: ص 175)

شاهه عبداللطيف ساڳئي بيت کي سورٺي واري سهڻي صورت ڏيندي، پي ست ۾ ’وحدت الوجودي‘ فڪري مڪتب جي صناعُگيري ڪري چيو آهي ته:

ڪاتب لکن جيئن، لائي لام الف سان،
اسان سجڻ تيئن، رهيو آهي روح ۾.
(شاهه لطيف)

قاضي قادن جي فن ۽ فڪر جي بلنديءَ سان جنهن شعر شناسائي ڪرائي تنهن بابت واقعو منسوب آهي ته کيس ڪنهن اچي ٻڌايو ته ڪو ماڻهو مسجد ۾ ڪعبي ڏانهن پير ڪري ستو پيو آهي، قاضي قادن ڪاوڙ مان ٿيو ۽ درو ڪٽي اچي ان شخص جي پيرن تي هڻڻ لاءِ اولارايائين، ته اتي ان شخص جو سِر نظر آيس، ڏسي حيران ٿيو، سالڪ کيس چيو ته ’پير وٽي تيڏانهن رک، پر دل دوست ڏي رک‘ ان کان پوءِ هيءُ بيت چيائين:

جوڳي جاڳايوس، سُتو هوس ننڊ ۾،
تهان پوءِ ٿيوس، سندي پريان پيچري.
(بلوچ، 1999ع: ص 165)

ان واقعي کان پوءِ سندس آءٌ پٽي سان پرپور هٿ هارجي ويو ۽ پاڻ وحدت الوجودي نظريي جو پوئلڳ ٿيو، جيتوڻيڪ هو اڳ ۾ ميران محمد جونپوري جو مريد ٿيو هو، جو تصوف ۾ وحدت الوجودي فڪر جو پوءِ لڳ نه هو.

”معلوم ٿئي ٿو ته، مجذوب جي واقعي جڏهن منجهس تبديلي آندي، تڏهن هن ڪنهن بزرگ جي ڳولها ڪئي. انهيءَ بزرگ کيس ابن العربيءَ جي فڪر ’وحدت الوجود‘ کان روشناس ڪرايو، چاڪاڻ جو ميران محمد جونپوري جي مسلڪ ۾ وحدت الوجود جو اثر نظر نٿو اچي.“
(عبدالمجيد، 2001ع: ص 30)

هن واقعي سندس ذهني ساخت کي تبديل ڪيو ۽ ان کان پوءِ قاضي قادن جي حياتيءَ جو هڪ نئون روحاني ۽ فڪري دؤر شروع ٿيندي ٿو ڏسجي.

5.3 قاضي قادن جي ڪلام ۾ سسئي جو بيان:

اساسي شاعريءَ ۾ پين موضوعن سان گڏ سسئي جو ذڪر به سڀ کان پهرين قاضي قادن آندو آهي، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکي ٿو ته:

”مبين شاهه ڪريم سندس بيتن ۾ ڪم از ڪم انهن ڇهن ساڳين موضوعن

(توحيد، وحدت ۽ ڪثرت، سچڻ جي سِڪ ۽ نينهن، سسئي، گهاتو، هنج) کي وڌيڪ ورجايو، جن جا بنياد پهريون پيرو قاضي قادن جي بيتن ۾ ٻڌل هئا.“
(بلوچ، 1999ع: ص 323)

5.4 سچڻ جي سڪ:

قاضي قادن جي ڪلام ۾ صوفيانه نڪتن ۽ انساني اخلاق ۽ ڪردار جي تعمير سان گڏوگڏ عشق ۽ عاشقن جي سِڪ ۽ سوز جي اپڻار به اهم موضوع آهي.

قاضي قادن جي ڪلام ۾ سسئي چوي ٿي ته:

اڄ جِم کي ماءُ، هينئڙو مون ڪورُ ٿيو،
جو نه پئيم سماءُ، ته صحي مڙندو سچڻين.
(بلوچ، 199ع: ص 116)

اي امڙ! اڄ جڙ ته هينئون بي نور ٿيو هجي!
جو ڪا سُڌ ئي نه ٿي پويم ته سچ ۾ هن حياتي ۾ ئي سچڻ سان ملبو!

قاضي قادن جو ڪلام نهايت سليس، لهجو نرم ۽ فصاحت سان پرپور آهي، هن بيت ۾ به سسئي پنهنجي اندر جو احوال پنهنجي امڙ سان سلي پئي ۽ اُن ۾ مؤجزن درد جي دريا جي لاهن چاڑهن اميدن ۽ احساسن کي بيان ڪندي چوي پئي ته کيس پنهون جو ٻيهر وصال نصيب ٿيندو الائي نه!

4.5 سور جي ست:

شاهه لطيف جي سسئي بابت ڪلام ۾ به سسئي پنهنجي ماءُ سان مخاطب ٿئي ٿي ۽ کيس پنهنجي اندر جا اندوهه، ڏک ۽ فراق واري من جي ماجرا ٻڌائي ٿي:

مَٽيان مَٽي مَچُ، ٻَريُم ٻاروچن جو،
مون کي طعنا تي ڏئين، جئن نه پروڙئين سچ،
امڙ! اوري اڃ، ته سِتَ سٽائين سور جي.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 170)

5.6 سپوئي وار:

شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ سسئي جا جذبا ۽ جوش اجهل ۽ اٽموٽ آهن، پنهون کان پوءِ هاڻي هن جو من ڪنهن به شيءِ ڏانهن مائل نٿو ٿئي.

امڙ وڃي آڻ، چرخو اٽڻ وچ مان،
ڪتيم جنهن ڪاڻ، سو ڪوهيارو ڪيچ ويو.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 170)

شاهه لطيف سسئي جي ڪردارنگاري ۾ جذبن جي سچائي شدت ۽ گهرائي حد درجي جي بيان ڪئي آهي، سسئي پنهنجي ماءُ جي ڪابه سمجهاڻي، آسرو ۽ ڪو دلاسو قبولڻ لاءِ هرگز تيار نٿي ٿئي ۽ سپ لاڳاپا لاهي فقط پنهنجي پنهونءَ جي جستجو ۽ ڳولا ۾ ڪاهي پوڻ جي پچار ڪري ٿي.

ماءِ! وهاڻو وار، ڪڻ پٽراڻي پانهنجي،
جيڪي ڏِنءُ ڏيج ۾، سو سپوئي سار،
وڃان ٿي وٽڪار، ڏٺم پير پنهونءَ جو.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 175)

5.7 سوئي ميڙ سچڻ:

شاهه لطيف ۽ قاضي قادن جي ڪلام ۾ سسئيءَ جا سور ساڳيا آهن. ان ريت سسئي بابت قاضي قادن جو ٻيو بيت هي آهي:

لڳي وڃان پير، دانهان ڪندي ڏونگرين،
سوئي سچڻ ميڙ، جنهين مون هئون وئا ڪٽي.
(بلوچ، 1999ع: ص 116)

سسئي چوي ٿي ته پنهون جو پيرو ڪنيون پئي وڃان، ۽ جبلن پهاڙن مان کيس

پڪاريندي پئي وڃان. اي رب پاڪ! مون کي پنهنجو پرين ملائي جنهن کي (منهنجا ڏير) مون کان ڏار ڪري ڪٽي ويا آهن.

5.8 رڳوئي رنج:

شاهه لطيف به سسئي جي بيان ۾ ڪيس پنهون جي پريت ۾ ڏونگر جا ڏُک ملڻ جي ڳالهه ڪري ٿو:

سپيريان جي ڳالهڙي، رُڳو رنجائو،
ڏونگر ڏولائو، ڏيندا مون ڏير ويا.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 188)

5.9 ڏونگر کي للڪار ۽ صلاحون:

پرين جي پڇار ته رڳو سورن ۽ ڏکن جو داستان آهي، ائين جئين منهنجا ڏير مون کي ڏونگرن ۾ سورن جو ساٿ ڏئي هليا ويا.

شاهه لطيف سسئي جي بيان ۾ نه صرف ڏونگرن جي ڏکاين جو چٽائي سان احوال آندو آهي پر ان سان گڏوگڏ سسئي کي ڏونگرن للڪاريندي ۽ کين مخاطب ٿيندي، انهن کي ميارون ڏيندي ايلاز ڪندي ۽ پڻ للڪاريندي ڏيکاري ٿو.

آڏو ڏکر نر، متان روهه رتيون ٽٽين.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 144)

ڏونگر! ڏکوين کي، دلاسا ڏجن،
گهٽو پڇجي تن کي، جن وٽان هوت وڃن،
تون ڪئين سندا تن، پَهَڻ! پير ڏکوئيين!
(آڏواڻي، 2013ع: ص 158)

شاهه لطيف وٽ احساس ۽ ڪيفيتن جا ڪيترائي انواع ورن جا عڪس آهن. هڪ پاسي سسئي ائين ڏونگر کي ميارِ ڪري ٿي ته ٻئي طرف ان جي ابتڙ ان لاءِ پيار ۽ پاڻهه جي آخرين حد تائين وڃڻ جي سڌ ڪري ٿي، اهائي شاهه لطيف جي شاعريءَ جي عجيب، انوکي ۽ اعليٰ خوبي آهي ته هو هڪ ئي هنڌ به الڳ انتهائون نهايت موزون ۽ سهڻي سڌاءُ ۾ جوڙي هڪ سهڻي صورت ڇڻي ڏيکاري ٿو:

ڏونگر! ڏيهاڻي، پاڻ مٿان تو گهوريان،
تو منجهه رهاڻي، سدا پاروچن جي.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 159)

5.10 قاضي قادن جي سسئي ۾ تصوف جو نمايان رنگ: شاهه لطيف جو سسئي جي ڪردار بابت ڪلام تمام گهڻي گهرائي وسعت ۽ تفصيل سان چيل آهي، جڏهن ته قاضي قادن جو ڪلام ان موضوع تي تمام مختصر آهي، ان جو سبب سندن مڪمل ڪلام جو هڻ نه اچڻ به آهي، بهرحال قاضي قادن جو سسئي بابت شعر ۽ ان جي سورن جي اپڻار ڪرڻ سندس هن موضوع بابت دلچسپي ۽ ساڳئي وقت سسئي جي ڪردار جي اهميت کي پڻ اجاگر ڪن ٿا، توڙي جو قاضي قادن جي ڪلام ۾ تصوف جي نڪتن جي اپڻار جو رنگ واضح ۽ گهرو آهي.

5.2.1 شاهه ڪريم بلڙي وارو:

5.2.2 شاهه ڪريم بابت مختصر احوال:

شاهه ڪريم بلڙي وارو (1623-1536ع) شاهه لطيف جو تڙڀاڻو هو. رواجي تعليم کان پري رهيو. سماع جي محفلن، بزرگن جي صحبت ۾ روحاني فيض حاصل ڪيائين. تاريخي تذڪرن ۾ ’سيد صاحب‘ جي نالي سان سڏيو ويو آهي، شاهه ڪريم قول ۽ فعل ۾ هڪجهڙو ۽ سچو صوفي هو، پنهنجي عيال لاءِ جسماني پورهيو ڪري سندن پالنا ڪندو هو، ڊاڪٽر غلام علي الانا سندس بابت لکي ٿو ته:

”جوانيءَ جي عمر کان وٺي مخدوم نوح عليہ الرحمة جي صحبت ۾ رهيو، مگر کين روحاني فيض، سيد ابراهيم شاهه بهاري کان مليو.“

(الانا، 2012ع: ص 401)

شاهه ڪريم عام ماڻهن توڙي پنهنجن مريدن ۽ معتقدن جي رهبري ۽ رهنمائي شاعري، مثالن ۽ سمجهاڻين وسيلي ڪندو هو. جيڪي پوءِ سندس مريد محمد رضا ڪٿوي سندن وفات کان ڇهه سال پوءِ ’بيان العارفين و تنبيہ الغافلين‘ نالي سان قلمي ڪتاب جي صورت ۾ قلمبند ڪيا. هن ڪتاب ۾ آندل شاهه ڪريم سان منسوب 94 بيتن بابت ڊاڪٽر عمر بن محمد دائوديپوٽو لکي ٿو ته:

”يقين سان چئي نٿو سگهجي ته انهن 94 بيتن مان ڪيترا خود سندس آهن، چاڪاڻ ته ’بيان العارفين‘ واري ڪن ٿورن هنڌن ڪانسواءِ ڪٿي به ائين صاف نه ڄاڻايو آهي ته اهي بيت خود شاهه ڪريم جا آهن.“

(ڊاڪٽر دائوديپوٽو، 1977ع: ص 36)

شاهه ڪريم هڪ سپاجهو ۽ اڪل حلال جي ڪمائي تي زندگي گذارڻ وارو فرد هو. سپاءَ ۾ به سلجهڻو هو، سندس مزاج ۾ ڏيرج ۽ ميڙاج ڳوهيل هو.

شاهه ڪريم بلڙي واري جو صبر ۽ سهپ ضرب المثل هئا. گفتار ۽ ڪردار ۾ نرمي، نئڙت ۽ درويشي نمايان هئي. اهوئي سبب هو جو سندن تبليغ تمام گهڻي اثرائتي ثابت ٿيندي هئي. ڊاڪٽر عبدالجبار جوٽيجو لکي ٿو ته:

”سيد صاحب جي دل جيتري نرم هئي، اوتري نرمي سندس لهجي ۾ آهي ۽ سندس شخصيت جي محبوبيت ان مان ظاهر ٿئي ٿي. هو هڪ درويش صفت ۽ انسان دوست شخص هو. هن تصوف جي اپڻار ۽ سمجهاڻي لاءِ ڪو اهڙو رستو نه ڳوليو، جيڪو عام جي سمجهه کان ٻاهر هجي. هن پنهنجي گفتگو ۾ مريدن کي ڪي نڪتا وقت بوقت چيا. ڪي پنهنجا بيت ۽ ڪي ٻين شاعرن جا بيت چيائين، سندس فڪر جو سرچشمو قرآن کان وٺي روميءَ تائين اچي ٿو.“ (جوٽيجو، 2010ع: ص 76-77)

5.2.3 سادا مارو لوڪ:

شاهه ڪريم عام فهم ۽ سولي سنڌيءَ ۾ پنهنجو پيغام پهچائڻ جا جتن ڪري ٿو، مارئي جي داستان جي حوالي سان چوي ٿو ته:

اسين تتان آئيون، جتي ڪنهبو ناهه،
جي وجون ڪنهن وهان، ته به مٺهون لوئيون.
(دائوديپوٽو، 1977ع: ص 64)

5.2.4 نيهن نياپي نه ٿئي:

عشق جي باب ۾ به ڳالهه صاف سڌي ۽ مٺانهين معنيٰ ۽ مطلب واري ڪٿي اٿس، ته پريت ڪا نياپي سان ٿيندي آهي ڇا؟ ان لاءِ ڪشالا ڪيڏا پوندا آهن.

نينهن نياپي نه ٿئي سڌين سيڙ نه هون،
ڪاري راتين رت ڳڙا، جان جان نيڙ نه رون.
(دائوديپوٽو، 1977ع: ص 68)

شاهه لطيف انهيءَ شاهه ڪريم جي بيت کي ٻن سٽن جو واڌارو آڻي هڪ بهترين وائيءَ جي صورت ۾ 'سُر ڪنيات' ۾ آڻي پنهنجي ڪلام ۾ شامل ڪيو آهي:

سَڏين سيڙ نه هُون، نِيهُ نياپي نه ٺيي،
ڪاريءَ رات رَت ڦڙا، جان جان نيڙ نه رُون،
مونڙ جَني ميهڙو، پڙَ تي سيئي پُون،
جَن مسافر سپرين، سي مَرُ رويو رُون.
(بلوچ، 2009ع: ص 86)

حقيقت آهي ته خالي خواهش ۽ سَڏن سان نه پر عشق جو اڙانگو سفر ڏکن ڏولاون سان مڪمل ٿئي ٿو.

5.2.5 شاهه ڪريم جو سسسئي جي باب ۾ ڪلام:

شاهه ڪريم جي سسئي بابت چيل ڪلام ۾ به جذبات جي شدت ظاهر ظهور ڏسڻ ۾ اچي ٿي، سسئي پنهنجي ماءُ کي مخاطب ٿي چوي ٿي ته:

امڙ ڪوءِ گهروءِ، مونئا ساڻڙو وڃي نڪرئو،
هيڙو ڏيئي وڃ جئين، مون جيئن تان نه ٻرئو.
(دائودپوٽو، 1977ع: ص 74)

اي امڙ! هي تنهنجو گهر وڃي ڪوهه ۾ پوي! مون کان پنهون جو ساڻ نڪتو وڃي ٿو. ماءُ! مون سان ائين ٿيو آهي، جيئن ڏيئي جي وڃ ٻرندي آهي، اها ڪيفيت منهنجي آهي، ائين توسان نه ٿيو آهي؟

5.2.6 ڪتڙ وارو ڪم وڃي ڪوهه ۾ پوي:

شاهه لطيف جي سسئي به ساڳئي لب و لهجي ۾ ماءُ سان مخاطب آهي.

ڪوءِ ڪتڙ، ٻَن ڪَپاهُه! ڪوءِ آتَڙُ! ٻَنِ جيڏيُون!
ساڃَنُ منهنجو ساهه، هاڃي منجهه هڻي ويو.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 170)

5.2.7 سرير جو ساهه:

عشق جي پنڌ ۾ فراق ۾ ائين به ٿئي ٿو ته، ڪا ڳالهه اندر مان اڌمو ڏئي اُسري ٿي ته جڙ روح ۽ ساهه باهه جي جڙي ٿيو وڃي.

شاهه لطيف جي سسئي به پنهنجو سڀ ڪجهه قربان ڪري جيون جا مڙئي مامرا پڻيءَ تي ورائي پنهونءَ پڻيان وڃڙ ۽ سندس سِڪ ۾ سرير جي ساهه جو عذاب ۾ پئجي وڃڙ جون پڪارون ڪري ٿي.

ڪڏهن ڪڏهن جيڏيون ڪو پهه به اچيو پوءِ،
سو پڙ ساڙو هوءِ، هيڻُ جو ساهه سرير جو.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 187)

شاهه ڪريم سسئي جي بيان ۾ وڌيڪ چوي ٿو ته:

مُنڌ مَ ويهه، اُڀي اوسڙ اُس ۾،
تو سيئي سيڙ ڪِئا، ڏور جنين جو ڏيہ.
(دائودپوٽو، 1977ع: ص 73)

5.2.8 ويهُه نه:

شاهه لطيف سُر آبري ۾ ''ويهه مَ مُنڌ پنيورَ'' تي سڄا سارا چار بيت چيا آهن:

ويهه مَ مُنڌ پنيورَ ۾، ڪَر ڪو واڪو وَسُ،
ڄم ورچي ڇڏئين، سندو ڪُنگن گس،
ڏورڙ منجهان ڏس، پوندءِ، هوتَ پنهونءَ جو.
(بلوچ، 2009ع: ص 174)

شاهه ڪريم سسئي کي صلاح ڏيندي چوي ٿو ته اي سسئي! گهر ۾ ويهي نه رَهه، پر اڃي اُسن، لُڪن ۾ پنهون جو پيرو ڪڍ جو تو انهن سان مائٽي ڳڏيي آهي جن جو وطن تمام پري

آهي.

شاهه لطيف چوي ٿو ته:

ڏکي! ڏِک وسار، سيجَ ڦٽي ڪر سسئي،
پَڌين پير نِهارِ، ته آرياڻي اُتان لَهين.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 133)

سمجهاڻي: اي ڏکويل سسئي تون هار سينگار ۽ شادي وارا شادمانا ۽ گهوٽ سان سيج ماڻڻ وارا سپنا وساري برپڻن ۾ پنهونءَ جي پڻيان ڪاهي پئو ته اُتان ئي توکي من جي مُراد حاصل ٿيندي. شاهه ڪريم وڌيڪ چوي ٿو ته:

پهرين پاڻ وڃاءِ، پاڻ وڃاءِ هُوءَ لَهُ،
تِهان ڏارَ نه سپرين، مُه منجهئين پاءِ.
(دائودپوٽو، 1977ع: ص 69)

5.2.9 فنائي بقا آهي:

هتي پاڻ کي فنا ڪرڻ ۽ پنهنجي مَن ۾ ئي محبوب موجود هجڻ جي نويد آهي، شاهه لطيف ان ڏس ۾ چوي ٿو ته:

سرتيون سپوئي ٽِڙو، اندر آرياڻي،
ويڻي پسان پاڻ ۾ ڏونگر ڏينهاڻي،
هُيس جَنِ هاڻي، سي ڪيچي گڏيم ڪَه ۾.
(بلوچ، 1999ع: ص 366)

هتي شاهه لطيف مَن ۾ محبوب کي گولڻ کان به مٿانهين ڳالهه ڪندي چوي ٿو ته منهنجي اندر ۾ هاڻي رڳو منهنجو محبوب ئي آهي ۽ ان محبوب جي تلاش جون رندڪون ۽ رڪاڻون به مون منجهه ئي آهن جن کي به ڏورينديءَ پئي هلان ۽ آئون جنهن محبوب جي آهيان اهو مون کي انهيءَ وات ۾ ئي ملي ويو آهي.

سُر آبري ۾ لطيف سائين چيو آهي ته:

وريتيون ورو، آءٌ نه ورندي وَر ري،
جاڏي هن جبل جو، تانگهيندیس ترو،
جتن ساڻ ذرو، نينهن نبيرڻ نه ٿئي.
(آڏواڻي، 2012ع: ص 191)

شاهه ڪريم جي ڪلام جي مطالعي مان معلوم ٿيڻ ٿو هو سسئي جي ڪردار ۾ سالڪ کي حقيقي محبوب جي سِڪ ۾ لوڪ سان لاڳاپا لاهي پنهنجي پنهونءَ جي وات وڻڻ لاءِ اُتساهي ٿو. البته سسئي جي جدوجهد جو جولان ۽ جذبات جي گوناگونيت ۽ شوق جي شدت شاهه لطيف جي ڪلام جوئي خاصو ۽ خوبي آهي.

5.3 شاهه لطف الله قادري:

5.3.1 مختصر تعارف ۽ ڪلام بابت ڄاڻ:

شاهه لطف الله قادري سنڌ جي قديم تاريخي شهر ”اڳهم ڪوٽ“ جو هو، جيڪو بدين ضلعي ۾ آهي، اندازي موجب شاهه لطف الله 1611ع جي لڳ پڳ ڄائو ۽ 1679ع ڌاري وفات ڪيائين، سندس سوانح بابت تمام گهٽ ڄاڻ حاصل ٿي سگهي آهي، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکي ٿو ته:

”شاهه لطف الله قادري جي سوانح بابت هن وقت تائين ڪا خاص تفصيلي معلومات حاصل نه ٿي سگهي آهي، مگر خوشقسمتي سان سندس به ڪتاب ”سنڌي رسالو“ ۽ ”منهاج المعرفت“ موجود آهن. جن مان ظاهر آهي ته هو هڪ اهلِ دل عالِم ۽ صوفي، پنهنجي وقت جو وڏو شاعر ۽ سنڌي زبان جو خادم هو.“ (بلوچ، 2010ع: ص 16)

شاهه لطف الله قادريءَ جي ٽِئين تصنيف ”تحفة السالڪين“ وقت ۽ حالتن جي ڏز هيٺ

ڊيجي وئي ۽ اهو ڪتاب اڃا تائين ملي نه سگهيو آهي، ”سنڌي رسالي“ جي تصنيف ”منهاج المعرفت“ (فارسي) جي تصنيف کان پوءِ سگهوئي ڪيائين ۽ ان جو مقصد عام سنڌي پڙهندڙن کي سندن ئي ٻولي ۾ سولائي سان ۽ سگهو پڙهڻ ۽ سمجهڻ جو جاڻايو اٿس.

ڪوڏا ڪئو رسالو، ايءُ فقير جوڙي بيتن،
ته هوءِ سنڌي وائي سَهُلو ٻجهڻ ٻوجهن،
ٻاهنجي ٻولي ڪري سگهائين اي سِکن،
لُطف الله چئي، لئي پيو، ور سکن ۽ پڙهن.
(بلوچ، 2010ع: ص 53)

شاهه لطف الله جو اهو ”سنڌي رسالو“ سنڌي شعر جو پهريون وڏو ڪتاب آهي، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکي ٿو ته:

”شاهه لطف الله قادري جو ڪلام، قاضي قادن کان وٺي شاهه عبداللطيف تائين ”سنڌي اساسي شاعري“ جي انهيءَ اوسر ۽ عروج واري سلسلي جي وچين ۽ اهم ڪڙي آهي.“ (بلوچ، 2010ع: ص 28)

شاهه لطف الله قادري سنڌي اساسي شاعريءَ جو اهم شاعر سمجهيو وڃي ٿو جو هن شاعريءَ ۾ نوان تمثيلي مضمون آندا.

”شاهه لطف الله قادري سنڌي اساسي شاعري ۾ ”سامونڊين ۽ ناکئن“ ۽ ”جوڳين ۽ آديسين“ وارا نوان تمثيلي مضمون رائج ڪيا جي ڪائنس اڳ ٻئي ڪنهن به شاعر نه آندا هئا.“ (بلوچ، 2010ع: ص 30)

5.3.2 نانگا ۽ نينهن:

شاهه لطف الله قادري جي انهيءَ نواڻ کي پوءِ جي وڏن شاعرن شاهه ميين عنات رضوي ۽ شاهه عبداللطيف ڀٽائي پنهنجي ڪلام ۾ خوب ڪتب آندو آهي، اهڙي ريت شاهه لطف الله قادري کائنس پوءِ جي شاعرن کي ڪافي متاثر ڪيو آهي.

جي ڪچي ڪاچوٽي ڪيڙي ته ايُ نانگي نه ننگ،
بلوچ، 2010ع: ص 100)

شاهه لطيف وري هينئن چيو ته:

ڪچي ڪاچوٽي نانگن ٻڌي نينهن جي،
جهڙا آيا جگ ۾ تهڙا ويا موٽي،
اُنين جي چوٽي، پُورب ٿيندي پڌري.
(اڏواڻي، 2013ع: ص 339)

5.3.3 حق جي ڳولا:

شاهه لطف الله قادري ۽ شاهه لطيف جي ڪلام ۾ هڪجهڙايون حيرتناڪ آهن، ان جا به به ڪارڻ ٿي سگهن ٿا، نفسياتي ڪيفيتن جي ساڳي پهچ، جيڪا دنيا جي ڏورانهن ڏيهن جي شاعرن ۾ ڏني وئي اهي، ٻيو پنهنجي پيشروئن جو گهرو اثر ونڊ.

شاهه لطف الله چيو ته:

جنهن ڪارڻ جوڳي ٿئا، جان جان سو نه پسن،
ورهه وهامي راتڙي، تان تان سنياسين.
(بلوچ، 2010ع: ص 1080)

شاهه لطيف به ساڳي ڳالهه ڪري چوي ٿو ته:

جنهن ڪارڻ جوڳي ٿئا، جان جان سونه پَسَنَ،
تان تان سنياسين، ورهه وهامي راتڙي.
(اڏواڻي، 2013ع: ص 342)

اهڙي ريت، جوڳين، سنياسين فقيرن ۽ سامونڊي ناکئن کي شاهه لطيف پڻ پنهنجن سُرن جي سونهن بنايو آهي.

شاهه لطف الله قادري جي رسالي بابت ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکي ٿو ته:

”شاهه لطف الله قادري جو رسالو سنڌي نظم جي تاريخ ۾ پهريون وڏو ڪتاب

آهي، جو سڄي جو سڄو سنڌي بيتن تي مشتمل آهي.“

(بلوچ، 2010ع: ص 27)

انهيءَ حوالي سان به شاهه لطف الله جو ڪلام سنڌي اساسي شاعري ۾ اهم مقام ماڻي ٿو ۽ قاضي قادن کان شاهه لطيف تائين جي دؤر جي اهم ڪڙي آهي.

5.3.4 شاهه لطف الله قادري ۽ شاهه عبداللطيف:

شاهه لطف الله قادري ”منهاج العاشقين“ کان پوءِ ”سنڌي رسالو“ عام سنڌي ماڻهن جي سولي ۽ سِگهو سمجهڻ واسطي تحرير ڪيو، ان هوندي به سندس بياني انداز سليس ۽ زبان فصيح نه آهي جيئن شاهه لطيف جو ڪلام هر خاص ۽ عام ۾ مقبول آهي. ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو لکي ٿو ته:

”شاهه لطف الله نهايت گهرائيءَ سان مسئلي جي سمجهاڻي ڏئي ٿو ۽ مجموعي طور ايترو فصيح زبان نه آهي، جو بيت عوام الناس جي حلقي ۾ مشهور ٿئي، هو توحيد جي تنوار بابت سنجيدگيءَ سان گفتگو ڪندو اڳتي وڌندو وجي ۽ سلوڪ جي منزلن کان واقف ڪري ٿو.“

(جوڻيجو، 2010ع: ص 81)

5.3.5 توحيد جي تنوار:

شاهه لطف الله قادري توحيد ۽ سلوڪ جي سلسلي کي سمجهائڻ لاءِ ان کي سنڌي بيتن ۾ بيان ڪيو آهي، جڏهن ته ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي تحقيق ۽ مرتب ڪيل ’شاهه لطف الله قادري جو ڪلام‘ ۾ هڪ باب ’قسم پنجئون منجهه عشق ۽ حال عاشقن‘ جو پڻ آهي.

هي جي فاني ٿئا في الله ۾، موٽڻ تن محالُ،
ان وڃائي وجود کي، حاصل ڪيو حال،
تنين سندو قالُ، آتانگهان اتانگهه ٿئو.

(ص 64)

5.3.6 محبوب جو حُسن:

شاهه لطف الله محبوب جو اصل حسن پسڻ کان پوءِ واري بيقراري جو بيان ڪندي چوي ٿو ته،

حسن حبيبن جو جنين ڏنو ماءُ،
تني منجهان ڪاءَ، سُک نه سُتي ڪڏهين.

(بلوچ، 2010ع: ص 92)

شاهه لطيف جو هي بيت ان بيت جو عڪس نظر اچي ٿو:

ڏني جن هيڪار، صورت ساهڙ جام جي،
سڪ تي سُتيون ڪينکي، پري ساڻ پٽار،
گهڙيون گهرنئان ڏار، ڪاهي پيون ڪُنَ ۾.

(آڏواڻي، 2013ع: ص 73)

5.3.7 اڇاڻ ڏي پرائڻ:

شاهه لطف الله سڪڻ ۽ پرائڻ لاءِ اپوجهه بڏجڻ کي بهترين گس قرار ڏي ٿو.

ان بابت شاهه لطف الله جو بيت آهي ته:

پجهي تئن اپوجهه، جاڻ وڃائي پاهنجو،
هوئين جي سپوجهه، ته پجهه مَ پڙي جيترو.

(بلوچ، 2010ع: ص 141)

شاهه لطيف چوي ٿو ته اها سِڪ ئي آهي جيڪا اپوجهه کي سپوجهه ۽ اهي سُور ئي آهن جيڪي بنهه اپوجهه سسئي کي سونهون بنائي چڏيو.

رات ڏِنائين روجَهه، پاڻءِ ڪِ اوڻِي آئِيا،
پريٽي پرينءَ جي، سِڪڻ کي سپوجهه،
آڳي هُئي اپوجهه، کي سُورَ سياڻي سسئي.

(بلوچ، 1999ع: ص 324)

شاهه لطف الله قادري ۽ شاهه لطيف جي ڪلام جي پيٽ ڪندي ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکي ٿو ته:

”شاهه عبداللطيف پنهنجي پيش رو بزرگ شاهه لطف الله قادري جي بيتن کان نه فقط واقف هو، بلڪ انهن کان ڪافي متاثر ٿيو.“ (بلوچ، 2010ع: ص 49)

شاهه لطف الله قادري جا ڪيترائي بيت شاهه لطيف جي ڪلام ۾ پڻ ملن ٿا، جن بابت خيال آهي ته اهي شاهه لطيف فقيرن سان رهاڻين ۾ پڙهيا ۽ پوءِ اهي فقيرن جي معرفت رسالي ۾ اچي ويا.

شاهه لطف الله قادري ۽ شاهه لطيف جي ڪلام جي پيٽ ڪندي ڊاڪٽر فهميده حسين لکي ٿي ته:

”ٻنهي شاعرن جي تمثيل ۾ عورت پنهنجي محبوب جي حسن تي ۽ صورت تي موهت آهي ۽ اها سڪ ۽ نندِ ڦٽائيندڙ سونهن بيان ڪندي گهري جذبي جو اظهار ڪري ٿي. پيار محبت جي سلسلي ۾، وصال ۽ فراق جي مسئلن ۾، اوسيئڙو ڪرڻ ۽ راهه نهارڻ جي معاملي ۾ عورت بيتابيءَ جو اظهار ڪري ٿي ته پنهنجي اهڙي نينهن تي پڇتاءُ به ڏيس ٿو، چوي ٿي:

واجهائيندي وجهلندي لڳم گهٽا ڏينهن،
ڪوهه جاڻان ڪوه ٿيو ماڻُ! منهنجي نِينهن.
(فهميده، 1993ع: ص 156)

جيتوڻيڪ شاهه لطف الله قادري جي ڪلام ۾ مکيه ۽ اهم نڪتو تصوف جي منزلن ۽ مقصدن جي اپڻار آهي، پر ان سان گڏوگڏ هُن پنهنجي ان مقصد جي اپڻار لاءِ مشهور داستانن جي ڪردارن جي چونڊ ڪئي آهي، جن مان سسئي جو ڪردار به اهم آهي. جيڪو ايڏو نشانبر ۽ نروار نه آهي جيترو شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ ڪيترين ئي جذباتي ڪيفيتن تي محيط آهي ۽ اهڙن انساني جذبن ۽ ڪيفيتن جي اپڻار ڪندي هو انساني زندگيءَ جي واٽ جا ڏينگهر هڻائيندو هُن جي رهبري ۽ رهنمائي ڪندو وڃي ٿو.

5.4 ميون شاهه عنات رضوي:

4.5.1 شاهه عنات جو ڪلام: شاهه عنات بابت مختصر احوال باب پهرين ۾ شاهه لطيف جي همعصر دؤر جي عالمن ۽ اديبن جي سري هيٺ ڏنو ويو آهي، شاهه عنات، شاهه لطيف جو وڏو همعصر هو. هن پنهنجي ڪلام ۾ نالو ’عنات‘ ڪري آندو آهي. سندس رسالو 22 سُرن تي ٻڌل آهي. سندس ڪلام جي ٻولي بابت ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکي ٿو ته:

”ميين شاهه عنات جي زبان نهايت ڳوڑهي ۽ لغت آميز آهي، جنهن کي سمجهڻ ايترو آسان نه آهي.“ (بلوچ، 2010ع: ص 15)

سُروار بيت پهريون دفعو شاهه عنات وٽ ملن ٿا جنهن ترتيب کي پوءِ وارن شاعرن به پنهنجي ڪلام ۾ قائم رکيو.

شاهه عنات عام مشهور داستانن سسئي پنهون، مومل راڻي، عمر مارئي، ليلا چنيسر ۽ سهڻي ميهار وغيره سان گڏ ٻين عام داستانن کي پڻ ڳايو.

”شاهه عنات پهريون شاعر آهي جنهن پنهنجي ڪلام ۾ انهن قصن سان گڏ سندن جي ٻين عام مشهور داستانن مثلاً راءِ ڏياچ ۽ مگڻي، نوري ۽ تماچي، ڪاري ڪيڙائن، جوڳين، سامين ۽ پوربين، آتڻ ۽ ڪاپاتين، لاکي ۽ ريبارين، ابڙي ۽ سامن، جکري ۽ ڪرن جهڙن سخي مردن کي دل کولي ڳايو.“ (بلوچ، 2010ع: ص 58)

شاهه عنات جي ڪلام ۾ لغت جي ڳوڑهائي جي باوجود بيان جي رواني ۽ رنگيني چڻي نظر اچي ٿي.

وڃن ونڪا ويس، نَوَ ڪنڊ ناڏ ٽئا،
پلٽيا پاريون ڪري، مٿي نوڻن نيس،
اهڙو اوطاقن ۾، ماري وينا ميس،

سڃڻ ديسان ديس، پڪا رکن پاڻ ۾.
(بلوچ، 2010ع: ص 281)

شاهه عنات جي ڪلام جي ٻولي تي راءِ ڏيندي تنوير عباسي لکي ٿو ته:

”شاهه عنات جو شعر پڙهي معلوم ٿو ٿئي ته ’ٻڪي ٻاجهه جي‘، ’سڃڻ سوپارا‘، ’ڪنڊيڙڻ‘، ’اکين سين کهه چنڊڻ‘، ’پائر جا پنهوار‘، ’ڳٽين رسڻ‘، ’اوڏا پکڙا اڏڻ‘، ’رندا روڙڻ‘، ’چوٽا تيل ڦليل جا‘، ’چوڏهين جي چنڊ جيان جَرڪڻ‘، ’ٻانهي ٻانهوٽي ۽ ڪنيزڪ‘، ’گولي گل بوءِ‘، ’ساڻ ڏٽي‘، ’مزمانن جي مهري جهڪائڻ‘، ’ورن وارين جو موٽي وڃڻ‘، ’تتي ڏڏي ڪاهڻ‘، ’اوتڙان تڙ ٿيڻ‘ جا محاورا ۽ اصطلاح شاهه لطيف کان اڳ استعمال ۾ آيا هئا.“ (تنوير، 2007ع: ص 97)

اهڙيءَ ريت شاهه عنات پنهنجي ڪلام ۾ اهڙن لفظن، اصطلاحن ۽ محاورن کي خوب ڪتب آندو آهي ۽ پنهنجي ڪلام ۾ معنيٰ جا رنگ ورنا موتي پويا آهن، ان کانسواءِ شاهه عنات ڪلاسيڪي شاعري ۾ پهريون پيرو بيتن ۾ حسن ۽ عشق جي اپٽار ڪئي آهي. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکي ٿو ته:

”ميون شاهه عنات پهريون شاعر آهي جنهن پنهنجي بيتن ۾ مجازي حسن کي ڳايو، کانئس اڳ توحيد ۽ تصوف، نصيحت ۽ هدايت، حال ۽ حقيقت جو بيان بيتن جو مکيه موضوع هو، ميين شاهه عنات پڻ ان روايت مطابق ڪن سرودن، خصوصاً ڪلياڻ، جمن، ڪنيات، سُر سريراگ، رامڪلي، پرپات، ڏناسري، آسا، ڪاپائتي ۽ ڪارائڙي ۾ توحيد ۽ طريقت، نصيحت ۽ عقيدت جا پيوند هنيا، مگر جيئن ته ميين شاهه عنات پنهنجي بيتن ۾ وصف ۽ بيان جي وسعت پيدا ڪري قصن ۽ داستانن جي سورمين جي سونهن ۽ سينگار کي موثر انداز ۾ ورجايو ۽ اهڙي طرح اعليٰ سنڌي شاعريءَ ۾ پهريون پيرو مجازي حسن جي تعريف جي نئين باب جو اضافو ڪيو.“ (بلوچ، 2010ع: ص 61)

سرود ’مومل راڻو‘ ۾ شاهه عنات چوي ٿو ته:

گُلبدن جُون گُجريون، آ رَم اوڍيائون،
چوٽا تيل ڦليل سين، واسنگ ويڙهيائون،
مشڪ محبت پاڻ ۾، لڳين لايائون،
ڪوڏا پوتائون ڪچُنان، سيلا سنڌيائون،
اهڙي پر، عنات چئي، راڻو راڻيائون،
سو موٽِ ڪينءَ ٻاهُون، جو وڃي ڪاڪ قرارئو.
(بلوچ، 2010ع: ص 226)

سرود توڙي ۾ سهڻي جي سِڪ جي انتها ۽ شدت بيان ڪندي چوي ٿو ته پوءِ اهڙي سِڪ وارين لاءِ رستي جون ڏکايون، روڪ، رندڪون ۽ رڪاوٽون به آسان ۽ معمولي ٿي پون ٿيون.

چئان گهڙي تئان گهيڙُ، اوتڙائين تڙ ٿئي،
ڏمَ وٽ جُٽو ظاهرا، مَنُ مهارَ سين ميڙ،
ساندي پائئي نيڙ، جنهن اهڙي سِڪ سيد چئي.
(بلوچ، 2010ع: ص 286)

5.4.2 شاهه عنات جو سسئي بابت ڪلام:

5.4.3 غفلت چوڙ:

شاهه لطيف ۽ ميون شاهه عنات ننڊ ۽ غفلت ڪرڻ جي سخت برخلاف هئا. منزل ماڻڻ ۽ جاکوڙ ڪرڻ لاءِ اهڙي ويسرائپ موت برابر آهي. ان ڪري شاهه عنات سسئي جي

غفلت ۽ ويسرائپ تي ڪيس تنبيهه ڪندي چوي ٿو ته:

سپئي چوندیون ساءِ، اهڙي ڳالهه عنات چئي،
وجهه اکیون ویسري، ور ۾ ویٺي آهي،
پنهونءَ سین پیياءِ، تُون ڪيئين آساري اوجهرين.
(بلوچ، 2010ع: ص 244)

شاهه لطيف سسئي جي غفلت ۽ ننڊ جي نِندا ڪندي چوي ٿو ته:

وَڏي جاڙَ ڪِيَاء، جئن سُتينءَ پيرَ ڊگها ڪَري،
درَ پَر اُپيين دوستَ جي، ته سُر ٻرُ هُوندَ سُياءِ،
اَصُل آريءَ جامَ جي، سگي تون نه سِياءِ،
پُنهونءَ سِين پيياءِ، تون نياڳي نِنڊُون ڪَرين.
(بلوچ، 1999ع: ص 333)

سسئيءَ جي راهه جون ڏُکاين، ڏونگر ڏورڻ ۽ بيابان لتاڙڻ جو بيان ڪندي شاهه عنات چوي ٿو ته سسئي جي محبت ئي آهي، جنهن سان هُو اهڙو ڏکيو ۽ اڳانگو پنڌ ڪري پار پئجي سگهي ٿي.

ڪرڙا ڏونگر:

ميون شاهه عنات سسئيءَ جي سِڪ جي انتها ۽ محبت جي مهانتا بيان ڪندي چوي ٿو ته پوءِ اهڙي سِڪ وارين لاءِ رستي جون رندڪون ۽ رڪاوٽون به آسان ٿي پون ٿيون.

ڪرڙا ڏونگر ڪَهه گهٽي، جت برپَڪَ ٻيريانُ،
اُت ڏاهن ڏاهپ وسري، حريفن حيريانُ،
سسئي لنگئو سيد چئي، محبت سين ميدانُ.
(بلوچ، 2010ع: ص 249)

5.4.4 آڏو ٽڪر ٽر:

شاهه عنات سسئي جي ڏونگر ڏورڻ جي ڳالهه ته ڪئي آهي پر هو شاهه لطيف جي سسئي جيان ڏونگرن کي للڪارڻ وارو جذبو ۽ جولان، همت ۽ حوصلو نه ٿي ڏاري، جو پهاڙن کي پرزا ڪرڻ جو پهه پچائي.

وَرَ ۾ ڪونهي وَرُ، ڏيرن وَرُ وڏو ڪيو،
نهاريندیس نڪٽي، بوتن ڪارڻ بَرُ،
آڏو ٽڪر ٽَرُ، متان روهه رتيون ٽئين.
(بلوچ، 1999ع: ص 322)

5.4.5 پيچ پني:

شاهه عنات پنهونءَ ستُ جو ساجهر اُٺ پلاٽڻ ۽ بَرُ لنگهڻ جو ذڪر ڪندي چوي ٿو ته:

ڏاگها، چانگا، ڪرها، ليڙا اُٺ جَمازَ،
بَرُ بلوچن لنگهئو، سانجهر ٻڌي ساز،
ڪاز، ڪوئلون ڦُمريون، جت سهڪن شاهي بازَ،
شاهه پريون، ان سُجَ ۾، جت عارفن آواز،
ٿي ٻيلياڻي ٻاجهه، اُت اَسُونهين عنات چئي.
(بلوچ، 2010ع: ص 255)

شاهه لطيف چئي ٿو ته:

پنيءَ ٽا پرين، ساڻين سَنڌَ هڏن ۾،
ليڙن جو لطيف چئي، مون کي منجهه نه ڏين،
هوت پنهون ٽا نين، اَسونهينءَ جو آڪو!
(آڏواڻي، 2013ع: ص 141)

جڏهن پيچ پني، تڏهن ڪيچين ڪرها پلاٽيا،

سُڌ لڌيندي ساڻ جي، مون کي ڏيرن کانه ڏني،
اديون ڳالهه اِني، نڊ پڙ لاڻي ڇت ۾.

هتي شاهه عنات ۽ شاهه لطيف ٻنهونءَ ست جي، ليڙا اُنن جو ذکر آندو آهي، ليڙا اُنن بابت رحيمداد مولائي شيدائي لکي ٿو ته:

''هوتن جي مهري ۽ لاڏو اُٺ 'ليڙا' مکران جي اُنن جو بهترين قسم آهي، جيکي ٿرن، برن، لَکن ۽ پيچرن کي لتاڙڻ ۾ مضبوطيءَ کري مشهور آهن.'' (رحيمداد، 2014ع: ص 48)

5.6.6 دل جو دڳ:

شاهه لطيف سسئي جي اسونهين هڇ واري حال ۽ حقيقت جو فقط بيان نٿو کري پر پنهنجي اعليٰ فکر سان سندس سهڻي نموني سان رهنمائي پڻ کري ٿو.

اچا ٿُون آواڻ، واڻان پاسي ويسري،
سونهين ٿي سُواڻ، ته منجهان دِل دَگُ لَهين.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 166)

مثنوي رومي ۾ آهي ته:

جهد مي کن رهي يابي درون،
ورنه ماني حلقه وار از در برون.
(دفتر اول، ب-975) (سومرو، 2016ع: ص 575)

[کوشش کر ته اندر مان دگ لهين ورنه دروازي تي ڪڙي وانگر ٻاهر ٽنگيل رهجي ويندين.]

5.4.7 گوندر ڏيکاريم گس:

شاهه عنات سسئي کي لَکن کي خاطر ۾ نه آڻڻ ۽ کاهيندي وڃڻ جي صلاح ڏيندي چوي ٿو ته انهن ڏکن پٽيان ئي سکن جي منزل ملندئي.

لَکان لَڙُ مَ لِکَّ، کَهُه پَرانهين کيچ ڏي،
آسانبن، عناتُ چئي، ڏي سيني سِکَّ،
ڏکن پٽي سُک، ٽين سِگهائي سسئي!
(بلوچ، 2010ع: ص 263)

لطيف سائين به ڏکن کي منزل تي رسائيندڙ ۽ هوت سان هيکاندي ٽيڻ لاءِ سونهان سڏي ٿو.

ڏيکاريس ڏُکن، گوندر گَسُ پِرينءَ جو،
سُونهائي سُورَن، کي هيکاندي هوت سين.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 176)

پر لطيف سائين وٽ ڏک بابت ان کان به الڳ ۽ نرالو تصور نظر اچي ٿو. ته ڏک ۽ سور وڏي قيمتي شيءِ آهن اهي سور ئي انسان کي پچائي، ناهي، سنواري سون بنائين ٿا ۽ کي ماڻهو ته انهن ڏکن جا خريدار آهن.

يا وري اهو ته ماڳهين سُک ڏيئي ڏک ڳُنهجن ۽ انهن سان سِر به ڏجي جي فقط محبوب جو هڪ ڏک پلئه پوي.

سؤ سُکن ساڻي ڏيان، سِرُ پڙ ڏيان سَٽِ،
جي مُون مِڙي مَٽِ، ته وره وِهايان هيڪڙو.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 177)

هتي ته سُورن مان ساءُ اچڻ جي لطف اچڻ جي ڳالهه آهي.

سُورَ! مَ مَٽيج ساءُ، آئون نه وکَني آهيان.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 177)

شيخ ايار شاهه لطيف جي نرالي صوفي رنگ بابت لکي ٿو ته:

''شاهه صاحب صوفي شاعر هو، پر تصوف جي ان مسلڪ جو قائل نه هو، جيڪو انسان کي تارڪ الدنيا بڻائي چڏي ٿو. شاهه صاحب ان جي ابتڙ

زندگيءَ کي ماڻڻ جي تعليم ڏني آهي. هو 'ترڪ' بجاءِ 'طلب' جو طرفدار آهي. سندس خيال ۾ 'طلب' هڪ متحرڪ، روح افروز، محو ۽ مشغول رکندڙ عمل آهي. ڪنهن شيءِ کي گولهڻ ۾ جيڪو انتظار، چاهه، هورا کورا ٿيندي آهي، اها ان خوشيءَ کان گهڻ پُرجوش نه آهي، جا ان کي حاصل ڪرڻ تي حاصل ٿيندي آهي.'' (شيخ اياز، 2007ع: ص 195)

5.4.8 خوشبوءَ جا واپاري:

اهڙا ڪيترائي بيت مثال طور پيش ڪري سگهجن ٿا، جن ۾ شاهه لطيف جي فڪري مثيرائي موجود ملي ٿي، جنهن سان هُن هِن داستان کي ۽ ان جي بيان کي آفاقي پد تي پهچائي ڇڏيو آهي.

شاهه عنات جو پنهون ست جي پنيور آمد جو احوال هن ريت ڪيو آهي:

آئي بوءِ پنيور کي، سُرهي منجهان ساڻ،
بيٺا بازارين ۾، لائي جت جبات،
دران، ديوارئين چڙهئو، ٿيون راڻيون ڪن رئات.
(بلوچ، 2010ع: ص 241)

پنهون آندي پاڻ سين، جهڙيائي جمات،
اُڻن تان عنات چئي، لڏي جاڙ جڪات،
سندي هوت حمات، ڪيچ پهتو قافلو.
(بلوچ، 2010ع: ص 241)

5.4.9 آرياڻي اُجاريو:

شاهه عنات پنهونءَ ست کي سُرهو ڪندڙ ساڻ سڏيو آهي، شاهه لطيف پنهونءَ جي اچڻ جي منظر نگاري ۾ ان جي سحر ۽ اثر جو بيان ڪندي چوي ٿو ته:

ٻُرو هو پنيور، جو آرياڻي اُجاريو،
لاڏو سپ لوڪُ تان، هاڙهي ڏٺيءَ هورُ،
چوريون چُرڻ سکيون، پنهون ڪيائون پورُ،
آيو سو اَتورُ، جنهن ڏٺيون، ڏِکَ وِهاريون.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 172)

هي حد درجي جي ڪمال جي جماليات جو اظهار آهي. آرياڻي جي اچڻ سان پنيور براين کان اچو اجرو ٿي ٿو وڃي، ماڻهن جا خوف، خطرا، ڏک ۽ ڏکايون ئي ختم ٿي وڃن ٿيون. اهڙو اثرائتو، سگهارو سهڻو ۽ من موهيندڙ اظهار فقط شاهه لطيف ئي ڪري سگهي ٿو.

5.4.1 تتي ٿڌي ڪاهه:

شاهه عنات سسئي کي هر حالت ۾ هلندو رهڻ يعني جُهد مسلسل جو درس ڏئي ٿو:

تتي ڪوسي ڪاهه، ڪانهي ويل وِهڻ جي،
اُٺ سسئي! ٻڌ سندرو، تنهنجو پنڌ پرانهون آهه،
عشق آري جام جو، چمقق جينءَ چهڻاءِ،
اکين مان عنات چئي، پاڻي پنبڻن واهه،
ڪانهي اُن اونداهه، جن ڏٺو پير پنهون جو.
(بلوچ، 2010ع: ص 265)

ساڳئي معنيٰ رکندڙ شاهه لطيف جو ٻه سٽو مشهور بيت هن ريت آهي ته:

تتيءَ ٿڌي ڪاهه، ڪانهي ويل ويهڻ جي،
مَتان ٿئي اونداهه، پير نه لهين پرينءَ جو.
(بلوچ، 1999ع: ص 310)

5.4.11 رڳوئي پنڌ ڪرڻ:

شاهه عنايت جي ڪلام ۾ سسئي جي سرود ۾ انساني ڪردار جي تعمير ۽ تشڪيل جا

ڪافي اعليٰ اظهار آهن، جن کي شاهه لطيف پنهنجي بيتن ۾ آندو آهي، شاهه عنات سسئي کي صلاح ڏيندي چوي ٿو ته ”ويهي دير نه ڪر، هلڻ سان ئي محبوب سان ملي سگهبو، پر جي محبوب نه ماڻيئي ته به ان راهه ۾ رڙهندي رهڻ ۾ وڏي راحت آهي.

ويهي وجهه مَ ويرُ، هل ته هيڪاندي،
دل ۾ دور مَ آڻ تون، سندو ڦرڻ ڦير،
پَر جي لهين نه پير، ته به راحت آ رڙهڻ ۾.
(بلوچ، 2010ع: ص 264)

شاهه عنات به شاهه لطيف جيان سسئي کي جُهد مسلس جو ڏس ۽ تاکيد ڪري ٿو.

5.5 سچل سرمست:

ميان عبدالوهاب سچيڏنو عرف سچل جي پيدائش بابت ڪا پڪي پختي تاريخ معلوم نه ٿي سگهي آهي، البته سندس وفات جي تاريخ 1242هه/1827ع پڪي آهي. مرزا علي قلي بيگ سندس شجرو ’رسالو سچل فقير جو‘ ۾ هن ريت لکيو آهي:

”ميان سچل فقير ميان صلاح الدين جو پٽ ۽ ميان صاحبڏني جو پوٽو هو. ميان صاحبڏني کي به پٽ هئا، وڏو ميان صلاح الدين ۽ ننڍو ميان عبدالحق، ميان سچل فقير، وڏي جو پٽ هو، پر ميان صاحبڏني کان پوءِ گاديءَ تي ننڍو پٽ ميان عبدالحق ويٺو ۽ انهيءَ کان پوءِ سندس پٽ ميان قبول محمد ويٺو، جنهن کان پوءِ پشت به پشت اهي ويهندا اچن ٿا.“

(بيگ، 2008ع: ص 87)

5.5.1 سچل سرمست جي دور جون معروضي حالتون:

سچل سرمست جو دؤر سنڌ اندر جنگين، ڏارين ڪاهن، ڦرلٽ، جهيڙن ۽ جهٽن ۽ وڇوڙن جو دؤر هو، ڊاڪٽر نواز علي شوق لکي ٿو ته:

”سنڌ جي تاريخ جي مطالعي مان معلوم ٿيندو ته سچل سرمست رحه جي دؤر (1739-1826) ۾ سنڌ جي سرزمين تي جيڪي جنگيون لڳيون، جهيڙا جهٽا ٿيا، فساد ۽ وڇوڙ ٿيا، تن جو ڇڳو تعداد آهي. انڪل روءِ ننڍيون وڏيون 45 ڪن جنگيون لڳيون.“ (شوق، 2008ع: ص 51)

5.5.2 اوڏاڪين آيا:

يقيني طور تي اهڙي افراتفري، بي امني، ڦرلٽ ۽ قتل و غارتگري واري قهري دؤر جي ماحول ۾ عام خلق جي حالت انتهائي ابتر ۽ عذابن واري ئي هوندي ۽ اها ڏکوئيندڙ صورتحال تڏهن وڌيڪ ايذائيندڙ ۽ مايوس ڪندڙ ٿي وئي، جڏهن وقت جي عالمن، مفتين، مذهبي پيشوائن ۽ گادي نشينن عوام جي درد جو دارون بڻجڻ بدران معاشري ۾ انتشار ۽ ٽولي بازي کي تقويت ڏئي، ماڻهن کي وڌيڪ چڙوچڙ ڪري وائڙو، بتال ۽ ڪمزور پئي ڪيو، اهڙي ماحول ۾ هڪ اهلِ دل ۽ خلقِ خدا جو درد دل ۾ رکندڙ شاعر اهڙن اڳواڻن کي وائکو ڪري انهن جي اصليت عوام آڏو پڌري ڪرڻ جي جرئت ڪري ٿو.

مذهبن ملڪ ۾، ماڻهو منجهايا،
شيخي، پيري، بزرگي، بيحد پلايا،
کي نمازون نِوڙي پڙهن، ڪن مندر وسايا،
اوڏا ڪين آيا، عقل وارا عشق کي.

مذهب جي مقدس چوغي اندر لِڪل پيٽ پرست، دنيادار ۽ عوام جي رت ست نچوڙيندڙ حڪمرانن جي ساڻارين جي اهڙي ريت کليل ۽ سخت ننڍا ’سرمست‘ ئي ڪري سگهي ٿو. جڏهن ته ’ڪوهه جي ڏيڏر‘ مُلان جي ڳچين جي ناهه کي ڊاهڻ ۽ لتاڙڻ ۾ ڪوبه حجاب ۽ لحاظ روا نٿو رکي.

شوق شراب پيان، پر وٽ راتان ڏينهان،
ناهي وري قاضي مُلان جو ڪو لحاظ منکي.

سچل کي رياست ۾ وڌيڪ ڪرپائتو، غير انساني ۽ اڻ سپاويڪ ڪردار ملان جو ٿو

نظر اچي ان ڪري هو، ان جي نِدا به ڪليل لفظن ۾ ڪري ٿو ۽ چوي ٿو ته،

مُلان انهيءَ منڊ جو، چڪو جي چَڪين،
ڪارنهن ڪٽي ڪنڊ ۾، ويٺو منهن مڪين.

سچل سندس سماج جي جُفو ۽ جان ۾ روگ ۽ ناسور جيان موجود عوام آزاريندڙ ڪردارن تي ڪليل نموني ٽيڪا ٽپڻي ڪئي آهي.

بزرگ، شيخ، مشائخ، يارو نامخدوم ٽياسي،
نڪي قاضي، نڪي مُلا، معلم پير بنياسي.
نڪي ٺاهه ٺڳيءَ جا ٺاهي، رنگ رساء رکياسي،
سچا ٻاجُهؤن عشق الله جي، ڪوئي هنر نه سکياسي.
(قلي بيگ، 2008ع: ص 803)

سچل انساني سماجي تاريخ جو نه صرف ڄاڻو هو پر هُو سماج کي لڳل ڪوڙهه جهڙن مرضن جي تشخيص ڪندڙ به هو ته انهن جي ذميوارن کان به پلي پت واقف هو. ڊاڪٽر نواز علي شوق احمد شاهه ابدالي جي سنڌ ۾ ڪيل قتل و غارت گري ۽ ڦرلٽ ۾ وقت جي عالمن جي سهڪاري ڪردار ۽ حصي پتي هڻڻ بابت لکي ٿو ته:

”مختصر ته سنڌ جي انهيءَ ڦرلٽ ۾ اڪثر شيخ، مشائخ، مُلان، معلم، مولوي، مخدوم ۽ مرشد، احمد شاهي پٺاڻن سان گڏ هڪجهڙا پاڳي پائيوار هوندا هئا.“
(شوق، 2008ع: ص 55)

5.5.3 رسم رواج کان بغاوت:

سچل سرمست انڌي عقيدي پرستي، ڪوڙي مذهبي پارسائي ۽ پوڄا، ڪم عقل ۽ بي علم عالمن جي خود غرض ڪردار کان سواءِ سماج جي ڪُڌين ۽ خلق دشمن ريتن رسمن ۽ رواجن جي ديوارن ۾ ڏار وڌا ۽ انسانن کي انهن خلاف اُتي بيهڻ ۽ مڙس ماڻهو ٿي مُنهن ڏيڻ جي صلاح ۽ سڏ ڏئي ٿو.

ٽوڙ رواج ۽ رسمون ساريون، مرد ٿئين مردانو،
پاڻ بيگانو مول نه ڄاڻين، آهين يار يگانو،
وهم ’سچل‘ کي ٻانهپ وارو، شملو ٻڌ شهانو.

سچل سرمست ٻئي پاسي حضرت عشق جي حاصلات لاءِ ظاهري علم ۽ ڪتابي ڪهاڻين کي لڳڻ کان لاچاري ڏيکاري ٿو.

ڪول رهيو سي يار مليا هي خرابون،
ايوين عشق سچل حاصل نه ٿيوي ويڪڙ نال ڪتابون.

بيشڪ سچل هڪ صوفي شاعر هو ۽ ان جو فڪر ۽ واڌ ’وحدت الوجود‘ واري هئي. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ’سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ‘ ۾ لکي ٿو ته:

”وحدت الوجود‘ ۽ ابن العربي جو عينيت وارو فڪر سندس فڪر جو بڻ بڻياد آهي.“ (بلوچ، 1999ع: ص 465)

سچل سرائيڪي ڪافين ۾ به سندس خاص انداز ۽ اسلوب سان نينهن جا نعرا هڻي ٿو ۽ نوبتون وڄائي ٿو:

سِر تي ڳڻڊم ماهي واليان سڳيان، هن سڳيان،
نينهن ديان نؤبتان دل اساڏي تي وڳيان هو وڳيان.
(قلي بيگ، 2008ع: ص 601)

محبوب جي نيڻن کي بعضي عقاب ٿو چوي ته: ڪنهن مهل روشن سج ۽ نور جو ڪنوريون جيڪي عاشق جي ارمانن جو خون ڪن ٿيون ته به سڳوريون آهن.

اکيان باز عقاب سهڻي ديان، شور گهتن شهزوريان،
مست هوون مستانيان ڏونهين، ڏاڍي ڪين ڪوريان،
منهن وچ ڏون مهتاب ني روشن، ياوت نور ڪنوريان،
خوني خون ڪريندين ’سچل‘، تان پي سدا سڳوريان.

سچل عشق جي واٽ تي عقل، قانون ۽ قاعدي کي ته مڃي ئي نٿو، هو اهڙي شرع کان آزاد آهي جيڪا عاشقن جي آڏو اڇي ٿو:

قاضيا! ڪهڙي مَسلي ڪريندئين،
عشق شرع ڪيا لڳي لڳي.
دوزخ بهشت دي ڏي نا دڙڪي،
پؤ اسان ڪنون ڳچي ڳچي.
باب برهه دا ڪوئي نه پڙهدئين،
ڪاغذ لکندئين بگي بگي.
ميئن رانجهن دي رانجهن ميڏا،
ازل ڪنون اڇي اڇي.
سچو هي مسڪين نماڻا،
توه تيڏي نال تڇي تڇي.
(قلي بيگ، 2008ع: ص 455)

سچل جي وفات کي قادر بخش بيدل هينئن بيان ڪيو آهي:

عشق جو يارو درازن ۾ عجب اسرار هو،
مست سالڪ من سچو، عارف اُتي اظهار هو،
بره جي برسات جو، تنهن ويرتي وسڪار هو،
ظاهر و باطن تنهن وٽ، درد جو ڏڏڪار هو،
وجد وحدت جو سدا، خاصو تنهن خمار هو،
مرد سو منصور وانگر، عشق جو اوتار هو،
منجهه سُخن تنهن جي، الوهيت سندو آثار هو،
جنگ جذبي جوش مستيءَ ۾ مِثل عطار هو.
(موسوي، 2012ع: ص 173)

سچل سرمست وڏي جمار ماڻي وفات ڪري ويو ۽ پويان پنهنجي شاعريءَ جا انوکا رنگ ۽ ورن ڇڏي ويو.

5.5.4 لطيف ۽ سچل سرمست:

سچل جي خصوصيت انڌي تقليد، روايت پسندي ۽ نام نهاد ادب جي اوٽ ۾ غلامي ۽ بانهپ جي زنجيرن کي ٽوڙي پورا پورا ڪرڻ آهي، هُو هڪ نئون ۽ نرالو انسان آهي جيڪو سماجي ٺيڪيدارن جي بنايل فڪري ڪوٽن ۽ قلعن کي پنهنجي نظريي، نعرن ۽ سوالن سان ڊاهي پٽ ڪري ٿو. شاهه لطيف به اهڙي سماجي روايت ۽ تقليد پسندي جي برخلاف بيٺو آهي.

ڪنين ڪامڙ ڪيا ۽ ڪيئن پنپولئين ڪرها،
اکيا مٽي اکئين، پڙ ۾ پير گناءِ،
وگ ڪئين وسرياءِ، ٻڌو جيئن گهاڻي وهين!
(آڏواڻي، 2013ع: ص 3)

5.5.5 لطيف ۽ سنڌي ٻولي:

شاهه لطيف سندس دؤر جي مراعات يافته طبقي ۽ ان جي ٻوليءَ بابت چوي ٿو ته:

جي تو فارسي سکيو، گولو توءِ غلامُ،
اُجيو تان آب گهري، بکيو تان طعامُ،
جو ٻڌو ٻن ڳالهئين، سو ڪئين چائي چامُ،
ايءُ عامن سندو عام، خاصن منجهان نه ٿئي.
(بلوچ، 1999ع: ص 163)

شاهه لطيف سنڌي ٻوليءَ کي پنهنجي فڪر جو ذريعو بڻائڻ ۾ هڪ شعوري واٽ اختيار ڪيل ٿو ڏسجي، ان جي پيٽ ۾ سچل وٽ گهڻ ٻوليائي شاعرانو مڪتب نظر اچي ٿو.

5.5.6 سچل جو ڪلام ازلي استفهام: سچل سندس سماج جي هر روايت، فڪر ۽ عمل ۽ ڪائنات جي هر لقاءَ تي سوالیه نشان هڻي ٿو، شيخ اياز سچل جي هن نئين، نرالي ۽ مٿانهين ادا بابت لکي ٿو ته:

”سچل سرمست جي شاعري هڪ ازلي استفهام آهي، هن جو هر شعر سوال آهي. هي ڪائنات ڇا آهي؟ هي خاڪ و باد، هي ابر و باران جو عالم پنهنجي صدها رنگينين جي باوجود ايترو ناپائيدار ڇو آهي؟ انسان جي اصلي ۽ ازلي منزل ڪهڙي آهي؟ هر پرديسي پکيڙو ڪٿان اُڏريو آهي؟ سندس ديس ڪهڙو آهي؟ هي انسان، گوناگون شرعي لباس ويڙهي، پنهنجي حسين اصليت ڇو ٿو لِڪائي؟ جڏهن انساني دل ديرو آهي، ڪنهن لامڪان جي مڪين جو، ته پوءِ هي دين ڌرم ۽ ڪفر اسلام جا تفرقا ڇا جا؟ سندس شاعريءَ ۾ هر هنڌ تجسس پيو بکي. هر شعر ۾ گويا هُن جو نعرءِ رندانه، ڪوئي ازلي سوال آسمانن سان پيو ٽڪرائي:

آهيان آهيان وو موڻي چوان تان ناهيان ڪي ته آهيان وو،
دوکي واريون لکين ديواريون ڊوڙ انهيءَ ٿو ڊاهيان وو.
(اياز، 2017ع: ص 68)

مُلان کي تنبيهه ڪندي فرمائي ٿو ته:

مُلان ڪوه مرين، کارين کٽابين کي،
ورق جي وصال جا، سي پنا نه پارين،
سا سِٽ نه سيکارين، جنہ ۾ پسڻ پرينءَ جو.
(بلوچ، 1999ع: ص 163)

5.5.7 سچل جي فڪر ۽ نظرتي مختلف آراء:

سچل جي فڪر ۽ فن تي ڪيترن ئي نامیارن عالمن ۽ محققن پنهنجا ويچار وندیا آهن، ڪي عالم ته پنهي باڪمال صوفين جي پيٽ ڪندي تمام اڳتي وڌي ويندي ڏسجن ٿا، پير حسام الدين راشدي اهڙي پيٽ ڪندي لکي ٿو ته:

”سچل مان سمجهان ٿو ڪيترين ڳالهين ۾ اسان جي شاهه عبداللطيف ڀٽائي ڪئون تمام گهٽو مٿي آهي. هن لفظ کان مٿي آ ته شاهه پنهنجو پيغام فقط پاڻ تائين محدود رکي ٿو ۽ پاڻ ئي ان جو شارح ۽ پاڻ ئي ان تي تڪميل ٿي ٿو پئي. ليڪن سچل پنهنجي زماني ڪئون وٺي ويندي اڄ تائين ۽ مون کي يقين آ ته هن ڪئون پوءِ به جيڪو سنڌي شاعري ڪندو اهو سچل جو پيغام کي اڳتي وڌائيندو.“ (حسام الدين، 2017ع: ص 47)

هتي حسام الدين راشدي جي راءِ هڪ طرفي ۽ ڪجهه وڌاءُ واري ٿي وڃي ٿي، شاهه لطيف جي مڙني محققن ۽ شارحن سندس ڪلام کي آفاقي ۽ اڄ جي دؤر توڙي هر دؤر لاءِ انساني سماج جي سُڌاري، ڏهني، جذباتي، نفسياتي ۽ اخلاقي تعليم ۽ تربيت لاءِ تمام مفيد ۽ ڪارائتو فڪر ۽ نظريو ثابت ڪيو آهي ۽ شاهه جي فڪر ۽ فن کي دنيا جي وڏن شاعرن جي ست ۾ مٿانهون مقام ڏنو آهي، ڊاڪٽر عبدالجبار جوٽيجو هن موضوع بابت لکي ٿو ته:

”سچل سرمست جي شاعري درد جو هڪ دريا آهي، پر ڪن محققن هڪڙي درد آشنا شاعر بابت عجيب ۽ غريب قسم جا رايا ڏنا آهن، آغا غلام نبي صوفيءَ عقيدت وچان ايستائين به چيو ته ’سچل سرمست شاعري توڙي روحانيت ۾ شاهه ڀٽائيءَ کان گهٽو بلند آهي.‘ جنهن جو جواب پروفيسر لطف الله بدوي تذڪري جي پهرئين جلد ۾ نهايت مناسب لفظن ۾ ڏنو آهي. بدوي صاحب لکيو آهي ته ’بن اهلِ دل جي پيٽ ڪرڻ کو علمي ڪارنامو ڪونهي.‘ شاعري جي پيٽ ڪرڻ سان اڇا ڪارا پڌرا ٿي پون ٿا. سچل سرمست بيشڪ اعليٰ درجي جو شاعر آهي، پر شاهه صاحب سان سندس ’شاعرانه مقابلو‘ ڪنهن به طرح مناسب ڪونهي.“
(جوٽيجو، 2010ع: ص 129-130)

هتي دراصل مامرو پيٽ ڪرڻ، ڪٽ ڪرڻ جي ماپي، معيار ۽ طريقي جو آهي، ڪنهن شاعر يا فنڪار کي ڪنهن ٻئي شاعر يا فنڪار کان ننڍو يا وڏو چئي ڇڏڻ ڪنهن به ريت مناسب معلوم نه ٿو ٿئي. هر گل جي پنهنجي هڪ خاص ۽ جدا سرهاڻ هوندي آهي، هو رنگ جي پنهنجي دلڪشي، هر منظر جي پنهنجي سونهن ۽ هر انسان جي پنهنجي الڳ خصلت ۽ خوبي. اهڙي ريت شاعر ۽ فنڪار به پنهنجي پنهنجي خاص خوبين سان سجاتا ۽ ميڃيا ويندا آهن، رسول بخش پليجو هن بابت لکي ٿو ته:

> ”هڪڙو ته دنيا ۾ ڪوبه اهڙو فنڪار پيدا نه ٿيو آهي، جو ’پلا پلي جو چيهه ڪونهي.‘ جو ان تي ڪنهن نه ڪنهن طرح اطلاق نه ٿئي. لطيف ڪيترين ئي حاصلاتون ڪيون آهن. هن جي فڪر ۽ جذبي جا ڪيترائي ڪمال آهن.“ (پليجو، 2012ع: ص 26)
>
> هو وڌيڪ لکي ٿو ته، لطيف فقط لطيف هو ۽ ائين هن لاءِ چوڻ، سپڪجهه ان لاءِ چوڻ آهي.“ (پليجو، 2012ع: ص27)

ان ڳالهه مان اهو نتيجو ٿو نڪري ته ڪنهن به وڏي شاعر جي سموري شاعري ساڳئي پَد يا معيار تي نه هوندي آهي ۽ ڪن خاص موضوعن ۾ هڪڙا شاعر ٻين کان مٿيرا ٿي سگهن ٿا.

سچل سرمست متعلق اها ڳالهه به زبان زد عام آهي ته هو هفت زبان شاعر آهي، جڏهن ته اها دعويٰ تحقيق کان سواءِ خوش اعتقادي جي بنياد تي ڪئي وئي ٿي ڏسجي ۽ درست نه آهي، سچل جي فڪري مڪتب جو هڪ وڏو عالم ڊاڪٽر عطا محمد حامي لکي ٿو ته:

> ”پهرئين ڳالهه اها آهي ته سچل سائين جو ڪلام چئن بدران ستن زبانن ۾ آهي، پي غلط ڳالهه اها آهي ته، پاڻ سنڌي زبان جا غزل گو شاعر آهن. ٽئين غلط ڳالهه اها آهي ته شايع ڪرايل سرائيڪي ڪلام ۾ ڏنل پنجاهه اردو غزل بزرگ موصوف جو اصلي ڪلام آهي. چوٿين غلط ڳالهه اها آهي ته فارسي زبان ۾ هڪ سؤ ڇائيتاليهه شعرن وارو نظم نما ڪلام ’بحرطويل‘ سچل سائين جي تصنيف آهي.“ (حامي، 2013ع: ص 61)

5.5.8 سچل جي سرمستي:

سچل سرمست جي شاعريءَ درحقيقت جرئت رندانه، عشق جي اُتل ۽ مستي جو مهاساگر آهي، سندس صوفيانو ڪلام ان ڳالهه جي ثابتي آهي جيڪا شاهه لطيف سان منسوب آهي ته، ’جيڪا ڪُني اسان چاڑهي آهي، تنهنجو ڏَڪ هي بالڪ لاهيندو.“ سچل جي بيباڪي، بي آرامي ۽ سرمستي جو سبب ڊاڪٽر عبدالجبار جوٹيجو هن طرح ڄاڻائي ٿو:

”سچل جي هيءَ سرمستي ۽ بي آرامي، اندر جي هڪ اُڇل سبب آهي. جيڪڏهن ان کي عطار واري اُڇل ڪري ليکجي ته غلط نه ٿيندو. عطار لاءِ ڪيس گهٽي عزت هئي. ”عطار نه بُود آنڪه خدا بود خدابود“ صاف صاف ان کي خدا ڪري ڇڏيو اٿس. حسن جهان سوز جي تپش سچل کي ائين ساڙيو، جيئن هن حسن ازل عطار کي دلنواز رُخ جي عشق ۾ مرڻ لاءِ تيار ڪيو. عطار چيو:

مردن از عشق رخ آن دلنواز،
بهتر از صد زندگاني دراز.
(جوٹيجو، 2010ع: ص 131)

ڊاڪٽر انيميري شمل سچل جي انهيءَ منصوري موج ۽ عطا واري اڇل بابت لکي ٿي ته:

> “He likewise claims to have raised the ‘banner of mansur’ thet means the flag of unconditi omed love. Other writers have called Sachal ‘the attar of Sindh’ and claims that, just as Hallaj’s spirit influenced ‘Attar’ the latter spirit initiated the Sindhi poet into the higher mysteries.”
> (Schimmel, 1986. A.D, P.112)

معلوم ٿيو ته سچل جي ڪلام ۾ وحدانيت جي فلسفي ۽ فڪر جي اپڻار سان گڏوگڏ

عاشقانه مستي ۾ محبوب جو موهه ۾ سڃڻ جي سونهن ۾ سراپا جي ساراهه، ان جي ٻانهپ ۾ نينهن جا نشان جابجا موجود ملن ٿا.

5.5.9 سچل جي ڪلام ۾ حسناڪي فڪر:

سچل محبوب جي ساراهه ۾ به ڪو حد حساب نٿو رکي، محبوب جي سونهن کي 'ربوبي رنگ' سڏي ٿو.

ڏناسين رخسار سهڻي دا، خوش خورشيدي خوبي،
نامخلوق آکيجي سچل، سان رنگ ربوبي.
(قلي بيگ، 2008ع: ص 78)

يا وري محبوب جي منهن کي ڪعبو ڪوٺي ٿو جنهن ۾ پڻ نوابي نيڻ آهن،
نيڻ نواب ڪعبي وچ ڪڙدي، عالي تاب انهان دا.

5.5.10 سر جو سانگو:

عاشق کي صلاح ڏيندي چوي ٿو ته سِر جو سانگو ڪرين ته هن ميدان کان پري ٿي ٻيهه هي سؤدو سِر ڏيڻ سان ئي ٿيندو ان کي سستو ۾ سؤلو نه سمجهه، هتي ڏينهن رات گونڌر ۾ گذارڻو آهي.

جي هئين عاشق ته برسر مينهن محبت جو وساءِ،
ساهه جو سانگو ڪرين تان پيرهن پڑ ۾ نه پاءِ.
رت روئڻ راتو ڏينهان آهي لڇڻ محبوب لاءِ،
هي ملئه سودو تمام سهانگو، ڪينڪي سرکؤن سواءِ.
(علي قلي، 2008ع: ص 259)

شاهه لطيف به انهيءَ موضوع تي ڪيترائي بيت چيا آهن:

سِر ڏئي سَٽِ جوڙ ڪنهن پَر ڪلاڙن سين،
ڪاتي ڪرتُ ڪَپار ۾، خنجر آڻي کوڙ،
مرڻا مُنهن مَ موڙِ، وڻي ٿي وڃ لهي.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 30)

پر شاهه لطيف وٽ سِر ڏيڻ سان سؤدو ٿهڻ عام رواجي ڳالهه آهي، ائين هجي ته هرڪو اچي، محبوب جو ملهه ان کان مٿي آهي ۽ اهو فقط نصيب ۽ پاڳ وندن کي حاصل ٿئي ٿو.

مٿي وٽ مِڙن، ته سيڪَهين سڏ ٿيي،
سر ڏني سَٽُ جُڙي، ته عاشق ائين اچن،
لِڏا تي لپن، مُلهه مهانگا سپرين.
(بلوچ، 1999ع: ص 150)

5.5.11 شاعريءَ ۾ عورت جا احساس:

سچل سرمست پنهنجي ڪلام جو ڪچ حصو عورت جي صيغي ۾ ڳايو آهي، نه صرف سسئي، مومل، مارئي ۽ سهڻي جي داستانن ۾ پر ان کانسواءِ به ٻئي ڪلام ۾ به هن عورتاڻي نئڙت، هيناهين ۽ نماڻائي واري لب و لهجي ۽ صورت ۾ پاڻ کي اظهاريو آهي.

ڊاڪٽر درشهوار سيد لکي ٿي ته:

"There are number of Kafyun which are not related to the above mentioned folk stories, but the Termnology Suggest once again that they are sung by a woman." (Durr-e-Shahwar, 1988: p. 68)

اهڙي ريت سچل صوفي شاعرن جي هن جرئت مندانه ۽ سهڻي دليري واري روايت کي قائم رکيو آهي، جنهن مطابق عشق ۽ محبت جي باب ۾ عورت ئي عاشق ۽ امام آهي.

5.5.12 سچل جي ڪلام ۾ سسئي جو بيان:

سچل سرمست نيم تاريخي داستانن ۾ سسئي، مارئي، نوري جام تماچي ۽ مومل راڻو جي داستانن بابت بيت چيا آهن ۽ انهن ۾ انهن سورمين جا احوال درد پرئي انداز سان آندا اٿس.

انهن کي عاشق کوڻي ٿو:

عاشق جي احوال جي، تون ڪوه نه پڇين ڪَل،
راڻي ڪارڻ ٿي رُئي،
محل چڑهي مومل
سهڻي گهڙي سِير ۾
آڻي عشق اجهل
سسئي گوندر گهاريا
پنهونءَ ري هت پل
ڪڍن ٻڌي ڪانه ڪا
جهانگيئڙن تي جهل
سِڪ سچوءَ کي سرتيون!
ڪيا هينئڙي اندر هُل.
(قلي بيگ، 2008ع: ص 270)

سچل، عاشق ۽ عشق کي وڏي شان ۽ مان سڪ ۽ سوز سان ڳايو آهي، عشق ۽ عاشق جا احوال اوريندي درد جا واهڙ وهائي ٿو ڇڏي، سسئي جي بيان ۾ چوي ٿو ته:

آءُ اڳڻ منهنجي آري، توکي صاحب ساريان ٿي،
دوست اوهان جي وو درد سان، ميان الا، ڳچي پائي ڳاري،
سارو روه رُئاريان ٿي.
(قلي بيگ، 2008ع: ص 353)

هو درد جي ڪيفيت جا انوکا بيان ڪري ٿو ۽ چوي ٿو ته،

اندر ورهه وٽاڻ ڪيا لؤن لؤن منجهه لهي.
(قلي بيگ، 2008ع: ص 440)

5.5.13 مارگ جي مرن:

سسئي جي ڪردار جي هڪ اهم ڪيفيت ۽ ڪارج طلب ۽ ڳولا آهي، انهيءَ تات ۽ طلب جي سفر ۾ سڪندي، راهه ۾ رُلندي، پٽڪَندي پير پٿون ڪندي هلندو رهڻ ۽ اهڙيءَ ريت وڏي مقصد واري منزل جي واٽ ۾ پساهه پورا ڪندڙن کي سچل سائين به شاهه لطيف وانگر وڏي پاڳ ۽ بخت وارو چئي ٿو:

جي تون مارگ تي مرين، وڏا طالع تي،
سانول ساڳي سو، مٽان تو هٿ ڏئي.
(قلي بيگ، 208ع: ص 837)

مارگ جي مرن، وڏو طالع تن جو.
(شاهه لطيف) (آڏواڻي، 2013ع: ص 111)

شاهه لطيف نه فقط 'مارگ' تي مرڻ وارن کي ساراهي ٿو پر اڃا به طالب کي ان ڳالهه تي زور ٿو ڏئي ته انهيءَ واٽ ۾ مرڻ سان ئي مقصد ۽ منزل حاصل ٿيندي.

مَر ته موچاري ٿئين، اَجلان اڳي اَڄ.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 129)

سچل به ائين ئي طلب جي راهه ۾ مرڻ لاءِ همٿائي ٿو:

مَلهي مارگ مَر، تان ٿُون تنين جي ٿئين،
جبل هار نه جَرُ، ارتو اکڙين مؤن.
(قلي بيگ، 2008ع: ص 838)

هِتي سچل محبوب ماڻڻ نه پر خود اُن جو ٿيڻ جي ڳالهه ڪئي آهي ۽ شاهه لطيف جي سسئي ته اهڙو عزم وري وري ورجائي ٿي:

مري ٿيندیس مُج، جتن ڪارڻ جيڏيون.
ڪري ڪوهيارو سُج، وِئو چُلائي چپرن.

(بلوچ، 1999ع: ص 359)

سچل به شاهه لطيف جيان پنهون پڃاڻان پنپور کي باهه ڏيڻ جي ڳالهه ڪئي آهي:

ڏينديس ٻاروچن ريءَ، پنپور کي باهيون.
(قلي بيگ، 2008ع: ص 355)
آتڻ اورانگهي ويا، ڪري ڪميڻي ڪيئن،
هاڻي گهرجي هينئن، ته ڏجي باهه پنپور کي.
(بلوچ، 1999ع: ص 357)

5.5.14 من ۾ محبوب:

شاهه لطيف محبوب کي پنهنجي وجود ۾ ڳولڻ جي رمز به بيان ڪئي آهي، هو سسئيءَ کي صلاح ڏي ٿو ته:

وجين چو وڻڪار، هت نه ڳولين هوت کي.
(بلوچ، 1999ع: ص 284)
هوت ته تنهنجي قريب آهي، پري وارو چو ٿي ڳولهين؟
هوت تنهنجي هنج ۾، پچين ڪوه پرياڻ!
(بلوچ، 1999ع: ص 283)

سچل به انهي وجوديت واري ڪيفيت کي هن ريت بيان ڪيو آهي.

هيڏي هوڏي نه نهار، تنهنجي ويڑهي سوتا يار وسي ٿو.
* ساڻ سدا آهي تانهجي، پرين نه آهي ٻئي پار.
* ڦولي لهج پاڻ مؤن، چو ٿو وڃين وڻڪار.
* وفي انفسكم افلا تبصرون، ويجهو ڪيم وسار.
* پرين پري ناهه تو، ٿُون سَڃُو پاڻ سنڀار.
(قلي بيگ، 2008ع: ص 359)

هتي سچل سرمست به شاهه لطيف ۽ ٻين اعليٰ فڪر ۽ فهم جي پد تي پهتل شاعرن جيان عاشق کي ائين ڏسي ٿو يا ڏسڻ چاهي ٿو ته، سندس تات طلب ۽ ڳولا، هن جو مقصد ۽ منزل هن جي دل ۽ دماغ تي اهڙو حاوي هجي جو اهو ان جي روح تائين سمايل هجي.

سچل جي ڪلام ۾ سسئي پنهون کي ميارون ڏيندي به ڏسجي ٿي، جيڪا به سياويڪ طور انسان جي هڪ نفسياتي ۽ جذباتي ڪيفيت آهي.

اگڻ آسروند جي آءُ تون پاڻون ڄاڻي
هوت سُڻي چو ماريئي ميان.
ڇڏي وئين ڇپرين، ڪيئي پنهون جام پڃاڻي،
هي ڪئين آزاريئي ميان.
(قلي بيگ، 2008ع: ص 439)

5.5.15 محبوب تي ميارئي ناهي:

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سچل سرمست جي ڪلام بابت تجزيو ڪندي لکي ٿو ته:

”بعضي سندس عشقيه عبارت کي به فارسي غزل جي روايت ڏڪي وڃي ٿي، جو هو محبوب کي مهڻي هاب ڪري ٿو، سنڌ جي روايت ۾ محبوب بي ميار آهي.“ (بلوچ، 1999ع: ص 464)

شاهه لطيف جي سسئي به پنهون سان لئون لڳائڻ ۽ ناتو ڳنڍڻ تي پڇتاءُ جو اظهار ڪري ٿي.

پينر آئون پوري، مون سگ سڃاڻي نه ڪيو.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 109)

شاهه لطيف سسئيءَ جي سفر ۾، پنڌ ڪَڪُ، پريت جي تعلق جي ڪمي، ڏيرن جي ڏکن واري عام انساني ڪيفيت ۾، هاڙهي جبل جي پنڌ ۽ پنهونءَ کي کوهه ۾ اڇلائڻ جو اظهار ڪري ٿي، هوت ۽ پريت کي ڪڏ ۾ وڃي پوڻ جو چوي ٿي. اها ڪيفيتي پولارائيزيشن فطري

آهي، اهڙو اظهار لطيف وٽ گهڻو تڻو نظر اچي ٿو. جڏهن احساس اُتر- ڏکڻ ٿيندا آهن ته ان ۾ چڪ پيدا ٿيندي آهي بلڪل ائين جيئن لوهه ۾ اُتر- ڏکڻ جڙڻ سان هو لوهي شين کي چڪڻ جي سگهه رکي ٿو.

کوءِ هاڙهو ہن هوت! کوءِ پنهون ہن پريتڙو!
(آڏواڻي، 2013ع: ص 170)

البته سچل جي ڪافين ۾ اهڙو اظهار سرس ڏسڻ ۾ اچي ٿو. هوت ڪڏهن نه هلايو پانڌي، پنهنجي پار ڏنهن اسان ڏي،

طرف تنهنجي مڪو سين قاصد، سو بي وهندو ڪين ورايو.
(قلي بيگ، 2008ع: ص 456)

ڪرڻ مناسب ناهه تان ساڻ ضعيفن زوري،
واعدا پاڙج پنهنجا جاني ڪيڙئي جي ڙي.
(قلي بيگ، 2008ع: ص 591)

هتئون وڃي اتي ٽئين آرامي، ڏينهن گهٽا چو تو لايا،
ويو ہاروچو نڪري، عاشق هي آزاري.
(قلي بيگ، 2008ع: ص 592)

5.5.16 پرين کي ميارون ڏيڻ:

ڪٿي ته سچل به لطيف جي پيرويءَ ۾ پنهونءَ کي ڪابه ميار نٿو ڏي. سچل محبوب کي ميار نه ڏيڻ جي به التجا ڪري ٿو:

متان ڏوراپو ڪو ڏيو، ري ساٿيو منهنجو مَتان،
هي ڪنيزڪ مُلهه خريدڻ، ڪي هٿون مون ٿيو.
(قلي بيگ، 2008ع: ص 613)

شاهه لطيف جي سسئيءَ سرتين کي ساڻ گڏ جي هلڻ واري حالت ۾، رائي رُڄ جي سفر ۾ اُڄ مرڻ ۽ وري پنهون کي متان ڪو پڻي وجهي ان ڳالهه تان روڪي ٿي:

سرتيون سڃي سُڃ، متان ڪا مون سين هلي،
پاڻي ناهي پنڌ گهڻو، اڳيان رائو رُڳي رڄ،
متان مَري اُڄ، ڪا ڏي پاراتو پرينءَ کي.
(بلوچ، 1999ع، ص 442)

سچل محبوب اڳيان عاجزي سان خوب ہاڏائي ٿو:

آءٌ تان ہانهي، تون تان سائين،
پانڌ ڳچي وچ پلئه پائين.
(قلي بيگ، 2008ع: ص 620)

سچل جي ڪافين ۾ اميد، آسرو ۽ محبوب جي قول پاڙڻ جي آس جابجا موجود آهي:

خبران ڏکن سنديون، اڳيون ہاڻ پچن،
ہاروچا ہاجهه پئي، ڇگي آءٌ چون.
(قلي بيگ، 2008ع: ص 602)

حسن پرست شاعر عاشقن کي حسن جي عبادت جو ملهه سوري چڙهڻ قرار ڏيندي به ہڏائي ٿو ته ان پنڌ ۾ هزارين لکين قربان ٿيا آهن.

تنهنجي حسن ماريا، سوريءَ سي سنپاريا،
انهي ڳالهه ڳاريا، هزارين هزار.
(قلي بيگ، 2008ع: ص 372)

5.5.17 محبوب جي اکين جو موهه:

محبوب جي نيڻن جي ناز نه صرف سسئي کي موهت ڪيو پر سچل جي چواڻي انهن اکڙين جي اسرار ڏونگر ڏورڻ ۽ وٽڪار ووڙڻ جهڙا ڪم به ڪرايا.

اکڙين اسرار، مون کي ڪو جو ڪيو ميان،

انهن تان ڏيکاريو، ڪاڪيون ڙي ڪوهيار،
ڏونگر ٿو ڏورائي، چشمن جو چمڪار،
ناز نيٹن جو سرتيون! ووڑائي وٹڪار.
(قلي بيگ، 2008ع: ص 605)

شاهه لطيف وري محبوب جي تجلي جي ڳالهه ڪئي آهي، جيڪو جهڙ ۾ ڪنوڙ وانگر چمڪا پيو ڏئي ۽ جيڪو سراسر سڪون ڏيندڙ ۽ فرحت بخش آهي.

پَرتَوو پُنهونءَ جو، جُهڙَ جِنَن جهالا ڏئي،
اُئون تنهن آريءَ کي، وڻيو راهه رُئان گهٹو.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 162)

شاهه لطيف پنهونءَ جي عڪس ۽ اولڙي کي به فرحت ۽ راحت قرار ڏي ٿو.

پَرتَوو پُنهون جو رُڳِيائي راحَت.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 163)

5.5.18 غفلت ڪرڻ:

سچل جي ڪلام ۾ به سسئيءَ کي پنهنجي غفلت ۽ غلطي جو شدت سان احساس آهي.

مُون هٹان پيئي، ڏوهه نه مٹين کو ڏيان،
حال چوان هيئي، هلي هوتياڻن کي.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 835)

شاهه لطيف به سسئيءَ کي مياري قرار ڏيندي کيس اهڙي تنبيهه ڪري ٿو.

هٹان تو پئي، ٽي ڪَچو ڪيچين ڪرين!
(آڏواڻي، 2013ع: ص 157)

5.5.19 مارگ ۾ رت هارڻ:

سچل وٹ سسئي جي سورن جي اپٹار، سندس سِڪ سوز ۽ طلب جا انيڪ منظر به آهن ته ڏونگرن کان ڏاڍو ۽ ٽڪرين کان اُتاهون عزم به آهي ته پنهنجي منزل تائين رسڻ لاءِ راهن ۾ رت به هاريندس.

شاهه لطيف وٹ به اهڙو ساڳيو عڪس 'سُر حسيني' ۾ آهي:

لڳم ٻاڻ ٻروچ جو، امڙ! پَل مَ مون،
سپ رگيندیس رت سين، ڪيچان اوري پون،
مادَر مٹان مُون ڪانگ لهندا ڏهين.
(بلوچ، 1999ع: ص 353)

راهين هارج رَتُ، ڪاڪِي ڪيچئڙن لئي،
تنهن پوءِ جائي جت، متان تو هٹ ٽئي.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 848)

شاهه لطيف جي سسئي رت سان هاڙهو رجائڻ جو عزم اظهاريو آهي:

هوتن لاءِ هاڙهو رجائيندیس رت سين.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 183)

5.5.20 ڏونگر ٽيو ڏولي:

سچل جي ڪلام ۾ سسئي ڪيچ وڃڻ جو اٹل ارادو ڪندي ڏکين ۽ اڻانگن پهاڙن کي پنهونءَ جي پريت ۾ ڪلهن تي چاڙهي ڪٹي وڃڻ واري ڪنوار جي ڏولي ڪوٹيندي چوي ٿي ته،

ڪاڪيون ويندس، ڪيچ ڏي، ڏونگر پانيئيان ڏولي.
(قلي بيگ، 2008ع: ص 614)

شاهه لطيف سسئي جي باب ۾ چوي ٿو ته جيڪي محبوب جي فراق ۾ سڙيل آهن انهن لاءِ جبل به جڙ ته سڌي سنئين پٹ مٹل آهي:

پهڻ تَنين پَٹَ ٽئي، جي لالڻ لئه لوٹيون.

(آڏواڻي، 2013ع: ص 124)

5.5.21 سورن جي سونهن:

سچل سرمست محبوب ماڻڪ لاءِ گوندر گذارڻ وارن کي چنڊ جهڙو سهڻو ۽ انهن جي عشق کي نهايت مٺانهين منزل تي ڏسي ٿو:

گوندر جن گذريو، منهن تنين مهتاب
سنديون نينهن نواب، آهن ورهه وارئين.
(علي قلي، 2008ع: ص 833)

شاهه لطيف وري اهڙن سُورن کي وڏي قيمتي شيءِ کوڻي ٿو ۽ سالڪن جي اها نشاني به سُڌائي ٿو ته اُهي پنهنجي ڪُل موڙي عيوض به اهو سُورن جي ملهه ڳنهڻ وارو سودو ڪندا آهن.

ڪِنين ڪِنين ماڙهين، گوندر وڏي وَٽُ،
ٻَڌي گوڏِ گرٽ، سانو ڪجي سُور جو.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 177)

5.5.22 ڪيچ جو پنڌ:

سچل جي ڪلام ۾ گوناگون گل نِڙيل آهن، سندس سسئي جي بيان ۾ سندس سوز ۽ فراق، تات، طلب، عزمِ عظيم ۽ نينهن جا نغارا وڏي سڌ وچن ٿا، سچل ڪيترن ئي جاين تي شاهه لطيف جي موضوعن کي پنهنجي مخصوص اسلوب بيان سان اُپاريو آهي، سچل وٽ سسئي جي ولوڙ ۽ ڳولا کي بيان ڪرڻ جي پنهنجي ڏات ۽ ڏانو آهي.

ڪيچين ڪي لڳي هُوء ڪهڪي،
پهرين پُور ٽڪر سان ٽهڪي،
ڪامڻ ڪوهه ڏسي نا ڏهڪي،
اُتي روح نه تنهنجي رهڪي،
توڙي پير ڦٽس پٻ ڦهڪي،
تان بي نار نه بلڪل نهڪي،
توڙون ڪين تهين هڏ تهڪي،
اوجان عاشق اهڙي اهڪي،
ڏونگر سپ وڏائين ڏاري.
(قلي بيگ، 2008ع: ص 922)

شاهه لطيف وٽ به سسئي انهن ڏکين پنڌن ۽ ڏولاون مان پار پوڻ کان پوءِ لال ٿي وڃي ٿي. 'لال' سوپارو ٿيڻ ۽ ڪنوار کي به لال چوندا آهن، لطيف چوي ٿو ته:

اڏر نِڏر اپري، سڏر ٿي سچي،
معذور ٿي مارو ڪيو، اولاڪن اچي،
سپڪ ٿي سيد چئي، پهٽن منجهه پچي،
منجهان راهه رچي، ٿيئڙي لال لطيف چئي.
(آبري)

سچل جي شاعري ۾ به سسئي پاران پنهون جي تات، طلب ۾ سُور سهڻ ۽ ڪشالا ڪيڻ سان گڏوگڏ سندس ارادي ۽ عزم جا اهڃاڻ ڇڻا نظر اچن ٿا. جڏهن ته سچل ان سفر جي پڇاڻي (Climas) دوئي کان دور ٿي اندر اُجارڻ ۽ ائين پوءِ منزل تائين پهچڻ جو رستو ڏيکاري ٿو.

ڊاڪٽر عبدالجبار جوٽيجو لکي ٿو ته:

''شاعري خاص طور سسئي جي همت ۽ عزم کي سراهي ٿو، سچل سرمست اهو پڌائي ٿو ته سسئي اهي ڪشالا ڇو ڪيا؟ هُوءَ وحدت جي وادييَ ۾ گم ٿي وئي ۽ دوئييَ کان دُور ٿي منزل ماڻيائين.''

(جوٽيجو، 2002ع: ص 368)

سسئي چام پنهون هڪ هوتان
ڪامڻ جان ڳوليو جو تان
ساڳي پاڻ پنهون هُئي سو تان
پچي هيءَ ڳجهارت ڪو تان
چا جي ڪاڻ ڪرين ٿي ووءِ تان
چپر ڳولي ٿي سا چو تان
سچو دست دُئي کان ڏوتان
ساجن ڪيئن صحي ڪيو توتان
پر جي عشق اچي اوجاري.
(قلي بيگ، 2008ع: ص 933)

5.5.23 سچل جي سرائڪي ڪلام ۾ سسئي:

سچل سرمست جي سرائيڪي ڪلام ۾ پڻ ساڳي بي خودي، مستي، بيباڪي، رندي رمز موجود آهي، سچل حسن پرست شاعر آهي. حسن ۽ عشق جي اپڻار به سرائيڪي ڪلام جو خاصو اٿس. سندس سرائيڪي ڪلام جو مطالعو ڪرڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته هو سنڌ جي سرائيڪي زبان جي شاعرن جي ست جو اڳواڻ آهي، ڊاڪٽر نواز علي شوق لکي ٿو ته:

”ان ڳالهه ۾ ڪو شڪ ڪونه آهي ته شاهه لطيف کان پوءِ سنڌي زبان جو وڏي ۾ وڏو شاعر سچل سرمست ئي آهي، پر سرائيڪي ۾ سچي سنڌ ۾ سندس جوڙ يا مٽ ملڻ مشڪل آهي، جيڪڏهن ڪيس سرائيڪي شاعريءَ جو سرواڻ سڏجي ته ڪو وڌاءُ نه ٿيندو.“ (شوق، 2008ع: ص 64)

سچل جون سرائيڪي ڪافيون فني لحاظ کان پختيون آهن، ۽ بيان جي رواني سان گڏ شاعراڻي نغمگي به سنڌي ڪافين جي بنسبت وڌيڪ نمايان نظر اچي ٿي. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکي ٿو ته:

”سچل سندس سرائيڪي ڪافين ۾ وڌيڪ وڏو شاعر آهي.“
(بلوچ، 1999ع: ص 646)

5.5.24 نينهن جا واهڙ:

سسئي جي بيان ۾ سچل سندس نينهن جي ندين وهڙ ۽ جدائي ۾ جالڙ جي منظرڪشي ڪندي چوي ٿو ته دنياداري ۽ ان جي حجابن کان اڳتي اچي وئي آهيان:

مؤجان ڪيئي لک، ڳوناگون ٻيلي، آءٔ تکيريان ٻيان،
ڏيک احوال اساڏا سارا، پچ گيان سپ سهيان،
دين دنيا ڪنون ٻاهر ٻيان، شرم حيا ڪنون ڳيان،
سر سچو دي ساوڻ وانگون، نينهن ديان نيان نيان.
(قلي بيگ، 2008ع: ص 622)

5.5.25 سَسئي جو شرم:

شاهه لطيف سسئي جي زبان سان چوي ٿو ته جڏهن آءٔ پاڻ ئي پنهون ٿي پيس ته مون وٽان سسئي جو شرم هليو ويو، اڪيلو هلڻ وارين کي حجاب نه هوندو آهي، سسئي کي جيڪو وندر وڻ پهچي رنگ لڳڻو هو، وهنوار ملڻو هو اهو هتي ئي حاصل ٿي ويس.

پنهون ٿيس پاڻهين، ويو سسئي جو شرمُ،
هيڪليون هلن جي، پچي تن پَرَمُ،
جو وندُرَ ۾ ورمُ، سو سودو سريسُ هنَهين.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 107)

شاهه لطيف ته سسئي کي زور ٿو پري ته لوڪ لڄا ڦٽي ڪر، نر لڄي، رولاڪ ۽ دربدر پٽڪندڙ ٿيءُ ته منزل ماڻئين.

جان ساماڻئين سسئي! تان ويس وڃڻ جو ڪَر،
لاهي لڄ لطيف چئي، ٿئي بيگارياڻي بَرِ،
ته ويندي پوئي وَرِ، اڳيان هوت حُضور جي.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 120)

5.5.26 محبوب سان نينهن روز ازل کان: سچل محبوب سان نينهن لائڻ ۾ نباهڻ جي حڪايت ۾ حقيقت بيان ڪندي چوي ٿو ته اهڙي زورآور محبوب سان منهنجو نينهن روز ازل کان آهي:

سانول نينهن نباهڻ آيا وو،
الغرضان دي نال ني اپنا وي.
روز ازل دي نال ڈاڍي دي مين تان،
نينهڑا لايا وو.
(قلي بيگ، 2008ع: ص 625)

شاهه لطيف سسئي ۾ پنهون جو ناتو 'ڪن فيڪون' کان ڳڻيل ٻڌائي ٿو، ۾ جڏهن روحن پنهنجي رب سان "قالوبليٰ" وارو واعدو ڪيو:

جڏهن "ڪُن فيڪُون" تڏِ نِئو آرياڻي اَرواح،
انگ اڳهين لکيو، منهنجو ميثاقاه.
(بلوچ، 1999ع: ص 319)

5.5.27 آسروند سسئي: سسئي جي باب ۾ به سچل جي اها دردِ فراق سِڪ ۾ سوز واري وائي وات آهي، جيڪا دل ڇائيندڙ دانهن آهي.

آوڻ دي ڪوئي يار نون هوئي، آوڻ دي ڪوئي يار نون،
آءُ ري ساڻي، هجر ميڏي دي، ڪائي آگهه هئي دلدار نون،
چشمان تي چُم چاوڻ آسانون، پيران دي پيزار نون،
دارو اهو ديدار سڃڻ دا، برهي دي بيمار نون،
سچو دا اهو ڏيوين سنيها، ساڻيان دي سالار نون.

سچل جي هن ڪافي ۾ برهه جي باهه ۾ پچندڙ ۾ فراق ۾ فنا ٿيل پر پوءِ به آسروند سسئي جو احوال آهي، جيڪا پنهونءَ ڏانهن پنهنجو پيام پئي پهچائي.

شاهه لطيف جي هيٺ ڏنل وائي به اهڙين ڪيفيتن جو اظهار آهي پر هتي به شاهه لطيف سسئي جي قرباني ڏيڻ، جدوجهد، تات، طلب ۾ جستجو کي ور ور ڪري ورجائي ٿو:

پلڪ نه رهي دل توري، وَرُ ميان خان بلوچا!
اُٺ چاريندیس اُن جا، مٿان ٽَڪَرَ ٽوري،
ڏينديس ماه مرن کي مٿان ڪُلهن ڪوري،
ڪانگ ڪينم ڪيچ جا، ماسُ چُنجن سان چوري،
ڏک لاهيندیس ڏيل جا، ساڻ عجيبن اوري،
آرياڻي عبداللطيف چئي، سارَ لَهندُم سوري.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 118)

5.5.28 طرف مڙئي نم ٿيا: سچل سرمست وٽ به سسئي جي طلب ۾ ڳولا جي پڇاڻي پنهنجو پاڻ سُجاڻڻ ۾ خود شناسي تي ٻڌي ٿي. اها وحدت الوجود ۾ مڪتب ۾ 'الوهيت' ماڻڻ واري منزل آهي. اتي 'صفاتي صورت' 'ذات' جي صورت ۾ نروار ٿئي ٿي. ان نڪتي کي ورجائي ورجائي بيان ڪيو اٿس:

جان پروڙيم پاڻ کي تان آءُ پنهون آهيان،
ڪنهن طرف ڪاهيان، طرف مڙئي تَم ٿيا.
(قلي بيگ، 2008ع: ص 844)

شاهه لطيف ساڳي منزل بابت چوي ٿو ته:

پُنهون ٿيس پاڻ، سسئي تان سُور هئا.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 107)
نانئي نيڻ نِهار، تو ۾ ديرو دوست جو.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 103)

5.6 خليفو نبي بخش ”قاسم“ (1863-1776ع):

5.6.1 خليفي صاحب جا وڏا، ولادت ۽ تعليم: خليفي نبي بخش ’قاسم‘ لغاري جا وڏا اصل ڊيري غازي خان جا هئا. جيڪي ڪلهوڙن جي پوئين ۽ ٽالپرن جي اوائلي دؤر واري عرصي ۾ سنڌ ۾ آيا ۽ بدين ۾ اچي رهيا، خليفي صاحب جي پيدائش به اتي ٿي. سندس تعليم ۽ تربيت بابت ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ لکي ٿو ته:

”سندس ننڍپڻ بابت ڪوبه تصديق جهڙو احوال ڪونه ٿو ملي، پر سندس پرورش اباڻي ڳوٺ ’منڱءَ‘ واري ماحول ۾ ٿي ۽ وقت جي رواج موجب سندس والد کيس فارسي جي تعليم ڏياري. نصابي تعليم مطابق جيتوڻيڪ هو هڪ ’منتهي‘ واري درجي کي ڪونه پهتو، مگر جيئن ته فطري طور سندس ذهن تيز ۽ ذوق سليم هو. اُنهيءَ ڪري درسي تعليم بعد هن پنهنجي مطالعي کي وسيع ڪيو ۽ فارسي زبان ۽ ادب مان چگو حظ حاصل ڪيائين.“ (بلوچ، 2005ع: ص 9)

خليفي نبي بخش جو مڪمل رسالو موجود آهي، ڪلام ۾ تخلص ”قاسم“ اختيار ڪيائين. جيڪو سندس ماسات ۽ حال پائي هو، خليفي صاحب جي ساڻس تمام گهڻي دوستي ۽ محبت هئي.

عين عالم شباب ۾ خليفي نبي بخش کي مجازي عشق جي مهميز دنياداري وسرائي ڇڏي، نيٺ وچوڙي جا ڏينهن پورا ٿيا ۽ خليفي صاحب جي شادي ٿي پر ڪجهه سالن جي عرصي کان پوءِ سندس محبوب رفيق حيات جي اوچتي وفات خليفي صاحب جو جهان اونداهو ڪري ڇڏيو.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکي ٿو ته:

”بس خوشين جا در پورجي ويا ۽ دردن جا دروازا کُلي پيا، نبي بخش کي وچوڙو ورونهن ٿي آيو ۽ کي به چار سال هو ائين بيوس ۽ بي حال رهيو. قاسم جو سندس حال پائي هو، تنهن ساڻس همدردي ڪئي ۽ حيلا ڪيا، پر نبي بخش تي غم غالب رهيو.“ (بلوچ، 2003ع: ص 10)

انهيءَ کان پوءِ جڏهن خليفي صاحب جي عمر 40 سال هئي ته پير صاحب محمد راشد رحه عرف ’روضي ڌڻي‘ کيس خلافت جي پگ ٻڌرائي. اهڙيءَ ريت خليفي صاحب جي زندگيءَ جو نئو دؤر شروع ٿيو.

5.6.2 خليفي صاحب جي شاعري:

خليفي نبي بخش جي شاعري جي شروعات مداحن سان ٿي، ۽ پوءِ محبت ۽ مجاز جي چوٽ لڳڻ بعد سندن اصل، پڪي پختي ۽ صحيح معنيٰ ۾ شاعريءَ جي شروعات ٿي. ڊاڪٽر بلوچ لکي ٿو ته:

”’هير ۽ سندسس ماءُ‘ جي سوالن جوابن واري سي حرفي جا سنئون سڏو مجازي محبت جو مڪالمو آهي، سا انهيءَ اوائلي دؤر جو ڪارنامو ۽ ان سان گڏ شاعرانه فن جي ڪمال جو مظاهرو آهي.“ (بلوچ، 2005ع: ص 21)

ان کان پوءِ روحاني فيض جي پرچار واسطي سنڌ کان ڪاٺياواڙ ۽ گجرات طرف سفر ڪرڻ ۽ اُتي رهڻ دوران رسالي وارو ڪافي ڪلام انهيءَ دؤر جو آهي. جڏهن ته سُر ڪيڏارو جو ڪرڙي واري جنگ جي شهيدن کي پيڏا ڏيڻ خاطر چيائين سو به انهيءَ دؤر جو آهي.

ان کان پوءِ پنهنجي مرشد علي گوهر شاهه ’اصغر‘ جيڪو پاڻ ڪافين جو معياري شاعر هو، تنهن جي صحبت ۾ ڪافيون چيائين. مثنوي سسئي پنهون به هن ٽئين ۽ آخري دؤر

۾ جوڙيائين. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ مثنوي سي پنهون بابت لکي ٿو ته:

”هي داستان 1251-1254هه وارن چئن سالن جو ثمر ۽ جڙ خليفي صاحب جي زندگيءَ جو ماحصل آهي، جنهن ۾ حسن ۽ جمال جي جلوه آراين، عشق جي ڪارفرماين، محبت جي رسمن، درد جي داستانن، وچوڑي ۽ وصال جي لذتن، مجاز ۽ حقيقت جي نڪتن، شريعت ۽ طريقت جي راهن کي دلي صداقت، دلپذير انداز، بلند تخيل ۽ اعليٰ شاعريءَ ذريعي روشن ڪيو ويو آهي.“ (بلوچ، 2005ع: ص 22)

خليفي نبي بخش جي شاعري ۾ حق ۽ حقيقت جي اپڻار سان گڏوگڏ مجازي عشق جون موجون به سربلند آهن. مجازي محبت جي ماجرا بيان ڪندي سپرينءَ جي سونهن جي ساراهه جا ڇٹ ڪمال ڪاريگري ۽ ڇت سان ڇڻيا اٿس.

خليفي نبي بخش سر ڪنيات، برووَ سنڌي، جوگ، مومل راڻي ۽ سُر ڊول مارو ۾ حسن ۽ عشق جي حڪايت خُوب کولي بيان ڪئي آهي.

خليفو نبي بخش حق ۽ حقيقت جي باب ۾ فقط ظاهر جي عبادت ۽ رياضت جو قائل نه آهي، هو ان راهه ۾ پاڻ وڃائڻ ۽ ’گولپ جي گمان‘ وارو ڪٹر ڪيڙ جي ڳالهه ڪري ٿو. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکي ٿو ته:

”خليفو نبي بخش صاحب سالڪن وانگر ’رمزن واري سهڻي رَند‘ تي پورو رهيو ۽ شوخي ۽ شتحيات واري راهه ڪانه ورتائين. البته ’عبد‘ واري گمان لاهڻ ۾ عبدالله فقير کان متاثر ٿي، خود اثباتيءَ واري ميدان ۾ قدري اڳتي وڪ وڌائي ڇيائين ته:

آسا ڇڏ الله جي، در در پن مَ دان،
پاڻ وڃائي پانهنجو، ثابت ڪر سبحان،
’ميم‘ ٻڌي سر مولهيو، ’الف‘ ٿي اڳوان،
گولپ جو گمان، قاسم ڪٹر اک ۾.
(بلوچ، 2005ع: ص 26)

خليفو صاحب راڳ ڏانهن طبعي ميلان رکندو هو ۽ راڳ جي ڇگي ڇاڻ رکندو هو ۽ راڳ جي محفلن ۾ ذوق ۽ شوق سان شريڪ ٿيندو هو. راڳ سندس روح ۾ رَليل هو.

اي تن ڪيتم ساز طنبورا، پيرم راڳ رلايان ريکان.
(بلوچ، 2005ع: ص 228)

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، خليفي نبي بخش لغاريءَ جي راڳناريءَ جي محفلن بابت لکي ٿو ته:

”سنڌ ۾ توڙي ڪانياواڙ ۽ گجرات طرف خليفي صاحب وٹ هميشه ڪچهرين جا منڊل متل هوندا هئا. بڙودي جي گائڪواڙ طرفان خليفي صاحب جي مهمانيءَ وقت راڳ جي محفلن جو خاص انتظام ٿيندو هو. خليفي صاحب جي طبعي ذوق سبان پير صاحب پاڳاري جي جماعت ۾ ’جماعت جي راڳ‘ جو بنياد پيو.“ (بلوچ، 2005ع: ص 28)

هي هِنيين سِين لاءِ، قاسم سُڻ سنيهڙا،
ايڪَلَتارو تال سان، ويهي هٹ وڃاءِ،
گَايو وينو گَاءِ، سَو ڪُڻ سنياسين جا.
(بلوچ، 2005ع: ص 148)

تال طنبورا تان، لڳا ڪينجهر ڪنڌئين،
هٹ شيشو، مُنهن وَڻڙي، چَبيو چَبي پان،
منچر لڏو مان، جڏ تڙ تماچي آئيو.
(بلوچ، 2005ع: ص 203)

مٿين بيتن مان خليفي نبي بخش جي راڳ سان رغبت جا مزيد مثال معلوم ٿين ٿا، سُر

سورٹ ۾ ٻيجل جي آلاپ جي پرک ڪئي اٿس:

ٿي سُرَندو هٹ ۾، مٿس لال لباس،
آلاپيائين اوچتو، پيرم راڳ پياس،
جا رکي آيو آس، سا پوري ڪندو پانهنجي.
(بلوچ، 2005ع: ص 90)

خليفي نبي بخش هن بيت ۾ ٻيجل جي 'پياس' راڳڻي آلاپ جو اشارو ڏنو آهي. جنهن بابت ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکي ٿو ته:

''پياس' بيشَ پيرم (پيرؤن) ڄاڻ جي راڳڻي آهي: 'پيرؤن' جا به سر 'مڌم' ۽ 'نکاد' ڪٹبا ته پياس راڳڻي ٺهندي. انهن اندروني شهادتن جي علاوه، ملاري ڪانري، ججونتي ۽ دادره جا بول (استائي ۽ انتره سميت) جي خليفي صاحب خاص طور منظوم ڪيا آهن. (ص 258-259) سي موسيقي جي فن بابت سندس حسن ذوق ۽ ڄاڻ تي پڌرا شاهد آهن. راڳ جو ايتريقدر عملي ذوق ۽ علمي ڄاڻ پڻائي صاحب بعد وري خليفي صاحب جي شعر ۾ نمايان آهي ۽ هن دؤر جي ٻين شاعرن وٹ نسبتاً جن ڪه ناپيد آهي.''

(بلوچ، 2005ع: ص 29)

5.6.3 خليفي صاحب جو ڪيڏارو، وطني حب جي حڪايت:

وطن جي حب جي ايڏي اهميت آهي جو ان کي ايمان جو جزو قرار ڏنو ويو آهي، سنڌ جي سورهيه، سرويچ، ارڏن ۽ اٹموٹ ڏيئن ۽ پٽن سدائين سنڌ وطن جي بچاءُ، آزادي لاءِ هر موقعي تي ڏارين حملي آورن جي منهن مقابل ٿي پاڻ ملهايو آهي ته، اهڙن وطن جي سرموڙ سورهين کي سنڌ جي سڃاڻ ۽ سدا ملوڪ سگهڙن ۽ شاعرن دل سان ڳائي داد ڏنو. سنڌ جو رزميه داستان 'دودو چنيسر' اهڙي شاعريءَ جو اوائلي نمونو آهي، شاهه لطيف جي شاعري ۾ وطني حب ۽ هم وطنن سان محبت وارو مضمون مکيه جاءِ والاري ٿو. اهڙيءَ ريت خليفي صاحب وري ڪيڏاري ۾ اهڙي حب الوطني جي جذبي هيٹ سنڌ جي سرويچن کي ڳايو ۽ انهن کي سلام پيش ڪرڻ خاطر ان سُر جي چونڊ ڪئي.

''ميين شاهه عنات ۽ خصوصاً پڻائي صاحب، بعد ۾ 'مارئي جي داستان' ذريعي حب الوطنيءَ جي روايت کي نئين سر اُجاريو، ڪائنڊ پوءِ واري گروهه جي شاعرن پڻ مارئيءَ جي وطن لاءِ حب ۽ محبت واري مضمون کي وري ورجايو، مگر انهيءَ مضمون جي علاوه سڏوسنئون ۽ خالص وطنيت جي جذبي هيٹ جن شعر چيو، تن مڙني ۾ خليفي صاحب جو مقام بلند آهي.''

(بلوچ، 2005ع: ص 29)

خليفي نبي بخش ڪيڏاري جي مضمون هيٹ خالص سنڌيت ۽ سنڌي وطنيت جي جذبي هيٹ ڪرڙيءَ جي جنگ جي انهن سورهيه سرويچ جوڌن کي سُر ڪيڏاري ۾ ڳايو جيڪي وطن مٹان سِر گهوري شهيد ٿيا، ڪرڙيءَ جي جنگ 1835ع ۾ لڳي، جنهن ۾ سنڌ جا سورهيه، افغاني چاڙهي شاهه شجاع جي فوج سان مقابلو ڪندي شهيد ٿيا، پر پوئتي پير نه ڪيائون. سنڌ جو هي وطن دوست شاعر شاهه شجاع کي مخاطب ٿي چوي ٿو ته:

شجاع! سنڌ مَ ويهه، اوڏا اڏي نِجُهرا،
هيءَ تني جو ڏيهه، حامي حيدر جن جو.
(بلوچ، 2005ع: ص 40)

ڪرڙي جي جنگي ميدان جو منظر هينئن چٹي ٿو:

ڪرڙي ڪائـي رَت، پَت نَه وجهـي وات ۾،
پڙ ۾ پهلوانن جِي، ويٹي پَرڪـي پَت،
جَني نيٹ نِست، نينهن نه لائـي ٰتن سِين.
(بلوچ، 2005ع: ص 40)

ڪرڙيءَ سورهيه سپوتن جي آزمائش جو ميدان آهي.

موٽيا مادَرِ ذاد، پُٽَ پِيَن جا رانئيَا،
وئا وساري نڪري، يارُ نه ڪيائون ياد،
سَندو سوپ سوار، سَر فروشن سپجي.

(بلوچ، 2005ع: ص 46)

هتي خليفي نبي بخش سنڌي عورتن کي پنهنجي مردن، پٽن ۽ مڙسن کي جنگ ۾ وڙهڻ لاءِ اُپاري ٿو ۽ کين مرڻ لاءِ اُتساهي ٿو، موٽڻ لاءِ مهڻو قرار ڏي ٿو. هو انهن کي بهادر ۽ اٽموٽ ڪوني ٿو، عام طور تي ”پيءُ جو پٽ“، ”مڙس جو پٽ“ يا ”جوان جو پٽ“ جا اصطلاح دليري يا ٻين گڻن جي مجتا طور چيا ويندا آهن. پر هتي خليفي صاحب ان وقت جي روايتي مرداڻي سماج جي حاوي سوچ وارو اصطلاح استعمال ڪيو آهي. جيڪو اڄ تائين به ڪنهن نه ڪنهن طرح سماجي سوچ ۾ ذهن جي ورن وڪڻ ۾ موجود آهي. جڏهن ته انهيءَ ساڳي سُر ڪيڏاري ۾ ئي هو اهڙا ڪيئي بيت ڏئي ٿو، جنهن ۾ عورت پنهنجي ڪانڊ کي ۽ پنهنجي لختِ جگر کي وڙهندي سِر ڏيڻ لاءِ اُتساهي ٿي ۽ ان جي ميدان ڇڏي موٽڻ کي مهڻو سمجهي ٿي:

پَڇُ مَ پيڇين ڪاءِ، پاءِ پانجارِي اُن سان،
مُڇُڻ تنهنجا ماءِ، مُنهن مٽانهون نه ڪٽي.

(بلوچ، 2005ع: ص 45)

پڇي بَڇُ مَ ڪانڊ! مَرُ ته ماناتِي ٽيان،
تو سيگا تو سَجا، رِڻَ ۾ رَمَنِ راند.

(بلوچ، 2005ع: ص 45)

تاريخ شاهد آهي ته سنڌ جي سورهين ڪڏهن به ميدان خالي نه ڇڏيو آهي، ۽ اهڙا اوڏا ۽ اٽموٽ پٽ سنڌ جي سڳورين ۽ مٽيادار مائُن ئي ڇٽيا ۽ انهن کي وطن جي ننگن ۽ دنگن جي عزت ۽ ناموس جي شناس ۽ حفاظت لاءِ سر گهورڻ جي سُتي پياري ۽ اهڙي لولي ڏني.

جڏهن ته شاهه لطيف جي ڪلام ۾ عورت اسان کي مردن کان به مٿانهين همت ۽ جرئت واري، سور ۽ سختيون سهڻ ۽ ذهني، جسماني ۽ نفسياتي ڏاڍ ۽ ڏمر سهڻ کان پوءِ به اورچ ۽ اٽموٽ نظر اچي ٿي.

سسئي لنگهيو سو، مرد جنهن ماتُ ڪيا.

(آڏواڻي، 2013ع: ص 148)

خليفو نبي بخش وطن دوست ۽ هم وطنن جو هڏ ڏوکي ۽ همدرد شاعر هو، سندس دؤر جي ناجائز منافع خور، وياجي ۽ عوام جو رت ست نهوڙيندڙ واپارين کي ڏاڙيلن کان بدتر ٿو ڪوٺي:

ڪارو مُنهن ڪِراڙ، ساڳَايَنِ مُنهن سنرا،
گهوڙا پسيو گهورڙيو، ٿو پٽي نڪ نِراڙ،
جيئن سو جهنگ هراڙ، تينءَ ڪيمَنُ پَري خبرا.

(بلوچ، 1999ع: ص 544)

شاهه لطيف به اهڙي خلق آزار طبقي کي پٽي ۽ پاراتو ڏئي ٿو:

ڏڪاريا ڏيهه مان موڏي سپ مرن.

(بلوچ، 1999ع: ص 544)

اهڙي ريت سُر سارنگ ۾ شاهه لطيف وانگر ئي سارنگ کي ساري هم وطنن جي بک ۽ تنگ دستي جي دفع ڪرڻ جي دعا گهري ٿو:

آءٌ سو سارنگ ساريان، جو بکين لاهي بک،
آب پياري اُجڑيين، ڏُکين سَجي سُک،

مٹان دِلينِ دُکَ، وَسُنِ سَپِي ميٹيا.
(بلوچ، 2005ع: ص 37)

شاهه لطيف سانوڻ جي منڊل کي اُجايلن جي سار لهڻ جي تاکيد ڪري ٿو، اُن جي سهانگائي ۽ سنگهارن جي سک جي ڳالهه ڪري ٿو:

سارنگ! سارَ لهيج، الله لگِ اُجين جي،
پاڻي پُوجَ پَڻنِ ۾، ارزان اَن ڪريج،
وطن وَسائيج، ته سَنگهارن سُکُ ٿئي.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 278)

خليفو نبي بخش خان ''قاسم''عام انسانن جي اهنجن جو احساس رکندڙ اهڙي شاعري سرجيندڙ شاعر آهي، جيڪا شاعري کيس مڙني همعصر شاعرن ۾ مٿانهون ۽ ممتاز ڪري بيهاري ٿي، ڊاڪٽر بلوچ کيس سنڌي شاعريءَ جي اُفق جو 'چوڏهينءَ جو چنڊ' چيو آهي.

''شاهه عبداللطيف سنڌي شاعريءَ جي آسمان ۾ سج ٿي اُپريو، جنهن جي پرتوي جي آب و تاب کان اڪثر پويان شاعر ذرن مثل چمڪيا، مگر خليفي صاحب جو شمار انهن نامورن شاعرن ۾ آهي، جي چنڊ ٿي اُپريا، بلڪ خليفي صاحب پنهنجي بلند حوصلي، فڪر جي يگانگت ۽ اسلوب بيان جي دلپذيريءَ سان جڏ چوڏهينءَ جو چنڊ ٿي چانڊاڻ ڪئي.''

(بلوچ، 2005ع: ص 32)

انهيءَ ڳالهه ۾ ڪوبه شڪ ناهي ته شاهه لطيف کان پوءِ ڪيترن ئي شاعرن شاهه لطيف جي انهن ساڳين سُرن ۽ موضوعن تي شاعري ڪئي ۽ انهن جي پنهنجي ادبي حيثيت پڻ مڃي وڃي ٿي. پر خليفي صاحب جي شاعريءَ جو مطالعو ڪرڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته بولي، اسلوب بيان، فڪر جي انفراديت ۽ بيتن جي نغمگي ۽ بين شاعرانه خوبين سبب خليفي صاحب جو ڪلام هڪ خاص ۽ جدا حيثيت جو حامل آهي.

5.6.4 خليفي نبي بخش 'قاسم' جي ڪلام ۾ سسئي:

خليفي صاحب جي سُر سسئي جي ابتدا هن بيت سان ٿئي ٿي:

ڪيچي يار ڪيومِ، پَرِيُونءَ ساڻِن سپرين،
اڳ نه واقف اُن جي، نه سو ڏيهه ڏِٺومِ،
سو تان هِتِ سَرئَومِ، جو هُت لِکيو لوحَ ۾.
(بلوچ، 2005ع: ص 50)

شاهه لطيف وٽ سسئي پرديسيءَ سان لئون لائڻ جي ڳالهه ڪري ٿي. شاهه لطيف جي سُر سسئي آبري جي ابتدا ئي عجب عزم ۽ ارادي سان آهي.

اول آخر آهه، هلڻ منهنجو هوت ڏي.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 99)

جڏهن ته ڪن محققن موجب شاهه لطيف جا قديم قلمي نسخا سسئي جي سرگذشت سان شروع ٿيل آهن ۽ انهن نسخن ۾ پهريون بيت هي آهي:

پرتو پنهونءَ جو، جهڙ جيئن جهالا ڏي،
اُئون تنهن آريءَ کي، وڻيو راه رُئان گهٽو.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 162)

سسئي جي داستان ۾ شاعرن پنهنجي دل جي دردن ۽ اندر جي اُتمن کي ڳايو آهي، خليفي نبي بخش 'قاسم' به شاه لطيف جيان مَن ۾ مجازي عشق جي دونهين ڌُڪڻ کان پوءِ سسئي جي تمثيل ۾ پنهنجي تات، طلب، تلاش ۽ جستجو جي اپٽار ڪئي آهي ۽ پنهنجو اندر اوتيو آهي:

گَنورا گونرَ گَلن جان، جُهلن جهاپا جهورَ،

پانهوڻا پانهن ۾، منجهن موتين مورَ،
چانگا ڪٽي چور، هليا هوت پنهون ڪي.
(بلوچ، 2005ع: ص 51)

5.6.5 پنهونءَ جوت:

سسئي جا ڏير پنهونءَ کي ڪٽي هليا ويا. اهو پنهون جنهن جهڙو ڪوبه ڪونه ڏيو، پر پنهونءَ جي جوت مان ئي جهان پيدا ڏيو! هتي رحمت اللعالمين مان صاف چئو آهي ته هي پنهون محمد مرسلين آهي، ان جهڙي بي ڪا تخليق دنيا ۾ رب نه ڪئي آهي.

نعم نالو سڃڻين نعم نيڻ سندان،
پيدا ڏيو پنهونءَ جي، منجهان جوت جهان.
(بلوچ، 2005ع: ص 53)

وَمَآ اَرْسَلْنَاکَ رَحْمَتُه لِلعلمين، ضعيفن، ضمان،
جهڙُس گهاڙو نه گهڙيو، ڪو ڏران منجهه دُڪان،
داڙُو ڏيندو دان، سَڏي سنگهر پيڻين.

5.6.6 آساري آئون:

خليفي نبي بخش به شاهه لطيف جيان سسئي جي غفلت ڪرڻ ۾ بيدار نه هجڻ واري حڪايت کي انساني اصلاح واسطي بيان ڪيو آهي ته جيڪو انسان ائين ڪري ٿو سو ضرور اهنجن ۾ عذابن ۾ گرفتار ٿيندو ۽ ڪيس ٻئي ڪنهن کي ميار ڏيڻ نه جڳائي.

جيڏي ياد نه ڪيائون، ته ڪيهو ڏک ڏيرن تي،
سُتيس پير ٻگها ڪري، آساري آئون،
وهاڻي واهُون، ڏيان ڏونگر وڻ ۾.
(بلوچ، 2005ع: ص 56)

پنهون سڻ وڃڻ جُون پچارون پئي ڪري، سسئي ڪيچين سان سگ ڪري سُور پرايا. هن بيت ۾ اها ڳالهه نهايت سهڻي سڌاءُ ۾ چيل آهي:

نِند نه ڏرن نيڻ، وڃڻ وار مَ سپرين،
بُرو ڦاڏا باڏڙي، واتان ڪَر مَ ويڻ،
سُورن ڪارڻ سيڻ، قاسم ڪَيڙا سسئي.
(بلوچ، 2005ع: ص 58)

سسئي دل ۾ دليل ڏي ڏوڙائي ته شال ائين ڏُئي جو ڪنهن سببان پنهون سڻ پلاڻي نه سگهي.

سنيوڙا سرواڻ، اوڻين پَڻُ پلاڻِئو،
الله! وسي اوچتو، مَيَن سِرِ مهراڻ،
تِريون تِرڪن تَن جُون، پُسَنِ مان پَلاڻ،
انهيءَ پوه پرياڻ، قاسم ملي ڪيچين.
(بلوچ، 2005ع: ص 61)

سسئي جو عزم:

شاهه لطيف سسئي جي محڪم ارادي ۽ پختي عزم جو اظهار هن ريت به ڪيو آهي:

صَبُرَ ۽ شڪر کي، ڪيڏانهن آئون ڪندي،
آهيان جنهن سندي، سو ته گهرجي ساڻ مُون.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 118)

خليفي نبي بخش به سسئي جي بيان ۾ اهڙي نموني جو اظهار ڪندي بڪئي ۽ ڊايل جي نفسياتي ڪيفيتن جو فرق ۽ سهڻي نموني واضع ڪيو آهي:

صبر شڪر ميڻ، مُون مُوران ئي نه وڻي،
بُڪئي جِهجي جِندِڙو، ڊايَلُ ڪَنهي پيڻ،
جان هوندِيس ڇُون هيڻ، جان قاسم پيڙي ڪيڇُين.

(بلوچ، 2005ع: ص 64)

5.6.8 مارڳ جي مرن:

خليفي نبي بخش به عظيم ءِ اعليٰ مقصد واري پنڌ ۾ سِر گهوري سَرهو ٿيڻ جي ڳالهه ڪئي آهي جيئن شاهه لطيف چيو ته،

”مارڳ جي مرن، وڏو طالع تِن جو.“
(آڏواڻي، 2013ع: ص 111)

خليفي نبي بخش چيو ته:

مٿي مارڳ سڃڻين، آءٌ مُيائي گهوري.
(بلوچ، 2005ع: ص 65)

ءِ ان کان به اڳتي اهو اعليٰ فڪر ته:

مارڳ جي مَرَن، جَتُ جِياري تن کي.
(بلوچ، 2005ع: ص 85)

5.6.9 ورڇڻ گناهه آهي:

اي سسئي پنڌ نه وِسار ءِ ٺڪجي، بيزار ٿي، ويهي نه رهه ءِ پاڻ مٿان ميار لاهه ءِ مري مٿو ڏي.

پُر مَ پنڌ وِسار، ورچي ويهُه مَ سسئي!
مَرِي مُنڌ ميار، لوچي لاهه لُکَنِ ۾.
(بلوچ، 2005ع: ص 66)

شاهه لطيف مايوسي ءِ ٺڪجڻ، واٽ تي ويهي رهڻ بابت باربار ورچي ويهڻ کان روڪي ٿو. رسول بخش پليجو لکي ٿو ته:

”ورچڻ لطيف جي شريعت ۾ گناهه آهي، ڇا به ٿي پوي، عذاب اچن، غداريون ٿين، ماڻهو ڏنگين، پنهنجا خنجر هڻن، پر ورچڻ، ٺڪڻ، آ ڪرڻ، ويهي رهڻ، ميار ڏيڻ، پيچي وڃڻ، لطيف جي مذهب ۾ جائز ڪونهي.“
(پليجو، 2005ع: ص 160)

جان جان هئي جيئري ورچي نه ويڻي.
(لطيف)

شاهه لطيف ان کان به مٿانهين سوچ ءِ فڪر جو اعليٰ اظهار ڪيو آهي ته جڏهن هلي هلي ٺڪجي، بيزار ٿيڻ کان پوءِ بي انتها ٺڪ کان پوءِ جيڪا وِک کڻبي اها ئي منزل جي ويجهو آڻيندي.

ڪُهي جا ڪنيائين وک تنهن ويجهي ڪئي،
ڇڪي ڇنائين، پنڌ مِڙوئي پَٻ جو.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 116)

خليفو نبي بخش سسئي کي چوي ٿو ته غفلت ڪيئي تڏهن جبلن جا لَڪ لتاڙين پئي.

سُتين پير ٻگها ڪري، ڏُنئي تين ڏونگر.
(بلوچ، 2005ع: ص 67)

شاهه لطيف انهيءَ ساڳي ڪيفيت ءِ حالت بابت چوي ٿو ته،

جڏهن ستيون جي، پٽر پير ٻگها ڪري،
تڏهن تنين کي، ساڻ سُتي ئي ڇڏيو.
(بلوچ، 1999ع: ص 333)

سسئي چوي ٿي ته منهنجي مقدر جي واڳ ته انهيءَ هٿ آهي جنهن جي طلب ءِ ڳولا ۾ سرگردان آهيان. جنهن جي ٻانهي آهيان اهوئي پنهنجو ساڻي نه ڪري ته ٻئي ڪنهن تي ڪهڙي ميار!

واڳ هوتان دي هٿڙي، ڏاگهان آڇ نه ڏوئي،
جنهن دَر پورهيت سسئي، نيندا نال نه سوئي،

قاسم ڪارڙ سڃڻين، چوڙيم سانگ سپوئِي.
(بلوچ، 2005ع: ص 73)

اپ باهه پيو وسائي، ڏرتي ڏامڻي هنئي پر پوءِ به سسئي ۽ بيزار ٿي ويهڻ بجاءِ وڪ وڏائي اڳتي وڌي ٿي. پر اهڙي سخت ڏينهن ۾ به هوتن لاءِ ڏٽي در ٻاڏائي ٿي ته:

الله! مَ لڳي اُن جي، ڪوسو واءُ قطارَ.
(بلوچ، 2005ع: ص 75)

5.6.1 سنجهي ساڻ پلاڻيو:

خليفي صاحب سسئي جي بيان ۾ مڻانهين فڪر سان گڏ اعليٰ شاعري جو اظهار به ڪيو آهي ۽ تمام سهڻا لفظ ۽ اصطلاح موتين وانگر پوئي ٿو:

مڇ ڪا مُنڊ ڪري، پرين پرڏيهي،
سنجهي ساڻ پلاڻيو، وڻان مُون ويهي،
مون کي ڇڏي ڇپرين، پَر پُونءِ ويا پيهي،
جني پکا اوڏاڙا، سيڻ ڪجن سيهي،
قاسم ڪيائون پڌري، هئي جتن من جيهي.
(بلوچ، 2005ع: ص 76)

محمد حسين ڪاشف خليفي نبي بخش لغاريءَ جي شاعريءَ جي خوبصورت لفظي جوڙجڪ ۽ حسناڪين بابت لکي ٿو ته:

”خليفي صاحب جي شاعري ۾ هولي جي موزونيت، خيال جي برجستگي ۽ فڪر جي گهرائي نهايت سهڻائي واري آهي.“ (ڪاشف، 2012ع: ص 178)

سسئي جي بيان ۾ خليفي صاحب درد جو درياءَ پلٽائي ڇڏيو آهي، سندس سِڪ ۽ سوز جو اظهار من اندر جا مڇ پسائي ٿو.

سج ڪيندي ڪَنڑِي، مُون ڪيندي پار،
ڦٽو اڄ فقير جو، قاسم من قرار،
جا وَئي ڪالهه قطار، آءٌ اوساريان ان لاءِ.
(بلوچ، 2005ع: ص 79)

5.6.11 سندي پنهون سونهن:

پرينءَ جي سونهن جي ساراهه ۽ عاشق جي ڪيفيت جو اهڙو عجب اظهار خليفي نبي بخش لغاريءَ جو خاصو آهي.

اپاڙيو اَسُونهن، ڪيي پار پنهونءَ جا،
ڦوڙائي فراق جي، وندي مُنڊَ وِرونهنَ،
سَندِي پنهونءَ سُونهن، قاسِم ڪُٽيون ڪيتريون.
(بلوچ، 2005ع: ص 78)

5.6.12 سسئي سک مَٽائيا:

شاهه لطيف سُکن بدران ڏکن کي ساراهيو آهي، ڏک ۽ تڪليفون انسان کي محبوب سان مِلائڻ لاءِ تيار ڪندا آهن، لائق بڻائيندا آهن ۽ منزل تي رسائيندا آهن. شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ خاص طور سسئي جي سُرن ۾ اهڙا ڪيترائي بيت آهن:

ڏيکارِيس ڏکن، گوندر گس پرين جو.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 176)

سؤ سُکن ڏيئي، وِرهُ وهائِم هيڪڙو،
مون کي تنهن نيئي، پيرُ ڏيکاريو پرينءَ جو.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 177)

خليفي نبي بخش لغاريءَ به پنهنجي مخصوص انداز ۾ سسئي جي بيان ۾ سُکن بدران ڏکن کي ساراهيو، ۽ ڳايو آهي:

ڏُکي مَرين سُک کي، ته وَجي ڏُکي ٿيءُ،

جي پائنئين جيئري مِلان، تان ٿُون هَڏَ مَ جيءُ،
موت پيالو پيءُ، ته ويجهي ٿئين وصال کي.
(بلوچ، 2005ع: ص 85)
سسئي سُک مَٽائيا، ڏُکن تي ڏيئي.
(بلوچ، 2005ع: ص 85)
ڏُکان سُک سَرن، سُک نه اوڏا ڏُک ري.
(بلوچ، 2005ع: ص 85)

ڪلياڻ آڏواڻي سسئيءَ جي جابلو ۾ ڏکئي سفر ۾ گهر جي آرام ۽ سک جي قربانيءَ بابت لکي ٿو ته:

''سسئي لاءِ وره وڏي وٽ آهي، هُو سمورن سُکن کي عشق مٿان قربان ٿي ڪري، اهڙا ڪي ٿورا عاشق آهن، جن لاءِ گوندر هڪ وڏي نعمت آهي، اڄ اهڙين ڏکوين جو ڏُکار آهي، يعني سچا طالب اڄ اٿلپ آهن، سواءِ درد جي دلدار ملڻو ناهي.'' (آڏواڻي، 2013ع، ص 178-179)

5.6.13 پاڻ مَ ڪٽج پاڻ سان:

خليفو صاحب سچي سِڪ وارن عاشقن کي صلاح ڏئي ٿو ته پنهنجي وجود مان آئون واري اَنا، 'ٻيائي' ۽ 'تون' واري تنوار ئي ڪڍي ڇڏيو، ٻي صورت ۾ منزل وڃائي ويهندا.

پاڻ مَ ڪٽج پاڻ سان، پُڻي پَڳ مَ لڳ،
پنهون ڇڏئو پوئتي، آڙون پائين اڳُ،
قاسم! دُوئي دَڳُ، 'آءٌ'، 'تون' اُن وِڃائيا.

شاهه لطيف چيو ته:

پنڌ مَ ڪر پهاڙ ڏي، وِجود ئي وٽڪار.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 103)

خليفي نبي بخش چيو ته:

پس پنهون ٿي پاڻ، سُڄ مَ ڏورج سسئي!
وڃيو ڏونگر ڏورين، قاسم ڪنين ڪاڻ!
سو تان توهِي ساڻ، جنهن لاءِ جفائون ڪرين.
(بلوچ، 2005ع: ص 84)

هتي سسئي جي سفر جي پڄاڻي ۾ انتها انهيءَ اعليٰ انساني گڻ ۾ ڪردار جي بلندي تي ٿئي ٿي، جنهن ۾ انسان پهرين پنهنجي وجود کي سمجهي، خودشناسي ۽ خود تعمير جي مرحلي مان پار پوي ٿو ۽ پوءِ ئي منزل ماڻڻ لاءِ عزم عظيم، پختي ارادي ۽ عمل جي لائق ٿئي ٿو.

5.6.14 خليفي نبي بخش ''قاسم'' جي مثنوي:

خليفي نبي بخش لغاريءَ جي سرائيڪي مثنوي، سسئي پنهون جي بي مثال ۽ لازوال عشق جو اول تا آخر مڪمل ۽ وستار سان بيان ڪيل پرسوز ۽ دل پڄائيندڙ داستان آهي.

خليفي نبي بخش هن مثنوي ۾ سرائيڪي سان گڏ، فارسي ۽ سنڌي لفظن جو سهڻو ۽ نهڪندڙ جڙاءُ ڪري داستان کي تهائين دلچسپ ۽ دلپذير بڻائي ڇڏيو آهي. ڊاڪٽر قادر بخش مگسي لکي ٿو ته:

''داستان ۾ زماني جي تجربن ۽ مشاهدن کي سمائي سهڻي انداز ۾، شاعرانه رنگ ۽ ڍنگ ۾ پيش ڪيو آهي. مثنوي کي پڙهي ڏسبو ته خليفي 'قاسم' ان ۾ فارسي ٻوليءَ جا گهڻا الفاظ استعمال ڪيا آهن، جنهن مان پتو پوي ٿو ته خليفي 'قاسم' کي فارسي ٻوليءَ جي لفظن ۾ اصطلاحن تي عبور حاصل هو.''
(مگسي، 2015ع: ص 19)

شهنشاهه دي چمن در گل عجيبا
اسان در باغ شهه دي عندليبا

سُٹيمُ هِندُو جَنب هڪ پرستان
برهمڻ بي پسر او دل شڪستان.
(مگسي، 2015ع: ص 34-35)

خليفي نبي بخش هي مثنوي آخر عمر ۾ جوڙي راس ڪئي مثنوي لکڻ جي سال ۽ عرصي بابت ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ لکي ٿو ته:

”مثنوي ’سسئي پنهون‘ هِن دؤر جو اعليٰ ڪارنامو آهي، خانداني روايت مطابق خليفي صاحب سسئي پنهون چئن سالن جي عرصي ۾ چئي پوري ڪئي.“ (بلوچ، 2005ع: ص 22)

خليفو نبي بخش پاڻ ’مثنوي سسئي‘ جي آخر ۾ هن مثنوي جي جوڙي راس ڪرڻ بابت چوي ٿو ته:

لِکون سن ڪُون پارهن سؤ چوونجاهي
ڪتابت لِک نبي بخش بنائي.
(مگسي، 2015ع: ص 286)

خليفي نبي بخش جي ’مثنوي سسئي‘ پهريون پيرو بمبئي مان ڇپي ان کان پهرين خطي نسخوئي هو، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ان بابت لکي ٿو ته:

”زباني خليفو حاجي شير محمد صاحب، پڻ ڇپائين ته سسئيءَ جو پهريون خطي نسخو باتصوير هو، مجاز جا ماريل ۽ ڏکن جا ڏڌل، جن سسئي جو داستان ٿي پُڌو ته منجهائن ڪي مطمئن ۽ سَنهيان، پر گهڻا مست ۽ ديوانا ٿي ٿيا. انهيءَ ڪري خليفي صاحب اهو نسخو ڦاڙائي ڇڏيو. البته هڪ مريد پلندري (پوربندر جو) هي نسخو نقل ڪري ويو هو، جنهن پوءِ خليفي صاحب جي وفات بعد وڃي بمبئيءَ مان ڇاپرايو.“ (بلوچ، 2005ع: ص 22)

جيئن ته خليفي نبي بخش هي ’مثنوي سسئي‘ عمر جي آخري پهر ۾ جوڙي راس ڪئي ته ان لحاظ کان هن مثنوي ۾ سندس زندگيءَ جي تجربن، مشاهدن، فهم ۽ فراست جي مٽيا ۽ موڙي ڪَٺي ڪيل نظر اچي ٿي ۽ سندس ساڃهه جي سُڪَڙندڙ پڌري نظر اچي ٿي.

مثنوي لکڻ جي مقصد بابت بيان ڪندي چوي ٿو ته:

قصا هڪ عشق دا دل تي پيوسي،
ڪرڻ ظاهر تِهيندا شوق ٿيوسي.
(مگسي، 2015ع: ص 32)

خليفو نبي بخش پاڻ به جواني ۾ مجازي جي مهميز سهي چڪو هو، جُدائي، سِڪ ۽ محبوب جي تات ۽ طلب جي جستجو واريون هڻئي حقيقتون هُن مٿان عيان هيون، ڪجهه وقت جي وصل کان پوءِ وري سڃي حياتي جو وچوڙو به هن صاف دل صوفي سٿ هو، عشق بابت اظهار ڪندي چوي ٿو ته:

نه ٿيندا عشق ڪجهه ڪُهنا پراڻان،
وِسر دل تون وڃن جنهيندياں واکاڻان.
(مگسي، 2015ع: ص 33)

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، خليفي نبي بخش لغاريءَ جي سرائيڪيءَ ۾ چيل سسئيءَ بابت لکي ٿو ته:

”هي داستان 1251-1254هه وارن چئن سالن جو ثمر ۽ جڙ خليفي صاحب جي زندگيءَ جي ماحاصل آهي. جنهن ۾ حسن ۽ جمال جي جلوه آرائين عشق جي ڪارفرماين، محبت جي رسمن، درد جي داستانن، وچوڙي ۽ وصال جي لذتن، مجاز ۽ حقيقت جي نڪتن، شريعت ۽ طريقت جي راهن کي دلي صداقت، دلپذير انداز، بلند تخيل ۽ اعليٰ شاعري ذريعي روشن ڪيو ويو آهي.“ (بلوچ، 2005ع: ص 22)

خليفو نبي بخش مثنوي لکڻ جو مقصد بيان ڪندي چوي ٿو ته هي ڪتابت پنهنجي

ذاتي شوق ۽ خواهش هيڻ لکي اٿم.

ڪتابت لک ٻيڻا گِهن ذوق ذاتي،
خطر ڪيها جيڪو سمجهي صفاتي.
(مگسي، 2015ع: ص 33)

فردوسي جي شاهنامي جي نقد انعام ملڻ واري حڪايت ڏانهن به اشارو ڪيو اٿن، جنهن موجب سلطان محمود غزنوي فردوسي کي شاهنامه جي هر شعر عيوض سوني اشرفي ڏيڻي ڪئي هئي. پر فردوسي ٻڌي حساب ۾ رقم ونڊ لاءِ راضپو ظاهر ڪيو.

نسي رَک دي ڪِڻان سڏ نفس دا سوس،
نه مئين ٻولِي نقد مانندِ فردوس.
(مگسي، 2015ع: ص 33)

هي دردنامو دل جي وندر خاطر لکيو اٿم. جنهن جي پڙهڻ سان من اندر جو جوش جاڳي پوي.

ڪيتم دل وي وندر لِک درد ناما،
آوي جنهن دي پڑهي درجوش جاما.
(مگسي، 2015ع: ص 33)

سسئي پنهون جي قصي ۾ لکيل آهي ته هڪ ٻانيڻ بي اولاد هو ۽ ڪيس اولاد جي ڏاڍي سِڪ هئي، خليفي صاحب مٿنوي ۾ ڪيس فرزند جي نه هجڻ جو ارمان ڇاڻايو آهي:

جِنيدي گهر نه ڪو فرزند جاوي،
دنيا تِنهيندي بيگانه لوڪَ ڪاوي.
(مگسي، 2015ع: ص 36)

اِها ڳالهه ڏيءَ جمڻ تي ٻانيڻ پاران نياڻيءَ کي درياهه ۾ لوڑهي ڇڏڻ واري سنڌي لوڪ روايت جي بنهه ابتڙ آهي، اِها به هڪ روايت هئي يا خليفي نبي بخش پاڻ جوڙ آهي، ان ڳالهه کي ڏٺو وڃي ته پنهنجي وقت جي سوچ ۽ حالتن جي حساب سان اها راءِ قائم ڪرڻ ڪٽي صحيح به هجي پر پوءِ جي زمانن پٽ ۽ ڏيءَ جي تفاوت کي جيئن پوءِ تيئن مِٽائي ختم ڪري ڇڏيو آهي، جڏهن ته اڃوڪي دؤر ۾ ته ماڻُ پيءُ جي پيريءَ ۾ خدمت ۽ سارسنڀال ۾ نياڻين جي ڪردار کي ئي ساراهيو وڃي ٿو.

شاهه لطيف سسئي جي سرجڻ سان ئي پاڳ ۾ سُورن ملڻ جي ماجرا بيان ڪئي آهي:

ٻنڌڻ ٻاروچن جا پينگهي منجهه پيام.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 194)

۽ وري اهو به چوي ٿو ته:

سِرجي تان سُور، ساماڻي تان سُک ويا،
اهي ٻئي پُور، نِماڻي نصيب ٿيا.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 186)

هتي سورن جي اچڻ ۽ سکن جي موڪلائڻ جو سهڻو سڏاءُ بيان ڪيل آهي. خليفي نبي بخش به سسئي جي نينهن جي پردرد ڪهاڻي سندس جمندي ئي شروع ٿيڻ جو ٻڌائي ٿو:

جنب اُسڪا آوي جب در ڪمالت،
پڑي اُس پر اُسي دِن عشق حالت.
(مگسي، 2015ع: ص 40)

اجا به سسئي نينهن بابت لکي ٿو ته:

سسئي ڪُون در شڪم ٿيا عشق پائي،
ڏکي ڏک درد سُولي ڪاڻ جائي.
(مگسي، 2015ع: ص 55)

هڪ ٻئي هنڌ شاهه لطيف سسئي پنهونءَ جي نينهن جي ابتدا بابت چوي ٿو ته:

جڏهن 'ڪن فيڪون' تَڏ نِئو آرياڻي ارواح.
(بلوچ، 1999ع: ص 319)

5.6.5 جڏان شهه عشق آوي:

خليفو نبي بخش مثنوي ۾ بولي جي رواني ۽ لفظي ذخيري، تجنيس حرفيءَ ۽ بيان جي خوبيءَ سان به داستان ۾ وڏو رس ۽ جَسُ پيدا ڪيو آهي.

حضرت عشق جي ڪارستانين جو ذڪر ڪندي چوي ٿو ته:

سيني جنهندي جڏان شهه عشق آوي،
اول تنهنديان مُرادان مفت ڪاوي.
(مگسي، 215ع: ص 56)

ڪوڙي سلطان مَريندا ڪر مسافر،
ڪوڙي علماءَ ڪِتي شه عشق ڪافر.
(مگسي، 2015ع: ص 56)

5.6.6 سسئي جي سونهن:

سسئي جي حُسن جي ساراهه ڪندي چوي ٿو ته، ان پَرين جهڙي صورت کي خدا خود ويهي سينگاريو.

حسن ديان هر طرف چُنڪيان هوائين،
پَري رُو ڪُون سينگاريا، آپ سائين.
(مگسي، 2015ع: ص 59)

۽ سندس حسن جو جلوو پسڻ کان پوءِ مَت وڃايل ديوانن جو حال ٻڌائي ٿو ته:

ڪيئي قِردي ديواني دل ڪسائي،
جِني برسِر قبولي جگ هسائي.
(مگسي، 2015ع: ص 60)

5.6.7 پنهون مِثلِ يوسف ڪنعاني:

خليفو نبي بخش پنهونءَ جي پنپور پهچڻ جي منظرنگاري ڪندي چوي ٿو ته:

اڳون هَنسَ گل مليا محبوبه جاني،
پِلي آيا مصر يوسف ڪنعاني.
(مگسي، 2015ع: ص 97)

پنهون جي اچڻ سان پنپور سَرهو ٿي وڃي ٿو:

گهنو ساڻي شهردي ڏاڪڻين ڪُونءَ،
سيئي خبران سڀيسي مُشڪ دي بُونءَ،
(مگسي، 2015ع: ص 100)

شاهه لطيف پنهونءَ ۽ سندس ستُ جي پنپور پهچڻ جو بيان ڪندي چوي ٿو ته:

ڪيچان آيو قافلو ساڻ ڏڻي سرواڻ،
وار وڃي واڳون ڪريان پئان نه پلاڻ،
جهڙو پنهون پاڻ تهڙي سڏاءُ ساڻ جي.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 143)

سسئي پنهونءَ جي اک اٽڪڻ جو احوال ڏيندي چوي ٿو ته:

اکين اَٽڪيان، اکين دي نال زوري،
ڏيکو دل ڪُون پئي هڻ دام ڏوري.
(مگسي، 2015ع: ص 114)

5.6.8 پنهونءَ جي پرک:

خليفي نبي بخش ٽوپي پاران پنهونءَ جي پرک لهڻ لاءِ ڪيس ڪڍڻا ڏوئي اچڻ جي پرکا لهڻ جو قصو هن ريت بيان ڪيو آهي:

پَري پَڌرا پَرڻُ جو مرد هوسي،
ڪمر ڪيڙي ڏَہَر ڪُنيُ خُوب ٽوسي.

***

جي ٿُون استاد ڪاريگر سُونهارا،

صُبح وچ تون تيڏا هي مرد وارا.
(مگسي، 2015ع: ص 167)

شاهه لطيف پنهونءَ جو ڏوپي گهاٽ تي ڪپڙن ڏوئڻ جي بيان ۾ اعليٰ فڪر ۽ فهم جا موتي وندايا آهن:

گـــڏئـــو ڏوپين ڏوءِ، پُنهونءَ پارچـــو هـــٽ ۾،
اُتـــي آريءَ جـــام جـــو، قاصـــد آيُـــس ڪـــوءِ،
اِيُ، ڪامِلَ! ڪَمُ نه سَندوءِ، جئن پَهس پچاڙئين پوتئين.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 147)

5.6.9 لڇائي لڄ لغورين:

پنهونءَ جي پائرن طرفان ڪيس نشي ۾ الوٺ ڪري آڏيءَ رات ڪنيي ڪڍي وڃڻ جي وارتا بيان ڪندي خليفو صاحب سسئي جي ڏيرن جي خُوب خبر ونڍي ٿو:

چُنون ڪِيتي ڳِڏي، ڪم زور ڏُر دي،
حيا ڪر ترڪ آيا، وچ ستر دي،
پلنگ چؤطرف گهيريا چُست چورين،
لڇائي لڄ بَلوچيندِي، لَغورين.
(مگسي، 2015ع: ص 225)

5.6.10 پنهونءَ پچاڻان سسئي:

پُنهون کان پوءِ سسئي جي سونهن سوڀيا موڪلائي وڃي ٿي جو محبوب ڏڪن جي ڏيج ۽ سورن جي سيج ڏئي ويو:

پنهونءَ ڪون ياد ڪر پل پل پُڪاري،
سَڙي سسئي ڳڙي آٽڻ اُساري،
چندن چَوٽا وڃائي والُ ڏوڙي،
ڏُکين دي ڏي ڳيا محبوب موڙي.
(مگسي، 2015ع: ص 231)

سسئي، پنهونءَ جي جدائي جو صدمو ۽ اهڙي بي واجبي ۽ ظلم کي سَهي نه ٿي سگهي ۽ ان جو ڪو تدارڪ ڪرڻ، ان لاءِ ڪو سعيو ڪرڻ جو قصد ڪري ٿي:

ننگي سِر پئي نِڪل چوڙيُس حويلي،
چنبل پَا عشق چائي آهه چَنبيلي.

پيس دل تي قصد مين ڪيچُ ويسان،
وهياري دِي قدم بوسِي ڪَريسان.
(مگسي، 2015ع: ص 232-233)

5.6.11 ڪيتي عشق اياڻي:

سسئي چوي ٿي ته اي ماءُ! پنهونءَ پڻيان وڃڻ واري ڳالهه عام رواجي طور ته پورائي ئي آهي پر مان عقل واري آهيان، مون کي اهڙي مت موڙهي انهيءَ عشق ڪيو آ:

مادَر پَوري نِسي، مئين هان سِياڻي،
ڪِيتي هان عشق ڊولڻ دي اَياڻي.
(مگسي، 2015ع: ص 237)

5.6.12 سسئي ۽ سُور:

سسئيءَ کي پُنهون ڪارڻ ڪرڙا ڏونگر ڏورڻ ۽ پرڏيهه جا پنڌ ڪرڻا آهن:

رُلان روهَين چَڙهان گِهن ڪيچُ دا رند،
پلي ميڪُون پيا پرڏيهه دا پنڌُ.
(مگسي، 2015ع: ص 249)

دردن ماري سسئي، پنهونءَ کي برپڻن ۾ پئي پڪاري، جبلن ۽ لڪن ۾ رت روئيندي

رهي!

ڪريندي برپٽين وچُ ڪر پڪاران،
ڏيندا دَم دَم پُنهون دا درد ماران.
(مگسي، 2015ع: ص 249)

ڪيچ ڏانهن ويندڙ راهه ڏاڍي ڏکي ۽ خوفناڪ آهي، جو ڪارا نانگ، گينڊا ۽ ٻيا جهنگ جا جانور پيا ڦِرن.

ڪَرن ڪالي سِيهَه لَڪ نانگ شوڪي،
گُڙن گينڊي ڪرن گُڊ گُرگ گُهوڪي.
(مگسي، 2015ع: ص 251)

خليفي نبي بخش جي سسئي سندس اکين کي به ڏوراپو ٿي ڏي ته اوهان اوجاڳو نه ڪري منهنجو ويڑهو ويران ڪيو:

ٻَڌا سسئي اکين دي نال جهيڑا،
ڪيتا ميڏا ٿُسان وِيرانَ ويڑَها.

نه ڪيتي نال ميڪُنون چشمين چگّائي،
مسافر ميڪُنون ٿئي رات راهي.
(مگسي، 2015ع: ص 253)

اهڙي ريت اکيون به کيس جواب ڏين ٿيون:

لڳي تيڏي جگر ڪون عشق دي باهه،
چَڪيا هڻ هي اسان تنهن سيڪ دا ساهه.
(مگسي، 2015ع: ص 254)

اهڙي ريت سسئي ۽ اکين جو اهو سوالن جوابن جو سلسلو هلي پوي ٿو. خليفو نبي بخش سسئي جي سفر جون سڀ منزلون سجاڻي ۽ جاڻي ٿو، سسئي ملير پهچي ٿي:

جڏان پَهتي پري روء در مليرين،
ڪيتَس لنگهه لعل لوهون تيز تيرين.

انهيءَ پنڌ ۾ ڦوڙ ندي جو ذڪر به آندو اٿس، جنهن سسئي کي ڪو گس گهيڙ نه ڏنو هو:

نندَي هڪ هي اَهُڏُ اوڙاهه اونهي،
ڪَريندي عاشقان دي خُونَ خُونِي.
(مگسي، 2015ع: ص 256)

خليفي نبي بخش مثنوي ۾ سسئي جي سفر جي ڏکن ڏاکڻن کي پنهنجي اندر اوتي انهن جي اپڻار ڪئي آهي:

وَتي پَيرُون ننگي پيرا ڳوليندي،
ڪيتس رَت پيرڙي رنگ لال ميندي.
(مگسي، 2015ع: ص 256)

سسئي سندس سُورن جون صدائون ڪندي پڪاري ٿي ته:

ڏيکو هُڻ تان پئي هان وچ ڪَشالي،
پيالي پي نِرالي درد والي.
(مگسي، 2015ع: ص 267)

سسئي وڻن ٽڻن کان پنهونءَ واري ستڻ جون پچائون پئي ڪري:

ڪَنون شجَرين پچي ڪِڻ ساڻ والي،
پئي قَدمي تَلي سؤ سُرخ چَالي.
(مگسي، 2015ع: ص 270)

شاهه لطيف انهيءَ خيال کي هن طرح بيان ڪيو آهي:

وارو مُون وَڃاهه! ڪا سُڌِ سونهپ جي نه ڏيو؟
اِيَ اِهائي ڳالهڙي، شَجَرَ! سُٽيجاهُ،
چوٽيءَ چاڙهيجاهُ، ته مُوڙهيءَ ڪو منهن ٽئي.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 128)

5.6.13 سسئي جو انت:

هن مثنوي ۾ خليفي نبي بخش’نبي بخشا‘ تخلص ڪم آندو آهي، سسئي جي حيراني ۽ پريشاني جو احوال ڏيندي چيائين ته:

نبي بخشا ڪرو هُڻ گفتگوئي،
پري روء هر طرف حيران هوئي،
پلي دل سان سونهاري نينهن لائي،
جيڪا تَرسي نه ڪُجهه سِر موتُ آئي.
(مگسي، 2015ع: ص 274)

مثنوي ۾ خليفي نبي بخش سنڌيءَ ۾ بيت به آندا آهن، نيٺ نينهن نهوڙي سسئي جو موت اچي سماءَ لڏو.

سسئي اهڙي ابتر حالت ۾ هلندو رهڻ واري رمز اختيار ڪئي ۽ هينئين جي ڏي تي ڪاهيندي پئي وڃي:

ڏنا پيرا پري روءِ ٿي رواني،
ڇڪيان دل ديان مَهاران يار جاني.
(مگسي، 2015ع: ص 276)

پنهونءَ تائين پڃڻ واري پنڌ ۾ سسئيءَ کي جڏهن هڪ تاکائو ڪڍ لڳي ٿو ته نيٺ هن ٻڪرار کان لاچار ٿي موت قبوليو! خليفو نبي بخش ان بابت لکي ٿو ته:

نبي بخشا قصا ڪر ترت پورا،
پَري بيٺي وصل ڪُون پي طَهُورا.
(مگسي، 2015ع: ص 279)

5.6.14 پنهونءَ جي پشيماني ۽ درد:

خليفي نبي بخش قصي ۾ پنهون جي پشيماني ظاهر ڪندي چوي ٿو ته:

لڃايا، مَئين ميڏا اڃ عشق خانان،
وِساريا مَئين ڪيوين دَر جان جانان.
(مگسي، 2015ع: ص 281)

انهي سان گڏوگڏ پنهونءَ جي پائرن جي سخت ننڊا به ڪئي اٿس:

اَڳون شهه دي آئي مِل ساڻ والي،
ڪيتي رب مُنهن تني دي مُفت ڪالي.
(مگسي، 2015ع: ص 281)

خليفي نبي بخش پاڻ به وڇوڙي جا گهاءُ سڏا ۽ جُدائي ۾ حياتي گهاري، سسئي کان پوءِ پنهونءَ جي حال جي حقيقت بيان ڪندي چوي ٿو ته:

اِلاهي اي وڇوڙا ڪنهن نه آوي،
وڇوڙي ڪُو شلا پَٽ شينهن کاوي.
(مگسي، 2015ع: ص 283)

اهڙي ريت پنهون به ڏٽي در ٻاڏائي اهڙي حياتيءَ جو انت گهري ٿو:

نه ڏي يارب ميڪُون هڻ اي وڇوڙا،
نه ڏي يارب ميڪُون اي درد ڏوڙا.
(مگسي، 2015ع: ص 285)

5.6.15 وڇڙيلن جي مُئي پڃاڻان ملاقات:

۽ اهڙي ريت پنهون به نيٺ سسئي سان وجي مُلاقي ٿيو:

حڪم حق دا ٿيا تنهن وقت جاري،
ڏونهين گڏ ٿئي زمين وچ مرد ناري.
(مگسي، 2015ع: ص 285)

خليفي نبي بخش هن مثنوي ۾ سسئي پنهونءَ جي داستان جو بيان مڪمل، مُفصل ۽ دلپذير نموني بيان ڪيو آهي، مڙني ڪردارن جو چٽ به سهڻي، سادي پر پرپور نموني چٽي اُپاريو آهي. داستان جي جزيات تي وڌيڪ توجه ڏنو ويو آهي، لفظن تشبيهن ۽ محاورن جي گوناگونيت ۽ گهڻائي داستان ۾ ڪيئي رنگ پري ان کي هڪ وشال باغ و بستان بنائي ٿي چڏي، جنهن ۾ ٻڌندڙ کي فرحت، تازگي ۽ لطف پيو اچي.

5.7 خوش خير محمد هيسباڻي:

5.7.1 حياتيءَ جو احوال:

خوش خير محمد هيسباڻي سن 1809ع ۾ رئيس غلام حيدر هيسباڻي جي گهر ڳوٺ گل محمد هيسباڻي ضلعي نوابشاهه ۾ جنم ورتو.

تنوير عباسي سندن ميان وال تحريڪ سان نسبت ۽ لڏپلاڻ بابت لکي ٿو ته:

”سندس وڏا، اصل ساهيوال جا ويڙل هئا ۽ ميان آدم شاهه ڪلهوڙي سان گڏ سنڌ ۾ آيا.“ (عباسي، 2008ع: ص 21)

خير محمد هيسباڻي شروعاتي تعليم هڪ مقامي مدرسي مان حاصل ڪئي ۽ پوءِ ٺڳڙن جي مولوي عبدالقدوس وٽ تعليم مڪمل ڪيائين، خوش خير محمد نوشهري فيروز جي نقشبندين جو طالب هو.

”ڪي سوانح نگارن لکن ٿا ته: خير محمد هيسباڻيءَ جو ان درگاهه سان تعلق عثمان فقير سانگيءَ جي اثر هيٺ ٿيو.“

صوفي خير محمد ڪافين ۾ پنهنجي مرشد عبدالحي سان عقيدت جو اظهار ڪيو آهي.

تنوير عباسي خوش خير محمد بابت وڌيڪ لکي ٿو ته:

”مير علي مراد جي موسيقيءَ جي محفلن ۾ خوش خير محمد هيسباڻي پاڻ حاضر رهندوهو ۽ سندس ڪلام پڻ انهن محفلن ۾ ڳايو ويندو هو، انهن ڪچهرين ۾ فقير نانڪ يوسف پڻ ايندو هو.“ (عباسي، 2008ع: ص 23)

خوش خير محمد هڪ حساس شاعر ۽ درمند دل رکندڙ انسان هو، سندس رحمدلي ۽ خلق خدا سان همدردي جا واقعا موجود آهن، هُن هڪ ٻيڙي عورت جي ڪامور بابت فڪر انگيز ڳالهه ٻڌي ميرن جي ملازمت ترڪ ڪئي،

”هڪ دفعي صوفي خيرمحمد هيسباڻي پنهنجي عملي سميت گشت ڪندي، ڪنهن ڳوٺ پرسان هڪ ضعيف پوڙهيءَ عورت کي ڏٺو جيڪا مٽرن جي پري کٽي نه پئي سگهي، ۽ مدد لاءِ ماڻهن کي سڏ ڪيائين. هن (صوفي شاعر جي حساس دل رجي پيئي، ۽ پاڻ گهوڙي تان لهي) کيس پري کٽائڻ لڳو. مائي سرڪاري ڪامورن جي دهشت کان ڊڄڻ لڳي، ۽ چيائين: ”ابا مون ته ماڻهن کي پئي سڏيو، اوهين ته ڪامورا آهيو!“

پوڙهيءَ عورت جي انهن لفظن، خوش خير محمد جي دل تي ايڏو اثر ڪيو جو پاڻ دانهن ڪري چيائين ”چا! ڪامورا ماڻهو ئي ناهن؟“ ان ئي وقت نوڪري چڏي، نوشهري اچي سچي حياتي شاعري ۽ تصوف لاءِ وقف ڪري چڏيائين.“ (عباسي، 2008ع: ص 22)

خوش خيرمحمد هيسباڻي 1877ع ۾ وصالي ٿيو ۽ هي جهان چڏيائين.

5.7.2 خوش خيرمحمد جي شاعري:

خوش خير محمد جي وقت تائين سچل سرمست جي شاعري عوام ۾ مقبول ٿي چڪي

هئي. سچل جي شاعريءَ جو پوءِ جي شاعرن تي تمام گهڻو اثر ڏسجي ٿو. خوش خيرمحمد جي ڪلام جي فن ۽ فڪر تي سچل جو اثر نمايان نظر اچي ٿو.

”خيرمحمد هيسباڻيءَ جي شاعريءَ تي سچل سرمست جي اسلوب، گهاڙيٽي، توڙي فڪرجي ڇٽي ڇاپ آهي. ڪٿي ڪٿي ته خيرمحمد هيسباڻي جا گهاڙينا، خيال، پولي توڙي اسلوب سچل سرمست وارا آهن، ته ڪٿي وري خيرمحمد هيسباڻي سچل سرمست جي فڪر، پوليءَ يا اسلوب کان متاثر ٿيو آهي، پر گهاڙيٽو پنهنجو استعمال ڪيو اٿائين. خيرمحمد تي سچل جي همعصر گهرام فقير جو پڻ اثر آهي.“

(عباسي، 2008ع: ص 28)

سچ ٿا مرد چون ڪنهن کي وڻي نه وڻي،
ڪوڙيءَ دوستي جو دم بڻي نه بڻي.
(سچل)

سچ ڪنهن نه وڻي سو ڪيئن چوان،
جيئن ٿو عشق چوي تيئن ٿو ٻيءَ پوان.
(خيرمحمد)
(عباسي، 2008ع: ص 94)

اهڙي ريت خوش خيرمحمد جي ڪلام جو سندس همعصرن تي پڻ ڇڳو اثر ڏسجي ٿو. جنهن ۾ سرائڪي جو نامياروشاعر خواجه فريد پڻ اچي وڃي ٿو.

”خوش خيرمحمد جي ڪلام ۾ ٻه ڪافيون اهڙيون آهن، جن مان ظاهر ٿئي ٿو ته انهن جو اثر خواجه فريد تي پيو ڇو ته خوش خيرمحمد صوفياڻي شاعريءَ جي چوٽيءَ تي بيٺل هوندو هو ته خواجه فريد جو جنم ٿيو.

رند روز شب آهن سدا، وحدت جي وادي ۾ غرق.
(خوش خيرمحمد)
(عباسي، 2008ع: ص 68)

آهن قلندر روز شب، پنهنجي خودي۽ ۾ خود غرق.
(خواجه فريد)

مٿئين ڪلام ۾ نه فقط وزن، بحر، گهاڙيٽو ۽ مزاج ساڳيو آهي، پر قافيو به ساڳيو آهي، ائين ٿو لڳي ته خواجه فريد خوش خيرمحمد جي طرح تي لکيو آهي.

سهڻي صورت ويک سبحان ڪهون،
اي جهان سارا لامڪان آيا.
(خوش خيرمحمد)

بن دلبر شڪل جهان آيا،
هر صورت عين عيان آيا.
(خواجه فريد)
(عباسي، 2008ع: ص 139)

5.7.3 شاهه لطيف، سچل ۽ ٻين جو اثر: خوش خيرمحمد پنهنجي همعصرن ۽ ڪائنس اڳ جي شاعرن جو اثر قبول ڪيو آهي، پر ان هوندي به سندس انفراديت ۽ عليحده مقام صفا ڇٽو نظر اچي ٿو.

”شاهه لطيف توڙي سچل سرمست تصوف تي رومانيت جو پوش چاڙهيو، ان اسلوب جي چوٽ خيرمحمد هيسباڻيءَ وٽ ٿي، خيرمحمد جي هر ڪافي مجاز جي رنگ ۾ رنگيل آهي، هن وٽ سونهن جو بيان سراپا تائين وڃيو پهچي. هن کي صوفياڻي فلسفي، همه اوست جي ڳوڙهن ۽ منجهيل مسئلن جي بيان ڪرڻ وقت به پرينءَ جا پار نظر اچن ٿا. آٽر توڙي لاڙ

۾، ان اسلوب جي انتها هن شاعر وٽ ئي نظر اچي ٿي. سندس ڪي ڪافيون ته انتها پسند رومانويت (Extremist Romanticism) جو اظهار آهن.

عشق سارا تقدير، متان ڪو تدبير هلاوي.“
(عباسي، 2008ع: ص 37)

عشق جي آتش جي آڙاهه مان گذري پار پوڻ کان پوءِ ئي محبوب ماڻڻ واري ’باغ بهاري‘ حاصل ٿئي ٿي.

آتش بازي عشق اٿاري،
پچو پتنگن کان اها سُڌ ساري،
اول اٿئي آڙاهه خليلي،
پوءِ برهه ۾ باغ بهاري.
(عباسي، 2008ع: ص 100)

5.7.4 رومانيت جا رنگ: محبوب جي سراپا جي ساراهه ڪندي هن سرائڪي ڪافي ۾ چوي ٿو ته: هن جي هيڪار سان ملڪ مڙوئي سُرهو ٿي ويو آهي.

چئي زلف اتي رخسار ميان،
ڪيي ڪاڪل برهه بازار ميان،
هر جاءِ حسن دِي هوءِ ويکو،
سارا ملڪ مڙئي خوشبوءِ ويکو،
واهه واهه حسن هيڪار ميان،
جيوين عنبر مشڪ تتار ميان.
(عباسي، 2008ع: ص 172)

5.7.6 ڪوڙا ڪشف ۽ ڪرامتون: خوش خيرمحمد جي ڪافين ۾ سندس اهو رومانيت جو رنگ غالب آهي، هو سادن ۽ پُراثر لفظن ۾ مجاز جي موهه کي خوب بيان ڪري ٿو.

”هنن ڪافين ۾ خيرمحمد جو محبوب انسان آهي، ڪارين ڪجلين اکين وارو، رخسارن وارو، جنهن جا زلف ميگهه ملهار آهن، جتي اکيون ڪڏهن چوريءَ ته ڪڏهن زوريءَ وڃيو اٽکن.“ (عباسي، 2008ع: ص 39)

5.7.8 صوفي سرواٽن جي ساراهه: خوش خيرمحمد مذهب کي مفاد پرستي واري، ڏونگي پهروپ طور ڪتب آڻڻ واري عمل جو بيباڪي سان وروڌ ڪري ٿو. ڪاني ڪرامتي گادي نشينن کي ڪوڙو ۽ ڏيکاءُ پسند ڪوٽي سچن عاشقن جي وصف به بيان ڪري ٿو، جيڪي برهه جي پوک پوکين ٿا.

جيوين ڪرامت، ڪشف اَکيندي،
عاشق ايوين نهين لکيندي،
ڪاڻ مشائخي ڪين ڏهاڪي،
ڪوڙي خاص بناون خاڪي،
پرت بنا سپ ڪوڙي پهاڪي،
پوک برهه دي نهين پکيندي.
(عباسي، 2008ع: ص 172)

خوش خيرمحمد صوفيانه شاعريءَ ۾ اهم جاءِ والاري ٿو، هن تصوف جي دنيا جي وڏن ڪردارن: سلطان باهو، شاهه عنايت، شيخ فريدالدين ’عطار‘، شمس تبريز، مخدوم بلاول، غلام احمد گل ’مولائي‘، بايزيد بسطامي، منصور حلاج ۽ ٻين کي پنهنجي ڪلام ۾ وڏي احترام سان ڳايو آهي.

عشق اهيندي عجب تماشي، سولي تي سلطان پچو،
شاهه عنايت سخن سچارا، جنهن سِر ڪيتا عشق امارا.
شوقئون شيخ عطار ڪهايس، سرمد دا سِر ڪيوين ڪپايس،

شمس مُلين دي هڻون مرايس، مست ساري ملتان پچو.
گهاٽي وچ بلاول پيڙيا، برحق ڏاڍي برهه پکيڙيا.
غلام احمد گل مولائي، وحدت دا وڻجارا جائي،
ڏي سِر صوفي سپ ملهائي، قابل ڪوهستان پچو.
بسطامي سر برهه باراني، ذات نور نوراني،
سارا هو يا سِر سبحاني، عاشق اعظم شان پچو.
شاهه منصور ماريا نعرا، چڙهه سولي تي ڪيتس نظارا،
ويڪڙ آيا عالم سارا، سر غازي گهمسان پچو.
(عباسي، 2008ع: ص 144)

5.7.8 وطني سورهين جي ساراهه: خوش خيرمحمد جي دؤر بابت تنوير عباسي لکي ٿو ته:

”صوفي خيرمحمد جي حياتيءَ ۾ ئي، سنڌ جي ڳچيءَ ۾ غلاميءَ جو ڳٽ پيو.“
(عباسي، 2008ع: ص 22)

خوش خيرمحمد وطن جي حرمت لاءِ وڙهندڙ سورهين کي هنن شاندار لفظن ۾ پيڻا پيش ڪري ٿو:

گيدي گهرندا ڪين
مرد پوندا مچ ۾
تکي جا تلوار ڪان
ويڙهه انهيءَ وڙهندا
ترهو ڏئي تار مان
گهيڙ انهي گهڙندا
خيرمحمد خوش ٿو گهري
سورهيه سِر ڏيندا.
(عباسي، 2008ع: ص 117)

5.7.9 انسان دوستي جو داعي: خوش خيرمحمد جي شاعريءَ ۾ انسان دوستيءَ جو عنصر نمايان آهي، هو انسان شناسي ۽ انسان دوستي جو داعي ۽ مبلغ آهي.

”هن جي محبت، رومان، توڙي تصوف جو مرڪزي نقطو ”انسان“ آهي، خوش خيرمحمد جي سموري سوچ جو نچوڙ آهي، ’انسان جي عظمت‘، هن جي سڄي لوچ انسان کي سڃاڻڻ لاءِ آهي. انسان، جيڪو عظيم آهي، بلند آهي، ازلي ۽ ابدي حقيقت سان رلمل آهي.“

رب سڃاڻن سنهنجو ٿي
پاڻ سڃاڻڻ اهنجو ٿي
خوش خيرمحمد خيال وحدت وارو
جاڏي ڪاڏي نينهن نظارو
سارو طلسم تنهنجو ٿي.
(عباسي، 2008: ص 67)

خدا جي خلق جي عظمت ۽ اهميت جو اعلان صوفين جي بيباڪ رَوِش مطابق ڪري ٿو ته،

”هر شيءِ وچ تو هي وسدا، بانورا لوڪ پلائي ڪيون.“
خوش خيرمحمد ٻڌ خطبو،
ساري خلق خدا ٿي.
(عباسي، 2008ع: ص 100)

5.7.10 نيم تاريخي داستانن بابت ڪلام: خوش خيرمحمد نيم تاريخي داستانن مان سهڻي، ميهار، نوري جام تماچي، عمر مارئي ۽ سسئي پنهون کي ڳايو آهي، سهڻي جي عشق جي آساڻ ۽ پرت جي پياس ۾ بي خوف ميهر جي محبت جي سُرڪ پيئڻ لاءِ اونداهي رات،

سخت سِيءَ ۾ درياءَ جي تِک کي درکنار ڪري، سِر جو سانگو لاهي محبوب سان ملڻ ۾ عشق جي راهه ۾ مرڻ جو ارادو ۾ عزم دل سان بيان ڪري ٿو.

ساهڙي ريءَ منهنجي ڪانه سري،
پير پرت ريءَ ڪير پري.
لڳي اَتر پوي سيءُ سيارو، اوچڻ عشق ريءَ ٻيو پاڻئن بارو،
لڙ لهرون جتان ڪِن ڪري، گهور ڪيون سي گهير گهري.

رات اونداهي مينهن وسن ٿا، گهمر گهير جتي ديو نسن ٿا،
قدم دريا ۾ ڪير ڏري، سهڻي ريءَ تِک ڪير تري.

سرڪ ميهر جي ڪئي مستاني، دلبر دلڙي ڪيس ديواني،
وَس کان وئي سان ڪئين وري، بيوس ڪئي آ ذوق ذري.

خيرمحمد خوش خيال ملڻ جو، موج متي مهراڻ گهرڻ جو،
چو ساهه سِريءَ جو سانگ ڏري، مر ميهر سان پرت پري.
(عباسي، 2008ع: ص 103)

نوريءَ ڇام تماچي جي داستان بابت ڇام جي حسن شناسي ۽ قدرشناسي کي واکاڻي ٿو:

سڃو منڇر ملاحن جي مڻان،
ڪيو سمي ڇام انعام.

سمي هئي صورت سجهندي،
مورت واري مام،
صورت سڃاڻي ڪري،
اڇي ڪيائين هل هنگام.
(عباسي، 2008ع: ص 104)

نوري بابت چوي ٿو ته، مهاڻيءَ کي اصل کان انهيءَ عشق جو پرو ۽ الهام ٿيل هو. ڇام مهاڻن جي وستي ۾ پاڻ هلي آيو ۽ اتي جو ئي ٿي ويو.

مهاڻي جي من ۾،
اهو اصل کان هو الهام،
ڏسو نوريءَ سان نگاهه،
جنهن کي ڪوڙين ڪن سلام.

گندرين جي گام ۾،
ڏس ڄُلي آيو ڇام،
ڪيو تماچيءَ تڪيو،
منجهه مياڻيءَ مقام.
(عباسي، 2008ع: ص 104)

خوش خيرمحمد، ڇام (تماچي) جي قدرشناسي ۽ نوريءَ جي پلي بخت کي ڳائي ٿو:

خيرمحمد خوش ڪيئي،
سڃي سون مياڻي سرانجام،
جنهن جي جهوليءَ چند جهليو،
سا مرڪي ڪيئن نه مدام.

(عباسي، 2008ع: ص 104)

جڏهن ته شاهه لطيف به اها عام رواجي ڳالهه ڪئي، پر پوءِ ان جو بلڪل ابتڙ، نئون، نرالو ۽ مٿانهين فڪر وارو پاسو بيان ڪيو، جنهن ۾ نوريءَ جي نوازش سان سَمو ڇام، تماچي جو اڳي ئي هاڪارو هو سو وڌيڪ مشهور ۽ هاڪارو ٿيو:

”نوريءَ نوازئو، ٿيو تماچي تي.“

مارئي جي مارئن جي سادگي سندس واتان هن ريت چوائي اٿس:

پٽ نه ڪن پنهوار
سونهن لعل لڳن سر لويون.

(عباسي، 2008ع: ص 105)

مارئي جي سانگين لاءِ سِڪ ۽ پنهنجي وطن لاءِ واجهه کي به سادگي سان ۽ نرمل انداز ۾ بيان ڪيو آٿس:

مون کي مليڑ اماڻ،
سپ ڪنهن ويلي سان سانگي ساريان.

(عباسي، 2008ع: ص 105)

مارئي چوي ٿي ته منهنجا مِٺ جيڪر ويجها هجن ها ته ضرور منهنجون دانهون ورنائين ها پر پاڻيان ٿي ته اهي مال جي سانگي پرانهن پٽن ڏانهن ويل آهن:

جيڪس اُباڻا هئم اوراهون،
سڀي اچن مُئيءَ جون دانهون،
شايد چڙهي ويا پٽ پرانهون،
سانگيڙا پنهنجي سانگ سپيئي.

(عباسي، 2008ع: ص 108)

سارنگ جو اندلڻي سڏاءُ جُڙي ٿو، ڪنوڻيون ڪجي ڪجي وراڪا ڏيندیون ڪيل ڪن ٿيون ۽ نيٺ ٿر وسي ٿو ۽ ڏُکار جي وڇڻ ۽ سُکار جي آڇ ڏينهن آهن، ۽ سانگي پنهنجي وڻاڻن تي ورن ٿا ۽ مارئي کي به پنهنجي مالڪي ٿيڻ ۽ ڪوٽ ڪڑن مان آزادي جي اميد جاڳي ٿي:

خيرمحمد خوش خبران آيون،
وري اُني جون ٿيڙيون وايون،
سنجهه صبح آڻي ڏيندم واڌايون،
خبر ماڙيچن هاڻي پئي هئي.

(عباسي، 2008ع: ص 108)

5.7.11 خوش خيرمحمد جي ڪلام ۾ سسئيءَ جو بيان:

خوش خيرمحمد ٻين داستانن جيان سسئي پنهون جي قصي جا ڪي خاص واقعا بيان ڪيا آهن، پنهونءَ جي پنڌور اڇڻ، سسئي جي ٻانڍڻ هڇڻ جي حڪايت بيان ڪندي چوي ٿو ته:

ڪيڏئون قصد ڪري آيو ٻاروچل،
ڪاڻ ٻانڍڻ پنهل پيارو.

ٻين ليکي ٻانڍڻ ڏيڻي،
هئي آرياڻيءَ جي اڳ ڏيڻي.

(عباسي، 2008ع: ص 108)

5.7.12 سسئي جي پرک لهڻ: پنهون جو ستل سسئي کي چڏي ڪيڏ ڏانهن ڪاهڻ کي سسئي جي پرک لهڻ سان تعبير ڪري ٿو:

ڪل ته وڃ جي ڏيم نه ڪائي،
تان ڪي پنهل هي پرکا پائي،
ستي لوڪ سڏايو ٻاروچل،

پوءِ پنيور ۾ ڪيم بوهيارو.
(عباسي، 2008ع: ص 109)

5.7.13 سرتين جا مهڻا ۽ سسئي جو پرم: سسئي سرتين جا مهڻا ۽ ميارون ٻڌي پنهونءَ تي پنهنجي پت ۽ ڪامل يقين جو قول ورجائي ٿي ته سندم ڪانڌ ڪڍهن به مون کي ڪاڻيارو ڪين ڪندو.

مهڻا ڏيو ٿيون مون کي مڙيئي،
سڻي رهجو، ڳالهه سپيئي،
پينر ڪئين ٿيون پانيو ٻاروچل،
ڪانڌ ڪميني نه ڪندو ڪانيارو.
(عباسي، 2008ع: ص 109)

5.7.14 نياز نڙت مون ناڪيڙي: سسئي جا انومان ته جَت ڪيس ڪهڙي سبب ائين سُتي ڇڏي ويا، شايد مُون ۾ ڪا ڪمي هُئي يا ڪا ڪوتاهي ٿيم ۽ پڪ سان جتن آڏو نياز نڙت ۾ ڪا ڪمي ڪيم، جو جت مون کي ائين جبلن جي جوءِ ۾ رُلائي ويا:

چپر مُئي کي ڪيئن ڇڏي ويا،
هيئن نه مون اڳ ڇاتو هو.

هڪ ته منهنجي هٿئون پيڙي،
نياز ۽ نڙت مون ناڪيڙي،
ساجن مون نه سڃاتو هو.
(عباسي، 2008ع: ص 110)

سسئي چوي ٿي ته آئون عيبن هاڻي هيس (ڪنهن لائق نه هيس) (پوءِ به) ڪيچين پاڻ مون سان سڳ ڪيو:

مان ته اصل هيس عيبن هاڻي،
ڪيو سڳ ڪيچين پاڻ سڃاڻي،
پيچ پنهل مُون سان پاتو هو.
(عباسي، 2008ع: ص 110)

5.7.15 سسئي جو پختو ارادو: خوش خيرمحمد سسئي جي جبل جهاڳڻ وارين سختين سهڻ ۾ ان جي عزم ۽ ارادي جي پختائي جو پرپور اظهار ڪيو آهي، سسئي چئي ٿي ته وندر، جهنگ ۽ برکي لتاڙي پنهونءَ کي ڳولينديو ويندس، توڙي جو ڏونگر ڪيڏو به ڏاڍو هجي، ڪيچ ڏي ڪاهيندي ويندس.

جاڻي ڏونگر ٻجهي ٿو ڏاڍو،
اٿم اندر ۾ ڪيچ جو ڪاڍو،
ساري وندر ۾ وجهندس وڙول.
(عباسي، 2008ع: ص 111)

هڪ سچي پيار جي رشتي وانگر سسئي کي آخر به اها اُميد آهي ته پنهونءَ ساڻس جيڪي ٻول ٻَڌا آهن اهي هر حال ۾ پاڙيندو ۽ ڪيس هيڪلو ڪين ڇڏيندو:

خير محمد خوش نال اهو نيندو،
چپر مُئي کي ڪين ڇڏيندو،
اڻس ٻانيڻ سان ڏاڍا ٻول.
(عباسي، 2008ع: ص 110)

5.1.7.16 هوت ملئي هنج ۾: خوش خيرمحمد به شاهه لطيف جيان سسئي جي بيان ۾ محبوب جي سدا ساڻ هجڻ ۽ ساهه جي رڳ ويجهو هجڻ جهڙا تصوف جا باريڪ وحدت الوجودي نڪتا پڻ بيان ڪيا آهن. هن بيت ۾ خوش خيرمحمد شاهه لطيف کان متاثر ٿو ڏسجي:
شاهه لطيف چيو ته:

''هوت تنهنجي هنج ۾ پچين ڪوهُ پَرياڻُ.''

خوش خيرمحمد چوي ٿو ته:

هوت ملئي هنج ۾ جاءِ اهڙي جوڙ،
ٿانءُ رک ٿانهر جو ٻيا ٽيڙا سيئي ٽوڙ.
(عباسي، 2008ع: ص 64)

5.1.7.17 خوش خيرمحمد جي صوفياڻي رومانويت:

”خوش خيرمحمد جي صوفياڻي رومانويت خشڪ ۽ بي رنگ مذهبي اصطلاحن کي پڻ رنگيني ۽ جاذبيت ڏني آهي.“ (عباسي، 2008ع: ص 54)

خوش خيرمحمد سسئي جي بيان ۾ سندس سورن، سختين سان گڏ ان جي عزم، پختي ارادي، اميد ۽ ڪامل يقين سان گڏ تصوف جي ان اهجاڻ کي به کولي بيان ڪيو آهي ته محبوب جو جلوو هرهنڌ آهي ۽ طالب جي اندر پڻ ان جو اولڙو آهي فقط نائي نيڻ نهارڻ، اندر اُجارڻ ۽ پاڻ سجاڻڻ جي ضرورت آهي.

5.8 فقير قادر بخش ’بيدل‘:

5.8.1 وڌا ۽ ولادت:

فقير قادر بخش بيدل جو جنم 1814ع روهڑي ۾ ٿيو، سندس وڏا تسر جي ڪپڙي اُٽڻ جي ڏندي سبب پاڻولي سڏبا هئا. عبدالحسين شاهه موسوي ”ديوانِ بيدل“ ۾ لکي ٿو ته:

”ڏندو اوچ نيچ ذات تي پاڻي ڦيري چڏي ٿو، تنهنڪري سندن بنياد جي صحيح خبر پئجي نه ٿي سگهي ته ڪير هئا.“ (موسوي، 2012ع: ص 42)

فقير قادربخش بيدل جو والد ميان محمد محسن قادري طريقي جو هو.

”قادري طريقي ۾ جهوڪ واري بزرگ شاهه عنايت جي هڪ شاخ کان دست بيعت ٿيو هو.“ (موسوي، 2012ع: ص 42)

فقير قادربخش بيدل عربي ۽ فارسي جو وڏو جاڻو هو، تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ سنڌ جي ڪيترن ئي شهرن جا سير سفر ڪيائين ۽ اڪثر صوفي بزرگن جي درگاهن تي ويندو رهندو هو، ڊاڪٽر نواز علي شوق لکي ٿو ته:

”بيدل سائين اڪثر جهوڪ، سيوهڻ، درازا، پير جي ڳوٺ ۽ تجل شريف ويندو رهندو هو، گمان غالب آهي ته هن ڏهن پارهن ورهين جي ڇمار ۾ درازن ۾ سچل سائين جي زيارت ڪئي هوندي.“ (شوق، 2012ع: ص 21)

5.8.2 سچل کي پيڻا: فقير قادربخش بيدل سچل سرمست جي ڪلام کان تمام گهڻو متاثر هو سچل جي وفات تي هن ريت سندس عظمت ۽ عشق کي عقيدت سان پيڻا پيش ڪئي اٿس:

عشق جو يارو درازن ۾ عجب اظهار هو،
مست سالڪ من سچو، عارف اتي اظهار هو،
وجد وحدت جو سدا خاصو تهين خمار هو،
مرد سو منصور وانگر، عشق جو اوتار هو.
(موسوي، 2012ع: ص 173)

بيدل جي شاهه عنايت شهيد سان به وڏي عقيدت هئي.

”قادر بخش بيدل پهريون سنڌي عالم آهي، جنهن شاهه شهيد جي طريقت وارو سلسلو قلمبند ڪيو.“ (شوق، 2012ع: ص 29)

5.8.3 بيدل مرشد منهنجو سائين: فقير قادربخش بيدل 1872ع ۾ وفات ڪئي، سندس جنازي ۾ هندو توڙي مسلمان شريڪ ٿيا، سندس وفات تي سندس فرزند فقير محمد محسن بيڪس جنهن جي ان وقت عمر فقط چوڏهن ورهيه هئي، هن پُرسوز نظم ۾ عقيدت جا گُل نچاور ڪيا آهن:

رمز رنديءَ جو عجائب روهڑيءَ ۾ راز هو،
نالي بيدل بادشاهه بيشڪ اتي شهباز هو.

موج مستي ۾ سدا سلطان سرفراز هو،
حلاج جي حالت م هردم من خدا ممتاز هو.
پيرِمغان جي پيش هڪ حقيقت مجاز هو،
’همه اوست‘ واري حال ۾، ’محمود‘ سو ’اياز‘ هو.
درد واري دين ۾، هو وير وحدت باز هو،
عشق جي اوتار سان دلدار دست و راز هو.
’بيدل‘ مرشد منهنجو سائين غريب نواز هو،
’بيڪس‘ خادم در سندس کي عشق جو آغاز هو.
(موسوي، 2012ع: ص 173)

بيڪس پنهنجي والد کي مرشد ڪري مڃيو هو.

منهنجو مرشد مڪمل آهه ڪامل،
سندس آهي نانءُ هن مظهر ۾ بيدل.

5.8.4 فقير قادربخش بيدل جي سنڌي شاعري:

فقير قادربخش بيدل صوفي شاعرن ۾ بزرگن کان تمام گهڻو متاثر هو، شهباز قلندر، سچل سرمست ۽ شاهه عنايت شهيد جو مٿس گهڻو اثر هو. هن جي ڪلام ۾ وحدت جي وائي وڌي واکي ٻڌجي ٿي.

5.8.5 عشق جو اونهو اسرار: عبدالجبار جوٽيجو لکي ٿو ته:

’’سندس ڪلام ۾ عشق جو هڪ اونهو اسرار ملي ٿو، جتي عقل جو اختيار ئي هليو وڃي ۽ پوءِ منصوري نعرا لڳن ٿا، سڀ صورت ۾ يار جو جلوو نمايان ٿي ٻيهي ٿو.‘‘

’’عشق جو ڏس اسرار، سڀ صورت ۾ يار سمايو.‘‘

(جوٽيجو، 2010ع: ص 212)

5.8.6 خداشناسي کان اول خودشناسي: بيدل خدا شناسي کان پهرين خود شناسي جي تلقين ڪري ٿو، جنهن پاڻ کي سڃاتو تنهن منزل ماڻي:

تان ٿُون پنهنجو پاڻ سڃاڻين، وحدت وارو پيرج پير،
پاڻ ڳولينڌڙ پاڻ کي ڳولي، فرمودي ۾ ناهي ڦير.
(موسوي، 2012ع: ص 157)

5.8.7 چڏي فقه ڦند: ظاهر جي عالمن جي ڦند ۽ ڦير کي به نروار ڪري ٿو:

جي تون پسين پاڻ کي، چڏي فقه فند،
ڪنز قدوري جي ڪڏي مول نه پچين پنڌ،
لوڙي لهين رند، پاڻ منجهارون پانهنجو.
(موسوي، 2012ع: ص 127)

’’بيدل وحدت الوجودي شاعر هو، هن پنهنجي ڪلام ۾ بار بار ’همه اوست‘ جو ذڪر ڪيو آهي، ۽ ان کي صحيح سمجهڻ لاءِ قرآن مجيد جون آيتون ۽ حديثون سَنَد طور ڪنيون اٿائين، هو ٻڌائي ٿو ته هر جا ’همه اوست‘ جو هوڪو آهي. اهو ڏيان سان ٻڌڻ گهرجي.‘‘ (شوق، 2012ع: ص 24)

هو ڪو ’همه اوست‘ جو، سڏج ڏيان ڏري،
’الا انّہ بڪل شيءِ محيط‘ پرين ناهه پري،
ٿو سهسين ويس ڪري، سيوئي آهه سپرين.

فقير قادربخش بيدل ’همه اوست‘ واري صوفي مڪتب وارن صوفين جي تعليم موجب ’خودي‘ جي خيال کان ئي پري رهڻ جي ڳالهه ڪري ٿو. اهي جيڪي ’سوز‘ جو سُرڪو پيئن ٿا اهي زماني جي عام رواجي هلت کان ابتڙ چال چلن ٿا:

سُرڪو سوز گدار جو، جَني پيتو جال،

قدمن تلي سِر ڏري، چلن الٽي چال،
خودِي کان خيال، پلي پراهون ويا.
(موسوي، 2012ع: ص 126)

5.8.8 عشق امام دوئي دجال: اهڙي ريت عشق کي عظمتن جي چوٽ تي کڻي وڃي ٿو ۽ دوئي کي ڏتڪاري ٿو.

عشق امام محمد مهدي، دوئي اٽئي دجال.
(موسوي، 2012ع: ص 160)

شاهه لطيف چيو ته:

”ٻيائي کي ٻک جن وڏو سي ورسيا.“
(بلوچ، 1999ع: ص 133)

5.8.9 عقل، عشق آڏو عاجز: عشق اڳيان عقل عاجز آهي ۽ سندس اختيار ئي هليو وڃي ٿو، صوفين وٽ عقل، ظاهري علم جي معنيٰ ۾ ورتل آهي.

عقل جو ويو اختيار، عشق اناالحق جو دم ماريو،
عشق عقل جي لڳي لڙائي، عشق کڻي جنگ عقل هارائي،
هيڪل هڪ هسوار، ڪيڏي ڪڪ کي برهه ڇايو.
(موسوي، 2012ع: ص 172)

5.8.10 انسانيت جو علمبردار شاعر: فقير قادربخش بيدل شيعو سني ٻڌجڻ کي سؤکو ۽ صوفي ٿيڻ کي اوکو ڪم ڄاڻائي ٿو:

”شيعه سني ٿيوڻ سوکا، صوفي ڪونه سڏاويگا.“
”صوفي قادربخش بيدل انسانيت جو شاعر هو.“ (شوق، 2012ع: ص 28)

اهڙي ريت فقير قادربخش جو ڪلام صوفيانه رمزن ۽ تعليمات کان شروع ٿئي ٿو ۽ ان ئي عشق جي عظمت بيان ڪندي پڄاڻي تي پهچي ٿو.

5.8.11 فقير قادربخش بيدل جو سسئي بابت ڪلام:

بيدل سسئي جي بيان ۾ نينهن جا نعرا هڻندي قرب جي ڪلورن جي ڪٿا بيان ڪندي برهه جي بي خودي ۽ بي اختياري واري واٽ جا پنڌ ۽ پيچرا پسائي ٿو.

مُون سان پيچ پنهونءَ، جو پيوڙي جيڏيون،
آءُ پي هيس عقل واري، نينهن نهوڙي نيوڙي جيڏيون،
اکيون اڙايم هوش گنوايم، من مستانو ٿيوڙي جيڏيون،
مون کي بي خود بي اختياري، ڪيفي نيڙن ڪيو ڙي جيڏيون،
موج منصوري جوش جاڳايو، وهم دوئي جو ويوڙي جيڏيون،
پاڻون پاڻ سان لنو لاتائين، بيدل پاڻِ نه پيوڙي جيڏيون.
(موسوي، 2012ع: ص 169)

سِڪ وارن کي سپرينءَ کان سواءِ قرار ڪونهي ۽ جيئڻ جنجال ٻڌجي پوي ٿو:

يا ڪي ٿئين وڃين يار، نڪو پيءِ خيال اسان جو،
توهؤن ڏار سپرين، دل کي ناهن قرار،
جيئڻ جنجال اسان جو.
(موسوي، 2012ع: ص 174)

5.8.12 محبت سندو مينهن: سسئي جي سُورن جي پچار سپ ڪنهن ڪئي آهي، بيدل سسئي کي ’ڏکي‘ سڏيندي سندس تتل ڏينهن ۾ پنڌ ڪرڻ ۽ محبت جي مينهن وسائڻ جي وارتا نهايت سوز سان بيان ڪئي آهي:

هڪ ڏکي ٻيو ڏوکري، ٿيون جو تَتُسِ ڏينهن،
محبت سندو مينهن ويچاريءَ وسايو.
(موسوي، 2012ع: ص 140)

سسئي پنهونءَ کي سِڪ مان رُڃ ۽ اُڃ جي سختين ۾ به سڏڻا پئي ڪري ۽ نئڙت سان نينهن نياڻي پئي.

هوت سگهي لهه سار اچي، سِکاين جي وو!

رائي رُڄ ۾ رس ڪوهيارل، آءُ ٻڌي ٻاڪار پنهنجي اُجاين جي
هي ڪنيز ڪوڙي لالن، مَر ڇُمي پيزار، سدا سپرين جي.
(موسوي، 2012ع: ص 180)

5.8.13 ٻاروچا توساڻ: بيدل سسئي جي سِڪ، سورن، آهُن ۽ دانهن جي درد ڪٿا ته بيان ڪئي آهي، پر ان ۾ مڪيه مدعا وحدت جي وائي ئي آهي.

پاڻ پنهون تون آهين، ڪيچ وٽين چو ڪاهين،
صاحب آهين ڪيچ وٽن جون، پرٽ چو پاڻ کي پاڻئين،
خلق الآدم علي صورتہ، غير خدا جو ناهي.

هتي بيدل شاهه لطيف ۽ سچل واري وائي ورجائي ٿو ته پرين توساڻ آهي، ان کي ڏور ووڙڻ چو ٿي وڃين؟ ان کي پنهنجي اندر ۾ ئي تلاش ڪر.

ٻاروچا تو ساڻ، ووڙين چو وٽڪار ۾؟
هتيئي ڪر هوت ساڻ، ريجهي روح رهاڻ،
ووڙيو ووڙج پاڻ ۾، تو ۾ ويرِ وڃاڻ،
بيدل رکج روح ۾، قرب جو اهجاڻ.
(موسوي، 2012ع: ص 213)

''نيم تاريخي داستانن ۾ به ساڳي تنوار آهي، رڳو ظاهري پردو، نوري، سسئي يا مارئي وغيره جو آهي.'' (جوٽيجو، 2010ع: ص 213)

هتي ساڳي تنوار سان مطلب 'وحدت الوجودي' فڪر آهي، جنهن ۾ 'ڪُل' (خالق) ۽ 'جز' (مخلوق) آهي ۽ 'جُز' جو ڪُل سان ملڻ ۽ هيڪائي هيڪ ٿيڻ واجب آهي ۽ اهو دير سوير اوس ٿيندو.

5.8.14 پنهنجي سونهن سڃاڻ: بيدل به شاهه لطيف ۽ سچل جيان پريت جي پانڌيئڙن کي پنهنجي سونهن سڃاڻڻ، وجود جا ورق ڦوئي اندر اُجارڻ ۽ پنهنجو پاڻ کي سڃاڻڻ جي صلاح ڏئي ٿو، جنهن کان پوءِ مقصد ۽ منزل ماڻي سگهبو.

ڳولها ڪرين جنهن جي، سوئي تون سلطان،
پيهي پس تون پاڻ ۾، پانهن جي سونهن سڃاڻ،
ناحق ٿيو نادان، ليا وجهين لوڪ ۾.
(موسوي، 2012ع: ص 127)

5.9 حمل فقير:

5.9.1 مختصر تعارف: حمل خان لغاري جا وڏا سيرڪاڻي لغاري اصل ديري غازي خان جا هئا ۽ ٽالپرن سان گڏ سنڌ ۾ آيا ۽ خيرپور ۾ 'مير خان لغاري' نالي ڳوٺ ٻڌائون، انهيءَ ڳوٺ ۾ حمل فقير 1809ع ڌاري جائو. سير ڪاڻي پاڙي جو رئيس ميان سعيدخان هو جيڪو ميرن پاران ڪوٽ سبزل جو نواب مقرر ڪيل هو ۽ حمل جي ذهانت سبب هن کيس ننڍي هوندي کان پاڻ وٽ رهايو.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکي ٿو ته:

''جيئن ته رئيس ميان سعيد خان پنهنجي نوابي جي ايامڪاريءَ (آخري امڪاني سال 1833ع) ۾، حمل کي اڪثر پاڻ سان گڏ سبزل ڪوٽ ۾ رهايو، انهيءَ ڪري ممڪن آهي ته حمل خان جي تعليم ۽ تربيت نواب سعيد خان جي زير نظر ٿي هجي. بهرحال سندس علمي لياقت جي بناءَ تي ڇئي سگهجي ٿو ته وقت جي رواج موجب ڇگي خاصي پارسي تعليم حاصل ڪيائين.''
(بلوچ، 2011ع: ص 20)

جڏهن نواب سعيد خان جي پٽ ميان مير خان کي سڪرنڊ ۾ جاگير ملي ته حمل فقير به سڪرنڊ ويجهو ڳوٺ محمود خان لغاري ۾ لڏي اچي ويٺو ۽ مڪتب قائم ڪري درس و تدريس جو سلسلو شروع ڪيائين.

''فطري ذهانت، زڪاوت ۽ تعليمي پختگيءَ سبب ئي حمل پاڻ لاءِ هڪ استاد جي حيثيت ۾ تعليم ڏيڻ جو مشغلو اختيار ڪيو ۽ خيرپور رياست ڇڏڻ بعد،

ڳوٺ مير خان لغاري تعلقي سڪرنڊ ۾ پنهنجو مڪتب جاري ڪيو.'' (بلوچ، 2011ع: ص 21)

حمل خان لغاري سير سفر ۽ ڪچهرين جو ڪوڏيو هو ۽ پنهنجي حياتي ۾ ئي گهڻو مقبول ۽ مشهور هو.

''حمل پنهنجي خوش طبعي، علمي لياقت ۽ شاعريءَ جي ذات سبب هر جڳهه مقبول هو، هو مجلس ۽ ڪچهري جو ڪوڏيو هو ۽ انهيءَ ڪري سندس واقفيت جو دائرو به نهايت وسيع هو. سندَ جي گهڻن خاندانن وٽ سندس اڇ وڇ هئي.'' (بلوچ، 2011ع: ص 22)

حمل فقير لواريءَ جي بزرگن سان مريدي وارو تعلق رکندو هو، جيڪي نقشبندي طريقي جا هئا.

محبت رکي من، وَنءَ لنواري لعل ڏي،
قدرتي ڪُرنڊ سان، ٿا مُرچا لاهن من!
(بلوچ، 2011ع: ص 109)

جيتوڻيڪ هو پنهنجي وڏي عزيز خليفي نبي بخش صاحب جي اثر ۽ پنهنجن ٻين عزيزن جي عقيدت واري مرڪز، درگاهه پير صاحب پاڳاري سان وابستگيءَ سبب، پير صاحب پاڳارن ڏانهن به دلي حب رکندو هو.

5.9.2 حمل فقير جي شاعري:

5.9.3 ظرافت ۽ خوش طبعي: حمل فقير کي شاعري ۽ خوش طبعي پنهنجي والد کان ڇڻ ته ورثي ۾ ملي. سندس والد رحيم خان چگو شاعر هو،

''سندس والد رحيم خان هڪ نڪته سنج ۽ خوش طبع شخص هو ۽ گاهي بگاهي پنهنجن انوکن خيالن کي سندي شعر ۾ نهايت دلچسپ نموني ۾ ادا ڪندو هو. ننڍڙي حمل کي پهريائين غالباً پنهنجي والد جي دلچسپ بيتن ئي شاعريءَ ڏانهن مائل ڪيو.'' (بلوچ، 2011ع: ص 34)

انهيءَ ظرافت ۽ خوش طبعي جو اءهار هن جي شروعاتي شاعريءَ ۾ نظر اچي ٿو ۽ جڏهن حمل جي من ۾ محبت جو مچ ٻريو ته چيائين:

پريان سندي پار جي، جي ڪتي اچي ڪاري،
ته هوند سپ لغاري، ان ڪتي تان قربان ٿيون!
(بلوچ، 2011ع: ص 36)

5.9.4 محبوب جي آوي: حمل فقير محبوب جي جدائي ۾ سندي حال جي بيان ۽ جي محبوب اچي ملي ته پوءِ چا ٿئي جو اهڙو نئون نرالو ۽ دلچسپ شاعراڻو اظهار ڪندي چوي ٿو ته:

سڃڻ آوي سپ سک ٿيون، وڃن ڏک ڏولاوي، پر جي آوي!
سوز فراقان ساڙ سٽيئي، سي سُکي ٿيون ول ساوي: پر جي آوي!
هڪ دم دلبر ڪول ٻهي، تان درد الم غم جاوي: پر جي آوي!
حمل حمد هزارين ڪر، چاء نال ڳچي ڳل لاوي: پر جي آوي!
(بلوچ، 2011ع: ص 357)

5.9.5 زماني جي ڏنگاين جو ذڪر: هُو مجاز جي ذڪر ۾ محبوب جي ڏنگائي وارن ادائن ۽ هلت جو بيان ڪندي يارن جي ياري جا حال ڏسيندي سماجي ۽ رياستي بي واجبين ۽ ناانصافين کي وائکو ڪري ٿو ته سرڪار ۽ ان جي ڪارندن جا آبتا افعال ڏسيندي، دستار وارن بزرگن جا پول به بيباڪي سان پڌرا ڪري ٿو.

زلف ڏنگا ابرو ڏنگا، گفتار ڏنگي، رفتار ڏنگي،
جنهن جاءِ هوندا اهي چار ڏنگا لاچار هوندي هر ڪار ڏنگي.
جت يار ڏنگو، اغيار ڏنگو، دِهُدار ڏنگو، بازار ڏنگي،
ڪير ڪنهن جو فرياد سڏي، ۽ ڪير ڪنهن جو ڪو داد ڪري!

جِتِ سُوار ڏنگو، سالار ڏنگو، دستار ڏنگي تلوار ڏنگي،
ڪيئن اچي ڪم راس تنهين جاءِ، سمجهه سُخن ڪر هوش حمل!
ڪوٽار ڏنگو، ڪمدار ڏنگو، مختيار ڏنگو، سرڪار ڏنگي.
(بلوچ، 2011ع: ص 215)

”حمل پنهنجي شعر ۾ عام حقيقت ۽ حالتن کي نهايت دانائي سان بي نقاب ڪيو آهي.“ (بلوچ، 2011ع: ص 59)

حمل فقير جو ڪلام سنڌي، سرائيڪي زبانن ۾ آهي، جڏهن ته ڪجهه شعر ’هندي ريختہ‘ ۾ به آهن. سنڌي ۽ سرائيڪي زبانن ۾ مداحون، معجزا، مثنوي مناقب، سي حرفيون، غزل، بيت، ڪافيون، هنر، ڏهسناما ۽ معما موجود ملن ٿا.

”موضوع جي لحاظ سان، حمل جي شاعري علمي توڙي عوامي عنوانن تي مشتمل آهي، ۽ جهوني توڙي جديد رنگ ۾ چيل آهي. سندس ’مناقب حضرت علي‘، ’سلسلئه شاهان نقشبندان‘ ۽ معرفت نامو خصوصاً علمي معلومات ۽ مطالعي جو ثمر آهن، ته ڪافيون، هنر، ڏهسناما ۽ معما وري عوامي مشاعريءَ جي عنوانن جا موتي ۽ گوهر آهن.“ (بلوچ، 2011ع: ص 56)

5.9.6 ڳهڻا پاڻئي ڳڻ: نيم تاريخي داستانن ۾ حمل فقير، سسئي، مارئي، سهڻي ۽ مومل کي ڳايو آهي.

سُر مارئي ۾ عمر سومري کي مخاطب ٿيندي مارئي چوي ٿي ته، ”منهنجا مارو قيمتي ڪپڑا پائڻ وارا نه آهن ۽ اهي پڻن تي گذاريندڙ آهن تن کان پاسو ڪر، ۽ وڃي پاڻ جهڙن سان مائڻي ڪر، تنهنجا زيور اسان لاءِ طوق مثل آهن.“

سي پَٽُ پهرن ڪينکي، هوءَ جي پَهرن پَٽَ،
سي مَٽِ ميان سومرا! ڏِسُ ميرا! ڳولي تون مَٽَ،
جي گهٽ رعيت راج ۾، ڇڏ گهوٽ! تنين جا گهَٽَ،
ڳهڻا پاڻئي ڳڻَ، تنهنجا هَس حمل چئي.
(بلوچ، 2011ع: ص 179)

هي ’هُنر‘ جي نهايت سهڻي صورت ۾ سسئي جي خودداري ۽ مارئن جي مسڪيني حال تي به مان سان جيئڻ جو بيان آهي.

مارئي جي وطن ۽ مارئن لاءِ سِڪ، اُڪير ۽ عمر جي محلن ۽ ماڙين کان بيزاري جو بيان حمل فقير به نهايت پُرسوز نموني ڪيو آهي.

مارن جي مُنهن لاءِ، سِڪي سارو جندڙو،
ڪيو مُنهن مليرِ ڏي، جهلياں وطن واءِ،
حمل چئي، هن ماڙئين، رهڻ ناهي رواءِ،
ڪاڻي قيد الماءِ، وري ويڙهيچن وڃان.
(بلوچ، 2011ع: ص 181)

5.9.7 سُرڪي سِڪ جي: سهڻيءَ کي عشق جي اساڻ، سچڻ جي سِڪ ۽ محبوب کان سواءِ ڪنهن جي به ڪاڻ نه ڪيڻ جو بيان به پُراثر لفظن ۾ ڪيو اٿس:

ساهَڙ ساڙهي مَئون ڏني، سُرڪي جا سِڪجي،
سا پِيَڙ سان پيهي وئي، لَنئون لَنئون ۾ لِڪجي،
تڏهانڪر تنهن پار ڏَنهُ، ويهان نه وِڪجي،
منهنجي ٻيءَ مجلس، ڪئون دِل وئي ڏِڪجي،
حمل حُب هڪ جي، رهي آهي روح ۾.
(بلوچ، 2011ع: ص 186)

سهڻيءَ جي نينهن نپائڻ ۾ سُرت وجاءِ دريا جي لهرن ۾ لهي پوڻ ۽ پريت پاڙڻ لاءِ سِر ڏئي سُرهي ٿيڻ واري لقاءُ کي هو خوب ساراهي ٿو:

ساهڙ ڪئون سِڪ جي، پيتائين پُڙي،
ڇڏي هوش حمل ڇئي، لهرن منجهه لُڙهي،
ڏيئي سِرُ سُرهي ٿي، سا مرندي ڪين مُڙي،
ڏُهي ڏُڏ ڦُڙي، ڪا ميهر ڏنس موت جي.
(بلوچ، 2011ع: ص 188)

5.9.8 توريءَ ميان مينڌرا: عشقيه داستانن ۾ ائين ٿو لڳي ته حمل فقير پنهنجي مجازي محبت ۾ پيش آيل وچوڙي جا ورلاپ آلاپيا آهن. 'سُر مومل راڻو' ۾ راڻي جي رُسي وڃڻ کان پوءِ مومل جي مَن جي ماجرا دل پچائيندڙ لفظن ۾ ڪئي اٿس:

توريءَ ميان مينڌرا! ماڙيون ٿيون مارِين،
طُول وِهاڻا، تَڪيا، گَچَ اندر گارِين،
هڪ جيڏيون حمل ڇئي، هنجون ٿيون هارين،
سوڍا ٿيون سارين، توکي ڪُنواريون ڪاڪِ جُون.
(بلوچ، 2011ع: ص 190)

5.9.9 جو روز ازل دي لِک چوڑيا: حمل سرائيڪي ڪلام ۾ هير کي چگو ڳايو آهي، هير ۽ سندس سهيلين، ماءُ، پيٽ ۽ ٻين عزيزن جا سوال ۽ هير جا جواب حمل جي شاعرانه فن ۽ فڪر جو اعليٰ اظهار آهن، هير جي پيٽ جڏهن ڪيس مهٽا ڏئي ٿي ته تو هي ڪهڙو ڪوجهو ڪم ڪيو آهي ته هير ڪيس جواب ڏيندي چوي ٿي ته:

"آڪـلاَ: پيٽ توڙي لک ويٽ ڏيوِين،
نيٽ لگ رَهيي هُٽ وَس نهين،
ماهي هَس ميرِي دِل گَس ڳڏي،
هور ڪَس ڏني، لهي ڪَس نَهين،
هر ڪَس دي نا عڪس تيرا.
بيڪس سُون پڑ نَحَس! نهين،
جو روز ازل دي لِک چوڑيا،
سو تن ميري ميٽڻ دي مَس نهين.
(بلوچ، 2011ع: ص 245)

5.9.10 حمل فقير جو سُر سسئي:

حمل فقير سسئي کي نهايت سِڪ ۽ سوز سان ڳايو آهي. ائين ٿو پاڻنجي ته هن به شاهه لطيف جيان سسئي جي بيان ۾ پنهنجي دل جي درد، اندر جي اساڻ ۽ جلندڙ جيءُ جي ٻاڦ ٻاهر ڪڍي آهي، حمل فقير به سنڌي توڙي سرائيڪي ڪلام ۾ سَسئي جي دردبلي دِل جون ڪيتريون ئي ڪيفيتون بيان ڪيون آهن.

5.9.11 قلب هوتان دي ڪالي:

سسئي جي ڏيرن جي ڪيل قهري ڪاروائي تي حمل سسئي جي فراق ۽ وچوڙي واري ڏک ۾ ورتل دل جي ترجماني ڪندي کين ڏائڻ ۽ قلب جا ڪارا ڪوٽي ٿو. جو انهن سسئي کي سُور ۽ ڏُک ڏيکاريا:

سسئي سُک سُتي نُون ئي، چا ڏيران ڏک ڏکالئي،
چوري چاء پنهل ڪُون جُلئي، قلب هوتان دي ڪالي،
سسئي دا ڪي هانءُ ڳئي، اوهه ڏائڻ ڏونگر والي،
حمل! هوتان ڪاڻ ڪِڍيانسِ، ڪِتيين ڪشالي.
(بلوچ، 2011ع: ص 288)

حمل فقير به شاهه لطيف جيان سسئي جي عزم جو اظهار سگهاري نموني ڪيو آهي،

سسئي سرتين کي چوي ٿي ته آئون واپس ورڻ واري ناهيان، برن جون بلائون مون کي ڀيڇاري نٿيون سگهن. آئون هر حال ۾ پنهنجي مقصد واري واٽ تي هلندي رهنديس، سسئي پنهون وٽ پهچڻ يا سندس واٽ ۾ پساهه پورا ڪرڻ کان سواءِ ٻي ڪابه سَڌ نه ٿي رکي.

5.9.13 وري آئون نه وران: شاهه لطيف چوي ٿو ته:

”وَريتيُون! ورو، آئون نه ورندي ور ري.“
(آڏواڻي، 2013ع: ص 105)

حمل فقير به اهڙو اظهار ڪري ٿو ته:

وَر ري آئون نه وران، اوهين وَريتيُون وَري وڃو،
بلائون بَرنِ جون، ڏسي ڪِين ڏران،
ڪاهيندس ڪيچن لئي، جيڪي سَت سَران،
مِلان جي مَران، ته ٿيم حجّ حمل چئي.
(بلوچ، 2011ع: ص 168)

5.9.13 سسئي جا سُور: حمل فقير سسئي جي سُورن کي وَر وَر ڏئي ورجايو آهي، جڏهن ته کيس هوت پُنهون جي اڇي رسڻ جي به گهڻي پڪ آهي:

آڏا ڏونگر ڏاکڙا، باري بَر بيابان،
رُجَ، رائو، رِڻ وڏا، ٻيو هزارين حيوان،
سسئي ڪنيا سُڄ ڏي، سورن جا سامان،
ايهي منجهه اَرمان، گڏيس هوت حمل چئي.
(بلوچ، 2011ع: ص 169)

شاهه لطيف وٽ به سسئي جي سُورن جو ساڻيو حوالو موجود ملي ٿو:

”ڏيئي ويا ڏاه کي، سُورن جو سامان.“
(آڏواڻي، 2013ع: ص 14)

شاهه لطيف سسئي جي بيان ۾ چوي ٿو ته:

”ڏونگر مُون نه ڏکوءِ، آئون اڳ ڏکوئي آهيان.“
(آڏواڻي، 2013ع: ص 158)

حمل فقير وٽ به اهڙو اظهار ساڻين لفظن ۾ ملي ٿو:

”ڏونگر! ڏک مَ ڏي، آئون اڳ ڏکوئي آهيان.“
(بلوچ، 2011ع: ص 171)

5.9.14 حمل جي ڪلام ۾ شاهه جي شاعر جا عڪس: اهڙي ريت حمل فقير جي سسئي بابت ڪلام ۾ شاهه لطيف جي سسئي جا ڪيترائي عڪس ۽ اولڙا موجود ملن ٿا:

شاهه لطيف سسئي واري پنڌ کي ڏکن جو پنڌ سمجهندي، پنهور ۾ رهڻ واري زندگيءَ کي ’سُکن واري سَڌُ‘ ڪوٺي ٿو.

”سُکن واري سڌ، متان ڪا مونيسين ڪري.“
(آڏواڻي، 2013ع: ص 105)

حمل فقير تي شاهه لطيف جو فڪري اثر اوس گهڻو نظر اچي ٿو.

”سرتيون ڙي! سَڌ ڪا، متان ڪا مون سان ڪري.“
(بلوچ، 2011ع: ص 171)

حمل فقير جي ڪلام ۾ پنهنجون نرواليون ۽ منفرد تشبيهون، استعارا ۽ قافيا به هيڪاندا موجود ملن ٿا، سسئي جي پنهون کان پوءِ جي ڪيفيت بيان ڪندي چوي ٿو ته:

خوشي ۽ کِيڏُ، پنهون وڃي ويو پاڻ سان،
هاڻي گهُرجي هوت لئي، فاني فوت ٿيڻ،
حمل! هلي هيڪلي، سُوريءَ سِرَ ڏيڻ،
جَڏيءَ جو جِيڏُ، ڪونهي جانبَ جَتَ ري.

(بلوچ، 2011ع: ص 176)

5.9.15 تِهن مُنهن چائي چَڄ: سسئي چوي ٿي ته، ”چرخو هلائڻ بند ڪري ڇڏيو، اڄ مون کان خُوب روئي موڪلايو، منهنجو وَرُ، منهنجو پردو ۽ پناهه ڏير وڃي ويا، هاڻ هت ذرو به ترسڻ بي شرمي ٿيندو، اُنهي عورت جي منهن ۾ ڇڄ پريل ڏوڙ جي پوي جيڪا مڙس کان سواءِ ويس وڳا ڪري سير ڪري.“

آتڻ ڇڏي اڄ، اَيٽ اولاڻي نه ڪريو،
موڪلائي مون ڪنان، روئي ڪريو رَڄ،
هُئي هُئي هوت وڃي ويا، ڪانڈ مُئيءَ جو ڪَڄ،
هاڻي هت حمل ڇئي، لِک ٽِڪَڻ ٽئي لَڄ،
تنہ مُنہ چائي چَڄ، جا وَر ري ويس ڪري گهمي.
(بلوچ، 2011ع: ص 176)

5.9.14 ناحق ڏورِ مَ ڏُور: حمل فقير به صوفي روايتن جي رَوش موجب سسئي کي سندس سڃڻ کي سجاڻڻ ۽ خودشناسي جي صلاح ڏيندي چوي ٿو ته اي، ”سسئي! پنهونءَ کي ڏُور وڃي نه ڏور، اهو ته تنهنجي اندر ۾ موجود آهي، اي ڏوهياڻي! تون فقط ان کي سجاڻ، پاڻ ۾ ڳول ۽ محسوس ڪر ته اهو توکي نهايت قريب آهي.“

سسئي توکي سُور، جوش جنهين آهه جت جو،
سو پنهون اٽئي پاڻ ۾، ناحق ڏور مَ ڏُور،
توکي هِتِ حمل ڇئي، حاصل حج حضور،
پرڻ! اکيون تون پُور، تان هوت تنهنجي هنج ۾.
(بلوچ، 2011ع: ص 175)

5.10 مصري شاهه:

5.10.1 حياتيءَ جو مختصر احوال:

مصري شاهه 1828ع ۾ نصرپور ۾ ڄائو، سندس والد جو نالو بلند شاهه هو جيڪو مصري شاهه جي ننڍپڻ ۾ ئي وفات ڪري ويو، پوءِ سندس پرورش ۽ تربيت سندس وڏي ڀاءُ فتح محمد شاهه جي ذمي ٿي. هن عربي ۽ فارسي جي تعليم قاضي گل محمد ’گل‘ کان مڪتب ۾ ورتي. ديوان حافظ، مثنوي رومي، شاهه لطيف ۽ شاهه عنايت رضوي ڪلام سان گهڻي دلچسپي ۽ عبور حاصل هئس. مصري شاهه گهڻو وقت ديس ڇڏي پرديس ۾، گذاريو محمد يوسف شاڪر ابڙو لکي ٿو ته:

”سندس ڪيل خبرن ۽ چيل شعر مان معلوم ٿئي ٿو ته ٺر، جوڌپور، ابوپهاڙ، ماروڙ ۽ گرنار جي پاسي گهڻو گذاريو اٿن.“ (ابڙو، 1983ع: ص 10)

مصري شاهه سادگي پسند، نياز نئڙت ۽ نهڻائي سان هلندڙ صوفي منش هو.

”پاڻ کي ڪڏهن مصري شاهه نه ڪوٺيائين ۽ محض ’مصري‘ تي ئي اڪتفا ڪيائين. پاڻ کي ڪوٺيندو ئي هو ’ٻانهي جو ٻار‘. سندس بينڪ هميشه اوتاري تي پيل نُک تي ٿيندي هئي، جتي سمورن اميرن، فقيرن، مريدن ۽ خادمن سان ڪچهري ڪندو ۽ قرب وندينندو هو.“ (پٽي، 1961ع: ص 131)

مصري شاهه جي فقر، هيڻاهين هلت ۽ نوڙت ظاهر ظهور آهي.

تون ميراثي ”مصري“ مڱڻو آهن، وري ميان،
چوڏس چوٽاٽي جو، چارڻ چائين، وي ميان.
(رضوي، 1983ع: ص 58)

مصري شاهه جي اوتاري تي مائي ليلان نالي هڪ سهڻي عورت مجاور طور رهيل هوندي هئي، جيڪا سڄي زندگي ساڻس گڏ رهي.

”ليلان نالي هڪ ماهر رقاصه، حيدرآباد جي ماڙيچن جي قوم مان هئي، جي دراصل ڪتري مسلمان چيا وڃن ٿا. سندس مائٽ ننديي هوندي ئي ڪيس سائينءَ جي خدمت ۾ ڇڏي ويا. جهڙي هئي شڪل ۽ صورت جي سهڻي، تهڙي هئي

ڳائڻ ۾ ملوڪ. هميشه سائين جي اڳيان حاضريءَ ۾ هوندي هئي ۽ اڪ هميشه مرشد ۾ ڪُٽل هوندي هئس.'' (پٽي، 1961ع: ص 21)

مصري شاهه جا مريد ۽ عقيدتمند ڪڇ، گجرات، جوڌپور، جيپور ۽ اجمير ۾ موجود آهن، جيڪي هر سال سندس عرس تي ايندا رهندا آهن.

هن 1928ع ۾ وفات ڪئي.

5.10.2 مصري شاهه جي شاعري:

مصري شاهه ڪافي گو شاعرن جي ستٽ جو سرواڻ شاعر آهي. سندس ڪافيون هنڌين ماڳين مشهور ۽ مقبول آهن. ڊاڪٽر عبدالجبار جوٽيجو لکي ٿو ته:

5.10.3 اکين ۽ زلفن جو ثناگر: ''مصري شاهه جي ڪافين ۾ گلاب جي گل جي سڳنڌ آهي. هو ''حسن'' جو شاعر آهي. اکين ۽ زلفن جو ذڪر ڪندي ٿڪجي نٿو.'' (جوٽيجو، 2010ع: ص 223)

مصري شاهه جي ڪافي ''ڪنيائون ڪلي نيڙ گهرا گلابي.'' بر ۽ بحر، جهنگ ۽ جبل ۾ باهه لڳائي ڇڏي.

اکين جي اٽين نو طبق کي تپايو،
جلي ويا جبل عشق آڙاهه مچايو،
وڃي نينهن نوبت پڄي حد حسابي.
(پٽي، 1961ع: ص 114)

سياهه زلف جو من موهيندڙ نظارو مسافرن کي ڪيئن ماندو ڪري ٿو تنهن جو احوال ڏيندي چوي ٿو ته:

سياهه سنبل زُلف سهڻا، رُخ مٿي چوڑيو ڇڏين،
مشڪ سان موهي ملي، ماندا مسافر ڪيم ڪر.
(رضوي، 1983ع: ص 90)

زلف کي واسينگ، نانگ ڪارا ۽ رهزن سڏي عاشقن تي سندن ڪيل قهري ڪِيس ۽ ڪلور سهڻي نموني سمجهائي ٿو:

ڪج زلف ڪمند ڪڑيار، سي ٿا پائن دام دوبارا،
ڏين لامارا لحظي لحظي، بند بلخ بخارا،
ور وجهيو واسين ورن ٿا، ڪيس تليهر ڪارا،
رهزن ڇڻ رخسار رنگيءَ تي، مار مٽئا مڻ وارا.
(رضوي، 1983ع: ص 48)

ابروئن جو شان، مانُ ۽ مرتبو چاهه جي چوڻي تائين کڻي وڃي ٿو ۽ محبوب جي مُک کي تقدس جي تهائين مٿانهين مقام جو درجو ڏيندي چوي ٿو ته:

ڏسي صورت سنديءَ ثابت، صحي سهسين ڏيان سجدا،
وري وهواه وضو ساريم، ڪيي رَتُ روح ۽ دل جو.
منهنجو ڪعبو اِهي ابرو، ڪنڌا جي قوس ٻَئي تنهنجا،
به بيت الله وري بالڪل رکي تانگهو ته تن تل جو.
(رضوي، 1983ع: ص 22)

محبوب جي مهتابي مُک جي ديدار ٻنهي جهانن کان بي خبر ڪري ڇڏيس.

وسري ويا ٻئي جُڳ جڏهن، دل جان دلبر ڏٺم،
مهتاب مک محبوب جو، محراب منهن منور ڏٺم.
(تنيو، 2008ع: ص 25)

مصري شاهه مجازي محبت جا مٽ اپٽيا آهن، سندس ڪافين جي شهرت جهنگ جي باهه جيان پکڙجي وئي.

جيڏانهن ڪيڏانهن کٽيو سهڻيون اکڙيون،
محبت واريون مارين ٿو،

ڏاڍا ناز سڃڻ ڏيکارين ٿو،
مون کي ماڻا ڪري تون مارين ٿو.
(تنيو، 2008ع: ص 6)

5.10.4 ڪافين ۾ مجاز جو موه ۽ قلبي ڪيفيتون: مصري شاهه جي ڪافين جي ڪمال، ميڻاچ ۽ مستي واري اظهار جي پڻيان ضرور ڪيس لڳل مجاز جي موه وارو رنگ ئي هوندو، جنهن ڪيس رنگي رينڊي لال ڪري ڇڏيو.

”ڪافي ۾ پاڻ تي گذريل واقعا ۽ وارداتون بيان ٿيندیون آهن، هر معلوم ٿيل گالهه ٻڌائي ويندي آهي ۽ قلبي ڪيفيتن جو اظهار هوندو آهي، جنهن جو واسطو نه تڪلف سان آهي نه اهل سان، سڀ کان پهرين درد گهرجي، سا ته آهي خدائي ذات، جا ذات تي ڪانه ملندي آهي.“ (طالب المولیٰ، 1991ع: ص 58)

5.10.5 صاحب فڪر شاعر: ٻئي طرف مصري شاهه هڪ مفڪر شاعر طور به نظر اچي ٿو جڏهن هو انسان کي سندس منزل ۽ مراد ماڻڻ جو ڏس ڏيندي چوي ٿو ته: پنهنجي من جي ميرِ کي ڪيڙي پنهنجو اندر اجرو ڪجي ۽ پنهنجي خوددي، انا، هن ۽ وڃائي کي پاڙئون پٽي ڦٽو ڪر.

ڪر اندر جي آرسي، تقويٰ جي صيقل ساڻ صاف،
وڻ هئڻ جو ڇڏ ويڙي، ٽُرهو مَ ٻڌ تڪرار جو.
(رضوي، 1983ع: ص 88)

شاهه لطيف انهيءَ فڪر کي تمام چٽائي سان ور ور ڪري بيان ڪيو آهي:

”صوفي صاف ڪيو ڏوئي ورق وجود جو.“
(آڏواڻي، 2013ع: ص 320)

”ڪاڻي وجهه ڪُلاه، هَڻ اچلي آگ ۾.“
(بلوچ، 1999ع: ص 137)

”وجائي وُجود کي، پاڻان پاسي ٿيءُ.“
(آڏواڻي، 2013ع: ص 237)

5.10.6 سنڌ ۾ سُڪار تي سرهائي: مصري شاهه جي ڪلام جا انيڪ رنگ آهن جيڪي سڀئي پنهنجي معنيٰ ۽ مطلب جا مٽيا ۽ موتي آهن، مصري شاهه پنهنجي وطن ۽ وطني ماڻهن جا ڏک ڏولاوا ڏور ڪرڻ ۽ سندن خوشي ۽ خوشحالي جا نينهن پريا نغما ڳائي رياڳ آلاپي ٿو:

ڪر ڪانڌ نهار، ٿو ڪهر ڪڇاڙيا ڪوڙئين،
آگم اڇ الله ڪيا، وسندو ويرو تار،
ڪارا ڪڪر ڪنيرون، اتران ٿيو اوپار،
وڃن واڌيون ڏنيون رسي سنڌ سڪار،
پريون تل ترايون، ڏڻ انوٺا ڏار،
ريلا رحمت پرئا، آيا پکي دپار،
ور تون وڃڙا وار، منهنجا مينڌا مينهن پُسايا.
(تنيو، 2008ع: ص 71)

5.10.7 مصري شاهه جو سسئيءَ بابت ڪلام:

مصري شاهه سسئي کي نهايت سِڪ ۽ سوز سان ڳايو آهي، جنهن ۾ سسئي جي سورن واري جيون ڪٿا جون ڪئي منزلون ۽ ڪيفيتون بيان ڪيون آٿس، سسئي پڇي ٿي ته ڪهڙي خطا سبب جت مون سان اهڙي زورآوري ڪري ويا.

ڪُه جاڻان ڪهڙي ڏوه، چوري چپر چڏي ويا.
زوراور ذات جتن جي.
(رضوي، 1983ع: ص 111)

5.10.8 سسئي جا انومان: مصري شاهه سسئي جي زباني ئي وري انهيءَ استفهام جو جواب جوڙي ڏئي ٿو ته شايد آئون انهن جي اوچي ذات جي برابر نه هئس.

جيڪس آءٌ نه هُيس، جوڙ جتن جون جيڏيون،

چوريءَ تڏهن ويا چڙهي، هوت ڪري مون سان هيڏيون.
(رضوي، 1983ع: ص 1133)

شاهه لطيف سسئي جي انهي سوچ کي هن طرح بيان ڪيو آهي:

لڄايا مونهان، ساجهر تي سيڙ ويا،
پين پنهوران، سُڌ منهنجي ذات جي.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 173)

5.10.9 اٿي جبل جهاڳ:پوءِ به مصري شاهه سسئي کي سمجهائي ٿو ته پنهنجي ڪاندڪان سواءِ پنهور ۾ گذارڻ ڇگو ناهي ۽ اٿي جبل جهاڳ:

هاڻ هلڻ حق ٿيو، پهڻن منجهه پهڻ،
ناهي مناسب مصري، وارث ري هِت وهڻ،
آس اهائي آهم، ته واڳون وارينداِ.
(رضوي، 1983ع: ص 144)

5.10.10 ڪري اکڙيون پير: سسئي جي صلاح ڏيندي چوي ٿو ته محبوب ماڻڻ لاءِ سڪ ۽ اکير جي ان انتهائي مٺانهين ماڳ ۽ منزل تي هج جو پنهنجي اکڙين کي پير ڪري پنهونءَ جي راهه ڏانهن رڙهه. جو انهيءَ پنڌ ۾ ئي راحت اٿئي.

ڪري اکڙيون پير رڙهه، راحت اٿئي رڙهڻ ۾،
ڏي جفائون جان، لهه ڳولي پنهون جا ڳينهڙا.
(رضوي، 1983ع: ص 43)

مصري فقير به سسئي جي غفلت واري ننڊ ڪرڻ تي پڇتاءُ واري ڪيفيت بيان ڪئي آهي ته ننڊ مون کي نصيب ۾ نياڳ ڏئي چڏيو:

ننڊ نصيب نياڳ جا ڏنيم، جاڳيس ڪين جوانن لاءِ،
اهڙا سڏاڻا سيڙ ڏسي، چو سُتيس سيج وڇائي.
(رضوي، 1983ع: ص 52)

سسئي چوي ٿي ته مون کي اها سُڌ هجي ها ته جت مون کي ائين چڏي ويندا ته جيڪر آئون هڪ هرگز ننڊ نه ڪيان ها:

جيڪر جاڻان جام چڏي ويندم چيرين،
ڪنهن پر ڪريان ڪينڪي آيل مُون آرام،
ويساهي وريام، آڏي رات اُٿي ويا.
(تنيو، 208ع: ص 75)

شاهه لطيف سسئي جي غفلت واري ننڊ واري موضوع تي ڪيئي رخن کان روشني وڌي آهي:

”آلوڙو اکين، آيم ننڊ اياڳ کي!“
(آڏواڻي، 2013ع: ص 156)

شاهه لطيف وٽ سسئي کي سمجهائڻ ۽ سندس غفلت تي کيس ميار ڏيڻ جا انداز به عجيب ۽ نرالا آهن. سسئي کي چوي ٿو ته توکي ننڊ نوازيو، هوتن جي اُڻن کي به جَس هجي جو هو سجاڳ رهيا!“

”نَو مَ نوازينءَ، اُن جي، مرحبا موڏن.“
(آڏواڻي، 2013ع: ص 156)

5.10.11 مصري فقير ۽ شاهه لطيف: مصري فقير سسئي کي سمجهائيندي چوي ٿو ته محبوب مخفي نه آهي، اهو ته تنهنجي لَنوَ لَنوَ اندر ٿو پاڻ پسائي ۽ تون ان کي چپر ۾ ڳولين پئي!

لِڪو ڪين لَنو لَنو اندر ٿو لکائي،
ڏيو ڳل ڳرهڻي پڌر پير پائي،
رايو پهه پنهونءَ سان چلين ٿي چپر ۾.
(پٽي، 1961ع: ص 117)

هتي مصري فقير دراصل شاهه لطيف جي هن بيت جو تتبع ڪيو ٿو ڏسجي:

”لِڪو ڪين لطيف چئي ٻاروچو ٻئي پار.“
(آڏواڻي، 2013ع: ص 103)

5.10.12 اٽئي گھوٽ گھر ۾: ھڪ ٻئي ھنڌ مصري فقير تصوف جي ان پنھنجي من اندر ۾ محبوب کي محسوس ڪرڻ ۽ ماڻڻ واري نڪتي کي نروار ڪندي چوي ٿو ته:

وڃيو ڪوھه ٿي ووڙين، ٽون وڻڪار ۾،
پراھون نه پاسي، اٽئي گھوٽ گھر ۾.
(پٽي، 1961ع: ص 117)

شاھه لطيف چيو ته:

”پنڌ مَ ڪو پھاڙ ڏي، وجود ئي وڻڪار.“
(آڏواڻي، 2013ع: ص 103)

ھتي ھڪ ته صوفياءِ ڪرام جي فڪري ھم آھنگي ۽ ھڪجھڙائي نظر اچي ٿي ته ٻئي طرف شاھه لطيف جي ڪلام جي وسعت ۽ ندرت جيڪا سسئي جي ڪلام ۾ گوناگون ڪيفيتن، لقائن جي اظھار جي صورت ۾ موجود آھي. جنھن کان پوئين دؤر جا شاعر متاثر ٿيڻ کان رھي نه سگھيا آھن، سا نمايان نظر اچي ٿي.

تنھن ھوندي به مصري شاھه جي ڪلام ۾ سندس خاص انداز بيان، سگھاري ٻولي، قافين جي ندرت ۽ خيالن جي رنگارنگي جي ڪري ھو صوفي شاعرن جو ست ۾ مٿيري مقام تي نظر اچي ٿو.

5.1.11 صديق فقير ”صادق“:

5.1.11 حياتيءَ جو مختصر احوال: صديق سومرو 1756ع ۾ پيدائش ٿي، سندن وڏا مالوند ۽ سانگي ھئا، سندس ننڍپڻ بابت وڌيڪ احوال ميسر نه آھي. راڄ محمد پلي لکي ٿو ته:

”فقير صاحب جي عمر سورھن سترھن سال ھئي ته سندس مائٽ ڪڇ کي الوداع چئي، اچي نئين ڪوٽ نزديڪ ”يوڊاري“ نالي مقام تي ويٺا.“
(پلي، 1965ع: ص 239)

صوفي صديق جا وڏا به فقيري خيال ۽ حال وارا ھئا، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکي ٿو ته:

”سندس ڏاڏو فقير جلال الدين، شاھه عنايت شھيد جو مريد ھو، پر سندس والد فقير دين محمد، بلڙي وارن بزرگن جو مريد ٿيو. فقير محمد صديق وري ’ميران پور‘ جي درگاھه ڏانھن موٽ ڪاڏي، جتي خاص الخاص فيض صوفي فضل الله شاھه قلندر کان مليو.“ (بلوچ، 1981ع: ص 30)

صديق فقير ڦوھه جواني ۾ چورن ۽ ڏاڙيلن جي سنگ سان وڃي جڙيو ۽ مشھور ٿيو، ان واقعي بابت راڄ محمد پلي لکي ٿو ته:

”صادق فقير جي وڏي ڀاءُ، حاجي محمد سومري کي نٿي جي ڪنھن نواب، ڪنھن ڳالھه تان مارائي وڌو. ”صادق“ فقير، ڀاءُ جي قاتلن کان انتقام وٺڻ جو پڪو پھه ڪري، مائٽن کان موڪلائڻ کانسواءِ، گھر کان نڪري، وڃي ملڪ جي مشھور ڏاڙيلن ۽ چورن جي ساٿ ۾ شامل ٿيو.“

اھڙي ريت ھن فقيري گھراڻي جي نيڪ سيرت نوجوان وقت جي حالتن جي ھٿان مجبور ٿي ڏاڍ مڙسي ۽ سرڪشي واري واٽ ورتي. بھرحال صديق سومري نيٺ ان نواب کي ماري پنھنجي ڀاءُ جو پلاند پورو ڪيو پر پوءِ به موٽي اچي انھيءَ ساڳئي ٽولي سان رھيو.

جيئن ته صديق سومرو اصلاً نيڪ فطرت ۽ صحيح سيرت وارو ھو سو پنجويھن چويھن ورھين جي ڇمار ۾، شاھه عنايت شھيد جي درگاھه وٽان گذر ٿيس ته مٿس تنھن وقت جي گادي نشين فضل الله عرف ’شاھه قلندر‘ (جيڪو اھل دل درويش ھو ۽ پنھنجي ھلت سبب قلندر سڏبو ھو). جي رنگ ۾ رڱجي ويو.

”ھو اڳئي ھمت ۽ حوصلي وارو ھو پر ھاڻي سندس ڏاڍ مڙسي ۽ سرڪشي، سلوڪ ۽ طريقت وارن مجاھدن ۽ پنھنجي نفس سان مقابلن ۾ بدلجي وئي.

فضل الله شاه قلندر جي سجاده نشين وارا پندرهن سال فقير صاحب غالباً ’ميران پور‘ ۾ مرشد جي حاضري ۾ گذريا.“ (بلوچ، 1981ع: ص 3)

صوفي فضل الله شاهه جي وفات کان پوءِ ’ميران پور‘ مان پنهنجي ڳوٺ ’آهر‘ (تعلقي عمرڪوٽ ۾ موجوده ڳوٺ ’صوفي فقير‘) ۾ اچي رهيو. ڪيتري ئي خلق خدا سندس مريدي ۾ آئي، ان سان گڏوگڏ مرشدن جي درگاهه ”ميران پور“ سان به عقيدت ۽ اڇ وڇ جو سلسلو قائم رکيائين.

”فضل الله شاهه قلندر جي وڏي خليفي جي حيثيت ۾ ’ميران پور‘ جي وڏن سجاده نشين به فقير صاحب جو احترام ڪيو. حقيقت ۾ شاهه قلندر جي وفات بعد فقير صاحب محمد صديق ئي ’ميران پور‘ جي صوفي قادري طريقي جو اڳواڻ ٿي رهيو، ۽ ’صوفي صادق شاهه‘ جي لقب سان مشهور ٿيو.“ (بلوچ، 1981ع: ص 4)

ميرن جي آخري دور حڪومت ۾ حيدرآباد جي ميرن هڪ مسڪين مگٹهار سان ڏاڍ ۽ زور آوري ڪئي، جيڪو اِها دانهن صديق فقير وٽ ڪٽي پهتو. فقير صاحب جي چوٽ باوجود غريب مگٹهار جو داد نه ٿيو ته فقير صاحب جوش ۽ ڪاوڙ ۾ هي اچي چيو ته ”اوهان به انهيءَ حالت ۾ جيڪا حڪومت ڪئي سا ڪئي ۽ پڻ هي بيت چيائين:

پورا اچي پيل، ساري زندگي ”صديق“ چئي،
ٻڌي نه ٻڌي جهڙي، ٻاروچاڻي ٻيلهه،
حيدرآباد ۾ هل ٿيو رت وهي ٿيو ريل،
درياء مٿان ريل ٽوپر اچي ٽپاءِ تون.

عليمداڻي اولون ٿيا، پئو ٽالپرن ۾ ٽاهه،
ست شهداڻين چڏيو، پيو ٽاراڻين ۾ ٽاهه،
مردودن ملا، ويئي سنڌ ”صديق“ چئي.
(پلي، 1965ع: ص 255)

صوفي صديق فقير 95 سال عمر ماڻي سن 1848ع ۾ پنهنجي ڳوٺ ’آهر‘ ۾ وصال ڪيو، جتي سندس مقبرو آهي.

5.11.3 صديق فقير ”صادق“ جو ڪلام:

هن صوفي فقير ”صادق“ ۽ ”صديق“ جي تخلص سان ڪلام چيو آهي. ”شاهه جي راڳ“ جي طرز تي جهوڪ شريف ۾ شاهه عنايت شهيد جي درگاهه جي سجاده نشين فضل الله شاهه قلندر جي دؤر ۾ درگاهه تي راڳ جو سلسلو شروع ڪرايائين.

”فقير محمد صديق رحه جي شروع ڪرايل راڳ ۽ ان راڳ ۾ ڳايل ڪلام بابت ’راڳنامو‘ تاليف ڪيو ويو ۽ انهيءَ لحاظ سان سنڌي راڳ جي تاريخي روايت ۾ هي ’پيو راڳنامو‘ هو جيڪو شاهه جي رسالي واري ’راڳنامي‘ کان پوءِ مرتب ٿيو.“ (بلوچ، 1981ع: ص 6)

راڳنامي ۾ صوفي صديق جي ڪلام سان گڏ شاهه لطيف ۽ ٻين شاعرن جو ڪلام به آيل آهي:

”هن ۾ شامل ’ٻاهرئين ڪلام‘ جو وڏو حصو ’شاهه جي رسالي‘ مان کنيل آهي، ۽ ٻئي نمبر تي ٻين آڳاڻن يا معاصر شاعرن جو ڪلام ان ۾ شامل آهي. ’راڳنامي‘ جو مڪيه حصو خود فقير صاحب محمد صديق عرف صادق شاهه جي بيتن ۽ صدائن تي شامل آهي.“ (بلوچ، 1981ع: ص 15)

صوفي صديق، شاهه لطيف جي ڪلام جي ڪيترن ئي نڪتن کي پنهنجي شاعريءَ ۾ نروار ڪيو آهي ۽ ان کي مجتا ڏئي ساراهيو آهي، محبوب جو جلوو هرهنڌ ۽ هرجاءِ هجڻ

واري وحدت الوجودي فڪر کي شاهه لطيف پنهنجي مخصوص انداز ۾ بيان ڪندي چوي ٿو ته:

ڪيڏانهن ڪاهيان ڪرهو؟ چٽاٽو چوڌار،
منجهين ڪاڪ ڪکوري، منجهين باغ بهار،
ڪانهي ٻي تَنوار، ٿيو مِڙوئي مينڌرو.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 219)

5.11.3 ڪي جو چيو ڪاپڙي: صوفي صديق جو بيت آهي ته:

ڪي جو چيو 'ڪاپڙي'، سو صادق سيباڻو،
آه مِڙوئي مينڌرو، پر پنڌ پرانهون،
سپ تو منجهه سيباڻو، تون مڙني ۾ محيط ٿئين.
(بلوچ، 1981ع: ص)

صوفي صديق هن بيت ۾ شاهه لطيف کي 'ڪاپڙي' سڏيندي سندس انهي بيت واري رمز کي روشن ڪندي چوي ٿو ته هر شيءِ ۾ محبوب جو جلوو بيشڪ آهي پر ان کي ماڻڻ (ان معنيٰ ۾ مطلب کي سمجهڻ واري منزل) واري منزل پري آهي.

5.11.4 مذهب، تصوف، دنيا بابت استفهام: اهڙي ريت صادق فقير محبوب جي متلاشي پانڌيئڙن کي نوان نرالا خيال، سوچون ۽ واٽون به نروار ڪري ڏئي ٿو، جيڪي پڙهي هينئون حيرت ۾ پئجي وڃي ٿو:

الله اوراهون چڏي، پري پنڌ پيا،
بنا نالي سپرين اڃا ڪي ٻيا،
واڪيندا ويا، 'صادق' ٻڌي سندرا.
(بلوچ، 1981ع: ص)

رسول بخش پليجو لکي ٿو ته:

"صوفي صادق صاحب انهن صوفين منجهان هو، جن صوفين جو هڪ وڏو داستان آهي، تصوف مذهب جو حصو آهي ۽ مذهب دنيا جي ماڻهن طرفان ان ڳالهه جي ڳولا جي ڪوشش جو حصو آهي ته هي جهان ڇا آهي؟ ۽ ڪيئن وجود ۾ آيو؟ ڇو وجود ۾ آيو؟" (پليجو، 2015ع: ص 20)

اهڙي ريت تصوف کي مذهب جو جديد سائنسي روپ پڻ قرار ڏنو آهي. ڊاڪٽر گربخشاڻي ڊين اينج Deaninge جي حوالي سان لکي ٿو ته:

"He speaks of mysticis's as the most scientific form of religion, and yet introduces into it element of vagueness when he describes religius mysticism as and immediate communion, real or supposed, Between the human joul and the soul of the world, or the Divine spirit."
(Gurbaxani, 2018, P.13)

5.11.5 وقت نه وڃائڻ ووڙڻ ۽ جدوجهد ڪرڻ: صوفي صديق 'صادق' جي شاعريءَ ۾ نصيحت آميز نڪتا به پنهنجي پختائي ۽ نرالي رنگ ۽ ڍنگ سان موجود ملن ٿا. زماني جي تيز رفتار سان همقدم ٿي هلڻ، ووڙڻ، ولوڙڻ ۽ جدوجهد ڪرڻ جو ڏس ڏيندي خبردار ڪري ٿو ته سپاڻي ساڳيو وقت نه رهندو:

اڻي اورج اڃ، سپان ناه "صديق" چئي،
واڃي جيئن وڃ، مڻي کي مرلي ڪري.
(بلوچ، 1981ع: ص)

5.11.6 صديق فقير 'صادق' جي ڪلام ۾ سسئي جو بيان:

5.11.7 سسئي کي جاڳايو جتن: سسئي بابت ڪلام صديق فقير صادق سسئي کي چوي ٿو ته جن وڃڻ جو قصد ڪري چڏيو آهي، اهي جنهن پار جون پچارون پيا ڪن اوڏانهن ئي اسهندا. سسئي کي ته جتن دراصل سجاڳ ڪري چڏيو، جو هو انهيءَ آزار ملڻ کان پوءِ پنهنجي پرينءَ جي تلاش ۽ جستجو ۾ نڪري پچي راس ٿي:

منڊ! جڏيندا ڪيترو، جي هلان هلان ڪن،
اوڻي انهيءَ پار جون، پنڊ پچارون ڪن،
سسئي کي ”صديق“ چئي، جاڳايو جتن،
پينر مان پرن، هن سوريتيءَ جا سپرين.
(بلوچ، 1981ع: ص 154)

صديق فقير جي سسئي کي صلاح ته پنهنجي منزل ماڻڻ لاءِ پاڻ وڃائي پنڊ ڪر ته پوءِ ڪنهن طرح تنهنجو نصيب توکي محبوب سان ملائي.

پاڻ وڃائي پنڊ ۾، هاڻي ڪاهِلي،
”صادق“ ان سسئي کي، ويا سور سلي،
پينر پاڳ پلي، مان ملان اوڻين.
(بلوچ، 1981ع: ص 150)

5.11.8 اڻ سونهين کي شرڪ ۽ شڪ: انسان کي سخت مشڪلاتن ۾ ڪيئي وهم ۽ وسوسا ٿين ٿا ۽ پنهنجي پختي ارادي ۽ توڙ تائين پهچڻ واري عزم تان ٽيڙ ڪائڻ لڳي ٿو، انهيءَ ڪيفيت کي عيان ڪندي صديق فقير چئي ٿو.

هڪ جبل جاڏا اپريا، ٻيو جهنگل پوءِ جَهڪَّ،
اچن اڻ سونهين کي، شِرڪ گهٽائي شَڪَّ،
سي لنگهيائين لَڪَ، ڪنهن سبب سان ”صديق“ چئي.
(بلوچ، 1981ع: ص 156)

شاهه لطيف به سسئي جي بيوسي، بيزاري ۽ مايوسي واري عارضي ڪيفيت بيان ڪئي آهي:

”ڪوءِ هاڙهو! بَنِ هوتُ! ڪوءِ پنهون، بن پريتڙو!“
(آڏواڻي، 2013ع: ص 170)

1.11.9 چپر ڪٽوري ٿيو: صديق فقير سسئي جي جبل جهاڳڻ ۽ ٽڪر ٽاڪڻ جو منظر منفرد ۽ نرالين تشبيهن سان نروار ڪري ٿو، هن ’صدا‘ (وائي) ۾ چوي ٿو ته، ”اي ماءُ! ٽڪر منهنجا پير گسائي ڇڏيا آهن، اها عورت جڏ ڪنگوءَ ٽاري جيان ڳاڙهي ٽي وئي هجي. سڄو جيل ڪستوريءَ خوشبو جيان واسجي ويو، جڏ وڻن جو تازو ٻور مهڪيو هجي. پٽنگ به صبوح جو اچي ويا ۽ مور منهڙن تي اچن لڳا آهن.

ٽڪَرَ ماءُ پيرَ ٽَرٽيا، سا منڊ ڪنگُوءِ ڪور،
چپر ڪٽوري ٿيو، ڪر تازڙي ڦلن ڦور،
اچن پرهه پٽنگيا، ڪريا منهڙا ۽ مور.
(بلوچ، 1981ع: ص 159)

لطيف سائين سسئي کي صلاح ڏيندي چوي ٿو:

تتيءَ ٺڏيءَ ڪاهه، ڪانهي ويل ويهڻ جي،
متان ٿئي اونداهه پيرُ نه لهين پرينءَ جو.

صديق فقير چوي ٿو ته:

صباح ناهي ”صديق“ چئي، اڻي اورج هير،
ڏگها ڪري پير، پئي ويهندي پٽ ۾.

5.11.10 سسئيءَ جو عزم: صديق فقير سسئي جي عزم، پختي ارادي ۽ حشمت جو پرپور اظهار ڪري ٿو:

جا هڪل ڪيم هوت کي، چاڙهيڪن چڙهي،
تنهن لَڪَّ سپيئي لهسيا، ويو ساڻ سڙي،
واڪو ناهِه وَڻِي، ٻاروچاڻي ذات جو.
(بلوچ، 1981ع: ص 151)

شاهه لطيف چيو ته پنهونءَ جي فراق ۾ سسئي جي آهه و زاري جو اهڙو اثر ٿيو جو اهڙي ڪوسي لوءَ لڳي جو سڄو جهان ان جي تپش ۾ لهسجي ويو.

”لڳي ڪوسو واءُ، لوڪ مِڙوئي لهسيو.“
(آڏواڻي، 2013ع: ص 100)

شاهه لطيف سسئي جي بيان ۾ چيو ته پاڻ کي هستي پانيم تيسين جدائي جو عذاب هو، پر جڏهن وجود وجايم تڏهن پاڻ ئي محبوب ٿي پيس.

”پنهونءَ ٿيس پاڻ سسئي تان سُور هئا.“
(آڏواڻي، 2013ع: ص 107)

5.11.11 پنهون ٿيس پاڻ، ڏوريان مُ لهان: صديق فقير انهيءَ مٿانهين معنيٰ ۽ مطلب واري نڪتي کي نروار ڪندي چيو ته:

جيئري جدا ڪَينَ ڪِين، مُئي به تهين ساڻ،
پنهون ٿيس پاڻ، ڏوريا ڏوريان نه لهان.
(بلوچ، 1981ع: ص 150)

صديق فقير صادق شاهه لطيف جي شاعريءَ کان متاثر ضرور آهي، ۽ سندس بيت شاهه لطيف جي فڪر جي معنيٰ ۽ مطلب کي وڌيڪ چٽو ڪن ٿا. جڏهن ته:

”ڪن سُرن هيٺ ڪي بيت نون ظاهري اهجاڻن ۽ نون موضوعن بابت آهن، جيڪي فقير صاحب جي پنهنجي ذاتي ذوق ۽ فڪر جو نتيجو آهن.“ (بلوچ، 1981ع: ص 16)

صديق فقير ”صادق“ پنهنجي دؤر جو اڳواڻ صوفي پرچارڪ ۽ پيشوا رهيو آهي، سندس سسئي بابت ۽ ٻئي ڪلام ۾ يقيني طور جدت، نيرنگيون ۽ نرالو فڪر ۽ فهم به واضح نظر اچي ٿو.

5.12 ٻيل فقير:

5.12.1 حياتيءَ جو احوال:

سنڌ جو هي ٻهڳڻو شاعر 1865ع ۾ شڪارپور ويجهو ’بخشي انڑ‘ نالي ڳوٺ ۾ فقير عبدالواسع انڑ جي گهر ڄائو. فقير عبدالواسع عرف وسيو سالن کان اولاد لاءِ سڪايل هو. ڪريم بخش خالد لکي ٿو ته:

”سالن کان اولاد جي اساڻ ته ختم ٿيس، پر عبدالواسع کي اها ڄاڻ نه هئي ته سندس نينگر سڄي ڄمار عشق الاهيءَ جا جام پيئڻ جي باوجود، اُجيو ۽ اساڻيل ئي رهندو. خود کان بي خبر، مستانن جيان واڻن تي وهندڙ، جهنگ جالينڊڙ، رنگ ڍنگ ۾ نرالو، ڳالهه ٻولهه ۾ بانولو، ٻيل پنهنجي اباڻي ڪِرت ۾ لڳي ويو، ديورن جو ڏنار، ڪُلهي تي يڪتارو رکي ياد ڪرڻ لڳو، پنهنجو يار ڇيائين: ”سگهڙو مونڃ يار، توکي وينا ساريون.“
(خالد، 2005ع: ص 19)

ٻُڌل فقير درگاهه پير ڳوٺ جي ٽئين گادي نشين پير حزب الله شاهه راشدي جيڪو نه صرف پاڻ پڪو پختو شاعر هو پر خليفي نبي بخش قاسم ۽ ٻين کي شاعريءَ جو ذوق ۽ شوق ڏيارينڊڙ ۽ اتساهيندڙ پڻ هو، تنهن جو مريد ٿيو ۽ گهڻو ڪري گوشائتو ٿي رهندو هو.

مرشد جي نظر عنايت ڪيس گس سان لايو، هو جيڪو ظاهري ۽ رسمي علم کان اڃاڻ هو، علم ۽ حڪمت جو هادي ۽ رهبر بنجي ويو.

”سائين حزب الله شاهه به ٻيڙي کي ٻلواڻ بنائي ڇڏيو. هڪ ئي نظر ۾ نينهن جو نظارو ٿي ويو. سندس هنيون حڪمت ۽ معرفت جو ماڻ ٻُڌجي پيو ۽ دل دوئيءَ جي دلدل کان وانجهي ٿي ويئي. ڪسبي علم جي ضرورت نه رهي ۽ عشق جا آلاپ، جالاري جر جيان جاري ٿي ويا.“ (خالد، 2005ع: ص 16)

ٻيل فقير پنهنجي حياتيءَ جو آخري وقت به گوشه نشين ٿي گذاريو. سندس وصال 12

آڪٽوبر 1939ع تي ٿيو.

5.12.2 ٻيڙ فقير جي شاعري:

ٻيڙ فقير جو ڪلام سنڌي ۽ سرائڪي زبانن ۾ بيتن ۽ ڪافين جي صورت ۾ آهي، جيڪو گهڻو ڪري صوفياڻي مزاج ۽ فڪر جو آهي. جڏهن ته مجازي موهه جا پُرسوز ترانا به خوب ڳايا اٿس.

5.12.3 شاهه لطيف ۽ سچل جو رنگ:

”ٻيڙو فقير بنيادي طور ڪافيءَ جو شاعر آهي، هن سنڌي اساسي شاعريءَ جي روايت کي بحال ڪيو ۽ نيم ڪلاسيڪي داستانن جهڙوڪ: سسئي، مارئي ۽ سورٺ ۽ پنجابي قصي هير رانجهي کي ڳايو. عارفانه موضوعن تي، سندس بيت ۽ ڏوهيڙا، شاهه پڻائي ۽ سچل سائين جي رنگ ۾ رنگيل آهن.“ (خالد، 2005ع: ص 17)

ٻيڙ فقير جي ڪلام ۾ سچل، بيدل ۽ سندس همعصر شاعرن جو اثر نمايان نظر اچي ٿو:

چوڙ گمان گدائي دا،
شملا چا پَڌ شاهي دا.
(سچل)

دنيا چوڙ ته دلبر ويڪين، آهين نور الاهي دا،
تو ۾ آهي ذات ظهورو، شملا چا پڌ شاهي دا.
(ٻيڙ فقير)
(سرڪي، 2005ع: ص 180)

5.12.4 سچل جي وحدت الوجودي فڪر ۽ بيباڪي جو اثر: سچل جي وحدت الوجودي فڪر ۽ بيباڪي جو اثر پوءِ وارن شاعرن تي ڇٽو ۽ نروار آهي، سچل چيو ته:

ڪڏهن عيسيٰ، ڪڏهن موسيٰ، فرعون ٿي حڪم هلايم ٿي،
ڪڏهن منصور، ڪڏهن شمس الحق، اهي سِر تي سُور سهايم ٿي.
(قلي بيگ، 2008ع: ص 204)

خواجه غلام فريد چيو ته:

”وه دلبر ڪر سينگار آيا، هر صورت دي وچ يار آيا!“

ٻيڙ به ساڳيا نعرا هنيا ۽ نوبتون وڄايون آهن:

وهه دلبر ڪري سينگار آيا
هر صورت دي وچ يار آيا
ڪاڻي سوريءَ تي منصور ڏنم
ڇئي اناالحق اظهار آيا.
(سرڪي، 2005ع: ص 173)

ٻيڙ فقير سُر وار بيتن ۽ ڪافين ۾ عشق ۽ عاشقن جي اپڻار نهايت اثرائتي انداز ۾ ڪئي آهي، سُر يمن ڪلياڻ ۾ چوي ٿو ته:

عشق جنهن سِر آيو، سي ڪُڻا ڪين ڪچن
سوريءَ سندي سِر ڪان، غازي ڪين گُسن
اُهي پر پچن، سِر جنهين جا ستُ ۾.
(سرڪي، 2005ع: ص 46)

سچل چيو ته:

جنهن دل دل پيتا مئي دا جام،
سا دِل مستو مست مدام.
(قلي بيگ، 2008ع: ص 117)

ٻيڙ به انهيءَ زمين ۾ ڪافي ڇئي آهي:

جنهن دل ويڪيا نور جمال،
سا دِل مستئون مست خيال.
(سرڪي، 2005ع: ص 241)

سُر سورٺ ۾ ٻيجل جي ڪلا جي ڪمال ۽ راءِ ڏياڻ جي عجيب ۽ نرالي قدرداني کي هن ريت سراهي ٿو:

ماڙيءَ آيس منگتو، هل ڪري هولي
تنهن سالڪ وڃائي ساز ۾، ڪا ٻاجهاري ٻولي
هن کي راحت راڳ مؤن، آئي لئو لئو ۾ لولي
پوءِ گهوٽ ڪٽي گهولي، سِسي ساهه صدقي ڪئي.
(سرڪي، 2005ع: ص 67)

ٻيڊل فقير پاران ٻيجل جي ڪلا جي اهڙي سراهه ان ڪري به ڪئي ٿي ڏسجي جو هو پاڻ ڳائڻ ۽ وڃائڻ جو شوق رکندو هو ۽ يڪتارو ڪُلهي تي رکي پيو جهونگاريندو هو.

مارئي جي من جي حالت دِل پچائيندڙ لفظن ۾ بيان ڪئي اٿس:

تِن مارن جا ميان عمر، سُورُ وڃن ٿا ساڙيون،
رنجايل جي روح ۾، پل پل پور پون،
سانگيئڙن کي ساريون، نت نت نيڻ وهن،
بيوس ٿي هان بند ۾، روز ڪريان ٿي راڙيون.
(سرڪي، 2005ع: ص 222)

5.12.5 جادو لڳڙا يار دا: سُر هِير رانجهو ۾ هير جي هوش ۽ عقل کان هليو وڃڻ جي وارتا بيان ڪندي چوي ٿو ته:

جادو لڳڙا يار دا
ڳيا هوش عقل ڪم ڪار دا
جادو جانب روز چَلايا
چم چم ڪر ڪي جوڳي آيا
جوڙ ڪيتس جنسار ميان.
(سرڪي، 2005ع: ص 244)

5.12.6 ٻيڊل جي ڪلام جي مقبوليت: ٻيڊل فقير جي سادي، عام فهم ۽ پُرتاثير شاعري هنڌين ماڳين مشهور ٿي، ڳوٺاڻين محفلن ۽ مجلسن ۾ سندس ڪلام رونق افروز هوندو هو، پير علي محمد شاهه راشدي لکي ٿو ته:

”منهنجي سانيڀر ۾، سندس ڪلام ننڍي وڏي جي وات تي هوندو هو، ڪوبه ڳائيندڙ اهڙو ڪونه هوندو، جو شروعات ٻيڊل فقير جي ڪلام سان نه ڪندو.“ (سرڪي، 2005ع: ص 22)

ٻيڊل فقير جي ڪلا جا ڪرشما ۽ فڪر جي اُڏام سنڌ کان ٻاهر بلوچستان ۽ هندستان تائين وڃي پهتي.

نياز سرڪي ٻيڊل جي ڪلام جي مقبوليت بابت لکي ٿو ته:

”اُتر سنڌ جي سمورن شاعرن کان گوءِ ڪٽي ويو آهي، يعني تمام گهٽو ڳايو ۽ ٻڌو وڃي ٿو. سنڌ ۽ بلوچستان ۾ سندس ڪلام کي عام مقبوليت حاصل آهي. سنڌ کان سواءِ هندستان ۾ شاهه ۽ سچل کان پوءِ ٻيڊل فقيرؒ جو ڪلام ٻڌو ۽ ڳايو وڃي ٿو ۽ اتي فقير جون ورسيون به ملهايون وڃن ٿيون.“ (سرڪي، 2005ع: ص)

بيشڪ سيني جي سوز، صدق دِل سان ڪيل روح جي رهاڻ ۽ محبت جا ٻاريل مچ اهڙي تاثير رکن ٿا، جو اهي سيني به سيني منتقل ٿيندا وڃندڙ واس وانگر پرانهن پنڌن تائين پکڙجي وڃن ٿا.

ڀيل فقير جو سسئي بابت ڪلام:

سسئي جا سور ته سيني شاعرن ڳايا آهن، ڀيل فقير به شاهه لطيف جيان سسئي جي چمڙ سان ئي سورن جي ور چڙهڻ جو بيان ڪيو آهي ۽ سسئي کي لڳل نينهن جي نيزن جي درد جو داستان نهايت دردیلي انداز ۾ بيان ڪيو آهي.

سنجرندي سورن جي، پهريائين پوشاڪ،
جان ساماڻي سسئي، چڪي پيئڻس چاڪ،
برهه هڏي بيتاب ڪئي، ڪيس ڦيري ڦٽ فراق،
دل ڦاڙيون دانهون ڪري، پيا اُپ ڏرن افلاڪ،
پرور ڏٽي پاڪ، هن کي ميڙ هاروچو ڀيل چوي.
(سرڪي، 2005ع: ص 53)

ڀيل چوي ٿو ته سسئي کي پنهونءَ جي پريت جا سُور سلڻ جهڙا نه آهن:

سور مڙيئي سور، پر سور نه سلڻ جهڙا،
مون کي تنهن محبوب جا، پل پل پون پور،
گهائي وڏو گهور، هاروچل جي ڀيل چوي.
(سرڪي، 2005ع: ص 53)

5.12.7 بَر ٿيو بازار: سسئي جي ستن ڏينهن جي بيان ۾ سندس درد پري داستان جا ڪي ٽاڪا بيان ڪندي جمعي ڏينهن جو احوال ڪندي لکي ٿو ته:

ڏيئي جذبو جمعي ڏينهن کي، نرتئون هلي نار،
سا ويهي ورمي ڪينڪي، اچيس ڪين قرار،
ساڻ صفائي ساهه جي، هن کي بر ٿيو بازار،
لڳس پاڻ پروچ جو، پيس جيءُ جُسي ۾ جار،
ڪامڻ سا ڪنوار، ٿي رواني روهه ڏي.
(سرڪي، 2005ع: ص 55)

هتي ڀيل سسئي جي صدق سامهون بَرَ کي بازار ڪري پسائي ٿو.

شاهه لطيف سسئي جي سِڪ اڳيان پهاڙن کي پالکي ۽ وڏين ڇپن کي آرامده هنڌ بسترو قرار ڏنو آهي.

”ڇپون ڇپر ڪٽ، پهڻ پٽراٽيون پاڻئيان.“
(بلوچ، 1999ع: ص 351)

ڀيل فقير به شاهه لطيف جيان سسئي پاران ڪاوڙ، ڪروڌ ۽ عشق جي اساڻ ۾ پنهور کي ساڙي پسم ڪرڻ واري ڪيفيت بيان ڪري ٿو:

جاني ريءَ جهان ۾، مون کي جيئڻ آهه جنجال،
ڏيندیس باهه پنهور کي، ويندیس مڏيون ساڙي مال.
(سرڪي، 2005ع: ص 55)

5.12.8 ڀيل جي ڪلام ۾ سسئي جو عزم: ڀيل فقير سسئي جي ’ڏيهن ڏينهن‘ جي بيتن ۾ سسئي جي سورن، ثابت قدمي ۽ عزم کي خوب نروار ڪيو آهي، هو سسئي جي جذبن ۽ جولانن کي چوٽي تائين کڻي ويو آهي:

هن ڪوٺن رات رسي ويا، ڪري ڏير ڏمر،
سا پهرين ڏينهن پنڌ پئي، ٻڌي سِڪ ٿمر،
ريلا روئي رت جا، ڪيائين پاڻي سپ پٿر،
ڪنڊي وڃي ڪيچ ڏي، لايون ڏم ڏچر
وينگس پنهنجو ور، آءٌ ووڙيندیس وٽڪار ۾.
(سرڪي، 2005ع: ص 56)

جيئن شاهه لطيف سسئي جي جبل کي ڪيل للڪار لکي آهي.

”آڏو ڏکر ڏر، متان روهه رتيون ڏئين.“

تيئن ٻڌل به سسئي جي اهڙي عجب جهڙي دليري ۽ بي ٻڌائيءَ کي بيان ڪيو آهي:

اچي جاڳيس جيءَ ۾، جوراٽا ۽ جَل،
هڪڙيءَ ساڻ هڪل، پئي پهڻ کي پرزا ڪري.
(سرڪي، 2005ع: ص 57)

5.12.9 سسئي جي نئڙٽ ۽ نهنائي: سسئي جيتوڻيڪ محبت جي ماري آهي ۽ ڏکايل آهي پر پوءِ به هن جي همٽ ۽ حوصلو تِهائين اوچو ۽ عظيم آهي، هوءَ جيڪا پهاڙن ۽ جهنگ جي جانورن سان پئي جهيڙي سا پريتم پنهونءَ لاءِ ڪمال جي ڪوملتا ۽ نرمل جذبا رکي ٿي ۽ اهڙي اٽموٽ سورمي جي وري نئڙٽ ۽ هيڻاهين هلت به عجب جهڙي آهي، شاهه لطيف چيو ته:

”هوءَ جا پائن پير ۾، تنهن جُتي نه جيهي.“

ٻڌل سسئي جي سندس انهيءَ انمول خوبيءَ کي خُوب نشانبر ڪري ٿو:

”پنهل جي پيزار جي، آءٌ ڪٽي چمنديس خاڪ.“
(سرڪي، 2005ع: ص 60)

5.12.10 شمع چمڪي ڪيو شعاع: ٻڌل فقير سسئي کي سُهائي ڏينڊڙ شمع سان تشبيهه ڏيندي چوي ٿو ته سورهيه سورمي جي روشن رُخ تجلا ٿي ڏٺا، جنهن ڏونگر ڏڪائي چڏيا ۽ پکين ۾ پڙلاءُ پيو، سسئي جي روئڻ ۽ رڙڻ جا آواز ۽ دردليون دانهون ٻڌي جبل به دهلجي ويا:

چمڪي چويهين ڏينهن کي، ڪيو شمع شعاع،
ڏڪي سڀ ڏونگر ويو، پيو پکين ۾ پڙلاءُ،
دانهون ٻڌي دهليو وڃي، ٿوجبل جلدي جاءُ،
عشق جي اليل جو، جنهن کي آيو گهاءُ،
ڪل نه ٻئي کي ڪا، جن لڳو تن لِکيو.
(سرڪي، 2005ع: ص 62)

شاهه لطيف چيو ته سسئي جا ٻڌون ۽ پاراتا جبل تي به وڃي پيا، سندس اهي دانهون جبل کي به چيري ويون:

ڏکيءَ سنديون ڏونگرين، پسو ٻڌون پونِ،
ڏاري ڏونگر کي، سو ڪين چيو چونِ،
آريءَ جي افسوس ۾، ماڙهو مڙون رُونِ،
ان پر سيئي هُونِ، هينئڙا جَن هڇي ويا.
(بلوچ، 1999ع: ص 340)

5.12.11 ڪا محبت ڪانيهوَ مَن: ٻڌل فقير جي سرتين پاران کيس سمجهائڻ ۽ سسئي جي ورندين جو احوال دلپذير نموني بيان ڪيو آهي. سرتيون سسئي کي چون ٿيون ته هوت هِتان هليا ويا، تو جاڳي، پرينءَ جي پرگهور نه لڌي ۽ صبح جو سجاڳ ٿئين:

سرتين سسئي کي چيو، حال ويهي هڪ جاءِ،
هو ٿي روانا رات کي، لڌي لوءِ وياءِ،
تون جاڙئون جاڳئين ڪينڪي، صبح سڏ ڪياءِ،
هاڻي ساهه ڪٽي سمجهاءِ، چو مُني پئي آهين معاملي.
(سرڪي، 2005ع: ص 64)

سسئي سرتين کي جواب ڏيندي چيو ته:

ڪانه چڪي ٿو چاه مؤن، ڪا سُرڪ سندي سورن،
پسيو تان پٽر پئو، ڪامو منجهه ڪورن،
ائين جرڪو جيءَ ۾، جيئن توءِ آهي تنورن،
ڪا محبت ڪانيهوَ من، تيلاهون ٿيون طعنا هٽو.
(سرڪي، 2005ع: ص 64)

5.12.12 پنهنجو وجاءِ پاڻ: شاهه لطيف سسئي کي صلاح ڏيندي چوي ٿو ته تون هڪ پيرو پنهنجي وجود کي وجاءِ فنا ڪري ڏس ته محبوب سان وصال جي ويجهو ٿئين:

”هيڪر هُئڻ وجاءِ، ته ويجهي ٿئين وصال کي.“

(بلوچ، 1999ع: ص 288)

پڊل فقير به انهي پاڻ وڃائڻ واري فڪر جي ڦرهي سسئي جي صورت ۾ جستجو ۽ طلب وارن کي سمجهائيندي چوي ٿو ته:

اهي پٽيندين پَر لئه، جن کي لڳو پاڻ،
پاروچل پڊل چوي، ويس ڪُهي ڪاتيءَ ساڻ،
پنهنجو وجاءِ پاڻ، ڪيائون حاصل صورت حق جي.
(سرڪي، 2005ع: ص 65)

لاشڪ پنهنجو پاڻ کي فنا ڪري، پنهنجي آنا، تڪبر ۽ هٺ کي ختم ڪرڻ سان ئي ڪا محبوب منزل ماڻي سگهجي ٿي.

پڊل فقير ڪافين ۾ سسئي جي دردن جو داستان بيان ڪندي چڙ پنهنجي اندر جي آگ عيان ڪئي آهي.

شاهه لطيف جي وائي:

”سڃڻ ري نه سري، ڪا پينر هن پنپور ۾.“

جي پران چيل هن ڪافي ۾ چوي ٿو ته:

دردن ڏوڏ دکايا، اندر آگ ٻري ڪا،
محبت منهنجي من ۾، ڪج نه ڏول ڏري ڪا،
سمهان سمهڻ نه اچي، چاڪن ڪيس چري ڪا،
لئو پڊل جي لعل ڪيو، ڪلي دل دري ڪا.
(سرڪي، 2005ع: ص 193)

پڊل فقير به شاهه لطيف جيان سورن کي سسئي جا سونهان سڏي ٿو:

سرتيون سور ٿيا ٿم سونهان،
درد دکايا دل منجهه دونهان،
من ۾ ٿو مچ ٻري ڙي ٻري،
ساعت کين سري ڙي سري ڙي.
(سرڪي، 2005ع: ص 210)

5.12.13 سسئي جا سُور، ڪشالا ۽ پختو ارادو: پڊل فقير سسئي جي سفر جي ڏکئي ۽ اڻانگي پنڌ جي پچار ۽ پختي ارادي جو نهايت اثرائتو اظهار ڪري ٿو:

پنهل جا پيرا، ڏورينديس ڏونگر ۾،
اوکو پنڌ پهاڙ جو، وڪڙ اويرا،
سورن ساڙيو ساهه کي، جلن ٿا جيرا،
ڏسان شال اکين سان دلبر جا ديرا،
ڪندو ٻاجهه پڊل چوي، ميڙيندو ميرا.
(سرڪي، 2005ع: ص 205)

5.12.14 محبوب جي مهر جي طلب: هتي پڊل فقير جي سسئي محبوب جي مهر جي به طالب ٿئي ٿي ته، اهو سندس خطائون بخش ڪندو. پڊل فقير صوفي شاعرن جي ست جو سورمو شاعر آهي، جنهن جي ڪلام ۾ وحدت جون وايون آهن ته مجاز جو موهه ۽ مستي به آهي. سسئي بابت ڪلام ۾ هو شاهه لطف جي فڪر ۽ بيان کان گهڻو متاثر نظر اچي ٿو ته، سندس پنهنجو الڳ اظهار ۽ انداز بيان به آهي. جنهن ۾ هن نينهن جا نعرا هڻندي، عشق وارن تي آيل آزمائش، سختين ۽ سورن جو بيان پنهنجي ڪامل شاعراڻي فڪر واري سونهن پري سگهه سان ڪيو آهي ۽ طلب جي راهه جي رمتن کي پنهنجو وجود وجائي، آنا، خودي ۽ هَٺ ڇڏي نئڙت ۽ نياز سان پريت پاڙڻ ۽ محبوب ماڻڻ جي صلاح ڏئي ٿو.

5.13 بلها شاهه:

5.13.1 بلها شاهه جو زمانو:

شاهه عبداللطيف ڀٹائي ۽ بلي شاهه سيهوڳي شاعر هئا، هنن جو دور مغلن جي سامراجيت وارو زمانو هو.

شاهه لطيف جي هن همعصر شاعر بلها شاهه جي وقت ۾ سندس خطي جون حالتون سياسي، توڙي سماجي طور تي تمام بگڙيل هيون، مذهبي شدت پسندي، ٻاهريان حملا، سماجي ناانصافي، ڦرلٽ ۽ مارا ماري، انارڪي (Anorchy) واري صورتحال پيدا ڪري ڇڏي هئي، ڊاڪٽر امجد علي ڀٹي لکي ٿو ته:

> ”بلھے شاہ کا زمانہ سماجی، معاشی اور سیاسی لحاظ سے انتشار، ٹوٹ پھوٹ اور بدنظمی سے بھرپور تھا، جس کا لازمی نتیجہ سماجی اور معاشی زندگی پر برے اثرات کا پڑنا تھا۔ سماجی بدحالی اور لوٹ کھسوٹ نے عام آدمی کا جینا مشکل کیا ہوا تھا اور چھار جانب آپا دھاپی اور نفسانفسی کا عالم تھا۔ انسانی خون پانی سے بھی سستا ہوگیا تھا، جس سے معاشرے میں پہلے سے موجود طبقاتی اونچ نیچ میں تیزی سے اضافہ ہوا۔“ (بھٹي، 2015ع: ص 10)

پنجاب ۾ سک ۽ هندو مذهبي تفرقي بازي ۽ تعصب جو شڪار هئا. اورنگزيب جي ڪٽر مذهبي سوچ جي اثر هيٺ انهن ٻنهي مذهبي گروهن خلاف ڪارواين تيز ڪيون ويون. سِکن ۽ هندن اهڙي رياستي ڏاڍ ۽ جبر جي مزاحمت ڪئي ۽ ان جي موٽ ۾ پڳتي تحريڪ ۽ شڏي تحريڪ هيٺ مسلمانن کي نشانو بڻايو ويو، سکن جي مذهبي اڳواڻ گرو ارجن سنگهه ۽ وحدت الوجودي صوفي ميان مير سنڌي جيڪو اورنگزيب جي ڀاءُ داراشڪوه جو مرشد هو، انهن ٻنهي کي قتل ڪيو ويو.

5.12.2 مذهبي تعصب ۽ شدت پسندي جا هاڃا: بلها شاهه تي انهن خلق آزاريندڙ ۽ ڏکوئيندڙ حالتن جو تمام گهڻو اثر ٿيو ۽ هن مذهبي تنگ نظري کي خوب نديو ۽ ان کان لاتعلقي ڏيکاري:

نہ میں مومن وچ
مسیتاں،
نہ میں وچ کفر
دیان ریتاں،
بلھا کی جاناں میں
کون۔
(پوري ۽ شنگاري، 2007ع: ص 253)

5.13.3 جيوين دلان پنجاب لُٽي: پنجابي ٻولي جي هڪ ٻئي وڏي ۽ بلها شاهه جي همعصر شاعر وارث شاهه (پيدائش 1709ع) ان دؤر جي پنجاب جي حالتن بابت پنهنجي ڪلام ۾ ساڳي وارتا بيان ڪئي آهي. ”سڄي پنجاب ۾ خرابي آهي پر مون کي قصور ڇي حالت تي وڌو افسوس آهي. اشراف ماڻهو جي عزت گهٽ، ڪميڻي، پوءِ ڏائي امير جي وڏي

لئي آهي، جيئن دلن پنجاب کي قُريو ائين جوڳي کي لُٽي برباد ڪيو اٿن. مُنهن ملن جهڙو پر ڪردار ۾ قصائي، اهي اسان جا نيڪوڪار ۽ چگا ٿيو ويڻا آهن.“

- سارے ملک پنجاب خراب وچوں سانوں وڈا افسوس قصور دائے۔
- اشراف خراب، کمین تازہ زمیندار نوں وڈی بہار ہوئی۔
- وارث شاہ جیون دَلاں پنجاب لُٹی تیویں جوگی نوں لُٹ اجاڑیا نیں۔
- داڑھی شیخاں دی چھرا قصایاں دا بیٹھ پر ہے، وچ پنچ سدائوندے نیں۔

(طاهر، 2015ع: ص 18)

اهڙين حالتن جي جبر جي موٽ ۾ ردِعمل طور جيڪي تحريڪون هليون ۽ مزاحمت ڪئي وئي، بلها شاهه ۽ ٻين صوفي شاعرن جي شاعري ان دؤر جو ئي داستان آهي.

5.13.4 بلها شاهه جي حياتيءَ جو احوال:

بلها شاهه، مغل بادشاهه اورنگزيب جي زماني 1680ع ۾ اُچ گيلانيان، بهاولپور ۾ ڄائو، سندس والد جو نالو سخي محمد درويش هو جيڪو پڻ عربي، فارسي ۽ قرآني تعليمات جو وڏو ڄاڻو ۽ نيڪ سيرت انسان هو.

بلها شاهه جو اصل نالو عبدالله شاهه هو، جيڪو پوءِ بلها شاهه ٿي ويو. ماڻهو محبت وچان ڪيس بلهي شاهه، بلها شاهه يا وري فقط بلها چون. سندس هڪ ’ڳنڍ‘ ۾ سندس نالو ظاهر ٿئي ٿو.

هُن اِناللہ آکھ کے، تم کرو نگاہیں،
اللہ ہی سبھ ہوگیا، عبداللہ ناہیں۔

(پوري ۽ شنگاري، 2007ع: ص 458)

5.13.5 تعليم جو سلسلو: بلها شاهه ابتدائي تعليم پنهنجي والد کان حاصل ڪئي (جيڪو مسجد جو پيش امام ۽ معلم به هو) ۽ پوءِ وڌيڪ تعليم لاءِ ڪيس قصور موڪليو ويو، جتي عربي، فارسي جي چگي تعليم حاصل ڪيائين.

5.13.6 مرشد جي رنگ ۾ رنگجڻ: بلها شاهه جي شخصيت تي سندس مرشد عنايت شاهه قادري (وفات: 1728ع) جو تمام گهڻو اثر ٿيو. هي بزرگ وڏو عالم ۽ ڪيترن ئي فارسي ڪتابن جو مصنف هو، جن ۾ معرفت جي منزلن جو خوب ذڪر ڪيو اٿس.

”آپ نے فارسی میں معرفت کی کئی کتابیں لکھیں، جن میں "دستور العمل"، "اصلاح العمل"، "لطائف غیبیہ" اور "اشارت التابعین" خاص طور پر مشہور ہیں، آپ نے "دستور العمل" میں سات روحانی منزلوں کا ذکر کیا ہے، قدیم ہندو رِشی مُنی "ہنس" کا رتبہ حاصل کرنے کے لئے ان مراحل سے گزرنا ضروری سمجھتے تھے۔“

(پوري ۽ شنگاري، 2007ع: ص 6)

عنايت شاهه قادري ڪجهه وقت قصور ۾ به رهيو، پر مقامي حاڪم جي مخالفت سبب اُتان لڏي اچي لاهور ۾ رهيو ۽ عنايت شاهه لاهوري جي نالي سان به مشهور ٿيو، سندس مقبرو به لاهور ۾ آهي.

بلها شاهه مرشد جي رنگ ۾ رنگجي ويو، مرشد لاءِ سندس من ۾ حد کان وڌيڪ احترام، عقيدت ۽ محبت موجزن ٿي وئي ۽ بي اختيار چئي ڏنائين ته:

بلھیا جے توں باغ بھاراں لوڑیں
چاکر ہوجا رائیں دا۔
(پوري ۽ شنگاري، 2007ع: ص 255)

اهڙي طرح هن مرشد جي مريدي ۾ اچڻ تي جيڪو ذات جو آرائين هو بلهي شاهه جي مائڻن کي مڃيان لڳي ته هڪ سيد زادو ڪيئن ٿو هڪ اُمتي کي مرشد بڻائي! بلها شاهه اها حڪايت هن ريت بيان ڪري ٿو:

بلھے نوں سمجھاون آئیاں، بھیناں تے
بھرجائیاں،
آل نبیؐ اولاد علی دی توں کیوں
لیکاں لائیاں،
مَن لے بلھیا ساڈا کہنا، چھڈ دے پلہ
رائیاں۔
(پوري ۽ شنگاري، 2007ع: ص 458)

5.13.7 آرائين جو مريد ٿيڻ تي مامرو: بلها شاهه خاندان وارن جي زور پرڻ تي آرائين مرشد کان ته منهن نه مڙيو پر سندس مرشد سان محبت ۽ عقيدت اڃان به اٿاهين ٿيندي وئي.

طارق عزيز شيخ لکي ٿو ته:

”بلها شاهه جي مرشد سان عقيدتمندي ۾ ايتري ته پختگي هئي جو مٿس مائڻن جي رکيل نالي عبدالله شاهه (بلهي شاهه جو ٻانگ جو نالو) کي ختم ڪري شاهه عنايت قادري کان سندس نالو رکايس جيڪو هن ’بلهي شاهه‘ رکيس.“
(شيخ، 1998ع: ص 36)

باطن ہوکے ظاہر
ڈھائیو،
گھونگھٹ کھول
جمال دکھائیو،
شاہ عنایت بن کر
آئیو،
اتے بلھا نام رکھایو۔
(پوري ۽ شنگاري، 2007ع: ص
458)

هي سچو صوفي ۽ سرمست ذات پات جو هڻ ۽ غرور ڪرڻ وارن کي دوزخي چوي ٿو ۽ ماڻهو ۾ موجود مڙيا ۽ من جي ميل کان پاڪ، اندر جي اُجري انسان جي عزت ۽ احترام ڪرڻ لاءِ صلاحي ٿو. توڙي جو اهو معمولي ذات جو چو نه هجي.

جھیڑا سانوں سید آکھے، دوزخ ملن
سزایاں،

جيهڑا سانوں رائیں آکھے، بهشتی
پینگاں پائیاں۔
(پوري ۽ شنگاري، 2007ع: ص 254)

بلها شاهه جي پنهنجي مرشد سان عقيدت ايتري ته وڌي وڃي ٿي جو ڪيس دين، ايمان ۽ دين ۽ دنيا چوي ٿو:

”ان تي ئي بس نٿو ڪري، محبوب جي ذات ۾ خدا جو روپ ڏسي ٿو ۽ ان کي خدائي صفت جيان هر هنڌ حاضر چوي ٿو:

ساون سو ہے مینگھلا، گھٹ سوہے
کرتار،
ٹھور ٹھور عنایت بسے، پپیہا کرے
پکار۔
(پوري ۽ شنگاري، 2007ع: ص 13)

بلها شاهه جي وفات جي پڪي پختي تاريخ ته موجود نه آهي، البته محققن جي اندازن موجب هن 1785ع ڌاري وفات ڪئي.

5.13.8 ڪفر جا فتويٰ: زماني جا عجب رنگ آهن جو جنهن بلها شاهه کي اڄ هر مڪتبئه فڪر، مذهب ۽ طبقي طرفان توڙي سرڪاري طور تي وڏي مڃتا مليل آهي ۽ سندس ذڪر نهايت ادب ۽ احترام سان ڪيو وڃي ٿو، ان ئي بلها شاهه جي وفات تي مُلن ڪيس سندس باغي ۽ انقلابي فڪر ۽ ڪردار سبب برادري جي قبرستان ۾ دفن ٿيڻ به نه ڏنو.

جڏهن ته هاڻي اها صورتحال آهي ته:

”شہر کے نامور لوگ جنہوں نے بلھے شاہ پر کافر ہونے کا فتویٰ عائد کرکے اُسے برادری سے خارج کردیا تھا، آج زیادہ سے زیادہ دولت صَرف کرکے اُس کے نزدیک دفن کئے جانے میں فخر محسوس کرتے ہیں۔“
(پوري ۽ شنگاري، 2007ع: ص 1)

واقعي اهڙن، پنهنجي وقت جي مُدي خارج ۽ خلق آزار ريتن رسمن، رواجن، عقيدن، سوچن ۽ خيالن ۽ ڪردارن جي پنهنجي قول ۽ ڪردار وسيلي ننڍا ڪندڙ، انهن کي اُگهاڙو ڪندڙ ۽ اهڙي ريت انهن جي رستي روڪ ڪندڙ يگانن انسانن جي مڃي به مان لهي ٿي.

”ڪوڙين ڪن سلام آڇهه اچئو ان جي.“

بلها شاهه پاڻ به اهڙن اَملهه انسانن جي موت کي نئين معنيٰ ۽ مفهوم ڏيندي ان کي هميشه واري نئين زندگي جي مفهوم ۾ بيان ڪيو آهي.

بلها شاہ اساں
مرنا ناہیں
گور پیا کوئی ہور

5.13.9 حڪمرانن ۽ سماج تي سخت تنقيد: بلها شاهه فرقيواريت جي به سخت مزاحمت ۽ مخالفت ڪئي.

شيعه ۽ سني ٻنهي کان بيزاري ڏيکاري ٿو:

سنی نہ، نہیں ہم شیعا، صُلح کل کا
مارگ لیا

طارق عزيز شيخ لکي ٿو ته:

”بلها شاهه جيئن ته صوفي ميان مير سنڌيءَ واري ئي سلسلي سان واڳيل هو، انهيءَ ڪري مٿس اهڙين حالتن جو وڏو اثر ويٺو. مغلن جي اهڙين قهري ڪاروائين جي بلهي شاهه جيئن عڪس بندي ڪئي آهي، ان مان محسوس ٿئي ٿو ته هو سياسي تاريخ جوڙڻ جو به خيال رکندو هو. مغلن جي سرڪاري چرپر توڙي تاريخي حالتن جي هنن سڻن مان خبر پوي ٿي.“ ”مغلن زهر جا پيالا پيتا، ڦورو راڄ ڏٽي ٿي ويٺا، شريفن ماڻ ڪئي، پنهنجي اصليت پاڻ ڏيکاريائون.“

مغلاں زهر پیالے

پیتے،

بھوریاں والے راجے

کیتے،

سب اشراف پھرن

چپ کیتے،

پھلا اوھناں نوں

جھاڑیاں ای۔

(شيخ، 1998ع: ص 42)

ساڳي ڳالهه شاهه لطيف پڻ مغلن کي پڻاڻ ڪڍيندي ڪئي آهي.

پیم پڻاڻن سین، ہولي جي نه ہجھن،
آءٗ سنڌيءَ جو سعیو ڪریان، ھُو پارسیون پچن،
مون پڻ مُلا تن، سرتیون سورَ پرائیو.

(سوڊر، 1989ع: 94)

17هين صدي جي پنجاب جون حالتون به لڳ ڀڳ ساڳيون سنڌ واريون ئي هيون، مذهبي شدت پسندي جي جبر مختلف حيلن وسيلن سان غير مسلم کي ايذائڻ ۾ عذاب ۾ مبتلا رکڻ ۾ ڪا کسر ڪونه ڇڏي. پنجاب ۾ سکن سان اهڙي هلت روا رکڻ جي جواب ۾ گرو گوبند سنگهه مزاحمت ڪئي، بلها شاهه انهيءَ ڏاڍ خلاف جنگ جوڙيندڙ گرو گوبند سنگهه جي ساراهه ۾ مجتا ڪندي سماجي حالتن ۾ ان جي سرواڻن تي هڪ وڏي چڙ ڪري ٿو:

ناکہوں جب کی، نا

کہوں تب کی،

بات کہوں میں اب

کی،

اگر نہ ہوتے گرو گوبند

سنگھ،

سُنت ہوتی سب کی۔

سنڌ جي صوفي شاعرن پڻ ذات پا، اوچ نيچ، فقير وار ۾ مذهبي تعصب ۾ شدت پسندي جي مخالفت ۾ مزاحمت پئي ڪئي آهي. شاهه لطيف ان جدوجهد ۾ تحريڪ جو سرواڻ

شاعر ٿي اپريو. ڊاڪٽر موتي لال جوتواڻي لکي ٿو ته:

"Sha Latif was Late Participator in Bhakti movement which had a major impact in Sindh through the spread of Gauru Nanak's (14-69-1539 A.D). Teachings Qadi Qadan, Shah Abdul Kareem Shah Inat formed part of the Bhakti movement in Sindh. But it was Shah Abdul Latif who stood in it as its representative figure for in him the Indian version of Sufism." (Jotwani, 2006. A.D, P 143)

5.13.10 بلها شاهه جي شاعري:

بلها شاهه جي شاعري پنهنجي زماني جي عوام آزار ۽ خلق دشمن، مُدي خارج عقيدن، رسمن و رواجن ۽ جمود ۽ ماڻار (اسٽيٽس کو) جي خلاف سنئين سڌي، ڪليل، دليرانه ۽ بيباڪ بغاوت آهي، هُن به سچل سرمست ۽ خواجه غلام فريد جيان کو ڊڪ ۽ لحاظ روا نه رکيو آهي.

جميل احمد پال لکي ٿو ته:

"بلھے شاہ جیسا بے باک اور بے دھڑک لھجے کا شاعر ہمیں پنجاب میں کوئی اور دکھائی نہیں دیتا جو یہ کہتے ہیں:

بلھا پی شراب تے کھا کباب، ہیٹھ بال ہڈاں اگ
چوری کرتے بھن گھر رب دا، ایس ٹھگاں دی ٹھگ نوں ٹھگ۔

وہ اپنے مسلک کے پکے ہیں اور کسی ملامت کی پرواہ نہیں کرتے، فرماتے ہیں:

عاشق ہو یوں رب دا، ملامت ہوئی آ لاکھ،
لوکی کافر کافر آکھدے، توں آہو آہو آکھ۔

(پوري ۽ شنگاري، 2007ع: ص 144)

5.13.11 بي باڪ ۽ بي ڏڙڪ شاعر: بلها شاهه ظاهر جي عبادتن کي اوري چڏي اڇا اتانهون ٿيندو وڃي ٿو ۽ طريقت جي روشن راهه تي عشق الاهي جو سفر ڪري ٿو. هن جي رندي رمز ۽ صوفياڻي بيباڪي اجهل ۽ اٽڪ آهي، هن جو ڪلام شوخي ۽ حجت جون به حدون پار ڪري وڃي ٿو. پنهنجي مرشد کي به ''لاهور جو ڏنگ'' چوي ٿو:

"ڈاڈھی کیتی بے پرواہی، مینوں مل گیا ٹھگ لاہور"۔

(پوري ۽ شنگاري، 2007ع: ص 435)

5.13.12 اندر اُجارڻ ۽ نفيس مارڻ: هن وٽ 'ڏنگ' هڪ بنهه الڳ ۽ انوکي مفهوم ۾ آهي، اهڙو مرشد جيڪو بي نياز ۽ دل ڦريندڙ، ذهن ۽ روح تي مڪمل نموني چانيل رهي ٿو.

بلها شاهه سڀ کان پهرين پنهنجي اندر اُجارڻ ۽ نفس کي قابو ڪرڻ جو درس ڏئي ٿو ۽ چوي ٿو ته، ''بلهي شاهه جي تون غازي ٿيڻ ٿو چاهين ته تلوار جي وار سان پهرين پنهنجي نفس کي مار ۽ پوءِ ڪافر ڏانهن وڃ.''

بلھیا جے تو غازی بننا ایں، لکّ

بنھ تلوار،
پہلوں رنگھڑ مارکے، پچھوں
کافر مار۔

5.13.13 بلھا شاھه جي صاف گوئي ۽ پرستي: سچن عاشقن ۽ سماج جي ٻين طبقن ۽ فردن جي ٻيٺ ڪندي سندس ذهن ڪنهن به مونجهاري جو شڪار ناهي، صاف صاف چئي ڏئي ٿو ته:

دھرمشالہ دھڑوائی رہندے، ٹھاکر
دوارے ٹھگ،
وچ مسیت کسیتے رہندے، عاشق
رہن الگ۔
(پوري ۽ شنگاري، 2007ع: ص 463)

حاجی لوگ مکے نوں جاندے، اساں
جاناں تخت ہزارے،
جت ول یار، اوتے ول کعبہ، بھاویں
پھول کتاباں چارے۔
(پوري ۽ شنگاري، 2007ع: ص 305)

”حاجي مڪي جا راهي آهن پر اسان کي محبوب جي ماڳ مڪان ڏانهن وڃڻو آهي، جنهن پاسي يار آهي ڪعبو به اوڏانهن ئي آهي، پلي چارئي مقدس ڪتاب پيٽي ڏس“.

بلھا شاھه جي شاعريءَ ۾ اهائي سِڏي ۽ سنئين ڳالهه ڪرڻ سندس الڳ راهه، کري ۽ سچي سوچ، اعليٰ فڪر ۽ هلت ڪيس مٽيرو ڪري بيهاري ٿي ۽ اهڙي فڪر ۽ فلسفي سبب دنيادارن ۽ ظاهر جي عالمن کيس باغي ڪوٺيو.

5.13.14 بلھا شاھه ۽ شاھه لطيف جي شاعري:

5.13.15 سنڌوسپيتا:

تهذيبون ۽ قومون (Civilizations) هزارين سالن جي پيچيده ۽ گوڙهي عمل (Process) کان پوءِ جنم وٺن ٿيون. انگريزي زبان ۾ تهذيب کي (Culture) چون. جيڪو قديم لئٽن ٻولي جو لفظ آهي. ان جي معنيٰ آهي، ”زراعت، ماکي جي مکين، ريشم جي ڪيڑن، سِپين وغيره جي پرورش يا افزائش ڪرڻ، جسماني توڙي ذهني واڌارا ۽ سڌارا ڪرڻ.“ تهذيب، عربي زبان جو لفظ آهي ڪنهن ٻوٽي يا وڻ کي سُوڌڻ سنوارڻ ته جيئن ان مان نيون شاخون ۽ گوڻچ ڦٽن.

دنيا ۾ ڪجهه قديم تهذيبون موجود رهيون آهن، جن ۾ سنڌوسپيتا (Indus Civilizatin) به هڪ آهي، جيڪا همالیه جي پهاڙن کان هندي سمنڊ تائين مڃي وڃي ٿي. هن ۾ مختلف قومون ثقافتون، تهذيبون، ٻوليون رهيون آهن، جن ۾ ڪيتريون ئي هڪجهڙايون به آهن ته ڪئي انفرادي خوبيون ۽ خصوصيتون پڻ رهيون آهن، انهن مڙني قومن، ٻولين ۽ ثقافتن کي هڪ ڌاڳي ۾ پروئڻ ۽ قائم رکڻ ۾ مکيه ڪردار سنڌو درياءَ جوئي رهيو آهي. جنهن جي ڪناري تي هزارين ورهين کان آباد، اهي سمورا لوڪ مختلف طريقن سان هڪ ٻئي تي اثرانداز ٿيندا رهيا آهن. ثقافت ٻولي ۽ ادب جي معاملي ۾ به اهوئي منظرنامو نظر اچي ٿو. سنڌوماڻرجي علائقن سنڌ ۽ پنجاب جي اعليٰ شاعري خاص طور تي صوفياڻي فڪر تي آڌاريل شاعري جا هڪبئي تي اثر صاف ۽ چٽا نظر اچن ٿا.

طارق عزيز شيخ لکي ٿو ته:

”سنڌو درياءَ جو تسلسل هئڻ ڪري پنجابي ڪلچر ۾ ٻوليءَ جو سنڌي ڪلچر ۾ ٻولي سان پراڻو تعلق آهي، اهوئي سبب آهي جو هِتان جي قومي ڪلاسيڪي شاعرن جي ڪلامن ۾ حيرت انگيز هڪجهڙائي ملي ٿي. پنجاب جا شاهه حسين، سلطان باهو ۽ بلهي شاهه هجن يا سنڌ جا شاهه ڪريم، شاهه لطيف ۽ سچل انهن ۾ موضوعاتي توڙي لسانياتي هڪجهڙايون چرڪائيندڙ آهن.“ (شيخ، 1998ع: ص 33)

5.13.16 بلها شاهه ۽ شاهه لطيف جي ڪلام ۾ موضوعاتي هڪجهڙايون: بلها شاهه ۽ شاهه لطيف جي ڪلام ۾ ڪيتريون ئي موضوعاتي هڪجهڙايون موجود ملن ٿيون.

شاهه لطيف به پنهنجي وقت جي ظلم، جبر ۽ ڏاڍ خلاف مزاحمتي ڪلام چيو، جنهن جو مختصر احوال ۽ تجزيو اڳ وارن بابن ۾ ڪيو ويو آهي، مغلن جي دؤر جي مارا ماري، استحصال ۽ عذاب هجن يا ڪلهوڙن جي دؤر جي افراتفري ۽ بي يقيني واري صورتحال، شاهه عنايت جي شهادت هجي يا جنگين جهيڙن سبان سنڌ جي تباهه حال معاشي حالت، ظاهر جي عالمن (ملن) جي مذهب جي آڙ ۾ خلق کي آزارڻ يا وياج خور ظالم سيڻين، واپارين ۽ ڏڪارين جا ڏيهين کي ڏنل ڏنب ۽ عذاب. شاهه لطيف انهن مڙني ڪردارن جي پنهنجي ڪلام ذريعي نندا ڪئي ۽ عوام کي سجاڳ ۽ باخبر بڻائڻ جي ڪوشش ڪئي، تنوير عباسي لکي ٿو ته:

”شاهه لطيف پنهنجي سڄي شاعريءَ ۾ پاراتو رڳو مُلان ۽ ڏڪاري کي ڏنو آهي. ’ڏڪاريا هن ڏيهه مان موذي شال مرن‘ هن ’ڪر‘ کي به ڀٽيو ناهي. ’الا ڪر جيئن، مَدي جن جي مَن ۾‘ هن رڳو مُلان کي بددعا ڏني آهي. جنهن جي ڪري سندس دؤر ۾ تعصب، نفاق، ويڑهه، حقارت ۽ رتوڇاڻ سبب فضا جهنم بڻيل هئي، ۽ ان سان گڏ ’ڏڪارئي‘ کي ڀٽيو اڻائين، جنهن جي ڪري سنڌ ۾ بُک، بيماريءَ بداخلاقي ۽ برائي جو زهر ڦهليو، انهن ٻنهي طبقن جو هڪ ٻئي سان ساٿ هئو.“

(عباسي، 2000ع: ص 75)

5.13.17 گندي ۽ گراهه جو حرص:

بلها شاهه به اهڙن عالمن کي آئينو ڏيکاريو آهي جيڪي فقط رسمي عبادت ته ڪن ٿا پر قلب جو ڪينو، حوس ۽ حرص رکن ٿا. ”هر وقت نفلن نمازن ۾ آهين، وڏي سڏ ٻانگون به ڏين ٿو، منبر تي نيڪي جي ڳالهه به ڪرين ٿو پر تنهنجي حرص توکي بي وقعت ۽ بي مانو ڪيو آهي.“

پڑھ پڑھ نفل نماز گزاریں، اُچیاں
بانگاں چانگھاں ماریں،
منبر چڑھ کے وعظ پکاریں، تینوں کیتا
حرص خوار۔

(پوري ۽ شنگاري، 2007ع: ص 356)

”بلها شاهه چوي ٿو ته جيڪي عالم پيٽ جو فڪر رکن ٿا ۽ پيٽ پري سمهن ٿا، اهي محبوب تائين رسي نٿا سگهن. انهن جي هي دنيا ملي نه ٻي دنيا ملندي.“

پڑھ پڑھ شیخ مشائخ ہویا، بھر بھر
پیٹ نیند بھر سویا،

جاندی وارنین بھر رویا، ڈُبا وچ اُرار نہ
پار۔
(پوري ۽ شنگاري، 2007ع: ص 350)

شاھه لطيف به اھڙي اعليٰ فڪر جي ڦرهي پڙهائي ٿو ته جن کي هر وقت ويس وڃڻ ۽ ڪاڏي پيتي جي اونَ آهي، سي حقيقت جي منزل ۽ مُراد تائين پهچي نٿا سگهن.

گندي ۽ گراهه، جن سنياسين سانڊيو،
اُني ڪان الله، اَجان آڳاهون ٿيو.
(بلوچ، 1999ع: ص 445)

5.13.18 همه منصور هزار:

بلها شاهه صاف دل، وحدت الوجودي ۽ باعمل صوفي شاعر هو، هُن به ٻين صوفي شاعرن جيان منصور حلاج جي سوري سينگارڻ واري واقعي جي وڏي واکي ساراهه ڪندي شاندار لفظن ۾ ٻيڻا ڏنو آهي:

شاھ منصور
کہاوے
رمز اناالحق آپ
سناوے
آپے آپ نوں سولی
چڑھاوے
تے کول کھلوکے
ھسدا نی!
بے حد رمزاں دسدا
نی۔

شاهه لطيف جو هِن جڳ مشهور صوفي حسين بن منصور حلاج (جنهن کي 'اناالحق' چوڻ ڪري سوريءَ تي چاڙهيو ويو) واري واقعي بابت بيت آهي ته: ''درياءُ، اُن جي هر تڙ ۽ اُن جي تيز وهڪري ۾ هر هنڌان اها ساڳي تنوار پئي اچي ۽ وڃڻ ڏيڻ مان به اهوئي آواز پيو ٻُڌجي ته سموري مخلوق سوريءَ لائق آهي. يعني لکين ڪروڙين منصور آهن پوءِ تون ڪنهن ڪنهن کي ٽياس تي ٽنگيندين؟''

جر تڙ ٽِک توارَ، وڃ ڏيڻ وائي هيڪڙي،
سڀيئي شيءِ ڏِئا، سُوريءَ سزاوارَ،
هَمہ منصور هزار، ڪهڙا چاڙهئو چاڙهئين.
(بلوچ، 1999ع: ص 533)

ڏنو وڃي ته شاهه لطيف منصور جي سوريءَ چڙهڻ جي دردناڪ واقعي کي هڪ متحرڪ ۽ عملي پيڪر ڏئي، منصور کي سموري دنيا جي حق گو ۽ سچن ماڻهن جي ساڻ سان سلهاڙي ظلم، ڏاڍ، جبر ۽ تشدد کي چٽاءُ ڏنو آهي، ۽ پڻ حق پرستن کي همٿايو آهي.

اهڙيءَ ريت بلها شاهه جي شاعريءَ ۾ شاهه لطيف جي موضوعن وارا ڪيترائي بيت ملن ٿا، پر اختصار جي خيال کان هتي نموني طور فقط ڪجهه اهم موضوعن کي زير بحث آندو ويو آهي.

5.13.19 بلها شاهه جي شاعريءَ ۾ سسئي:

5.13.20 مجاز جو ماڳ ۽ جيئري مرڻ:

بلها شاهه جي شاعريءَ ۾ سسئي بابت نمايان نڪتا هي آهن:

بلها شاهه عشقِ حقيقي سان گڏوگڏ عشقِ مجازي جي ماجرا به پرپور ۽ بيباڪي سان بيان ڪئي آهي، جنهن مان معلوم ٿئي ٿو ته ڪيس به مجازي خوب موهيو هوندو. هو چوي ٿو ته عشقِ مجازي ڪانسواءِ منزل تي رسڻ ممڪن ئي ناهي ائين جيئن سُئي، سڳي جي ساڻ ڪانسواءِ بيڪار ۽ بي بها آهي.

جچر نہ عشق مجازی لاگے، سوئی
سیوے نہ بن دھاگے،
عشق مجازی داتا ہے، جس پچھے
مست ہوجاتا ہے،
عشق جنھاں دے ہڈیں پیندا، سوئی
نر جیوت مرجاندا،
عشق پتا تے ماتا اے، جس پچھے
مست ہوجاتا ہے۔

(پوري ۽ شنگاري، 2007ع: ص 294)

عشق جي چوٽ عاشق کي وجد ۽ سرور جي اُتاهين چوٽين تائين وٺي وڃي ٿي، جتي هن کي ڪنهن به شيءِ جو احساس نٿو رهي، ايستائين جو اُهو جيئري ئي موت جو احساس ڄاڻي ٿو وٺي. هِتي نفساني خواهشن کي ماري پنهنجي منزل ڏانهن وڌڻ ۽ ائين محبوب ماڻڻ جو اشارو به آهي. ”اي سسئي تون (مرڻ کان اڳي) مري ڏيکار چو ته حقيقي زندگي اُن محبوب کي ماڻڻ واري آهي“.

شاهه لطيف جا انهيءَ موضوع تي ڪيترائي بيت آهن:

”مَرُ ته مِڙين سسئي، جيئڻ اوڏو جت.“
(بلوچ، 1999ع: ص 308)

”اي سسئي! تون پاڻ کي مار (يعني پنهنجون نفساني خواهشون ترڪ ڪر) تون اهڙي مرڻ کان پوءِ ئي پنهنجي مقصد ۽ منزل کي ماڻي سگهنديس.“

مَرُ ته مِڙين سسئي، ويهي جِيءُ مَ جوءِ،
مُنڊ مَرڻان پوءِ، پهچندينءَ پُنهون کي.
(بلوچ، 1999ع: ص 308)

5.13.21 سسئي جا سُور، صدائون ۽ ميارون:

بلها شاهه سسئي جي ڪردار جي حوالي سان پنهون پاران سسئي کي چڏي وڃڻ تي کيس ميارون ڏيندي نظر اچي ٿو، ۽ پنهون جي اهڙي بي رُخي ۽ بي پرواهي بعد سسئي جا سُور ڳڻائي ٿو. ”سسئي چوي ٿي ته ڪهڙي خطا ڪارڻ منهنجا محبوب! تون مون کي چڏي هليو وئين جو منهنجون راتو ڏينهان نندون حرام آهن ۽ نيڻ نير پيا وهائين. تيز تلوارن ۽ ڪاتين کان به عشق جا عذاب وڌيڪ آزاريندڙ آهن. عشق ظالم ۽ بي پير آهي، جنهن جي سورن منجهه هڪ پل جي ساهي به ناهي. جيڪڏهن منهنجو محبوب مون سان پرچي پوي ۽ مون تي مهر ڪري ته اهي سمورا ڏک ڏور ٿي وڃن“.

مینوں چھڈ گئے آپ لدّگئے، میں وچ
کیھ تقصیر،

راتيں نيند نہ دِن سُکھ سُتىّ، آکھيں
پلٹيا نِير،
چھرياں تے تلواراں کولوں، عشق دے
تکھے تير،
عشقے جيڈ نہ ظالم کوئی، ای زحمت
بے پير،
اِک پل ساعت آرام نہ آوے، بُری
برھوں دی پيڑ،
بلھا شوہ جی کرے عنايت، دُکھ ھوون
تغير،
مينوں چھڈ گئے آپ لدّ گئے، ميں وِچ
کيھ تقصير۔
(پوري ۽ شنگاري، 2007ع: ص 114)

5.13.22 آپ بيتي جي جھلڪ: بلھا شاھه سسئي جي دردن جي دردناڪ داستان ائين عيان ڪري ٿو جڏ ڪو ماڻھو پنھنجين ڪٿناين جو قصو سوز ۽ گداز سان بيان ڪندو آھي، ھن جي لفظن ۽ لھجي ۾ سورن جو ساڻو ۽ بيوسي بکي ٿي پئي.

"اُس کی کئی کافيوں ميں اُس کی آپ بيتی کا رنگ جھلکتا ہے۔"
(پوري، شنگاري، 2007ع: ص 17)

شاھه لطيف به سسئي کي محبوب جي ٻاجھه ۽ عنايت جي اميد ڏيکاري ٿو، پر ان لاءِ ڏکن کي ڏور ڪرڻ نه پر ڏکن پاسي گھارڻ ۽ لَکن جا ڪٽن ڪشالا ڪيڻ جي صلاح ڏئي ٿو:

ڏکن پاسي سُک، سِگھا ٿيندئي سسئي،
پير مَ ڇڏج پرينءَ جو، توڙي لکن لُک،
ڏورج پاسي ڏک، ته پوي ٻاجھه ٻروچ کي.
(بلوچ، 1999ع: ص 345)

شاھه لطيف ته سسئي جي سورن جا ۽ دردن جا واھڙ وھايا آھن. بلھا شاھه جيان شاھه لطيف جي ڪلام ۾ به سسئي اِھو انومان ڪري ٿي ته کائنس ڪا خطا ٿي جو پنھون کائنس منھن موڙي ھليو ويو:

ڪا جا ڳالھه ھئي، ٻاروچي جي مَن ۾،
سِرُ سَڳر، پُر پيچري، ٿُون جا لوڪَ سُئي،
سسئي سنگھر پٽيين، ڪير چوندو مُئي،
بندڪريندي، پرينءَ ڏي، ڪڍن ڪانه ڪُئي،
آن ڪا ڏِني اوٽيا، کيرن پاسي کُھي.
(بلوچ، 1999ع: ص 310)

ھن وائيءَ ۾ شاھه لطيف فقط سسئي جي افسوس ۽ ارمان جو اظھار نٿو ڪري پر

اڃان اڳتي وڌي هن کي همٿ، حوصلو ۽ راهنمائي ٿو ڏئي ته اي سسئي! ڇا به هجي پر تون هاڻي اها سڃڻ واري وات وٺيو سندس ڪي وڃ. ته جيئن خلق وسهي ته سسئي همٿ هاري ويهڻ بجاءِ سنگهر جي پٽن تائين پهتي ۽ مُئي. اي اُٽن جي قافلي وارئو! توهان سسئي کي کير جي وٽن وارن پاسي ٽڪل ٽنل حالت ۾ ڏٺو هوندو.

5.13.23 ٽلان دي وچ رُلائي:

بلها شاهه سسئي سان گڏ سهڻيءَ جو ذڪر ڪندي چيو آهي ته، هنن ٻنهي جي اهڙي عزم ۽ استقلال ۽ عذابن واري پنڌ ۽ ڪيفيت تي هُن ياران خدا کي ميار ڏني آهي ته ”اي خدا! تو سسئي کي سخت پٽرائين ۽ تتل راهه تي رلايو ۽ سهڻيءَ کي ڪچي دِلي تي ترندي غرق ٿيڻ نصيب ٿيو. اهڙي ريت هو خدا تي الزام هڻندي چوي ٿو ته، ”تون سچن عاشقن سان اهڙيون سختيون ڪرين ٿو.“

سَسی تھلاں دے وچ رُلائی، سوہنی
کچے گھڑے روڑھائی،
رَہ رہ وے عشقا مارا ای، کہو کس
نوں پار اُتاریا ای۔
(پوري ۽ شنگاري، 2007ع: ص 328)

شاهه لطيف به سسئي کي اهو سمجهائي ٿو ته: ”اهو سپڪجهه پاڻهي نٿو ٿئي. ”خير ۽ شر ٻئي خدا جي طرفان کان آهن.“ توکي اها ڄاڻ هجي. پر اي سسئي! پوءِ به (اهو ڄاڻڻ کان پوءِ به) توکي گهرجي ته سمهي غفلت ۾ گذارڻ بدران پرينءَ جو پيچرو وٺ، تڏهن ئي تون اُن سان وڃي ملندئين.“

اي پاڻ نه ٿيي پاڻ کان، پاڻان ٿيي نه پاڻ،
ولقدر خيره وَشِره مِنَ اللهِ تعالىٰ“ چولي ڏِسج ڄاڻ،
ڄاڻي ڏسج ڄاڻ کي، ڄاڻي منجهان ڄاڻ،
جيئن مَ سُمهين سسئي، پئج پنڌ پرياڻ،
ٽئين هيکاندي هاڻِ، لالڻ لاءِ لطيف چئي.
(بلوچ، 1999ع: ص 288)

هن بيت ۾ شاهه لطيف سمورا اَمر الله تعالىٰ طرفان هجڻ جي حڪايت سسئي کي سمجهائي ٿو. پر هُو انهيءَ کان اڳتي وڌي ڪيس (اهو سپ معلوم هجڻ جي) جدوجهد کي جهڪو ڪرڻ يا مايوس ٿي ويهڻ بجاءِ ڪوشش ڪندو رهڻ جي تلقين ڪري ٿو ۽ ائين ڪرڻ جي صورت ۾ ڪيس منزل تي رسڻ جي نويد ٻڌائي ٿو.

هِتي شاهه لطيف بلها شاهه واري ڳالهه نهايت نرم لهجي ۽ دِڪيل لفظن ۾ ڪئي آهي ته مِڙئي مامرا خدا جي طرفان ئي آهن. جڏهن ته بلها شاهه جي بيباڪي ۽ سرمستي، سندس خاص انداز ۽ انفراديت آهن.

شاهه لطيف هڪ ٻئي هنڌ چوي ٿو ته: ”آئون پنپور مان پڇي نڪتيس ۽ ڪيترا سارا جبل جهاڳيندي اڇي پنهون وٽ ڪيچ پهتي آهيان. جتي هُو پاڻ آهي. تڏهن مون کي خبر پئي ته سپڪجهه تون آهين (هر امر ۾ تنهنجي رضا ۽ حڪم آهي) ته پوءِ تون ڪهڙو انصاف ڪندين، ڪنهن کي ڏوهي ڪندين ۽ ڪنهن کي سزا ڏيندين.“

پڇي جان پنپور کان، ڈونگر ڈوريو مُون،
ڪاهي رسيس ڪيچ کي، جتي پاڻ پنهون،
سپت آهين ٿُون، قضا ڪندين ڪن سين.
(بلوچ، 1999ع: ص 287)

هتي بلها شاهه ۽ شاهه لطيف جي فڪر جي هڪجهڙائي ته ظاهر ٿئي ٿي پر شاهه

لطيف جي ٻولها شاهه جي انداز بيان ۽ فڪر جي انفراديت پڻ موجود ملي ٿي.

5.13.24 غفلت واري نند جي نندا: شاهه لطيف سُر ڪوهياري ۾ سسئي جي غفلت واري نند ۽ ويسلائپ تي ڪيس تمام فهميدي انداز ۾ ڪيس اهڙي پل ۽ پورائي جي انجام کان واقف ڪيو آهي ۽ ڪيس پنهنجو مقصد ۽ منزل ياد ڏياري ٿو:

لَيلَ نه جاڳينءَ لِڪ سين، نو مَ سُتينءَ سپ رات،
اوڳي اونيڙن جا، پہ پچين پرپات،
ٽيءُ سگر تَن ساٽ، ته پوري ڪنہ پال مڙين.
(بلوچ، 1999ع: ص 332)

”اي سسئي! تو سڄي رات سمهي گذاري ۽ هڪ گهڙي جو اوجاگو به پنهنجي پرينءَ پنهونءَ لاءِ نه ڪيئي. هاڻي صبح جو انهن اونيڙن جي پڇا ٿي ڪرين؟ توکي گهرجي ته تون هاڻي به پنهنجي ان مقصد ۽ منزل ڏانهن راهي ٿي ته ڪنهن پلائي سانگي پنهنجو مطلوب ماڻين.

بلها شاهه به پنهنجين ڪافين ۾ طالب جي غفلت ۽ آرام پسندي کي سندس مقصد ۽ منزل جي ماڻڻ جي راهه ۾ وڏي رڪاوٽ ڄاڻايو آهي:

اُٹھ، جاگ، گھراڑے مار نہیں،
ایھ سَون تیرے درکار نہیں،
منزل تیری دُور دُراڑی، توں پونا
وچوں جنگل وادی،
اوکھا پہنچن پیر پیادی، دِسِدی توں
اسوار نہیں۔
اٹھ جاگ گھراڑے مار نہیں۔
(پوري ۽ شنگاري، 2007ع: ص 220)

”اي سَسُي!! اُٺي سجاڳ ٿي ۽ اِها گهري نند قِٽي ڪر، جو اِها تنهنجي ڪنهن ڪم جي ناهي جو تنهنجي منزل ڏورانهين ۽ پنڌ سخت ڪشالن وارو آهي، اُتي پيرين پنڌ وڇٽو آهي جيڪا تمام ڏکي ڳالهه آهي، تون اهڙي ڪشالي ڪيڏ جي قابل نه آهين.“

شاهه لطيف نند، غفلت ۽ بيخبري کي انسان جو ويري ڄاڻايو آهي، هو سدائين سجاڳ، سُچيت ۽ متحرڪ رهڻ جي هدايت ڪري ٿو.

نند ويرياڻي هوءِ، جيڏيون جِمَ سُمهو،
مَڇڻ مُون جئن روءِ، ڪا واڪا ڪِئو وِيڙ ۾.
(بلوچ، 1999ع: ص 332)

اهڙي ريت اهو واضح ٿئي ٿو ته سسئي جي تمثيل ۾ هي ٻئي شاعر طلب جي راهه جي راهي کي غفلت ڇڏي هر وقت ۽ هر پل جدوجهد ۽ سرگرمي جو ڏس ڏين ٿا.

5.13.25 اديون آئون اڻ ڄاڻ:

شاهه لطيف سسئي جي پورائي جو احوال اوريندي چوي ٿو ته:

”اديون آءٌ اَڄاڻ، مُون سگ سڄاڻي نه ڪِئو.“
(بلوچ، 1999ع: ص 289)

بلها شاهه به چوي ٿو ته آئون اڻڄاڻ، نينهن مان مان چا ڄاڻان؟ اهو ڪم ته سگهڙ سياڻين جو آهي. شاهه بلها شاهه ۽ شاهه لطيف عشق وارن جي هڪ ڪيفيت بيان ڪئي آهي، جڏهن ته حقيقت اها آهي ته نينهن ۽ مينهن جي مُند نه هوندي آهي ۽ نه اُن ۾ چونڊجو ۽ عقل جو ڪو اختيار هوندو آهي.“

میں انجانی نیونہہ کیہ جاناں، جانے
سگھڑ سیانی۔
(پوري ۽ شنگاري، 2007ع: ص 345)

هتي بلها شاهه ۽ شاهه لطيف عشق وارن جي هڪ ڪيفيت بيان ڪئي آهي، جڏهن ته حقيقي اها آهي ته نينهن ۽ مينهن جي مُند نه هوندي آهي ۽ نه اُن ۾ چونڊجي عقل جو اختيار هوندو آهي.

شاهه لطيف اهائي رمز هن ريت بيان ڪئي آهي:

مينهان ۽ نينهان، ٻيئي اکر هيڪڙي،
جي وسڻ جا ويس ڪري، ته ڪير ڪن ڪيهان،
بادل ٿي بيهان، جي آگم اچڻ جا ڪري.
(بلوچ، 1999ع: ص 538)

5.13.25 پنهون ٿيس پاڻ:

بلها شاهه سسئي جي تمثيل ۾ محبوب (خدا) جي جلوي جو هر شيءِ ۾ موجود هجڻ واري حڪايت بيان ڪري ٿو، جيڪا وحدت الوجودي صوفين جو فڪر ۽ بلها شاهه جو من پسند موضوع آهي:

سَسئي دا دل لڦڻ ڪارڻ،
هوت پنهون بڻ آيا اي،
اِڪ نڪته يار پڙهايا اي.
(جکراڻي، 2013ع: ص 31)

شاهه لطيف انهيءَ فڪر کي پنهنجي اعليٰ صوفياڻي اظهار سان هن ريت بيان ڪيو آهي، ”من منزل تي سَسُيءَ ۾ الوهيت وڏي منزل ماڻي ٿي ۽ هن لاءِ پنهون خالق جي صورت ۾ نروار ٿئي ٿو.“ ان وقت آئون پاڻ پنهون ٿي پيس جڏهن سسئي جي سونهن فنا ٿي وئي. ’الله آدم کي پنهنجي صورت مطابق خلقيو‘ وٽن ۾ پڻ اهائي وائي آهي، هوت پنهونءَ هن پوري، ڪِريل، ماريل کي ڪڏ مان ڪڍي پنهنجي هنج ۾ ڪيو“.

پُنهون ٿيس پاڻ، ويئي سسئيءَ جي سونهن،
”خلق آدمَ عليٰ صورتہ“ وٽن منجهه ورونهن،
چري منجهان چُونہ، ڪڍي هوت هنجهه کي.
(بلوچ، 1999ع: ص 288)

هتي شاهه لطيف سسئي جي الاهي صورت اختيار ڪرڻ جي ڳالهه ڪئي آهي، جنهن نقطي جو ماخذ ۽ بنياد اهوئي ساڳيو آهي، جيڪو بلهي شاهه جو آهي، هيءَ ڳالهه هڪ مشهور حديث تي آڌاريل آهي:

بلها شاهه هڪ ٻئي هنڌ چوي ٿو ته:

وڑ اندر ديکهو کيهڑا اے،
کيوں خفتن باہر ڈھونڈيندی اے۔
(پوري، شنگاري، 2007ع: ص 72)

هتي به وحدت واري اهائي وائي آهي ته خدا هر وجود ۾ وسي ٿو.

5.13.27 پيڇ پنهونءَ سان روزِ ازل کان:

بلها شاهه چوي ٿو ته: ”ڪن ٿي وڃ، فيڪون، ٿي وئي، هِن ۾ خدا جي حڪم سان ڪائنات جي خلقڻ ڏانهن اشارو ڪيل آهي. بلها شاهه چوي ٿو ته منهنجو محبوب سان نينهن جو ناتو ان کان به اڳ جو اڙيل آهي، اِهو رشتو لِڪ چوريءَ وارو نه آهي.“

کن فیکون آکھے دیاں
لگیاں،
نیہھوں نہ لگڑا چوری دا۔
(پوري، شنگاري، 2007ع: ص
44)

شاهه لطيف وٽ ساڳيو فڪر انهن ئي لفظن ۾ ملي ٿو. سسئي چوي ٿي ته، ”منهنجو پيڇ پنهون سان ان ميثاق جي ڏينهن کان، يعني روزِ ازل کان پنهون سان لڳيو ويو.“

جڏهن ”ڪُن فيڪون“ تَڏَ نِئو آرياڻي ارواح،
انگ اڳهين لڳيو منهنجو ميثاقا.
(بلوچ، 1999ع: ص 319)

بلها شاهه جو ڪلام عوامي آهي. هُو پنهنجي فڪر ۽ ڪردار ۾ صاف گو، بيباڪ ۽ سماجي ريتن رسمن جو باغي شاعر آهي. هن ذات پات، فرقي بازي، مذهبي تعصب، سماجي ڏاڍ، مُلان گردي خلاف وڏي سڏ واڪا ڪيا ۽ مزاحمت ڪئي، هو انسان جي عظمت جو قائل هو، هن جي شاعري اعليٰ فڪر ۽ استفهام جي، ڳولا جي ۽ جدوجهد جي تصوير آهي، هُو پاڻ به عملي طور اهڙي زندگي گهاريندو رهيو، جنهنڪري ڪيس ڪئي ڪٺنائون پوڳٽيون پيون. بلها شاهه صوفي شاعرن جي صف ۾ به منفرد ۽ مٿانهون مقام ماڻي ٿو.

5.13.28 سسئي جي جدوجهد ۽ عورت جو استقلال: بلها شاهه سسئي جي بيان ۾ هُن جي ڏکن ۽ سورن جي اڻار ڪندي هن سان همدردي ۽ حمايت جو اظهار ڪيو آهي. سسئي جي تمثيل ۾ صوفي مسلڪ جا باريڪ نڪتا سهڻي نموني سمجهايا آهن. انهن مڙني ڳالهين کان مٿانهين ڳالهه ته هُن سسئي جي ڪردار جي جدوجهد واري جذبي ۽ عزم کي ساراهي ۽ همٿائي ٿو. جڏهن ته سندس غفلت ۽ پنهنجي مقصد ۽ منزل کان ويسلائپ ۽ لاپرواهي تي تنبيهه ڪري ٿو.

” اسان جي شاعراڻي ادب (سنڌي، سرائيڪي، پنجابي، هندي ۾ عورت عزم، پختي ارادي ۽ استقلال جي علامت طور پيش ڪئي وئي آهي. لطيف جو ڪلام هجي يا بابا بُلا شاهه جو، غلام فريد هجي يا سچل سرمست، ڪبير ڀگت هجي يا ميران ٻائي، انهن سڀني جي ڪلام ۾ عورت کي عزم ۽ استقلال ۾ ثابت قدم ڏيکاريو ويو آهي.“

(الانا، 1998ع: ص 51)

حق آهي ته عورت ذات پنهنجي تاريخ ۾ جيڪي سختيون، ڪشالا، ناحق، ظلم و جبر، تشدد ۽ ناانصافيون ڏٺيون ۽ سَٽيون آهن ۽ پوءِ به سماج ۾ پنهنجو اوچو ڀاڪ ۽ ڪردار ادا ڪندي رهي آهي، اِهو ان جو عزم، حوصلو ۽ همت ئي آهي جنهن ڪيس انهن مڙني مامرن کي منهن ڏيڻ ۽ اڪيلي وڏڻ ۾ طاقت ۽ توانائي بخشي آهي.

5.14 هاشم شاهه:

5.14.1 هاشم شاهه جي زندگيءَ جو مختصر احوال:

پنجابي بولي جي هن مشهور صوفي شاعر (هاشم شاهه 1843ع- 1735ع) جي خاندان ۽ پيدائش بابت احسان الله طاهر لکي ٿو ته:

”ہاشم شاہ ہوراں دے وڈ وڈیرے خاندان قریش دے قبیلہ بنو ہاشم نال سمندہ رکھدے نیں آپ دے والد محمد شریف ہوراں دے آباؤ اجداد پہلے حلب شریف وچ آباد سن، فیر مدینہ منور آگئے تے ہاشم شاہ ہوری اتھے ای ۲۲ رجب ۱۱۴۸ھجری بمطابق 8 دسمبر 1735ء

نوں منگل والے دےن پیدا ہوئے"۔

(طاہر، 2014ع: ص 54)

ڪي محقق سندس تعلق امرتسر سان لکن ٿا، هاشم شاهه جي وفات به امرتسر جي علائقي 'جگدیو' ۾ ٿي، سندس وصيت مطابق ڪيس ناروال جي علائقي 'ٿرپال' ۾ دفنايو ويو. جتي هر سال سندس عرس ملهايو وڃي ٿو.

هاشم شاهه جي تصنيفن ۾ سسئي پنهون، هير رانجها، شيرين فرهاد، سوهني مهيوال، درياءِ حقيقت، سي حرفيان ۽ ٻيا پنجابي، فارسي ۽ هندي ڪتاب آهن:

5.14.2 هاشم شاهه جي شاعري: هاشم شاهه جي ڪلام بابت پنجابي ادبيات جي وڏن شاعرن، محققن، اديبن ۽ عالمن سارا هه جا ڏُڪ وڏا پريا آهن.

5.14.3 ميان محمد بخش پاران مجتا: پنجابي زبان جو مشهور صوفي شاعر ميان محمد بخش سندس شاعراڻي خوبي، ڪمال ۽ وڏائي کي هنن شعرن وسيلي مجتا ۽ ٻيڻا ڏئي ٿو ته، "هاشم شاهه عظمت ۽ برڪت جي ڪَٿ ئي ڪونه آهي، هو موتين ۽ جواهرن جهڙا شعر چوندو هو. سُخن جي مُلڪ جو مڙس مٿير هو. جنهن قصي کي کڻندو هو ان کي واهه جو توڙ پڃائيندو هو. سندس سڀ بيت وزن ۾ پورا ۽ پُرلطف آهن. هن شعر ائين چيا آهن جيئن سهڻيون ڪَليون پوئي هار ٺاهيا آهن."

ہاشم شاہ دی عظمت، برکت، گنتر وچ نہ آوے،
دَریتیم جواہر لڑیاں ظاہر کڈھ وکھاوے،
اوہ دی ملک سُخن دے اندر راجہ سی سر کردہ،
جس قصے دی چڑھے مہمے سو یوسی سر کردہ،
سَر کردا بیت ترازو تول بنایوس، سارے لذت والے،
کلیاں چن چن ہار پروتوس نرگس تے گل لالے"۔

(عقیل، 2002ع: ص 32)

5.14.4 رب دا عشق بهون سُڪالا: هاشم شاهه مجازي ۽ حقيقي عشق جي ٻيڻ ڪندي چوي ٿو ته، "رب جو عشق ته تمام سڏو ۽ سولو ڪم آهي، ڪنڊ ۾ ويهي تسبيح پڙهڻ ۽ نيڪ سڏجڻ، ائين ڪرڻ سان، دنيا وارا به واهه واهه ڪن ته سڪيو گذر به ٿئي، اي هاشم! هي مجازي عشق ته در در جون ٺوڪرون ٿو کارائي."

رب دا عشق بہوں سکالا، ای بہوں سکالے بازی
گوشہ پکڑ رہے ہو زاھد پھڑ تسبیح بنے نمازی
سک آرام جگت وچ سوکا اتے دیکھ ہوئے

جگ راضی
ہاشم خاک رلاوے گلیاں اے کافر عشق
مجازی۔

5.14.5 هاشم شاهه جي ڪلام جو مقام: شفيع عقيل گريئرسن جي حوالي سان لکي ٿو ته:

''ان فنکاروں میں سب سے زیادہ مشہور ہاشم شاہ ہے جس کا رنجیت سنگھ کے زمانے میں طوطی بولتا تھا''۔ (عقیل، 2002ع: ص 33)

پنجابي زبان ۽ ادب جو ڪوبه اهڙو محقق عالم ۽ اديب نه آهي، جنهن هاشم شاهه جي ڪلام جي عظمت آڏو سِر نه نِوايو هجي ۽ هن جي ڪلام کي نه ساراهيو هجي.

پنجابي زبان ۽ ادب جي مشهور محقق ۽ تنقيدنگار باوا بدهه سنگهه جي حوالي سان شفيع عقيل لکي ٿو ته:

''بلاشبہ ہاشم شاہ پنجاب کے عظیم ترین شاعروں میں سے ایک ہے، اور عشق مجازی کی شاعری میں اسے میں بہت بلند مقام دیتا ہوں، اگر وہ وارث شاہ سے اونچا مقام نہیں رکھتا، تو اس کے برابر مقام ضرور رکھتا ہے''۔

(عقیل، 2002ع: ص 33)

هاشم شاهه جو شاعري جي هولي سليس ۽ عوامي آهي، اهوئي سبب آهي جو سوين سال گذرڻ باوجود اها پڙهڻ ۽ سمجهڻ ۾ سولي ۽ سليس آهي، شفيع عقيل، پنجابي ادب جي مشهور تذڪره نگار ۽ شاعر ميان مولا بخش 'ڪشته' جي حوالي سان لکي ٿو ته:

''ہاشم اور وارث اگرچہ زمانے کے لحاظ سے معاصرین میں سے تو نہیں مگر اتنا ضرور ہے کہ ایک دور کے آغاز میں اور دوسرا اس کے خاتمے پر مشہور ہوا، دونوں شوخی طبع، بلند پروازی، بندش مضمون، تلاش الفاظ، موزون برجستگی کلام، شستگی زبان اور لفظوں کی نشست خاص کے لئے برابر ہیں۔ دونون نے آیات و احادیث اور بزرگوں کے عربی اقوال جابجا لکھے ہیں۔ مگر ہاشم شاہ کے ہاں وارث سے وضاحت زیادہ ہے، سلیس نویسی میں دونوں چوٹی کے شاعر ہیں لیکن ہاشم کی سلیس نگاری بہت ہی دلکش ہے، وارث اگرچہ آمد کا مالک ہے مگر ہاشم کی آمد کے مقابل اس کی آمد کو آمد نہیں آورد کہہ سکتے ہیں''۔ (عقیل، 2002ع: ص 34)

5.14.6 مينون سمجهه ستايا: هاشم شاهه هڪ باعمل صوفي ۽ عوام جو درد رکندڙ مفڪر شاعر هو، هو پنهنجي وقت جي سماجي براين، ناانصافي ۽ ڏاڍ جي پنهنجي شاعري ۾ خوب نندا ڪري ٿو.

'' تینوں حسن خراب کریندا، مینوں سمجھ ستایا۔'' (عقیل، 2002ع: ص 40)

(توکي حسن، خوار ۽ خراب ڪيو ۽ مون لاءِ سمجهه ۽ عقل مصيبت بنجي ويا آهن).

الا! ڏاهي مَ ٿيان، ڏاهيون ڏک ڏسن،
مون سان مُون پرين پورائيءَ ۾ پال ڪِئا.

(بلوچ، 1999ع: ص 389)

5.14.7 خلق خدا جي هيڏي حال جي حڪايت: عام خلق خدا جي هيڏي حال جي آسودن ۽ ڏاون سان پيٽ ڪندي چوي ٿو ته، ”ڪي ماڻهو ته اهڙا آهن، جن وٽ رات جو پيٽ قوت به نه آهي ۽ اهي راتيون لنگهڻ تي گذارين ٿا ۽ ڪي ته وري اهڙا آهن جيڪي خزانا لُٽائين ٿا. اهڙا به آهن جن جي نصيب ۾ سدائين سُور ۽ دردن جو دانهون آهن ۽ ٻيا آهن جيڪي سدائين خوشين جا ڪِيچ ڇائين ٿا.“

”اکناں کول قوت نہ شب دا اک
بخشن روز خزانے،
اکناں درد ہمیشہ آہیں، اک گاون نال
ترانے“۔

(عقيل، 2002ع: ص 40)

5.14.8 حڪمرانن تي صاف کليل تنقيد: هاشم شاهه سرداري ۽ جاگيرداري معاشري واري رت پياڪ ۽ عوام آزاريندڙ نظام ۾ خلق خدا کي ڦريندڙ، ستائيندڙ حڪمران ٽولن کي سخت ۽ کليل تنقيد جو نشانو بڻائي ٿو ۽ ان معاملي ۾ ڪوبه لحاظ روا نه ٿو رکي. ”اي هاشم! هن دؤر جي حڪمرانن جي حقيقت هي آهي ته انهن جي ظلمن جي ستايلن جون آهون ۽ دانهون عرش تائين پيون وڃن. اهي بادشاهه انسانن جي روپ ۾ آدم خور ۽ راکاس آهن. اهي ظالم، چور، پليت ۽ زاني آهن، انهن جون دليون خدا جي خوف کان خالي آهن.“

کہہ سن حال حقیقت ہاشم ہن دیاں
بادشاہاں دے
ظلموں کوک گئی اسمانی دکھیا زور
دلاں دے
آدمیاں دی صورت وسدے راکھشس
آدم خورے
ظالم، چور، پلیت، زناہی، خوف خدایوں
کورے۔

(عقيل، 2002ع: ص 40)

5.14.9 مفاد پرست، ٽوڪي ۽ ڪوڙن عالمن کي وائکو ڪرڻ: هاشم شاهه جي وقت ۾ پنجاب جو حڪمران رنجيت سنگهه هو. ٻئي پاسي هر دؤر ۾ ظالم، جابر ۽ خلق آزار حڪمرانن جي سهڪاري، ساٿي، سهولتڪار، پيٽ پرست، ٽوڪي مُلن ۽ يهروپي عالمن جي حرص ۽ منافقي خلاف به هاشم شاهه بنا ڪنهن رک رکاءُ جي سچ چئي کين بي نقاب ۽ بي مانو ڪيو آهي. ”اهي ناقص، نيچ ۽ نفس جا غلام آهن ۽ ٽلهين ڳالهين (بناعمل جي) سان مشائخ بڻجڻ ٿا چاهين نه ته حقيقت اِها آهي ته هر وقت انهيءَ فراق ۾ آهن ته ڪٿان ٽڪو يا پيسو مال ملي ته غنيمت“.

ناقص نیچ نفس دے طالب بُنن مشائخ

باتیں،

کوڈی دام کِتوں ہتھ آوے ڈھونڈ ایہو دن

راتیں۔

(عقیل، 2002ع: ص 42)

5.14.10 پيري مريدي ۽ گدي نشيني جي موه کان آجو شاعر: هاشم شاهه جيتوٽيڪ هڪ صوفي شاعر هو، پر هُن ۾ پنهنجون ڪيتريون ئي خاص انفرادي خوبيون هيون، جن مان هڪ اِها هئي ته، هُو پيري مريدي ۽ گدي نشيني جي مقدس مسند جي موه کان آجو هو شفيع عقيل، رگبير سنگهه جي هڪ مضمون ''هاشم صوفي دي روپ وچ'' جي حوالي سان لکي ٿو ته:

''ہاشم اپنے وقت کا بڑا صوفی شاعر اور رومانی قصہ نگار تھا، بیشک اس نے اپنے وقت سے پہلے والے صوفیوں کی طرح زندگی نہیں گذاری ،لیکن وہ اپنی جگہ ایک نمایاں مقام کا مالک ہے، بیشک اس نے پہلے صوفیوں کی طرح تصوف کی روایت کو بیان کیا ہے، مگر نہ تو وہ فرید کی طرح شریعت میں جکڑا رہا اور نہ شاہ حسین کی طرح ہجر میں دیوانہ ہوا''۔ (شفیع عقیل، 2002ع: ص 36)

ان مان معلوم ٿيو ته هاشم شاهه نرالي ۽ جدا رنگ ۽ ڍنگ جو صوفي هو. اهڙي طرح پنهنجي شاعري ۾ به هو نرالو ۽ منفرد هو. پيارا سنگهه پدم سندس ڪلام تي راءِ ڏيندي لکي ٿو ته:

''پنجابی قصہ نگاروں میں ہاشم شاہ نے صوفیانہ لہر جیسا دریا جاری کرکے ایک نئی مثال قائم کی ہے جس میں وہ عشق حقیقی اور عشقِ مجازی دونوں کا مشترک واحد شاعر ہے''۔ (شفیع عقیل، 2002ع: ص 40)

5.14.11 روئڻ ۽ ڌڻڻ بجاءِ عزم ۽ عمل جو قائل: هاشم شاهه محبت ۽ عشق جي ميدان ۾ روئڻ ۽ ڌڻڻ وارن کان بيزاري ظاهر ڪري ٿو، هو هن معاملي ۾ عزم ۽ عمل جو قائل آهي. ''اهو عشق ته مرزا (مرزا صاحبان قصو) به ڪيو هو پر هو مجبور ۽ بيوس نه بنيو هو. اي هاشم! عشق جي راهه ۾ هر وقت روئڻ ۽ ڌڻڻ مردن جو مَرڪ نه آهي.''

او ہو عشق کمایا مرزے پر عاجز بنیوں ناہیں،

ہاشم عشق کنگالاں والا نت رووِن مارن آہیں۔

(عقیل، 2002ع: ص 39)

شاهه لطيف انهي اعليٰ ۽ اَملهه ڏُکتي کي هن ريت بيان ڪيو آهي:

آيَل! اُن نه وسهان، هنجهون جي هارين،
آڻيو آب اڪين ۾، ڏيهه کي ڏيکارين،
سڃڻ جي سارين، سي نه رُون نه چُونِ ڪِي.
(بلوچ، 1999ع: ص 154)

5.14.12 گوشه نشيني چڏي سِر تِريءَ تي رکي ڪاهي پوڻ: هير رانجهي جي قصي ۾ رانجهي جي جوڳ وٺڻ تي سندس خوب خبر وٺي ٿو، ”هير چوي ٿي ته، اي رانجها! تو ڪيترو وقت جوڳ پچائڻ ۾ وجائي چڏيو. ان کان ته چگو هو ته تون هڪ ئي ڏينهن ۾ پنهنجو سِر تِريءَ تي رکي مون سان ملين ها يا مرين ها، ائين جيئن مرزا ڪيو“.

چُرک جوگ کمائے جے توں جاں تلی پر
دھر دوں،
مرزے یار وانگوں دِن اکے یا ملدوں یا
مردوں۔

(عقيل، 2002ع: ص 39)

محبت جي ميدان ۾ عشق جي آزمائش ۾ سِر تِريءَ تي رکڻ ۾ جان فدا ڪرڻ جي ڳالهه شاهه لطيف به ڪيترن بيتن ۾ بيان ڪئي آهي، ”اصل کان وٺي عشق وارن جي اها ريت رهي آهي ته اُهي پنهنجا سِر قربان ڪرڻ کان نٿا ڪيبائين ۾ نه ڪو بهانو ٿا بڻائين. هو پنهنجو سِر ۾ ساهه صدقو ڪن ٿا.. هو پريت جي پچار ڪرڻ کان اڳ پنهنجا سِر ڪلهن وٺان ڪوري ڏين ٿا.“

اصل عاشق پنهنجون سِسيون نه سانڊين،
لاهيو سِر لطيف چئي، ساهه سلهاڙيو ڏين،
ڪُلهنئون ڪاٽين، پُچن پوءِ پِرينڙو.
(بلوچ، 1999ع: ص 147)

شاهه لطيف جو هن موضوع تي به فڪر ۾ فلسفو نرالو آهي، هو چوي ٿو ته سِر ڏيڻ سان جي محبوب ملي ته سيڪو ائين ڪري پر حقيقت اِها آهي ته محبوب جي ملڻ جو مُلهه ان کان به مٿي آهي، محبوب جو ملڻ ته وڏي ياڳ وارن عاشقن کي نصيب ٿئي ٿو.

لڌا تي لَبِن، مُلهه مهانگا سپرين.
(بلوچ، 1999ع: ص 150)

5.14.13 هاشم شاهه جي ڳايل سسئي:

هاشم شاهه سسئي پنهون جي سموري قصي کي شاعريءَ ۾ قلمبند ڪيو آهي، قصي جا ٿاٽا پنجاب ۾ موجود روايت موجب ئي آهن. جنهن ۾ سسئي جي پيدائش درياءَ لڑهڻ ۾ ڪٽي کي لپڻ وغيره سپ ساڳيا سنڌي لوڪ روايت وارا آهن. سسئي پنهون جو انجام به ساڳيو آندو ويو آهي، البته وچ ۾ ڪجهه واقعا اضافي آندا ويا آهن، جيڪي قصي جي هڪ علائقي کان ٻئي علائقي ڏانهن سفر ڪري اچي ويا آهن.

5.14.14 سسئي ڳائڻ جو سبب: هاشم شاهه سسئي جو قصو قلمبند ڪرڻ بابت پنهنجي ڪلام ۾ چوي ٿو ته:

حسن کلام جو شاعر کردے سُخن نہ
ساتھیں آیا
جیہا عقل جو شعور اساڈا اساں بھی
آکھ سنایا
سن سن ہوت سَسی دیاں باتاں

کامل عشق کمایا
ہاشم جوش طبیعت کیتا اُتے وَل آیا۔
(عقیل، 2002ع: ص 54)

(ٻيا شاعر جيئن سھڻي سُخن جا مالڪ آھن، سو ته مون وٽ ڪونه آھي. پوءِ به جيترو عقل ۽ شعور اٿم، سو قصو ڪٽي سڌايم. سسئي ۽ هوت پنهون جي ڪامل عشق جون ڪٿائون ٻُڌي، اي هاشم! منهنجي مَن ۾ به جوش جاڳيو ۽ منهنجي دِل هن قصي ڏانهن مائل ٿي).

5.14.15 نام ليان دل دردا: سسئي جو داستان، عشق جي قهر ۽ عاشق جي اذيتن، عذابن، ڏکن ۽ ڏوجهرن جو دردیلو داستان آهي، هاشم شاهه به سسئي جو نانءُ وٺندي ڪنبي ٿو.

واہ کلام نصیب سسئی دا نام لیاں
دل ڈردا
تختوں چا سٹے سلطانا خیر منگن در
در دا۔
(عقیل، 2002ع: ص 61)

(سسئي جي نصيب جي ڪيئن ڳالهه ڪجي، جنهن جو نانءُ وٺندي دل ڌڃي ۽ ڪنبي ٿي، اهو (خدا) سلطانن کي تخت تان لاهي پٽ تي ڪيرائي ٿو ڇڏي ۽ پوءِ اهي در در تي بيک منگدي ڏسجن ٿا).

5.14.16 سسئي جو جنم ۽ سونهن: هاشم شاهه سسئي جي پيدائش جي ڳالهه ۽ سندس سونهن ۽ سوڀيا جي ساراهه ڪندي چوي ٿو ته:

سسی جنم لیا شب قدرے مثل ہلال
درخشاں
دیکھ بے آب ہووِن نگ موتی مانگ
لعل بدخشاں
عقل خیال قیاسوں باہر نظر کرے ول
نقشاں
ہاشم آکھ تعریف حسن دی شمس
مثال زر افشاں۔
(عقیل، 2002ع: ص 56)

(سسئي ليلة القدر جي رات جنم ورتو، ائين جيئن (اماوس جي اونداهين راتين کان پوءِ) پهرين جو چند جنم وٺندو آهي. هوءَ ايتري ته حسين هئي، جو اُن جي آڏو موتي، هيرا، لعل ۽ ياقوت به بي وقعت بنجي ٿي ويا. هُن جو حسن ڏسڻ وارن جي وهم ۽ گمان کان به مٿانهون هو. اي هاشم! سئي جي حُسن جي ساراهه ڪر، هوءَ روشني جا ڪِرڻا وکيريندڙ سج جيان هئي).

سسئي جي دردناڪ داستان ۽ ان جي پڇاڙي ئي المياتي ۽ ڏک جو انت ناهي، بلڪه سسئي جي قصي جي هي عجيب، انوکي ۽ دل ڇائيندڙ ڳالهه آهي ته هِن جي ابتدا ۾ ئي هڪ عظيم ۽ دڪدائڪ الميو جنم وٺي ٿو، جو سسئي کي جمندي ئي موت حوالي ڪرڻ جو رِڌيو

وڃي ٿو ۽ نيٺ ڪيس صندوق ۾ بند ڪري درياءَ ۾ لوڙهيو وڃي ٿو، جنهن صورت ۾ به هوءَ زندگي کان وڌيڪ موت جي مهمان هئي.

5.14.17 سُور، پينگهي ۾ پرايا: هاشم شاهه به سسئي قصي جي ان المناڪ ابتدا ڏانهن اشارو ڪندي چوي ٿو ته، ”بيدردن ان صندوق کي زنجيرن ۾ مضبوطي سان جڪڙي ڇڏيو، اي هاشم! ڏس سسئي کي ڇمندي ئي ڏکن سُورن اچي سنيارين.“

پا زنجير چو پهير پنجر نوں بيٹھ
بيدرداں کڑيا
هاشم ويکھ تولد هندی آں دُکهاں لڑ
پهڑيا۔

(عقيل، 2002ع: ص 62)

شاهه لطيف چوي ٿو ته:

هُوءِ جي سُور سُجَن، سي مون پينگهي ۾ پرائيا،
سانديياس سُکن، سُورن ڪارڻ سرتيون.

(بلوچ، 1999ع: ص 361)

5.14.18 پنهونءَ جي بي حساب صفتون ۽ سونهن: پنهونءَ جي سونهن جي ساراهه ٻين شاعرن به ڪئي آهي، هاشم شاهه سندس صورت ۽ صفتن جي واکاڻ ڪندي چوي ٿو ته، ”ٽل مُلڪ ۾ هڪ ڪيچم شهر آهي، جنهن جي حڪمران هوت علي جو هي پٽ، پنهون آهي. جو هر عيب کان پاڪ (خدائي صفت) آهي. خدا هن کي بي حساب سونهن عطا ڪئي آهي. اي هاشم! انهن مُصورن (سسئي کي) اِها ڳالهه سڌائي، جڏ ڪکن پنن تي چٽنگ اُچلائي ڇڏي.“

کيچم شهر ولايت تهل دی هوت علی
تس والی
تسدا پُت پنهوں شهزاده، عيب ثوابوں
خالی
صورت اوس حسابوں باہر صفت
خداوند والی
هاشم عرض کيتی استاداں چڑنگ
ککهاں وچ ڈالی۔

(عقيل، 2002ع: ص 71)

هن روايت موجب سسئي پهرين ماهر مصورن پاران ناهيل پنهونءَ جي تصوير ڏني هئي ۽ ان سندس من موهي وڌو ۽ پوءِ انهن مصورن کان ان حسين صورت شهزادي (پنهونءَ) جي حقيقت معلوم ڪيائين. هاشم شاهه پنهونءَ جي ساراهه ڪندي سندس صفتون خدا جهڙيون سڌائي ٿو.

شاهه لطيف ڪيترن ئي بيتن ۾ پنهونءَ جون انيڪ صفتون ۽ ساراهون بيان ڪيون آهن.

مون جيئن ملاقات، جي هُيان هوتُ پنهون سين،
ٻانهن وجهي وات، ريهون ڪيو رُڃن ۾.
(بلوچ، 2009ع: 644)

***

هڪ آرياڻي آهي، ٻئو سرتيون سُڄي ڪينڪين.
(هر طرف اِهو آرياڻي محبوب ئي آهي ۽ هُن کان سواءِ، جهان ۾ ٻيو ڪجهه ٻُڌجي (ڏسجي) ئي ڪونه ٿو).

''ماڻڪ مِٺ سندوم، اونداهي مَ سوجهرو.'' (بلوچ، 1999ع: ص 328)
(منهنجو محبوب (اهڙو بي بها) موتي آهي، جيڪو اُونداهيءَ ۾ روشني ڪري ڇڏي ٿو).

''برو هو پنهپور، آرياڻي اُجاريو.'' (بلوچ، 1999ع: ص 345)
(منهنجو شهر پنهپور اڳ ۾ خراب هو، جنهن کي آرياڻي محبوب اچي پاڪ صاف ڪيو).

اهڙي ريت پنجابي ادب جي هن روايت موجب سسئي جو پنهونءَ سان نينهن ناتو ۽ فراق پنهونءَ سان مڪاميل ٿيڻ کان اول ئي نروار ٿي وڃي ٿو.

5.14.19 سسئي جي من ۾ محبت جا مڇ: هاشم شاهه چوي ٿو ته:

دل وچ سوز فراق پنهوں دا روز النبا
بالے
برهوں بے درد آرام نہ دیندا وانگ
خچہ نت جالے
آتش آپ آپے بھٹیارا آپ جلے نت جالے
ہاشم پھیر کیہا سُک سوون جن پیتے
پریم پیالے۔
(عقيل، 2002ع: ص 72)

(هن جي مَن ۾ پنهونءَ جي فراق جي سوز جو مڇ هر ڏينهن تهائين وڌيڪ مڇندو هو. بي درد جدائي سندس سک ۽ آرام ڦٽائي ڇڏيو ۽ اِها آڳ ڪيس جلائيندي رهندي هئي، هوءَ آتش به پاڻ هئي ته مڇ به پاڻ ئي هئي. جيڪا سڙندي هئي ته ساڙيندي به هئي. اي هاشم! جيڪي پريم جا پيالا پيئن ٿا انهن جي نصيب ۾ سُک ۽ آرام نه هوندو آهي).

شاهه لطيف سسئي جي انهيءَ ڪيفيت کي ڪيترن ئي جاين تي بيان ڪيو آهي.

''مَنگل مُنهنجي مَن ۾، ٻارئو هوت حَمامُ.'' (بلوچ، 1999ع: ص 290)
سِکي جا ستياس ته، سڪ سمهڻ نه ڏي.
(بلوچ، 1999ع: ص 327)

(سسئي چوي ٿي ته منهنجي محبوب ئي منهنجي من اندر اهڙو مڇ ٻاري ڇڏيو آهي جيڪو حمام جي باهه جيان وسامي ئي نڏو.)

5.14.20 مَڏ نه پر سسئي جي موت جا پيالا: هاشم شاهه سسئي ۽ پنهونءَ جي وڇوڙي واري رات جي وارتا تمام اثرائتي منظرنگاري سان بيان ڪئي آهي، جنهن ۾ پنهونءَ کي پائرن پاران پري ڏنل مَڏ جي پيالن کي سسئي جي موت سان ڏنل تشبيهه عجيب اثر رکندڙ ۽ دل ڇاڪيندڙ آهي. ''جڏهن رات ٿي ته اُهي (پنهونءَ جا پائر) پنهونءَ وٽ اچي وينا. انهن جا ٻول مِٺا پر من ڪارا هئا. اُهي پنهون کي پيالا پري پيارينداويا. جيڪي شراب جا نه پر ڇٽ ته سسئي جي موت جا پيالا هئا. اُهي اوٺار دلين جو درد ڇا ڄاڻن. اي هاشم! انهن اوٺين جو ڏوهه نه آهي انهيءَ عشق گهٽائي ويڑها ويران ڪري ڇڏيا آهن.''

رات پئی بہہ پاس پنھوں دے جیبھ

مِٹھی دِل کالے
ہوت پنھوں نوں موت سسی دی
بھربھر دین پیالے
اوہ کیا درد دلاں دا جانن اوٹھ چراون
والے
ہاشم دوس نہیں کروانا عشق کئی
گھر گالے۔
(عقیل، 2002ع: ص 330)

شاهه لطيف جا سسئي جي ڏيرن جي انهيءَ بيدرد روش تي ڪيترائي بيت آهن جن ۾ هو ڏيرن جي انهيءَ قهري ڪاروائي جو ڏڪ ۽ عذاب بيان ڪري ٿو:

مون پانيو مزمان، همیشه هوندا پرين،
ڪُهي ڪميڻي هليا، ڪهل ڪيائون ڪانه،
ڏيئي ويا ڏاهه کي سورن جو سامان،
جورو رات جوان، جيڏو جت ڪري ويا.
(بلوچ، 1999ع: ص 321)

5.14.21 عاشق هوون **تـلآ** سُک سوون! سسئي پنهونءَ جي قصي کي بيان ڪندڙ مڙني شاعرن ۽ قصو چوندڙن سسئي جي ننڊ واري غفلت ۽ پُل کي اُن جي سورن جو سبب ڄاڻايو آهي. شاهه لطيف پڻ سسئي کي پير ڏگهڻ ڪري سمهي رهڻ تي ملامت ڪري ٿو.

اِيءُ ڪَم ڪميڻين جيئن سُتين پير ڏگهڻ ڪري،
ننڊان نماڻين کي او پالا اچن،
ليڏيين ڪيئن لطيف چئي هاري ري هوتن،
سي ڪئين پنهون پَسن، جن کي نير ننڊ جو.
(بلوچ، 1999ع: ص 333)

ڊاڪٽر فهميده حسين سسئي پنهونءَ جي قصي جي سرجيندڙن جي سسئي سان اهڙي هلت جو سبب ان دؤر جي سماجي سڃاڻ (مرداڻي معاشري) کي قرار ڏنو آهي. جيڪو هڪ عورت کي ته قصور وار ڪري ٿو پر ساڻئي غفلت (سسئي جي) واري غلطي ڪرڻ تي پنهونءَ تي ڪابه ميار نٿو رکي.

”سسئي جي ننڊ سندس ڏوهه ٿي پيو، باقي پنهون نشي ۾ ڏُت ٿي ويو يا اهڙو پاڻان ويو، جو پائر اُٺ تي چاڙهي کڻي ويس ته ڪل ئي ڪانه پيس، ان بيهوشيءَ تي کيس ڪوبه ڏوهه ڏيڻ وارو ڪونه هو. سسئي جي ننڊ نياڳي، مڃيوسين، پر پنهون جيڪو ڪيو سو نياڳ ڪونه هو؟“
(فهميده، 1993ع: ص 230)

هاشم شاهه قصي جي هن واقعي بابت بلڪل نئين، نرالي ۽ ٻين مڙني شاعرن ۽ قصي نويسن کان ابتڙ ڳالهه ڪئي آهي، هو سسئي تي غفلت جي ميار رکڻ بدران پنهون کي ڏوهه ڏئي ٿو ته عاشق ٿي ائين سُک سان ڪيئن سمهي رهئين؟ تنهنجي ننڊ ئي تنهنجي محبت جو معاملو وڃائي ڇڏيو ته، ”شهزادو- پنهون مست ٿي اهڙو بي خود ٿيو جو ڳالهائڻ ٻولهائڻ کان به ويو. هڪ ننڊ ٻيو سسئي جي آغوش ۽ شراب جا خمار! جي ڪو عاشق هجي ۽ کيس ائين سک سان سمهڻ نصيب ٿئي. اِها ڳالهه ڪنهن به ليکي ۾ نٿي اچي. اي هاشم! عشق جي راهه تمام نازڪ آهي، غفلت واري گهري ننڊ عشق جو سچو قصوئي اونڌو ڪري ڇڏيو“.

مست بے ہوش ہویا شہزادہ رہیا

سوالوں جوابوں
اِک نيندر، گل بانہہ سسی دی دوجا
مست شرابوں
عاشق ہوون تے سُکھ سوون اے گل
دُور حسابوں
ہاشم جن کن راہ عشق دے کاج گوايا
خوابوں۔
(عقيل، 2002ع: ص 330)

5.14.21 شاهه لطيف وٽ سسئي جي ڪردار جي فڪري وسعت: هاشم شاهه جي هن ڪلام کان پوءِ ائين چئي سگهجي ٿو ته سندس سوچ، هڪ اڳي ئي ڏکن ڏنڊل، سورن ۾ سرجيل ۽ سامايل عورت کي جيڪا بحيثيت عورت جي اڳي ئي مڙني مصيبتن ۽ ڏوهن جي ذميوار سمجهي ويندي هجي، ان تي هن ڏوهه جو به ڏکر پيڻ مناسب نه سمجهيو ۽ ائين هن سسئي جو پاسو کنيو آهي.

شاهه لطيف سسئي جي زباني چئي ٿو ته، ”آءٌ جڏهن گهٽو انتظار ڪري سمهي پيس ته مون کي سِڪ جي شدت ننڊ نه ڪرڻ ڏني ۽ جڏهن اوجاڳو ڪري، اهو سوچي سمهي رهيس ته اُهي ايندا، ته اٽنديس پر ائين نه ٿيو ۽ آئون سُتل ئي رهيس. اِها منهنجي پُل هئي نه ته نِينهن ۽ ننڊ جو پاڻ ۾ ڪهڙو تعلق؟“

سِڪي جا ستياس، تان سِڪ سمهڻ نه ڏئي،
جاڳي ستيس جَن لَئي، سي آيا تان نه اُٽياس،
پينر آءٌ پلياس، نه ته سِڪ سمهڻ چا لڳي.
(بلوچ، 1999ع: ص 327)

مٿي هاشم شاهه به اِهائي ڳالهه ڪئي آهي ته ننڊ ۽ نينهن هڪ ٻئي جا ضد آهن. پر فرق اِهو آهي ته هُن اِها خطا سسئي نه پر پنهونءَ جي ڄاڻائي آهي.

هتي اِن ڳالهه تي غور ڪرڻ سان معلوم ٿيندو ته شاهه لطيف سسئي جي بيان ۾ عاشق پنهون کي نه پر سسئي کي ڪوٺيو آهي، سسئي ئي تات، طلب، سِڪ ۽ اُڪير، جستجو ۽ ڳولها جي علامت آهي. سسئي ئي طالب آهي، هُن عشق جي عبادت ۽ عظمت جا اِهي سمورا اعزاز سسئي کي سونپيا ويا آهن ته ذميواري به اُن تي ئي رکڻ روا آهي. جيڪو ڪردار ڪنهن وڏي ۽ عظيم مقصد ۽ منزل جي دعويٰ ڪري ۽ ان راهه جو راهي ٿئي ۽ پوءِ اهڙي غفلت واري غلطي ڪري ويهي ته ميار اُن مٿان ئي نهي ٿي. هِتي اسان جي سمجهه موجب عورت يا مرد هجڻ جو معاملو ئي نه آهي. شاهه لطيف جو فڪر هن قصي تائين محدود نه آهي. هُو سسئي جي ڪردار جي صورت ۾ اعليٰ ۽ عظيم منزل جي پانڌيئڙن جي رهبري ۽ رهنمائي ڪندي نظر اچي ٿو ۽ انهن کي اُن مقصد ماڻڻ واري راهه تي هلڻ لاءِ ذهني ۽ جسماني طور تي پختو رهڻ جي هدايت ڪري ٿو، ۽ انهيءَ تياري ۽ تربيت جو هڪ اهم عنصر، ڏاڪو ۽ شرط آهي هر وقت پهري ۽ سجاڳ رهڻ ۽ پنهنجي مقصد ۽ منزل کان هڪ پل لاءِ به ويسلو ۽ غافل ٿي نه گذارڻ، ”سسئي بابت چوي ٿي ته: ”اي سرتيون! سمهي ننڊون نه ڪريو. اي جيڏيون! اُٿي ويهي اوجاڳو ڪريو. اُٺن جي تياري ۽ هلڻ جو هُل ٿي ويو آهي، جيڪا به اُن ساڻ سان هلندي ان کي لَڪ لنگهڻ مهل اُن جو ڏَن ڏيڻو پوندو. انهيءَ ڪري ئي مُون کي اُوجاڳو ڪرڻ جو اڏن مليل آهي.“

سُمهو ڪِيم سرتيون، جيڏيون ڙي جاڳو،
هلڻ جو هُل ٿيو، سنيُوڙو ساڳو،

ڏيندي سُنگ سيڪا، لَڪ مٿي لاڳو،
اديون اوجاڳو، پينر مُون پاڳي پئو.
(بلوچ، 1999ع: ص 337)

5.14.23 اکڑيون روئي، ماڳ نهاري موٽيون: هاشم شاهه پنهون ست جي پلاٽي وڃڻ کان پوءِ جي منظرنگاري ۾ سسئي جي حال جي حقيقت بيان ڪندي چوي ٿو ته: ''اتي نه اُٺ هئا نه اوٺي ۾ نه ئي وري مڏ جا پيالا ۾ مَٽ. اي هاشم! اهو لقاءُ ڏسي سسئي پنهنجا سينگار جا سامان لاهي ڦٽي ڪيا ۾ پنهنجي سينڊ ۾ خاڪ وجهي سوگ ڪيو.''

نہ اوہ اوٹھ نہ اوٹھاں والے نہ اوہ جام
صراحی،
ہاشم توڑ سنگار سسی نے خاک لئی
سر پائی۔
(عقيل، 2002ع: ص 89)

شاهه لطيف به انهيءَ واقعي جي پُراثر لفظن جي جڙاءُ سان خوب عڪس بندي ڪئي آهي. ''هتي اکڑين جي 'ماڳ نهاري موٽڻ' واري دردیلي سِٽ عجيب اُداسي، ويراني ۽ بيوسي جي ڪيفيت وارو منظر اکين آڏو آڻي ڇڏي ٿي.''

اگڻ اُهيئي، جت نه پسان جُوءِ ۾،
اوطاقون اُٺن ري سُجيون سپيئي،
اکڑيون روئي، ماڳ نهاري موٽيون.
(بلوچ، 1999ع: ص 322)

5.14.24 شاهه لطيف ۽ هاشم شاهه جا سندا سُور سسئي جي بيان ۾: هاشم شاهه، پنهونءَ جي وڇوڙي کان پوءِ سسئي جي سورن کي اهڙي ريت عيان ڪيو آهي جو ائين ٿو ڀانئجي ته هو به شاهه لطيف جيان پنهنجي دردن جو داستان بيان ڪري رهيو هجي.
ڊاڪٽر لاجونتي ڪرشن لکي ٿي ته:

''سسی کا عشق اصل میں ہاشم کے فقر کی روح ہے۔ ان کی شاعری ان معاملات عشق کے بیان میں انوکھے انداز کی حیثیت رکھتی ہے۔ ہاشم شاہ نے دوہے لکھ کر دل کی بھڑاس نکالی ہے، اور اس سے عشق کا بول بالا ہوگیا ہے؟''

(راجونتي، 2004ع: ص 179)

هاشم شاهه چوي ٿو ته، ''جنهن ڏينهن هوت سسئي کي ڇڏي ويو آئون چئي ٻڌايان ته اِهو ڏينهن ڪيئن هو؟ اهو ڏينهن اهڙو تتل هو جو دوزخ هڪ پل لاءِ به اهڙي تتل نه هوندي. ظالم عشق اهڙو هو جو دل جو رت نيڻن مان وهڻ لڳو. اي هاشم! عشق جو تير اهڙو آهي جو جنهن کي لڳي ان کي دربدر ڪري رُلائي ڇڏي ٿو.''

جس دن ہوت سسی چھڈ ٹُریا، آکھ
وِکھا دن کیھا،
دوزخ اک پل کدے نہ ہوسی تیا تِس
دن جیہا،
دل دا خون اکھین پھٹ آیا ظالم

عشق اويہا،
ہاشم مار رُلاوے گلياں بان عشق دی
ايہا۔
(عقيل، 2002ع: ص 89)

هتي هاشم شاهه سسئي جي جذباتي ڪيفيت جي شدت ۽ اُن جي عظيم ڏک جي درد کي دل جي سوز سان بيان ڪيو آهي.

شاهه لطيف به اهڙي اذيتناڪ جُدائي جي ڪيفيت مان گذريو هو، هُن سسئي جي ڏک ۽ درد کي خوب چاتو ٿي، هو وچوڑي جي ڪيفيت ۾ عاشق جي غم ۽ درد جي حالت زار بيان ڪندي اُن کي ساري مخلوق ۽ سموري جهان تائين پکيڑي ڇڏي ٿو. سندس بيان دل ۽ روح تائين لرزو طاري ڪري ڇڏي ٿو، ”اهڙي ساڙيندڙ لوءَ لڳي جو سڄو سنسار ان جي تپش ۾ لهسجي ويو. آسمانن مان به سوڳ جون صدائون اچڻ لڳيون. پنهون جي جدائي ۾ سڀ پکي پکڻ درد جون دانهون ڪرڻ لڳا. جهنگ جا جانور توڙي ڏنار ڏک ۾ ونڊجي ويا. افسوس جو اهو عالم هو جو ٻين حيوانن پڻ مرڻ قبول ڪيو. برپٽ ۽ بيابانن ۾ روڄ راڙو پئجي ويو، جو اِهي سڃڻ لاءِ سِڪي رهيا هئا.“

لڳي ڪوسو واءُ، لوڪ مِڙوئي لَهسئِو،
اُڀِن منجهان آئِيو، هَي هَي جو هُڳاءُ،
طيورن طوارئو، پُنهونءَ پُجاڻاءُ،
رسيو سوزُ شَبان، کي وحوشن وَڻاءُ،
مِروئَن موت قبولئو، اَڀَر افسوساءُ،
بَرَ پُڻ ڪَن بُکاءُ، اُڪَنڍئا آريءَ لئي گهٽو.
(بلوچ، 1999ع: ص 280)

هاشم شاهه سسئي جي بيان ۾ سندس سِڪ ۽ اُڪير تي عجب جو اظهار ڪري ٿو، ”هاشم! ٻنهي جسمن جو ميلاپ به ڪونه ٿيو، پوءِ به هي مَن کي کهڙي سِڪ ۽ اڪير لڳي وئي!“

ہاشم بانجھ دونويں تن ملياں چاڑ
لگی من کيسی۔
(عقيل، 2002ع: ص 91)

5.14.25 سسئيءَ جو عزم ۽ استقلال: هن سِٽ مان معلوم ٿيو ته قصي جي هن روايت موجب سسئي پنهونءَ گڏ نه گذاريو هو.

هاشم شاهه جي سسئي بابت ڪلام جي خاصيت آهي ته هُن سسئي جي ڏک، دردن، جدائي جي صدمن ۽ صدائن کي ته ڳايو آهي پر اُن سان گڏ سسئي جي عزم، استقامت ۽ دلبري کي به نروار ڪيو آهي،

ترساں مول نہ مڑساں راهوں جان
تَلی پر دهرساں،
جب لگ ساس نراس نہ ہو واں مر
نوں مول نہ ڈرساں،
جی رب کوک سَسی سُنسی جا
ملاں پگ پهڑساں،

ہاشم نہیں شہید ہوویساں تھل مارو
وچ مرساں۔
(عقیل، 2002ع: ص 93)

”آئون ڈکين اڙانگن پيچرن کان نڻي ڌجان ۾ سِر تِريءَ تي رکي ويندیس، ۾ واپس نه ٿيندیس. جيستائين آس ۾ اُميد آهي مايوس نه ٿيندیس ۾ نه ئي مرڻ کان کيبائيندیس. جيڪڏهن ڏٽيءَ، سسئي جي پڪار ورنائي ته آئون انهن (پنهونءَ جي قافلي وارن) جا پيرا ڳولي لهندس ۾ وجي انهن پيڙي ٿيندیس. اي هاشم! جيڪڏهن ائين نه ٿيو ته ٿل مارو ۾ موت قبولي شهيد ٿيندیس.“

شاهه لطيف سئي جي ڪردار ۾ عظيم مقصد لاءِ مرڻ کي سعادت سمجهڻ ۾ مارگ ۾ مرڻ وارن کي بختاور چوي ٿو پر ان کان به اڳتي وڌي ڪري چوي ٿو ته، ”اي جيئڻ (زندگي) تون پڇي پاسي ٿيءُ (وجي ڪنڌ وڃ) چاکاڻ جو تنهنجو تعلق ساهه کٽڻ سان آهي. اي موت! تون منهنجو سونهون ٿي هل ته تنهنجي پويان (پنهونءَ جي ساڻ جو) پير کڻان (اءٌ زندهه رهڻ لاءِ هي پنڌ نڻي ڪريان، پر پاڻ کي قربان ڪرڻ لاءِ نڪتي آهيان. تنهنڪري منهنجو رهبر موت ئي آهي.“

تو سَگُ ساهُه کٽڻ سين جيڃَ گوش جاءُ،
مَرڻ مون سين آءُ، ته پُنِيءَ تو پنڌ ڪريان.
(بلوچ، 1999ع: ص 308)

شاهه لطيف جي سسئي جو عزم ۾ ارادو اَٽل ۾ بي انت آهي، هوءَ موت کان نڻي ڌڃي ۾ موت کي سرواڻ ڪري ڪيڇ ڏانهن سفر ڪري ٿي. ان ريت هوءَ سِر قربان ڪرڻ لاءِ هر پل هڪي تڪي تيار آهي، پر ان کان به مٿانهين ڳالهه ته هوءَ موت کي پنهنجو سونهون ٿيڻ جو سڏ ڏئي ٿي. سسئي پنهنجي مقصد ۾ منزل کي ماڻڻ لاءِ پنهنجو پاڻ کي فنا ڪري جسماني تڪليف کان آجي ٿي چڪي آهي. ايستائين جو موت جو فطري خوف، انديشو ۾ ايذاءُ به هن لاءِ ڪا معنيٰ نٿو رکي. شاهه لطيف اهڙي ريت سندس ڪردار سازي ڪئي آهي جيڪا عظيم مقصد جي راهه جي پانڌيئڙن لاءِ مشعلِ راهه آهي.

هاشم شاهه نرمل ۾ نازڪ سسئي جي اجهل عشق، بي خوف جدوجهد، اٽ موٽ ارادي ۾ بي پناهه جذباتي ڪيفيتن کي خوب نروار ڪيو آهي، جيڪا ڳالهه گهٽ شاعرن وٽ ڏسجي ٿي. هاشم شاهه سسئي جي بيان ۾ ڪيترين ئي ڳالهين ۾ پنهنجي خطي ۾ هولي جي ٻين شاعرن ۾ منفرد نظر اچي ٿو.

سريندر سنگهه نرولا لکي ٿو ته:

”جيسے وارث شاہ کی ہیر سب قصوں کی سردار ہیں، اسی طرح ہاشم شاہ کی سسی ولولے اور جوش سے بھری ہوئی ہے۔ جس میں شاعر کی تڑپتی ہوئی روح ہے۔ ہاشم شاہ کے دوہڑے اس کی سب سے اچھی شاعری ہے مگر سسی بھی کسی طرح سے کم نہیں ہے، شاعر کا سوز اور ولولہ سطر سطر چیرکے باہر آتا محسوس ہوتا ہے۔“
(شفيع عقيل، 2002ع: ص 45)

هاشم شاهه چوي ٿو ته، ”هن پنهونءَ پڻيان واٽ ورتي ۾ پانڌياڻي پنڌ پئي ائين جيئن پتنگ پنهنجي ڏور کان ڪنڊجي (بي سهاري ۾ بي واهي) پئي هلندي آهي، ۾ اها سسئي، جنهن ڪڏهن پير پٽ تي نه ڌريو سا خونخوار شينهن ۾ چيتن کان بي خوف ٿي هلي پئي. اي هاشم! جيڪڏهن سندس پساهه (ان پنڌ ۾) پورا ٿيا ته جڏ سندس جند زورآورن جي قيد مان آجي ٿي

پوندي.“

پھڑيا پندہ ہوئی تدپاندھی ٹُٹ گئی
ڈور پتنگوں،
سسی اوہ نہ دھردی آہی بُھوں پرپير
پلنگوں،
دل توں خوف اتار سدھائی دانو شير
پلنگوں،
ہاشم جے دم جاس خلاصی ہووس
قيد فرنگوں۔
(عقيل، 2002ع: ص 93)

شاهه لطيف وٹ سسئي جهنگ جي مِرن کان چا ڀڃندي، اها ته عشق جي اُساڻ ۽ جدائي جي غم ۾ اهڙي آزمائش کان پار پئجي وئي آهي، ”ڏکويل سسئي کي ڏکن جا ڏاجن مڃان ڏاج مليل آهن. هن جي هردي ۾ اهڙو ڪو تِکي چهنب وارو تير لڳو آهي، جو هوءَ جهنگ جي مِرن سان ويڙهي رهاڻيون ڪري!“

ڏکيءَ کي ڏکن جا، ڏاجن تي ڏاجا،
لڳيس نائُکَ نِيہَ جي ڪُڙهه اندر ڪا جا،
ڏرن ۾ ڏاجا، ڪري مُنڌ مِرن سين.
(بلوچ، 1999ع: ص 329)

شاهه لطيف سسئي جي نڏڪائي ۽ بيواهي هجڻ جو احوال اوريو آهي، سسئي چوي ٿي ته مون سان رستي جو ڪو سونهون به ساڻ نه آهي، جبلن جي چوٽين ۽ غارن ۾ لِڪل چيڏا ۽ ٻيون بَرَ جُون بلائون آهن، اي پُنهون! تون پاڻ پوئتي موٽي اچ، مَتان آئون اِتي ئي مري نه پوان.

اَدر نِدر اپري اَسُونهين آئون،
چيڏا چورَ چُنجن ۾، بَر ۾ بلائون،
موٽ پُنهون پاهون، مَتان محب مَري وڃان.
(بلوچ، 1999ع: ص 295)

5.14.26 سسئي جي ڪنڊ سفر جو ڏمر: سسئي پنهون جي واٽ وڌيو پئي وڃي پر هن وٽ ڪهڙو ڏمر ساڻ آهي؟ هاشم شاهه چوي ٿو ته، ”سسئي اُن خطرن واري واٽ تي ويندي جيڪو ڏمر ساڻ کنيو اُن ۾ هُن جو رت هن لاءِ پاڻي ۽ جيرو سندس خوراڪ ۽ وچوڙي جو درد هُن جو سونهون هو. هن جا وار وکريل، اکين ۾ لالائي ۽ غضب جو درد ۽ ديوانگي هئي. اي هاشم! هن جي اهڙي حالت ڏسي سج چنڊ به رت رنو.“

کر اسباب ليا شہزادی کيوں جو راہ
خطر دا،
پانی خون خوراک کليجہ راہبر درد
ہجر دا،
گل وچ وال اکھيں وچ سُرخی سوز
جنون قہر دا،

ہاشم دیکھ احوال کلیجہ گھایل
شمس قمر دا۔
(عقیل، 2002ع: ص 94)

شاھه لطيف وري سسئي جي بي سرو ساماني تي کيس آڻت ۾ آسرو ڏئي اميد ڏيکاري ٿو ته جلد تنهنجو محبوب توسان ملندو ۽ خوشين جو زمان شروع ٿيندو.

ٿمر نه جنين ساڻ، هوت جِماتي تن جو،
پُندا چيج چَپر ۾، پنهون ايندو پاڻ،
ٿيندي روح رهاڻ، لحظي منجهه لطيف چئي.
(بلوچ، 1999ع: ص 325)

شاهه لطيف سسئي جي اُڃ ۽ بُک بابت کڻي ڳالهه ڪري ٿو؟ شاهه لطيف جي سسئي کي ته کاڌ خوراڪ جي طلب ئي ناهي:

نڪا طلب طعام جي نڪا بُک نه اُڃ،
اصل اباڻي ڏيج تي ساري ڏٺيم سُڃ،
رائو رلڻ رُڃ، ڪميڻيءَ قوت ٿيو.
(بلوچ، 1999ع: ص 325)

سسئي کي سُڃ ڏاج ۾ ملي مطلب ته رڻ جا رولا بُک ۽ اُڃ ئي ان جو طعام آهن.

هاشم شاهه، سسئيءَ جي جي اڻانگي سفر جي صعوبتن ۽ ڏکيائين کي پنهنجي شاندار شاعري ۾ پُرسوز دل سان بيان ڪيو آهي. هن پنهنجي شاعراڻي فن جو ڪمال سسئي جي اٽموٽ ڪردار کي اُجاگر ڪرڻ ۾ پرپور نموني ڪتب آندو آهي، ”ڏينهن اهڙو تتل هو جو آسمان ۾ اُڏامندڙ پکي به لوسائجي مرن پيا. موت مار، ٿل باهه جي درياهه وانگر سندس (سسئي جي) چوڦير ٻريو پئي.

اي هاشم! پوءِ به سسئي پير پوئتي ڪرڻ لاءِ تيار نه هئي، هن جي لُونءَ لُونءَ هوت کي پئي پڪاريو.“

چمکی آن دوپھراں ویلے گرمی گرم
بہارے،
تپ دی وا وگے آسمانوں پنچھی مار
اتارے،
آتش دا دریا کھلوتا تھل مارو ول
چارے،
ہاشم پھیر پچھاھاں نہ مُڑدی لوں
لوں ہوت پکارے۔
(عقيل، 2002ع: ص 319)

شاهه لطيف سسئي جي ڏکي ۽ اڻانگي جدوجهد جي ڪٿاين کي ائين بيان ڪيو آهي، جيئن ڪو پانڌي پنهنجي پنڌ جي اهنجن ۽ عذابن کي بيان ڪندو هجي.

شاهه لطيف چوي ٿو ته، ”هڪ راهه واري سخت گرم ڌرتي ٻيو سڄڻ جي جدائي جو جلائڻ سسئي اُنهن ٻنهي باهين ۾ ٻئي سڙي، هلي ۽ پنهونءَ کي ڳولهي“.

ڪين ڌَرتتي ماءِ، ڪين جَر سندي سڄڻين،
هلي ۽ واجهاءِ، ٻنهي جيرن وچ ۾.
(بلوچ، 1999ع: ص 343)

شاهه لطيف جي شاعريءَ جو اِهو انوکو نئون ۽ نرالو انداز آهي ته هو ڪنهن موضوع تي يا ڪنهن واقعي، ڪيفيت يا فڪر بابت هڪ عام رواجي ڳالهه ڪرڻ کان پوءِ ان بابت اڳا به اُتاهين درجي جي ڳالهه ڪري ٿو، بعضي ته ائين پائنبو ته پهرين ڪيل ڳالهه جي ابتڙ ڳالهه ڪيل آهي، پر درحقيقت ڪلام جي انهن مڙني رُخن ۾ معنويت ۽ غور فڪر جا ٻيا پهلو ۽ اعليٰ نُڪتا نروار ڪيل هوندا آهن.

هتي شاهه لطيف سسئي جي ساڳئي ڏکائي کي هڪ ٻئي ۽ نرالي انداز سان بيان ڪيو آهي، ”سسئي سخت تتل ڏينهن به جوش سان اڳتي ڪاهيندي پئي وڃي. هُن لاءِ اِهو گرم جهولو به جنڊ ڪکر جي ڇانوَ مٿل هو. هوءَ منڊيءَ جي طوفاني هوائن ۾ روئي پئي. جنهن کي اُڻن وارن کي وڃي پُڄن لاءِ تمام گهڻي تڪڙ هئي“.

تَتيءَ تايائين، جهولو مُنڌ جُهڙ ٿيو،
رائي رُنائين، اُبَهري کي اوڏِيين.
(بلوچ، 1999ع: ص 351)

شاهه لطيف سسئي جي اهڙي جوش ۽ جذبي کي پنهنجي مخصوص انداز ۾ منفرد ۽ نرالو رنگ ڏنو آهي جنهن ۾ سِڪ ۽ اُڪير واري کي ڏک، ڏاکڙا به راحت ۽ سُک محسوس ٿا ٿين.

هاشم شاهه ۽ شاهه عبداللطيف جي سسئي بابت ڪلام ۾ ڪيترين ئي واقعاتي، بياني ۽ فڪري هڪجهڙايون آهن، هاشم شاهه سسئي جا سُور بيان ڪندي سندس سهڻن ۽ نازڪ پيرن جي پٽون ٽيڻ ۽ پوءِ به همت نه هارڻ جي حقيقت بيان ڪندي چوي ٿو ته:

نازک پیر ملوک سسی دے مہندی
نال سینگارے،
عاشق دیکھ بہے اک واری جی تنہاں
پر وارے،
بالو ربت تپے وچ تھل دے جوں بُھنن
بھٹیارے،
ہاشم! دیکھ یقین سسی دا پھیر
نہیں دل ہارے۔
(عقیل، 2002ع: ص 94)

سسئي جا ملوڪڙا پير مينديءَ رنگ سان اهڙا ته سينگاريل هئا جو جيڪڏهن عاشق انهن کي هڪ وار ڏسي ته انهن مٿان فدا ٿي وڃي. هاڻي اهي ئي پير تتل واريءَ تي ائين سڙي پچي رهيا هئا جيئن بٽيءَ ۾ جَوَ پُنجيا آهن. اي هاشم! سسئي جو يقين ڏس هوءَ پوءِ به دل شڪستي نٿي ٿئي.

هاشم شاهه جي اهڙي سهڻي بيان ۽ ٿورن لفظن ۾ وڏي ڳالهه ڪري وڃڻ واري فن ۽ فڪر بابت پنجابي هولي ۽ ادب جو محقق احسان الله طاهر چوي ٿو ته:

”ہاشم ہوراں دے شعر نوں اک جادو تے طلسم آکھیا جاندا اے کہ وہ اپنے اختصار کولوں کم لے کے اپنی وڈی گل کر جاندے نیں کہ قاری اوہدے سحر چوں باہر ای نہیں نکلدا، نالے ساریاں زباناں دی حقیقی تے سچی شاعری دا وصف ای ایہ ہوندا اے کہ اوہدا شعر اک طلسم تے جادو ہووے۔“ (طاهر، 2014ع: ص 257)

شاهه لطيف سسئي جي نرم نازڪ پيرن جي ڦٽجڻ ۽ رتو رت ٿيڻ جي دل ڇاڪيندڙ حقيقت ڪيترن ئي بيتن ۾ بيان ڪئي آهي.

''پير پٽان ئي ڪُونئرا راڻي ڪِيس رَچي.'' (بلوچ، 1999ع: ص 312)

(هُن جا ريشم کان وڌيڪ نرم پير جبل جي تتل واريءَ ۾ هلي هلي ڳاڙها رت ٿي ويا).

هڪ ٻئي جاءِ تي چوي ٿو ته، ''پير ڦٽجي پيا پيرن جون تِريون چيرجي ڦاڪون ٿي پيون پوءِ به پنهون ڏانهن هلندي پئي وڃي ته شال سڃڻ موڻي اڇي جنهن سان منهنجو ناتو آهي.''

پير پَٽائين ڪُونئرا ڏونگر مٿي ڏي،
ڦٽيا ڦُڻ فقير جا، سِيرون ٿيئڙا سي،
جهڙي تهڙي حال سين پُري پُنهون ڏي،
وڃي مان وري، ٻانهيءَ بَنڌڻ جنہ سين.
(بلوچ، 1999ع: ص 290)

5.14.27 سَسُئيءَ جي سِڪ، جيئن يوسف عليه السلام کي مصر جي تانگهه: هاشم شاهه سسئي جي سِڪ، اُڪير ۽ تانگهه کي هڪ نئين تشبيهه ڏني آهي:

جب لگ تاہنگ نراس

نہیں،

جیوں یوسف تاہنگ مصر

دی۔

(عقيل، 2002ع: ص 96)

''جيئن يوسفؑ جي دل ۾ مصر جي اُڪير هئي ائين ئي جيستائين سَسُئي جي مَن ۾ سڃڻ جي سِڪ ۽ تانگهه هئي هوءَ مايوس ڪونه ٿي''.

5.14.28 جتن ۽ اُڻن کي پٽون ۽ پاراتا: هاشم شاهه جي سسئي به ڏيرن تي ڪروڌ ڪري ٿي پر هاشم شاهه سندس ڪاوڙ ۽ پٽون پاراتا ڏيڻ جو تمام سخت اظهار ڪري ٹو.

ترلے لاکھ کر جت پہنچی کھوج تلک
ہٹھ کرکے،
ٹٹ دی جان گئیاں چھٹ آہیں یاد
بلوچان کرکے،
شالا رووِن بلوچ کموتیں لون طرح
کھر کھر کے۔

(عقيل، 2002ع: ص 99)

''آخرڪار سسئي جتن ڪري ڪوشش ۽ حوصلي سان پنهنجي ڳولا تي پهتي. (پنهونءَ پير لڌائين) پر هاڻي هُن جي جان به وڃڻ واري ٿي. هوءَ بلوچن کي ياد ڪري، آهون پري چئي رهي هئي ته، ''الله ڪري بلوچن جي دلين ۾ ڪنڌا لڳن ۽ اُهي قيامت تائين روئندا رهن. اي هاشم! اِهي بلوچ لوڻ وانگر ڳري ڳري ڪِني موت مرن.''

هاشم شاهه پنهونءَ جي اُڻ کي به پنهنجي مخصوص انداز ۾ پٽون پاراتا ڏئي ٹو ۽ سسئي جي درد ۽ سوز کي چوڻي تي ڪٽي وڃي ٹو، ''سسئي جي آخري وقت جون دردناڪ پڪارون اهڙيون هيون جن کي ٻُڌي پٿر به پاڻي ٿي وڃن. هوءَ چوي پئي ته جيڪو اُڻ پنهون کي ڪٽي ويو، اُهو الله ڪري مَري دوزخ ۾ پوي يا ان کي به سسئي جيان عشق جو تير لڳي ۽ اهو به سسئي وانگر ٻرهه جي باهه ۾ سڙي خاڪ ٿئي.'' اي هاشم! اُڻن تي اهڙو ڪو موت

پوي جو دنيا مان انهن جو نسل ئي ختم ٿي وڃي“.

اوڑک وقت قهر دياں کوکاں سُن پتهر
ڈهل جاوے،
جس اوٹھ پنوں نوں کهڑيا مر دوزخ
ول جاوے،
يا اُس تير لگے برهوں دا وانگ سسی
جل جاوے،
هاشم موت پوے کرهاں نوں تخم
زمينوں جاوے۔

(عقيل، 2002ع: ص 99)

هاشم شاهه سسئي جي جذبات جي جِدت ۽ شدت کي بيان ڪرڻ ۾ ڪا ڪَسر نٿو ڇڏي هُن سسئي جي سوز، ڪاوڙ ۽ ڪروڌ جو ڪُليو اظهار ڪيو آهي:

شاهه لطيف به سسئي جي اُڻن ۽ اوڻين تي سخت ڪاوڙ ۽ ڪروڌ کي ڇڻائي سان بيان ڪيو آهي:

”سسئي چوي ٿي ته، مون کي جيڪڏهن اها خبر هجي ها ته قافلي وارا مُون کي ائين رڻ ۾ رُلائيندا، ته آئون انهن جا پلاڻ ساڙي ڇڏيا ها ۽ انهن جا اُٺ مارايان ها“.

پانيمُ جي سَرواڻ، ڇلائيندم ڇيرين،
ڪانيَمَ هُوند پَلاڻ، اُٺ گڏايم ان جا.

(بلوچ، 1999ع: ص 321)

5.14.29 عشق ۾ ايڏي بي ادبي: سسئي جي بيان ۾ ٻئي شاعر سسئي جي رنج ۽ ڪاوڙ ۽ ڪروڌ کي وقتي طور ته بيان ڪن ٿا پر وري سسئي جي اَٿاهه عاجزي ۽ پنهون سان سلهاڙيل هر هڪ شيءِ سان بي پناهه عشق جو جذبو اُن مٿان غالب ٿيڻ وجي ٿو.

هاشم شاهه چوي ٿو ته، ”وري سسئي ڪجهه سوچ ڪري توبهه تائب ٿئي ٿي ۽ چوي ٿي ته، ”مون کان ته وڏي بي ادبي ٿي وئي، جنهن تي منهنجي محبوب سواري ڪئي، ان جهڙو ته ڪو ٿي نٿو سگهي. ڪو مون جيان بدقسمت نه هجي، جنهن کي ڪو سهارو نه ٿو ملي.

اي هاشم! جنهن سان سندس محبوب مُرڪي ملي ان کي ئي سهاڳڻ سمجهه.“

پهر مڑ سمجهه کرے لکهه توبہ بهت بے
ادبی ہوئی،
جس پريار کرے آسواری تس دے جيڈ
نہ کوئی،
کد ميں وانگ نکر من ناہيں کت ول
ملے نہ ڈهوئی،
هاشم کونت ملے ہس جس نوں جان
سہاگن ہوئی۔

(عقيل، 2002ع: ص 100)

5.14.30 تنهن اُٺ مَ لڳي اُس: شاهه لطيف انهيءَ ڪيفيت کي ڪهڙي نه سهڻي سڏاءُ

۽ مٿانهين فڪر سان بيان ڪيو آهي.

هتي سسئي انهن ئي ساڳين اُڻن لاءِ دعاگو آهي. شل انهن ڏيرن جا نوخيز اٺ تيز ۽ تِکا هلي خير سان پنهنجي منزل تي پهچن. تمام تيزي سان هلڻ ڪري انهن جا پير نه تِرڪن ۽ نه ٿاٻڙجن ائين شال هو پب جبل مان آرام سان گذري وڃي پنهنجي ماڳ رسن).

خاص پنهون جي اُٺ لاءِ به هي سچي عاشق عجب تمنا جو اظهار ڪري ٻئي.

گورا وڃن گامَ، ڏيرن سندا ڏيهه تي،
تودڻ جون تڙ ٻيڙ ۾، تريون ترڪن تان مَ،
اونيڙن آرام، لنگهي پب پري ٿئا.
(بلوچ، 1999ع: ص 318)

گُسڙِ ٿِئي مَ گس، پَٽي پوءِ مَ پرينءَ تي،
جنهن سَر ساجن سُپرين، تِنہ اُٺ مَ لڳي اُس،
پُنهون پاڪ پُرسَ، هوت نه ڪجن هيڏيون.
(بلوچ، 1999ع: ص 318)

سسئي چوي ٿي ته شل جنهن واٽ تي مِٽيءَ روڙ ۽ دز يا جيڪا ڊُسڙ اُڏامي، سا منهنجي پرينءَ جي مٿان نه پوي. منهنجو سهڻو ساجن جنهن اُٺ تي سوار آهي، شل ان کي به اُس ۽ گرمي نه لڳي. اي منهنجا پنهل سائين! پاڪ خصلتن وارا انسان! توکي ايتري ڏاڍائي نٿي جڳائي.

5.14.31 مارڳ ۾ مرڻ: هاشم شاهه جي سسئي جا پساهه پنهونءَ جي پنڌ ۾ تلاش ۽ جستجو ڪندي سندس ڪرهي جي قدمن جي نشان تي سِر رکي پورا ٿين ٿا، سسئي پنهنجو نينهن، واعدو ۽ وفا پنهون جي پويان سرگردان رهندي نيائي سرخرو ٿي.

”سسئي اُٺ جي پير جي نشان تي سِر رکيو ۽ بي سُڌ ٿي وئي، موت اچي هن پيڙو ٿيو. هن چيو، ”اي محبوب! تون خوش هجين. مون تنهنجي خاطر (تنهنجي تلاش ۾) وارياسي پٽن تي پنهنجا پساهه ڏئي واعدو پورو ڪيو.“ هوءَ ڪري ۽ اتي ئي سندس ساهه جي تند ٽُٽي ٻئي، اي هاشم! لک لک شڪرانه جو سسئي عشق جي راهه نيائي وئي.“

سر دھر کھوج اتے غش آیا موت سی
وی آئی،
خوش رہو یار اساں تدھ کارن تھل وچ
جان گنوائی،
ڈگدی سار گئے دم اکے تن تھوں جان
سدھائی،
ہاشم کر لکھ لکھ شکرانے عشق ولوں
وہ آئی۔
(عقيل، 2002ع: ص 100)

شاهه لطيف هن موقعي تي به سسئي جي پرين لاءِ واجهه ۽ جستجو کي ظاهر ڪري ٿو. سسئي پنهنجي پريت پاڙي، پنهونءَ جي راهه ۾ سِر ڏئي سَرهي ٿي.

ڏري ۽ ڏاري، سَٽِ سورن جي سَسئي،
پيپائي پنهونءَ ڏي، نِرمل نِهاري،
لالڻ جي لطيف چئي، سونهن سَتي ساري،
پريتڙو پاري، مارڳ ۾ مُنڌ مُئي.
(بلوچ، 1999ع: ص 278)

هاشم شاهه سسئي جي بيان ۾ فقط قصي جي ٽاڻن اهجاڻن کي قلمبند ڪيو آهي، هو شاهه لطيف جيان صوفيانه نُڪتن کي نروار ڪرڻ جي ڪوشش نٿو ڪري. البته هن سسئي جي سِڪ، تلاش، جستجو، اٽموٽ عزم ۽ اٽل ارادي، ڏکڻ ڏاکڙن ۽ هن جي جذبن جي شدت کي پنهنجي قلم جي پوري زور سان زبردست نموني نروار ڪيو آهي. هاشم شاهه به شاهه لطيف جيان سسئي جي بيان ۾ جڙ ته پنهنجي اندر جو سوز ۽ ساڙو قصي ۾ اوتيو آهي. سندس سسئي بابت ڪلام ۾ ۽ شاهه لطيف جي سسئي ۾ ڪيترين ئي فڪري نُڪتن، جذباتي ڪيفيتن ۽ احساسن جون هڪجهڙايون ۽ ڪي قدر منفرد ۽ جدا خيال ۽ نُڪته نظر پڻ واضع نظر اچي ٿو.

5.15 خواجه غلام فريد (1845-1901ع):

5.15.1 رڻ ۾ تياڳ ۽ تپسيا: سرائيڪي هوليءَ جي هنڌين ماڳين مشهور شاعر ۽ بزرگ خواجه غلام فريد جو تعلق پنجاب جي سرائيڪي علائقي جنهن کي 'وسيب' ۽ 'روهي' به چون، سان آهي، انهي روهي جي ريگستان ۾ عمر جا ارڙهن سال گمنامي ۽ تنهائي واري تپسيا ۾ گذاريائين. خواجه طاهر محمود ڪوريجو لکي ٿو ته:

> "متحده ہندستان کے صحرائے اعظم میں اپنی زندگی کا بیشتر حصہ گذارنا، جہاں شجر نہیں، ثمر نہیں، دیدار نہیں سایہ نہیں، گلستان نہیں، گل نہیں، ہر طرف ایک گھمبیر خاموشی، ایک نہ ختم ہونے والا سناٹا، ایک دائمی تنہائی، ہر طرف ریت کے ٹیلے، سرسراتی ہوا، ناقہ صحرا اور آواز جرس، یا ایک تحیّرم، ایک تجسس۔ اس کیفیت میں نفی و اثبات کے مراحل تھے اور اپنی حقیقت کی اصل کو پانے کی لگن تھی"۔ (کوریجہ، 2011ء: ص 51)

5.15.2 خواجه غلام فريد جو ڪلام: خواجه غلام فريد جيئن ته سرائيڪي هولي جو بهڳڙو شاعر آهي پر هُن سرائيڪي کان سواءِ عربي، فارسي، اردو، سنڌي، هندي ۽ پنجابي هولين جا محاورا، تشبيهون ۽ استعارا استعمال ۾ آندا آهن، خواجه طاهر محمود ڪوريجو خواجه غلام فريد جي ديوان جو اردو ۾ پهريون ترجمو ڪندڙ مولانا عزيز الرحمان جي حوالي سان لکي ٿو ته:

> "وہ ہماری بھاول پوری (ملتانی) زبان کے قادرالکلام، بینظیر اور بلند پایہ شآعر تھے، وہ ملانی زبان کے اول الشعراء اور خاتم الشعراء تھے۔ انہوں نے سندھی سوز گداز اور بہاول پوری درد و کرب کو ایران کی نازک خیالی، ہندستان کی موسیقی اور عربی جذبات کے ساتھ اس قدر مخلوط کردیا کہ یہ کہنا مشکل ہے کہ ان کے کلام میں جذبات، شاعری، موسیقی اور سلاست مین کون سا جزو زیادہ نمایان ہے"۔ (کوریجہ، 2011ء: ص 81)

سنڌي ڪافين کان سواءِ سرائيڪي ڪافين ۾ سنڌي مصراعون به ڏنيون اٿس، مومل راڻي جي بيان ۾ مومل کي راڻي جي اچڻ جي آس ۽ اميد جا احساس ۽ آلاپ ڏسي ٿو:

ميڊا مٹھڑا ماٹھوں کاک

جا

شالا راڻا ايندم رات
تيڊي سک دے کان سُتي
ہم
سومل کون گھن سات
غم دا حال سڻاواں کيويں
سو ڏکھ تے ہک وات
(ڪوريجو، 2011ع: ص 218-217)

محبوب جي غم جون ڳالهيون اڻ ڳڻيون آهن، اِهي هڪ زبان سان سلي ن سگهبيون. سوين ڪاغذ ڪارا ڪرڻ سان به محبوب جا سور سلي نه سگهبا.

ڏکھ دا حال نہ تھيوم پورا،
چتراں سو سوپنا۔
(کوريجو، 2011ء: ص 508)

5.15.3 خواجه غلام فريد جو سنڌ سان تعلق ۽ سنڌيءَ ۾ ڪلام:

خواجه غلام فريد جي سنڌ سان تعلق ۽ سنڌيءَ ۾ ڪلام چوڻ بابت ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو لکي ٿو ته:

”هڪ روايت موجب خواجه غلام فريد جو سنڌ سان به تعلق رهيو ۽ هو سنڌي ڳالهائيندو هو، سنڌي ڪلام به چيائين ۽ تصوف جي سلسلي ۾ هن اثر ورتو.“ (جوڻيجو، 2002ع: ص 368)

عشق اسان جي جا آهن انصاف،
ظلم نپائيندس ته به تنهنجا ٿورا ڳائيندس،
تن من سهڻا ملک آ تنهنجو،
سچ آهي ناهي لاف،
قسم اوهان جي سِر جي کائيندس.
(ڪوريجو، 2011ع: ص 308)

5.15.4 خواجه غلام فريد تي سچل سرمست جو اثر:

سنڌ، سرائيڪي، پنجاب ۽ ٻين جاگرافيائي طور رليل مليل علائقن جي شاعرن جو هڪ ٻئي تي اثر عيان آهي، خاص طور تي صوفي شاعرن فڪر ۽ فلسفي جي اَملهه موتين ۽ جواهرن جي وند ڪئي. ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو سچل سرمست جي خواجه غلام فريد تي اثر بابت لکي ٿو ته:

”جناب اسلم رسولپوري پنهنجي ڪتاب ’منتخت سرائيڪي ڪلام سچل سرمست‘ ۾ پنهنجي مطالعي جي نچوڙ پيش ڪندي هڪجهڙين مصرعن ڏي به اشارا ڪيا آهن جهڙوڪ: سچل سرمست چوي ٿو ته،

آءُ ڏکن ڪاڻ جائي آهيان، سورن ڪاڻ سمائي آهيان.

جهڙوڪ: غلام فريد چوي ٿو ته،

ڏکٽين ڪارڻ جائي هم، سولين سانگ سمائي هو..
فارغ آهيان فرض کان سنت کي پي سلام.

***

گذري فرض فريضي سنت کو پي سلام.

***

نه ڪوئي دوزخ نه ڪوئي جنت، نه ڪوئي حور قصور

نه ڪوئي آدم نه ڪوئي شيطان، بڻ گئي اي ڪوڙ ڪهاڻي.“
(جوٽيجو، 2002ع: ص 299)

خواجه غلام فريد سادگي پسند، صاف دل صوفي ۽ درويش صفت انسان هو ۽ انهيءَ درويشي کي ئي سڀ ڪجهه سمجهي ٿو ۽ مسجد ۽ مندر ٻنهي ۾ خدا تلاشي ٿو.

ہیوں او قلاش تے رند
اساں
پئی نودی ہے ھند سندھ
اساں
ہیون بے شک عارف چند
اساں
کل راز رموز دے دفتر
ہوں۔
***
اساں سؤ بدمست قلندر
ہوں،
کڈیں مسجد ہوں، کڈیں
مندر ہوں۔

5.15.5 خواجه غلام فريد جي وطني حُب:

خواجه صاحب سرائيڪي وسيب جي ريگستاني، گرم، خشڪ ۽ گھٽو ڪري غيرآباد ۽ ڏُڪاريل ڏيهه ۾ اتي جي ڏڪايل، بکايل مظلوم، محڪوم ۽ پوئتي پيل خلق خدا کي آڏت ڏيندڙ، آسرو ۽ اميد ڏيکاريندڙ ۽ آڇپو آڇيندڙ اڳواڻ ۽ ماڻهن جي لاءِ مصيبتن ۾ هڪ روحاني مسيحا ٿي آيو چيائين ته:

تھی خوش "فرید" تی
شادول
ڈکھڑیں کوں نہ کر یاد ول
اجھو تھیم جھوک آباد ول
ایھاں نیں نہ وہسی ہک
منی۔

خواجه طاهر محمود ڪوريجو لکي ٿو ته:

”وہ بار بار اس علاقے کی یا متعلقہ علاقوں کی لوک داستانوں کا ذکر بھی کرتے ہیں اور ان کے کرداروں کو علامتوں کی طور پر پیش کرتے ہیں۔

’سسی‘ کو ایک جذبے، جستجو اور تحریک کے طور پر "پنل" کو حسن ازل ’ہیر‘ کو عشق صادق ’سوہنی‘ کو مصمم عزم و ارادہ کی علامت

'چناب' کو ہستی وجود ارو مشکلات کے طور پر پیش کرکے اپنی غیرمعمولی علم لدنی اور اس کی گرفت کا اظہار کرتے ہیں"۔
(کوریجہ، 2011ء: ص 107-106)

5.15.6 هر شيءِ ۾ آ رمز وجودي:

خواجه فريد صوفين جي وحدت الوجودي سٹ جو پرجوش، پرعزم ۽ بيباڪ پرچارڪ هو، محبوب حقيقي کي ڪائنات جي هر مظهر ۾ موجود ۽ هر صورت ۾ صاف ڏسي ٿو.

بن دلبر شڪل جهان آيا، هر صورت عين عيان آيا
ڪتهلآ آدمُ تلآ ڪتهلآ شيثُ نبي، ڪتهلآ نوحُ ڪتهان طوفان آيا
ڪتهلآ ابراهيم خليلُ نبي، ڪتهلآ يوسفُ وچ ڪنعان آيا
ڪتهلآ عيسيٰ تلآ الياسُ نبي، ڪتهلآ لچهمن رام تلآ ڪان آيا
ڪتهلآ ذڪرياُ ڪتهلآ يحييٰ هلآ، ڪتهلآ موسيٰ بن عمران آيا

هڪ ٻئي جاءِ تي ظاهر جي عالمن کي مخاطب ٿي چوي ٿو ته اهي ذڪر ڇڏيو ۽ محبوب جو ديدار ڪائنات جي هر شيءِ ۾ آهي.

"نيت فريد نماز شهودي،
هر شلآ مين هلآ رمز وجودي،
سَڀ ملواڻي جو مذڪور."
(ڪوريجو، 2011ع: ص 294)

حقيقت جي حڪايت سان گڏ مجاز جا مڇ به مچايا اٿس، مومل راڻي جي بيان ۾ اوسيڙي ۽ انتظار جي حالت ۾ محبوب کي پڪار ٿه، "اڇڻ جو ڪو جتن ڪر جو جوپن ۽ سانوڻ مند جا ڏينهن کي ٿورڙائي ته آهن."

آنوڻ دي ڪر ڪئي سانول،
مفت نه جانوِم جوبهن ڍهل،
سانوڻ مُد سهاڳ دي رم جهم برسن بادل،
ناهيں پيت لڇاوڻي آوين راڻا اَڄڪل.
(ڪوريجو، 2011ع، ص 322)

جيئن شاهه لطيف پنهنجي ڪلام لاءِ چيو ته:

جي تو بيت پانيئا، سي آيتون آهين،
نِئو من لائين، پريان سندي پارَ ڏي.
(بلوچ، 1999ع: ص 536)

5.15.7 خواجه غلام فريد مقبول عام شاعر ۽ مفڪر:

خواجه غلام فريد جي ڪلام کي ائين ئي سرائيڪي خطي جا عام توڻي خاص تمام گهڻي تقدس، مان ۽ مرتبي وارو سمجهن ٿا ۽ ان جي لاءِ تمام گهڻي عزت ۽ وقعت رکن ٿا، سرائيڪي هولي ۽ ادب جو ناميارو عالم پروفيسر ڊاڪٽر مير جاويد چانڊيو لکي ٿو ته:

"اگر سرائیکی زبان میں کوئی الہامی کتاب ہوتی تو وہ 'دیوان فرید' کہلاتی۔ یقیناً تو سرائیکی وسیب کے چرواہوں کو یہ بتانے کی ضرورت ہے اور نہ عالموں اور دانشوروں کو، 'دیوان فرید' گذشتہ صدی میں سب سے زیادہ پڑھی اور سُنی جانے والی اور دل میں اُتر جانے والی کتاب ہے اور خواجہ فرید رحہ اس خطے کی مقبول ترین

اور دل میں اترجانے والی شخصیت ہیں۔'' (چانڈیو میر، 2011ء: ص 31)

5.15.8 عشق عيوض مليل انعام:

خواجه صاحب به محبوب ۽ مطلوب پاران مليل ڏکن ۽ سورن جو شڪر ادا ٿو ڪري جو اهي پياري پريتم جا ڏنل آهن:

قسم خدا دی قسم بنی

دی

عشق ہے چیز لذیذ عجیب

لکھ لکھ سول ہزاراں

ڈکھڑے

سؤ سؤ شکر جو آیم

پکھڑے

بیشک ضرب حبیب

ذبیب۔

(ڪوريجو، 2011ع: ص 213)

سهڻي ميهار جي قصي ۾ سهڻي جي جذباتي ڪيفيتن ۽ احساسن جا احوال اورينديچوي ٿو ته عشق جي سلطنت جي سلطان مون کي ديوانگي ۽ بدناموسي جا تاج پارايا آهن.

شاهه برهون دلآ ڈٹڑم عهده

ڳالهين دي سرداري وو يار

خلعت شهر خواري وو يار.

(ڪوريجو، 2011ع: ص 226)

حضرت عشق جي حڪايت ٿورن لفظن ۾ سڻائي ۽ سمجهائي ٿو چڏي ته جنهن دل ۾ عشق آيو ان جا سڀ افعال عبادت آهن.

گمراہی سبھ زہد عبادت

شاھد مستی عین ہدایت

جس جا کیتا عشق ظھور۔

(ڪوريجو، 2011ع: ص 295)

5.15.9 ويسون سنجهه صباحين: زندگيءَ جي مختصر مانجهاندي جي ماڳ، دنيا جي بي ثباتي ۽ ان ۾ به عشق جي آزارن جو احوال اورينديچوي ٿو ته:

ویسوں سنجھ

صباحیں

خالی رہسن جائیں

پکی پردیسی اُبھے

سردے

دودن دے خلقائین

عشق فرید ہوں

ڈکھ ڈتڑے

بچھیاں برہوں

بلائیں۔

جفائن جي جلايل دِل مان ميار ٿي نڪري ته:

سوہنٹیں دے وچ وصف

وفا دی

میں ای گالھ نہ منّان

(کوریجہ، 2011ع: ص 509)

خواجه غلام فريد جي شاعري روحانيت سان گڏوگڏ رومانيت جو به سهڻو اظهار آهي.
خواجه طاهر محمود کوريجو لکي ٿو ته:

"خواجہ فرید کی شاعری دنیا کے عظیم رومانی ادب میں شمار ہوسکتی ہے، مشہور رومانی شعراء ورڈز ورتھ، شیلے، کیٹس، جیمس ٹامس، کولرج اور فرانسیسی شاعر بودلیئر کی طرح فرید کی شاعری بھی ان کی اضطراری روح کا مظہر ہے"۔ (کوریجہ، 2011ء: ص 50)

5.15.10 محبوب جي سونهن جي همه گير ثناء:

خواجه صاحب جي جگ مشهور کافي ”ميڈا عشق وی توں، ميڈا يار وی توں“ ڪنهن نه ٻڌي هوندي ۽ هن ۾ محبوب جي ساراهه جي جيڪا همه گيريت، وسعت ۽ ندرت آهي اها تمام گهڻ شاعرن ۾ نظر ايندي. رسول بخش پليجو لکي ٿو ته،

”اهو جيڪو سونهن جي باري ۾ ڪلام آهي، اهي جيڪي ٽڪرا آهن، قهر جا جيڪي وارث شاهه گايا آهن ۽ اتي جيڪو سينگار ۽ حسن جو بيان آهي، اهو ڪڏهن لطيف Attempt نه ڪيو آهي، اِها ته هن جي گهڻائي آهي نه هُن جي وڏائي آهي، هڪڙو نظم آهي، خواجه فريد جو” ميڈا عشق وی توں، ميڈا يار وی توں“ جن ٻڌو هوندو، عين ان جهڙي لطيف هڪڙي به شيءِ نه چئي آهي ۽ آئون نڙو سمجهان ته برصغير ۾ ان مقابلي جي ٻي ڪا شاعري به آهي.“ (پليجو، 2012ع: ص 28)

ميڈا فردا تے ديروز وی

توں

اليوم ول تون الآن وی

توں

ميڈا بادل برکها کهمنياں

گاجاں

بارش تے باران وی توں

میڈا ملک ملھیر تے مارو

تھلڑا

روھی چولستان وی توں۔

(کوریجہ، 2011ء: ص 480)

5.15.11 خواجه غلام فريد جي شاعري سرائڪي لغت جو پنڊار:

خواجه غلام فريد جو ڪلام سرائيڪي لغت جو پنڊار آهي، لفظن جو هڪ اٽڪٽ خزانو آهي، جنهن کي هڪ جذبي، جنون ۽ پيار سان پوئي ڪلام جوڙيو ويو آهي، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکي ٿو ته:

”خواجہ صاحب کا کلام سرائیکی زبان کی لغت کا خزانہ ہے، اور یہ دیوان ان جواہرات کا جماھر ہے۔“

(بلوچ، 2011ع: ص 18)

5.15.12 خواجه غلام فريد جي نينهن جا نشان: صوفي شاعرن، بزرگن جي سوانح نگارن ۽ عقيدتمندن سندن زندگيءَ جي احوال ۾ ڪين آيل مجاز جي مهميز کي بيان ڪرڻ کان پاسو ڪيو آهي ۽ اهڙو احوال نمايان ڪرڻ کان ڪيڀايو آهي، خواجه غلام فريد بابت به اهڙو احوال ملڻ محال آهي، پر چوندا آهن ته عشق ۽ مشق لکائي نه سگهبا آهن. خواجه غلام فريد جا نيڻ به روهي جي ”سونهن“ جي سامهان ٽيا ته اتي ئي اٽڪي رهيا.

نينہہ اولڑا اوکا لايُم، سِک پل پل دی مار

منجھايم،

پُچھوی ملا ہانبہن جوسی، کیڑھا وقت

ملن دا ہوسی،

ڈھول اساڈے ویڑھے اوسی، رنج ھجر

دے سخت ستايم۔

(ڪوريجو، 2011ع: ص 355)

”خواجه غلام فريد روهي سان رومانس لاءِ ان ’ڪيءَ‘ جي قرب ۾ ڪجهه وقت لاءِ ڪوٺ مٺڻ جا ڪ وساري اچي روهي جي رائي سان روح وندرائڻ لڳو ۽ رات ڏينهن اهائي تند تنوار ۽ طلب هئي ته ڪنهن به ريت اهو محبوب ميسر ٿئي ۽ روهي سان رغبت ۾ اها وائي واريائين ته:

روهي خوش بهار وسي، جت مين نماڻي دا يار وسي،
رُت رنگيلڑي، مينهن مُند وار وسي، جت مين نماڻي دا يار وسي.

خواجه فريد جي ان ڪيءَ سان شادي ٿي ۽ اهي اتي ئي رهيا پيا. ”ان عقد ۽ عشق واري آستاني کي عقيدتمند ”جهوڪ فريد“ چون، جنهن تي جهڪي جهومن ٿا ۽ روز بروز روهيلا رقص ڪري عقيدت جا گل آڇين ٿا ۽ فقرائن روهي ۾ هڪ ٽوپو به کوڻايو آهي، ان ڪيءَ ۽ ڪوريجي جي قرب جي ڪري ان کي نالو ئي ”ڪيءَ واري ترائي“ ڏنو آهي. جنهن تي به لوڪ لڙِي ويندا رهن ٿا ۽ محبت جي ميثاق کي ميڙا ڏين ٿا.“

(مهر، 2020ع: ص 5)

5.15.13 خواجه غلام فريد جي ڪلام ۾ سسئي:

سرائيڪي ۽ پنجابي ٻولي جي شاعرن، عالمن، اديبن ۽ محققن گهڻو ڪري سسئي کي پنجاب جي مقامي داستان پئي ڄاڻايو آهي. ڊاڪٽر فهميده حسين لکي ٿي ته:

''هاڻوڪي دور ۾ پنجاب جا محقق اها ڳالهه مڃين ٿا ته ان قصي جو تعلق اصل ۾ سنڌ سان آهي.'' (فهميده، 1993ع: ص 285)

ان بابت ائين چئي سگهجي ٿو ته پنجاب ۽ سرائيڪي علائقي جي ڪن محققن اها ڳالهه ضرور مڃي هوندي پر ڪيترائي اڃا انهيءَ ڳالهه تي بيٺل آهن، خواجه غلام فريد جو ديوان 2011ع ۾ مرتب ڪندڙ خواجه طاهر محمود ڪوريجو جو خود سرائيڪي وسيب جو نامياروعالم ۽ اديب آهي ان ڪتاب ۾ سسئي پنهون جي قصي بابت لکي ٿو ته:

"یہ لوک داستان خواجہ صاحب کے ضلع رحیم یار خان سے متعلق ہے، رحیم یار خان سے کچھ فاصلے پر 'بھٹہ واہن' کا قصبہ واقع ہے، وہاں کی راجہ کی بیٹی کا نام 'سسی' تھا، 'پنوں'کیچ مکران کا شہزادہ تھا، اس کا ایک موقع پر 'بھنبھور' کے قصبہ سے گذر ہوا، جہاں ان دنوں سسی کا قیام تھا تو باغ میں سیر کرتی سسی کو دیکھ لیا، دونوں ایک دوسرے کی محبت میں گرفتار ہوگئے، حتیٰ کہ شادی ہوگئی اور پنوں 'بھنبھور' میں رہنے لگ گیا۔"

(ڪوريجو، 2011ع: ص 107)

خواجه غلام فريد جي ڪلام ۾ به سسئي سرائيڪي علائقي وارو ٿر جو سفر ڪري ٿي جڏهن ته شادي کان پوءِ پنهون جي پائرن جو اڇ ۽ پنهون کي ڪٽي وڃڻ ۽ سسئي جو پنهون پٽيان ماندو ٿيڻ، اڪيلي سر پنهون پٽيان نڪري پوڻ ۽ سفر جون سختيون سهڻ وغيره سپ ساڳيا آهن. ياد رهي ته خواجه صاحب جو هي ديوان 2011ع ۾ نئين سر ترتيب ڏنو ويو آهي.

البته سسئي جي ڪردار ۾ تات، طلب جاکوڙ ۽ جستجو تي مڙئي محقق متفق آهن، طاهر محمود کوريجو لکي ٿو ته:

"خواجہ صاحب نے سسی کو جذبہ و جستجو کی علامت قرار دیا ہے اور فرماتے ہیں "پنجاب میں جتنی خواتین عشاق گذری ہیں مثلاً 'ھیر' 'صاحبان' سوہنی وغیرہ سب کی سردار 'مائی ھیر' ہے اور علائقہ سندھ و بلوچستان میں عاشق خواتین مثلاً سسی، مومل وغیرہ ان کی سردار 'مائی سسی' ہے، اس کے بعد متبسم ہوکر فرمایا: "مجھے 'مائی ھیر' سے انس نہیں بلکہ 'مائی سسی' سے انس ہے اس کی وجہ چولستان اور ویرانہ ہے جو مجھے بہت پسند ہے اور سسی نے بھی اس ویرانے اور بیابان میں پنوں کے پیچھے تن تنہا بھوک اور پیاس کی حالت میں بھاگ بھاگ کر اپنی جان قربان کردی"۔ (کوریجہ،

2011ء: ص 108-107)

5.15.14 سسئي بابت ڪافين جا موضوع:

خواجه غلام فريد 'سسئي پنهون' جي بيان ۾ تمام گهڻيون ڪافيون چيون آهن، انهن ڪافين جو مکيه موضوع محبوب جي جدائيءَ ۾ گهايل گهڙيون، سُپرين جي سِڪ تات ۽ طلب، محبوب کي ميارون ۽ موٽي اچڻ لاءِ آزيون نيزاريون ڪرڻ ۽ محبوب جي پڻيان ويندي تڪليفون ۽ سُور سهڻ وغيره آهي، خواجه غلام فريد به شاهه لطيف ۽ سچل جيان پنهنجي ڪلام ۾ خاص طور تي سسئي جي بيان ۾ چڙ ته پنهنجو اندر اوتيو آهي، جذبن، احساسن ۽ درد جو هي داستان خواجه صاحب نهايت سوز ۽ گداز سان ڳايو آهي.

5.15.15 سسئي جو ڏکن سان پيڇ ازل کان:

سسئي جي لاءِ چوي ٿو ته چمندي ئي ڏکن جي گهٽي پيتم.

ڈٹڑی چمندیں امڑي کهتڑی،
غم گهڻڑی ڈکهه ڈان۔

شاهه لطيف چوي ٿو ته:

هوءِ جي سُور سُڃن، سي مون پينگهي ۾ پرايا،
سانديياس سُکن، سُورن ڪارڻ سَرتيون!
(آڏواڻي، 2013ع: ص 186)

تون ڇاڻين يا نه پرمان جيئري يا موت کان پوءِ ٻنهي جهانن ۾ تنهنجي آهيان.

اين جگ اوي جگ، موئين جيندين
تيڈڑی ڇاڻ نه جاڻ.

(ڪوريجو، 2011ع: ص 495)

شاهه لطيف به سسئي جي ٻنهي جهانن لاءِ پنهون حوالي ٿي وڃڻ جي ڳالهه ڪئي آهي:

جڏيءَ وڻ جالي، مان لِه ڪارڻ لک سين،
آهيان آريءَ ڇام جي هِت هُت حوالي،
عيب مون ۾ اڳرا، نِرملُ نڪالي،
پرڻياڻي پالي، ڪامل نيندو ڪيچ ڏي.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 146)

سسئي چوي ٿي ته ''مون اڪيلي کي چڏي وئين. آئون هاڻي اکيون مهڻي اُٽي آهيان.''

ڪلهڑی چهڀڪلاَ ڪيچ سدهايوں،
اکهين مليندي اٹهياں اٹهياں،
عشق ''فريد'' نهين اڄ ڪل دا
روز ازل دي مٹهياں مٹهياں.
(ڪوريجو، 2011ع: ص 469)

خواجه صاحب چوي ٿو ته، منهنجو عشق پنهون سان ازل کان آهي، شاهه لطيف چيو ته:

انگ اڳهين لکيو، منهنجو ميثاقا.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 140)

5.15.16 سسئي جو گمان:

خواجه غلام فريد وڻ به سسئي کي اهو گمان ۽ پَر هو ته سندس سهاڳ سدائين ساڻس ساڻ ۾ هوندو ۽ ڏور نه ويندو، چوي ٿو:

مين ڃاتا سوهڻا يار پنل،
رهسي کول نه ويسي ڪيڇ ڏو ول،
هُن وَل وَل پُور پووِن پل پل،
اکهين نير هَنجوں فرڙاٽے نيں.
(ڪوريجو، 2011ع: ص 419)

شاهه لطيف انهيءَ خيال جي تمام خوبصورت ۽ شاعرانه سونهپ سان تصويرڪشي ڪئي آهي:

مون پانيو مزمانَ، هميشه هوندا پرين،
ڪُهي ڪميڻي هَليا، ڪَهلَ ڪَيائون ڪانَ،
ڏيئي ويا ڏاه ڪي، سُورن جا سامانَ،
جورو رات جُوان، جيڏيون! جت ڪري ويا.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 144)

5.15.17 سسئي جي ميار:

خواجه غلام فريد سسئي جي بيان ۾ پنهون کي ميار ڏيندي چوي ٿو ته توکي ائين نه پيو جڳائي جو ڪيڇ وڃي عيش آرامي ٽڻين ۽ مون اڪيلي عورت جي سار نه لڌئي جو آئون ڏرن برن ۾ پٽڪي برباد ٿي آهيان.

اينوين نه ها لائق پُنل،
ڪلهڙي دی ول لدهڙو نه ڪل،
ونڃ ڪيڇ لايو عيش ڳل،
می ڳل موئي وچ بار ولآ.
(ڪوريجو، 2011ع: ص 533)

هتي سسئي اهو به گُمان ڪري ٿي ته پلي پنهون جي مون محبت ماريل سان سچي پريت نه هئي ته به ظاهري طور مون سان ساڻي ٽڻي ها، اي منهنجا محبوب! شال سدائين سُکيو هجين، توکي اهو انداز ۽ منهن موڙڻ مناسب نه هو.

دلڙون نه سُنجڑی کوں ڇَهيں،
شرمون ڪثرمون آ ٻهيں،
شالا سدا تو خوش رهيں،
اصلون نهين اي ڪار ولآ.
(ڪوريجو، 2011ع: ص 533)

منهنجي وَر مون سان وفا نه ڪئي ۽ سيج سُڃي ڪري ويو.

پيت نه پالي سردلآ والي،
تول نهالي روليس خالي.

شاهه لطيف جي شاعري ۾ سسئي پنهونءَ کي ميار يا الزام نه ٿي ڏئي اها ته غفلت واري ننڊ ڪرڻ تي به پنهنجو پاڻ تي ملامت آڻي ٿي، البته اوٽين، پنهون ست ۽ جتن جي لاءِ ۾ اهو ضرور چوي ٿي ته انهن مون سان ناحق ڪيو.

اَلوڙو اکين، آيم ننڊَ اَپاگ ڪي!
هاڻي هن پنيور ۾ گهاريان ڪارڻ ڪِن؟
اَديون! اوٽيڙن، هنئين سان هاجو ڪيو.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 156)

سسئي ته سهيلين کي اها التجا ٿي ڪري ته توهان موٿي وڃو جو ڪيچ جي ڪشالن واري ڪٿن سفر ۾ متان ڪا مصيبت ۾ پوي ۽ منهنجي پرينءَ کي پاراتو ڏئي.

متان مَري اُڃ، ڪا ڏئي پاراتو پرينءَ کي.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 128)

شاهه لطيف جي سسئي جي پيرن ۾ لِڦون آهن ۽ رت روئي پئي پوءِ به پرين کي ڪاوڙجي پاراتو نه ٿي ڏئي.

پيرين پئا پُرڪٽا، رَه ۾ گهٽو رنومِ،
پاراتو پرينءَ کي تپي تان نه ڏنوم،
چڪي تي چيومِ، سُواهرُو سڃٽين.
(بلوچ، 1999ع: ص 286)

سچي سڪ ۽ پريت وارن جي اها نمايان نشاني آهي ته ميار ڏيڻ روا نه رکندا آهن، بلڪه اُهي ته ان سودي ۾ گهاٽي کي به نفعو سمجهن ٿا جو هو پرينءَ کي پاڻ کان جدا يا الڳ وجود يا هستي نٿا پائنئين. البته ڪنهن ڪنهن وقت درد جي شدت کان ڪا دانهن نڪري ئي وڃي ٿي، اهي مِڙئي معاملا وقت به وقت لحظي به لحظي بدلجندڙ انساني ڪيفيتن جو اظهار آهن. جيڪي فطري آهن.

اديون! آئون اَڃاڻ، مون سڳ سڃاڻي نه ڪيو،
هوند نه سڀيم هيتري، ڪوهياري جي ڪاڻ،
رَتيءَ جي رهاڻ، جيءُ اڙايم جَت سين.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 109)

5.15.18 سُرهي سيج ۽ هار سينگار تياڳڻ:

خواجه غلام فريد پنهون ست جي پلاڻي وڃڻ کان پوءِ سسئي جي حال جي حڪايت بيان ڪندي چوي ٿو ته:

برہوں بلائیں سنجھ
صباحیں،
دم دم آہیں نکلن دھائیں،
سیج فرید نہ بھاندی یارا،
لگڑی چوٹ اندر وچ۔
(کوریجہ، 2011ء: ص 221)

مون کي عشق جا عذاب صبح سانجهي پيا ستائين، هر پل آهون ۽ دانهون پئي ڪيان. اندر ۾ اهڙو ته انگهه لڳو اٿم جو سُرهي سيج به نٿي وٽيم.

شاهه لطيف سسئي جي بيان ۾ سسئي جي بي قراري، ماندي ٿيڻ، لڇ پڇ ۽ صدمي جو احوال ۽ اپٽار ته ڪئي آهي پر اُن کان اڳتي وڌي ڪيس هاٿي سُرهي سيج ۽ هار سينگار وسارڻ جي هدايت ٿو ڪري ۽ چويس ٿو ته پنهون جو پيرو ڪڻ ته من دل جي مُراد پوري ٿيئي. مطلب ته شاهه لطيف هر موڙ ۽ ماڳ تي سسئي کي فقط سُور پڻڻ، افسوس ۽ ارمان ڪرڻ بجاءِ همت ۽ حوصلو هينئن سان هنڌائي جستجو ۽ جاکوڙ ڪرڻ جي صلاح ٿو ڏئي.

”ڏکي ڏک وسار، سيج ڦِٽي ڪر سسئي“
”ڏکي! ڏک مٽي ڪري وَنءُ چپر پيهي.“
(آڏواڻي، 2013ع: ص 133)

5.15.19 سسئي کي ڏِنگن ڏيرن جا ڏنل ڏک:

خواجه غلام فريد سسئي جي ڏيرن جي ڏاڍ، بي واجبي ۽ ناانصافي تي ڏاڍو ڏمريو آهي ۽ مٿن چوه چندبيا اٿس ۽ سسئي پاران کين پِڻون پاراتا ڏيندي ڏسجي ٿو:

پُنهل يار کُوں چا بهر

ميونے

زورا زوری پکڑ نيتو نے

پوونے شالا رب دی مار۔

(کوريجہ، 2011ء: ص 248)

شاهه لطيف سسئي جي هن ڪيفيت کي پرپور نموني بيان ڪيو آهي ۽ ان ڪيفيت کي ڪيئي رنگن ۾ رنگيو آهي:

ڏريان ئي ڏاريان، مِٺ مُئيءَ جا نه ٿيا،
مَدي ڏيرن مَن ۾ ڪليو ڪيڪاريان،
صُبوح ٿي ساريان، ته اُٺ نه اوطاقن ۾.

(آڏواڻي، 2013ع: ص 138)

سسئي جي ذهن ۾ اهو خيال ٿو اچي ته مون کي ائين اڪيلو ڇڏي هليو وڃڻ واري وارتا مان ۽ ڏيرن جي اهڙي ڪلور ۽ ڪٿورتا مان پنهنجائپ يا ڪنهن رشتي ناتي جي لڇ لحاظ بجاءِ اوپرائپ ۽ اجنبي هجڻ جا اهجاڻ ظاهر آهن، هو سوچي ٿي ته واقعي اُهي ته اصل کان ئي غير هئا ۽ انهن جي من ۾ مون لاءِ خلوص نه پر مدائي هئي، اِها منهنجي بي سمجهي هئي جو مون انهن کي پنهنجو سمجهي سندن اهڙو آدرياءُ ڪيو، پر ڪيچي مون سان چگو نه هليا.

رائو رنجائو، مون نماڻيءَ جي نِڇُهري،
مُنهن ڏيئي مون آئيو، ڏونگر ڏولائو،
سرتيون ساجائو، ڪيچين مون سان ڪونه ڪِئو.

(بلوچ، 1999ع: ص 323)

شاهه لطيف اهڙي نموني ڏيرن، اُنن ۽ پهاڙن کي هڪجهڙو ڏوهي ڪرڻ واري ڪيفيت به بيان ڪئي آهي.

ڏاڳهن، ڏيرن، ڏونگرن، ڏُکن آءُ ڏُڌِي. (ص 137)

منهنجا ڏير ڏنگا ٿيا ته چا ٿيو يا منهنجا ڏير ڪهڙا ڏِنگا آهن: شل منهنجو نصيب خراب نه ٿئي.

چا جي ڏِنگا ڏيرَ، منهنجو ڏينهن ڏنگومَ ٿئي. (ص 138)

شاهه لطيف سسئي جي ڪردار ۾ انساني سوچن ۽ ڪيفيتن جي بدلجندڙ روپن جو گهڻ طرفو سلسلو بيان ڪري ٿو. سسئي، ڪيس ڏکوئيندڙ ڏيرن کي دعائون پئي ڪري! اي جتؤ! شالَ! وڏي حياتي ماڻيو ۽ پلي مون کي پيا ڏکوئيو!

جتا! شال جئو! جئو! ٿا جاڙون ڪريو.

ڪيڏي نه عجيب، انوکي ۽ يگاني ڪيفيت ۽ سوچ جو اظهار آهي ته جن سسئي جو سپڪجهه برباد ڪري ڇڏيو، اُها انهن ئي آزاريندڙن جي وڏي حياتي لاءِ ڏڪي در ٻاڏائي ٿي.

5.15.20 سسئي جي جستجو ۽ جدوجهد:

خواجه غلام فريد عشق ۽ محبت جي ميدان ۾ ڇڻو، صاف ۽ ڪرو آهي، هن وٽ به شاهه لطيف جيان عشق جا اعليٰ آدرش ۽ اصول آهن، عشق جي اذيتن کان پلي پت واقف آهي، ۽ انهن عذابن کي چُمي اکين تي رکي ٿو.

گھاٹـلاَ عشق دے گھاٹـلاَ جاتـلاَ میں،
تان بھي چُم اکھیان چاتـلاَ میں.
(ڪوريجو، 2011ع: ص 471)

اڳتي چوي ٿو ته بي واهي هجڻ ئي منهنجي واهه آهي ۽ بدناموسي ئي منهنجي ناموس ۽ سُڄ ئي منهنجي لاءِ وَسنهِن آهي، عشق مون کي اهڙين نعمتن سان نوازيو آهي:

بے واہی وہ وہ واہ
میری
ہے ہو ہو عزت جاہ
میری
سنج واہ ہے تکیہ گاہ
میری
پاتی پیت تون ایھا
براتے میں۔
(کوریجہ، 2011ء: ص
472)

شاهه لطيف پنهنجي اعليٰ فهم ۽ ساڃاهه سان سسئي جي پنج داستانن ۾ ڪيڇ ڏانهن سفر جي ڏکاين، سختين ۽ مصيبتن جو مذڪور بيان ڪرڻ کان پوءِ چوي ٿو ته سسئي جو پنهنجي مقصد ۽ منزل ڏانهن ائين وڃڻ واري جستجو ۽ جدوجهد نيڪ بختي آهي ۽ اهو ته اها جدوجهد ڇڏي ويهي رهڻ منهنجي وس ۾ ئي ناهي.

هلندي هاڙهو مَٽي، ڪڙڻ ڪوه پيامِ،
اَرڏا آريءَ جام ري، گوندر گذريام،
لَکيون لَک لطيف چئي اورانگهڻ آيامِ،
پُرڻ پُنهون پُٺ ۾، ايءَ سعادت سنديامِ،
مَڻِس ڪَمَ وڏامِ، وهان تان نه وَس پئو.
(بلوچ، 1999ع: ص 306)

خواجه غلام فريد به سسئي کي گهر ويهي روچ راڙو ڪرڻ بدران پنهون پٽيان رڙ راهي ٿيڻ ۽ ڪشالا ڪيڻ جي صلاح ٿو ڏئي:

يار پنل ڳيا ڪيڇ شهر ڈوں،
تهي راهي روهي تهل برڈوں،
بي واهي ڪيوں آکر گهر ڈوں،
جُکهه جُکهه عُمراں ڳالاں.
(ڪوريجو، 2011ع: ص 427)

محبوب ڪيڇ ڪاهي ويو، آئون گهر ۾ ويهي وقت وڃائڻ بدران ٿر جي ويرانن ۾ ڪيس ڳولڻ لاءِ ڇو نه نڪري پوان؟

ڈيون ڈوڑلآ سول سهيلياں
بدطنيت پٹھڑياں دل ميلياں
سُنج بر ساڑے صحن حويلياں
سر ساڑاں جي جالاں.
(ڪوريجو، 2011ع: ص 427)

منهنجي محبوب کان سواءِ منهنجي حويلي ۽ آڱڻ ويران ٿي ويا آهن، دل چوي ٿي پاڻ کي ساڙي ڇڏيان، منهنجون مَدائي رکندڙ سهيليون به مون کي ڏکارو ٿيون ڪن.

شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ سسئي سورن جي اپڻار بيشڪ ڪري ٿي ۽ اهو به چوي ٿي ته:

سو پڻ ساڙو هوءِ هوءِ جو ساهه سرير ۾. (بلوچ، 1999ع: ص 361)

پر ڪٿي به پنهنجو پاڻ کي اذيت ڏيڻ ۽ خود سوزي يا جاڻي واڻي جان جوکي ۾ وجهڻ واري روايت بيان نه ڪئي آهي. ٻئي پاسي سسئي جي سهيلين جو ڪردار ۽ رويو به پنهنجائپ وارو آهي، اُهي کيس آٿت ڏين ٿيون تڏهن ته سسئي انهن کي سرتيون، پينر ۽ ادیون ڇئي ٿي، جنهن مان محسوس ٿئي ٿو ته سندس سرتيون هُن وٽ ڏک ونڊڻ آيون ۽ سسئي ساڻن سُور سلي، دل جو بار هلڪو ٻئي ڪري، هنن لفظن ۾ ڪيڏي نه پنهنجائپ آهي:

پينر آءٌ پوري .....
سرتيون سُڃي سُج.....
ادیون آءٌ اَڃاڻ .....
پينر هن پنپور ۾ .....
ڪڏهن ڪڏهن جيڏيون ..... وغيره.

5.15.21 پهاڙ پرزا ڪرڻ جو عزم: خواجه غلام فريد بهرحال سسئي جي جذباتي ڪيفيتن کي ضرور بيان ڪيو آهي، سسئي ساڻس ڪيل ڏاڍ ۽ بي واجبي تي ڏک، ڪاوڙ ۽ جذبات جي شدت جو اظهار ڪندي چوي ٿي ته:

يار نه پانواں پئی کر لانواں
سوهی سيج نوں بها بهڑکاواں
پٹ پٹ رو رو بار اُٹهانواں
ويڑ کراں روه ڈالاں.
(ڪوريجو، 2011ع: ص428)

محبوب کي نه پسي هنجون هاريان سيج کي ساڙي ڇڏيان، روئي روئي جهنگ بر مٽي تي ڪٽان، ۽ پنهون لاءِ پکاريندي پهاڙن کي پرزا پرزا ڪري ڇڏيان.

شاهه لطيف چيو ته:

آڏو ڏَکَرَ ڏُرُ، مَتان روهَ رتيون ٿئين!
(آڏواڻي، 2013ع: ص 144)

شاهه لطيف سسئي جي روئڻ جا به نرالا ۽ انوکا انداز بيان ڪيا آهن، لطيف بي جان جبلن کي به پيڪر ڏئي هڪ ڪردار جو روپ ڏئي ڇڏي ٿو. جيڪو ڏکويل سسئي کي ڏسي پاڻ به غمگين ٿي وڃي ٿو.

ڪي جي ڪيا پارَ، ڏُکيءَ ڏونگر پاڻ ۾،
سُٽي سا تنوار، مِرون پيا مامَري.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 159)

ڏکويل سسئي ۽ ڏونگر گڏجي ايتريون دردليون دانهون ڪيون جو اِهي درد جا آلاپ

ٻڌي جهنگ جا جانور به ڏڪارا ڏي روئڻ لڳا.

شاهه لطيف چوي ٿو محبوب جي سِڪ ۾ روئڻ وارن جي ئي مراد پوري ٿئي ٿي پر اُهي جيڪي جدوجهد جي رستي تي روئن ٿيون، يعني ڪوشش ۾ جستجو ڪن ٿيون:

جي مٿي رَندن روئن، ساجن ملي تن کي.

(آڏواڻي، 2013ع: ص 112)

خواجه غلام فريد سسئي جي سفر جا ڪٺن ڪشالا بيان ڪندي هن جي ”ٿر“ (سرائيڪي ٿر، وسيب روهي يا چولستان) ۾ لانڍي ۾ لسپيلو کان لنگهڻ جي ڳالهه ڪري ٿو ته هاڻي اهي ويران برپٽ بيابان ئي منهنجو ماڳ ۽ گهر آهن.

تهي راهي تهل مارو جُلساں،

لانڍهی تي لَس ٻيلا رُلساں،

سَنج بر بار کيتم گهر بار.

خواجه فريد سسئي کي خبردار به ڪري ٿو ته نينهن جا پنڌ اڙانگا اٿئي، ڏکيا ڏونگر ۽ لَڪ وات ۾ ملندئي.

تتی نينهه دلآ پندهه اڑانگے نيں،

ڈکهے ڈونگر اوکهے لانگهے نيں.

ڪوريجو، 2011ع: ص 395)

شاهه لطيف ڪيترن ئي بيتن ۾ سسئي جي سفر جي ڏکاين جي منظرنگاري ڪئي آهي.

وڃا وڻ وٽڪار جا، جتي نانگ سُجن نيلا.

(آڏواڻي، 2013ع: ص 102)

ڪَرڙا ڏونگر! ڪَهِ گهڻي، جِت برپٽ سُجن بيرانُ.

(آڏواڻي، 2013ع: ص 159)

ڏاڍا ڏکيا جبل جا رستا ۽ ويران، سجي پٽ جا ڏگها پنڌ آهن.

5.15.13 هرجا ذات پنهل دِي:

خواجه صاحب سسئي جي بيان ۾ مجازي محبت جي مامرن، وصل جي پرڪيف گهڙين، حجر ۽ فراق جي ڦوڙاين ۽ جدائي جي ڪيفيتن ۾ محبوب جي اچڻ جي آس ۽ وفا جي اميد ته ٻئي پاسي، شڪ، وهم ۽ وسوسن واريون ڪيفيتون، نراسائي ۽ انهن سيني جذبن کي، انهن جي ڏڪ کي ميڙي مُنڌ ڪري پنهنجي مقصد ۽ منزل لاءِ ڪاهي پوڻ ۽ ان وات ۾ سُور ۽ سختيون سهڻ ۽ آخر موت قبولڻ جو حوصلو رکڻ وارا اعليٰ آدرشي اهجاڻ ڏيڻ سان گڏوگڏ ٻين صوفي شاعرن جيان هن داستان جو روحاني پهلو به بيان ڪيو آهي:

هر جا ذات پنل دی

عاشق جاڻ يقين

هر صورت وچ يار دا جلوه

کيا آسماں کيا زمين.

پيرمُغان هڪ رمز سُجهائی

ساجن سمجهه قرين.

(ڪوريجو، 2011ع: ص 498)

محبوب هر هنڌ هر صورت ۾ موجود آهي، ان کي پنهنجي ويجهو سمجهه.

هر صورت وچ يار ڈٹهم

ڪُل يار اغيار کون يار ڈٹهم

كِتهه مُلان تـلآ منصور ڏٺهم

كِتهه چوب رسن تـلآ دار ڏٺهم.

مون کي هر صورت ۾ يار جو ديدار مليو، پنهنجن ۽ پراون ۾ ان جو جلوو ڏٺم، ڪٿي مُلان ته ڪٿي منصور ته ڪٿي تختہ دار تي ڏٺم:

كِتهه برم نارائڻ نرنجڻ هـلآ
كِتهه رام كنيا لچهمن هـلآ
كِتهه بيدبياس برهمن هـلآ
كِتهه راچس تـلآ اوتار ڏٺهم.

(ڪوريجو، 2011ع: ص 358)

ڪٿي اهو برهما، نارائڻ نرنجڻ آهي ته ڪٿي رام، ڪنهيا ۽ لچمڻ آهي، ڪٿي ويد ۾ ته ڪٿي وياس ۾ ته ڪٿي شاهاڻي انداز ۾ ۽ ڪٿي اوتار جي صورت ۾ ڏٺم.

شاهه لطيف چوي ٿو ته:

وجين چو وٽڪار هِت نه ڳولين هوت کي.

(آڏواڻي، 2013ع: ص 103)

ووڙيم سپ وَڻاڻ، جارَ ڪارڻ جت جي،
”والله بڪُل شيءِ مُحيط“ اي آرياڻي اهجاڻ،
سپ ۾ پنهون پاڻُ، ٻئو ناهه ٻروچ ري.

(بلوچ، 1999ع: ص 283)

خواجه غلام فريد سسئي سان دلي همدردي رکي ٿو ۽ ان کي بي نصيب ۽ ويچاري ڪوڙي ٿو ۽ چوي ٿو ته هي پيرين پنڌ بي گهر، بي سهاري، بي سرو سامان، بي گناهه بي موت مَري وئي.

سسي شودي پير پيادی
نه تِڑ تاڏلآ جهوک آبادی
مُٺهڑی بـلآ تقصير وو
نه خرچ پلـلآ نه ڳنـڍهه سمل.

(ڪوريجو، 2011ع: ص 336)

شاهه لطيف وٽ سسئي جو موت به پنهون جي فراق ۾ واجهائيندي ٿئي ٿو.

آئون نه گڏي پرينءَ کي مٿان آيو موتُ،
واجهائيندي وَرهِ ٿيا، هَڏِ نه گڏيم هوتُ،
جيڪس ٿيندیس فوت، فنا هن فراق ۾!

(آڏواڻي، 2013ع: ص 135)

باب ڇهون:
4- سسئي جي حوالي سان سنڌ جي تاريخي ماڳڻ ۽ مڪانن جو ذڪر:

سَسُيءَ جي هن ڏکئي پنڌ ۾، انيڪ جابلو ماڳرين، جابلو لَڪَ، جابلو ڇاڙهيڪا ۽ آڙيڪا اچن ٿا، اهي سڀ جي ڳٽڀ ڪجن ته، سنڌ جي جاگرافيائي ورنن جو انوکو بيان تيار ٿي ويندو. سَسُي جيڪي پنجهتر ميل جابلو سفر ڪيو، اهو هڪ عورت جيڪا پنهنجي مائڻن وٽ نازن سان پليل هجي، ان لاءِ تمام ڏکيو پنڌ رهيو هوندو. انهن لاءِ رڳو هڪ بيت جابلو جُوءِ جي جوڙجڪ ۽ ورنن بابت ڪوڙ آهي. سَسُي چوي ٿي ته، ”هڪ وڏا پاهڙ ۽ ٻيو پاهڙي پڻين جا سلسلا ۽ ٽيون وري وڏا پربت آهن. آءٌ اڻ واقف آهيان ۽ اڳيان ٽيڏا ۽ ور وڪڙ وارا سوڙها لڪ آهن.“ اتي شاهه لطيف چوي ٿو ته، (اي الله!) هن مصيبت ماريل جي سامهون جيڪي آڏو وڏا تونگ آهن، انهن کي پري ڪر!“

هِکَ پاهَڙ، ٻيُون پَڻيُون، ٽِئا جَبَلَ جِتِ جاڏا،
اڳيان اَسُونهين کي، ٽا تونگ سُجَن تاڏا،
جي مُڻِيءَ مُنهَ آڏا، سي ٽارج لَکَ لطيف چئي.
(بلوچ، 2009ع: ص 239)

ان ريت سَسُيءَ پنهور کان ٻهوٽي جبل ۽ سنگهر نئن تائين سمورا ’مڌاهين ماڳر‘ جا ماڳ اڻٽيهه ڪوهه پنڌ ڪندي پساهه ڪيا.

”وڃي ڪيچ ڇڄ، ويچاري واڌ مُئي.“

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکي ٿو ته،

”سنڌ ۾ هلندڙ سَسُيءَ پنهون جي مختلف روايتن مطابق پنهونءَ جو ساڻ هيڻين ڏاکڻي واڌ سان سنڌ ۾ آيو. اها راهه پسني، اورماڙا، گدور ندي، (هنگور ندي) ۽ وَلپٽ وڏان مَڻي، ڦورَندي، ٽپي، هاڙي جبل جي ڏاکڻي لڪ مان نِڪري، هاڙي جي اُپرندين پران اُتر طرف هلي پوءِ اُتر- اوپر طرف ڪانهري ٻيلي وڏان ’لياري‘ جي شهر ڏانهن هلي ٿي.“

(بلوچ، 1997ع: ص 36)

سُر سسئي وارن پنجن سُرن ۾ جيڪي ماڳ ۽ مڪان اچن ٿا، سي پنهور، ملير، وندر، ٻپ جبل، هاڙهو جبل، لمون جبل، ڪانپو ۽ ڪارو جبل، مانباڻ، لس ٻيلو، وڏڪار ۽ ڪيچ آهن.

4.1 پنهور:

پنهور هڪ وڏو سنڌ جو واپاري ۽ صنعتي شهر ۽ هڪ بين الاقوامي بندرگاهه رهي آهي. اهو پنهور سسئي پنهونءَ جي دل ڇائيندڙ داستان جي دل آهي ۽ سسئي جو جنم آستان آهي، جنهن سبب هن شهر جي هنڌين ماڳين هاڪ رهي آهي، پنهور ۽ سسئي پنهونءَ جو ذڪر لازم ۽ ملزوم آهن. هن شهر ۾ ئي حضرت عشق جي اُها باهه پڙڪي جنهن جو سيڪ سائين سِڪ ۽ سوز وارن جي دلين کي گرمائيندو ۽ اُتساهيندو رهندو.

سسئي پنهور جي رهاڪو هئي، هي محبت جي لازوال داستان هن ئي شهر ۾ سِرجي ٿي. پر جڏهن جت سسئي کي چڏي پنهونءَ کي مدهوش ڪري ڪيچ کاهي ويا ته سسئي پنهونءَ پڃاڻان پنهور، پنهنجي ديس ۽ گهر لاءِ هينئن ٿي چوي:

آٽڻ اورانگهي ويا، ڪري ڪميڻي ڪيئن،
هاڻ گهرجي هينئن، ته ڏجي باهه پنهور کي.
(بلوچ، 1997ع: ص 203)

واقعي ائين ئي پنهور سان ٿيو. 1226ع ۾ خوارزم شاهه هن شهر ۽ بندرگاهه کي ساڙي پن ڪري چڏيو.

جڏهن ڪنهن انسان جي ڪل ڪائنات ئي ڪسجي وڃي ۽ ان سان اهڙي ڏاڍائي ۽ بي واجبي روا رکي وئي هجي ته پوءِ فطري طور سندس ڪيفيت ۽ احساس اهڙائي هوندا آهن جو هو گهر، شهر ويندي دنيا کان ئي تعلق ٽوڙڻ، بيزاري، ڪاوڙ ۽ ڪروڌ جو مجسم وجود بنجي وڃي ٿو.

اُهوئي پنهور جنهن لاءِ جڏهن سسئي کي سرهائي هئي ته هينئن پئي مَرڪ محسوس ڪري؛

اچئو مر اچن، ٻاروچا پنهور ۾،
پٽي لڳي جن، ڪميٽي ماڙهو ٽئي.
(بلوچ، 1997ع: ص 205)

4.1.1 پنهور جي قدامت:

نامياري محقق ايم.ايڇ پنهور سنڌ جي ڏورانهن ڏيهن سان تجارتي تعلقاتن جو قبل از مسيح دؤر کان جاري هجڻ ثابت ڪري ٿو.

”سنڌ ۽ ميسوپوٽاميا جي وچ ۾ موجود تجارتي تعلقاتن کي 2600 ق.م کان وٺي 550ق.م تائين چگيءَ ريت ثابت ڪري سگهجي ٿو، جيڪي اٽڪل ٻه هزارن سالن تائين لڳاتار قائم هئا. ٽي سگهي ٿو ته اهڙي تجارتي مال جي سنڌ کان روانگيءَ ۾ ڪجهه بي ضابطگي ٽي هجي ۽ ڪڏهن ڪڏهن موڪليو ويندو هجي. مذڪوره مال سنڌوءَ جي چوڙ وارن بندرن تان چاڙهيو ويندو هوندو. ان کان پوءِ اهي تجارتي ٻيڙيون مڪران ۽ ايراني نار واري سامونڊي ڪناري سان هاڪاري فرات جي چوڙ وٽ پهچنديون هونديون.“ (پنهور، 2004ع: ص 82)

پنهور کان آڳاٽي سامونڊي تجارت جا ڪيترائي حوالا موجود آهن، ايم.ايڇ پنهور وڌيڪ لکي ٿو ته:

”50 ق.م کان 50ع تائين جهاز سيا گروس يا عدن کان سڌو پنهور ايندا هئا. جيڪو سنڌوءَ جي چوڙ وٽ سامونڊي بندر هو. ٻيڙائٽ سنڌي، هندستاني، ايراني ۽ عرب هوندا هئا. اهڙو سلسلو 40ع تائين هلندو آيو. ان کان پوءِ مصري- يوناني ٻيڙائٽ به ڏسڻ ۾ اچن ٿا. ان زماني ۾ ناکئا ڪجهه وڌيڪ بهادر ٿي ويا هئا ۽ سڌوسنئون هندستان جي ٻين بندرن ڏانهن هليا ويندا هئا.“ (پنهور، 2004ع: ص 82)

ان دؤر ۾ پنهور کان ٻين ملڪن ڏانهن ويندڙ ۽ اُتان درآمد ٿيندڙ مال بابت ايم.ايڇ پنهور، چيتن لال ماڙيوالا جي حوالي سان لکي ٿو ته:

”سنڌ ڏانهن ايندڙ مال ۾ چيڻ جو ڪپڙو (شايد مصر مان) پکراج، مرجان، عود، لوبان، شيشي جا ڏانوَ، سون، چاندي ۽ ٿورو گهڻو شراب ايندو هو. هِتان ڏور ڏيساور ويندڙ تجارتي مال ۾ ڪوسٽس (خوشبودار ٻوٽي)، بيدلم، لائسم، نارد، لاجورد پٿر، فيروزه، چين کان آيل سيريسڪنس ۽ نير. پنهور جي بندر تي هندستان، تبت، ايران ۽ چين جو تجارتي مال حاصل ٿي سگهندو هو.“ (پنهور، 2004ع: ص 90)

پنهور شهر جي بڻ بڌياد، نالي، قدامت ۽ محل وقوع بابت محققن جي هڪ راءِ نه آهي. نامياري محقق عطا محمد پنهرو پنهور جي موجوده ڪنڊرن واري شهر کي ئي پنهور تسليم ڪري ٿو. هو ”سنڌ جا قديم آثار“ ۾ لکي ٿو ته:

”پنهور جو قلعو شهر گهاري ڦاٽ جي ساڄي ڪناري، ڪراچي کان 33 ميلن جي پنڌ تي آهي، پر ٻيڙيءَ رستي 40 ميل اوپر طرف ٽيندو ۽ گهاري جي ڳوٺ کان 3 ميل اولهه طرف آهي.“ (پنهرو، 1995ع: ص 205)

پنهور شهر جي عروج ۽ زوال بابت نامياري محقق رحيمداد خان مولائي شيدائي لکي ٿو ته:

”پنپور عيسوي صدي 2 ۾ اوج تي هو ۽ سنڌ ۾ واپار تهذيب ۽ ثقافت جو مرڪز هو. جنهن ۾ محمد بن قاسم چانوٽي وڌي هئي، سو 171هه مطابق 778ع ۾ هارون رشيد جي ڏينهن ۾ زلزلي ڪري ويران ٿي ويو.“
(مولائي شيدائي، 2014ع: ص 49)

پنپور آڳاٽي سمي کان مصروف بندر هو. جتان واپاري، ٻيڙا هاڪاري ڏيساور مال کڻي ويندا هئا ۽ واپار ڪندا هئا. پيرومل مهرچند آڏواڻي لکي ٿو ته:

”هي اڳي سنڌ جو هاڪارو بندر هو، جنهن ۾ پنپور راءِ نالي هڪ راجا وڏي تجمل ۽ تومان سان حڪومت هلائي.“ (آڏواڻي، 1997ع: ص 69)

معلوم ٿئي ٿو ته پنپور به ٻين قديم شهرن جيان عروج ۽ زوال جا ڪيئي دؤر ڏٺا آهن. ڊاڪٽر غلام علي الانا پنپور متعلق مختلف ماهرن جي حوالي سان لکي ٿو ته:

”هن قديم شهر کي، مختلف ماهرن مختلف نالا ڏنا آهن. ’ڪزنس‘، ’پنپور‘ کي ’ديبل بندرجي بچاءُ لاءِ هڪ ننڍو بندر ليکي ٿو، جتي جهاز اچي بيهندا هئا، ۽ هِتان سامان ٻيڑين ۾ لاهي، درياءَ ۾ آڻيندا هئا، جتي محصول ورتو ويندو هو. ’هيگ‘، ’ايليئٽ‘ جي انهيءَ دعويٰ کي غلط ٿو سمجهي، جنهن ۾ هن (ايليئٽ) چاڻايو آهي ته پنپور، ديبلڻا جو هڪ وڏو بندر، ’بار بئريڪن‘ هو. هيگ جو خيال آهي ته ’بار بئريڪن‘، شاهبندر جي جاءِ جي ويجهو هو. ’برٿن‘ به پنپور کي، سڪندراعظم جو شهر، ’بار بئريا‘يا ’بار بئريڪا‘ ٿو مڃي. ايليئٽ جي راءِ مان معلوم ٿو ٿئي ته ’پنپور‘ يا ’پنپور‘ پراڻو نالو نه آهي، پر اهو نالو هن شهر تي، هارون رشيد جي زماني (حڪومت 786ع-808ع) ۾ پيو آهي.“ (الانا، 2012ع: ص 130)

سنڌ جا آسپاس جي ۽ ڏورانهن ڏيهن سان واپاري ناتا تمام آڳاٽا رهيا آهن.

6.1.2 پنپور جو نالو:

پنپور شهر جي نالي بابت به محققن ۽ تاريخدانن جا مختلف رايا ملن ٿا، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ پنپور شهر جي هن نالي بابت جامع سنڌي لغات ۾ لکي ٿو ته اهو ٻڌ ڌرم جي مندر جي نالي پويان سڏيو ويو.

”پنپور اصل ۾، بن+ بَهور= بن+ بهار (Van Vihar) ون وهار ٻڌ ڌرم جو نالو، جنهن جي پويان سنڌ جي هن قديم شهر جو مقامي سنڌي نالو پنپور مشهور ٿيو ۽ ٻاهرينءَ دنيا ۾ ديبل جي نالي سان سڏجڻ لڳو. ان جا ڪنڊر ٺٽي ضلعي ۾ گهاري جي ڳوٺ ڪان ٻه ميل ڪن اولهه طرف آهن.“
(بلوچ، 1994ع: ص 393)

جڏهن ته محقق بدر ابڙو پنپور جي تاريخي ڪنڊرن واري شهر کي ڪنهن ٻئي قديم شهر جا آثار لکي ٿو:

”پنپور وارن ڪنڊرن جو تاريخي نالو ڪو ٻيو آهي. ”پنپور“ وارو نالو انهن ڪنڊرن تي پکڙيل ڳاڙهي ٺڪراٽي سبب آهي. باقي سمئي جو شهر پنپور به اهوئي آهي. ڪا اهڙي آبادي جيڪا هن قديم شهر جي ڦِٽي وڃڻ ڪان پوءِ انهن ڪنڊرن جي مٿان يا پر ۾ قائم ٿي هوندي.“ (ابڙو، 2000ع: ص 319)

پنپور جي پهرين کوٽائي 1930ع ۾ ڪئي وئي. ان کان پوءِ ڪافي سالن جي وڃي کان پوءِ 1951ع ۾ هن جي ٻيهر کوٽائي ڪئي وئي جنهن ۾ هِتان آڳاٽي سمي جا سِڪا، زيور، ٺانوَ ۽ ٻيون قيمتي نوادرات، گهريلو ۽ عام استعمال جو سامان پڻ مليو.

ٻئي پاسي سنڌ جا تجارتي لاڳاپا خشڪي رستي به پرپاسي ۽ ڏورانهن ڏيهن سان هئا. مولائي شيدائي لکي ٿو ته،

”پنپور جي خشڪي جو واپار ڪيچ جي هوت بلوچن جي قافلي وسيلي قلات، سيوا، قندار، سيستان، خراسان، ڪرمان ۽ فارس سان هلندو هو.“
(مولائي شيدائي، 2014ع: ص 46)

خشڪي وسيلي تجارت چين کان سواءِ وچ ايشيا تائين هلندي هئي. ايم.ايڇ پنهور لکي ٿو ته:

”سنڌ ڏانهن ايندڙ چين، ايران ۽ وچ ايشيا جو مال خشڪي رستي ايندو هو.“
(پنهور، 2004ع: ص 94)

بلوچ واپاري گهٽو ڪري خوشبو ۽ هارسينگار جو سامان آڻيندا هئا.

”جڏهن هوتن جا قافلا پنپور پهچندا هئا ته سڄي شهر ۾ عطر عنبير جي سرهاڻ پکڙجي ويندي هئي. آريچن جي اچڻ جون خبرون شهر وارن کي ساڻ جي سرهاڻ مان پوندیون هيون.“

”آئي بوءِ پنپور کي سُرهي منجهان ساڻ.“
(مولائي شيدائي، 2014ع: ص 47)

پنپور جي بندر تان ڏيساور ويندڙ مال ۾ ججهو سامان سونهن ۽ سينگار جو هوندو هو.

”هن بندر تان گهٽو مال اهو چڑهندو هو جيڪو عورتن جي سونهن ۽ سينگار سان لاڳاپيل هو، يا آرائشي نوعيت جو هو.“ (پنهور، 2004ع: ص 89)

6.1.3 پنپور جو قِتڻ:

پنپور جو شهر ڪيئن قِتو، ان بابت به محققن ۽ ماهرن ۾ اختلاف آهي، بدر ابڑو لکي ٿو ته:

”پنپور وارا ڪنبر اصل ۾ 1250ع ڌاري قِتل ڪنهن شهر جا آهن، ’گزيٽيئر آف ڪراچي ڊسٽرڪٽ‘ (ص 53) مطابق اهو شهر اٽين صدي عيسوي ۾ زلزلي سبب تباهه ٿيو ۽ ٻيهر آباد نه ٿيو.“ (ابڑو، 2000ع: ص 311)

جڏهن ته پنپور جي کوٽائي مان اهڑيون شاهديون به مليون آهن جن مان اهو انومان به ڪڍي سگهجي ٿو ته شهر جي تباهي ٻاهرئين حملي جي سبب ٿي هجي، ڊاڪٽر غلام علي الانا لکي ٿو ته:

”جدا جدا حصن جي کوٽائي مان، انساني هڏن جا ڪيترائي پجرا لڌا ويا هئا، جن مان ڪي گهڻين ۾ پيل ملیا هئا، ۽ ڪي وري گهرن جي چئن ديوارين اندر ملیا هئا. انهن مان ڪي اهڙا به هئا جن ۾ تيرن جا مٿيان لوهي حصا ٽنبيل هئا. سرن جي جن فرشن تي اهي پجرا پيل هئا، تن مٿان ڪوئلن ۽ رک جا تهه چڑهيل هئا. گهرن جون سِرون ۽ پٿر، پنهنجي جاءِ تي لڳل ڪينهن، تنهن جو سبب ڪو اوچتو حادثو ٿو معلوم ٿئي. ڪي پٿر ٽِڪي ناسي رنگ جا ملیا هئا، جن مان معلوم ٿو ٿئي ته فتح کان پوءِ، ساري شهر کي حملہ آور قوم، باهه ڏيئي چڏي هئي.“ (الانا، 2012ع: ص 133)

مٿين مڙني ڳالهين کي آڏو رکندي چئي سگهجي ٿو ته پنپور آڳاٽي وقت کان هاڪارو ۽ مصروف بندر هو ۽ پنپور جي شهر جو مختلف دورن ۾ وڏو اوج رهيو آهي، هي سنڌ ملڪ جو بين الاقوامي تجارتي بندر ۽ مرڪز هو، جيڪو پوءِ ڪن اندروني ۽ بيروني سياسي ۽ جاگرافيائي تبديلين سبب پوئتي پئجي ويو. پنپور جي تباهي جو ڪارڻ ڪنهن قدرتي آفت يا ڌارئين حملي جو نتيجو ئي هو.

پيرومل مهرچند آڏواڻي پنپور شهر کي سسئي جي نسبت سان هنن شاندار لفظن ۾ پيڻا پيش ڪري ٿو:

”اي پنپور جا شهر، جيڪڏهن زماني توسان وفا نه ڪئي آهي ۽ چرخ ستمگر تنهنجون عاليشان عمارتون ڪيرائي توکي هيئن زمين دوز ڪيو آهي ته تون ارمان نه ڪاءُ! سسئي ستياڻي جي ڪري اڄ به تنهنجو مان ۽ مرتبو مٿي آهي ۽ تنهنجي مٿي به پيئي مان لهي.“ (آڏواڻي، 1997ع: ص 70)

ان ڳالهه ۾ ڪوبه شڪ نه آهي ته باوجود پنهنجي تاريخي شهر ۽ بندر واري حيثيت جي پنپور جي سنڌ ۽ ان کان ٻاهر جي دنيا ۾ هيڏي وڏي هاڪ جو سبب سسئي پنهونءَ سان ان جي نسبت ۽ شاهه لطيف جي عشق جي ان عظيم ۽ المناڪ داستان کي پنهنجي امر شاعريءَ

سان لازوال بنائڻ جي ڪري آهي.

6.1.4 سسئي جي سُرن ۾ پنهوار جو ذڪر:

شاهه جي رسالي ۾ سسئي جي سُرن ۾ قصي جي ڪيترن ئي موقعن ۽ موڙن تي پنهوار جو ذڪر ملي ٿو. پنهوار سسئي جي آس ۽ اميد جو اهجاڻ به آهي ته سپنن جي ساڀيان جو ساکي پڻ آهي.

''آيا آس ٿيام، ٻاروچا پنهوار ۾.''
(آڏواڻي، 2013ع: ص 176)

سهڻين صفتن وارو من گهريو محبوب جڏهن پنهوار ۾ پير پري ٿو ته سارو شهر سَرهو ٿئي ٿو ۽ پنهوار ۾ رونق لڳي وڃي ٿي.

ٻهه ٻهه ٿي پنهوار ۾، هنڌ مڙيئي هُوءِ.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 153)

پر پنهوار ۾ سسئي جا سُک چئن ڏينهن جو ڇڪو هئا، ستت ئي سسئي جو پنهوار هن لاءِ فقط حسين يادن جي تصوير بنجي وڃي ٿو.

وڏي وَس هئا، ٻاروچا پنهوار ۾.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 175)

محبوب جي وڇوڙي ۽ جدائي جي سورن کي شاهه لطيف سسئي جي سُرن ۾ سوز سان ڳايو آهي، سسئي لاءِ سندس ديس دوزخ بنجي ويو.

پينر هن پنهوار ۾ دوزخ جو دونهون.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 172)

سسئي سوچي ٿي ته پنهوار جي سُکن ئي شايد مون کان محبوب ڏور ڪيو آهي، هاڻي ڏکن سان ڏونگر ڏوري هن کي هٿ ڪندس.

پنهوار جَن سُکن، مون کي ساڻان کاريو،
هاڻي ساڻ ڏکن، تان ڪي ڏونگر ڏوريان.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 172)

سسئي ڪاوڙ ۽ ڏک ۾ پنهوار کان بيزاري ۽ ڏکار جو اظهار ڪري ٿي ته هن شهر ۾ ئي هڻڙا ڪيس ۽ ڪَلور ٿين ٿا.

مُون سڏيندي سڏڙا، ساڻي سڏ نه ڏين،
وِلهيءَ جي وڻاڻ تي، توڏ نه تنوارين،
هيڏا هاجا ٿين، بُري هن پنهوار ۾!
(آڏواڻي، 2013ع: ص 173)

سهڻو، سرهو ۽ رونق وارو پنهوار هاڻي سسئي کي بيڪار ۽ بي زيب پاڻئجي پيو ۽ اتي سندس زندگي زهر ٿي پئي.

پنهي هن پنهوار ۾، وهڻ وهُه ٿيوم.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 152)

شاهه لطيف اهڙي صورت ۾ سسئي کي صلاح ٿو ڏئي ته اجا وقت اٿئي پنهوار کي ڇڏي نڪري پئو. مطلب ته گهر جو سک آرام ماڻڻ، هڪ هنڌ ويهي سڪون سان گذارڻ ۾ مقصد ۽ منزل ڪونه ملندا. انهن مڙني آسائشن کي ڇڏي نڪري پوڻ سان ئي سپنا ساڀيان ٿين ٿا.

جان ڪين هُئين جيئري مُنڌ پنهوران پچ.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 129)

هتي شاهه لطيف پنهوار مان مُراد هن دنيا ۽ ان جون آسائشون ڇاڻائي ٿو. سچي سالڪ ۽ اوچي مقصد ۽ منزل جي طلب رکڻ واري کي انهن سان تعلق ترڪ ڪرڻ گهرجي. شاهه لطيف پنهوار کي علامت طور به ڳايو آهي.

پنيوران اُجاڙ، سرتيون! سَکر پاڻئيان.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 172)

شاهه لطيف سسئي جي پنيور ۾ ويهڻ کان سنڌس جدوجهد جي جاڙ، سُڄي ۽ سخت ڪشالن واري واٽ کي مٿانهون مان ڏئي ٿو:

سسئي پنيور کي باهه ڏئي (چڏي) پنهونءَ پير کڻي ٿي.
ڏيئي باهه پنيور کي، آئون آيس تو ڳري.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 174)

اهڙي ريت سسئي پنيور کان پڇي ان کي اورانهون چڏيو ته سنڌس سمورا سُور سُک ٿي پون ٿا ۽ ڏهني مونجهارا، وسوسا، وهم ۽ گُمان گُم ٿي وڃن ٿا ۽ اهڙي ريت سسئي پنهنجي اندر ۾ ئي پنهونءَ کي پسي ٿي:

ڏٺا جيئڻ لَءِ، جيڏيون! ڏيرن مُون کي ڏک،
پڳيس جان پنيور کان، تان سُور مِڙيئي سُک،
لڏي مون تان لُکَ، پنهون ٿيس پاڻهين.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 107)

6.2 ملير:

سسئي پيرين پنڌ پنهون پٽيان رواني ٿي هئي، پنيور کان سنگهر تائين جتي ٻکرار مليس ڪيترو پنڌ ڪيائين ان بابت تحفة الڪرام ۾ مير علي شير قانع لکي ٿو ته:

”پنهنجي بخت بيدار جو ملڪ ننڍ جي لشکر هٿان لٽيل ڏسي، بي اختيار، ڪپڑا ڦاڙي، اڪيلي ئي اڪيلي پنهنجي محبوب جي پويان پئجي، شوق جي قدم سان سخت ڏونگر ڏورڻ لڳي. اٽڪل چاليهه ڪوهه پنڌ ڪري چڪي، ته اُڇ کان بيتاب ٿي ڪِري پئي، ۽ جئن ڪو ماڻهو سڪرات جي وقت زمين تي چڙيون هڻندو آهي، تئن زمين تي پير مهڻ لڳي.“
(قانع، 1989ع: ص 64)

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ سسئي جي واٽ جي ماڳن، مڪانن جي پنڌ جو اندازو ڪري، جوڙي جملي 75 ميل پنڌ ڏسي ٿو. هو لکي ٿو ته:

”مٿين حساب موجب سسئي 38 ڪوه کن پنڌ ڪيو هوندو.“
(بلوچ، 1997ع: ص 38)

6.2.1 سسئي جي واٽ جي پهرين منزل: سسئي جي واٽ جي پهرين منزل مليز هو، ”قطب شاهه، سسئي جي زباني ’مليز جي نئن‘ جو ذڪر آندو آهي ته:

مٿي نئن مليز جي ڏونگر مُون ڏٺا.
(بلوچ، 1997ع: ص 37)

خليفو نبي بخش بلوچ پنهنجي مثنوي ۾ سسئي جي پهرين منزل مليز لکي ٿو:

جڏان پهتي پري روءِ در مليرين،
ڪيتس لنگهه لعل لوهون تيز تيرين.
(مگسي، 2015ع: ص 255)

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ لکي ٿو ته:

”خليفو نبي بخش صاحب پهريون شاعر آهي، جنهن (غالباً سرزمين جي سير ڪرڻ بعد) پنهنجي ’مثنوي‘ ۾ سسئي جي واٽ جا ڪي اهجاڻ ڏنا آهن ۽ آخر ۾ سنگهر جو ذڪر ڪيو آهي.“ (بلوچ، 1997ع: ص 37)

جڏهن ته شاهه لطيف جي سسئي واري واٽ سان لاهوت ۽ هنگلاج ڏانهن وڃڻ جا احوال به ملن ٿا.

پيرومل مهرچند آڏواڻي لکي ٿو ته:

”ڪيچ ڏي وڃڻ لاءِ سسئيءَ جيڪا واٽ ورتي هئي، سا گهڻو ڪري ساڳي شاهه صاحب کي لاهوت ۽ هنگلاج ڏانهن وڃڻ لاءِ ونڊي پئي هئي. اهو جبلن جو پنڌ نهايت اٽانگو آهي، شاهه صاحب اهي ڏونگر جا ڏاکڙا پاڻ ڏٺا آهن، ته

چپي چپي تي سسئي ياد آئي اٿس ۽ ڪوهستان جي ڪشالي واري پنڌ جو سمورو احوال سندس واتان چوايو اٿس.'' ((آڏواڻي، 1997ع: ص 71)

سسئي جي واٽ بابت آڏواڻي صاحب لکي ٿو ته:

''سسئي پنهونءَ لاءِ ڪلهي ڦاٽو ڪنجرو پائي ۽ مٿو اگهاڙو ڪري، واري وسائيندي ۽ 'پنهون! پنهون!' ڪندي، پنپور کان شاهي سڙڪ وڃي، هاڻوڪي داٻيجي ۽ پيري وارا پٽ لتاڙيندي، ملير ڏي وئي هئي، ۽ اُتان ڪراچي اچي، منگهي پير واري واٽ وڃي، پب جبل پاسي وئي هئي. شاهه صاحب به پنپور کان اها ساڳي سڙڪ وڃي ملير ڏي آيو آهي ته اتي جي ميندي جو ذڪر ڪيو اٿس.'' (آڏواڻي، 1997ع: ص 71)

6.2.2 ملير جي ميندي جو ذڪر:

ادين کا ايندي، چپر مُون سنگ ٿئو،
لائيندين لگّن کي، مليران ميندي،
وندر آءٌ ويندي، آرياڻي اجهو ڪري.

شاهه لطيف هِتي ملير ۽ ان جي ميندي‌ءَ جو ذڪر ڪيو آهي، جنهن سان نه صرف سسئي جي واٽ جا اهجاڻ ملن ٿا پر ملير جي مشهور ميندي‌ءَ جي (جنهن جي ان وقت ۾ وڏي هاڪ هئي) معلومات پڻ ملي ٿي. ملير لفظ جي معنيٰ آهي، اهو علائقو جيڪو سرسبز ۽ آباد هجي. اهو ملير جو علائقو آڳاٽي وقت کان سرسبز ۽ سهڻو رهيو آهي.

2.3 وِندُرُ:

هي لس ٻيلي جو هڪ علائقو آهي، جنهن ۾ انهي‌ءَ نالي سان ئي هڪ نئن (برساتي ندي) آهي، هي پب جبل مان نِڪري ٿي ۽ تقريباً 64 ڪلوميٽر وهي اچي سونمياڻي وٽ سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪري ٿي. هن جو رستو حب ندي کان بريدو لڪ ۽ ڪارڙي ناڪي (هي لسٻيلي جي ڄامن جو محصول ناڪو هو جتي زيارتين کان محصول ورتو ويندو هو).

پيرومل مهرچند آڏواڻي هن واٽ بابت لکي ٿو ته:

''ڪارڙي ناڪي کان پوءِ، واٽ تي هڪ هنڌ ٿوري باغات آهي، اتي جيڪي وڻ آهن، تن ۾ انب جا گهڻا وڻ آهن، تنهنڪري انهي‌ءَ هنڌ کي 'انب' يا 'انباولي' سڏيندا آهن. وندر نئن انهي انباولي‌ءَ ۽ سونمياڻي جي وچ ۾ آهي.'' (آڏواڻي، 2012ع: ص 140)

6.3.1 سسئي جي سُرن ۾ وِندُر جو ذڪر:

شاهه لطيف سسئي جي سُرن ۾ وندر جو ذڪر سندس مختلف ڪيفيتن ۽ احساسن آڏار ڪيو آهي. وندر جو پنڌ ڏکيو، اڳانگو ۽ سخت ڪشالن وارو آهي، ان سفر لاءِ سينو ساهڻ لاءِ ٻي ڪا سهولت درڪار نه آهي پر شوق ۽ جذبو پهرين ۽ آخرين شرط آهي.

هيڄ نه هوندو جن، سي ڪيئن وندر ويندیون.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 105)

ٻئي پاسي وِندر ووڑڻ ۽ ولوڑ جي سرزمين آهي، جن جا مقصد مهان ۽ ارادا اٽل آهن، اهي ئي پنهنجي اعليٰ مقصد لاءِ اهڙي تلاش ۽ جستجو ڪندا آهن.

ڏونگر ٽي ڏوري، وِندُر ٽي ووڙي،
جتن لئه جيڏيون! ڏونگر ٽي ڏوري.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 174)

''سسئي ڏونگر ڏوري، وِندر نئن تي پهچي، وندر پاسي خوب ووڙي ٿي، ته من ڪو پنهونءَ جو پتو پوي.'' (جوٽيجو، 2005ع: ص 172)

وِندر جو پنڌ ڪيڏو نه ڪٺن آهي جو اهڙن ڏکين پنڌن جي عادي اُنن کان به رڙيون نڪريون وڃن پر سسئي پنهنجي نينهن جو ناتو نباهڻ خاطر وِندر ندي واري جوءِ ۾ پئي رُلي. تڏهن ئي ان جي سرسي ٿي ۽ عزت رهجي آئي جو هو اڳتي ئي ڪاهيندي پئي وڃي.

ڪرڙا ڏونگر ڪَہ گھٽي، جت ويا روڏا رنگائي،
ساگاپي سيڻن جي، ٿي وِندُر واجھائي،
رھيس رَسُ لطيف چئي، تنھن ڪميڻي ڪاھي،
آرياڻي آھي، مَنھن معذورن جي.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 151)

وندر بابت ھڪ پھاڪو به مشھور آھي:

''وندر مَڻِي وانت، پوءِ ويري به مانجھا پاءِ.''

وندر: بلوچستان جو ھڪ علائقو، ھنڌ، مَڻِي: لنگھي. وانت: الھندي. ويري: دشمن. مان جھا: منھنجا. سسئي وندر ٽپڻ بعد پاڻ کي پنھونءَ جي علائقي ۾ سمجھندي، دشمن کي به پاءُ سڏيو آھي. پنھنجي علائقي مان ٽپي پرائي علائقي ۾ وڃڻ بعد، اُتان جي رھاڪن کي پاءُ چوڻ کان سواءِ گذارو ناھي.

مطلب: ''وندر کان اُلھندي مَڻڻ بعد، دشمن به منھنجا پائر آھن.'' (سھتو، 2016ع)

سسئي وِندر تان پاڻ گھوريو. ھتي وِندر سسئي جي مقصد ۾ منزل جو اھجاڻ بنجي وڃي ٿي. جنھن تان سسئي سِر گھوري سُرخرو ٿئي ٿي ۽ ھوت پنھونءَ کي پڪاري ٿي.

''ھوت! مَ ڇڏيو ھيڪلي، ھيءَ جا وِندُر وکاڻي.''

6.3.2 جو وِندر ۾ واپار: شاھه لطيف جي سسئي بابت بيان ۾ وِندُر جو وڏو اھم مقام آھي، سسئي جي اھا ھڪ مڪيه منزل آھي، جتي سسئي کي سندس سودو سرٿو ھو، پر جڏھن ھن پنھنجي خودي کي ختم ڪيو ۽ پنھنجو پاڻ کي سڃاتو ته منزل مُنھن سامھون اچي ويس، مطلب ته انسان جيڪي ڏکايون، ڪٹنايون ۽ ڪشالا ڪنھن مقصد ۽ منزل ماڻڻ لاءِ پاڻ تي ھموار ڪري ٿو انھن مڙني کان مٿانھون، تمام اھم پر ڏاڍو ڏکيو ڪم آھي، پنھنجي خودي کي ختم ڪرڻ. جنھن اھو معرڪو سَر ڪيو، سمجھو ان پنھنجي منزل ماڻي ورتي.

پنھونءَ ٽيس پاڻھين، ويو سسئي جو سينگارُ،
''مَن عَرَفَ نفسهُ فقد عَرَفَ رَبَهُ'' اِھوئي آچار،
جو وِندُر ۾ واپار، سو سودو سريس ھِتھين.
(آوڏواڻي، 2013ع: ص 107)

6.4 پب جبل:

سسئي پنھونءَ جي دل آويز داستان جي بيان ۾ شاھه لطيف جن جبلن جو ذڪر ڪيو آھي تن ۾ پب جبل جو نالو به ڪيترن ئي ھنڌن تي نمايان نظر اچي ٿو. ھي سسئي جي سامھون ايندڙ پھريون پھاڙي سلسلو ھو. ايڇ.ٽي لئمبرڪ لکي ٿو ته:

''بدقسمت سسئي جيڪا واٽ پنھور کان ڪيڇ وڃڻ لاءِ اختيار ڪئي ھئي، اھو رستو سنڌ جي ڪوھستان واري ڏاکڻي حصي منجھان نڪري ٿو ۽ ان ڏس ۾ پھريون وڏي ۾ وڏو پھاڙي سلسلو جيڪو کيس لتاڙڻو پيو ھو، اُھو ھو پب جبل، جو لسبيلي ضلعي ۾ آھي.'' (لئمبرڪ، 1985ع: ص 13)

سسئي جي پنڌ واري واٽ جو وچور بيان ڪندي ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکي ٿو ته:

''پبوٽي جو ناڪو، پب جبل جي 'پبوٽي لڪ' وٽ آھي ۽ اتي سسئي جي واٽ جو نشان 'سسئي جو ٽوپو' آھي.'' (بلوچ، 1997ع: ص 38)

پب جبل جون چوٽيون اوچيون ۽ اتاھيون آھن ۽ جڙ ته آسمان سان ڳالھيون ڪن ٿيون، انور ساگر ڪانڙو لکي ٿو ته:

''ڏکڻ طرف 190 ميل ڊگھي جابلو سلسلي جو نالو ڪيرٿر جبل آھي، منجھند ڊاري ھن جبل جي شڪل ڪير جھڙي يا وري سمنڊ جي لھرن جھڙي ھوندي آھي. ھي جبل جھالاوان ۽ سنڌ جي وچ ۾ خط فاصل آھي، ۽ انجي آسمان سان اکيون ٽڪائيندڙ 7380 بلند چوٽي ''رڙبڪ'' سنڌ ۽ بلوچستان جي شھرن کي ڏسندي رھي آھي. سمنڊ ڏي ويندڙ جبل کي ''پب'' جبل چون ٿا. جنھن جي

اوچي چوٽي 7759 فوٽ اوچي آهي هي جهالاوان جي اوپرندي ڪنڊ آهي.“
(ڪانڊڑو، 2005ع: ص 164-165)

6.4.1 پب جبل کو عام جبل ڪونهي: پب جبل کو عام جبل نه آهي، هي اونچو ۽ اٽانگو ماڳ آهي، پيرومل مهرچند آڏواڻي هن جي هيبت ۽ سسئي جي اُن سان سينو ساهڻ جو ذڪر ڪندي لکي ٿو ته:

”هي پب جبل جو پاسو آهي، جبل جا چاڑهه نهايت اونچا ۽ اٽانگا آهن، جيڪو جبل جو پاڳو ڏسو سو ”هيبت جو هاڻي.“ اها هئي ڪا اونهاري جي موسم. جيئن ڏينهن وڃي چڑهندو تيئن جبل وڃي تپندو. لُڪون لوساڻيو چڏين. پر محبت هن جي من ۾ ايتري مردانگي پيدا ڪئي جو شاهه صاحب سندس واتان چوايو آهي ته:

ٽَپي ڪندي ڪوه، ڏونگر ڏکوين کي؟
تون جي پهڻ پب جا، ته لِڳَ منهنجا لوهه!
(آڏواڻي، 1997ع: ص 77-78)

6.4.2 سسئي جي سُرن ۾ پب جبل جو ذڪر:

شاهه لطيف سسئي جي داستان جي دردن، قصي جي ڏاڪڻ ۽ انهن جي ماڳن مڪانن کي به نرالي ۽ عجب ڍنگ سان نروار ڪري بيان ڪيو آهي. سسئي جي سرتين جڏهن خوشي ۽ مسرت مان پنهنجي لاءِ نوان ويس وڳا پئي ورتا، سسئي چوي ٿي ته تڏهن منهنجي ماءُ مون لاءِ پب جبل جا پهڻ (ڏک ۽ سُور) ڏاج ۾ ڏيڻ لاءِ تيار پئي ڪيا.

سرتين سَهَجَ منجهاءُ، ٿي ڪوڏِ وهايا ڪپڑا،
تڏهن مُنهنجي ماءُ، ٿي پَهَڻ آڇئا پَبَ جا.
(بلوچ، 1997ع: ص 210)

هتي شاهه لطيف پب جبل کي سسئي جي ڏاج سان تشبيهه ڏئي ٿو.

پب جبل نهايت ڪٺن ۽ ڪنور ڪشالو آهي، ان کان پار پوڻ سؤلو نه آهي، هي هيبتناڪ هنڌ آهي، جنهن مان شاهه لطيف جي هي پُرعزم ۽ اٽل ارادي واري سورمي ئي صبح سوارو لنگهي وڃي سگهي ٿي.

”پَبُ وجهنديس پٽ تي صبح سَوارو.“
(آڏواڻي، 2013ع ص 149)

شاهه لطيف سسئي کي پب جبل جون سختيون سڌائڻ سان گڏ ڪيس همت ۽ حوصلو ڏيندي، سندس رهنمائي ۽ رهبري به ڪري ٿو ته، پب جبل جيتوڻيڪ اونچو، اتانهون ۽ دشوار رهگزر آهي، پر ان کي ڏسي متان ڇڏين ۽ همت هاري پوئتي موڻي آهين.

”متان ڪا مُنڌ ڏِئين پانهين پسي پَب.“
(بلوچ، 1997ع: ص 341)

ان کان پوءِ اِها صلاح ته پنهنجي مقصد خاطر ڪشالا ڪيي ڪوششون ڪر ۽ انهن جُفائن سان جالائيندي ۽ جدوجهد ڪندي پب جبل ۾ موت قبول ڪر.

”مَر مَٹا ڏيئي، پُنهون ڪارڻ پب ۾.“
(آڏواڻي، 2013ع: ص 184)

شاهه لطيف پب جبل جي واٽ ۽ سسئي جي نيٽن جو عجب رشتو ۽ لقاءُ بيان ڪيو آهي، سسئي جون اکيون پنهونءَ خاطر رت جا ڳوڙها مينهن وانگر وسائي نيٽ بس ڪري ويون.

وسي وساڻيون، رَتو روئي پرينءَ کي،
پيو ڪٽن پب ڏي، نظر نماڻيون،
سي ڪِئينَ ٻيلاڻيون، جن ويندو هوت نه وارئو.
(بلوچ، 1999ع: ص 359)

”شاهه لطيف جتي به پب جبل جو ذڪر ڪيو آهي، اتي هزارين دليون ڏکائي چڏيون اٿس، دنيا جي شاعريءَ جو وجود لوڏي چڏيو اٿس.“ (ڪانڊڑو، 2005ع: ص 165)

شاهه لطيف سسئي جي ڪردار سازي ۾ سندس اٽل ۽ ارڏي عزم ۽ ارادي کان اهڙا معجزا ڪرائي ڏيکاريا آهن جو هينئون حيرت ۾ پئجي وڃي ٿو. پب جبل جا پهڻ ڪيڏا به سخت چو نه هجن پر سسئي جي سوز و غم، آهه و بُڪاءَ، ازلي سِڪ، اُڪير ۽ عزم آڏو اهي به ذرا ذرا ٿي وڃن ٿا.

”هُو جي پهڻ پب جا پڃي ٿيا پورا.“
(آڏواڻي، 2013ع: ص 159)

6.4.3 ڇڪي ڇنائين پنڌ مڙوئي پب جو: اهڙي ريت سسئي جيڪا پب جبل جي جاڙن ۽ جُفائن کي سهندي انهن سان مهاڏو انڪائيندي ٿڪي چور ٿي پئي، پوءِ به هُن اهڙي ڪيفيت ۾ وڪ اڇڻي وڌائي، تنهن ڪيس محبوب جي نزديڪ آڻي ڇڏيو، هُن پنڌ کي اهڙي هِڪ سَٽ ڏني جو سموري پب جبل جو فاصلو طئه ڪري وئي.

ڪُهي جا ڪنيائين، وِڪ تنهن ويجهي ڪئي،
ڇِڪيءَ ڇِنائين، پنڌ مڙوئي پب جو.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 441)

6.5 هاڙهو جبل:

شاهه لطيف سسئي جي سُرن ۾ هاڙهي جبل جو ذڪر مڪيه طور ڪيو آهي، هن ماڳ جي نسبت سان پنهونءَ کي ”هاڙهي جو بلوچ“ سڏيو ويو آهي، چاڪاڻ ته پنهونءَ انهيءَ طرف کان آيو هو. ڊاڪٽر نبي بخش خان پنهونءَ جي ساٿ واري واٽ بابت لکي ٿو ته:

”هاڙهي جبل جو لڪ ۽ هاڙهي جي ڪنار هن واٽ جو وڏو نشان آهي.“
(بلوچ، 1997ع: ص 36)

سسئي پنهونءَ جو پير ڪٽندي اچي هاڙهي جبل تائين پهتي هئي.

”هاڙهو جبل بلوچستان کان هلي، هتي ڦوڙ ندي وٽ اچي ڪُٽو آهي.“
(آڏواڻي، 2012ع: ص 141)

هاڙهي جبل جو علائقو آڳاٽي وقت کان بلوچ قبيلن جي آماجگاهه آهي، شاهه لطيف پنهونءَ کي ”هاڙهي ڌڻي“ به ڪوٺيو آهي، يعني هاڙهي جو مالڪ.

”لاڙو سڀ لوڪ تان هاڙهي ڌڻي هور.“
(بلوچ، 1997ع: ص 180)

”هاڙهو لسبيلي جي اُلهندي ڏاهن انڪل ڏهن ڪوهن جي مفاصلي تي هڪ جبل جي قطار آهي، جا مڪران جي سرحد آهي. هي لسبيلي جي ضلعي ۾ آڳاٽي وقت کان وڃي بلوچن جو ماڳ مڪان آهي ۽ هن وقت تائين اهو اڳاريا (ڪلمتي) ۽ گيدو قبيلن جي بلوچن جو علائقو آهي.“
(جوٽيجو، 2005ع: ص 176)

هاڙهي جبل جي هيبت ۽ ڪٽاين کان سواءِ سندس ڪيئي نرالا رنگ ۽ ڍنگ آهن.

”هاڙهي جبل جي هڪ شاخ جي پاڙ ۾ ڪيترائي ننڍا سوراخ آهن، جي بلڪل اونها آهن ۽ شايد پَريان سمنڊ تائين وڃي پهتا آهن. انهن سوراخن مان رکي رکي بڙ بڙ جهڙا آواز اچن ٿا. اهي آواز نه رڳو سمنڊ جي ويرِ چڑهڻ مهل، پر پوءِ به رکي رکي پيا اچن. ڪڏهن ته ڪيترو وقت ٻڏڻ ۾ ڪونه اچن، شايد جنهن وقت سوراخن ۾ هوا زور پري ٿي، تنهن مهل ٻڏڻ ۾ اچن ٿا.“ (آڏواڻي، 2012ع: ص 142)

سسئي پنهونءَ جي قصي جي بيان ۾ شاهه لطيف هاڙهي جو ذڪر سسئي جي سورن جي ماڳ مڪان، ڏکيائين ۽ ڪشالن جي علامت ۽ سفر جي صعوبتن ۾ مَن اندر موجزن ڪيفيتن جي لاهن چاڑهن جي اظهار ۽ اعليٰ فڪر ۽ فهم جي اهجاڻ، علامت ۽ وسيلي طور ڪيو آهي.

6.5.1 سسئيءَ جي مختلف سُرن ۾ هاڙهي جي هيبت:

سسئي کي اڳي ئي هاڑهي جي هيبتناڪ ۽ هتياري هجڻ جي سُڌ هئي. هن کي اندازو آهي ته اِهو ڏکيو ۽ اڻانگو جبل آهي.

”هاڪُون هاڑهي سَنديون مُون اڳهين ٿي سُيون.“
(بلوچ، 1999ع: ص 339)

هاڑهي جبل جو پنڌ ڪو سولو ڪونهي. جو جبل جون اٽڪٽ قطارون آهن، جن سسئي جا هوش ۽ حواس ئي وڃائي ڇڏيا.

”هاڑهي کي هٿ گهٽا، چپر مِڙان چال.“
(بلوچ، 1999ع: ص 327)

سسئي کي اهي سمورا جبل لتاڙڻا هئا، کيس ان اڻانگي سفر جون وڏيون منزلون ڪرڻيون پيون.

”هلندي هاڑهو مٽي ڪڙڻ ڪوه پيام.“
(بلوچ، 1999ع: ص 306)

6.5.2 هورِين هاڑهو لنگهيو: هاڑهي جبل جو پنڌ ڪري اهي پار پيا جن پاڻ سان ڪوبه ٿمر نه کنيو. اهي هلڪي بار واريون هيون. جن دنيا جي مال و متاع ۽ لذتن جو لوڀ رکيو سي پنهنجي اعليٰ مقصد ۽ منزل تائين ڪين رسي سگهيا.

هورِنِ هاڑهو لَنگهيو، ٿي جَريدي جوءِ،
هوند جنين کي هوءِ، هوت نه هوندو تن سين.
(بلوچ، 1999ع: ص 305)

تصوف جي فڪر ۾ به اهڙا اهجاڻ ملن ٿا جن ۾ سالڪ کي پاڻ سان دنيا جو ٿمر نه کڻڻ ۽ دنيوي لاڳاپا لاهي محبوب ماڻڻ جي سعي ڪرڻ جي صلاح ڏني وئي آهي.

صوفين وٽ تجريد هڪ مقام آهي ۽ هتي ’جريدي‘ لفظ ۾ ان طرف اشارو آهي. رومي پڻ ان تي زور ڏنو آهي ته الله وٽ اهي ئي ڀانها مقبول آهن، جيڪي هر وقت عاجزي ۽ نماڻائي کان ڪم وٺن ٿا.

جز خضوع و بندگي و اضطرار،
اندرين حضرت ندارد اعتبار.
(دفتر سوم، ب 1323)

معنيٰ:

”عاجزي، ڀانهپ ۽ لاچاري کان سواءِ هن مالڪ جي درٻار ۾ بي ڪنهن ڳالهه کي قبوليت ڪانه ٿي ملي.“ (سومرو، 2016ع: ص 468)

6.5.3 هاڑهي جا هاڃا، سسئي جي وقتي نراسائي ۽ عزمِ عظيم:

هاڑهو جبل سسئي لاءِ صرف سورن، ڏکاين جو پيڪر ئي نه آهي پر سسئي جي ٻين ڪيفيتن جو امين ۽ اهجاڻ پڻ آهي. سسئي ثابت قدم رهي ۽ پنهنجي راهه تان نه هَٽي پر بعضي انسان هڪ لحظي لاءِ ئي سهي، زندگي جي سورن، سختين ۽ عذابن جي ڪري نراس ۽ نااُميد ٿي پوي ٿو، سسئي کان به هاڑهي جو هيبتناڪ ۽ هاڃيڪار پنڌ ڪنهن مهل همت ۽ حوصلو کسي وڃي ٿو ۽ هوءَ بيوسي ۽ بيزاريءَ مان چئي ويهي ٿي ته:

”ڪوءِ هاڑهو ٻن هوت، ڪوءِ پنهون، ٻن پريتڙو.“
(بلوچ، 1999ع: ص 344)

پر سُٽت ئي هن جو عزمِ عظيم، حوصلو ۽ همت ان نراسائي، بي همتي ۽ مايوسي تي غالب پئجي وڃن ٿا ۽ سسئي هاڑهي جي هيبت کي پنهنجي اٽل ارادي ۽ ثابت قدمي واري جذبي سان ڇڪي پورا پورا ڪري ڇڏي ٿي.

”هوتن لاءِ هاڑهو، رجائيندیس رت سين.“
(بلوچ، 1999ع: ص 358)

6.6 لمون جبل:

شاهه لطيف سسئي جي بيان ۾ مٿي ذڪر ڪيل جبلن کان سواءِ ”لمون“ جبل جو به ذڪر ڪيو آهي. هي جبل لسبيلي جي علائقي ۾ آهي. سسئي انهيءَ پهاڙ جي پنڌ ۾ ٻين پانڌيئڙن کان پنهونءَ ست جون پڇائون پئي ڪيون.

ڪيا ويچاري وس، ڪارڙ ڪوهياري گهٽا،
گهٽو ڇڇي پانڌئين، سندا ڏيرن ڏس،
لمون ڏوري لس، سُتي سڳر پٽئين.
(حسيني)

6.7 ٻيا جبل:

شاهه لطيف سسئي جي بيتن ۾ ڇپر لفظ ڪيترائي ڀيرا ڏنو آهي.

بر مڙوئي بوء، ڇپر ڇاڻون مڪيون.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 153)

محققن ۽ شاهه لطيف جي شارحن ڇپر لفظ جي معنيٰ 'جبل' ڄاڻائي آهي، جڏهن ته 'ڇپر ڪٽ' جي معنيٰ ڏيندي ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکي ٿو ته:

ڇپر ڪٽ = وڏي اوچي پلنگ واري ڪٽ جنهن جي مٿان مهاري اڏيل. (بلوچ، 1999ع: ص 351)

جڏهن ته بدر ابڙو ڇپر ۽ ڪٽ بابت لکي ٿو ته:

''پٽائي صاحب پنهنجن بيتن ۾ ڪجهه ٻين جبلن جا نالا لکيا آهن، جيڪي بلوچستان جي حدن ۾ آهن. مثال:

''ڇپون ڇپر ڪٽ پهڻ پٽراٽيون پانئيان.''

*

''جيڪا سا جمار گوندر منجهه ٽئي.''

''ڇپر'' سارونا جي اُتر ۾ هڪ جبل جو نالو آهي. ''ڪٽ'' لاهوت لڳ ٻپ جبل جي هڪ چوٽي آهي ۽ هاڙهي جبل ۾ جتان ڪڍ ندي لنگهي ٿي اهو گوندر آهي، جتي ''مائي گوندراڻي'' جي قبر ۽ گوندراڻي غارون آهن.''
(ابڙو، 2000ع: ص 167)

بحرصورت سسئي جا ميڙا ۽ جهيڙا انهن ارڏن ۽ اڙانگن پهاڙن سان ئي هئا.

6.8 ڪانپو ۽ ڪارو جبل:

هنن جبلن جو ذڪر ٻپ جبل سان گڏ آيل آهي، جنهن ۾ شاهه لطيف سسئي جي اولوالعزمي جو اعليٰ نموني سان اظهار ڪيو آهي:

ڇَپَرُ ڇَمَرُ پانئيان، ڪانپو ۽ ڪارو،
ٻپ وجهنديس پٽ تي صبح سوارو،
وڃڻ مُون وارو، ڪين وهِنديس وچ ۾.
(بلوچ، 1999ع: ص 325)

هنن جبلن بابت ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ رسالي جي معنيٰ واري حصي ۾ لکي ٿو ته:

''ڇپر= سپ جبل ۽ پهاڙ.
ڪانپو= جبل جو نالو (ڏاڏو بولا خان ڪان اُتر)
ڪارو=جبل جو نالو (نوري آباد جي پريان هيٺين وادي ڪان اولهه).'' (بلوچ، 1999ع: ص 325)

ڪارو جبل:

ڪاري جبل جي جُوءِ ڪوهستاني ماڻهن لاءِ وڏي وٽ آهي، ڪاري جبل جي جاگرافي، حسناڪي ۽ ان جي لاپائتي هڇڻ بابت جوڪيو جسارت الياسي سنڌي لکي ٿو ته:

''جنگشاهي، ڪوهستان جو جهونو استاد ۽ محقق محمد الياس ''همغم'' جوڪيو پنهنجي مضمون ''ڪارو جبل'' ۾ ان جي جبل جي بيهڪ بابت لکيو آهي ته، ڪارو جبل ڪيرٿر ۽ ٻپ جبل جي جابلو زنجيرن جو هڪ سلسلو آهي، جنهن جي اولهه ۾ ڳوٺ مالماڙي، ڳوٺ ڪلالجي ۽ ڳٺ رئيس وليداد خان جوڪيو، اوپر ۾ ڪارو اُرهه ۽ اتيت مڪان، ڏکڻ ۾ ڪارو ارهه ۽ ڇپر، جڏهن ته اُتر ۾

ٽڪ مڪان ۾ ڪلو ڪوهر واقع آهن. ڪارو جبل جنگشاهي شهر، تعلقي ۽ ضلعي ٺٽي کان اُتر طرف چاليهه ڪلوميٽر پري، آسمان سان ڳالهايون ڪندڙ هڪ خوبصورت سحرانگيز ۽ مها جبل آهي. جيڪو نه صرف هتي جي مالوند ماڻهن لاءِ صدين کان وٺي ڏڪار توڙي سڪار ۾ سندن مال جي چاري لاءِ سٺي جُوءِ رهيو آهي، پر گڏوگڏ هتي جي موسم، آبهوا ۽ جهنگلي جيوت جي ايڪو سسٽم کي متوازن رکڻ لاءِ مددگار جڳهه، سير ۽ تفريح سميت چؤگرد واقع ڪوهستاني ماروئڙن لاءِ اناج، ڪوهستاني ڏٺ ۽ وسڪاري دؤران تلائن ۽ ڊورن کي مياڻي پاڻي (Rain Water) مان پلٽي پرڻ جو نهايت سٺو ۽ اهم ذريعو رهيو آهي.'' (جوڪيو، 2020ع: ص 4)

شاهه لطيف سسئي کي ڪانپي ۽ ڪاري جبلن جي واٽ ۾ ورچي نه ويهڻ ۽ هلندو رهڻ لاءِ همٿايو آهي.

6.9 گرو چيلي جو رڻ:

شاهه لطيف سسئي جي راهه ۾ جنهن رُڄ ۽ سُڄ جو احوال اوريو آهي، محققن ۽ شاهه لطيف جي شارحن هن رڻ کي ئي اهو ماڳ قرار ڏنو آهي. شاهه لطيف هن واٽ سان ئي هنگلاج ڏانهن ويو هو.

مشهور حڪايت آهي ته هڪ گرو ۽ سندس چيلو هنگلاج ويندي هن رُڄ ۾ پاڻي نه ملڻ سبب اُڃ کان عاجز ٿي ڦٽڪي ڦٽڪي مري ويا هئا.

شاهه لطيف سسئي جي سفر جي صعوبتن ۾ انهيءَ رُڄ ۾ اُڃ مرڻ جو انديشو ۽ پنهونءَ سان پريت جو انوکو اظهار ڪري ٿي ته، اي سرتيون! ان سُڄ ۽ رُڄ ۾ پاڻي ملڻ محال آهي. متان ڪا اُڃ کان عاجز ٿي پساهه پورا ڪندي منهنجي محبوب کي پاراتو ڏئي تنهن کان چگو ته مون سان ڪابه ساڻ نه هلي.

سرتيون سُڄي سُڄ، متان ڪا مونسين هلي،
پاڻي ناه پنڌ گهٽو، اڳيان رائو رڳي رُڄ،
مَتان مري اُڃ، ڪا ڏئي پاراتو پنهل کي.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 168)

شاهه لطيف هن بيت ۾ انهيءَ مصيبتن واري ماڳ مڪان جون سموريون صفتون بيان ڪري ڇڏيون آهن.

''هن بيت جون سڀ حقيقتون گرو چيلي واري رڻ ۾ اڃ به اکين سان ڏسجي سگهجن ٿين. هتي سُڄ آهي ۽ اڳيان رائو رڳي رُڄ آهي، هت پاڻي به ڪونهي، تنهنڪري اُڃ مرڻ جو امڪان آهي.'' (آڏواڻي، 2012ع: ص 141)

اهڙي ڪٽن ۽ موت مار مفاصلي مان به سسئي سرخرو ٿي ۽ رڻ جهاڳي وڃي ''ڦوڙ ندي'' وٽ پهتي.

''گرو چيلي واري رڻ کان پوءِ وڌي، رائو ۽ رُڄ جهاڳي، اڳيرو ٿيو ته ''ڦوڙ ندي'' ايندي، جا چوماسي ۾ ڦوڪجي وهندي آهي. هي اها ساڳي ندي آهي جنهن جي اُتل سببان سسئي اڳيرو وڌي ڪين سگهي هئي، جنهنڪري موٽي پيوٽي ناڪي ڏي ويئي هئي. اها ندي هاڙهي جبل جي پڇڙي وٽ آهي.''
(آڏواڻي، 2012ع: ص 141

شاهه لطيف ڪيچ واري پنڌ ۾ سسئي کي ستائيندڙ رڻ جي واري، پهٽن پٿرن وارن رستن ۽ پاڻي جي سخت اُڃ لڳڻ جي ماجرا دل پچائيندڙ نموني بيان ڪئي آهي:

ڪِين واري ڪين واٽ، ڪِين پهڻ، ڪِين پيچرو،
هلي هاڙهي سامهين، لڳيس اُڃ اُساٽ،

ڳوڙهن پري ڳاڻ، اَپَر آلاپون ڪري.
(بلوچ، 1997ع: ص 146)

6.10 لس ٻيلو:

شاهه لطيف ان کي پنهنجي شاعريءَ ۾ ”لس“ ڪوٺيو آهي. جنهن جي معنيٰ آهي ”لسوپٽ. هن علائقي جو گهٽو حصو لَسو ميدان ۽ غيرآباد آهي، جڏهن ته محققن موجب هِتي ڪنهن وقت ۾ وڏو ٻيلو موجود هو. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ لکي ٿو ته:

”تاريخي دور جي لحاظ سان لس ٻيلو ”ٿُوران“ جي سرزمين آهي. سنه 326 قبل مسيح ۾ سڪندراعظم لس ٻيلي مان مٿيو. ان وقت هن سرزمين جو نالو ”گيدرو شيا“ (Gedrosia) هو. جنهن جي ياد گِدور قوم ۽ گِدور ڊوري (هگور) جي نالن ۾ اڄ تائين محفوظ آهي. اسلامي فتوحات ۾ لس ٻيلي جي شهر جو نالو آرمابيل يعني ارمن ٻيلو هو. جنهن ۾ شهر جي چوڌاري وٽن ۽ ٻيلن جو هڻڻ ثابت ٿئي ٿو.“ (بلوچ، 2008ع: ص 21)

لس ٻيلي جي محل و قوع ۽ ان جي سنڌ سان نسبت جو ذڪر ڪندي ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ لکي ٿو ته:

”لس ٻيلو سنڌ جي اُلهندين سرحد تي اٽڪل ست هزار چورس ميل اراضي وارو ملڪ آهي. لام ۾ اٽڪل چار سؤ ميل ۽ بر ۾ به سؤ ڪن ميل ٿيندو. اُتر طرف قلات جو جهالاوان وارو پرڳڻو اٿس ۽ اُلهندي طرفان هالار پهاڙ ۽ ڪلمت نئن، مڪران واري علائقي کان جدا ڪنس ٿا. اُپرندي طرفان کيرٿر قطار جو ڏاکڻيون جهميل ڪرنگهو لس ٻيلي ۽ سنڌ جي سرحد کي جدا ڪري ٿو، ڪراچي، ٺٽي ۽ دادو ضلعن جون سرحدون لس ٻيلي سان سنڀين ٻني آهي. حقيقت ۾ لس ٻيلو نه رڳو سنڌ جو پاڙيسري علائقو آهي، بلڪ سنڌ جو جگر گوشو آهي.“ (بلوچ، 2008ع: ص 19)

6.10.1 سسئي جي بيتن ۾ لس ٻيلي جو ذڪر:

شاهه لطيف جو لس ٻيلي وڃڻ جو احوال ملي ٿو، رسالي ۾ به اتي جي حاڪم ”ٻيلي ڏڻي“ جي سخا جي ساراهه ڪئي اٿس.

”شاهه لطيف لس ٻيلي ويو هو، اتي جي هڪ حاڪم ”سپڑ“ ولد جوٹا ٿي گذريو آهي، جو نهايت سخي مڙس هو. هڪ لڳي يعني منڊي چارڻ کي هڪ سؤ تازي گهوڙا خيرات ڪيا هوائين، جنهن بابت رسالي جي سُر پرپاتي ۾ بيت آهي:

”سپڑ رات سنباهيا، تازي تولائي.
جو نه ڇاڻي ڪائي، تنهن سان ٻيلي ڏڻي ٻاجهه ڪئي.“

”هتي لس ٻيلي جو نالو آندو اٿس. مٿين مصراعن جو مطلب هي آهي ته لڳو چارڻ جيتوڻيڪ ڳائي وڃائي ڪين ڇاڻندو هو ته به لس ٻيلي جي ڇام هن سان ٻاڻ ٻلائي هن لاءِ تازي گهوڙا سنپرايا.“ (آڏواڻي، 2012ع: ص 145)

سسئي جي بيتن ۾ لس ٻيلي جو ذڪر موجود آهي، سسئي پنهونءَ جي ڪيچ ويندڙ قافلي جي پنڌ جا پار پتا ڏيندي انومان ڪري ٿي ته ”اُهي هاڻي لس ٻيلي کان اڳتي نڪري مانباڻ نئن به ٽپي ويا هوندا، هوءَ اهو ارمان اوري ٿي ته پنهونءَ جا پائر ڪيس وٺي تڪڙا روانا ٿي ويا، هوت پنهون جو پنپور ۾ هجڻ مون لاءِ وڏي رونق وارو هو.

ليڙن لنگهي لس، مانباڻيان مٿي ويا،
وٺي وَرُ واٽ ٿيا، پُنهون جامُ پَهَسَ،
هُئا وڏي وَسَ، ٻاروچا پنپور ۾.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 175)

6.11 مانباڻ:

مانباڻ لس ٻيلي جي نئن جو نالو آهي جيڪا لس ٻيلي جي ڏکڻ ۾ آهي، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ مانباڻ کي هڪ ڊورو ۽ ٽڪر لکيو آهي:

”مانباڻ جو ڊورو ۽ ٽڪر سنگهر کان اُتر- اولهه طرف آهي.“
(بلوچ، 1997ع: ص 675)
لس ٻيلي جي شاعرن ۽ سگهڙن به ”سسئي پنهونءَ“ جي دلسوز داستان کي اثرائتي انداز ۾ گايو آهي.

6.12 وٽڪار:

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سُر سسئي آبري جي معنيٰ واري حصي ۾ هن ماڳ بابت لکي ٿو ته:

”وٽڪار= وندر جي ندي ۽ واري وارا وڻ، وٽڪار وارو ماڳ.“
(بلوچ، 1997ع: ص 244)

پيرومل مهرچند آڏواڻي ”لطيفي سئر“ ۾ ”وٽڪار“ بابت لکي ٿو ته:

”وٽڪار جو ڳوٺ لس ٻيلي جي اُتر اپرندي طرف ڪيرٿر جبل جي قطار سان لڳو ٻيٽو آهي. هِتان نئن بارن نڪري ٿي، جا پهٽيارا پٽ لتاڙيندي، ڪوٽڙي تعلقي جي ڳوٺ ”سال مڪان“ وٽان لنگهي، سنڌوندڙيءَ ۾ وڃي ڇوڙ ڪري ٿي. ڪوٽڙي کان سال مڪان ستن ڪوهن جي مفاصلي تي آهي. انهيءَ ڳوٺ جي آبادڙيءَ جو مدار نئن بارن جي پاڻي تي آهي، تنهنڪري انهيءَ پاسي چوڻ آهي ته ”وسي جي وٽڪار ته سرهي ٿئي سال ڏياڻي“ يعني ڪيرٿر جبل جي وٽڪار جي ڳوٺ ۾ وس ٿئي ته سال مڪان تعلقي ڪوٽڙيءَ ۾ انهيءَ پاڻيءَ جي ڪري گهر ڏياڻيءَ کي سرهائي ٿئي.“
(آڏواڻي، 2012ع: ص 145)

مٿئين احوال مان معلوم ٿئي ٿو ته وٽڪار جو ماڳ وڻن سان سينگاريل ۽ آباد علائقو رهيو آهي. جنهن جي سونهن به ڏسڻ وٽان هوندي، ڏکين اڙانگن ۽ اوچن جبلن ۾ فطري سونهن به موجود هوندي آهي. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ان بابت لکي ٿو ته:

”جهونا جبل، ڪهنا لڪ، پٿر، ريتي، رڻ، رائو، رُڄ، سُڄ، آڄ، ٻُک، ڏُک، بر، بيابان جهڙن هيبتناڪ لفظن ننڍي وهيءَ ۾ ڪمزور دل تي اهڙو ڀيانڪ نقش ڇڏيو جو جبل جو نالو ئي هڪ آفت بنجي پيو. افسوس جو استادن اسان کي ڪڏهن به ڪين سمجهايو ته ڪو جبل ۾ سرسبز وادين ۽ دلڪش نظارا به موجود آهن يا بيابانن ۾ جنت نشان خيابان به هوندا آهن.“ (بلوچ، 2008ع: ص 437)

6.13 وٽڪار جا بيت:

شاهه لطيف سسئي جي بيان ۾ وٽڪار جو ذڪر ڪيترن ئي بيتن ۾ ڪيو آهي، جن ۾ سسئي جي سفر جي سورن ۽ ڏکاين سان گڏ وٽڪار جي ماڳ جي منظرنگاري به ڪئي اٿس ته وٽڪار جي وڻن ۽ پکين جو احوال به ڏنو اٿس.

”وڏا وڻ وٽڪار جا جِت ڇِٻُون ۽ چيها.“
(بلوچ، 1999ع: ص 281)

وٽڪار واري علائقي ۾ گهاٽي جهنگ ۽ وڻراهه سان گڏ وڏن وڻن جو بيان ڪيو اٿس، جتي ”جائو“ جبل پڻ آهي.

”وڏا وڻ وٽڪار جا، جِت جائُو جمرجَر.“
(آڏواڻي، 2013ع: ص 102)

”لس ٻيلي جي اولهه ڏکڻ طرف جائو لڪ آهي، جتان ڏکڻ بلوچستان جا رستا ڦٽن ٿا. لس ٻيلي جي اُتر اوپر ۾ جمر لڪ آهي.“ (جوٽيجو، 2005ع: ص 178)

شاهه لطيف جو هنگلاج جي سفر ۾ هن علائقي جو به درشن ڪيو ٿو ڏسجي، جبل جي ظلم، زور آوري ۽ ڏکيائي جو خوب احوال اوريو اٿس:

”واقف نه وٽڪارَ جي، جِت جبلُ جوراٽو.“
(آڏواڻي، 2013ع: ص 102)

سسئي وٽڪار جي ماڳن مان چا جاڻي، هُن اِهو علائقو اڳ ڪڏهن به نه ڏٺو هو، جتي

ماڻهن جي مَن ۾ مڃا نه هئي ۽ اهو سياهه دل ماڻهن جو ماڳ هو:

ويچاريءَ وٽڪارُ اڳ نه ڏٺو ڪڏهين،
مَهِرَ نه هُئي ماڙُهين، هو سڀ هِندوڪارُ،
جَتُ ڪيائين يارُ، سُورن ڪارڻ، سرتيون!
(آڏواڻي، 2013ع: ص 102)

شاهه لطيف وٽڪار کي سسئي لاءِ 'محبوب جو ماڳ' ڪوٺي ٿو ۽ ڪيس صلاحي ٿو ته تنهنجو وجود ئي اهو ماڳ آهي ۽ پرين کي پنهنجو پاڻ ۾ ڳول. تصوف جي هن نڪتي بابت مولانا روميءَ جو شعر آهي ته:

آن باتو ست وتو واقف برين،
آسمانا چند پيمائي زمين.

(معنيٰ: هو توسان گڏ آهي ۽ تون ان ڳالهه کان واقف آهين، اجايو آسمان ۽ زمين ۾ وينو هُن کي ڳولين). (سومرو، 2016ع: ص 403)

شاهه لطيف ماڳن، مڪانن ۽ فطرت جي ٻين انيڪ لقائن مان اهڙا اعليٰ ۽ عجيب معنيٰ جا موتي چُڻي اسان آڏو رکيا آهن.

6.14 ڪيچ:

سسئي پنهونءَ جي داستان ۾ ڪيچ، پنهونءَ جو وطن، سسئي جي سِڪ جي سفر ۽ ڳولها جو مظهر ۽ آخرين منزل آهي. گل حسن ڪلمتي پنهنجي ڪتاب ''هڪ رُڻ شهر جي ڪهاڻي'' ۾ ڪيچ بابت لکي ٿو ته:

''ڪيچ جنهن جو موجوده نالو تربت آهي. ان جو پراڻو نالو گنج آب هو. تربت ضلعو مڪران ڊويزن جو اهم ضلعو آهي. سرڪاري طور تي هاڻي هن ضلعي جو نالو ڪيچ ۽ هيڊڪوارٽر تربت ڪيو ويو آهي. تربت ۾ گرمين دوران وڌ ۾ وڌ گرميءَ جو درجو 43 ۽ گهٽ ۾ گهٽ 27 رهي ٿو ۽ سردين ۾ وڌ ۾ وڌ 26 ۽ گهٽ ۾ گهٽ 12 درجه حرارت رهي ٿو. تربت شهر ڪيچ نئن تي آباد آهي. ڪيچ نئن جنهن ۾ ڏکڻ اولهه ۾ مڪران جي وادي بليدهه ۽ مڪران جي مرڪزي پهاڙي سلسلي جي اولهه واري حصي مان وهي ايندڙ گيش نئه آهي جنهن ۾ گزستان، پيري ۽ شيتاب نئيون به ملن ٿيون.'' (ڪلمتي، 1998ع: ص 240-241)

ڪيچ ۽ پنپور ۾ واپاري قافلن جي اچ وچ جو احوال ''پنپور'' واري پاڳي ۾ ڏنو ويو آهي، پنهون به اهڙو ئي واپاري قافلو وٺي پنپور آيو هو.

6.14.1 سسئي جي بيتن ۾ ڪيچ جو ذڪر:

شاهه لطيف سسئي جي ڪردار ۾ سچن عاشقن جي عشق جي آڳ ۾ جلڻ، سوز ۽ فراق جي لوءِ ۾ لوسائجڻ جون ڪيفيتون تمام اثرائتي نموني بيان ڪيون آهن.

لَڳي مون کي لُوهَ، ورهَ وائُون لائيون،
راڙ جنهين سين رُوح، سو ڪوهيارو ڪيچ وئو.
(بلوچ، 1999ع: ص 343)

6.14.2 'ڪيچ' جو پنڌ ڪيئن ڪجي: شاهه لطيف سسئي کان ڪيچ جي پنڌ جي پڇا ٿو ڪري ته اهو ڪيئن ڪندين؟ وري پاڻ ئي جواب ۾ صلاح ڏئي ٿو ته ڪيچ جي سفر ۾ پاڻ کي وساري هلبو، مطلب ته اعليٰ مقصد ۽ منزل ماڻڻ جي سڌ ۽ سِڪ رکڻ وارا خود پسند نه هوندا آهن ۽ اهي منزل ڏانهن ويندي سموري واٽ پنهنجي سِڪ ۽ اکير به قائم رکندا آهن.

ڪجي پنڌ پچان تو، ڪيچين ڪارَڻ ڪيئن؟
بيخود هلج بَرَ ۾، آئون ٿو چوان ائين،
سِڪڻ ساڃن سيئن، متان مُنڌي! چڏيئن.

(آڏواڻي، 2013ع: ص 104)

شاهه لطيف سسئي ۾ جي ڪردار ۾ پنهنجي منزل ماڻڻ لاءِ عزم ۽ عشق جي انتها پري ڇڏي آهي. سسئي پهاڙ جي پنڌ ۾ پرزا پرزا ٿي به چوي ٿي ته جيڪڏهن آئون ان حال ۾ مري ويس ته به منهنجي من ۾ ڪيچ لاءِ ڪشش ۽ چڪ هوندي.

لڳم ٻاڻ ٻروچ جو وسان تي وياس،
پرزا پب ورن ۾، پٿون ٿي پياس،
توڙي ماءُ مياس، ته پُڻ ڪاڏو ڪيچ ڏي.
(بلوچ، 1999ع: ص 363)

سسئي جو نه ته ڪو ڪيچ ۾ ۽ نه وري ڪو پنهوار ۾ مٺ مائٽ آهي. جنهن کي سندس فڪر ٿئي. هوت پنهل جي ڳڻتي به فقط سسئي کي ئي آهي. محبوبن سان ڪوبه زور يا طاقت ڪم نه ٿي اچي، هتي نيٺ نهڻائي ۽ نوڙت سان مراد حاصل ٿئي ٿي.

شاهه لطيف سسئي لاءِ ڪيچ ۽ پنهوار هڪ ئي ڳالهه ڄاڻائي آهي:

نه ڪو ڪيچ پنهوار، نه ڪو مائٽ مُنڊ جو،
هُور مِڙوئي هن کي، هوتن ڪونهي هورُ،
زاري ڏاران زور، هلي ڪونه حبيب سين.
(آڏواڻي، 2013ع: ص 147)

6.14.3 وجي ڪيچ ڏنوم؟ سسئي جي پنڌ بابت مڙئي محقق متفق آهن ته سسئي وچ واٽ ۾ مُئي هئي.

شاهه لطيف جا شارح انهيءَ ڳالهه تي متفق آهن ته سسئي پنهونءَ جي پڻيان وندر نئن تائين وئي هئي ۽ اُتان اڌ ڪاڻ واپس وري هئي، ليڪن شاهه سائينءَ جي هن بيت مان معلوم ٿئي ٿو ته سسئي ڪيچ وئي هئي.

پِلي ڪري ٿِيوم، هي سَگُ ٻاروچن سين،
وجي ڪيچ ڏنومَ، پڻيءَ لڳي جن جي.
(بلوچ، 1999ع: ص 365)

هتي ڪيچ ڏسڻ استعارو آهي، سَسُي پي سنگهر نئن وٽ هڪ زميني ڏار ۾ هڪ 'تاڪائو ڏنار' ڪاڻ عزت بچائيندي لهي وئي. ان منزل تي جتي هن جو وجود 'جز' وڃائي 'فاني في الله' ٿئي ٿو. اِهائي منزل سسئيءَ جو 'ڪيچ' آهي. لوڪ ادب جي روايتن ۽ شاهه لطيف جي ڪلام ۾ هي سنگهر نئن جي ڪناري وٽ پساهه پورا ڪري ٿي، شاهه لطيف چوي ٿو ته،

''سَاهُه ڏنائين سام، وجي سنگهر پڻيين.''

باب ستون-V

نتيجا

هيءَ تحقيقي اپياس 'شاهه جي رسالي ۾ سَسُيءَ جي ڪردار جو تحقيقي جائزو' تي آڌاريل آهي. شاهه لطيف سنڌ جو هڪ وڏو اڪابر ۽ اساسي شاعر هو. شاهه لطيف جو دؤر دهليءَ جي مغل شهنشاهيت واري سامراجيت مڙهجڻ سنڌ ۾ سياسي، سماجي ۽ معاشي عدم استحڪام، افراتفري ۽ ويڪاڻپ ۽ نڌڻڪائي وارو دؤر هو، جنهن جو اثر نمايان طور تي شاهه جي شاعريءَ ۾ نظر اچي ٿو. ڏارين حمله آورن جون ڪاهون، ڏاڍ، مقامي حڪمرانن جي ڪمزوري ۽ نااتفاقي، مذهبي شدت پسندي، فرقي واريت ۽ سنڌي ماڻهن جي منظم، متحد ۽ سجاڳ نه هجڻ ان جا مکيه سبب هئا. شاهه لطيف ۽ ٻين سنڌ جي صوفين شاعرن، عالمن ۽ اڳواڻن ان دؤر ۾ مذهبي رواداري، سهپ، قومي ڀڏي، سنڌي ٻوليءَ کي مٿانهون ڪري مان ڏيڻ ۽ ڏارين دشمنن کي ڏڪارڻ ۽ انهن خلاف مزاحمت ۽ نفرت جو اظهار ڪيو. شاهه عبداللطيف ان دؤر ۾ عام خلق خدا سان همدردي ۽

رحم کائڻ بجاءِ انهن سان غير مشروط محبت جو درس ڏنو پورهيت ۽ عام مارو ماڻهن جا هُن ڳڻ ڳاتا ۽ دنيا ۽ ادب جي تاريخ ۾ پهريون پيرو عام عوام جي مٿانهين مقام جي سراهه ۽ ثناء ان انوکي معنيٰ ۾ ڪئي ته اهي رحم جوڳا نه پر فخر لائق آهن. شاهه لطيف پنهنجي وطن جي سورهين، سخين، ڳڻائتن ڪردارن کي پنهنجي ڪلام ۾ عظمتن جي اوچائي تي پهچائي ڇڏيو. شاهه جو ڪلام ان وقت جي ۽ اڄوڪي سڄڻ ۽ ان جي عوام جي حالت، سوچ، ڪردار، احساس ۽ امنگ، نفسياتي ڪيفيت ۽ مجموعي صورتحال جي همه گير ۽ چٽي تصوير نظر اچي ٿو. شاهه لطيف انفرادي توڙي اجتماعي طور تي اڄ به اسان جو سونهون، رهبر ۽ راهنما آهي.

شاهه لطيف ۽ ٻين صوفي شاعرن پنهنجي ڪلام جي زبان عورتن کان اُڌاري ورتي آهي. هو عورت کي عاشق، طالب ۽ پريت جي پنڌ جي سونهين ۽ اڳواڻ سڏين ٿا. شاهه لطيف مڙني تاريخي داستانن ۾ عورت ڪردارن کي مٿانهون مقام ۽ مجتا ڏئي ڪين اهم مقام ۽ مرتبو عطا ڪيو آهي. انهيءَ سان گڏوگڏ شاهه لطيف سورمين جون ڪچايون به نهايت سهڻي سبق آموز نموني نروار ڪري ٿو.

شاهه جي سورمين جو مکيه ڳڻ سونهن نه پر سُرت ۽ ڪردار جي خوبي آهي. شاهه لطيف جون سورميون تلاش، جستجو ۽ جاکوڙ جو پيڪر آهن. جن لاءِ نوڙت، نمرتا، انڪساري، عاجزي ۽ آهه و زاري سِڪ جي سفر جو ثمر آهن. شاهه لطيف سسئي جي ڪردارنگاري لاءِ پنج سُر ڳايا، سسئي شاهه لطيف جي پياري ۽ دل گهري سورمي آهي ۽ ان جي ڪردار ۾ شاهه لطيف پنهنجو اندر جي سوچ ۽ لوچ کي اوتيو ۽ پلٽيو آهي. شاهه لطيف سسئي جي ڪردار جي نئين سر تشڪيل ڪئي آهي ۽ ان کي هڪ اهڃاڻي حيثيت ڏئي، سنڌي سماج توڙي سموري دنيا جي هر ان انسان لاءِ مثالي ڪردار جوڙي ۽ موجود ڪري ڏنو آهي، جيڪو اعليٰ مقصد ۽ منزل لاءِ جاکوڙي ٿو. شاهه لطيف سسئي جي بيان ۾ جدوجهد ڪندڙ جاکوڙي انسان جي اول تان آخر رهبري ۽ رهنمائي ڪئي آهي. غفلت ۽ سهل پسندي جو انجام ڪهڙو ٿو ٿئي؟ گهر جي ڪنڊ ونڊي ويهڻ سان هڙ حاصل نٿو ٿئي، محبوب ماڻڻ لاءِ انا، خودي، پنهنجو پاڻ کي ڪجهه سمجهڻ، تڪبر، هٺ ۽ وڏائي جهڙا خيال ۽ وزني بار ڇڏي فقط عزم ۽ پختي ارادي جو ثمر ساڻ کڻي نڪرڻو آهي. نئڙت ۽ نهڻائي سان سورن کي سونهون ۽ فاقن کي فرحت پائڻ، سُڄ کي سرهاڻ سمجهي، سمجهه ۽ سرت سان مسلسل جاکوڙڻ ۽ جدوجهد ڪرڻي آهي. شاهه لطيف سسئي جي ڪردارنگاري ۾ جستجو ۽ جدوجهد ڪندڙ انسان جي آڏو ايندڙ مادي رڪاوٽن، اڪيلائي، سونهون ساڻي نه هجڻ، سفر جون صعوبتون ۽ ڏکيائون، اٿهوند، وسيلن جو نه هجڻ وغيره ته بيان ڪري ٿو پر هو انهن مڙني مسئلن ۾ مکيه رڪاوٽ ذهني نفسياتي ڪيفيتن ۽ سوچن جي اُتر ڏکڻ ٽيڙ کي سمجهندي مايوسي، بيزاري، بي همٿي ۽ حوصلو هارڻ کي قرار ڏيندي، انهن مڙني مامرن ۾ وک وک تي رهبري ۽ رهنمائي ڪري ٿو. هو اعليٰ منزل ۽ مقصد جي واٽ ۾ پساهه پورا ڪرڻ وارن کي ته وڏي بخت ۽ پاڳ وارو ڄاڻائي ٿو. سسئي کي پنهون کان وڌيڪ پنهونءَ جي لوچ پياري آهي. سسئي جو عزم سندس سپ کان مٿانهون جذبو آهي.

سسئي جي ڪردار ۾ نوريءَ جي نهڻائي به آهي ته مارئي جي ثابت قدمي ۽ سهڻي واري سِڪ، دليري ۽ بيباڪي به سسئي کي مومل جيان وچوڙي جا وڍ به آهن. مطلب ته سسئي جو ڪردار مڙني سورمين جو معراج آهي.

قاضي قادن، شاهه لطف الله قادري تائين ڪلاسيڪي شاعرن وٽ جيئن ته عورت جو ڪردار اهڃاڻي آهي، جن نيم تاريخي داستانن جي ٻين عورتن ڪردارن جيان سسئي جي ڪردار کي تصوف جي باريڪ نڪتن کي بيان ڪرڻ لاءِ ڪتب آندو آهي.

شاهه عنات پهريون پيرو انهن داستانن ۾ مجاز کي ڳايو آهي. ساڳئي ريت پنجاب ۽ سرائيڪي وسيب جي شاعرن به سسئي جي بيان ۾ صوفي مسلڪ جا نڪتا سهڻي نموني سمجهايا آهن ته ٻئي پاسي انهن سسئي جي ڪردار ۾ ان جي عزم، استقلال، پختي اداري ۽ جدوجهد کي خوب سراهيو آهي ۽ مٿانهون مان ڏنو آهي.

سَسُئي پنجاب ۾ سپ کان گهٽو ڳايو ويندڙ لوڪ ۽ ڪلاسيڪي ڪهاڻين ۽ داستانن جو ڪردار آهي، سرائيڪي ۽ پنجابي شاعرن جا پنهنجا نرالا رنگ ڍنگ به آهن. 'هير وارث شاهه'

جيان پنجاب ۾ مشهور ’سسي هاشم شاهه‘ ۾ نامياري پنجابي شاعر هاشم شاهه سسئي جو مڪمل داستان ڳايو آهي، پر اهو تصوف جي نڪتن نروار ڪرڻ جي ڪوشش نٿو ڪري ۽ قصي جي بيان ۾ غفلت ۽ نياڳ واري ننڊ جو ڏوهي سسئي بجاءِ پنهونءَ کي سمجهي ٿو. خواجه غلام فريد سسئي جي موت تي ڏک ۽ ارمان ڪري ٿو، جڏهن ته شاهه لطيف وٽ سسئي جو موت به مَرڪ آهي جو اهو پرينءَ جي تلاش ۽ جستجو ۾ ٿئي ٿو.

ٻئي طرف بلها شاهه ۽ شاهه لطيف جي سسئي بابت شاعريءَ ۾ غفلت جو انجام، وچوڑي جا ويڊ، محبوب جي مِهر جي اميد، پاڻ پنهون ٿيڻ، ڪن فيڪون کان نينهن هڻڻ جهڙا فڪري نڪتا ساڳئي معنيٰ ۽ مفهوم ۾ نظر اچن ٿا.

شاهه لطيف سسئي جي ڪردار کي نئين سر سينگاري هڪ پرپور، جامع ۽ گهڻ رخو اعليٰ انساني آدرشي ڪردار ڪري پيش ڪيو آهي، جيڪو پنهنجي اعليٰ آدرشن لاءِ ميدان ۾ نڪري پوي ٿو. شاهه لطيف ان آدرشي انسان جون خوبيون، ڪمزوريون ۽ ڪوتاهيون نروار ڪري ان جي رهبري ۽ رهنمائي ڪري ٿو.

شاهه لطيف سسئي جي بيان ۾ تصوف جا نڪتا ان معنيٰ ۾ بيان ڪيا آهن ته هو ’ترڪ‘ بجاءِ ’طلب‘ جو قائل آهي ۽ طالب کي منزل ماڻڻ لاءِ عمل، جستجو ۽ جاکوڙ ڪرڻ لاءِ اتساهي ٿو. پنهنجو پاڻ سڃاڻڻ، اندر اُجارڻ ۽ پنهنجي اندر پريتم پسڻ جا اشارا به انهيءَ عملي تصوف جا اهڃاڻ آهن.

شاهه لطيف ۽ سچل جو پوءِ وارن صوفي شاعرن تي اثر نمايان نظر اچي ٿو. سچل سسئي کي سور سهڻ، جبل جهاڳڻ ۽ ڪَر ٽاڪڻ کان پوءِ محبوب ملڻ جي اميد ڏيکاري ٿو، جڏهن ته اڄا به اڳتي وڌي محبوب ماڻڻ نه پر خود ان جو ٿيڻ جي صلاح ڏئي ٿو.

خليفي نبي بخش قاسم سنڌيءَ ۾ سَسُئي جي بيان سان گڏ سرائيڪي ۾ سسئي جو مڪمل داستان ’مثنوي سسئي‘ جي صورت ۾ ڳايو آهي. هو پنهون جي سونهن جي بيان سان گڏوگڏ سسئي جي سراپا حُسن کي به خُوب سارا هي ٿو. سندس مثنوي سسئي شاعراڻي چس ۽ رس جو شاهڪار آهي. پاڻ به مجاز جي مهميز سهي چڪو هو ته سسئي جي بيان ۾ به عشق جي آڙاهه جي حدت ۽ شدت اعليٰ شاعرانه خوبين سان نروار ڪئي اٿس.

پوئين دؤر جي صوفي شاعرن سسئي جي بيان ۾ عشق جي لذتن ۽ عذابن، حسن ۽ جمال جي جلوه آراين، وچوڑي ۽ وصال جي لذتن سان گڏ تصوف جي انيڪ نڪتن کي به نروار ڪيو آهي. سسئي جا سور ڏک، ڏاکڙا ۽ سندس عزم ته سڀني شاعرن ڳايو آهي.

پر شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ سَسُئي جي جذبن، ڪيفيتن ۽ احساسن جي جيڪا ندرت ۽ نواڻ نظر اچي ٿو. سا نرالي، انوکي ۽ نمايان آهي.

شاهه لطيف جي شاعري ۾ سنڌ ۽ پرپاسي وارن علائقن جي جهنگن، جبلن، وٽن ٽٽن، ٻيلن وٽڪار ٽرن برن مطلب ته جڏ مڪمل جاگرافيائي معلومات موجود ملي ٿي. سسئي جي سُرن ۾ به ماڳن ۽ مڪانن جي وڏي اهميت ۽ افاديت آهي. سسئي جي بيان ۾ شاهه لطيف ماڳن ۽ مڪانن سان نسبت ڏيندي ڪيترائي اشارا ۽ اهڃاڻ ڏئي ٿو. هو پنهون کي ’هاڙهي جو هوت‘، ’ٻيلي ڏٽي‘ سڏي ٿو. سسئي جي سفر ۾ وڻ ٽڻ، جبل ۽ ٽڪريون هڪ مجسم وجود بنجي وڃن ٿا. جيڪي سسئي سان گڏ سندس سور ونڊين ٿا. شاهه لطيف جي ڪلام ۾ انهن ماڳن مڪانن کي اهڙي اعليٰ قسم جي انوکي ۽ نرالي انداز سان ڳائڻ ۽ ساراهڻ سبب انهن ماڳن ۽ مڪانن جي تاريخي توڙي ثقافتي اهميت تهائين وڌيڪ اجاگر ٿي آهي ۽ پڻ سسئي جي ڪردار سان گڏ اهي سدا حيات ۽ اَمر ماڳ بنجي ويا آهن.

Bibliography :ڪتاب

سنڌي ڪتاب:

1. آڏواڻي، پيرومل مهرچند، (2013ع) ”شاهه جو رسالو“ (چاپو ٻيو) حيدرآباد: سنڌي ساهت گهر.
2. آڏواڻي، پيرومل مهرچند، (2017ع) ”شاهه عبداللطيف ڀٽائي، هڪ مطالعو“ مرتب: قاضي آزاد، ڪراچي: شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي.
3. آڏواڻي، پيرومل مهرچند، (1992ع) ”قديم سنڌ“ چام شورو: سنڌي ادبي بورڊ.
4. انصار، زاهد خان (ڊاڪٽر)، (1982ع) ”سنڌ جي ديني حياتيءَ ۾ قادري صوفين جو حصو“ مرتب: مرزا، ممتاز، شاهه لطيف مرڪز ”سنڌ صدين کان“ 202-211، حيدرآباد.
5. آغا سليم، (2008ع) ”لات جا لطيف جا“ چام شورو: سنڌي ادبي بورڊ.
6. الانا، غلام علي (ڊاڪٽر) (2012ع) ”لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ“ چام شورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، يونيورسٽي آف سنڌ.
7. ابڙو، بدر (2000ع) ”سنڌ جو شاهه“ ڪراچي: شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي.
8. بلوچ، نبي بخش خان (ڊاڪٽر) (1997ع) ”شاهه جو رسالو- شاهه جو ڪلام“ (جلد چوٿون) چاپو پهريون، حيدرآباد: علامه آءِ.آءِ قاضي رسالو تحقيقي رٿا ۽ اشاعت.
9. بلوچ، نبي بخش خان (ڊاڪٽر) (1971ع) ”مشهور سنڌي قصا ۽ عشقيه داستان-2، ليلا چنيسر“ حيدرآباد: سنڌي ادبي بورڊ.
10. بلوچ، نبي بخش خان (ڊاڪٽر) (1999ع) ”سنڌي بولي ۽ ادب جي تاريخ“ چام شورو: پاڪستان اسٽڊي سينٽر، يونيورسٽي آف سنڌ.
11. بلوچ، نبي بخش خان (ڊاڪٽر) (2009ع) ”شاهه جو رسالو“ (شاهه جي سوانح ۽ فڪر سميت) (چاپو پهريون) ثقافت ۽ سياحت کاتو، سنڌ.
12. بلوچ، نبي بخش خان (ڊاڪٽر) (2010ع) ”ميين شاهه عنات جو ڪلام“ چام شورو: سنڌي ادبي بورڊ.
13. بلوچ، نبي بخش خان (ڊاڪٽر) (2007ع) ”سهڻي ميهار ۽ نوري چام تماچي“ چام شورو: سنڌي ادبي بورڊ.
14. بلوچ، نبي بخش خان (ڊاڪٽر) (1997ع) ”شاهه جو رسالو- شاهه جو ڪلام“ (جلد پهريون) (چاپو پهريون) حيدرآباد: علامه آءِ.آءِ قاضي رسالو تحقيقي رٿا ۽ اشاعت.
15. بلوچ، نبي بخش خان (ڊاڪٽر) (1975ع) ”مشهور سنڌي قصا ۽ عشقيه داستان-5، مومل راڻو“ حيدرآباد: سنڌي ادبي بورڊ.
16. بلوچ، نبي بخش خان (ڊاڪٽر) (2008ع) ”ٻيلاين جا ٻول“ حيدرآباد: سنڌي ساهت گهر.
17. بلوچ، نبي بخش خان (ڊاڪٽر) (1981ع) ”مقدمه راگ نامو“ (چاپو پهريون) حيدرآباد: شاهه عبداللطيف ٽ شاهه ثقافتي مرڪز.
18. بلوچ، نبي بخش خان (ڊاڪٽر) (2010ع) ”شاهه لطف الله قادري جو ڪلام“ ڪراچي: ثقافت ۽ سياحت کاتو، حڪومت سنڌ.
19. بلوچ، نبي بخش خان (ڊاڪٽر) (2005ع) ”خليفي صاحب جو رسالو“ (چاپو ٻيو) چام شورو: سنڌي ادبي بورڊ.
20. بلوچ، نبي بخش خان (ڊاڪٽر) (2011ع) ”حمل فقير جو ڪلام“ چام شورو: سنڌي ادبي بورڊ.
21. بلوچ، نبي بخش خان (ڊاڪٽر) (2012ع) ”سپ رنگ“ (چاپو پهريون) ڪراچي: ثقافت ۽ سياحت کاتو حڪومت سنڌ.

22. بلوچ، نبي بخش خان (ڈاڪٽر) (2016ع) ”سنڌي لوڪ ادب جو اپياس“ سهيڙيندڙ: بلوچ، محمد ارشد، حيدرآباد: ڈاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ريسرچ فائونڈيشن.
23. بلوچ، نبي بخش خان (ڈاڪٽر) (1994ع) ”جامع سنڌي لغات“ ڄام شورو: سنڌي ادبي بورڊ
24. بلوچ، نبي بخش خان (ڈاڪٽر) (2007ع) ”شاهه جي رسالي جي ڪلام جا قلمي ذخيرا“ مرتب: خواجه نورافروز (ڈاڪٽر) ”اگهيا ست سندا“ (12-7) ڄام شورو، شاهه لطيف ريسرچ سيل، يونيورسٽي آف سنڌ
25. ٻوهيو، الهداد (ڈاڪٽر)، (1990ع) ”علم تحقيق“ حيدرآباد: نيوفيلڊس پبليڪيشن، ص 65-120.
26. ٻوهيو، الهداد (ڈاڪٽر)، (2011ع) ”سنڌي ٻوليءَ جو سماجي ڪارج“ ڄام شورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي.
27. ٻيلاڻي، نارائڻ داس (2012ع) ”شاهه جون سورميون“ مرتب: سنائي ناز“، اسان جو لطيف“ حيدرآباد: سنڌي ساهت گهر.
28. ٻنيرو، عطا محمد (1995ع) ”سنڌ جا قديم آثار“
29. ٽڪي، مقبول احمد (1961ع) ”ڪليات مصري فقير“ نصرپور: مصري شاهه ڪوآپريٽو ميموريل ڪائونسل.
30. ٽنڱاڻ، غلام حسين (ڈاڪٽر) (2007ع) ”تحقيق جو فن“ (ٻيو ڇاپو)
31. ڊليجو، رسول بخش (1992ع) ”وهڻ مون نه وڙاءُ“ حيدرآباد: نيوفيلڊس پبليڪيشن.
32. ڊليجو، رسول بخش (2012ع) ”ڏورج ڏيئو هٿ ڪري“ (چونڊ ليڪچرس) سهڙيندڙ: خاصخيلي اسمٰعيل، حيدرآباد: عوامي علمي، ادبي فورم.
33. ڊليجو، رسول بخش (2012ع) ”لطيف شناسي“ سهيڙيندڙ: خاصخيلي اسمٰعيل، حيدرآباد: عوامي علمي ادبي فورم.
34. ڊليجو، رسول بخش (2015ع) ”تنين ماڻڪ ميڙيا“ ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن
35. ڊليجو، رسول بخش (2016ع) ”تخليقي ۽ تنقيدي ادب“ (ڀاگ 2، جلد 1) سهيڙيندڙ: چانڊيو، جامي، حيدرآباد: سي.پي.سي.ايس.
36. ڊليجو، رسول بخش (1992ع) ”وهڻ مون نه وڙاءُ“، حيدرآباد: نيوفيلڊس پبليڪشن.
37. ڏنهور، ايچ.ايم (2013ع) ”سنڌ جي ريجاڻي تاريخ جا ڇهه هزار سال“ مترجم: سومرو، عمر ڪراچي: عمر سومرو اڪيڊمي سنڌ.
38. جڪراڻي، غلام محمد (2013ع) ”ڪلام بلهي شاهه“ ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن.
39. جويو محمد ابراهيم (2006ع) ”شاهه سچل ۽ سامي“ ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن.
40. جوڻيجو، عبدالجبار (ڈاڪٽر) (2002ع) ”ڪنمال“ ڄام شورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي.
41. جوڻيجو، عبدالجبار (ڈاڪٽر) (1994ع) ”سنڌي ادب جي مختصر تاريخ“ ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن.
42. جوڻيجو، عبدالجبار (ڈاڪٽر) (2005ع) ”شاهه جي رسالي جو مطالعو“ شڪارپور: مهراڻ، اڪيڊمي.
43. جوڻيجو، عبدالجبار (ڈاڪٽر) (2010ع) ”سنڌي ادب جي مختصر تاريخ“ ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن.
44. ڇنا، غلام حيدر (ڈاڪٽر) (1998ع) ”شاهه ۽ سنڌ“ ڪراچي: شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر ڪراچي يونيورسٽي.
45. ڇٻلاڻي، ايس.ٽي (1995ع) ”سنڌ جي اقتصادي تاريخ“ ڄام شورو: سنڌي ادبي بورڊ.
46. حامي، عطا محمد (ڈاڪٽر) (2013ع) ”سچل سرمست جو آفاقي پيغام“ مرتب: بخاري، مخمور (ڈاڪٽر) ڄام شورو: سنڌي ادبي بورڊ.
47. خالد، ڪريم بخش (2008ع) ”رسالو ٻيل فقير“ مرتبٌ سرڪي، نياز، ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن.
48. دائود پوٽو، عمر بن محمد (ڈاڪٽر) (1977ع) ”شاهه ڪريم بلڙي واري جو ڪلام“ پٽ

شاهه: شاهه عبداللطيف ثقافتي مرڪز.
49. دلوي، عبدالستار (ڊاڪٽر) (2007ع) ”تحقيق جو فن ۽ ان جا اصول“ حيدرآباد:
50. رضوي، سيد عاشق حسين شاهه (1983ع) ”مختصر ڪلام، مصري شاهه امام“ نصرپور: مصري شاهه ميموريل ڪميٽي.
51. سرڪي، نياز (2005ع) ”رسالو ٻيل فقير“، ڪنڊيارو: روشني پبليڪشن.
52. سيد، درشهوار (ڊاڪٽر) (1995ع) ”تحقيق جو طريقيڪار“ ڪراچي: شاهه لطيف چيئر، ڪراچي يونيورسٽي.
53. سورلي، ايچ.ٽي (1992ع) ”پٽ جو شاهه“ مترجم: پنهڙو، عطا محمد، ڪراچي: سنڌيڪا اڪيڈمي.
54. سڌايو، غلام نبي (ڊاڪٽر) (1992ع) ”شاهه جي شاعري ۾ علامت نگاري“ (چاپو پهريون) حيدرآباد: شاهه عبداللطي پٽ شاهه ثقافتي مرڪز.
55. سڌايو، غلام نبي (ڊاڪٽر) (2007ع) ”شاهه لطيف جو علامتي شعور“، ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن.
56. سومرو، عبدالغفار (ڊاڪٽر) (2016ع) ”شاهه جو رسالو“ چام شورو: سنڌي ادبي بورڊ
57. شوق، نواز علي (ڊاڪٽر) (2008ع) ”رسالو ميان سچل جو“ مرتب: هڪڙو، انورفگار (ڊاڪٽر) ڪراچي- ثقافت ۽ سياحت ڪاتو حڪومت سنڌ.
58. شوق، نواز علي (ڊاڪٽر) 2012ع) ”ديوان بيدل“ (مقدمه) چام شورو: سنڌي ادبي بورڊ.
59. شيخ طارق عزيز ۽ جامڙو، ڪمال (ڊاڪٽر) (1998ع) ”شاهه لطيف ۽ پاڪستاني ٻولين جا شاعر“ ڪراچي: شاهه عبدالطيف ٻٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي.
60. شيخ، محمد اسمٰعيل (2005ع) ”شاهه عبداللطيف ٻٽائي، سماجي ۽ سياسي مفڪر“ مرتب: ايس.ايم فردوس، ڪراچي: محڪمه اطلاعات، حڪومت سنڌ.
61. عباسي، تنوير (2000ع) ”شاهه لطيف جي شاعري“ ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن.
62. عباسي، تنوير (2008ع) ”ڪلام خوش خيرمحمد هيسباڻي“ چام شورو: سنڌي ادبي بورڊ.
63. فهميده حسين، (ڊاڪٽر) (1993ع) ”شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ عورت جو روپ“، پٽ شاهه، پٽ شاهه ثقافتي مرڪز.
64. فهميده حسين، (ڊاڪٽر) (2011ع) ”ادبي تنقيد: فن ۽ تاريخ“ ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن.
65. ڪاشف، محمد حسين (2012ع) ”شاهه سچل ۽ خليفو نبي بخش قاسم“ ڪراچي: ثقافت ۽ سياحت ڪاتو، حڪومت سنڌ.
66. ڪاشف، محمد حسين (2013ع) ”شاهه جو ڪلام، مقدار يا معيار“ ڪراچي: ثقافت ڪاتو، حڪومت سنڌ.
67. قانع، مير علي شير، سنڌيڪار: مخدوم امير احمد (1989ع) ”تحفة الڪرام“ مرتب: بلوچ، نبي بخش خان (ڊاڪٽر)، حيدرآباد/چام شورو: سنڌي ادبي بورڊ.
68. قانع، مير علي شير (1989ع) ”مقالات الشعراء“ چام شورو: سنڌي ادبي بورڊ.
69. گربخشاڻي، هوتچند، مولچند، (2005ع) ”شاهه جو رسالو“ ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن.
70. گربخشاڻي، هوتچند، مولچند، (1992ع) ”شاهه جو رسالو“ ڪراچي: ثقافت ۽ سياحت ڪاتو حڪومت سنڌ.
71. گل راچاڻي، چيٹمل پرسرام (1984ع)، ”شاهه جون آکاڻيون“ مرتب: جيٹلي، مرليڌر، حيدرآباد: سنڌ تحقيقي بورڊ.
72. لچاڻي، جڳديش (ڊاڪٽر) (2015ع) ”آچيندي لڇ مران“ ڪراچي: ثقافت ۽ سياحت ڪاتو، حڪومت سنڌ.
73. لئمبرڪ، ايچ.ٽي، (1985ع) ”سنڌ صدين کان“ مرتب: مرزا، ممتاز، پٽ شاهه/حيدرآباد: شاهه عبداللطيف پٽ شاهه ثقافتي مرڪز.
74. مولائي شيدائي، رحيمداد خان، مرتب: بخاري مخمور (ڊاڪٽر) (2014ع) ”لئج لات لطيف جئي“ ڪراچي: ثقافت ۽ سياحت ڪاتو، حڪومت سنڌ.

75. لاکو، غلام محمد (ڈاکٹر) (2004ع) ”مطالعو سنڌ جو“ (جلد 2)، (چاپو پهريون) حيدرآباد: سنڌ تحقيقي بورڊ.
76. ميمڻ، عبدالمجيد سنڌي (2004ع) ”لطيف جو پيغام“ شڪارپور: مهراڻ اڪيڊمي.
77. ميمڻ، عبدالمجيد سنڌي (2006ع) ”سنڌي ادب جو تنقيدي اپياس“ (چاپو ٻيو) ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن.
78. ميمڻ، عبدالمجيد سنڌي (2006ع) ”سنڌي ادب جو تنقيدي اپياس“ (چاپو ٻيو) ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن.
79. ميمڻ، عبدالمجيد سنڌي (2001ع) ”لطيفي لات ۽ سنڌي ڪلاسيڪي شاعريءَ جو مطالعو“، شڪارپور: مهراڻ اڪيڊمي.
80. مگسي، قادر بخش (ڈاکٹر) (2015ع) ”خليفي صاحب جو رسالو“، ڄام شورو: سنڌي ادبي بورڊ.
81. ماڙيوالا چيتن لال ۽ پنهور، ايم.ايڇ، (2004ع) ”قديم سنڌ جي تجارتي تاريخ، ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن.
82. موسوي، عبدالحسين شاهه، (2012ع)، ”ديوانِ بيدل“ ڄام شورو: سنڌي ادبي بورڊ.
83. مهر، غلام رسول (1996ع) ”تاريخ سنڌ“ ڄام شورو: سنڌي ادبي بورڊ.
84. ميرڪ، يوسف، مترجم: همايوني نياز، (1994ع) ”تاريخ مظهرشاجهاني“ (چاپو ٻيو) ڄام شورو: سنڌي ادبي بورڊ.

مقالا ۽ مضمون

1. آڏواڻي، پيرومل مهرچند، (2012ع) ”لطيفي سير“ مرتب: سنائي ناز، ”اسان جو لطيف“، حيدرآباد: سنڌي ساهت گهر.
2. الانا، غلام علي (ڈاکٹر) (2012ع) ”شاهه لطيف جي ڪلام ۾ انسانذات جي نفسياتي ڪيفيتن جي عڪاسي“، مرتب: مانجهي، محمد علي (ڈاکٹر) ڪراچي: ”مون ۾ تون موجود“ (34-17)، ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ.
3. الانا، غلام علي (ڈاکٹر) (1998ع) ”شاهه عبداللطيف عزم ۽ استقلال جو داعي“ (55-40) مرتب: شاد، بشير احمد (ڈاکٹر) ”پٽ جو گهوٽ“ شڪارپور: مهراڻ اڪيڊمي.
4. الياس، عشقي (2002ع) ”صدارتي تقرير“ (2000ع واري لطيفي ادبي ڪانفرنس) (27-34) مرتب: جويو تاج ”شاهه لطيف هڪ تحرڪ، هڪ تحريڪ“، پٽ شاهه/حيدرآباد: پٽ شاهه ثقافتي مرڪز.
5. بلوچ، نبي بخش خان (ڈاکٹر) (2007ع) ”سورته سنيهو آهي ويچ وٽ وڃڻ جو“ (2006-2008ع) مرتب: خواجه نورافروز (ڈاکٹر) ”اگهيا سُٽ سندا، ڄام شورو: شاهه لطيف ريسرچ سيل، سنڌي شعبو، يونيورسٽي آف سنڌ.
6. بخاري، مخمور (ڈاکٹر) (2005ع) ”سر حسينيءَ ۾ سسئيءَ جو مقام“ (155-149)، مرتب: جويو تاج ”حسيني جي هاڪ“ پٽ شاهه/حيدرآباد: شاهه عبداللطيف پٽ شاهه ثقافتي مرڪز.
7. بلوچ، عنايت (2005ع) ”غم گوندر ۽ گس“ (17-14) مرتب: جويو، تاج، ”حسيني جي هاڪ“ پٽ شاهه/حيدرآباد: شاهه عبداللطيف پٽ شاهه ثقافتي مرڪز.
8. پنهور، ايم.ايڇ (2004ع) ”پنپور بندر وسيلي سنڌ جي بين الاقوامي تجارت“، مرتب: ۽ مترجم: پنپرو، عطا محمد ”سنڌ جي قديم تجارتي تاريخ“، (110-80) ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن.
9. تنيو، گل محمد (2008ع) ”مصري شاهه جو ڪلام“، ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن.
10. ٺڪر، هيرو (2014ع) ”انساني نفسياتي ڪيفيتن، احساسن جو شاعر: شاهه عبداللطيف“ (105-95) سهيڙيندڙ: ميمڻ محمد سليم (پروفيسر) ”شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ فطرت جا

رنگ"، ڪراچي: ثقافت ۽ سياحت کاتو، حڪومت سنڌ.
11. جوٽيجو، عبدالجبار (ڈاڪٽر)، (2005ع) "سر حسيني" (13-11) مرتب: جويو، تاج "حسيني جي هاڪ" شاهه عبداللطيف پٽ شاهه ثقافتي مرڪز.
12. جوٽيجو، عبدالجبار (ڈاڪٽر)، (2007ع) "ساري سک سبق" (126-117) مرتب: خواجه نورافروز (ڈاڪٽر)، "اگهائين سندا" ڄام شورو: شاهه لطيف ريسرچ سيل، سنڌي شعبو، سنڌ يونيورسٽي.
13. جويو، تاج (2012ع) "ڳهوري جند مليز تان" (106-97) سهڙيندڙ: مانجهي محمد علي (ڈاڪٽر) "جهڙي سونهن سنڌياس" ڪراچي: ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ.
14. جوٽيجو، عبدالجبار (ڈاڪٽر)، (2012ع) "سسئي شاهه جي زبان ۽ بيان ۾" (48/42)، مرتب: مرزا ممتاز "لطيفي لات"، ڪراچي: ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ.
15. جوتواڻي، موتي لال (ڈاڪٽر) (2007ع) "شاهه لطيف سائين سراپا سنڌيت هو" (86-77)، مرتب: خواجه نورافروز (ڈاڪٽر) "اگهيا سُٽ سندا" ڄام شورو: شاهه لطيف ريسرچ سيل، سنڌي شعبو، سنڌ يونيورسٽي
16. جوڪيو،، جسارت الياس سنڌي (2020ع) "بدنصيب جهاز حادثي بابت ڳوناڻن جون ڳالهيون"، ايڊيٽر: محمد ايوب قاضي "ڪاوش حيدرآباد.
17. پلي، راج محمد (1965ع) "صوفي صادق فقير" (مهراڻ، ڏهه ساله نمبر)، ڄام شورو: سنڌي ادبي بورڊ.
18. خواجه، نورافروز (ڈاڪٽر) (1990ع) "شاهه ڪريم جو شاهه لطيف تي اثر" (154-144) "ڪينجهر" ڄام شورو: سنڌي شعبو، سنڌي يونيورسٽي.
19. خواجه نورافروز (ڈاڪٽر)، (1990ع) "ڪينجهر" (148-144) ڄام شورو: سنڌي شعبو- سنڌ يونيورسٽي.
20. خواجه، نورافروز (ڈاڪٽر) (2012ع) "شاهه لطيف جي ڪلام ۾ انسان شناسي"، (59-82)، سهيڙيندڙ: ميمڻ محمد سليم (پروفيسر) "شاهه لطيف جي ڪلام جو موجوده حالتن تي اطلاق"، ڪراچي: ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ.
21. خواجه، نورافروز (ڈاڪٽر) (2003ع) "سورٹ جي ڪردار جو جائزو" (156-150)، مرتب: جويو، تاج "سُر سورٹ" پٽ شاهه/حيدرآباد: شاهه عبداللطيف پٽ شاهه ثقافتي مرڪز.
22. راشدي، پير حسام الدين (2017ع) "سنڌ جي فڪر ۽ ذهن تي مورينڈڙ شاعر" (53-44)، مرتب: سنڌي، مدد علي، "مصوريءَ جي موج ۾" ڪراچي: ثقافت سياحت ۽ نوادرات کاتو حڪومت سنڌ.
23. درشهوار سيد (ڈاڪٽر) (2007ع) "شاهه لطيف هڪ سماجي مفڪر"، (131-127) مرتب: خواجه نورافروز (ڈاڪٽر) "اگهيا سٹ سندا"، ڄام شورو: شاهه لطيف ريسرچ سيل، سنڌي شعبو سنڌ يونيورسٽي.
24. رڪناڻي الهنواز (2005ع) "سر حسين جي لغات" (125-83)، مرتب: جويو تاج، "حسين جي هاڪ" پٽ شاهه: شاهه لطيف ثقافتي مرڪز.
25. سنڌي، محمد ابراهيم (ڈاڪٽر) "سُر حسيني جي بن اهم واقعن جا اهجاڻ"، (162-160)، مرتب: جويو تاج حسينيءَ
26. سوير، شاهنواز (ڈاڪٽر)، (2002ع)، "شاهه جي ڪلام جي روشنيءَ ۾ سنڌ جي ثقافت جو اپياس"، (143-136)، مرتب: جويو تاج، پٽ شاهه/حيدرآباد ثقافتي مرڪز.
27. سوير، شاهنواز (ڈاڪٽر)، (1989ع) "سُر ڈهر جو تاريخي پس منظر" (143-136)، مرتب: شوق نواز علي (ڈاڪٽر)، "سر ڈهر، (100-91) حيدرآباد، پٽ شاهه ثقافتي مرڪز، مرتب: جويو، تاج "شاهه لطيف هڪ تحرڪ هڪ تحريڪ" پٽ شاهه/حيدرآباد: پٽ شاهه ثقافتي مرڪز.
28. سوير، شاهنواز (ڈاڪٽر) (1989ع) " سر ڈهه جو تاريخي پسمنظر، مرتب: شوق نواز

علي، ڊاڪٽر، سُر ڏهر، (100-91)، حيدرآباد: پٽ شاهه ثقافتي مرڪز.
29. سومرو، ادل (2007ع) ”شاهه لطيف ۽ سنڌي سماج“، (155-149)، مرتب: خواجه نورافروز (ڊاڪٽر)، ”اڳهيا سُٽ سندا“،جام شورو: شاهه لطيف ريسرچ سيل، سنڌي شعبو سنڌ يونيورسٽي.
30. سحر امداد، (ڊاڪٽر) (1988ع)، ”شاهه- اول آخر شاعر“، (102-93)، ”ڪينجهر“ جام شورو: سنڌي شعبو، سنڌ يونيورسٽي.
31. محمد سليم (پروفيسر) ”شاهه لطيف جي ڪلام جو موجوده حالت تي اطلاق“ ڪراچي: ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ
32. شيخ، ايار (2017ع) ”سچل سرمست جي عظمت“ (70-68)، مرتب: سنڌي، مدد علي، ڪراچي: ثقافت، سياحت ۽ نوادارات کاتو حڪومت سنڌ.
33. شيخ ايار (2007ع) ”سنڌ جو فيلسوف“، (210-191)، مرتب: چانڊيو، جامي، ”ڪلاسيڪي ۽ جديد سنڌي شاعري“، ڪراچي: سنڌيڪا اڪيڊمي
34. شيخ، ايار، (1980ع) ”شاهه لطيف“ (25-24)، پٽ شاهه: پٽ شاهه ثقافتي مرڪز
35. شاد، بشير احمد (ڊاڪٽر) (2007ع) ”سُر ڪوهياريءَ ۾ سجاڳي جو سبق“، (46-40)، مرتب: قناصرو منظور احمد ”سُر ڪوهياري“ ڪراچي: ثقافت کاتو حڪومت سنڌ
36. شوق، نواز علي (ڊاڪٽر) (2002ع) ”شاهه لطيف ۽ وطن دوستي“ (94-85) مرتب: جويو، تاج، ”شاهه لطيف هڪ تحرڪ، هڪ تحريڪ“ پٽ شاهه: شاهه لطيف.
37. شيخ، زاهده (2007ع) ”حقيقت هن حال جي“ (139-132)، قناصرو منظور احمد ”سُر ڪوهياري“ ڪراچي: ثقافت کاتو: حڪومت سنڌ.
38. شيخ، عزيز (1995ع) ”تحقيق ڪيئن ڪجي“ مرتب: سيد درشهوار (ڊاڪٽر) ”تحقيق جي طريقه ڪار“ (170-163)، ڪراچي: شاهه عبداللطيف يٽائي چيئر: ڪراچي يونيورسٽي
39. فهميده حسين، (ڊاڪٽر) (2012ع) ”سنڌ جي صوفي شاعرن جو محبت وارو پيغام“، (13-12)، سهيڙيندڙ: مانجهي، محمد علي (ڊاڪٽر)، ”جهڙي سونهن سنڌياس“ ڪراچي: ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ.
40. صديقي، حبيب الله، (ڊاڪٽر)، (2003ع) ”سُر سورٺ جو تاريخي جائزو“، (21-18)، مرتب: جويو تاج، ”سُر سورٺ“ پٽ شاهه: شاهه عبداللطيف، پٽ شاهه ثقافتي مرڪز
41. صديقي، حبيب الله (ڊاڪٽر) (2009ع) شاهه عبداللطيف جي سوانح حيات ۽ سندس ڪلام جو پسمنظر“، (31-19) ”ڪينجهر“، جام شورو: سنڌي شعبو، سنڌ يونيورسٽي.
42. فهميده، حسين (ڊاڪٽر) (2011ع) ”ادبي تنقيد: فن ۽ تاريخ“ ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن.
43. ڪاشف، محمد حسين (2007ع) ”شاهه جي ڪلام جا فڪري ماخذ“، (84-64)، مرتب: جويو، تاج ”شاهه لطيف، هڪ تحرڪ هڪ تحريڪ“ پٽ شاهه/حيدرآباد: پٽ شاهه ثقافتي مرڪز.
44. عاطف، عبدالجبار جوٽيجو (2005ع) ”سُر حسينيءَ جي ماڳن مڪانن جو تاريخي جائزو“، (185-169)، مرتب: جويو تاج، ”حسيني جي هاڪ“، پٽ شاهه/حيدرآباد: پٽ شاهه ثقافتي مرڪز.
45. طالب المولىٰ، مخدوم محمد زمان (1991ع) ”ڪافي ۽ ان جو فن“ (59-53)، (مهراڻ 1964/3ع، پيو چاپو) جام شورو: سنڌي ادبي بورڊ
46. عباسي، تنوير (2007ع) “شاهه لطيف جي شاعريءَ جو ادبي پسمنظر“، (113-82)، مرتب: چانڊيو، جامي ”ڪلاسيڪي ۽ جديد سنڌ شاعري“، ڪراچي: سنڌيڪا اڪيڊمي
47. مانجهي محمد علي (ڊاڪٽر) (2012ع) ”پيش لفظ- مون ۾ تون موجود“ (16-7)، مانجهي محمد علي (ڊاڪٽر)، ڪراچي: ثقافت کاتو حڪومت سنڌ.
48. مجيدي مريم (2007ع)، ”سُر ڪوهياري جو تحقيقي جائزو“، (75-66)، مرتب: قناصرو منظوراحمد، ڪراچي: ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ.
49. مهر، سليمان (2020ع- 2021ع) ”چولستان جي پچار ۽ لاڙي وينگس سان خواجه فريد جي

عشق ڪي ڪٿا“ حيدرآباد روزانه ڪاوش.
50. وقاصي، سلطانه، (2012ع)، ”شاهه لطيف جي نوري“، (103-99)، مرتب: مرزا ممتاز، ڪراچي: ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ.

اردو کتب

1. بھٹی، امجد علی (ڈاکٹر) (2015ء)، "بلھے شاہ" اسلام آباد: نیشنل بک فائونڈیشن
2. پال، جمیل احمد (2012ء)، "سائین شاہ عبداللطیف بھٹائی کے ہمعصر تین پنجابی شاعر"، مرتب: مانجھی، محمد علی (ڈاکٹر) 'موں میں توں موجود' 143-151، کراچی: محکمہ ثقافت، حکومت سندھ
3. جی۔آر پوری اور ٹی۔آر شنگاری، (2007ء)، "سائین بلھے شاہ" لاہور، فکشن ہائوس
4. سبط حسن (1990ء)، "نوید فکر" کراچی: مکتبہ دانیال۔
5. شفیع عقیل (2002ء)، "سسی پنون ہاشم شاہ"، اسلام آباد: مقتدرہ قومی زبان پاکستان۔
6. شائق، باغ علی (1992ء)، "راجستانی زبان و ادب" کراچی: راجستان ادب سنبھا
7. شمس الحق، (1961ء)، 'نفسیات معاشرہ' کراچی: دانا اکیڈمی، شنکر بلڈنگ، اے۔ایم فرید روڈ کراچی۔
8. طاہر، احسان اللہ، (ڈاکٹر) (۲۰۱۴ء) "ہاشم شاہ تے قصہ سَسِی پنوں دے دوجے لکھیار" (قلمی) اسلام آباد: شعبہ پاکستانی زبانیں و ادب: علامہ اقبال اوپن یونیورسٹی
9. طاہر احسان اللہ (ڈاکٹر) (۲۰۱۵ء)، "ھیر وارث شاہ" اسلام آباد، نیشنل بک فائونڈیشن
10. فقیر، محمد فقیر (ڈاکٹر) (1960ء) "کلیات بلھے شاہ" لاہور: پنجابی ادب اکیڈمی۔
11. کوریجہ، خواجہ طاہر محمود، (ڈاکٹر) (2011ء)، "دیوان خواجہ فرید" لاہور: الفیصل ناشران تاجران کتب۔
12. لاجونتی، رام کرشن، مترجم: بھٹی امجد علی (2004ء)، "پنجاب کے صوفی شاعر" لاہور: بک ھوم۔
13. مبارک علی، (ڈاکٹر)، (1994ء)، "سندھ خاموشی کی آواز"، لاہور: فکشن ہائوس۔

English Books

1. Annemari Schimmel, 1986. A.D. “Pearls from the Indus” Jamshoro, Sindhi Adabi Board.
2. Gurbaxani, Prof Hotchand, molchand (Dr), 2018, A.D “Mysticism in the early nineteenth century poetry of England”, Hyd Sindhi Language Authority.

3. Sadarngoni H.I. 1987 A.D "Persian Poets of Sindh" Jamshoro/Hyderabad: Sindhi Adabi Board.
4. Jotwani, Motilal (Dr. (2006 A.D) "Shah Abdul Latif his Life and work", Karachi: Department of Culture and Tourism: Sindh.
5. Shaikh Aziz "Shah Latif-The Poet of Love and Peace" compiled by, Monjhi Mohammad Ali (Dr) "Moon men toon mojod" (1-6), Karachi, Culture Dept: Govto of Sindh.
6. Sayed Durr-e-Shahwar (Dr), (1988) "The Poetry of Shah Abdul Latif" Jamshoro: Sindhi Adabi Board.

تت: Abstract

شاهه عبداللطيف سڄا سارا پنج سر: آبري، معذور، ديسي، ڪوهياري ۽ حُسيني سَسُيءَ تي چيل سندس ڪلام جو وڏو حصو آهي. سنڌ جي لوڪ ۽ ڪلاسيڪي ادب ۾ سَسُيءَ جو داستان هڪ رومانوي، مزاحمتي ۽ المياتي قصو آهي. ان ڪري جو شاهه لطيف جو هن ڪردار سان فني ۽ فڪري سنبنڌ تهائين وڌيڪ ۽ پڪو، پختو نظر اچي ٿو. هن تحقيق، 'شاهه جي رسالي ۾ سَسُيءَ جي ڪردار جو تحقيقي جائزو' شاهه لطيف جي هڪ وڏي ڪردار واري طويل پريم ڪهاڻيءَ جو جامع اڀياس آهي. سَسُيءَ جي ڪردارنگاري جا اهجاڻ ۽ ٽاڪا، شاهه لطيف کان اڳ وارن صوفي شاعرن: قاضي قادن، شاهه ڪريم، شاهه لطف الله قادري ۽ شاهه عنات وٽ ملن ٿا، اِنهيءَ قصي سَسُي- پنهون جا سونهن ۽ سندرتا وارا انوکان ورن سچل، خليفو نبي بخش، بيدل، حمل، صوفي صادق فقير، مصري شاهه، پير فقير ۽ ٻين سرائڪي ۽ پنجابي وسيب جي شاعرن: بلهي شاهه، هاشم شاهه جي ڪلام ۾ چٽا نظر اچن ٿا، پر شاهه لطيف جي چيل سَسُيءَ جي پنجن سُرن ۾ پريم، پريمي تان ٻلهارجڻ، سنڌ جي ڪُلهندي وارين جابلو ماڻرين ۽ جبلن جو سفر، پنهوار جو واپار، ڪيچ مڪران جا واپاري ۽ انهن جي خوشبوئن وارو وکر، عشق ۽ وچوڙي جا ورلاپ سڀ کي نظر اچن ٿا. انهن ۾ جتن جي جُوءِ، انهن جو واپار، انهن جي اُڻن جي سجاوٽ اهو سڀ کي موجود آهي. هتي هڪ طبقاتي ڪشمڪش واپاري سماء ۽ پورهيت- ڏوٻڪي سماج جو تضاد جيڪو چٽو نظر اچي ٿو ۽ اِهوئي تضاد سَسُيءَ جي پريم جي آڏو پنهونءَ جي پائرن جي صورت ۾ نظر اچي ٿو. ان سان گڏ فطرت جو هر جيو ۽ ورن سَسُيءَ جو ويري ٿي بيهي ٿو. اُتي سَسُيءَ جي اڏولتا ۽ عزم، هن عشق جي سفر هڪ عجيب پرڪيف، حسين ۽ المياتي پڄاڻيءَ تي پهچي ٿي، جتي دوئي ختم ٿي وڃي ۽ جُز وڃي ڪُل سان ملي ٿو. ان ريت هن ڪهاڻيءَ جي لطيفي اُپڻار ڪٿي ڪٿي ٻين اڳ وارن ۽ پوءِ وارن شاعرن سان هڪجهڙائپ رکندي به بنهه انوکي ۽ رنگارنگي، جدوجهد واري پُرعزم زندگيءَ جي مختلف پهلوئن ۽ سماجي ڪيفيتن جو هڪ اعليٰ ۽ اُتم اظهار آهي.

هن قصي ۾ مقصد، منزل ۽ محبوب اُتم درجو رکن ٿا. هن پريم ڪٿا ۾ ماڳ ڏانهن ويندي مارگ ۾ مرڻ کي وڏو پاڳ ۽ هڪ اعليٰ قدر ڪري ڄاڻايل آهي.

هن سَسُيءَ پنهونءَ واري رومانوي ۽ المياتي داستان ۾ سنڌ جي جاگرافي ۽ ان جا اهم ماڳ، پنهوار، ڪيچ، هاڙو، ڪانپو ۽ ڪارو جبل، وندر ندي سان گڏ هن جي سفر جا ساٿي پورهيت ئي آهن. ان ريت هن شاهه لطيف جي پنجن پاڳن ۾ ورڇيل داستان ۾ سَسُي- پنهونءَ سان اهي ماڳ مڪان، جيو ۽ ٻيو جنسار به امرتا ماڻي ٿو.

(الف)

Abstract

Research analysis of character of sasui in "Shah Jo Risalo"

This research intends to investigate the features of the character of sasui as portrayed in Shah Jo Risalo. Sasui is one of the major female characters in the Risalo who has been portrayed as the symbol of struggle, commitment, love, loyalty and hope. She has been depicted as a great inspiration for the readers of the Risalo especially the five chapters (Sur). However, Shah Bhittai is not the first or only poet who has sung about this character, many of the poets before and after Shah Latif have also sung about her in their poetry. It is a long tragic- Love story belongs from one of an ancient and famous sea port of Bhanbhore. The reasearcher has tried to give a comparative portrayed of the selected character keeping in mind the major events, places, people, emotions, description regarding this immortal character of hope, determination and struggle. Applying the techniques of comparative and other type of analysis method. It is comprised on whole Indus Valley, and different lauguages poets of this area. The researcher has tried to bring forth similarities and similarities as findings of this research study. The researcher concluded that in poetic techniques, language description and in setting of the events Shah Bhittai has conspicuous edge over other poets.

In this tragic love story many historical gephrophical places are exist. These are now a days linked with this love story which arise from world famous sea port "Bhanbhore" are enriched wide areas of subcontinent and all languages poets portrayed. This love story in different culture and colours. But extent of this love story in same tragic. The end of this love story is in philosophical thought of mysticism. The mysticism of Shah Abdul Latif is so practical not any ideological as shown in struggle of Sassui.